جامشورو

(ناول ـ ٽرائلاجي)





مُنير چانڊيو

روشني

چا مشورو

(ناول ـ ٽرائلاجي)

منير چانديو

روشني

Roshni Book No. 998
کتاب جو نالو: جامشورو
موضوع: ناول
ليکڪ: منير چانڊيو
ڇاپو پهريون © روشني 2023ع
لي آئوٽ: رفيق حسين ڪولاچي
روشني ڪمپوزر اينڈ پرنٽرز حيدر چوڪ، حيدرآباد
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد، سنڌ
ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سنڌ

Jamshoro

[Novel]

by: **Muneer Chandio**
First Edition © Roshni 2023
Layout: Rafique Hussain Kolachi
Roshni Composers and Printers, Hyder Chowk, Hyderabad
Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh
Published by: Roshni Publication, Kandiaro, Sindh

For more information please contact the Special Distribution Department,
Shah Latif Kitab Ghar, Press Street, Hyder Chowk, HYD 71000
Call (+92) 222-780908, e-mail waqas@roshnipublication.com

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

چامشورو

(ناول - ٽرائلاجي)

تنهنجي نالي..

تون! جيڪا هر وقت منهنجي اکين جي اڳيان رهندي آهين.

تون! جنهن جا تهڪ ۽ ڳالهيون منهنجي ڪنن ۾ ٻُرندا آهن.

تون! جنهن جو نالو هر هر منهنجي زبان تان نِڪري ويندو آهي.

تون، جنهن جو ڇهاءُ هر وقت منهنجي هٿن ۽ انهن جي آڱرين کي محسوس ٿيندو آهي.

تون، جنهن جي جسم جي خوشبو هر وقت مون کي پنهنجي ساهن ۾ محسوس ٿيندي آهي.

سٽاءُ

- ٽرائلاجين جي ٽرائلاجي — رسول ميمڻ — xvii
- سنڌي پڑهندڙن پاران بوڪر پرائيز جيتري مجتا ماڻيندڙ ناول — شوڪت حسين شورو — xxv
- وچوڙي جو دستاويز — لياقت رضوي — xxix
- **ڪيف ڏاران ڪوءِ...** — 1
- **تو پچا ٽان...** — 185
- **بُري هن پنيور ۾** — 291

"ڪيف ڏاران ڪوءِ..." سچو ناول سنڌ وطن، سنڌي قوم ۽ سموري انسانذات جي محبت ۾ ٽمٽار نظر اچي ٿو. ههڙا ناول ئي سنڌي ٻوليءَ ۾ ناول جي ڪوٽ کي پرين ٿا.

—— ابراهيم جويو

❖

منير چانڊيو رڳو هڪ ليکڪ ۽ سوچيندڙ ماڻهو ئي نه، پر هڪ بيحد حساس اديب آهي. هن جو گذريل ڏهن سالن جو شعوري، علمي ۽ ادبي سفر منهنجي سامهون گذريو آهي. هن تيزيءَ سان پنهنجي علمي ۽ ادبي سفر جون ڪاميابيون ڪنيون آهن. جيتوڻيڪ هن جي اندر ۾ بي پناهه تخليقي سگهه ۽ صلاحيتون آهن، پر هن پنهنجو ڀرپور ادبي اظهار هڪ ناول جي صورت ۾ ڪيو آهي. نئين ٿهيءَ جي هن ليکڪ جو هيءُ ناول پڙ سندس ئي نسل جي رومانوي جذبن، احساسن ۽ حادثن جو ترجمان آهي، جنهن کي هن ڪاميابيءَ سان قلمبند ڪيو آهي. منير جي هن رومانوي ناول جي هڪ ٻي خوبي اها آهي، ته هن وڏيءَ هنرمنديءَ ۽ ڏانوَ سان هڪ رومانوي ڪهاڻيءَ جي سماجي، معاشي ۽ طبقاتي پس منظر کي پڙ اجاگر ڪرڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي. مان منير چانڊيي کي هيءُ خوبصورت ناول لکڻ تي مبارڪباد ڏيان ٿو.

—— جامي چانڊيو

❖

منير هن دور جو نمائنده ناول نويس آهي. مون جڏهن هُن جو ناول پڙهڻ شروع ڪيو ته سندس لکڻ جي انداز کان گهڻو متاثر ٿيس. مون گذريل پندرهن سالن کان اهڙو ڪوبه سنڌي افسانوي ادب جو ڪتاب نه پڙهيو آهي، جنهن مونکي هن ناول "ڪيف ڏاران ڪوءِ..." جيئن متاثر ڪيو آهي. اسان جي سنڌي ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ اڪثرائين هوندو آهي، ته خبر ئي نه پوندي آهي، ته ڪيئن هيرو ۽ هيروئين

هڪڙي سان ملن ٿا. ڪيئن ساڻن ڪين محبت ٿئي ٿي ۽ هُو ڪيئن اُن جو اظهار ڪن ٿا. پر جنهن نهج تي منير هيرو ۽ هيروئين کي پهچائي انهن کان پيار جو اظهار ڪرايو آهي، اُهو ڪمال آهي. مون ناول پڙهندي سوچيو هو ته ناول پڙهي، پوءِ منير کي پنهنجي راءِ کان آگاهه ڪندس. پر ٻئي باب ۾ ڏاڏي ۽ پوتي واري قصي پڙهڻ کانپوءِ پاڻ کي روڪي نه سگهيس. منهنجين اکين ۾ ڳوڙها هئا. مون منير کي موبائيل فون تان ڪال ڪئي ۽ ڪيس چيم ته مان پاڻ هڪ ڏاڏو آهيان. ان ڪري ان احساساتي ۽ جذباتي لڳاءَ کي سمجهي سگهان ٿو. ناول پڙهڻ کانپوءِ جڏهن منهنجو حيدرآباد وڃڻ ٿيو ته مون ڪيس حميد سنڌيءَ جي گهر ملڻ لاءِ گهرايو ۽ ڪيس ٻڌايم ته تون پنهنجي هن ناول ۾ پنهنجي دور جي عڪاسي ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهين. تون هن دور جو نمائنده ناول نويس آهين. تون پنهنجي ناول جي ڪردارن جي ڪيفيتن کي بيان ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهين. توکي تنهنجي ان عمر ۾ جيڪا مڃتا ملي آهي. اها وڏي ڳالهه آهي. ان جي توکي مبارڪ هجي.

— آغا سليم

❖

مون کي ڊپ هو ته سنڌيءَ ۾ لکجندڙ رومانوي ناولن وانگر "ڪيف ڌاران ڪوءِ..." ۾ به جذباتيت ۽ فلمي ڊائلاگن جي ڀرمار هوندي، پر آءٌ جيئن ناول پڙهندو ويس، مونکي ان جو فطري وهڪرو ايترو دلچسپ لڳو جو مون ان کي رات جو دير تائين هڪ ئي ويهڪ ۾ پڙهي پورو ڪيو... منير چانڊيي کي سندس سنڌي پڙهندڙن هن جي پهرئين ناول "ڪيف ڌاران ڪوءِ..." تي جيڪا مڃتا ڏني آهي سا هن لاءِ Booker Prize جي برابر آهي.

— شوڪت حسين شورو

❖

منير چانڊيو پوڳنائن جو چترڪار آهي. هو پيار کي پيڙا جو روپ ڏئي ٿو ۽ قلم سان ڪردارن ۾ روح ڦوڪي ٿو. هن جي ناولن جي دنيا ۾ ڪردارن جي ڊوڙ ۽ جستجو هڪ بيقرار زندگي تخليق ڪري ٿي.

سندس منظرنگاري ۽ گفتگو اڻ مٽ عڪس چٽي ٿي. هن جي ناولن جا ڪردار عشق جي سمنڊ ۾ ٻڏي جيئرا رهن ٿا.

— رسول ميمڻ

❖

منير چانڊيي جو ناول "ڪيف ڏاران ڪوءِ" رومانوي پس منظر ۾ حقيقت نگاريءَ جو بهترين ناول آهي. جيڪو سنڌي فڪشن ادب ۾ هڪ منفرد جاءِ والاري ٿو ۽ انهيءَ موضوع تي سنڌي ادب جو بهترين ناول آهي.

—— غلام نبي مغل

❖

منير چانڊيي جو ناول "ڪيف ڏاران ڪوءِ...." نهايت احساساتي گهرائيءَ سان لکيل آهي. جيڪو مون کي پڪ آهي ته ڪيس سنڌي ادب ۾ نمايان ناول نگارن جي صف ۾ بيهاريندو.

—— ولي رام ولپ

❖

اها منير کي خبر آهي الائي نہ پر هن جي ناول "ڪيف ڏاران ڪوءِ...." ادبي حلقن ۾ هڪ وڏي هلچل مچائي ڇڏي آهي. هن قسم جي تخليقن جي اسان جي ادب کي گهٽي گهرج آهي. مون کي پڪ آهي، ته منير جو هيءُ خوبصورت ناول سنڌي ادب ۾ هڪ اهم جاءِ والاريندو.

—— حميد سنڌي

❖

منير چانڊيي جو هيءُ ناول جيڪو ڀن وجودن جي ڪهاڻي آهي- پيار ڪهاڻي، جيڪي اصل ۾ پيار ڪرڻ ۾ چاهين ٿا، گڏ رهڻ ۾ چاهين ٿا، پر اها حقيقت هوندي ۾ نہ آهي. حقيقت ته اهو سماج آهي، جيڪو بيئل آهي. منير چانڊيي بيئل سماج جي ان ئي نتيجي تي ڏاڍو سٺو لکيو آهي.

—— اخلاق انصاري

❖

سنڌ يونيورسٽيءَ جي پس منظر ۾ لکيل هيءُ ناول، هڪ اهڙي نوجوان جي احساسن، اُمنگن ۽ جذبن جو نچوڙ آهي، جيڪو پهريان محبت جي پُرمسرت گهڙين مان گذري ٿو ۽ پوءِ زندگيءَ جي تلخ ۽ معروضي حقيقتن کي پسي ٿو.

سچ پچ ته اهڙا خوبصورت ۽ تلخ تجربا ئي ماڻهوءَ ۾ ماڻهپو پيدا ڪندا آهن. ان حوالي سان منير چانڊيي جو لکيل هيءُ ناول، هڪ ڪامياب ناول آهي.

— منظور ڪوهيار

❖

اسان جي نوجوان دوست منير چانڊيي جو ناول ڪيف ڏاران ڪوءِ... بظاهر ته هڪ پيار ڪهاڻي لڳي ٿو پر اصل ۾ ان ۾ ڪيئي ڪهاڻيون آهن. جيڪي حالتن، سماجي اڻ برابري ۽ رسمن جي هڪ ڏکڻي قصي جي صورت ۾ ظاهر ٿين ٿيون. هن ناول ۾ گهٽن هنڌن تي نظرين ۽ انهن سان لاڳاپيل واقعن جي اپٽار ڪيل آهي.

هن ناول ۾ مرڪزي ڪردارن يعني منصور ۽ سنڌيا کي حالتون هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم ڪري ڇڏين ٿيون ۽ سماجي حالتون انهن کي تاحيات وڇوڙي جي صورت ۾ پڄاڻي تي رسائين ٿيون. مختصر اهو ته هي ناول فرد، حالت ۽ ريت جي ٽڪنڊي جي هڪ شڪل آهي.

هن ناول جي ٻين گهٽين خوبين منجهان سڀ کان اهم خوبي اها آهي ته ليکڪ تخليقي ۽ سيبائتي نموني عشق کي ڀرپور ۽ مڪمل نموني چٽيو آهي. جدليات، سماج، ماڻهپي ۽ ڪردار جهڙن ٽن ايڪن تي بنياد رکي ٿي ۽ انهن جي آڌار تي تخليقي وهنوار جا بنياد قائم آهن. ليکڪ جي انهن ايڪن جي مختلف پاسن کان واقفيت سندس اسلوب ۽ آڇ کي ڀرپور بڻائي ٿي. شروع کان پڄاڻيءَ تائين ناول پڙهندڙ کي ساڻ وٺي ٿو هلي. اُن جو بنيادي سبب ٻولي، ٻي ساختگي ۽ بنا ڪنهن جهول جي حقيقت پيش ڪرڻ آهي.

— اسحاق انصاري

❖

جڏهن منير يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هو ته آءٌ ڪيس ڪنهن سان گهمندي اڪثر ڏسندو هوس. جڏهن ڪنهن پروگرام ۾ ملبو هو تڏهن به هڪ ٻئي کان ٻُري پري هجبو هو. سچ اهو آهي ته منير مونکي نه وٽندو هو پر مون جيئن ئي منيرجو هي سهڻو ناول پڙهيو ته مونکي منير سان پيار ٿي ويو. هن ناول ۾ ڪيترين ئي نيون ۽ دل کي ڇهي ويندڙ تشبيهون آهن. ناول جي پاورفل ڊائلاگس به مونکي ڏاڍو متاثر ڪيو. مان منير کي هيءُ خوبصورت ۽ سهڻو ناول لکڻ تي جس ڏيان ٿو.

— محمود مغل

❖

هي ٻيئي آهستي آهستي هڪٻئي جي ايترو ته قريب اچي وڃن ٿا جو هڪٻئي کان سواءِ کين چين نٿو اچي. شام جي وقت ٻيئي ڇٽا ڪئمپس جي ڪنهن لان تي هڪٻئي جي قربت ۾ گذارين ٿا ۽ مستقبل جي منصوبہ بندي ڪندي هر حالت ۾ سڄي زندگي گڏ گذارڻ جو وچن ڏهرائيندا رهن ٿا. هڪٻئي کي پاڪرن ۾ پيرڻ ۽ چميون ڏيڻ جو ڪو بہ موقعو هٿان نٿا وڃائين.

— اڪبر لغاري

❖

منير چانڊيي جو ناول يونيورسٽيءَ جي هوائن ۾ پيار ڪندڙ دلين جي وصال ۽ فراق جي هڪ ڪڏهن نہ وسرندڙ ڪهاڻي آهي. جيڪا پڙهندڙ کي پهرين کان آخري صفحي تائين سوگهو ڪري رکي ٿي.

— ادل سومرو

❖

اسان جي نوجوان دوست ۽ ساٿي منير چانڊيي جو هي ناول منهنجي دل ۾ گهر ڪري ويو آهي. مان هن کي هڙو خوبصورت ۽ ڪامياب ناول لکڻ تي مبارڪباد چوان ٿو ۽ اميد ڪيان ٿو ته اسان سيني ۽ خاص ڪري نئين نسل لاءِ هي ناول ڏاڍو لاڀائتو ثابت ٿيندو.

— پروفيسر اعجاز قريشي

❖

ايمان سان چوان ٿو ته سڀ ليکڪ پلا آهن ۽ سڻو لکڻ ٿا. پر ماهہ منير چانڊيي جو معيار مٿي آهي. هن جي ڪلا جي ڊيپٿ ۽ هولي نج آهي. هن وٽ داخلي دنيا سان سنڌ جو رنگ هوندو آهي. منير "ڪيف ڏاران ڪوءِ..." لکي پاڻ کي امر ٻڌائي ڇڏيو آهي.

— پير عبيد راشدي

❖

"ڪيف ڏاران ڪوءِ..." ناول جي نالي تي غور ڪيم تہ محسوس ٿيو هن کان سواءِ ٻيو ڪو نالو ٿي نٿي سگهيو. انسان کي هر شيءِ جو نشو ٿيندو آهي. نشو وجود ۾ جساماني توڙي ذهني طور سرور پيدا ٿيڻ آهي. سرور جي ڪيمسٽري الڳ آهي. ڪجهہ ڪيميڪل دماغ ۾ پيدا ٿيڻ کان پوءِ ان ڪيميڪل جو انسان عادي ٿيندو ويندو آهي. هر پيري اهي ڪيميڪل پيدا ٿيندا رهندا تہ انسان سرور ۾ رهندو. عشق بہ هڪ اهڙو سرور آهي. محبوب روح جو سرور آهي. انسان کي اهو سرور زندگي بخشي ٿو. عشق وجود جو خال پورڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. زندگي رومانس جي بنياد تي جوشِ حيات رکي ٿي. رومانس آهي سرور پيدا ٿيندو. رومانس ڪنهن بہ حالت، شيءِ، ماڻهو سان دلچسپي پيدا ٿيڻ جو نالو آهي. اها طاقت قدرتي آهي، جڏهن بہ زندگي اهو رومانس وڃائي تہ سندس جوشِ حيات ختم ٿي ويندو. زندگي مان سرور جي ڪيفيت ختم ٿي ويندي. ان ڪيفيت کي ڊپريشن جي ڪيفيت چون ٿا. هن ناول ۾ ليڪڪ انهيءَ ڪيفيت تي ئي ناول جي ڪهاڻي کي اڳتي کڻي ٿو. هن ناول ۾ محبوبہ جو عاشق کي ڇڏي ڏيڻ واري ڪيفيت ناقابل برداشت اذيت ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي. هي ڪيفيت روح جي خالي پڻي جي آهي. تنهن ڪري ليڪڪ جو ڏنل نالو ڏهڪي اچي ٿو. ناول تي عملي تنقيد جا ٻہ مضمون آهن. جيڪي نہ صرف منير چانڊيي جي ناول کي اهميت بخشين ٿا پر سندس ناول ۾ موجود نفسياتي خالن جي بہ نشاندهي ڪن ٿا. هن ناول ۾ ڪهاڻي ۾ ڪردارن جي ٽڪراءَ ۾ وارتا جي تضادن جو نالو آهي. هڪ سنڌيا جيڪا جديديت پڃاڻان جي نفسياتي وارتا جو شڪار آهي. ٻيو هيرو منصور جيڪو محبت جي حجاب ۾ رومانس جو مزو پيو وٺي. سنڌيا جيڪا جنسي ايار پيدا ڪري هيرو کي لالچائي. هيرو جي اندر ۾ رومانس پيدا ڪري ٿي. سنڌيا جي نفسيات جنسي خال ۾ پاڻ اڇلڻ نٿي چاهي، ڇو تہ هوءَ جنسي لالچائي تہ ٿي پر احساس گناهہ پاڻ نٿي ڪڍڻ چاهي. هوءَ چاهي ٿي تہ منصور جنسي طور ڇٽو ٿئي ۽ ڪيس زبردستي جنسي دنيا ۾ وٺي وڃي. ٻي طرف منصور سڄي ڪهاڻي ۾ هڪ جهڙو رهي ٿو. شريف، معزز همدرد، خامين کان پاڪ. اهڙو ڪردار سنڌيا جي نفسياتي ڪجروي کي تسڪين نٿو ڏئي سگهي. آخر ڪار سنڌيا ٻهانا ٺاهي ڪيس ڇڏي ٿي ڏئي. بنيادي طور هيرو جاگيرداري ماحول جو شرميلو ڪردار آهي. جنهن وٽ جنس جي دنيا ٻي حجاب ناهي. هن جي لاءِ عورت جي Idiosyncrasy تائين پهچڻ همالیہ جي چوٽي سر ڪرڻ کان بہ ڏکيو آهي. ٻي طرف عورت جي Idiosyncrasy مرد لاءِ هڪ وڏو رومانس رهيو آهي. پر سنڌيا انهيءَ جي مقابلي ۾ جديديت پڃاڻان جو ڪردار آهي. جنهن لاءِ جنس هڪ هٿيار آهي. مرد ماڻي نہ سگهيو تہ ٽڪرائجي ويو. ٻن ڪردارن ۾ صدين جو فاصلو

آهي. مبارڪ لاشاري انهيءَ ناول جي مختلف پاسن کان تجزيو ڪندي ڪيس سنڌي ادب جو سڀ ناول قرار ڏنو آهي. مان سمجهان ٿو هن ناول جا نفسياتي لڪل پاسا آهن جيڪي ڪردارن جي وارتا مان ظاهر ڪيا وڃن ها، تہ اڄ جي جديديت پڇاڻان جي اهم نڪتن جا ڪجهہ حصا هن ناول کي ايجا بہ سڀ بنائين ها. پر ناول جي هيروئن اسان جي سماج ۾ اهڙين عورتن جي نشاندگي ضرور ڪري ٿي جيڪي عورتون جنسي ڪجروي ۾ ٻڏتر جو شڪار ٿي اهڙيون وارتائون ڪن ٿيون. ڇا اهڙين عورتن جو مسئلو Narcissism تہ نہ آهي. اها پاڻ وٽائڻ جي ڏاڍي خطرناڪ ڪيفيت آهي. جيڪا مثبت انداز ۾ تہ انسان کي بهتر زندگي گذارڻ ۾ مدد ڏئي ٿي. پر جڏهن اها مونجهاري جو شڪار ٿي وڃي تہ اهو مرد يا عورت عام انساني جذبن کان عاري ٿي self centered ٿي ويندو آهي. محبت کي ميچوئر ٿيڻ ئي نہ ڏينڊو آهي. ذري گهٽ ميڊم بانوري جو ڪردار بنجي ويندو آهي. اهڙيون عورتون يا مرد ڏاڍا ظالم ٿيندا آهن. هو عاشق جي تڙپڻ جو بہ سرور وٺندا آهن. اها وجودي خال جي ڪجروي آهي. جيڪا هڪ دفعو شروع ٿي ويئي تہ ختم ڪڏهن بہ نہ ٿيندي هن ناول جا ڪيترائي نفسياتي پاسا آهن. راجا انور جي جهوٽي روپ کي درشن، يا بانو قدسيہ جي راجا گدھ ناولن ۾ اهڙا عڪس موجود آهن. مسئلو اهو آهي تہ عاشق نامراد جلد مايوس ٿيندو آهي. پر هيءُ ناول هڪ وڏو ڪيٽارسسزم آهي. هڪ عام موالي ۽ ناڪام عاشق ۾ فرق صرف اهو آهي، تہ موالي ڪيف ڏاران پيٽاليجيڪل مسئلي جو شڪار ٿي جان ويڃائيندو آهي پر عاشق روح جو گهاءُ ڪٽي درد کي sublimate ڪندو آهي. جنهن ڪري تخليق جنم وٺندي آهي.

—— ڊاڪٽر غفور ميمڻ



انهن سمورين ڳالهين باوجود هي ناول "ڪيف ڏاران ڪوءِ..." سنڌي ادب جي ڪجهہ بهترين ناولن مان هڪ آهي. جنهن جي سادي ۽ سڌي هولي پڙهندڙ کي هروپرو لغت ڪٽي ويهي پوءِ پڙهڻ تي مجبور نٿي ڪري.

ناول جي اٽت وڏي ڪاريگري واري آهي. سواءِ جنسي توازن جي ناول ۾ ڪافي هاڪاري شيون آهن. ناول جي فڪري ۽ فني گهاڙيٽي لاءِ مٿس استديز ٿيڻ گهرجن، جنهن ۾ سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ نفسياتي مطالعا شامل آهن.

—— ڊاڪٽر مبارڪ لاشاري



انهن ناولن ۾ خاص طور "تو پچاڻان..." ۾ جذبن جي شدت پنهنجي انتها تي پهتل آهي ۽ ڪٿي ڪٿي پڙهندڙ کي پنهنجي گرفت ۾ وٺي ڇڏي ٿي ۽ منهنجي خيال ۾ شايد اها ئي هن ناول جي Justification ۽ ان جو جواز آهي.

— رئوف نظاماڻي

❖

ڪجهه وقت اڳ ۾ شري لچمڻ ڪومل جي مهرباني سان "تو پچاڻان..." ڪتاب مليو. پڙهي ڇرڪ پرجي ويو.. خوشي ٿي ته سنڌ ۾ جديد ناول وري ڪر موڙي سجاڳ ٿيو آهي.... منير چانڊيو ايجان به بهترين ادب ڏيندو اهڙي اميد اٿم.

— نند ڇڳاڻي
(الهاس نگر، انڊيا)

❖

نوجوان ناول نويس منير چانڊيي سان هڪ دفعو اڳ به ملي چڪو آهيان ۽ هينئر پورا ٻه ڏينهن ساڻس گڏ رهڻ جو موقعو مليو. مون کيس هڪ معصوم طبيعت، حساس، محنتي، ايماندار ۽ لائق انسان محسوس ڪيو آهي. منير جو هي ناول "تو پچاڻان" به هڪ اهڙي ئي حساس ۽ معصوم طبيعت نوجوان جي پيار جي کهاڻي آهي. جنهن ۾ وچوڙي کان پوءِ وارين دردناڪ ڪيفيتن کي ڏاڍي اثرائتي انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

— الطاف شيخ

❖

منير چانڊيو موجوده دؤر جو تمام گهٽو پڙهيو ويندڙ ناول نويس آهي. هن جي ٽرائلاجي ناولن "ڪيف ڏاران ڪوءِ..." ۽ "تو پچاڻان..."، جا ٿوري ئي وقت ۾ ڪيترائي ڇاپا چيڇي چڪا آهن. انهن ناولن جي بار بار اشاعت ۽ پذيرائي جي ڪري هڪ طرف هو سنڌي ادب جي پڙهندڙن ۾ بيحد مقبول آهي، ته ٻي طرف هن سنڌي ادب جي وڏن پارکن، استادن، محققن ۽ نقادن جو پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪرايو آهي. سندس ناولن تي هند ۽ سنڌ جي مشهور ۽ معروف اخبارن، رسالن ۽ مخزنن ۾ مضمون ۽ تنقيدي اڀياس شايع ٿي چڪا آهن. مون کي اميد آهي ته هن ناول ٽرائلاجي جو آخري ناول "ٻُري هن پنيور ۾" به ساڳي مقبوليت ۽ پذيرائي حاصل ڪندو.

منير چانڊيي جي هن ترائلاجي کان اڳ ۾ سنڌ ۾ صرف سراج صاحب جي ترائلاجي شايع ٿي آهي. ان کان پوءِ اهو اعزاز رڳو هن کي حاصل ٿيو آهي. منير چانڊيو سنڌ ۾ سنڌي ادب جو مجموعي طور تي هيءِ سنڌ جي يونيورسٽين جي پس منظر ۾ پهرين ترائلاجي لکندڙ ناول نويس آهي. هن جي ناول ترائلاجي کي سنڌ جي ادب جي مجموعي طور تي هين ۽ جامشورو ۽ سنڌ جي يونيورسٽي جي پس منظر ۾ لکجندڙ پهرين ناول ترائلاجي طور ياد ڪيو ويندو.

—— ڊاڪٽر تهمينہ مفتي



ادا منير چانڊيو سنڌس يونيورسٽيءَ ۾ گذريل عرصو ۽ سنڌس ناول ترائلاجي سڌائين منهنجي سامهون رهيا آهن. هُن جا ناول مونکي اڪثر چوڪرن ۽ چوڪرين جي هٿن ۾ نظر ايندا آهن، جن کي اهي نوجوان پيار جي پهرين صحيفن جيئن پڙهندا آهن. اها منير جي ناولن جي وڏي ڪاميابي آهي، جو جڏهن آغا سليم صاحب ڪيس پڙهي ٿو تہ هُو هن کي همعصر دور جو نمائنده ناول نويس قرار ڏئي ٿو. سائين شوڪت حسين شورو صاحب جڏهن "ڪيف ڏاران ڪوءِ..." پڙهي ٿو تہ هن کي دنيا جو بيسٽ سيلر ناول Love Story ياد اچي ٿو. سائين مدد علي سنڌي کي سنڌس ناول ترائلاجي پڙهندي نوبل لاريٽ ناول نويس بورس پاسترناڪ جو ناول ڊاڪٽر زواگو جا هيرو ۽ هيروئن يوري ۽ لارا ياد اچن ٿا. نقاد رئوف نظاماڻي کي وري ٽالستائي جو جڳ مشهور ناول انا ڪرينينا (Anna Karenina) ياد اچي ٿو. رسول ميمڻ کان اخلاق انصاري تائين، غلامي نبي مغل کان ويندي ولي رام ولپ تائين محمد ابراهيم جوئي صاحب کان ويندي جامي چانڊئي تائين متاثر ٿيڻ کانسواءِ رهي نٿا سگهن. منهنجي خيال ۾ ان کان وڌيڪ هي ڪاميابي ٿي نہ ٿي سگهي.

—— ڊاڪٽر شاهمراد چانڊيو

ناول "ڪيف ڏاران ڪوءِ..." هڪ اهڙو احساساتي ناول آهي. جنهن جي ايياس بعد اها راءِ ڏئي سگهجي ٿي تہ نوجوان ناول نويس منير چانڊيي وٽ لکڻ جو ڏاڻ آهي ۽ هن وٽ بيان جي انفراديت موجود آهي.

—— تاج جويو



هن ناول جي انسان دوست ۽ عورتن جي برابريءَ واري پاسي مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو. سچ ته منير هڪ خوبصورت ۽ انسان دوست ناول لکي سنڌي ادب ۾ پاڻ ملهايو آهي.

—— زاهده تاج ابڙو

❖

نوجوان ناول نويس منير چانڊئي جو ناول "تو پڇاڻان..." پڙهي منهنجي دل انتها جي آخري حد تائين اداس ٿي وئي. آرام ڪرسيءَ تان اٿي دريءَ تان پردو هٽائي، شيشو کولي، تازي هوا ۾ ساهه کڻڻ چاهيم. پر ساهه ۾ مونجهه ٿيڻ باوجود اداسيءَ جي ڪري اٿي نه سگهيس، ۽ اتي ئي ويٺي سوچڻ لڳيس ته، انسان جي هيءَ دل به ڏاڍي عجيب آهي، ان ۾ پيار محبت، جذبات ۽ محسوسات جون انيڪ ڪائناتون آهن، جن جي انتها کي ڏسڻ شايد ئي ممڪن هجي. ادب ۾ شاعري، افساني ۽ ناول ۾ انهن وارتائن جا ڪي اولڙا پسي سگهجن ٿا. ناول "تو پڇاڻان..." جي شروعات اتان ٿئي ٿي، جتي "ڪيف ڏاران ڪوءِ..." پورو ٿئي ٿو پهرئين ڪتاب ۾ ناول جي هيرو ۽ هيروئن جي هڪٻئي کي ڏسڻ کان ملڻ، ملڻ کان پيار ٿيڻ ۽ پيار ٿيڻ کان ويندي جدا ٿيڻ تائين جا منظر، احساس، جذبا ۽ ڪيفيتون بيان ٿيل آهن. جڏهن ته ٻئي ناول ۾ وڇوڙي کان پوءِ جي دردناڪ ۽ ڪربناڪ ڪيفيتن ۽ احساسن کي نهايت خوبصورتيءَ سان چٽيو ويو آهي. منير چانڊئي جو ناول "تو پڇاڻان..." ڪيترن ئي خوبصورت ۽ دردناڪ احساسن سان ڀريو پيو آهي، پهرئين باب کان آخري باب تائين هر واقعي کي پڙهندي دل اداسي جي چادر ۾ ويڙهجي وڃي ٿي.

—— حميره نور

❖

"ڪيف ڏاران ڪوءِ..." واري موضوع تي لکيل ناولن مان منير جو ناول انتهائي اهم آهي. جڏ ان موضوع تي لکڻ جي شروعات ئي منير ڪئي آهي. "ڪيف ڏاران ڪوءِ..." جي خالق جتي ڪِلائڻ چاهيو آهي، اُتي ڪلايو آهي ۽ جتي روئارڻ چاهيو آهي، اُتي روئاريو آهي. ان کان وڌيڪ تخليق جي سگهه ڇا ٿيندي آهي؟ منير جي ناول جي وڌي ڳالهه اها آهي، ته هو ڪنهن به همعصر ۽ بااثر کان متاثر نه ٿو لڳي، سواءِ سنڌيا جي. منير جي ٻولي، ڪردار تشبيهون، استعارا سڀ پنهنجا ۽ غضبناڪ انداز ۾ استعمال ڪيل آهن، ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته منير پنهنجي الڳ سڃاڻپ ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويو آهي.

—— مختيار جاگيراڻي

مهاڳ

ٽرائلاجين جي ٽرائلاجي

ادب ٽِرڪ (Trick) نہ آهي. ادب جادو آهي. ٽِرڪ ۽ جادوءَ ۾ اهو فرق آهي، تہ ٽرڪ اکين تي قبضو ڪرڻ ۽ جادو دماغ تي قبضو ڪرڻ آهي. پر ادب جو جادو دل تي قبضو ڪري ٿو.

ادب جو جادو تڏهن اثر ڪري ٿو جڏهن ان جا شبد (منتر) هر دفعي نوان هجن. ورجايل نہ هجن. اديب کي تخليقڪار چئجي ئي ان ڪري ٿو تہ اهو هر دفعي نوان شبد پيدا ڪري. نئين لقاءَ (Phenomenon) کي متعارف ڪرائي ٿو. ورجاءُ تخليق جو حصو نہ آهي. ورجاءَ کي نواڻ ڏئي سگهجي ٿي. پر اهڙو عمل نواڻ کان بہ ڏکيو آهي. نواڻ اندر جو تجلو آهي ۽ ورجاءُ سڙندڙ ڪاغذن جي باهہ جي روشني.

اها تخليقڪار جي پهچ آهي، تہ سندس شبد ۽ چڙي (Stuff) کيترا سگهارا آهن. ان جي منتر جي اثر انگيزي کهڙو رنگ ڏيکاري ٿي.

لفظ اثر انگيز تڏهن ٿين ٿا. جڏهن پڙهندڙ جو انهن ۾ ويساهہ ۽ عقيدو آهي. اها لکندڙ جي قابليت آهي تہ اهو پڙهندڙ کي کيترو متاثر ڪري ٿو. ان جو ڏيان چڪائي ٿو. لفظ اُٿي ٿو وچڙائي وجهي ٿو ۽ کيس ننڊاکڙو (Hypnotize) ڪري سندس تصور جا در کولي نئين دنيا متعارف ڪرائي ٿو. لکندڙ پڙهندڙ لاءِ خودصلاحڪاريءَ (Autosuggestion) جا رستا کولي ٿو. انسان شعوري طور لاشعوري آهي. شعور جي روشني لقائن جي ظهور تي پريشان آهي.

انسان پاڻ کي اعتقاد ۽ عقيدي ۾ قيد ڪري آزاد ٿئي ٿو. هو علم الانسان جي تاريخ جو ريڑهيون ڏيندڙ اوڳو ۽ اوڳاريندڙ جانور آهي. جنهن جون بہ جنگهون ٻانهن ۾ تبديل ٿي چڪيون آهن. ۽ هٿ پنجن آڱرين ۾ ورهائجي چڪا آهن. انسان جو مقدر ڳنڍجڻ، ورهائجڻ ۽ وچڙڻ آهي. وجود ڳنڍجي تہ درد ٿيندو آهي. ورهائجي تہ ڏُک ٿيندو آهي ۽ وچڙڻ جي پيڙا جي اظهار لاءِ ايجان مناسب لفظ ايجاد نہ ٿيو آهي.

وچوڙو پيڙائن جو پيءُ آهي. انسان کي ويچارو چوندي پاڻ کي مسڪين محسوس ڪيان ٿو. اسين هڪ ٻئي ڏانهن هيسيل نيٽن سان نهاريون ٿا. آڏت جي اميد رکون ٿا. شفقت جا ذخيرا مفادن جو مالي حصو ٿي چڪا آهن. دلاسن جو ڏيوالو نڪري چڪو آهي. اکين وارا انڌي پويان روڊ ٽپي رهيا آهن.

تخليقڪار گهاٽي جهُڙ جو ڇڪل حصو آهي، جيڪو اُس ۾ سڙندڙ بڙ تي ڇانوَ ڪري ٿو ۽ بڙ پنهنجي پاڇي کان آزاد آهي. اسين هڪ ٻئي جي پاڇن ۾ پناهه ونڊ جي ڪوشش ڪيون ٿا، پر قد ننڍا ٿي چڪا آهن.

انسان پورو (Gullible) آهي. خوش فهم ۽ نادان (Creditable) آهي ۽ اهي ٻه سبب آهن جو هو جيئرو آهي. کوپڙي ۾ مغز (Brain) نه آهي. دماغ (Mind) نه آهي. دماغ جا پيچ وهم ۽ وسوسن جون منتشر راهون آهن ۽ منتشر راهون، مغز (Brain) کي شڪل (Structure) ڏين ٿيون.

اهي سڀ اهڙا خيال آهن، جيڪي منير چانڊئي جي ناول ترائلاجي پڙهڻ کان پوءِ منهنجي دماغ ۾ جاڳي پيا آهن.

پڙهندڙ جنهن جي پهچ ۾ سڀ کان ڪتاب آهن، اهو پڙهي نجات (Relief) محسوس ڪري ٿو. ڇو جو ڪيس تخليق جو جادو نفسانفسي، نفرت ۽ خوف جي دنيا مان ڪڍي الڳ ڪري، محبت جي ميخاني ۾ آڏت جا ٻه ڏڪ آڇي ٿو. هڪ سچي ادیب جو ليک، منتر يا شبد روح جي رڳن ۾ هيٺ لهي رت جيان گردش ڪري ٿو. اهو ننڍاکڙو (Hypnotize) ٿي خود صلاحڪار (Autosuggestive) قوت سان تخليقڪار جي تخليق جو حصو ٿي، پنهنجي دنيا کان ڏور ليکڪ جي دنيا ۾ شامل ٿي، ان جون پيڙائون ڏسي، منظرن، مڪالمن، تشبيهن ۽ وچوڙن کي محسوس ڪري، پنهنجي دنيا وساري ويهي ٿو ۽ ڏهني طور پاڻ کي پرسڪون ۽ نوبنو محسوس ڪري ٿو.

منير چانڊئي ناولن ۾ اهڙو ڇار اٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ هو ڪامياب ويو آهي، ڇو جو سندس دام ۾ ڪيترا ڦاٽا آهن ۽ پاڻ ڇڏائي نه سگهيا آهن. مان پڙهندڙن جي ڳالهه ٿو ڪيان پر سندس ناولن جون محبوبائون دام مان ايئن نڪتيون آهن، جيئن مڪڙ مان وار. ڇو جو منير چانڊيو مڪڙ جهڙو ماڻهو آهي. منهنجي ڊيٽ ويٽ ۾ اهڙا ماڻهو گهٽ آهن، جيڪي منير جهڙي معيار تي پورا لهن. دل جو صاف ۽ سچو ماڻهو. هن جا ٽئي ناول ٻه هڪ ٻئي سان سچا آهن، ڇڻ ٽي دوست آهن، جيڪي هڪ ٻئي سان حال اورين ٿا. هڪ ٻئي سان ڳالهائين ٿا. انهن جي محبت ۽ وچوڙي جا داستان هڪ ٻئي کان الڳ نه آهن. اها ٽن ناولن جي ڪچهري پڙهڻ جهڙي آهي. هونئن ڪچهري ٻڌبي آهي ۽ ان ۾ حصو ٻه ونبو آهي، پر ڪاغذن جي ڪچهريءَ ۾ قلم ڳالهائيندو آهي ۽ دل ٻڌندي آهي. ڪنن جو

واسطو گوڙسان آهي ۽ گوڙدانشورن جي دنيا ۾ تشدد جي حيثيت رکي ٿو.

منير عام پڙهندڙ جو ليکڪ آهي، سندس لکڻيون ٽڏي ۽ صاف پاٽيءَ جيان رواني‌ءَ سان وهنديون،هڪ جبل تان آبشار جي صورت ۾ هيٺ ڪري، انجام تي پهچن ٿيون. هن وٽ لفظن جي هيرائيري نه آهي، جيئن حقيقي زندگي نظر اچي ٿي. هو ساڳي طرز تي ان کي لفظن جو جامو پرائي ٿو. سندس مڪالما، منظر ۽ رويا حقيقي زندگيءَ جا ترجمان آهن. اهو ئي سبب آهي جو منير کي تمام گهٽو پڙهيو وڃي ٿو. سندس ناولن جا ڪيترائي ايڊيشن شايع ٿي چڪا آهن. منير جي ناولن جي ٽرائلاجيءَ تي لکڻ کان اڳ جيڪڏهن ٽرائلاجيءَ جي فن تي ڳالهه ڪبي، ته سنڌي ادب لاءِ اها خوشنصيبي آهي، جو جتي دنيا ۾ اهڙي فن تي تمام گهٽ ادبي پورهيو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اتي سنڌي ادب ۾ ٽرائلاجيز موجود آهن.

منير چانڊيي جي ٽرائلاجيءَ کان اڳ سراج الحق ميمڻ ۽ آنند ڪيماڻيءَ جون ٽرائلاجيز موجود آهن. منير چانڊيي جي ٽرائلاجيءَ کان پوءِ ايئن چئي سگهجي ٿو: ته سنڌي ادب ۾ ٽرائلاجين جي ٽرائلاجي (Trilogy of trilogies) مڪمل ٿي آهي.

مون کي اردو ادب ۾ ٽرائلاجيءَ جو هڪ به حوالو ذهن ۾ نه ٿو اچي. شايد اردو ادب ۾ ٽرائلاجي لکي نه وئي آهي، ايئن سنڌي پاڪسان جي پهرين زبان آهي، جنهن کي ادب ۾ اها فوقيت حاصل آهي.

ادب ۾ ٽرائلاجي، ناولن جو ٽيڙو (Haiku) آهي. جيئن ٽيڙو جون ٽي الڳ سٽون پاڻ ۾ ملي منظر ٺاهين ٿيون، ايئن ٽرائلاجي جي ٽن الڳ ناولن جو تسلسل آهي، جيڪو پاڻ ۾ ملي مڪمل ٿئي ٿو. ٽرائلاجيءَ جي تاريخ تي ڳالهائبو ته ادب جي دنيا ۾ اهڙي صنف تي گهٽ ڪم ٿيل آهي.

ٽرائلاجي يوناني لفظ آهي، جنهن جي معني ٽن فني ڪٽائن جو مجموعو آهي، جيڪي هڪ ٻئي سان لاڳاپيل هجن، جنهن کي هڪ ئي تخليق جو تسلسل چيو وڃي، پوءِ پل ٽنهي کي الڳ حيثيت حاصل ڇو نه هجي. اهي گهٽو ڪري ادب جو حصو آهن، پر جيڪڏهن فلم يا ويڊيو جي صورت ۾ آهن، ته انهن کي به ٽرائلاجي چئي سگهجي ٿو.

اهڙو اصطلاح پينٽنگز جي فن تي پڻ لاڳو ٿئي ٿو. جنهن کي ٽرپٽڪ (Triptych) چيو وڃي ٿو.

موسيقيءَ جي دنيا ۾ پڻ بيٿوون جي پياني جا ٽي سونيٽ ان جو مثال آهن.

عيسيٰ کان پنج سو سال اڳ سوفوڪليز جيڪو ان لحاظ کان خوشنصيب آهي، جو سندس وفات کان پوءِ ان جا لکيل ڊراما اڄ ڏينهن تائين محفوظ آهن. ان جا ٽيبان ڊراما جيڪي ٽن ڊرامن جو تسلسل آهن، جن ۾ هينيان ڊراما شامل آهن.

Oedipus the king (1)

Oedipus at colonus (2)

Antigone (3)

هندستان ۾ عيسيٰ کان نوَ سو سال اڳ مهاڀارت ٽن حصن تي مشتمل هيو. مهاڀارت ۾ هڪ لک شلوڪ شامل آهن ۽ انهن ۾ به لک مصرعا آهن. جيڪي دنيا جي ڪنهن به ڪتاب ۾ شامل لفظن کان گهٽا آهن. اهي هومر جي ايلاڊ (Illad) اوڊيسي (Odyssey) ۽ شيڪسپيئر جي ڊرامن کي گڏ ملائجي تہ انهن کان به گهٽا آهن. ادب ۾ رابرٽسن ڊيويز (Robertson Davies) جو ناول دي ڊپارٽ فورڊ ٽرائلاجي (The Departford Trilogy) ۽ وليم ايس بروگز جو ناول. نووا ٽرائلاجي ۽ ٻيا جن ۾ آمريڪي اديب ازاڪ ايسيموف جي فائونڊيشن سيريز جنهن ۾ ٽي هڪ ٻئي سان لاڳاپيل ڪتاب موجود آهن. اهي ٽرائلاجيز جو سڀ مثال آهن. اهڙي ٽرائلاجيءَ کي هيوگو ايوارڊ پڻ مليل آهي.

آر. آر. ٽولڪن جي فنٽسيءَ لارڊ آف دي رنگز کي پڻ ٽرائلاجيءَ ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو.

سنڌي ادب ۾ اهو پهريون دفعو آهي. جو ناول لکجي ۽ ڇپجي رهيا آهن. سال 2016ع ۾ اٽڪل تيرهن ناول ڇپيا ۽ هر سال ناول جي صنف ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. اميد تہ سنڌي ادب ۾ ناولن جي کوٽ پوري ٿي ويندي. اهڙن ليکڪن مان منير چانڊئي کي ان ڪري اهميت حاصل آهي. جو هو جديد ليکڪن مان پهريون اديب آهي. جنهن ناولن جي ٽرائلاجي مڪمل ڪئي آهي.

عظيم ليکڪ سراج الحق ميمڻ ٽرائلاجيءَ جو بنياد وڌو هندستان ۾ آنند ڪيماڻيءَ اهڙي فن کي اڳتي وڌايو ۽ منير ساڳي سلسلي کي فني سگهہ عطا ڪئي.

منير جي ٽن ناولن جو تسلسل جنهن ۾ ڪيف ڏاران ڪوءِ، تو پڃاڻان ۽ بري هن پنهور ۾ شامل آهن. جڏ قسطيوار جدائيءَ جا سلسلا. پيار ۽ پيڙائن جا انبار آهن. هن جي ناول جون محبوبائون ويس متائي اچن ٿيون ۽ سماجي اڻ برابريءَ جو شڪار ٿي منهن موڙي وڃن ٿيون.

ڪيف ڏاران ڪوءِ ۾ تهمينہ مفتي لکي ٿي. هيءَ ناول پنهنجي پلاٽ ۽ ڪردارن جي رونما ٿيندڙ واقعن جي تسلسل ۾ ايترو تہ منظم ۽ پرپور آهي. جو پڙهندڙ پنهنجي ڌيان ۽ دلچسپيءَ کي هڪ لمحي لاءِ به ٽٽڻ نہ ٿو ڏئي. هو جيڪي به خيال پڙهندڙ جي دل ۽ دماغ تائين پهچائڻ چاهي ٿو سي پنهنجي ناول جي حسناڪ ٻوليءَ ۽ ان جي ڊڪشن جي ڪري وڏي خوبصورتيءَ سان پهچائي ٿو ڇڏي."

منير جي لکڻ جو انداز واقعي ئي دل موهي وجهي ٿو. هن وٽ عڪس پيدا

ڪرڻ جي ڪاريگري آهي. هو ڪردارن ۾ روح ڦوڪي تصور کي زندگيءَ جو روپ ڏئي ٿو.

پيار جي موضوع تي لکيل ڪتاب دنيا ۾ ان ڪري مقبول آهن، جو ڪتابن جا پڙهندڙ گهڻو ڪري نوجوان ٿهيءَ سان تعلق رکن ٿا ۽ نوجوان ٿهيءَ وٽ معاشي مسئلي کان پوءِ پيار سڀ کان وڏو مسئلو آهي.

سندس لکڻ جو انداز دل کي ڇهي ٿو. هو لکي ٿو:

"تو سان جيئن ئي پهرين وک کنئي هيم ان وقت ايئن لڳو هوم جڙ مون اها پهرين وک کنئي هجي. نه ته ان کان اڳ جڙ ٻنڊڻن ۾ ٻڌو پيو هوس."

هو ڏرتيءَ تي پهرين وک پيار جي وک بيان ڪري ٿو. هو لکي ٿو:

"تنهنجي اها مرڪ، تنهنجي سمنڊ جيتري اداسيءَ ۾ سڀ برابر بہ نہ آهي."

سمنڊ جيڏي اداسي ۽ ان جي سڀ ۾ پيل مرڪ جو لکيل موتي جنهن ۾ سمنڊ سمايل هجي.

"تنهنجي اداسيءَ جو ڦڪو رنگ جنهن منهنجي اندر جي گلابي رنگ کي ڦڪو ڪري ڇڏيو."

"جڏهن ماڻهوءَ جي دل ۾ محبت جي گلن جا باغ هجن ته پوءِ ڇو ڪنهن پارڪ جي ٽاريءَ مان گل پٽجي."

هن کان غير ارادي طور نثري شعر لکجي وڃن ٿا. هو پيار جي ڪيفيت کي بيان ڪندي لکي ٿو:

"پيار جي لمحن ۾ ڪيف آهي ۽ اکين تي خمار چڙهي رهيا آهن."

اها پيار جي فطري ڪيفيت آهي، اها سائنسي حقيقت بہ آهي ته پيار ۾ اهڙا هارمون خارج ٿين ٿا، جن ۾ نشي جو تاثر آهي.

"ڪيف ڏاران ڪوءِ.." ۾ هڪ هنڌ محبوب پاران ڪيل ناشتي کائڻ کان اڳ ناول جو هيرو منصور بسم الله پڙهڻ بجاءِ چوي ٿو:

"شروع ڪيان ٿو ان ساهه کان پياري سنڌيا جي نالي سان جنهن صبح جو سوير اٿي پنهنجن هٿن سان هيءَ ناشتو تيار ڪيو."

محبوب جي ساراهه ۽ پيار جو ان کان وڌيڪ کهڙو انداز ٿي سگهي ٿو. هڪ هنڌ محبوب جي وڇوڙي کان پوءِ ناول جو هيرو وقت جي حيثيت کي محسوس ڪندي چوي ٿو:

"هاڻي وقت آرس پيچندو اوپاسيون ڏينندو ۽ ننڍون ڪندو ٿو گذري ۽ جڏهن چوندو هيس، اي وقت ٿورڙو آهستي گذر ته روشني ۽ آواز جي رفتار سان گذري ويندو هيو."

دراصل وقت جي کا طبعي حيثيت نہ آهي، ان جو کو وجود نہ آهي. وقت هڪ جو مقرر کيل پيمانو آهي. محبوب کان وڇوڙي ۽ انتظار جو هڪ لحظو هڪ صديءَ برابر آهي. انتظار ۽ وڇوڙي ۾ عمر طويل ٿئي ٿي.

"بري هن پنيور ۾" جي مهاڳ ۾ مدد علي سنڌي "ڊاڪٽر زواگو" ناول جو حوالو ڏنو آهي. هو لکي ٿو: "گهٽن ليکڻ جا عشق ناڪام رهيا آهن، ضروري نہ آهي تہ انسان جيڪا شيءِ حاصل ڪرڻ چاهي اها کيس حاصل ٿي ويچي. مدد علي سنڌي پيار جي موضوع تي لکيل هڪ وڏي ناول جو حوالو ڏنو آهي. سوويت يونين جي باغي اديب بورس پاسترناڪ جو اهو شاهڪار ناول آهي، جنهن جي ڪردارن جي پيٽ منير چانڊئي جي ناولن ۾ موجود ڪردارن سان ڪري سگهجي ٿي. ڇو جو موضوع ساڳيو آهي. ڊاڪٽر زواگو ۾ ان جو هيرو "يوري" پنهنجي محبوبا "لارا" کي حاصل نہ ٿو ڪري سگهي. ان ناول جو آخري باب جنهن ۾ يوري، لارا جي هلندڙ ريل پويان ڊوڙندي پليٽ فارم تي ڪري دم ڏئي ٿو دل کي ڇهندڙ منظر آهي. ڪو بہ حساس ماڻهو اکين جا لڙڪ روڪي نہ ٿو سگهي. ڊاڪٽر زواگو جو پس منظر سياسي آهي، جڏهن تہ منير وٽ سماجي پس منظر آهي.

منير لکي ٿو:

"وڃ ميوا اپائين ٿا پر پاڻ کائين نہ ٿا."

اُس ۾ وٽن کان وڌيڪ ڪير سڙي سگهي ٿو پر سچ تہ تخليقڪار وڃ کان وڌيڪ سڙي ڇانوَ ڪري ٿو.

هو هڪ هنڌ ارتقا کي تنقيد جو نشانو بنائي ٿو.

"هن سماج ۾ مادي ۽ وحشي ارتقا ڇو پئي ٿي؟ روحاني ارتقا ڇو نہ ٿي ٿئي؟"

ان سوال جو جواب ارتقا ۾ نہ آهي، ڇو جو ارتقا روح کي نہ ٿي ميچي. جيڪڏهن روحاني طور ارتقا تي ڳالهائبو تہ پوءِ روح جي ارتقا انسان کي فرشتو بنائي وجهندي ۽ جڏهن فرشتو بنجي ويندو تہ پاڻ کي سجدو ڪري شيطان ٽيڙ کان بچي ويندو.

"بري هن پنيور ۾" سندس مڪالماتي انداز ڏسو.

پوءِ هوءَ ڪجهہ سوچي مرڪڻ لڳي ۽ مرڪندي پڇيو هيائين:

"مان بہ ان ڪاليج ۾ داخلا وٺي پڙهان؟"

ان جي اها ڳالهہ ٻڌي مرڪي پيو هوس. کيس مرڪندي چيو هوم: "ها تون ان ڪاليج جي يونيفارم ۾ ڏاڍي سٺي لڳندين. وارن جون بہ چوٽيون ٽيل، ڪلهن ۾ ٽيلهو لٽڪيل."

"واهہ....."

"ننڊپڻ جي اسڪول وارا ڏينهن ياد اچي ويا."

"ان عمر ۾ بار ڪيڏا ته معصوم هوندا آهن."

"ها واقعي...."

ڪيس مرڪندي چيو هوم.

"پوءِ ڪڏهن ٿي داخلا ونين؟"

افسوس واري انداز ۾ چيو هيائين:

"پنهنجا پڙهڻ وارا ڏينهن ويا منو."

هن جي مڪالمن ۾ رواني ۽ تسلسل آهي. هو پنهنجين لکڻين ۾ سماجي مسئلن تي پڻ بحث ڪري ٿو. جيئن تعليم جو ڪردار معيار. هو لکي ٿو:

"جيتوڻيڪ ڪو گهڻو وقت نه گذريو آهي، پر اسان جي دؤر ۾ استادن جي وڏي عظمت هئي. هاڻي ته استادن جو ڪو تقدس ئي نه رهيو آهي."

"ها تون صحيح ٿو چئين. اسان جي دؤر ۾ استادن جي عزت ۽ عظمت ان ڪري هئي جو ان دؤر ۾ تعليم هڪ واپار نه بڻي هئي."

تعليم سندّ جو وڏي ۾ وڏو مسئلو آهي، جنهن کي حل ڪرڻ لاءِ اپاءَ نه ٿا ورتا وڃن. تعليم جو معيار ڪريل آهي. ان مسئلي جو حل ڪاپي روڪڻ ۽ سٺا استاد پيدا ڪرڻ آهي.

هو هڪ هنڌ انساني فطرت کي تنقيد جو نشانو بنائي ٿو:

"دنيا جي سڀني جانورن جي وحشت، جبلت ۽ فطرت کي هڪ ڪتاب ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو پر اي حضرت انسان! دنيا جي هزارين يونيورسٽين جا استاد، سماج ۽ نفسيات جي شعبن جا ماهر، هزارين ڪتاب لکڻ کان پوءِ به تنهنجي فطرت کي سمجهي نه سگهيا آهن. تون هر سمجهه کان ڏکيو آهين. اي حضرت انسان! تو کي ڪو به سمجهي نه سگهندو."

اهو سچ آهي ته ڪائنات جي انجڻ ۾ انسان اهڙو پُرزو آهي، جيڪو جلد خراب ٿئي ٿو. فطرت (Nature) انسان جي حفاظت ڪري ٿي، پر انسان کي ان جا اعمال ماري وجهن ٿا. ڏٺو وڃي ته جيئن انسان خدا کي سمجهي نه سگهيو آهي، ايئن خدا به انسان کي سمجهڻ جي ڪوشش ته نه ڪندو هوندو. پر حيرت مان ضرور ڏسندو هوندو ته هيءَ اها مخلوق نه آهي، جنهن کي مون خلقڻ پئي چاهيو.

هڪ صوفي چواڻي "شيطان کي خدا سان محبت ۽ عقيدت جي سزا آيل آهي، چو جو ان اقرار ڪيو هيو ته هو انسان کي ان اهل نه ٿو سمجهي ته ڪيس سجدو ڪري جيڪو سِر خدا آڏوجهڪي ٿو اهو ٻئي آڏو ڪيئن جهڪندو؟. اهو شرڪ آهي ۽ شيطان مشرڪ ٿيڻ نه پئي چاهيو."

ناولن جي هن ترائلاجيءَ جي آخري باب ۾ منصور اهڙي عورت کي حاصل

ڪري ٿو جيڪا سندس پيار جو حصو نہ آهي. ان جو حاصل، ناحاصل آهي. ايئن هڪ عورت کي ويجهو ٽيندي به سندس زندگي مڪمل نہ ٿي ٿئي. اهو پنهنجي وچڑيل محبوبا سنڌيا کي ياد ڪري ٿو.

منصور سنڌيا کي پاڻ سان هڪ تند ۾ ڳنڍيل محسوس ڪري ٿو ۽ تصوراتي همڪلامي ۾ ان سان گفتگو ڪري ٿو. اهي يونيورسٽي ۾ ڄامشورو ياد ڪن ٿا. سندس نڪاح ۾ آيل عورت "صائما" وچڑيل محبوبا جي جاءِ والاري نہ ٿي سگهي. هو اهڙي جذبات جو اظهار ڪندي لکي ٿو:

"انسان ازل کان اڻپورو رهندو آيو آهي ۽ ايئن سڀائين اڻپورو رهڻو آهي. هن کي ڪڏهن به مڪملتا ناهي ملڻي. ڪنهن رنج ۽ الم واري لافاني ڪيفيت ۾ هن کي سڀائين سرابن ۾ پاڇولن پويان ڀٽڪڻو آهي."

ايئن هيءَ مڪمل ٽرائلاجي هڪ نامڪمل داستان جي پڄاڻيءَ تي پهچي ٿي.

رسول ميمڻ

سنڌي پڑهندڙن پاران بوڪر پرائيز جيتري
مجتبا ماڻيندڙ ناول

پيار جو موضوع هڪ اڻ ڪُٽ ۽ ڪڏهن پڄاڻيءَ تي پهچڻ وارو ڪونهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته خبر ڪاڏن ڪي پئي. جيڪي پيار جي ڏنگ جا ڏنگيل آهن، انهن جو حال ڏسي ايئن چئجي ته پيار هڪ بيماري آهي. اها هڪ اهڙي بيماري آهي، جيڪا پراڻي دور ۾ حڪيمن، طبيبن ۽ هن جديد دور ۾ ميڊيڪل سائنس جي پهچ کان ٻاهر آهي. پيار جي بيماريءَ جي دوا درمل ميلاپ ۾ آهي يا وري وچوڙي سان جند ڇٽي ٿي. ميلاپ کان ته لطيف سائين منع ڪري ويو آهي:

ڳوليان ڳوليان مَر لهان، شال مَر ملان هوت،
من اندر جي لوچ، ملڻ سان مائي ٽئي.

ميلاپ سان پيار جي بيماري ته ڇُٽيو وڃي، پر ان جو anti climax گهٽ دکدائڪ ڪونه هوندو آهي. ان ڪري پيار جو فطري Climax وچوڙو آهي، جنهن سان پيڙا ته گهٽي سَهٽي پئي ٽي، پر پيار جي پت رهجيو وڃي.

منير چانڊيي جو ناول "ڪيف ڏاران ڪوءِ..." ڄامشورو ڪئمپس جي پس منظر ۾ لکيل رومانوي ناول آهي. ڄامشورو ڪئمپس سنڌ ۾ هوندي به جڏ هڪ الڳ دنيا آهي. سنڌ، جنهن اڄ کان پنج هزار سال اڳ دنيا کي موهن جي دڙي واري هڪ شاندار تهذيب ڏني، سا اڄ جي مهذب دنيا کان 100 سال پوئتي آهي، جتي عورت جي حيثيت گهر ۾ پالیل جانور جهڙي آهي، جتي عورت کي رکو ڪنهن ڏاڙي مرد سان ڳالهائيندو ڏسي ڪاري ڪري ماريو وڃي ٿو اتي ڄامشورو ڪئمپس جڏ ريگستان ۾ هڪ نخلستان آهي، جتي جنسي متييد ڪونهي، چوڪرو هجي يا چوڪري، سڀ برابر آهن.

اسان سنڌين جو سماجي سرشتو ايجا زرعي نظام وارو آهي، جنهن جا جاگيرداراڻا ۽ طبقاتي اثر سنڌ جي ڳوٺن ۽ ننڍن شهرن ۾ قائم آهن. انهيءَ سماجي سرشتي جا شڪار سنڌي چوڪرا ۽ چوڪريون جڏهن ڄامشوري ڪئمپس جي ڪُلئي ۽ آزاد ماحول واري ڪاڪ تڙ تي اچن ٿا تہ پهرين وائڙائپ ۾ ونجي وڃن ٿا. پنهنجن مسئلن ۽ محرومين کي ڪنهن سان وڊڻ ۽ پيرن جهلڻ لاءِ هنن کي ڪو سهارو ڪيو. منير چانڊيي جي ناول "ڪيف ڏاران ڪوءِ..." جي سنڌيا هڪ ٽريجڊيءَ مان گذري آيل ۽ محرومين جي شڪار ٽيل چوڪري آهي. هوءَ ڄامشورو ڪئمپس ۾ هرٽيءَ وانگر هيسيل ۽ ڊنل آهي. هن کي جڏهن منصور جي ساڻ جو سهارو ملي ٿو تہ هوءَ ڄامشوري جي پٿريلي زمين تي هلڻ ۾ سولائي محسوس ڪري ٿي. منصور پاڻ بہ پنهنجن گهرو مسئلن ۽ معاشري جي بيدرديءَ جو ستايل آهي. هن جي تتل من کي بہ ڪنهن جي گهاٽن وارن جي ڇانوَ ڪپندي آهي. ٻنهي جون محروميون، ٻنهي جون ضرورتون ۽ ٻنهي جا مفاد ساڳيا آهن. ان ڪري ٻئي ڇڪا اڳتي هلي پيار جي جي وڻ ويڑهيءَ ۾ ويڑهجي وڃن ٿا.

منصور ۽ سنڌيا جي ڪردارن جي نفسيات ۾ فرق آهي. سنڌيا جيڪا پاڻ Exploit ٽيل آهي سا منصور کي Exploit ڪري ٿي. منصور جي پيرن تي پير رکي پاڻ کي سنياڻي وڻڻ کان پوءِ سنڌيا جي فطرت ۾ لکل چالاڪي ظاهر ٿيڻ لڳي ٿي. سندس پيٽ ۾ منصور طبيعت جو سادو هڪ ڪمزور شخص آهي. سنڌيا هن سان ڇڙ ڪيڏندي رهي ٿي. ڪراچيءَ جي فليٽ ۾ منصور جي پيرن تي ڪرڻ تہ مون کي Exploit نہ ڪجانءِ، پوءِ وري شميس پائي هن وٽ اچڻ جنهن ۾ سندس سڃيون ٻانهون، ڪلها ۽ سينو ظاهر آهن، ان مان سندس ڪردارچٽو ٿئي ٿو. هوءَ منصور کي جذباتي طور Exploit ڪري آخر ۾ روئاڙي ڇڏي هلي وڃي ٿي.

انهيءَ سڃي تاجي پيٽي کي منير چانڊيي خوبصورتيءَ سان اُڀيو آهي. مون کي ڊپ هو تہ سنڌيءَ ۾ لکجندڙ رومانوي ناولن وانگر "ڪيف ڏاران ڪوءِ..." ۾ بہ جذباتيت ۽ فلمي ڊائلاگن جي پرمار هوندي، پر آئون جيئن جيئن ناول پڙهندو ويس، مون کي ان جو فطري وهڪرو ايترو دلچسپ لڳو جو مون ان کي رات جو دير تائين هڪ ئي ويهڪ ۾ پڙهي پورو ڪيو. "ڪيف ڏاران ڪوءِ..." پڙهي مون کي ايرڪ سيگل جو ناول "Love Story" ياد آيو. جيڪو 1970ع ۾ ڇپيو هو ان کي سڃيءَ دنيا ۾ نمبر ون پاپولر ناول ليکيو ويو هو. "Love Story" جا پنڄٽيهہ ٻولين ۾ ترجما ٿيا هئا ۽ اُن تي هالي ووڊ ۽ بالي ووڊ ۾ فلمون بہ ٺهيون هيون. ايرڪ سيگل ان کان پوءِ بہ ناول ٻيا بہ لکيا هئا، پر جتي پيار جي موضوع تي لکيل "Love Story" ناول جي ڪري ئي هن کي ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو.

منير چانڊيو سنڌي ادب ۾ نئون نالو آهي. هن کان اڳ هن کجهہ کهاڻيون لکيون آهن. پر انهن ايترو ڏيان نہ ڇڪايو آهي، جيترو سندس هن بهترين ناول. ارون ڏتي راءِ زندگيءَ ۾ فقط هڪ ناول "The God of Small Things" لکيو آهي، جنهن جي ڪري هوءَ جڳ مشهور ٿيڄي وئي ۽ ان پهرئين ناول تي ڪيس بوکر پرائيز مليو. منير چانڊيي کي سندس سنڌي پڙهندڙن هن جي پهرئين ناول "ڪيف ڏاران ڪوءِ..." تي جيڪا مجتا ڏني آهي، سا هن لاءِ "Booker Prize" جي برابر آهي. اها اُميد ڪرڻ کپي تہ ارون ڏتي راءِ جي پهرئين ۽ آخري ناول وانگر منير چانڊيي جو پهريون ناول سندس آخري ناول نہ هوندو.

❖

منير چانڊيي پنهنجي پهرين ناول "ڪيف ڏاران ڪوءِ..." لکڻ سان پاڻ کي نئين ٿهي جي ناول نگار طور مڃرايو آهي. ان ناول جتي خاص طور نئين ٿهيءَ جي پڙهندڙن ۾ بيحد مقبوليت حاصل ڪئي، اتي منير کي مخالفت ۽ ڪنهن حد تائين جهڙوڪر ذاتي دشمنين کي بہ منهن ڏيڻو پيو. ڇڪا خاصا سنڌي ليکڪ هن تي ايترو چڙي پيا جو منير اهو ناول لکي وڏو ڏوهہ ڪيو هو. پر منير چانڊيي انهن مَر سهو ماڻهن جي ڳالهين جي پرواهہ نہ ڪندي پنهنجو تخليقي ڪم جاري رکيو.

"تو پچاڻان" منير چانڊيي جو ٻيو ناول آهي. اهو "ڪيف ڏاران ڪوءِ..." جو تسلسل يا ان جو ٻيو حصو آهي. "ڪيف ڏاران ڪوءِ..." جي جتي پچاڻي ٿئي ٿي، اتان "تو پچاڻان" شروع ٿئي ٿو. هي ناول پڙهندي ائين لڳي ٿو جڻ وقت هڪ هنڌ بيهي رهيو هجي، ان ڪري ناول بہ هڪ هنڌ بيٺل نظر اچي ٿو. ان ۾ رڳو سنڌيا جون يادگيريون آهن ۽ اهي يادگيريون اڻ ڪٽ ۽ اذيتناڪ آهن. جيڪي مڪ ڪردار کي ذهني مريض بڻائي ڇڏين ٿيون. هو يادگيرين جي هڪ اهڙي ڄار ۾ ڦاسي ڇڪو آهي، جنهن ۾ ڦٽڪڻ باوجود ان مان ٻاهر نڪرڻ تي سندس دل نٿي ٿئي، جيتوڻيڪ پنهنجو نفسياتي علاج بہ ڪرائي ٿو. ڪردار جي خود رحمي ۽ خود اذيتي وارن احساسن کي منير چانڊيي نهايت خوبصورتيءَ سان چٽيو آهي.

❖

منير چانڊيو سنڌي ناول نگارن ۾ اهم جاءِ والاري ٿو. هن ناول سان گڏ سندس ٽرائلاجي پوري ٿي پچاڻي تي پهتي آهي. ٽرائلاجي جي آخري ناول ۾ ڪردار بدلجي ويا آهن، پر مڪيہ ڪردار ساڳيو آهي. هو ٽرائلاجي جي ٻئين ناول واري

موتمار ڊپريشن مان نڪري آيو آهي. پر هن جي شخصيت تي پاراتي وانگر لڳل درد ۽ پوڳنائن جا پاڇا ڪڪر ڪارونيار ڪري ڇانيل آهن. پيار جي نانگ جو زهر جيڪو هن جي رڳن ۾ ڊوڙندو رهيو آهي، اهو ڪيس هن ناول ۾ پيار جي نالي کان ئي چرڪائي ڇڏي ٿو. هو اهو زهر ٻيهر پيئڻ جي لاءِ تيار ڪونهي، پر وڏي چالاڪي سان ڪيس اهو زهر ٻيهر پياريو وڃي ٿو. ناول جو ڪردار منو هڪ سادو سڀاجهو شخص آهي. هو وري به ان ختم نه ٿيندڙ چڪر ۾ قاسي وڃي ٿو.

منير چانڊيي جي ڪردار نگاري جي خوبي اها آهي ته هن مکيه ڪردار جي سادگي، صاف دلي ۽ سڀاجهائي کي ٽنهي ناولن ۾ قائم رکيو آهي. ڪردار جي ذات جون اهي خوبيون ان لاءِ خاميون بڻجي ويون آهن، جيڪي دائمي درد ۽ هڪ ختم نه ٿيندڙ روڳ جي صورت وٺي چڪيون آهن. جسماني بيماري جو علاج ته آسان آهي، پر جيڪو ماڻهو ذهني پيڙائن ۾ لڇندو پڇندو رهي، ان جو علاج ڪنهن سائيڪاٽرسٽ وٽ به مشڪل هوندو. سسئي جي سورن جو ڪو علاج آهي ئي ڪونه. منير چانڊيي جي ٽرائلاجي ناول جي پڇاڻيءَ ۾ به ڪردار ناڪامين، دردن ۽ دوکن جو جبل جهاڳيندو نظر اچي ٿو.

شوڪت حسين شورو

وچوڑي جو دستاويز

منهنجي لاءِ سنڌي ادب جي تاريخ هميشہ حيران ڪندڙ رهي آهي. ڇاڪاڻ تہ هزارين سالن جي تاريخ رکندڙ قوم جي ادب جي عمر محض ٻہ ٽي صديون ٻہ مشڪل سان آهي. ۽ ان ۾ ٻہ وري نثر ۽ نثر ۾ وري ناول جي تاريخ تہ جڙ نہ هڻڻ جي برابر آهي. ائين ڇو آهي؟ ان جو جواب تاريخدان، هوليءَ جا ماهر، عالم ۽ محقق ئي ڏئي سگهن ٿا. مان هتي پياري منير چانڊيي جي ناول ـ ٽرئلاجي تي لکڻ ٿو چاهيان.

منهنجي راءِ آهي تہ سنڌيءَ هوليءَ ۾ امر جليل کان پوءِ گهٽو پڙهيو ويندڙ ليکڪ منير چانڊيو سنڌ ۾ ٻيو نمبر ۽ سنڌي هوليءَ ۾ ٽيون نمبر اديب آهي، جنهن ناولن جي ٽرئلاجي لکي آهي. هن کان اڳ سنڌ ۾ سراج ميمڻ ۽ سنڌيءَ هوليءَ ۾ آنند کيمائيءَ جون ٽرئلاجيز آيل آهن. منير جي ٽرئلاجي دراصل وچوڑي جو اهڙو دلپذير دستاويز آهي، جنهن کي پڙهندي متضاد انساني احساسن ۽ جذبن جو تجربو ٿئي ٿو. جن ۾ درد ۽خوشي، جدائي ۽ ميلاپ جهڙا احساس شامل آهن. منير چانڊئي جي هيءَ ٽرئلاجي ڪيف ڏاران ڪوءِ، تو پڃاڻان... ۽ بري هن ينيور ۾ نالن سان ٽن ناولن تي مشتمل پيار ڪهاڻيءَ جو تاجي پيٽو آهي. ٽرئلاجي جو پس منظر مڪيہ ڪردار جي سنڌ يونيورسٽي ۾ گهاريل ۽ ان کان پوءِ جي زندگي آهي. ان لحاظ کان هيءَ ٽرئلاجي يا ناولن جو سلسلو يونيورسٽيءَ جي پس منظر ۾ لکيل پيار جي موضوع تي، پاڻ کان اڳ ۽ هم عصر ناولن ۾ ان ڪري ٻہ منفرد آهي جو هڪ تہ ناول ـ ٽرئلاجي جو پس منظر رڳو رومانويت ۽ يونيورسٽي ناهي، جيئن طارق عالم ابڙي جو ناول رهجي ويل منظر هو يا ان جو پس منظر رومانويت ۽ سياست ٻہ ناهي، جيئن ظفر جوٽيجي جو ناول اجهاميو ٻران هو. ان جي برعڪس منير جي ناولن جو پس منظر رومانس، سماجي حقيقت نگاري ۽ انساني احساسن جو فنڪارانہ اظهار آهي. اهڙيءَ ريت پڙهندڙ جيڪڏهن غور ڪندا تہ ڪين ناولن جي عنوانن ۾ لڪل جدائيءَ جو ردم آسانيءَ

سان سمجھ ۾ اچي ويندو. منير جي لکڻيءَ جي خاص خوبي ان جي سادگي، رواني ۽ نجي تجربي جو اعتماد آهي. منهنجي خيال ۾ منير جا ناول عشق ۽ عام حالتن جو اتساهيندڙ ادبي اظهار آهن. سندس ناولن جو تخليقي پهلو اهو به آهي ته اهي نه ته ڪنهن نعري بازيءَ ۾ ملوث آهن ۽ نه ئي درد جي مشهوريءَ جو سطحي اظهار آهن. هونئن به انساني تجربي جو تخليقي اظهار ئي لافاني ادب پيدا ڪندو آهي، جنهن ۾ پيارو منير ڪافي ڪامياب نظر اچي ٿو. اهو ئي سبب آهي جوشوڪت شورو ڪيف ڏاران ڪوءِ جي ٻئي ڇاپي جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته، "منير چانڊيو سنڌي ادب ۾ نئون نالو آهي. هن کان اڳ هن ڪجھ ڪهاڻيون لکيون آهن، پر انهن ايترو ڏيان نه ڇڪايو آهي، جيترو سندس هن بهترين ناول." سنڌيءَ ۾ ناول جي تاريخ تي جي نظر ڊوڙائبي ته خبر پوندي ته ويهين صديءَ ۾ سنڌي اديبن ناول لکڻ ڏي ڪو خاص ڏيان ڪونہ ڏنو. پر ايڪيهين صديءَ جي پهرين ڏهاڪي جي پڇاڻيءَ تي 2010ع ۾ ڇپيل منير جي پهرين ناول ڇپجڻ کان پوءِ هن وقت تائين ڏيڍ سؤ کان مٿي ناول ڇپجي چڪا آهن. جنهنجو ڪريڊٽ منير چانڊئي ڏي وڃي ٿو. اهڙيءَ ريت مان تڏهن ميڊم تهمينہ مفتيءَ سان ٻہ متفق آهيان، جڏهن هوءَ ڪيف ڏاران ڪوءِ جي پهرين ڇاپي جي مهاڳ ۾لکي ٿي ته، "هي ناول پنهنجي پلاٽ ۽ ڪردارن جي رونما ٿيندڙ واقعن جي تسلسل ۾ ايترو منظر ۽ پرپور آهي، جو اهو پڙهندڙ کي پنهنجي گرفت ۾ ائين قابو ڪري ڇڏي ٿو جو پڙهندڙ پنهنجي ڏيان ۽ دلچسپيءَ کي هڪ لمحي لاءِ به ٽٽڻ نہ ٿو ڏئي."

۽ ان کان اڳ جو مان پنهنجي هن مختصر ترين احساساتي راءِ جو اظهار ڪيان، هتي منير جي ناولن مان ڪجھ چونڊ ٽڪرا پڙهندڙن سان شيئر ڪرڻ ٿو چاهيان:

* تون مون لاءِ ڇا هئينءَ اها خبر توکان پوءِ پئي!
* پيار جي لمحن ۾ ڪيف آهي ۽ اکين تي خمار چڙهي رهيا آهن.
* هاڻي وقت آرس پيچندو اوپاسيون ڏينڈو ۽ ننڍون ڪن ڪندو ٿو گذري ۽ جڏهن چوندو هوس، اي وقت! ٿورو آهستي گذر ته اهو روشنيءَ ۽ آواز جي رفتار سان گذري ويندو هو.
* تنهنجي ان پاڪر مون کي مليل سيني ڏکن کي ڏوئي ڇڏيو. ان وقت مون کي ائين لڳو هو سالن کان دردن جون فوجون، جيڪي منهنجي من ۾ ڏکن جي مارشل لا لڳائي ويٺيون هيون، تن کي نيڪالي ملي آهي.

لياقت رضوي

كيف ذاران كوءِ...

(ناول)

نوجوان نسل جو احاطو ڪندڙ ناول

اسان جي سنڌي شعبي جا شاگرد جڏهن شاعري ڪندا آهن، ڪهاڻيون، مضمون ۽ مقالا لکندا آهن، يا ڌگري ونڊ ڪانپوءِ جڏهن نوڪرين سان لڳندا آهن، تڏهن ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي. اڄ جڏهن مان اسان جي سنڌي شعبي جي بيحد لائق شاگرد ۽ سنڌ جي نوجوان ليکڪ منير چانڊيي جي ناول "ڪيف ڏاران ڪوءِ..." جو مهاڳ لکي رهي آهيان، تہ مون کي هڪ اڻ مُيي خوشيءَ جو هڪ وڏو احساس بہ ٿي رهيو آهي. هو جنهن پنهنجي ايم اي (آنرس) جي ڌگري فرسٽ ڪلاس سيڪنڈ پوزيشن ماڻي حاصل ڪئي، پنهنجي شاگرديءَ واري زماني کان ئي سمورين علمي، ادبي، سماجي ۽ سياسي سرگرمين ۾ پرپور حصو ونڊندو انهن موضوعن تي اخبارن ۽ رسالن ۾ لکندو ۽ علمي، ادبي ۽ سياسي ڪتاب سهيڙيندو ايڊٽ ڪندو ۽ ڇپائيندو رهيو آهي. سچ تہ منير چانڊيي جهڙا شاگرد ئي اسان جي شعبي جي اصل سونهن آهن.

ناول جيڪو سنڌي ادب ۾ 1870ع ۾ ڊاڪٽر جانسن جي ناول "راسيلاس" کي سنڌي ويس اوڊائڻ کانپوءِ آيو. ۽ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي هڪ وڏي محسن مرزا قليچ بيگ صاحب جي 1888ع ۾ لکيل ناول "دلارام" ۽ 1890ع ۾ لکيل ناول "زينت" کان پوءِ طبعزاد ناول طور سامهون اچي نروار ٿيو. تنهن کي لڳ ڀڳ ڏيڍ صدي گذرڻ کان پوءِ بہ ايڏا اها گهربل حيثيت حاصل ٿي نہ سگهي آهي، جيڪا کيس حاصل ٿيڻ کپندي هئي. هر پاسي کان "سنڌي ادب ۾ ناول جي کوٽ آهي" واريون ڳالهيون ٻُڌجي ۽ پڙهجي رهيون آهن، ان صورتحال ۾ سنڌي ادب کي ناول جا تحفا ڏيڻ، سچ تہ سنڌي ادب جي خدمت آهي. ورهاڱي کان پوءِ بہ ڪيترائي ناول لکيا ويا آهن. پر ناول ايڏا تائين سراج جي "پڑاڏو سوئي سڏ" ۽ "مرڻ مون سين آءُ،" غلام نبي مغل جي "اوڙاهہ،" آغا سليم جي "اونداهي ڏرتي، روشن هٿ" ۽ "همہ اوست،" امر جليل

جي "نيٺ گونگي ڳالهايو" ماڻڪ جي "ساهه مٺ ۾" ماهتاب محبوب جي "خواب، خوشبو ۽ چوڪري" ۽ ڪجهه ٻين جي ناولن کان اڳتي وڌي نه سگهيو آهي. اهي ائي ڪجهه ناول آهن، جن جو ادبي ڪچهرين ۾ ذڪر ٿئي ٿو باقي ٻيا ڪيترائي ناول ڪنهن موچاري ذڪر ۾ به نه اچي سگهيا آهن.

منير چانڊيي جو هيءُ سماجي ناول پنجن بابن تي مشتمل آهي، جنهن جو بنيادي موضوع رومانويت آهي، جيڪو يونيورسٽيءَ جي پس منظر ۾ لکيو ويو آهي، جيتوٽيڪ سنڌي ادب ۾ يونيورسٽين جي پس منظر ۾ ٻيا به ٻه ٽي ناول لکيا ويا آهن، پر هي ناول انسان دوستي ۽ احساسن جي روانيءَ کي بيان ڪري ٿو هن ناول جا ڪردار پنهنجي مزاج ۽ مقصد ۾ واضح ۽ پنهنجي دور جي قومي، معاشي، سياسي، سماجي، نفسياتي ۽ طبقاتي مسئلن کان واقف آهن، ان ڪري ئي هيءُ ناول ٻين رومانوي ناولن کان منفرد، نرالو ۽ دل کي ڇهي ويندڙ آهي.

هيءُ ناول پنهنجي پلاٽ ۽ ڪردارن جي رونما ٿيندڙ واقعن جي تسلسل ۾ ايترو ته منظم ۽ پرپور آهي، جو هو پڙهندڙ کي پنهنجيءَ گرفت ۾ ايئن قابو ڪري ڇڏي ٿو جو پڙهندڙ پنهنجي ڌيان ۽ دلچسپيءَ کي هڪ لمحي لاءِ به ٽُٽڻ نه ٿو ڏئي. هو جيڪي به خيال پڙهندڙ جي دل ۽ دماغ تائين پهچائڻ چاهي ٿو سي پنهنجي ناول جي ڪُسناڪ ٻوليءَ ۽ ان جي ڊڪشن جي ڪري وڌي خوبصورتيءَ سان پهچائي ٿو ڇڏي، ۽ ڏک، سک، تڪليف، خوشيءَ، آس، اميد، حاصل، لاحاصل، وچوڙي، ميلاپ ۽ ٻين الياتي ڪيفيتن، احساسن ۽ جذبن جو اظهار جهڙيءَ ريت ناول ۾ ڪيو ويو آهي، سي ڪيفيتون، جذبا ۽ احساس پڙهندڙ جي من ۾ اُپارڻ ۾ به ڪامياب ويو آهي. ناول نويس ناول ۾ ڪردارن ۽ انهن جي ماحول کي اهڙو ته حقيقي روپ ڏنو آهي، جو اهي اسان جي ڳوٺاڻي ۽ شهري سماج جا ڏٺل واڌل ڪردار لڳن ٿا ۽ ناول جا بنيادي ڪردار منصور ۽ سنڌيا، جيڪي بنيادي طور Teen agers نوجوان آهن، انهن ڪردارن کي پڙهندي ان ڳالهه جي خوشي ٿئي ٿي، ته اهي سنڌي ادب جي يونيورسٽين جي پس منظر ۾ لکيل ڪجهه ٻين رومانوي ناولن جي ڪردارن جيئن ولگر نه آهن ۽ هو پنهنجي سماج سان نسبت هڻڻ جي ڪري پنهنجي سماج جي هر ننڍي، وڏي ۽ جيئڻ مرڻ جي مسئلن تي ڳالهائين ٿا، جهڙيءَ ريت يونيورسٽيءَ اندر ٿيندڙ منفي ۽ نام نهاد سياست جيڪو وايومنڊل قائم ڪيو آهي، تنهن کي هن نروار ڪيو آهي، ان جو مثال گهٽ ۾ گهٽ يونيورسٽي پس منظر ۾ لکيل ڪنهن ناول ۾ نٿو ملي.

هن رومانوي ناول ۾ جنهن خوبصورت تخليقي ڪاريگريءَ سان اسان جي هيئين وچين طبقي جي مسلسل غير يقينيءَ ۽ معاشي طور عدم تحفظ واري

صورتحال ۾ رهڻ جي ڪري لالچي ۽ موقعي پرست ٿي پوندڙ نفسيات، قبيلائي جهڳڙن جي عذاب، جاگيرداراڻي ۽ غلاماڻي سوچ، سنڌ جي پاڻي ڪيس، پنهنجن شهرن ۽ معدني وسيلن جي مالڪي، تعليم ۽ صحت جي شعبن جي صورتحال ۽ بين سياسي، معاشي ۽ سماجي مسئلن جي اپٽار ڪئي آهي، تنهن مان منير چانڊيو ادراڪ رکندڙ سنڌ جو دانشور ناول نويس ٿي سامهون آيو آهي.

هن ناول ۾ اهڙا ڪيترائي واقعا ۽ موضوع ملن ٿا، جيڪي سنڌي افسانوي ادب ۾ بنهه نوان ٿا لڳن، جيڪي ليکڪ جي مشاهدي ۽ اظهار جي قوت کي ظاهر ڪن ٿا، جيئن ته ناول سماج جو عڪس هوندو آهي، جڏهن ڪو ناول ڪنهن خاص دور ۽ حالتن ۾ لکجي ٿو ته لازم ٿي پوي ٿو ته بنيادي موضوع سان گڏ اُن دؤر جي به عڪاسي ڪئي وڃي، جو پڙهندڙ جڏهن ان تحرير کي پڙهي ته اُن دؤر ۽ حالتن جي هڪ مڪمل تصوير پڙهندڙ جي آڏو اچي، ۽ ان ڪوشش ۾ هو ڪامياب نظر اچي ٿو.

سنڌي ادب جا ڪيترائي ناول، فن جي حوالي کان ناول گهٽ ۽ ڏگهيون ڪهاڻيون وڌيڪ لڳندا آهن، مون کي خدشو هو ته ڪٿي هيءُ ناول به ايئن نه هجي، پر مون کي خوشي آهي ته هو پنهنجي پهرين ناول ۾ ئي هن صنف سان ۽ ان جي فن سان انصاف ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي.

سنڌي ادب ۾ نقادن جي بنهه ڪوٽ ۽ پڙهندڙن جي بي ڌيانيءَ سبب مختلف صنفن جا ڪيترائي شاهڪار ڪتاب ميڙتا ماڻي نه سگهيا آهن. اهڙي ناانصافي ڪيترين ئي تحريرن ۽ ڪتابن سان ٿي آهي. ڪابه تحرير ليکڪ جي ذهني پيڙا، درد ۽ پورهيي جو ثمر هوندي آهي، مونکي پڪ آهي ته منير چانڊيي جي هن سهڻي ناول جو سنجيدگيءَ سان اڀياس ڪيو ويندو ۽ مون کي اميد آهي، ته ادبي حلقن ۾ ساراهيو ويندو ۽ سندس هن خوبصورت تخليقي پورهيي کي ادب ۾ اهو مقام ملندو جنهن غير معمولي توجهه جو مستحق هيءُ ناول آهي.مون کي پڪ آهي، ته منير چانڊيي جو هيءُ ناول "ڪيف ڏاران ڪوءِ..." نوجوان نسل جو احاطو ڪندو.

پروفيسر ڊاڪٽر تهمينه مفتي

سنڌي شعبو

سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

2 مارچ، 2010ع

1

تون مون لاءِ چا هئينءَ، اها خبر توکان پوءِ پئي! اهڙو ڪو لمحو نہ آهي، جنهن ۾ تون ياد نہ ايندي هجين! آڻ ئي پهر تون منهنجين اکين ۾ سمائي پئي آهين! ڏينهن تہ جيئن تيئن ڪري گذاري ونان ٿو، پر راتيون ڳڻڻ ڏاڍيون ڏکيون ٿي پيون آهن. اهڙي ڪا رات نہ آهي، جنهن ۾ تون منهنجن خوابن ۾ نہ ايندي هجين! مان روز خواب ۾ ڏسان ٿو تہ پاڻ ڪڏهن ڪلاس ٿا وٺون، ڪڏهن آرٽس فيڪلٽيءَ جي ڪاريڊور ۾ بيٺا آهيون، ڪڏهن لائبريريءَ ۾ ڪتاب ٿا پڙهون، ڪڏهن لَورز پوائنٽ واري روڊ تي پنڌ ٿا ڪريون، ڪڏهن علامہ آءِ آءِ قاضي ءِ ايلسا قاضيءَ جي مزارن جي پر ۾ وينا آهيون، تہ ڪڏهن مارئي هاسٽل جي سامهون واري مرزا قليچ بيگ پارڪ ۾ هارن جيئن ڊوڙون ٿا پايون. هونئن هر پيري تون منهنجي اڳيان ڊوڙ پائيندي هئينءَ، تہ مان تنهنجي پويان ڊوڙي جيئن توکي پڪڙيندو هوس، تہ تون ڪِل ۾ ٻُڌجي، ڳاڙهي ٿي ويندي هئينءَ، پر هاڻي خواب ۾ جيئن تون ڊوڙ ٿي پائين، تہ ڊوڙندي ئي ٿي وڃين! مان چرڪ پري جاڳي پوان ٿو اکيون ٻرجي ٽيون اچن، ساهہ مُنجهڙ لڳي ٿو، وڏا وڏا ساهہ ڪڍڻ لڳان ٿو، نڙي ڏُکڻ لڳي ٿي، ايئن ٿو محسوس ٿئي، جڙ نڙيءَ مٿان هاڻيءَ لت اچي رکي هجي...

تون منهنجي ڪلاس فيلو هئينءَ، بيحد حَسين ءِ سهڻي! تنهنجن گهِرن ڪارن ءِ وشال نيٽن، اُپريل گلابي ڳلن، سهڻن سنهڙن چپڙن، وٽندڙ ڪاڏيءَ، نڪ جي خوبصورت بيهڪ، پريل بُت، پُوري پُني قد، اڇي گلابي رنگ، ڪاري وارن جي چڱ، پرت پريل ڪپڙن، مٿي تي پاتل پوتيءَ، اکين جي ڳڻيپرتا ءِ چهري جي وضعداريءَ تنهنجي شخصيت کي اهڙو تہ موهيندڙ بڻائي ڇڏيو هو جو چوڪرا تہ چوڪرا، پر ڪجهہ استاد ءِ چوڪريون بہ ساهہ ڏيڻ لڳيون هيئي! ڪلاس ۾ اڪيلي ئي چوڪري هئينءَ! شايد ان ڪري بہ گهٽو اُداس رهندي هئينءَ! تنهنجي اُداسي ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وئي، جيڪا مون کان قطعي برداشت نہ پئي ٿي. مون

چاهيو ٿي تہ توسان ڳالهايان، پر الاءِ ڇو توسان ڳالهائي نہ ٿي سگهيس! تنهنجي مون ڏانهن اک ٽيٺ سان ڏِسڻَ ۾ تنهنجي چهري جا تاثر ٻڌائيندا هئا، تہ تو ڄاڻ اچي مون سان ڳالهايو. ڪيترائي ڏينهن گذري ويا هئا، پر تو ايئن نہ ڪيو هو. منهنجيءَ دل کي عجيب يقين هو تہ تون تمام جلد اچي مون سان پاڻ ئي ڳالهائيندينءَ! اُن ڏينهن جمعو هو. آسپاس جي ڳوٺن ۾ شهرن جا شاگرد گذريل ڏينهن ئي پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن روانا ٿي ويا هئا. آڻن ڪلاس فيلوز مان اسان رڳو ٻہ ڄڻا ئي آيا هئاسين. اُن ڏينهن ٻہ تون جيئن جو تيئن اُداس هئينءَ! تنهنجي اها اُداسي ڏسي مان ٻہ اُداس ٿي ويو هوس، پر پنهنجيءَ ان اُداسيءَ کي ظاهر ٿيڻ نہ ڏنو هوم. ميجر سبجيڪٽ جي استاد شاگردن جي غير حاضريءَ جو سبب ڄاڻائي ڪلاس نہ ورتو هو. هو ڪجهہ ڪتاب پڙهڻ لاءِ چئي هليو ويو هو. اُن ڏينهن مون کي ايئن پئي محسوس ٿيو جڙ توکي مون لاءِ ڇڪ ٽيندي هجي! مان پنهنجي ڀائري ۾ ڪتاب کڻي جيئن ڪلاس مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ اُٿيو هوس، تہ محسوس ٿيو هو تہ تون مون ڏانهن ڏسي رهي آهين. ان وقت الاءِ ڇو تمام گهڻو چاهيندي ٻہ توسان ڳالهائي نہ سگهيو هوس. رڳو ويندي ويندي هڪ نظر توڏانهن ڏنو هوم. تون مون ڏانهن ئي ڏسي رهي هئينءَ! هڪ پل لاءِ جيئن ئي توسان نظرون مليون هيون، تہ منهنجيءَ دل جو ڌڙڪو وڌي ويو هو. ان ئي لمحي تو پنهنجون نظرون جهُڪائي ڇڏيون هيون. مان پنهنجا ڪتاب ۾ ڀائري سنياليِ جيئن ڪلاس روم مان نڪري ڪاريڊور ۾ داخل ٿيس، تہ پُٺيان سڏيو هيئي:

"ايڪسڪيوز مي... پليز!"

تنهنجي ان آهستگيءَ مان سڏڻ جو آواز ايئن لڳو هوم، جڙ ڪويل ننڊ ۾ هلڪي سرگوشي ڪئي هجي. اها سرگوشي منهنجي روح جي گهرائيءَ ۾ لهي وئي هئي. توڏانهن موٽندي پاڻ سنياليِ پنهنجي چهري تي آڏرياڻي مُرڪ آڻيندي چيو هوم:

"يِيس پليز... چئو!"

تون اڪيون جهڪايو گهريءَ سوچ ۾ ٻُڏي بيٺي هئينءَ، ڪنيِيرتا ۽ پريشانيءَ جا پاوَ تنهنجي چهري تي تري آيا هئا. ڪن پل لاءِ ٻئي خاموشيءَ جي ور چڙهي ويا هئاسين. ان کان اڳ هونئن ڪيترائي ڀيرا گهري خاموشيءَ جي ور چڙهي چڪو هوس، ڪڏهن ڪڏهن تہ ڪا خاموشي صفا کائڻ ايندي هئي، پر هن خاموشيءَ جا عجيب رنگ هئا. ان خاموشيءَ ۾ جيڪا نغمگي هئي، تنهن منهنجي من ۾ هڪ عجيب سرور پيدا ڪري ڇڏيو هو. ڪن پل ڪانپوءِ توکان پڇيو هوم:

"توهان شايد مون کي سڏيو هو؟"

"جي... ها...!"

تو ساڳي آهستگيءَ مان پهرين جي چيو هو ۽ هڪ مختصر ساهيءَ کان پوءِ ها، ۽ وري گهريءَ سوچ ۾ ٻُڏي وئي هئينءَ! مون توکي انتهائي سِڪ ۽ پنهنجائپ مان چيو هو:

"توهان جيڪو ڪجهه چوڻ چاهيو ٿيون، سو بي فڪر ٿي چئو!"

"او... جي...!"

تون چاهيندي به ڪجهه نه چئي سگهي هئينءَ! مون وڌيڪ نهٽائيءَ ۽ اُڪير مان چيو هو:

"جي... جي... توهان چئو! جيڪو به توهان چوڻ چاهيو ٿيون."

مان پاڻ اندروني طور ٿورو پريشان ٿي ويو هوس، پر اهڙي تاثر تي سئو سيڪڙو ضبط ڪيو بيٺو هوس. وڌيءَ تڪليف سان هڪ ساهيءَ ۾ هڪ جملو چيو هيئي!

"توهان مون کي منهنجي هاسٽل ڇڏڻ هلندؤ؟"

مان تنهنجي ان سادگيءَ ۽ معصوميت تي مُرڪي پيو هوس، ۽ توکي مُرڪندي چيو هوم:

"ها بلڪل! چو نه...؟"

"مهرباني...!"

پوءِ تڪڙ ۾ پرس ۽ نوٽ بُڪ ڪڍندي چيو هيئي:

"هلو پليز!"

توسان جيئن ئي پهرين وِڪ کنئي هيم، اُن وقت ايئن لڳو هوم، جڙ مون اها پهرين وِڪ ئي کنئي هجي، نه تہ ان کان اڳ جڙ ۾ ٻَڏو پيو هوس. اسان جون وِڪون آرٽس فيڪلٽيءَ جي پهرين منزل جي ڪاريڊور کان ڪجهه ڏاڪڻين طرف وڌي رهيون هيون. فيڪلٽيءَ جي آڱڻ ۾ آباد، پيپل، ٻڙ، نم، سرنهن، ڪچنار انب، جمون ۽ ڪنبيءَ جا ڊگها ۽ گهاتا وڻ هوا ۾ جهومي رهيا هئا. سندن پنن جي ڪڙڪڻ ۽ ڪويلن جي ڪُوڪڻ جي ڪري ڏاڍي وٺندڙ موسيقي پئي محسوس ٿي. ان ڏينهن فطرت پنهنجي پوري حَسين رنگ ۾ موجود پئي لڳي. فيڪلٽيءَ جي ڏاڪڻين تان لهندي تنهنجي سينڊل ۽ منهنجي بوٽ جا گڏيل آواز به ڏاڍا مڌر پئي لڳا. ڏاڪڻين کان هيٺ لهي گرائونڊ فلور تي هلڻ لڳا هئاسين، تہ مون ٻاهر هڪ نظر بوگن ويليا جي گلابي پنن ۽ ٻوٽن ۽ گلاب جي گلن کي ڏنو هو، اهي به هوا جي زور تي جهُومي رهيا هئا. ايتري ۾ تنهنجو پيارو آواز ورتي منهنجن ڪنن ۾ پيو هو چيو هيئي:

"مون سوچيو پئي، تہ اوهان کي ڏاڍي تڪليف ڏئي رهي آهيان، پر ڇا ڪريان! ڪالهہ بہ پنڌ ئي پنڌ هاسٽل بجاءِ اي سي ـ ٽو وڃي نڪتيس، جتان وري اهو ئي ساڳيو رڪشا ڪرائڻو پيو. هاڻي روز روز تہ رڪشا تي نہ ٽي اچي وڃي سگهان نہ؟ ان ڪري.."

مون تنهنجي ڳالهہ ڪٽيندي چيو هو:

"نہ نہ، ان ۾ تڪليف جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ اهو ڪو مسئلو نہ آهي، پر اوهان اي سي ـ ٽو ڪيئن وڃي نڪتيون؟ ڪنهن چوڪريءَ کان رستو پڇي وٺو ها نہ؟"

"چوڪرين کان پڇيو هوم، پر هنن فرسٽ ييئر فول بڻائي اوڏانهن موڪلي ڇڏيو."

مون کان ٿوري ڪِل نڪري وئي هئي، مُرڪندي چيو هوم:

"وڏيون ڪي بدمعاش چوڪريون هيون...!؟"

"اوهان بہ ڪِلو ٿا نہ منهنجي بيوقوفيءَ تي...!؟"

"نہ نہ، ان ۾ بيوقوفيءَ جي ڪا ڳالهہ نہ آهي، مان تہ هنن جي بدمعاشيءَ تي ٿو ڪلان، توهان جي جاءِ تي ڪوبہ هجي ها، تہ اهو بہ ايئن ڪري ها."

"ها، پر مان بہ ٿوري بيوقوف آهيان."

"نہ نہ، اوهان پنهنجو پاڻ تي ڏوهہ نہ ڏيو. ۽ جي اهڙي ڳالهہ آهي، تہ پوءِ چوندا آهن، نہ تہ دنيا جو هر ماڻهو ٿورو يا گهڻو بيوقوف ضرور هوندو آهي!"

مون ڏٺو هو تہ تنهنجي مُرڪ جي هوا جو هلڪو جهُوٽو تنهنجي اُداس مُک جي مائونٽ ايوريسٽ کي ڇُهي ويو هو. مون ايڏي اُداسي تنهنجي چهري کانسواءِ ٻئي ڪنهن جي چهري تي ڪانہ ڏٺي هئي. تون ايڏي اُداس ڇو هئينءَ؟ ان جي مون کي تہ ڪا خبر ڪانہ هئي، پر مون ايترو ضرور ڄاتو پئي، تہ ان اُداسيءَ کي ختم مون کان ٽيڻو آهي. اسان پنڌ ڪندا هلي سينٽرل لائبريريءَ جي سامهون زيرو پوائنٽ جي پرسان پهتا هئاسين. تون دنيا جهان کان بي نياز ٿي مون سان هلي رهي هئينءَ. مون ڏٺو هو تہ ڪيتريون ئي اکيون اسان تي ٽِڪ ٻَڌي بيهي رهيون هيون. زيرو پوائنٽ کان هيٺ لهندي توکان پڇيو هوم:

"توهان مائينر سبجيڪٽ ڪهڙا ڪنيا آهن؟"

"اڃان تہ ڪا خبر ڪانہ ٿي پئي، تہ ڪهڙا ڪٽان...؟ اوهان ڪٽي ڇڏيا آهن؟"

"جي ها..."

"ڪهڙا...؟"

"سوشيالاجي ۽ جنرل هسٽري."

تون منهنجو جواب ٻُڌي سوچ ۾ پُڌي وئي هئينءَ! مون توکي چيو هو:

"اوهان بہ اهي ئي سبجيڪٽس کٹي ڇڏيوا!"

"هونهہ... انهن ۾ ڇا پڙهائيندا آهن؟"

"سوشيالاجيءَ ۾ مختلف سماجن ۾ اُنهن جي رهڻي ڪهڻي، ثقافت ۽ تهذيب وغيره پڙهائي، انهن جي ارتقا ۽ اوسر پڙهائيندا آهن، ۽ ٻيو اهو بہ پڙهائيندا آهن، تہ انسان جي سماج سان ڪهڙي نسبت هجڻ گهرجي وغيره. باقي جنرل هسٽريءَ ۾ بہ سيمسٽر ننڍي کنڊ ڏکڻ ايشيا جي تاريخ ۽ بہ سيمسٽر جديد يورپ جي تاريخ پڙهائيندا آهن."

"هونهہ..."

تون وري سوچ ۾ پُڏي وئي هئينءَ، اسان پنڌ ئي پنڌ گدامڙيءَ ۽ ايٿوپيائي وٽن جون قطارون پار ڪندا هلي "لَورز پوائنٽ" جي پرسان پهتا هئاسين. مون توکي پُڌايو هو:

"هن چوواڻي کي علامہ آءِ آءِ قاضي ۽ ايلسا قاضيءَ جي مزارن جي ڪري "لَورز پوائنٽ" چوندا آهن."

هڪ نظر لَورز پوائنٽ ۽ علامہ صاحب ۽ ايلسا قاضيءَ جي مزارن تي وڌي هيئي ۽ وري نظرون جهُڪائي هلڻ لڳي هئينءَ! لَورز پوائنٽ ڳاڙهن ۽ ڦِڪن گُلن سان سينگاري پئي هئي، پاڻ فاطمہ جناح گرلز جمنازيم واري پاسي لڙي پيا هئاسين. تون مسلسل خاموش هئينءَ! اهي ڪجهہ جملا بہ توسان مون ان ڪري شعوري طور ڳالهايا هئا، تہ جيئن توکي بوريت جو احساس نہ ٿئي. گرلز جمنازيم ۽ وي سي هائوس جي اڳيان ڪيترائي گُل ۽ ٻوٽا لڳل هئا. گلاب جي مهڪندڙ گُلن، چنبيليءَ جي وٽن ۽ رابيل جي خوشبوءِ ماحول کي معطر بڻايو بيٺي هئي. اسان اسٽاف بنگلا ۽ ٽيچرز هاسٽل پار ڪري گرلس هاسٽل جي اڳيان هلي بينا هئاسين. مون توکي پُڌايو هو:

"هن هاسٽل کان آرٽس فيڪلٽيءَ ۽ اولڊ ڪئمپس حيدرآباد لاءِ مفت يونيورسٽيءَ جون بسون هلنديون اٿوَ! توهان بہ جيڪڏهن چاهيو تہ بس ۾ چڙهي فيڪلٽي اچي سگهو ٿيون، پر هڪ ڳالهہ ياد رکجو ان پوائنٽ واري کان پڇجو ضرور، تہ بس ڪيڏانهن پئي وڃي؟ ايئن نہ ٿئي، جو توهان اولڊ ڪئمپس حيدرآباد وڃي نڪروا!"

مون کان مُرڪ ڇڏائجي وئي هئي، تون بہ مُرڪي پئي هئينءَ! پر تنهنجي اها مُرڪ تنهنجي سمنڊ جيڏي اُداسيءَ ۾ هڪ سپيءَ برابر بہ نہ هئي. تو چيو هو:

"توهان جي تمام گهڻي مهرباني...!"

"Welcome! You are always welcome."

"مان هاڻي هاسٽل ۾ اندر وڃان؟"

"ها ضرور!"

"چڱو سپاڻي گڏ!"

"ٺيڪ آهي، سپاڻي گڏ!"

توسان گڏجي گهمڻ ۽ ڳالهائڻ جي حد کان وڌ خوشي ٿي هيم. اهو ڏينهن ته بيحد خوشيءَ ۾ گذري ويو هو. پر رات گذرڻ جو نالو ئي نه پئي ورتو. خوشيءَ ننڊ ئي اُڏائي ڇڏي هئي. مان تو لاءِ ڪيتري ئي وقت تائين سوچيندو خواب ڏسندو ۽ مُسڪرائيندو رهيو هوس.

1.1

ان رات الاءِ ڪهڙي پهر ويڇي اڪ لڳي هئي. صبح جو سوير جهرڪين جي ڇُون ڇُون، ڪيرن جي ڪهُڪهُو گهُو ۽ ڪويل جي ڪُوڪُو جي گڏيل جلترنگ تي منهنجون اکيون کُليون هيون. جهرڪين، ڪيرن ۽ ڪويلن جي مڌر آوازن تي منهنجي مُک تي مُرڪ تري آئي هئي، ايئن پئي لڳم. جيئن آڪاڻي وقت ۾ بادشاهن ۽ شهزادن کي جاڳائڻ لاءِ دلڪش ساز وڄايا ويندا هئا، تيئن مون کي جاڳائڻ لاءِ به فطرت مڌر ساز وڄائڻ شروع ڪيا هئا. جنهن ڪري مان جاڳي پيو هوس. ٻاهر وِلهه لڳي پئي هئي، جيئن ئي ڪمري کان ٻاهر نڪتو هوس، تہ سخت سيءُ جسم ۾ ڦهڙندي محسوس ٿيو هو. جنهن ڪري ڪنبڻي وڻي وئي هيم. سڃيءَ ونگ جون بتيون ٻري رهيون هيون، تڪڙو تڪڙو واش روم ويڇي آئيني اڳيان بيٺو هوس، پنهنجي چهري تي نظر پوڻ سان مُرڪ نڪري وئي هيم. ۽ پنهنجو پاڻ سان ماڻو ڪندي چيو هوم:

"ڪالهه ڪان ڏاڍو خوش لڳو پيو آهين؟"

ڪجهه وقت تائين مُرڪندو رهيو هوس، پوءِ برش ۽ شيوَ ڪري، وهنجي سهنجي، پينٽ ۽ شرٽ تي ڪوٽ پائي فيڪلٽيءَ لاءِ نڪري پيو هوس. ٻاهر ٺڏي ٺڏي هوا گهُلي رهي هئي، جنهن سيءَ ۾ ويٽر واڌارو ڪري ڇڏيو هو. مون سوچيو هو تہ منهنجا ڳل، نڪ ۽ ڳَنَ سيءَ ۾ ڳاڙها ٿي ويا هوندا. جيئن آرٽس فيڪلٽيءَ جي مين گيٽ مان اندر داخل ٿيو هوس، تہ منهنجا قدم تڪڙا تڪڙا سنڌي شعبي ڏانهن کڄڻ لڳا هئا. جيئن جيئن پنهنجي شعبي جي ويجهو ٿي رهيو هوس، تيئن تيئن دل جو ڌڙڪو وڌي رهيو هو. مان جيئن ڪلاس روم ۾ داخل ٿيو هوس، تہ ڏٺو هوم، تون سيءَ ۾ ڏَڪي رهي هئينءَ! توکي اجرڪ اوڍيو پيو هو سچ تہ تون اجرڪ ۾ سنڌ لڳي رهي هئينءَ! بيحد خوبصورت ۽ پياري...! مون توکي سلام ڪندي چيو هو:

"گُڊ مارننگ سنڌيا!"

منهنجي واتان پنهنجو نالو ٻُڌي هڪ پل لاءِ ڇرڪي وئي هئينءَ! ۽ وڏي ڳيت ڏيڻ کانپوءِ هاڪار ۾ ڪنڌ ڏوٽيندي جواب ڏنو هيئي!

"مارننگ!"

ان وقت پنهنجن گهرن، ڪارن، پيارن ۽ اُداس نيٽن کي پهريون پيرو منهنجن نيٽن سان ملايو هيئي! جيڪي منهنجن نيٽن جي Save Memory ۾ هميشہ لاءِ محفوظ ٿي ويا هئا. اُن وقت زماني سان رهيل کهيل سڀ رنجشون ختم ٿيندي محسوس ٿيون هيم. دل چاهيو هو تہ نيٽن جي تعريف ۾ ڪيل سڄيءَ دنيا جي شاعري تنهنجن نيٽن کي ارپي ڇڏيان. سوچيو هوم: تنهنجا وشال، گهرا ۽ پيارا نيٽ اُداس هوندي ئي ايڏا حَسين ٿا لڳن، تون مُسڪرائيندينءَ، تہ ڪيئن لڳندا! بَلي! ڇا تہ حَسين نيٽ آهن...! خاموشي ٽوڙيندي توکان پڇيو هوم:

"اوهان ڪيئن آهيو؟"

آهستگيءَ سان وراٽيو هيئي!

"مان نيڪ آهيان... اوهان ٻُڌايو؟"

"مان بہ نيڪ آهيان."

"شڪر آهي."

تنهنجي ان مختصر جملي تي ڏاڍو پيار آيو هوم. سوچيو هوم، تہ تون مون کي پنهنجو ايترو عزيز ٿي سمجهين، جو منهنجي نيڪ هجڻ تي شڪر پئي ادا ڪرين. پڇيو هيئي:

"توهان کي منهنجي نالي جي خبر ڪيئن پئي؟"

مُرڪندي چيو هوم:

"توهان پاڻ ئي تہ تعارفي ڪلاس ۾ ٻُڌايو هو."

"ها...!"

توکان پڇيو هوم:

"توهان کي منهنجو نالو تہ ياد آهي نہ؟"

وراٽيو هيئي:

"منصور...!"

تنهنجي پياري آواز ۾ پنهنجو نالو ٻُڌي سوچ ۾ پئجي ويو هوس. جيتوڻيڪ نندپڻ کان ان ئي نالي سان سڏبو پئي آيس، پر اُن وقت ايئن لڳو هوم، جڻ تو وٽان مهنجو نالو اُچارڻ کانپوءِ ئي مون کي نالو مليو هجي! منهنجي چهري تي مُرڪ تري آئي هئي، مان ان ئي سوچ ۾ محو هوس، تہ پڇيو هيئي:

"توهان جو نالو منصور ئي آهي نہ؟"

"جي ها، بلڪل."

مون کان بي اختيار جواب نڪري ويو هو. پوءِ توکان مُرڪندي پڇيو هوم:

"اڄ توهان فيڪلٽي ڪيئن پهتيون؟"

"يونيورسٽي بس ۾ ڪالهہ توهان اهو ڏاڍو سُنو ڏَسُ ڏنو."

"اهو منهنجو فرض آهي، پر اڄ مون کي اوهان جي ڏاڍي ڳڻتي ٿي پئي هئي، تہ ڪٽي اوهان اولڊ ڪئمپس جي پوائنٽ ۾ چڙهي حيدرآباد نہ وڃي پهچو."

اها ڳالهہ ٻُڌي، اُداس مُرڪ مُرڪي ويئي هئينءَ ۽ سوچيندي چيو هيئي:

"ها...!"

مون پنهنجي موبائيل فون تي وقت ڏسندي، توکي چيو هو:

"هينئر سادا اٺ ٽا ٽيهن، پنهنجو پهريون انگريزي لازمي جو ڪلاس نَوَ لڳي ويهن منٽن تي ٽيندو جيڪڏهن اوهان کي خراب نہ لڳي، تہ هيٺ هلي چانهہ پي اچون؟"

هڪ لمحي لاءِ پنهنجون نظرون منهنجين نظرن سان ملائي، وري جهُڪائي ڇڏيون هيئي ۽ پنهنجو نوٽ بُڪ ۽ پرس کڻندي چيو هيئي:

"هلو..."

سچ تہ منهنجي اها آڇ قبولي، مون کي ڏاڍي خوشي ۽ مانُ بخشيو هيئي. پاڻ سنڌي شعبي جي ڪاريڊور مان ٽيندا، ڏاڪڻيون لهي، انگريزي شعبي جي ڪاريڊور مان گذري فيڪلٽيءَ جي مين گيٽ کان ٻاهر اچي نڪتا هئاسين. مون هڪ نظر آسمان ڏانهن سج کي ڏنو هو جيڪو مِلڪي زيرو بلب جيئن ٻري رهيو هو. پاڻ آرٽس فيڪلٽيءَ جي سامهون واري اُجڙيل پارڪ ۾ هلي ويٺا هئاسين، جتي جوڙن جي صورت ۾ ٻيا بہ ڪيترائي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ويٺا هئا. اسان کي ويهندو ڏسي، ڪينٽين تي ڪميشن تي ڪم ڪندڙ ڇوڪرا ڊوڙي اچي پهتا هئا، جن پرسان پهچندي ئي چوڙ شروع ڪيو هو:

"چانهہ، بسڪيٽ، سموسا، جوس..."

مون توڙانهن ڏسندي پڇيو هو:

"اوهان چانهہ سان گڏ ڇا کائيندیون؟"

انتهائي ڏيرج سان جواب ڏنو هيئي:

"ٻہ سموسا."

ٻن سموسن جو ٻُڌي هلڪي مُرڪ ڇڏائجي وئي هيم. سمجهي ويو هوس، تہ تون ناشتو نہ ڪري آئي آهين. مون ان ڇوڪري کي ٻن چانهين ۽ چئن سموسن جو آرڊر ڏنو هو. هو سموسا ۽ چانهيون کڻي ويو هو تہ چيوهيئي:

"مان ناشتو نہ ڪري آئي آهيان، سويرَ ئي بس ۾ چڙهي آيس."

مُرڪندي چيو هوم:

"سُنو ٿيو جو ناشتو نہ ڪيوَ! نہ تہ بس نڪري وڃيوَ ها! ۽ وري اوهان کي ساڳيو رڪشو ڪرڻو پوي ها."

تورڳو مُرڪندي ڪيو هو:

"هونهہ..."

مان ڏسي رهيو هوس، تہ تنهنجي چهري تي اُداسيءَ جو پاڇو جيئن جو تيئن پيل هو. مون کي دلي طور يقين هو تہ تنهنجي چهري تان اهو اُداسيءَ جو پاڇو تمام جلد هميشہ هميشہ لاءِ مون کان ئي لهڻو آهي. ڪينٽين تي ڪم ڪندڙ چوڪرو سموسا، چٽني ۽ چانهہ رکي ويو هو. مون توکي سموسو کائڻ لاءِ چيو هو.

"سموسو کڻ."

تون خاموشيءَ سان سموسو کڻي کائڻ لڳي هئينءَ، سموسا کائڻ کانپوءِ چانهہ پيئڻ شروع ڪئي هيئي. تنهنجي چانهہ مان سُپ پرڻ واري انداز موهي وڌو هوم. تون سُپ مان سُپ پري چانهہ پي رهي هئينءَ! جڏهن چانهہ پي پوري ڪئي هئي سين، تہ چوڪرو ٽانوَ کڻڻ ۽ پئسا ونڻ آيو هو. مون جيئن ئي کيسي ۾ هٿ وڌو هو تہ تو چيو هو:

"هن کي مان پئسا ڏيان؟"

"نہ، اڄ نہ. ڪنهن ٻئي پيري ڏجو."

ان باري ۾ وڌيڪ ڪجهہ نہ چيو هيئي. پاڻ جيئن اُٺڻ جي ڪئي هئي، تہ تو مون کي ڏسندي چيو هو:

"ڏسو! مون کي سموسو تہ لڳل نہ آهي؟"

اهو پهريون پيرو هو جو تو مون کي پاڻ کي ڏسڻ لاءِ چيو هو. مون تنهنجي چوٽ تي تنهنجن انتهائي پيارن چپن ڏانهن ڏٺو هو جن جي خوبصورت ڪُنڊن جي ٻاهران سموسي جو هلڪو ذرو لڳل هو. مون پنهنجي ساڄي چپن جي ٻاهرينءَ ڪُنڊ تي آڱر رکندي چيو هو:

"ها! هِن جڳهہ تي ٿورو لڳل اٿوَ!"

پنهنجي پرس مان ٻہ ٽشو پيپر ڪڍي، هڪ مون کي ڏنو هيئي. ٽشو پيپر سان پنهنجن چپن جون ڪُنڊون اُگهي، مون کي ڏسندي چيو هيئي:

"هاڻي ڏسو!"

"هاڻي ٺيڪ آهي."

سچ تہ تنهنجي ان نج نبار انداز تي ڏاڍو پيار آيو هوم. تون شهري ڇوڪرين جي جُڙتو نخرن کان بلڪل اٽڇاڻ هئينءَ. تون پنهنجي نج نبار انداز جي حُسن ۽ سادگيءَ جي ڪري سڀ کان الڳ هئينءَ. تون پنهنجي سياڻ ۽ لباس ۾ بہ ڏاڍي منفرد هئينءَ. تنهنجي ان خالص انداز تي تمام گهڻو ۽ وري وري پيار پئي آيو. پاڻ فيڪلٽيءَ طرف هلڻ لڳا هئاسين، هلندي چيو هيئي:

"توهان اڄ بہ مون کي هاسٽل ڇڏڻ هلجو."

تنهنجي ان جملي تي ايڏي خوشي ٿي هئي، جو مان ان خوشيءَ ۾ ٻُڏي ويو هوس. اظهار ڪيئن ڪريان ها، لفظ ئي نہ پئي مليا. ڪجهہ ساعتون مون وٽان جو ڪو جواب نہ آيو هو تہ چيو هيئي:

"جيڪڏهن توهان وٽ ٽائيم هجي ۽ توهان کي تڪليف نہ ٿئي تہ...!"

بي اختيار ڳالهائجي ويو هوم:

"مون وٽ ٽائيم ئي ٽائيم آهي، ۽ ان ۾ تڪليف جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟"

"چاهي جو اوهان خاموش ٿي ويا نہ؟"

"نہ نہ، اهو تہ مان اهو سوچي خوشيءَ ۾ خاموش ٿي ويس، تہ توهان مون کي ڪيڏو نہ مانُ بخشي رهيون آهيو."

"اڇا... مون سمجهيو تہ...!"

"نہ نہ، اهڙي ڪا ڳالهہ نہ آهي، اڄ کان اوهان مون کي ڪابہ ڳالهہ چوڻ ۾ ڪا هيڪ محسوس نہ ڪجو."

"مهرباني!"

تون ٽورو مُرڪي هئينءَ، پاڻ هلندا هلي فائين آرٽس شعبي جي آڊيٽوريم هال پهتا هئاسين، جتي انگريزي لازمي جو ڪلاس رکيل هو جنهن ۾ هڪ طرف ڇوڪريون، تہ ٻئي طرف ڇوڪرا ويٺل هئا. تون ڇوڪرين واري پاسي وڃي ويٺي هئينءَ. ڪجهہ ڇوڪريون توکي پاڪر ۽ چُميون پائي مليون هيون. مان ڇوڪرن واري پاسي وڃي ويٺو هوس، جن مان اسان کي گڏ ايندي ڏسي ڪِن ٽوڪ مان، ڪن ساڙ مان، تہ ڪن وري ايئن ئي مُرڪي پنهنجي جاگيرداراٽي سماج جي روايتن جي گهاٽي ۾ پيٽل ۽ پسمانده نفسيات جو اظهار پئي ڪيو. ڪلاس فيلوز کي سلام ڪري جيئن ئي سيٽ تي ويٺو هوس، تہ اسان واري ڪلاس فيلو ساجد منهنجي ڪن ۾ سرهاٽ ڪندي چيو هو:

"وڏن مزن ۾ آهين!"

جيئن ئي ڏانهس نهاريو هوم، تہ هن جي اکين ۾ خوشيءَ سان گڏ محرومي بہ نظر آئي هئي. سوچيو هوم جنهن سماج جي يونيورسٽين ۾ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي

ايئن الڳ الڳ پاسن ۾ ويهاريو ويندو هجي، ۽ لفظ ڳالهائڻ ۽ شڪ جي بنياد تي عورتن ۽ مردن کي ڪارو ڪاري ڪري ماريو ويندو هجي، ادارن ۾ سندن رسمي ڳالهائڻ کي ۽ وڏو عيب سمجهيو ويندو هجي. ان سماج جي نوجوان جي دل مان ڳلا ٻيو ڪهڙو ٿو اظهار نڪري سگهي! مون هن ڏانهن مرڪ سان ڏٺو هو ۽ دل ئي دل ۾ چيو هوم.

"تون بلڪل ٺيڪ ٿو چئين پيارا!"

ڪجهه منٽن ڪانپوءِ انگريزي مضمون جي استاد آئي هئي، جنهن بنا بريڪ انگريزيءَ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو هو. اڪثر شاگردن جا بنياد ڏاڍا ڪمزور هئا. ميبم پنجاهه منٽن جو ڪلاس پورو ڪري جيئن آڊيٽوريم مان نڪتي هئي، تہ سڀ شاگرد ۽ شاگردياڻيون ۽ باهر نڪري رهيا هئا. جن مان اڪثريت "جهڙا آيا جڳ ۾ تهڙا ويا موتي" واري ڪيٽيگريءَ جي هئي. تون منهنجي ويجهو آئي هئينءَ! ۽ مون کي چيو هيئي:

"مان ۽ مائينر سبجيڪٽ طور سوشيالاجي ۽ جنرل هسٽري ٿي ڪڍان."

مون خوشيءَ مان چيو هو:

"زبردست! هينئر سوشيالاجيءَ جو ڪلاس آهي، پوءِ هلو تہ سوشيالاجي ڊپارٽمينٽ هلون!"

"ها، هلو."

پاڻ سوشيالاجي ڊپارٽمينٽ هليا هئاسين. سيءُ ٿُڻي چڪو هو. پر ٽڏڙي ٽڏڙي هوا گهلي رهي هئي. اڪثر شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ڪوٽ، سويٽر ۽ جيڪيٽون وغيره اوڍيل هئا. ڪجهه منٽن ۾ هلي ڪلاس روم ۾ وينا هئاسين. ڪجهه ئي منٽن ۾ ڪلاس ۾ استاد صاحب اچي ويو هو. ڪلاس ۾ خاموشي ڇانئجي وئي هئي. هن ڪلاس ۾ ويٺل سيني شاگردن ۽ شاگردياڻين کي هڪ نظر ڏٺو هو ۽ تودانهن اشارو ڪندي چيو هئائين:

"She is new in the class."

ڪجهه شاگردن هڪ آواز ۾ چيو هو:

"Yes sir!"

هن توسان مخاطب ٿيندي چيو هو:

"Yes miss! What is your name?"

توتي جڙ برف اچي ڪري هئي. تنهنجي نڙيءَ مان الاءِ ڪيئن صفا آهستي آواز نڪتو هو:

"Sir! My name is Sindhia."

"Okey! I did hear your name; but come on the dice and introduce your self with all your fellows."

تون اُتي ڀائيس تي اچي نہ سگھي هئين! چُپ ٿي، ڪنڈ هيٺ ڪيون ويٺي هئينءَ. توکي سر هڪ دفعو وري سڏيو هو.

"Come on Sindhia! Be confident."

تون جھڙي ويٺي هئينءَ، تھڙي ئي ويٺي رهي هئينءَ. تنهنجي اها حالت ڏسي استاد چيو هو:

"Okey, she is Sindhia."

ان کان پوءِ هن سوشيالاجيءَ جي اهميت، افاديت ۽ دائري تي ڳالهايو هو. ڪلاس ختم ٿيڻ کانپوءِ مون توکي دلداري ڏيندي چيو هو:

"ڪا ڳالھ نہ آهي، توهان پريشان نہ ٿجو. ايئن ٿيندو رهندو آهي، ۽ پيو تہ ان ڪلاس ۾ سيني پنهنجو تعارف ڀائيس تي اچي ڪرايو هو."

توساڳيءَ آهستگيءَ مان چيو هو:

"ها..."

تون خاموش ٿي وئي هئينءَ! تنهنجي اها حالت ڏسي، مان بہ چُپ ٿي ويو هوس. ڪجھ منٽن کانپوءِ توکان پڇيو هوم:

"هاڻي ڇا پروگرام آهي؟"

"مون کي هاسٽل ڇڏي اچو."

"ٺيڪ آهي."

پاڻ آرٽس فيڪلٽيءَ جي پوئين دروازي کان ٻاهر نڪتا هئاسين. سڄي رستي ۾ تون چُپ هئينءَ، مان چُپ هوس. ڪويلون چُپ هيون، سڄي يونيورسٽي چُپ هئي، جامشوروءِ ۾ ان جو هر هڪ منظر چُپ لڳو پيو هو.

اسان روز ايئن ئي ملندا رهيا هئاسين. چانهيون پيئندا ۽ سموسا کائيندا رهيا هئاسين، گڏجي ڪلاس وٺندا رهيا هئاسين. مان توکي روز تنهنجي هاسٽل تائين ڇڏي ايندو هوس. ڏيڍ مهيني کان وڌيڪ وقت گذري چڪو هو. پر تنهنجي اُداسيءَ ۾ ڪا ڪمي نہ آئي هئي. فرق اهو پيو هو تہ تون مون کي گھٽو گھٽو تمام گھٽو ۽ ڪڌهن ڪڌهن تہ ديوانن جي حد تائين ڏسڻ لڳي هئينءَ. تنهنجا وشال، گھرا ۽ اُداس نيٺ ويتر اُداس ٿيڻ لڳا هئا. مان توکي هتان هُتان جون مزاحيہ ڳالهيون ٻُڌائي کِلائڻ چاهيندو هوس، پر تون رڳو مُسڪرائيندي هئينءَ. اهو بہ اُداس نيٺن سان. جيڪي مُسڪرائڻ وقت ويتر اُداس، گھرا، وشال، خوبصورت ۽ پيارا ٿي ويندا هئا. مون کي محسوس ٿيندو هو تنهنجي من ۾ ڪا وڏي ڳالھ ڏيل آهي، جيڪا تون مون

کي ٻڌائڻ چاهين ٿي، پر ٻڌائي نه ٿي سگهين: ۽ ان ڳالهه توکي ايترو اُداس ۽ بيچين ڪري ڇڏيو آهي. تون منهنجي معاملي ۾ ڏاڍي جذباتي ٿي وئي هئينءَ، اهو تنهنجن پيارن نيٽن ٻڌائي ڇڏيو هو جيڪي ڪجهه منٽن جي دوريءَ وقت ڏاڍا اتاولا، بيچين ۽ پريشان ٿي ويندا هئا. توکان ٿورو پر تي ٽيڙ تي روڪيندا هئا: ۽ ٿوري دير ڪرڙ تي جهيڙو ڪندا هئا. نيٽن کي پنهنجي الڳ زبان ٽيندي آهي، اهو مون تنهنجن نيٽن وٽان ئي ڄاتو هو. تون منهنجي ڏاڍو ويجهو ٿي وئي هئينءَ! ۽ گهٽو وقت گڏ رهڻ لڳي هئينءَ. ڪو دوست ملندو هو ته ٻ ٻيني رهندي هئينءَ. اي سي ٽو يا ٻئي ڪنهن ڊپارٽمينٽ ۾ ڪو ڪم هوندو هو ته گڏجي هلندي هئينءَ. هڪ ڏينهن موبائيل فون تي ڪال ڪري چيو هيئي:

"اڄ ڇنڇر آهي، ڪڏهن ڪڏهن ڇنڇر تي ڪينٽين بند هوندي آهي، اڪثر ڇوڪريون پاڻ رڌ پچاءُ ڪنديون آهن، ٻيون ويڃي سوسائٽيءَ مان وٺي يا ڪائي ايندیون آهن. توهان ستين وڃي تائين يا هاڻي منهنجي هاسٽل تي ايندا؟"

تو اهي سڀ جملا هڪ ئي ساهيءَ ۾ ڳالهايا هئا. چيو هومانءِ:

"ها، مان هاڻي ئي اچان ٿو."

"مهرباني."

مون پنهنجي موبائيل فون تي ٽائيم ڏٺو هو شام جا ڇهه ٽيا هئا، تڙ تڪڙ ۾ تيار ٿي ويو هوس. ٻاهر ٽڏيون هوائون گهلي رهيون هيون، ان ڪري پينٽ شرٽ تي ڪوٽ پائڻ سان گڏ مفلر به ويڙهي ڇڏيو هوم. هاسٽل جي مين گيٽ کان نڪري فزيولاجي ڊپارٽمينٽ کان ٽيندو زولاجي ڊپارٽمينٽ پهتو هوس، ته منهنجي موبائيل فون تي تنهنجو ايس. ايم. ايس آيو هو جنهن ۾ لکيو هيئي:

"گهٽن منٽن ۾ ٽا پهچو؟"

مون وراڻيو هو:

"ڏهن منٽن ۾."

"ٺيڪ آهي، مان به ڏهن منٽن ۾ مارئي هاسٽل جي مين گيٽ تي ٿي پهچان."

"ٺيڪ آهي."

موبائيل فون ڪوٽ جي کيسي ۾ رکي، ٻئي هٿ پينٽ جي کيسن ۾ وجهي ڇڏيا هيم ۽ تڪڙو تڪڙو مارئي هاسٽل ڏانهن وڌڻ لڳو هوس. جيئن ئي مين گيٽ جي اڳيان پهچڻ وارو ٿيو هوس، ته توکي مِسڊ ڪال ڏني هيم. تون گيٽ کان ٻاهر نڪري آئي هئينءَ! مون توکي سلام ڪندي چيو هو:

"گُڊ ايوننگ!"

تو بہ مُرڪي چيو هو:
"گُڊ ايوننگ!"
"ڪيئن آهيو؟"
"ٺيڪ آهيان."
"شڪر آهي."
منهنجي واتان شڪر آهي جا لفظ ٻُڌي مُرڪي پئي هئينءَ. مُرڪندي پڇيو هيئي:
"اوهان ڪيئن آهيو؟"
"ٺيڪ آهيان."
"شڪر آهي."
تنهنجي "شڪر آهي" چوڻ سان ٻئي ڪِلي پيا هئاسين، پر تنهنجي ان ڪِل تي بہ اُداسيءَ جا ڪيئي پردا پيل هئا. تو پڇيو هو:
"هلون؟"
"ڪيڏانهن؟"
"سوسائٽي"
"ها، هلو."
تون هڪ اڏوراٽي جيڪٽ جي مٿان تيز سرمائي رنگ جي لوئي اوڍي آئي هئينءَ! اسان وائيس چانسلر روڊ جي فٽ پاٿ تي هلڻ لڳا هئاسين. تنهنجون نظرون حسبِ معمول هيٺ هيون. پنڌ ڪندي تون هڪ ساهيءَ ۾ ڳالهائي وئي هئينءَ.
"هاڻي ڏسو! توهان کي اڄ مون گهرايو آهي، ان ڪري پاڻ جيڪا ماني کائينداسين، ان جا پئسا مان پريندیس."
تنهنجي اها ڳالهہ ٻُڌي ڪِلي پيو هوس، ۽ توکي ڪِلندي چيو هوم:
"ٺيڪ آهي، توهان ئي پرجو بس!"
تون خوش ٿي وئي هئينءَ! تنهنجين وِڪن ۾ تيزي اچي وئي هئي. مون سوچيو پئي، جن ڳالهين کي مجائڻ جي لاءِ عاشق محبوبائن کي ايلاز ڪندا آهن، تڏهن ويچي ڪن جا عرض آگهبا آهن، تہ ڪن جا نہ، پر تون عجيب ملنگ انسان آهين، جو هر ڳالهہ جي شروعات پاڻ ئي ڪري رهي آهين. پاڻ پنڌ ڪندا سوسائٽيءَ جي پهرين بار بي ڪيو اڳيان هلي بيٺا هئاسين. اسان کي ڏسندي ئي چوڪرو ہ پلاسٽڪ جون ڪرسيون کٽي آيو هو. پاڻ ڪرسين تي ويٺا هئاسين، تہ هو ڊوڙندو ويو هو ۽ ٽيبل کٽي آيو هو. هن احترام مان پڇيو هو:
"جي سائين! چا کائيندا؟ چِڪن ڪڙهائي آهي، مٽن ڪڙهائي آهي، دال فرائي آهي، انڊو قيمو آهي، پيندڙيون ٽرائي آهن، چانهہ آهي ۽ بوتلون آهن."

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

مون توڏانهن ڏٺو هو بنا سوچڻ جي چيو هيئي:
"چڪن ڪڙهائي ٿا کائون."
مون توسان مُرڪي هاڪار ۾ ڪنڈ ڏوٽيو هو. ۽ هن پورهيت چوڪري کي چيو هوم:
"پيارا! توهان اسان لاءِ چڪن ڪڙهائيءَ جو هڪ پيس ٺهرائي اچو."
"ٺيڪ آهي سائين!"
پورهيت چوڪرو آرڊر وٺي هليو ويو هو. اُداسي توکي چهٽي پئي هئي. تون مُرڪندي به اُداس هئينءَ! تنهنجا اُداس نيٽ مون کي پوري گهرائيءَ سان ڏسڻ لڳا هئا. تنهنجي گهرن نيٽن ۾ مون کي تنهنجي گهرن نيٽن جيترو پيار نظر اچڻ لڳو هو. مون کي محسوس ٿيندو هو. جڏ تنهنجا نيٽ مون کي چئي رهيا هجن، تہ تون مون سان ڏاڍو پيار ڪندي آهين، پر پنهنجي زبان سان ان جو اظهار ڪندي الاءِ چو ڏچين ٿي. اهو محسوس ڪندي مون توکي چيو هو:
"ٻڌو!"
"هونهہ...!"
"توهان هڪ سُٺي دوست هجڻ جي ناتي، مون کي بيحد عزيز ۽ پياريون آهيو. ان ڪري توهان مون سان هر اها ڳالهہ شيئر ڪري سگهو ٿيون، جيڪا هڪ سُٺي دوست کي پنهنجي دوست سان ڪرڻ گهرجي."
اهو ٻڌڻ سان تنهنجي چهري تي خوشيءَ جا ياوَ اُپري آيا هئا. تون سوچ ۾ هلي وئي هئينءَ ۽ تنهنجي واتان رڳو هڪ ئي لفظ نڪتو هو:
"ها..."
"ڪابہ ڳالهہ جيڪا بظاهر ڪيڏي بہ ناگوار لڳندڙ هجي، اها بہ اوهان مون کي چئي سگهو ٿيون. مان ان تي بہ بلڪل مائينڈ نہ ڪندس."
تون وري ڪجهہ مُرڪي پئي هئينءَ ۽ پنهنجن پيارن نيٽن کي منهنجن نيٽن سان ملائيندي چيو هيئي:
"ها... بلڪل!"
مون محسوس ڪيو هو تنهنجي مٿان جڏ ڪا چپ پئي هئي، جيڪا ان جملي ٻڌڻ سان توتان لٿي هجي. تون پُرسڪون ٿيندي نظر اچي رهي هئينءَ. ڪجهہ منٽن ڪانپوءِ پورهيت چوڪرو چڪن ڪڙهائيءَ جو ٻوڙ ۽ مانيون ڪٽي آيو هو. اسان ماني ڪائي اُٿيا هئاسين، تو پرس مان پئسا ڪڍي بل ۽ ٽپ ڏني هئي. واپسيءَ ۾ مون محسوس ڪيو هو تنهنجي هلٽيءَ ۾ ڪجهہ خود اعتمادي اچي وئي هئي، تنهنجون اکيون ڪجهہ مٽي ٿي ويون هيون. ڪجهہ حد تائين تنهنجو ڪنڈ اوچو ٿي ويو هو

تون ڏاڍي خوش هئينءَ، تنهنجي اها خوشي تنهنجي چهري مان ئي ٻَکي رهي هئي. تنهنجي ان خوشيءَ مون کي بيحد خوشي عطا ڪئي هئي. اسان پنڌ ڪندا جڏهن مرزا قليچ بيگ پارڪ جي پرسان پهتا هئاسين، تہ پڇيو هيئي:

"ٽائيم ڇا ٿيو آهي؟"

"ست لڳي چاليهہ منٽ ٿيا آهن."

"هونهہ... معنيٰ پاڻ وٽ ايجان ويهہ منٽ پيا آهن."

"ها، گيٽ آئين وڳي بند ٿيندي آهي نہ؟"

"ها."

لان ۾ لڳل ٽُنڊل بينچ تي هلي وينا هئاسين. تون مون کي ڏسندي وري اُداس ٿي وئي هئينءَ، ۽ ڏسندي ڏسندي پڇيو هيئي:

"رات جو هاسٽل تي ڏاڍي بور ٿيندي آهيان، جيڪڏهن توهان وٽ ٽائيم هجي، تہ رات جو ڏهين وڳي، توهان جي هاسٽل واري پي ٽي سي ايل نمبر تي فون ڪريان."

"اوهان، بلڪل ڪال ڪجو مون وٽ ٽائيم ئي ٽائيم آهي. مان ڪهڙو وائيس چانسلر آهيان، جو مون وٽ ٽائيم نہ هوندو؟"

مُرڪي پئي هئينءَ، مُرڪندي چيو هيئي:

"مهرباني!"

تو مون جهڙي ماڻهوءَ ۾ اهڙو الاءِ ڇا ڏٺو هو جو ڏينهون ڏينهن منهنجي ويجهو ٿي رهي هئينءَ! مان جيڪو ظاهري طور نہ تہ ڪو حُسن پرور شخص هوس، نہ ئي مون وٽ کي دولت جا خزانا هئا، ۽ نہ ئي ڪو عقل جو اڪابر هوس! نہ ڄاڻان ڪهڙي سبب جي ڪري توکي وٽي ويو هوس. مون موبائيل فون تي ٽائيم ڏٺو هو. ست لڳي پنجونجاهہ منٽ ٿيا هئا. اسان بينچ تان اُٿي هلي گيٽ جي پرسان بينا هئاسين. تون مون کي گهوري ڏسڻ لڳي هئينءَ! مون توکي ياد ڏياريو هو:

"پورا آٺ ٿيا آهن، هاڻي توهان اندر وڃو."

"ها... چڱو گُڊ باءِ!"

"گُڊ باءِ."

"ڏهين وڳي پي ٽي سي ايل نمبر تي منهنجي ڪال جو انتظار ڪجو."

"ضرور انتظار ڪندس."

تون هاسٽل اندر هلي وئي هئينءَ! ۽ مان خمارن ئي خمارن ۾ پنهنجي هاسٽل ڏانهن موٽي رهيو هوس. مان ڏاڍو خوش هوس. سڄو ڄامشورو خوش پئي لڳو. ڄامشوري جون هوائون خوش هيون، وڻ خوش هئا، رابيلن ۽ رات جي راڻيءَ جي خوشبوءَ ٻڌايو پئي، تہ اهي بہ خوش آهن. يونيورسٽيءَ جا رود، رستا، عمارتون ۽ ٽيوب

لائيٽون بہ خوش ٿئي لڳيون، سڀ ماڻهو پکي پکڙ ۾ سڄي فطرت خوش ٿئي لڳا. ويهن منٽن جو پنڌ هو جيڪو خوشي خوشيءَ ۾ اَڻن ڏٺهن منٽن ۾ ٽي ويو هو. خوشيءَ جي هر گهڙيءَ ڏاڍي تيز ٽيندي آهي. ڪمري جي در کي لڳل تالو کولي ڪمري ۾ داخل ٿيو هوس. ٽيوب لائيٽون ٻاري آئيني اڳيان بيٺو هوس. ڏٺو هوم، ته منهنجا ڳل ۾ سڄو منهن ڀهڪي رهيا هئا. خوشي منهنجي چهري مان ٻَکي رهي هئي، بوٽ ۾ جوراب لاهي واشروم مان پير ڌوئي وڃي ڪٽ تي آهلي پيو هوس. مون پنهنجو پاڻ کي خمارن جي سُرور ۾ چڏي ڏنو هو. تنهنجا اُداس، پر مُرڪندڙ نيٽ، اُيريل ڳل، سنها ۾ سهٽا چپ، پياري ڪاڏي ۾ ڪارن وارن جي چڱ منهنجي نيٽن جي اڳيان هئا. اڄ لڳم ٿئي جيڏا انسان خوبصورت آهن، سندن حُسن ٻيٽڙ لاءِ ايڏا خوبصورت لفظ ٺهيا ئي ڪٿي آهن! ٻلا مان تنهنجن نيٽن جي خوبصورتي بيان ڪرڻ لاءِ لفظ ڪٿان آڻيان ها؟ دنيا جا خوبصورت ترين لفظ بہ مون کي تنهنجن نيٽن جي خوبصورتي بيان ڪرڻ لاءِ ناڪافي ٿيا لڳا. سوچيم ٿئي دنيا جي ٻولين ۾ ايجان اهڙا لفظ ايجاد ئي نہ ٿيا آهن، جيڪي تنهنجي حُسن جي جائز نموني عڪاسي ڪري سگهن. تون ايڏي حَسين آهين، جو قدرت کان اتفاق سان ٺهي وئي هوندينءَ! تنهنجي ايڏي حَسين هجڻ تي قدرت پاڻ بہ ڪيتري وقت تائين حيران ٿي سوچيندي رهي هوندي، ته "مارِ! چا تہ حَسين ڇوڪري خلقجي وئي آهي..."

واقعي تون ڏاڍي حَسين ۾ بيحد پياري آهين. ان شام تنهنجي باري ۾ سوچيندو ۾ خمارن ۾ الوٽ ٽيندو رهيو هوس. سادي نائين وڳي ڪٽ تان اُٿي، ريڊنگ ٽيبل تان هڪ ڪتاب "ڏيئا ڏيئا لات اسان" کڻي رسيپشن ڏانهن ويو هوس. رسيپشن واري روم ۾ ڪرسيءَ تي ويهي ڪتاب جي شاعري پڙهڻ شروع ڪئي هيم. پوري ڏهين وڳي پي ٽي سي ايل فون جي گهنٽي وڳي هئي. مون کان لاشعوري طور نڪري ويو هو:

"اها منهنجي فون آهي."

مون کي اتاولو ٽيندي ڏسي رسيپشنسٽ مُرڪي پيو هو. مون رسيور ڪن تي رکندي چيو هو:

"هيلو!"

پريان فون تي تون ئي هئينءَ! تنهنجو آواز آيو هو:

"هيلو! توهان منصور ئي پيا ڳالهايو نہ؟"

"جي ها! مان منصور ئي پيو ڳالهايان. اوهان ڪيئن آهيو؟"

"مان ٺيڪ آهيان."

"شڪر آهي."

ٻئي ڪِلي پيا هئاسين، تو پڇيو هو:

"ڇا پئي ڳيوَ؟ مصروف ته نه هيؤ؟"
"نه نه مصروف نه هوس، ايئن ئي شاعريءَ جو هڪ ڪتاب پئي پڙهيم."
"ڪتاب جو نالو ڇا آهي؟"
"ڏيئا ڏيئا لات اسان."
"جنهن جو مهاڳ شيخ ايازلکيو آهي؟"
"ها، اهو ڪتاب."
"ٻڌو آهي، ته ڏاڍو سُٺو ڪتاب آهي."
"ها! واقعي ڏاڍو سُٺو ڪتاب آهي."
"ٻڌو آهي، ان ڪتاب جي شاعريءَ کان وڌ، ڪتاب جو مهاڳ مشهور ٿيو آهي؟"
"ايئن به آهي؛ پر شاعري به ڏاڍي سُٺي اتس."
"اڇا؟ پلا پوءِ ٻڌايو ڪجهه شاعري!"
تون فون تي وڌيڪ ڪُليءَ دل سان ڳالهائي رهي هئينءَ، مون توکي چيو هو:
"هن ڪتاب ۾ سنڌي شاعريءَ جي هڪ پختي شاعر حسن درس جي به شاعري شامل آهي. هن جو هڪ نظم مون کي ڏاڍو وڻيو آهي، اهو ٿو ٻڌايانءَ."
"ٺيڪ آهي، ٻڌايو."
"نظم جو عنوان آهي، ڪِل جهڙا پيار پنهنجا."
"ٺيڪ آهي، ٻڌايو."
مون توکي نظم ٻڌائڻ شروع ڪيو هو:
"ڪِل جهڙا پيار پنهنجا،
هار ڇڻ ٻيئي اسين،
گفتگو ۾ گڏ آهيون،
هڪٻئي جو سڏ آهيون،
پوءِ به ايئن لڳي ٿو جانان
ڏار ڇڻ ٻيئي اسين،
ڪِل جهڙا پيار پنهنجا،
هار ڇڻ ٻيئي اسين."
توکان ان نظم جي تعريف ۾ بي اختيار داد نڪتو هو. تو چيو هو:
"واهه واهه، ڏاڍو زبردست! وري پڙهجو."
مون مٿيون حصو وري پڙهيو هو جنهن کي تون وڏيءَ سنجيدگيءَ سان ٻُڌي رهي هئينءَ. مون محسوس ڪيو هو توتي وري اُداسيءَ جو حملو ٿيو آهي، اهو نظم جو حصو پڙهي، توکان پڇيو هوم:

"سنڌيا! اوهان ٻڌو پيا نہ؟"

"ها... اوهان سڀ نظم پڙهي ٻڌايو."

تنهنجي آواز ۾ درد جون ڪيفيتون واضح هيون. تون اهو نظم جو ٽُڪرو ٻڌي شايد سوچي رهي هئينءَ تہ پاڻ روز ملون ٿا، گڏجي گهمون ٿا، چانهيون پيئون ۽ سموسا کائون ٿا، گڏجي ڪلاس وٺون ٿا، هڪٻئي جو خيال رکون ٿا، هڪٻئي سان گڏ بہ آهيون، پر پوءِ بہ ايئن ٿو لڳي جڙ ٻئي ڌار هجون، ۽ پاڻ ۾ هجون، جن جا پيار بہ ۾ اڌاڻا ۽ ڪِل جهڙا هجن. مون توکي نظم جو ٻيو حصو ٻڌائڻ شروع ڪيو هو:

"نوجوانيءَ ۾ ور چاڙيو
پاڻ هڪٻئي کي نہ ماڙيو
انب هڪڙي جا ٻَڳل
ڌار جڙ ٻيئي اسين،
ڪِل جهڙا پيار پنهنجا،
ٻار جڙ ٻيئي اسين."

پَريان تو وڌي ساهہ کڻڻ ۽ ڳيت ڏيڻ کانپوءِ چيو هو:

"واهہ...! واهہ واهہ...!"

مون نظم جو آخري حصو ٻڌائڻ شروع ڪيو هو:

"جيت هڪ ٻئي جي هٿان،
ڪين ٿي ڪنهن جي مٿان،
اوچتو محسوس ڪيوسين،
هار جڙ ٻيئي اسين،
ڪِل جهڙا پيار پنهنجا،
ٻار جڙ ٻيئي اسين."

نظم جو آخري حصو بہ ٻڌي تو واهہ واهہ ڪئي هئي؛ ۽ پوءِ سوچ جي سمنڊ ۾ ٻُڏي وئي هئينءَ. ڪيتري ئي وقت تائين پاڻ هڪٻئي جي وڻن ساهن جا آواز ٻُڌندا رهيا هئاسين ۽ ان ڪيفيت ۾ ٻُڏل رهيا هئاسين. پوءِ مون مڙئي هِتان هُتان جون ڳالهيون ڪري، سومر ڏينهن صبح جو ملڻ جو چئي فون رکي هئي. ٻاهر نڪري مون آسمان ڏانهن ڏٺو هو. جنهن ۾ ستارن ۽ ڳتين جون ڪهڪشائون جڳ مڳ جڳ مڳ جرڪي رهيون هيون.

1.2

سومر ڏينهن جهرڪين، ڇيرن ۾ ڪوئلن جي هولڙ تي اک ڪُلي هيمر. هنن جي اهڙي مڏر هولڙ تي مون کي مٿن ڏاڍو پيار پئي آيو. اک ڪُلڻ کانپوءِ به ڪمبل ۾ سُتي تنهنجي باري ۾ ئي سوچي رهيو هوس. مون واري موبائيل فون ستين وڳي جو الارم وڄائڻ شروع ڪيو هو. ان کي بند ڪري پاڻ کي چيو هوم:

"هل شهزادا! تنهنجي خوابن جي راڻي اڇڙ واري هوندئي."

مان تڙ تڪڙ ۾ تيار ٿي روم تان نڪتو هوس، ته موبائيل فون تي تنهنجي ڪال آئي هئي. جيئن فون اٽينڈ ڪري هيلو ڪيو هوم، ته پريان اُجري صبح جهڙو تنهنجو آواز آيو هو:

"هيلو! گُڊ مارننگ"

"گُڊ مارننگ"

"ڪيمپس اچو ٿا؟"

"ها! روم تان نڪري چڪو آهيان."

"ٽورو جلدي اچو مان ٻاهر بيٺي آهيانوَ"

مون کان حيرانگيءَ مان نڪري ويو هو:

"ٻاهر ڪٿي؟"

"بوائز هاسٽل جي مين گيٽ تي."

منهنجي حيرانگيءَ جي ڪا حد نه رهي هئي.

"Really!?"

"Really! But come quickly."

"I will reach in a minute."

"Okay."

فون رکڻ کانپوءِ مون دل ۾ چيو هو:
"تون واقعي به ڏاڍي چريِ چوڪري آهين."
مان وچ ۾ طوفان جي رفتار سان اچي بوائز هاسٽل جي مين گيٽ تي پهتو هوس. تون هلڪي گلابي رنگ جي ڪپڙن ۾ سونهري رنگ جي ڪوٽ جي مٿان اجرڪ اوڍي بيٺي هئينءَ. بوائز هاسٽل مان شاگردن جا نڪرندڙ لشڪر توکي ڏسندا، پنهنجي جاگيرداراڻي سوچ جو گند اُڇلائيندا اڳتي وڌندا پئي ويا. هنن ڏانهن تنهنجو ذرو به ڌيان نه هو. تون هڪ ڪنڌ ۾ ڪنڌ هيٺ ڪيو بيٺي هئينءَ. تنهنجي اڳيان اچي توکي سلام ڪيو هوم.
"گُڊ مارننگ!"
ڪنڌ مٿي کڻي هڪ نظر ڏسڻ کانپوءِ جواب ڏنو هيئي:
"گُڊ مارننگ"
"مون کي هتي پهچندي دير ته نه ٿي؟"
"صفا به نه"
تنهنجي پيارن نيٽن ۾ ڏسندي ۾ لفظن تي ٿورو زور ڏيندي چيو هوم:
"شڪر آهي."
تون مُرڪي پئي هئينءَ، چيو هيئي:
"اڄ جيئن ئي بس فزيالاجي ڊپارٽمينٽ پهتي، ته مون کي محسوس ٿيو ته اوهان روم تان نڪري رهيا آهيو. ان ڪري هتي لهي پيم. غلط ته نه ڪيم نه؟"
"اهو ته اوهان ڏاڍو زبردست ڪم ڪيو جو پنهنجي دل جو چوڻ مڃي هتي لهي پيون ۾ مان به فيڪلٽيءَ تائين اڪيلو اڇڻ کان بچي ويم."
منهنجي ان جواب تي تون مُرڪي پئي هئينءَ. پاڻ جيالاجي ۾ باقي ڊپارٽمينٽ واري رستي کان ٿيندا، آرٽس فيڪلٽيءَ ڏانهن وڌڻ لڳا هئاسين. مان دلي طور ڏاڍو خوش ٿيو هوس، جو تون مون کي محسوس ڪرڻ لڳي هئينءَ؛ ۾ جهڙيءَ ريت تو اچي بوائز هاسٽل جي مين گيٽ اڳيان منهنجو انتظار پئي ڪيو ان تي حيران به ٿيو هوس. تون واقعي به ڏاڍي عجيب چوڪري هئينءَ. توکي دنيا جهان جي ڪا پرواهه نه هئي. هن جاگيرداراڻي ۾ پدرشاهاڻي سماج ۾ جتي ماڻهن جو ذهن، ضمير ۾ روح قيدي هجن، اتي تنهنجا اهڙا جرئتمنداڻا قدم واقعي حيران ڪندڙ هئا. تون هن مُردار سماج جي هر فرسوده قدم جي خوبصورت نفي هئينءَ! رستي ۾ توکان پڇيو هوم:
"ڪالهوڪو ڏينهن ڪيئن گذريو؟"
"ڏاڍو بورنگ"

"منهنجو ٻ... اڇڪلهه آڇر منهنجو غير پسنديده ترين ڏينهن ٿي ويو آهي، ڪالهه ان ڏينهن تي ڏاڍي ڪاوڙ پئي آيم."

تو مُرڪي پڇيو هو:

"ڇو...!؟"

"هاڻي جيئن ته اهو منهنجو غير پسنديده ترين ڏينهن ٿي ويو آهي، ان ڪري ان جا سبب ٻ ڪيترائي نظر اچڻ لڳا آهن."

"اڇا... پلا ڪي هڪ ٻ ٻڌايو!"

"ڏسو نہ! اسان اڳ ۾ ئي سُست ماڻهو هونئن ئي ڪم ڪار گهٽ ڪريون. مٿان وري سال جا ٻاونجاهه ڏينهن صفا نڪمائيءَ ۾ ٿا وڃائي ڇڏيون."

منهنجي ان ڳالهه تي طنزيه مُرڪندي چيو هيئي:

"ماڻهو ويچارا هفتي جا ڇهه ڏينهن ڪم ٿا ڪن، اوهان هنن کي هڪ ڏينهن ٻ آرام ڪرڻ لاءِ نہ ڏيندا؟"

"جيڪو اسان ڇهه ڏينهن ڪم ٿا ڪريون، اهو ٻ دنيا ٿي ڏسي، توهان ڏسو هاري ۽ مزدور ڪا موڪل ڪن ٿا؟ هو ٻارنهن ئي مهينا چوويهه ئي ڪلاڪ ڪم سان لڳا پيا آهن."

منهنجي اها ڳالهه ٻڌي، ٿورو پيار واري شوخيءَ سان مُرڪندي ڪيو هيئي:

"هونهه..."

مون وڌيڪ ڳالهائڻ شروع ڪيو هو:

"توهان ئي ٻڌايو ته هي صاحب آخر آڇر ڏينهن گهر ۾ ويهي ڇا ڪندا هوندا؟ ٻ چنبا ٻارن کي، پنج دڙڪا زالن کي، عام ڏينهن کان ڪجهه وڌيڪ گلا ٻيو ڇا؟"

"ها ها ها..."

منهنجون اهي ڳالهيون ٻڌي پهريون پيرو ٿهڪن ۾ ٻڌي وئي هئينءَ! تنهنجن ٿهڪن جا آواز خوشين جي دهلن، شرنائين ۽ هو جمالي جي پڙاڏن جيئن لڳا هئا. ڪِلندي پڇيو هيئي:

"Are you serious!"

"No yaar! I am kidding!"

"مان ٻ چوان، ته اوهان جهڙو ماڻهو ايئن ڪيئن ٿو چئي سگهي؟"

"مون مذاق پئي ڪئي. مان ڄاڻان ٿو ته ملين، ڪارخانن، دڪانن ۽ آفيسن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن لاءِ هفتي ۾ هڪ ڏينهن موڪل ناڪافي آهي. اهو ڏينهن ٻ هنن کي گهرو ڪم ڇڏائيندي ۽ ٻيا خفا لاهيندي گذري وڃي ٿو. هو ويچارا ڪهڙو ويهي ان موڪل کي انجواءِ ڪندا هوندا."

"هونھ... You are right"

دل ۾ چيو هوم. هي تہ پنھنجي نہ ملڻ جي ڪري آچر واري ڏينھن تي چوھہ چنڊيم. نہ تہ ڏينھن ۽ تاريخن تي گھٽ ۾ گھٽ مان يقين ڪونہ رکندو آھيان. پاڻ پنڌ ڪندا ھلي آرٽس فيڪلٽيءَ جي سامھون واري پارڪ ۾ ويٺا ھئاسين ۽ چانھہ ۽ سموسن سان ناشتو ڪري ڪلاس وڻڻ ھليا ھئاسين.

ان ڏينھن ڪانپوءِ تون روز بس مان فزيالاجي ڊپارٽمينٽ لھندي ھئينءَ، جتان گڏجي آرٽس فيڪلٽي ھلندا ھئاسين؛ ۽ شام جو مارئي ھاسٽل جي سامھون واري مرزا قليچ بيگ پارڪ ۾ ملندا ھئاسين. ڏينھن مٽيا ھئا، موسمون مٽيون ھيون، پنھنجي دوستي بہ پيار ۾ مٽجي رھي ھئي، باک وڏيڪ اجري ۽ شام جي مک تي شفق وڏيڪ چائنجي رھي ھئي. پنھنجين ڪيفيتن جا رنگ بہ مٽجي گلابي ٿي رھيا ھئا، چا چا نہ مٽجي رھيو ھو. پر نہ مٽيو ھو تہ رڳو تنھنجي اداسيءَ جو ڦڪو رنگ ئي نہ مٽيو ھو. جنھن منھنجي اندر جي گلابي رنگ کي بہ ڦڪو ڪري ڇڏيو ھو.

1.3

فيبروري مهينو شروع ٿي چڪو هو. ويلنٽائن ڊي جي حوالي کان ڪيتريون ئي دلچسپ ڳالهيون ٻڌجي رهيون هيون. ان ڏينهن ڪيتريون ئي پيار ڪندڙ دليون هڪ ٻئي سان پيار جو اظهار ڪري هڪ ٿي ويندیون آهن. مونکي يقين هو ته تون مونسان ان ڏينهن تي پنهنجي پيار جو اظهار ڪندينءَ. دل ته منهنجي به ڏاڍي چوندي هئي، پر الاءِ ڇو توسان پنهنجي پيار جي اظهار ڪرڻ جي جرئت نه ٿيندي هئي. ان ڏينهن ٻه پاڻ گهٽو وقت گڏ رهڻ لڳا هئاسين. ٻارهن ٻارهن ڪلاڪ جڻ ٻارهن منٽن ۾ گذري ويندا هئا. تون رات جو روز فون به ڪندي هئينءَ! جڏهن پاڻ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي پوليين جي سامهون فاطمه جناح گرلز جمنازيم جي پٺيان هلي ويهندا هئاسين، ته تون مونکي ديوانن وانگي ڏسندي هئينءَ. ان وقت تنهنجي اداسي ويتر گهري ٿي ويندي هئي. جيتوڻيڪ تنهنجو پيار تنهنجي نيٽن مان ئي ظاهر هوءِ جي مان توسان پنهنجي پيار جو اظهار ڪيان ها، ته تون مونکي پاڪر پائي چنبڙي پئين ها، پر الاءِ ڇو مونکي ڊپ ٿيندو هو ته متان تون مونکي ايئن ئي ڏسندي هجين، ۽ منهنجي اها ڳالهه ٻڌي ناراض نه ٿي پئين. مان توکي پنهنجي دل جي ڳالهه ته نه ٻڌائي سگهيو هوس، پر توکي تنهنجي ان اظهار لاءِ سدائين همٿائيندو هوس. تون جڏهن ديوانن وانگي مونکي ڏسندي هئينءَ، ته ڪجهه وقت کان پوءِ توکي چوندو هوس:

"توهان کي مونکي ڪجهه به چوٽو هجي، ته چئي ڇڏجو جيڪڏهن ڪيڏي به وڏي ۽ خراب ڳالهه به هوندي ته مان هرگز مائينڊ نه ڪندس."

تون ٻڏل سوچ ۾ ويتر ٻڏي ويندي هئينءَ، ۽ آهستگيءَ مان چوندي هئين:

"ها...!"

تيرهين فيبروريءَ تي تون ڏاڍو اداس هئينءَ. تنهنجي ان اداسيءَ مونکي وڌي ڇڏيو هو. مونکان رهيو نه ٿيو هو بيچنيءَ ۽ پريشانيءَ مان توکان پڇي ويٺو هوس:

"چو اڄ توهان ڏاڍيون اداس پيون نظر اچو خير ته آهي؟"
وڏو ساهه ڪڍندي چيو هيئي:
"ها خير آهي."
"ته پوءِ ايڏو اداس چو آهيو!؟"
"ايئن ئي امان وارا ياد ٿا اچن."
"اڇا...فون تي ڳالهائيندا ڪيو نہ"
"ها..."

تون اصل ڳالهه ٻڌائڻ کان نٿائي وئي هئينءَ. تون اهو سڄو ڏينهن مونکي ڏسندي ۽ وڏا ساهه ڪڍندي گذاريو هو. توکان اڻين وڃي موڪلائي پنهنجي هاسٽل آيو هوس. ڏهين وڃي ايس ايم ايس ڪيو هيئي ته تون مونکي ٻارهين وڃي موبائيل فون تي ڪال ڪندينءَ. مان ٻارهن ٽيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو هوس. انتظار ۾ وقت ڊگهو ٿي ويو هو. جيئن تيئن ٻه ڪلاڪ گذري ويا هئا. ٻارهين وڃي منهنجي موبائيل فون تي تنهنجي ڪال آئي هئي. مون فون ڪڍندي چيو هو:
"هيلو!"
"هيلو!..."
تون اداس هئينءَ، توکان پڇيو هوم:
"ڪهڙا حال آهن؟"
بلڪل جهيڻي آواز ۾ چيو هيئي:
"ٺيڪ آهن."
"ٻيو ٻڌايو!"
تو وڏا وڏا ساهه پئي ڪنيا، مونکي ڪو جواب نہ ڏنو هيئي. تنهنجيءَ دل جو وڏيل ڏڙڪو مونکي محسوس پئي ٿيو. تون خاموش ٿي وئي هئينءَ. مون توسان ڳالهايو هو:
"سنڊيا!"
"هونهه...!"
"توهان ٺيڪ ته آهيو نہ؟"
"هونهه...! ها."
ٻنهي پاسي خاموشي ڇائنجي وئي هئي. ڪجهه منٽن کانپوءِ پڇيو هيئي.
"اوهان ڇا پئي ڪيو؟"
"مون شيخ ايياز جي غزلن جو ڪليات "گيڙو ويس غزل" پئي پڙهيو."
"اڇا... اهو ڏاڍو سٺو ڪتاب آهي نہ؟"
"ها بلڪل! ايياز صاحب جا سمورا هاڻ ڪلاس غزل ان ۾ شامل آهن."

"پلا! ڪو ٿورو غزل ٻڌايو."

مون غزل سوچيندي ڪيو هو:

"هونهه..."

پوءِ چيوهومانءِ:

"اياز صاحب جو هڪ ڏاڍو پيارو غزل آهي، ٻڌجو!"

"ها ٻڌايو!"

"اسان سمجهيو ته وندرايون پيا ٿا روح کي ڪن پل،
نه ايندو چين هيئن تو بن، هئي ڪنهن کي نه اهڙي ڪل"

توکان بي ساخته نڪري ويو هو:

"واهه واهه واهه...

نه ايندو چين هيئن تو بن، هئي ڪنهن کي نه اهڙي ڪل.
واهه واهه واهه..."

تون تمام گهڻي اداس ٿي وئي هئينءَ، ڏکاري آواز ۾ وري اهو بند پڙهيو هيئي:

"نه ايندو چين هيئن توبن، هئي ڪنهن کي نه اهڙي ڪل."

اها ست چئي چپ ٿي وئي هيئنءَ. ڪيتري ئي وقت تائين تنهنجي وڻن ساهن کڙڻ جا آواز ايندا رهيا هئا. تون ڏاڍي ڳنڀير ٿي وئي هئينءَ. مون پهريون ڀيرو تنهنجي روئڻ جو آواز محسوس ڪيو هو. ان وقت ايئن لڳو هو جڙ منهنجي دل خاردار تارن ۾ ڦاسي پئي هجي. مونکان بي اختيار نڪري ويو هو:

"سنڌيا! اوهان روئو ٿيون ڇا؟"

روئندڙ آواز ۾ چيو هيئي:

"هونهه...!"

تنهنجي روڪڙ کي آواز ٻڌڻ سان هڪ تيز ڌار وارو خنجر پنهنجي سيني ۾ لهندي محسوس ڪيو هوم. مون توکان لڇندي پڇيو هو:

"سنڌيا! ڇا ٿيو آهي؟ مونکي ٻڌايو پليز!"

"هنهه... انهه..."

تون روئي رهي هئينءَ. مون کي چڪر اچڻ لڳا هئا. مون توکي ايلاز ڪندي چيو هو:

"توهان ڇو ٿيون روئو؟ مون کي ٻڌايو پليز...!"

تون سڏڪي پئي هئينءَ. مون توکي وڌي درد مان چيو هو:

"مان توهان جو روئڻ برداشت نه ٿو ڪري سگهان. پليز مونکي ٻڌايو ته ڇا مسئلو آهي؟"

توپاڙ سنپالينديِ چيو هو:

"ڏسو توهان مونکي چيو هو نا ته منهنجي ڪاب ڳالهه جيڪڏهن اوهان کي ڪيڏي به خراب لڳندي ته به توهان مائينڊ نه ڪندا ۽ مونکي معاف ڪري ڇڏيندا."

"ها، ها بلڪل...!"

"ڏسو! مان هاڻي جيڪا ڳالهه اوهان سان ڪرڻ واري آهيان، اها جي توهان کي خراب لڳي ته مونکي معاف ڪري ڇڏجو ۽ پاڻ ايئن ئي هميشه دوست رهنداسين"

"ها، ها بلڪل! توهان جيڪو به چوڻ چاهيو ٿيون. سو بي فڪر ٿي چئو. مان هرگز مائينڊ نه ڪندس، ۽ پاڻ هميشه ايئن ئي سٺا دوست رهنداسين."

ڪجهه سيڪنڊن کانپوءِ چيو هيئي:

"او..."

"ها، ها پليز چئو!"

"او... او..."

ها، ها چئو پليز! جيڪو به توهان جي دل ۾ آهي."

"او... مان..."

پنهنجي ڳالهه کي دٻايو نه، بي فڪر ٿي چئي ڏيو."

هڪ وڏو ساهه کڻي چيو هيئي:

"مونکي توهان سان پيار ٿي ويو آهي. I Love You"

مون کان خوشيءَ مان نڪري ويو هو:

"چا...!"

سچ ته ان وقت مان توتي، تنهنجي ديوانگيءَ تي ۽ تنهنجي محبت تي ڏاڍو حيران ٿيو هوس. تون واقعي به هڪ ڏاڍي عجيب چوڪري هئينءَ. منهنجي اها چا ٻڌڻ کان پوءِ تون وري شروع ٿي وئي هئينءَ:

"ڏسو اڄ منهنجي دل رکڻ لاءِ ئي چئجو ته توهان کي به مون سان پيار آهي، پوءِ پلي سياڻي اچي ٻڌائجو ته اوهان مون سان پيار نه ٿا ڪيو:

مون توکان وڏي پيار مان پڇيو هو:

"سنڌيا! تون مون سان چا ٿي ڪرين؟"

"مان توسان پيار ٿي ڪيان، تمام گهڻو گهڻو پيار ٿي ڪيان I love you so much"

"اهي جملا ٻڌڻ لاءِ منهنجا ڪن سِڪي مُئا هئا. چريا! مان به توسان تمام گهڻو پيار ڪندو آهيان."

"سچي! Do you love me?"

"Oh yes! I love you so much"

تون روئندڙ ۽ اداس ڪيفيت ۾ مرڪي هئينءَ، ۽ چيو هيئي:

"هنهه..هنهه... مڙئي تہ نہ ٿو چئين؟"

"مڙئي ڇو چوندس؟ تون تہ منهنجو ساهہ آهين!"

"الا...!"

"الا...! تون منهنجو ساهہ آهين. جيئن پراڻن ڏند ڪٿائي قصن ۾ بادشاهن جو طوطي ۾ ساهہ هوندو هو تيئن سچ ۾ منهنجو تو ۾ ساهہ آهي"

تو بيحد خوشيءَ مان چري ٿيندي چيو هو:

"آئي... مونکي يقين نٿو اچي تہ تون بہ مون سان ايترو پيار ڪندو آهين."

"پيار نہ ڪيان ها، تہ ايئن توسان گهمندو وتان ها!"

"ها... تو کي بہ مون سان پيار آهي، اهو ٻڌي اڄ مان ڏاڍي خوش آهيان."

"مان بہ ڏاڍو خوش آهيان، ايئن ٿو لڳي جڙ اڄ سڀ ڪجهہ ملي ويو هجي."

"الا...! تون مونکي ڏاڍي پياري آهين."

"تون بہ مون کي ڏاڍو پيارو آهين! I am crazy about you.

"Thank you: پر هاڻي صبح ڪڏهن ٿيندو؟"

"ها..."

"منهنجي دل ٿي چئي، تہ بس هاڻي جو هاڻي صبح ٿئي ۽ مان اچي توسان ملان"

"ها... منهنجي دل بہ اهوئي ٿي چئي."

ان رات پاڻ ڪيتري ئي وقت تائين هڪ ٻئي سان پيار واريون ٻاراٽيون ڳالهيون ڪندا رهيا هئاسين. اسان ٻنهي کي صبح ٿيڻ جو بيچينيءَ سان انتظار هو. مان ڪليل اکين سان خوابن جي جهان ۾ گم ٿي چڪو هوس. ايئن پئي لڳو جڙ صبح تنهنجي نيٽن ۾ لهي آيو هجي.

1.4

ان رات ڪلندي، مسڪرائيندي ۽ پاسا ورائيندي الاءِ ڪهڙي پهر وڃي اک لڳي هيم. جيتوڻيڪ روز جي پيٽ ۾ ننڊ ڪجهه گهٽ آئي هئي. پر صبح جو اٿيو هوس، تہ تازگيءَ جي احساس جي ڳالهه ئي ڪجهه ٻي هئي. ان ڏينهن صبح جا رنگ ئي نرالا هئا. وڻ وڻيڪ چهڇ ۽ ساوا پئي لڳا. گلن جي رنگت جي ڳالهه ئي نرالي هئي، جيڪي ٽڏڻي ٽڏڻي هوا تي جهوميا پئي. مان وهنجي سهنجي تيار ٿي آف وائيٽ جينز تي سنهين ڪارين لائينن واري ريڊش شرٽ پائي هاسٽل کان ٻاهر آيو هوس. ٻاهر گلاب ٽارين مان پتجي رهيا هئا، مون سوچيو هو جڏهن ماڻهوءَ جي دل ۾ محبت جي گلن جا ڪيئي باغ آباد هجن. تہ پوءِ چو ڪنهن پبلڪ پارڪ جي ٽاريءَ مان گل پتجي! تون هميشہ جيئن دنيا جهان کان بي نياز ٿي فزيالاجي ڊپارٽمينٽ جي اڳيان بيٺي، منهنجو انتظار ڪري رهي هئينءَ. پر ان ڏينهن تون ڏاڍي اداس هئينءَ! تنهنجا نيٽ ۽ ڪنڈ هيٺ هئا. مون تنهنجي ويجهو اچي توکي سلام ڪيو هو:

"گڊ مارننگ!"

تو پنهنجا اداس نيٽ ڪٽي مونکي ڏسندي چيو هو:

"ما...ر...ننگ!"

ان وقت منهنجو هٿ پنهنجو پاڻ ملڻ لاءِ توڏانهن وڌي آيو هو. تو ۾ بنا ڪنهن سوچ جي هٿ وڌائي منهنجي هٿ سان ملايو هو. تنهنجي ڪومل ۽ نرم ملائم هٿ ڪي ڇهڻ سان منهنجي دل جون تارون ڇڙي ويون هيون. تون مونکي معصوميت مان ڏسي رهي هئينءَ. تنهنجي چهري تي ڳنڀيرتا ۽ اداسي ڇانئي پئي هئي. مون تو کان پڇيو هو:

"ڪيڏانهن هلون؟"

ساڳي اداسيءَ ۾ ڳڻيندي تا مان چيو هيئي:

جيڏانهن وٺئي هل."

تو وڌيڪ ڳالهائڻ نه ٿي چاهيو. اسان چپ چپ زولاجي ڊپارٽمينٽ جي سامهون واري ننڍڙي ڪينٽين تي هلي ويٺا هئاسين. تون ڏاڍي اداس هئينءَ، تنهنجا نيٽ ڪتوري جيئن پرجي آيا هئا. اتان چانهه پيئڻ ۾ بسڪيٽ کائڻ کانپوءِ گرلس جمنازيم هلي هڪڙئي جي پرسان ٿي ويٺا هئاسين. پهريون پيرو تون مون تي ٽيڪ ڏئي ويٺي هئينءَ! مون توکان پڇيو هو:

"Sindhia do you love me?"

مون تي پاڻ ڇڏي، چيو هيئي:

"Yes! I love you more than any thing"

"تون مون سان ڪيترو پيار ڪندي آهين؟"

"مان توسان تمام گهڻو پيار ڪندي آهيان، سوچ کان به گهڻو پيار ڪندي آهيان."

"مان توکي ڏوکو ڏيان ته پوءِ؟"

"...پلي."

"توکي زماني ۾ رسوا ڪيان ته پوءِ؟"

"...پلي"

"توکي Exploit ڪري ڇڏي ڏيان ته پوءِ؟"

تون جذباتي ٿي وئي هئينءَ. تنهنجي نيٽن مان تيزي سان لڙڪ ڳڙي پيا هئا، روئندي چيو هيئي:

"پلي پلي پلي! توکي جيئن وٺي تيئن ڪجانءِ تون مونکي ڏوکو ڏين، منهنجي زماني ۾ بدنامي ڪرين يا ڪجهه به ڪرين، مون کي ان جي پرواهه نه آهي. منهنجي توسان ڏاڍي دل ٿي وئي آهي، مان تو کان سواءِ جي نه سگهنديس."

سچ ته تنهنجي نيٽن ۾ ڳوڙها مون لاءِ نا قابل برداشت هئا. منهنجون اکيون دنيا جون وڏي کان وڏيون تباهيون ته ڏسي سگهن ٿيون، پر تنهنجي پياري ڪجري نيٽن ۾ ڳوڙها نه ٿيون ڏسي سگهن. منهنجو هنيانءُ پئي ڦاٽو مون توکي ياڪر پاتو هو. تون مون کي ٻارن وانگي چنبڙي اوچنگارن ۾ شروع ٿي وئي هئينءَ، ۾ زور سان ياڪر ۾ ڪوڙي چوڻ لڳي هئينءَ:

"مان چا ڪيان!؟ تون مون کي ڏاڍو پيارو ٿي ويو آهين، مان جاڻان ٿي ته دنيا ۾ چوڪرا چوڪرين کي ڏاڍو Exploit به ڪن ٿا، پر مون کي پڪ آهي، ته تون مون سان ايئن نه ڪندين."

مون تنهنجا لڙڪ اگهندي چيو هو:

"چري! تون مون کي بيحد عزيز ۽ پياري آهين، تو ۾ منهنجو ساهه آهي. مان تو سان ڏوڪو ڪرڻ جو سوچي به نه ٿو سگهان!"

"مان ڄاڻان ٿي، ته تون ڏاڍو حساس ماڻهو آهين، تون ڪنهن جي به جذبن ۽ احساسن سان کيڏڻ جو تصور به نٿو ڪري سگهين."

تون مون کي ايئن زور سان پاڪر پائي ويهي رهي هئينءَ، جيئن ڪا ٻارڙي رات جي اونداهيءَ ۾ ڊڄي پنهنجي ماءُ کي چنبڙي ويندي آهي. ڪجهه منٽن کان پوءِ تنهنجو پاڪر ڊرو ٿي ويو هو. مونکي محسوس ٿيو هو جڙ تو کي ننڊ اچي وئي هجي، تون وڏا ۽ گهرا ساهه کڻي رهي هئينءَ. مون توکي پنهنجين ٻانهن ۾ قابو ڪري، ٿورڙو پوئتي ڪري تنهنجي چهري کي ڏٺو هو. تون ان ئي وقت وري پنهنجي مک کي منهنجي سيني تي رکي ڇڏيو هو. مون ڏٺو هو تون جڙ گهري سڪون واري ننڊ ۾ هئينءَ. تنهنجي چهري تي ڏاڍا پر سڪونيت وارا پاوَ هئا. مون به جمنازيم جي پٽ کي ٽيڪ لڳائي، هڪ لمحي لاءِ اکيون بند ڪيون هيون. اکيون بند ڪرڻ سان ئي جڙ سڪون جي پرڪيف ۽ حسين وادي ۾ هليو ويو هوس. هن ئي ڪيفيت "ڪيف ڏاران ڪوءِ، جيئي ڪو نه جهان ۾" واري رمز پروڙائي وڏي هئي. ان وقت دل ئي دل ۾ لطيف سائين سان مخاطب ٿيو هوس.

"لطيف سائين! شايد هيءَ ئي اها ڪيفيت آهي، جنهن کان سواءِ ڪوبه جهان ۾ نه جيئي واري تو ڳالهه ڪئي آهي"

تنهنجي ان هڪ پاڪر مونکي مليل سيني ڏکن کي ڏوئي ڇڏيو هو. ان وقت مونکي ايئن لڳو هو، سالن کان دردن جون فوجون، جيڪي منهنجي من ۾ ڏکن جي مارشل لا لڳائي ويٺيون هيون، تن کي نيڪالي ملي آهي. ان ڪيف تنهنجي چهري تي پنهنجا رنگ نروار ڪري ڇڏيا هئا. اسان هڪ وڏي ڪيف ۾ هئاسين. منهنجي دل ۾ پوري عالم جي انسانن لاءِ هڪ پڑاڏو هو.

"ڪيف ڏاران ڪوءِ، جيئي ڪو نه جهان ۾... ڪيف ڏاران ڪوءِ جيئي ڪو نه جهان ۾... ڪيف ڏاران ڪوءِ... ڪيف... ڪيف... ڪيف..."

2

گرلز جمنازيم جو پُنيون پاسو اسان جو آستان ٿي ويو هو. پاڻ ڪلاس ونڊ ڪانپوءِ روزانو اتي هلي ويهندا هئاسين. تون مون سان پيار جو اظهار ڪرڻ کانپوءِ صفا چُپ ۽ اُداس ٿي وئي هئينءَ. تنهنجو ڳلو پرجي ۽ آواز ڳورو ٿي ويو هو. هر وقت تون ڏاڍي ڳڻيير رهندي هئينءَ. تنهنجي نيٽن ۾ لالاڻ لهي آئي هئي. مونکي تنهنجي ڏاڍي ڳڻتي ونئي وئي هئي. مان سوچيندو هوس ته تون ايڏي اُداس ۽ ڳڻيير چو آهين؟ مان توکي ڪِلائڻ ۽ تنهنجي اُداسي ختم ڪرڻ لاءِ ڏاڍا جتن ڪندو هوس. توکي مزاحيہ ڳالهيون ۽ لطيفا ٻُڌائيندو هوس. پر تو وٽان سواءِ هڪ اُداس مُرڪ جي ٻيو ڪجهہ نہ ورندو هو. تنهنجي ڪيفيت ۾ پُرسڪون تبديلي تڏهن ايندي هئي، جڏهن تون پنهنجو مُک منهنجي ڪُلهي تي رکي آهلي پوندي هئينءَ. مان توکان اڪثر انتهائي اُڪير، پنهنجائپ ۽ پيار مان پُڇندو هوس، ته:

"سنڌيا! منهنجي مِٺي جانان! پليز مونکي ٻُڌاءِ ته تون ايڏي اُداس چو آهين؟ توسان اهڙو ڪهڙو مسئلو آهي، جيڪو تنهنجي محبوب جي هوندي بہ توسان ڇُهٽيو پيو آهي؟"

تون پوءِ ٽِهائين وڌيڪ اُداس ٿي ويندي هئينءَ. تنهنجي نيٽن ۾ لٽل لالي ريٽي ڳاڙهي ٿي ويندي هئي، ۽ تون وائڙي ٿي چوندي هئينءَ:

"هان...! نہ نہ... ڪو مسئلو نہ آهي، تون پريشان نہ ٿيندو ڪر. مان آهيان ئي اهڙي.."

"چو منهنجي مِٺي!؟ تون اهڙي چو آهين؟ نِڙڻ جي ڏينهن ۾ تون مُرجهائي پئي آهين، خوشيءَ جي ڏينهن ۾ اُداس آهين، ڪِلڻ جي ڏينهن ۾ روئين ٿي، تو وٽ مُرڪن

جي موسم ۾ سُڏڪا آهن، ۽ تون چوين ٽي ته ڪو مسئلو نه آهي!؟ ايئن ڪيئن هوندو جانان!؟... ايئن ڪيئن هوندو!؟... ڪجهه ته آهي، جنهن کي تو پنهنجي اندر ۾ دٻائي رکيو آهي، جنهن تنهنجون سڀ خوشيون، جنهن تنهنجون سڀ مُرڪون، ۽ جنهن تنهنجا سڀ ٿهڪ ماري ڇڏيا آهن."

تون روئي پئي هئينءَ ۽ مون پنهنجيءَ دل ۽ دماغ تي رولر هلندي محسوس ڪيو هو. تنهنجي روئڻ تي سچ ته مان ڦٽڪي پيو هوس. اکيون ۾رجي آيون هيون. آواز گهگهو ٿي ويو هو. مون پنهنجي ٻُڪ ۾ تنهنجو مُک جهليو، تنهنجي نيٽن ۾ ڏسندي وڏيءَ تڪليف مان چيو هو:

"جانان! تون مونکي ٻُڌاءِ ته سهي، آخر توسان اهڙو ڪهڙو گهات ٿيو آهي؟"

تنهنجي اکين جي وَس تيز ٿي وئي هئي. مون توکي پاڪر ۾ ۾ري ڇڏيو هو ۽ توکي انتهائي ڏکاري آواز ۾ چيو هوم:

"منهنجي مِٺي! تون مون سان پيار ٿي ڪرين نه؟"

تو چيو هو:

"ڏاڍو... ڏاڍو پيار ٿي ڪريان."

"پوءِ...؟ تون ۽ مان جي ڪوبه ڏک هڪٻئي سان Share نه ڪنداسين ته ڪنهن سان ڪنداسين؟"

"مون کي ڊپ آهي ته تون مون کي ڇڏي نه ڏين."

"چري! مون تنهنجو هٿ ڇڏڻ لاءِ ٿورئي جهليو آهي...! تون منهنجو ساهه آهين، I can't live without you."

تون ڪجهه پلن لاءِ مونکي ٻکجي وئي هئينءَ. پوءِ پاڪر ڊرو ڪري ڇڏيو هيئي، ٻئي لمحي مون پاڪر ڇڏي تنهنجي نيٽن ۾ نهاريو هو. تنهنجا نيڻ روئڻ ڪري ڳاڙها لال ٿي ويا هئا. اُن لمحي سوچيو هوم ته مون ڪڏهن آسمان کي ڳاڙهو ٿيندي نه ڏٺو آهي، جيڪڏهن اُهو ڳاڙهو ٿئي ته شايد تنهنجي نيٽن جيئن لڳي. تو پنهنجون اکيون اُکهي ڳالهائڻ شروع ڪيو هو:

"تون منهنجي زندگيءَ جو آخري سهارو آهين، توکان اڳ مون کي پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪابه دلچسپي نه هئي، تو مون کي ڇڏيو ته مان خودڪشي ڪري ڇڏيندیس. هڪ دفعو هونئن ئي خودڪشيءَ جي ڪوشش ڪري چڪي آهيان. هاڻي اهڙو ڪم ڪنديس جو اصل بچي نه سگهان... مان آرٽس فيڪلٽيءَ جي ڇت تان ٽپو ڏئي ڇڏيندیس!"

مون توکي آڇت ڏيڻ لاءِ وري پاڪر پائي چيو هو:

"Believe me, اهڙو ڪجهہ نہ ٿيندو جانان!... چريا تون مون کي ڪيتري پياري آهين، اهو نہ مان بيان ٿو ڪري سگهان ۽ نہ ئي تون تصور ٿي ڪري سگهين."

ڪجهہ پلن کانپوءِ مون توکي ڪُلهن کان جهلي چيو هو:

"هونئن مان ڪنهن جي بہ Personal Matters ۾ دخل نہ ڏيندو آهيان، پر مان ڏسان ٿو تہ ڪو ڏک آهي، جيڪو اندران ئي اندران توکي کائي رهيو آهي. چوندا آهن تہ ڏک شيئر ڪرڻ سان گهٽجي ويندو آهي، ان ڪري مان چاهيان ٿو تہ تنهنجي ڏک کي گهٽائي اُن جي ڪا دوا تجويز ڪجي."

"منهنجي سيني ڏکن جي دوا رڳو تون ئي آهين منهنجا منا!"

اهو جملو ڳالهائي پنهنجا ڳوڙها اُگهي هڪ ساهي پٽي ڳالهائڻ شروع ڪيو هيئي:

"مان ننڍي هيس، تہ بابا گذاري ويو... چون ٿا تہ مان بابا کي ڏاڍي پياري هيس، هو هر وقت مونکي پاڻ سان کنيو وتندو هو ياد ڪرڻ جي ڏاڍي ڪوشش ٿي ڪريان، تہ بہ بابا جو چهرو ياد نہ ٿو اچيم. بابا ڪاهيءَ ڏر جي هڪ سياسي پارٽيءَ جو اڳواڻ هو. بابا جي سوشلسٽ سياست ۾ سرگرم هئڻ جي ڪري اسان جي گهر جو ماحول اڄ بہ ڏاڍو ترقي پسند ۽ سيڪيولر آهي. بابا جا پارٽي ساٿي ايندا بہ ٻارين ٻچين اسان جي گهر ايندا آهن. بابا هڪ ڏينهن چگو پلو پنهنجي دڪان تي ويو ۽ اُتان سندس بي ساهو جسم ڪٽ تي گهر موٽيو. چون ٿا تہ بابا دوستن کي روس جي پورهيت انقلاب جي باري ۾ ٻڌائي رهيو هو تہ ڪيس دل جو دورو پيو ۽ هو دل جي پهرئين دوري ۾ ئي گذاري ويو."

مون ڏٺو هو تہ ہـ لڙڪ تنهنجي نيٽن مان تيزيءَ سان نڪري تنهنجي سُرخ ڳلن کان ٿيندا وڃي هيٺ ڪِريا هئا. مون کي تنهنجي ترقي پسند پيءُ جي اهڙي المناڪ مرتيي جو ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيو هو. مون ڏکاري لهجي ۾ توکي چيو هو تہ:

"Your father was a really revolutionary person; and he was a committed worker of Marxist philosophy."

تون وڌيڪ ڳالهائڻ لڳي هئينءَ:

"امان ٻڌائيندي آهي تہ هن ڪڏهن بہ مون کي ڏڪو نہ ڏنو سدائين هر ڳالهہ ڪِل ۽ مذاق ۾ ڪندو هو... ۽ ادا ۽ پيءُ وارا ٻڌائين ٿا تہ هن اسان ۾ ڪڏهن بہ ڪو فرق نہ رکيو. هو سدائين عورتن ۽ مردن جي برابريءَ تي ڳالهائيندي چوندو هو تہ:

'عورت ۽ مرد جي وچ ۾ ڪوبہ سوشل يا بائلاجيڪل فرق نہ آهي. عورت ۽ مرد اسان جي سماج جون بہ مختلف، پر برابر حيثيت واريون صنفون آهن.'

بابا اهڙو ماحول پنهنجي گهر ۾ پارتي ساڻين جي گهرن ۾ ٻاهي ورتو هو... بابا جي وفات وقت ته بابا جي سيني دوستن اسان کي چيو هو:

'توهان اسان جو اولاد آهيو اسان هر ڏک سُک ۾ توهان سان گڏ هونداسين، پاڻ کي ڪڏهن به اڪيلو نه سمجهجو.'

پر ڪڏهن به ڪنهن اڄي اسان کان نه پُڇيو ته توهان ڪهڙي حال ۾ آهيو؟ امان ۽ وڏي پيٽ سخت پورهيا ڪري اسان پاڻ پيٽ جي پرورش ڪئي، هنن ٻن مينهنِ ۽ ٻنيءَ جي ٻاري کان وبندي سلايون ڪيون، پرت پريا، ۽ رلهيون سبيون، پر ڪڏهن به ڪنهن جي اڳيان هٿ نه ٽنگيو. امان چوندي آهي ته بابا کيس اڪثر چوندو هو:

'عالم خاتون! مرندي مري ويجانءِ، پر ڪڏهن به ڪنهن جي اڳيان هٿ نه ٽنگجانءِ.'

بابا وڏو خوددار انسان هو جنهن امان کي اهڙا سبق ڏنا هئا. امان ٻڌايو ته جڏهن هن عِدت پوري ڪئي هئي، تڏهن سندس پاڻ کيس ڳوٺ جي هڪ پوڙهي شخص وٽ هڪ لک روپين ۾ ڪپائي آيو هو، ۽ نانيءَ اڇي امان کي چيو هو ته:

'رات پاڻين ايندئي، ۽ اڇي توکي پنهنجي حق ۾ ڪندئي، اُن کي ناراض ڪري متان راڄ ۾ اڪيلي ٽئين!'

رات جو مامو آيو هو، جنهن اڇي امان سان ڪوڙي ڏک جو ناٽڪ ڪندي چيو هو:

'ادي! الله پاڻ غلام نبيءَ کي جنت ۾ جاءِ ڏي، هن ويچاري جي ته حياتي پوري ٿي، پر پيٽ ايجان توکي ته زندگيءَ جو جهنگ جهاڳٽو آهي نه؟'

امان کيس کو جواب نه ڏنو هو، هوءَ ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺي هئي، مامي سمجهيو هو ته نانيءَ جي سمجهائڻ جي ڪري امان سمجهي وئي هوندي، هن وڌيڪ ڳالهائڻ شروع ڪيو هو:

'ايجان پيٽ تنهنجي عمر ئي ڇا آهي؟ تو جيتريون عورتون ته ڪنوارون لڳيون ٿيون وتن... اهو ته غربت تنهنجي جواني ۽ سونهن ئي وڃائي ڇڏي آهي....'

امان اهڙي چُپ هئي، جهڙي پٿر. مامي موقعو ڏسي چيو هوس:

'مان تنهنجي ڳالهه رئيس حاڪم خان سان پڪي ڪري آيو آهيان، هو هڪ زميندار ماڻهو آهي، تنهنجو ڏاڍو خيال رکندو.'

مامي سمجهيو هو ته ڪم ٿي ويندو، پر امان چيٽي جيئن جوابي حملو ڪيو هوس:

'الله الله ڪر ادا! تون جي اهڙيون ڳالهيون ٿو ڪرين، ته پوءِ منهنجا ٻار ته رُلي ويندا، اُنهن جي ڪير ڪندو؟'

مامي تِکو ٽيندي چيو هوس:
'پارن جي ڳڻتي نہ ڪر. اُنهن لاءِ مان ويٺو آهيان.'
'ايئن ويهندين نہ. جيئن مون لاءِ ويٺو هئين!'
مامي ڪاوڙمان باهہ ٽيندي چيو هوس:
'ادي راضي ٽئين يا رنج ٽئين، مان هاڻي زبان ڏئي چڪو آهيان.'
'تورو شرم ڪر ادا، ڪجهہ شرم ڪر.'
ماما ڪاوڙمان گهران نڪتو هليو ويو هو سيني امان کي گهٽو ئي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي تہ اڳ ئي مڙس مري ويو اٽئي، هاڻي پاءُ سان نہ ڦٽاءِ تہ چگو اٽئي. امان سيني کي ست سُريون ٻُڌائي گهران ڪڍي ڇڏيندي هئي. اڌ ڳوٺ اسان سان ڪائڻ پيئڻ ڇڏي ڏنو. اسان ڏاڍن ڏکن پر اچي وياسين. بابا چوندو هو تہ:
'اسان کي عورتن جي رڍن، ٻکرين، ڍڳين ۽ مينهن جيئن ٽيندڙ وڪري جي مزاحمت ڪرڻ گهرجي.'
بابا جا ڪجهہ دوست رڳو مرڻي پرڻي جو ٻُڌائڻ لڳا، باقي ٻين صفا وساري ڇڏيو. بابا جو هڪ دوست ڈاڪٽر وقار ڪڏهن ڪڏهن پيو فون ڪندو هو ۽ عيدن تي يا بيماريءَ وقت ايندو هو. امان کي ادي ۽ اسان کي بابا ڪوٺيندو هو. اسان ڪيس چاچا ڪري سڏيندا هئاسين، تہ اسان کي درڪو ڏئي چوندو هو:
'مون کي چاچا نہ چوندا ڪريو. اوهان مون کي منهنجي اولاد جيئن آهيو مون کي بابا چوندا ڪريو.'
پوءِ اسان اُن کي بابا چوندا هئاسين، منهنجي پڙهائيءَ سان ڏاڍي دل هئي، انين درجي تائين ڳوٺ جي مڊل اسڪول ۾ پڙهيم. سيڪنڊري تعليم لاءِ شهر جي گرلز اسڪول ۾ داخلا ورتم. ٻہ سال ڳوٺ ڪان شهر تائين روزانو آئوٽ بيڪ ڪيم. جڏهن يارهين درجي ۾ پهتس تہ ڈاڪٽر وقار امان کي چيو:
'سنڌيا کي پاڻ ڈاڪٽر ٻڌائينداسين. هوءَ صبح جو گرلز ڪاليج ويندي ۽ شام جو ڪوچنگ سينٽر تي ٽيوشن پڙهندي. ان ڪري اڄ ڪان هن جي سڄي ذميواري مون متان آهي. هوءَ هاڻي هي ٻہ سال اسان جي گهر ۾ رهندي.'
امان اهو سوچي پهريان تہ گهٽو انڪار ڪيس، تہ ماٺهو ڇا چوندا تہ جوان جمڻ ڏيءُ پرائي گهر ۾ ڇو رهائي اٽن؟ پر هُن چيو هو تہ:
'سنڌيا جهڙي توهان جي ڏيءُ آهي، تهڙي ئي منهنجي. ان ڪري هوءَ اسان جي گهر ۾ رهندي.'
ڈاڪٽر وقار جي اهڙي مهرباڻيءَ تي ڪيس سڀ دعائون ڏيڻ لڳا هئاسين، ۽ سڀ ڪان وڌ دعائون هن کي مان ڏيڻ لڳي هيس. هن جي گهر ۾ هن جي ليڪچرر زال، پُٽ

ءِ ڏيءُ منهنجو ڏاڍو خيال رکڻ لڳا هئا. هن جا ٻار هر وقت مون کي آپي آپي ٻيا سڏيندا هئا. مان پنهنجي پڙهائيءَ ۾ ڏينهن رات هڪ ڪري محنت ڪرڻ لڳي هيس. مون کي ڊاڪٽر ٿيڻ لاءِ هڪ جنون ٿي ويو هو. اُنهن ڏينهن ۾ مان ڏاڍي خوش هيس، جو مون کي يقين هو ته مان ڊاڪٽر ٿي ويندیس. سال گذرندي ڪو احساس ئي نه ٿيو هو. فرسٽ ايئر جا امتحان اچي ويا هئا، ته خبر پئي هئم ته سال ٿيڻ تي آهي. مون محنت ڪري پيپر ڏنا. ٻن مهينن کانپوءِ رزلٽ آيو هو ته اُن ۾ منهنجون A گريڊ جون مارڪون اچي ويو هيون. سڀ خوش هئاسين، مان ڏاڍي محنت سان پڙهائي ڪرڻ لڳي هيس، بابا جو اُهو دوست انسان جي روپ ۾ جڻ ڪو فرشتو هو. ڪڏهن هو مون کي بابا ته ڪڏهن امان چئي سڏيندو هو. ءِ جڏهن مان هن کي بابا چوندي هيس ته اهو لفظ بابا منهنجي دل جي گهراين مان ءِ وڏيءَ محبت سان نڪرندو هو. مون کي منهنجي بابا جي صورت ته ياد نه هئي، پر هن جي صورت ۾ مون کي بابا نظر ايندو هو. مان هن جي وڏي ڄمار خوشيءَ ۽ آسودگيءَ لاءِ ڏاڍيون دعائون ڪندي هيس. هن جي ٻارن ءِ زال تي ساهه ڏيندي هيس."

تون وري سُڏڪي پئي هئينءَ. هڪ هڪ لفظ بيان ڪندي تون درد جي ڍڳهي پُلصراط تان گذري رهي هئينءَ. ڪجهه وقت سُڏڪڻ کان پوءِ وري شروع ٿي وئي هئينءَ، مان تنهنجي مُک کي ڏسي رهيو هوس:

"هڪ رات... هڪ رات..."

مون ڏٺو هو ته لفظ تنهنجي نڙيءَ ۾ ڦاسي پيا هئا، جن کي وڏيءَ تڪليف کانپوءِ تون زبان تي آڻي اُچارڻ لڳي هئينءَ. مون تنهنجو ساڻ ڏيندي چيو هو ته:

"ها منهنجي مٺي جانان! ڇا ٿيو اُن رات؟"

"هڪ رات.... هڪ رات مان دير تائين پڙهي، جڏهن سُتي هيس، اُن رات ڊاڪٽر جي گهر واري پنهنجن ٻارن سميت پيڪين ويل هئي. ڊاڪٽر پنهنجي بيڊروم ۾ سُتل هو ءِ مان ٻارن واري ڪمري ۾..."

هڪ دفعو وري لفظ تنهنجي نڙيءَ ۾ ڦاسي پيا هئا، تو تمام وڏي ڪرب مان چيو هو:

"اُهو شخص.... جيڪو مون کي امان ءِ ڏيءَ چوندو هو...."

تنهنجو ساهه مُنجهڻ لڳو هو تون وڏا وڏا ساهه کڻي رهي هئينءَ ۽ رُکي رُکي ڳالهائي رهي هئينءَ:

"جنهن کي مان بابا چوندي هيس... جنهن جي صورت ۾ مون کي منهنجو پيءُ نظر ايندو هو... اُهو شخص مون واري ڪمري ۾ آيو..."

منهنجا تارا ڦوٽارجي ويا هئا، تو وڏيءَ ڪرب مان دانهن ڪندي چيو هو:

"منصور! اُن شخص مون کي Rape Attempt ڪيو!"

"What...!!"

مون کان دانهن نڪري وئي هئي. مون کي ايئن لڳو هو جڙ سڄو سارو آسمان پنهنجن سمورن سَيارن سميت اچي منهنجي مٿان ڪِريو هجي. منهنجي دل کي چَڪ لڳي ويو هو. مٿي بولاٽيون پئي کاڌيون. تمام وڏي درد مان آهون پئي نڪتيون. تون زاروزار روئي رهي هئينءَ، منهنجا ڳوڙها سُڪي ويا هئا. ڳيتن مٿان ڳيتون پئي ڏَنم. ساهه نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو هو. نڙي سُور ۾ ڏُکي رهي هئي. تون مون سان، پاڻ سان، الائي ڪنهن سان ڳالهائي رهي هئينءَ.

"شل دنيا ۾ ڪوبه يتيم نه ٿئي... ماڻهو يتيمن سان ايئن چو ٿا ڪن منصور...!؟ سياڻي هو حادثاتي طور مري پئي ۽ ڪو هن جو دوست هن جي ڏيءَ سان ايئن ڪري ته پوي..."

مون کي ڏرتي ڏُڌندي ۽ آسمان لُڏندي محسوس پئي ٿيو. هڪ دفعو وري منهنجي مٿي تي جڙ رولر هلڻ لڳو هو. مان چا ڪريان ها؟ ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو هوم. فقط توکي ٻار وانگر چنبڙي پيو هوس.

2.1

اُها سڄي رات ڏاڍو تڙپي گذاري هيم. سڄي رات بيقراريءَ ۾ لُڇندو ۽ ڦٽڪندو رهيو هوس. اُن ماڻهوءَ جو سوچي اُلٽي به آئي هئي. اهڙن ماڻهن لاءِ سوچيندي دل ڪچي پئي ٿي ۽ اوکارا پئي آيم. سوچيم پئي ته اهڙن ماڻهن جي ڪري ماڻهن جو رشتن تان ويساهه ڪچي ويو آهي. ماڻهو ناپاڪ ۽ مڪروهه ڪم ڪرڻ لاءِ ڪيڏن مقدس رشتن ۽ لفظن جو استعمال ڪرڻ لڳا آهن. ڏيءُ ۽ ماءُ جي رشتي جي تقدس جو جڏهن اهڙو هاڃو ٿئي ته باقي ڇا ٿو بچي! مون کي سمجهه ۾ اچڻ لڳو هو ته ماڻهو چريا ڪيئن ٿيندا آهن! ماڻهو ڪنهن تي اعتبار ڇو نه ڪندا آهن؟ ماڻهو ايڏا شڪي مزاج ڇو هوندا آهن؟ ۽ ڪي ماڻهو ڪيڏا وحشي آهن! اُن رات لڳو هوم ته وسيع تر ماڻهو ايجان وحشي جانور ئي آهن. ڪين مهذب انسان ٿيڻ ۾ ايجان وقت لڳندو. توسان پيش آيل ان واقعي پوري انسانيت جي عظيم ورثي جا ڪنڊَ شرم وچان جهُڪائي ڇڏيا هئا.

ان ڏينهن پاڻ ڪلاس ونڻ جي پوزيشن ۾ نه هئاسين. مون کي رکي رکي ايئن پئي لڳو جڻ ڪنهن ٽيڪ ۽ هٿوڻن سان منهنجي مٿي تي ڏڪ پئي هنيا. پاڻ چُپ چاپ فاطمه جناح گرلز جمنازيم جي پُٽيان هلي ويٺا هئاسين. خاموشيءَ ۾ چگو پهر گذري ويو هو مان ڏاڍو اُداس ۽ ڏُکارو هوس. ايڏو ڏُکارو جو ڪنهن زماني کان پوءِ دل چيو هو ته اڄ روئجي. پر لڳو ٿي ته منهنجا ڳوڙها سڙي سُڪي ويا هئا. تون منهنجي اهڙي حالت ڏسي ڏڃي وئي هئينءَ ۽ رڙ ڪندي چيو هيئي:

"جانو! منهنجا مٺا! مون سان ڪجهه ته ڳالهاءِ. نه ته مان هن خاموشيءَ ۾ مري ويندي سانءِ."

مون توکي چرڪ پريندي چيو هو:

"هان...! ها جانان!"

پوءِ توکي ٻانهن کان پکڙي پنهنجي ويجهو سوريو هوم. تون مون کي ياڪر پائي ويهي رهي هئينءَ ۽ مون توسان ڳالهائڻ شروع ڪيو هو:

"هن دنيا ۾ ڏک گهڻا آهن. خوشيون تمام گهٽ آهن. جيڪي ماڻهوءَ کي ايئن ئي پاڻ ناهن ملنديون. پر اُنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي محنت ڪرڻي پوندي آهي... هڪ ماڻهوءَ جي زندگي هر وقت ڏکن جي گهيري ۾ رهي ٿي... هڪ ماڻهو هر وقت اُهي ڏکن جا گهيرا ٽوڙڻ جي ڪوشش ۾ آهي. هو هڪ گهيرو ٽوڙي ٻکري ئي مس ٿو ته وري اڃي ٻئي گهيري ۾ ٽوڙاسي. ان ڪري ڏکن جي اثر ۾ رهي جيئڻ بزدل ماڻهن جو ڪم هوندو آهي. اسان کي انهن حالتن سان مقابلو ڪري ڏکن جا اثر ختم ڪري. خوش ٿي جيئڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي."

تنهنجو مُک منهنجي سيني تي هو تو اُتان ئي پنهنجا اُداس ۽ ڳنڀير نيٺ کڻي مون کي ڏٺو هو. مون توکي ڏسندي وري ڳالهائڻ شروع ڪيو هو:

"دنيا جو هر ماڻهو ڏک ضرور ڏسي ٿو اُنهن ڏکن جا سبب ته مختلف ٿي سگهن ٿا. پر اُنهن جون ڪيفيتون ساڳيون هونديون آهن. هڪ بهادر ماڻهوءَ جو ڪم آهي. ته هو انهن ڪيفيتن کي پاڻ تي طاري ٿيڻ نه ڏي"

تو ياڪر جي گرفت مضبوط ڪندي چيو هو:

"هونهه...."

مون توکي چيو هو:

"اڄ مان توکي هڪ ڪهاڻي ٻُڌايان."

تون مون کي تجسس مان ڏسڻ لڳي هئينءَ.

"هڪ عجيب قسم جو چوڪرو هوا نندپڻ کان ئي بلڪل مختلف. هن پنهنجي نندپڻ ۾ ڪا راند نه ڪيڏي. نه ئي ٻارن جيئن ڪنهن سان وڙهيو نه ئي ڪڏهن ڪنهن سان تيز ڳالهايائين. نندپڻ کان ئي ڪاڏيءَ جا ڪپڑا ۽ ليڏر جا بوٽ پائي ٽِپ ٽاپ ٿيو پيو هلندو هو. پنهنجي ڏاڏي جو اهڙو دادلو هو جو ڪڏهن پيءُ ماءُ ۽ ٻئي ڪنهن بہ ڪيس کي دڙڪو نه ڏنو. هر ماڻهو ڪيس جيءَ ۾ جايون ڏيندو هو سندس گهر جو وڏو هن جو ڏاڏو هو معنيٰ اُهو چوڪرو هو. هن جي ڏاڏي پاڙي جي سيني دڪاندارن کي چئي چڏيو هو ته هيءُ اوهان کان چا بہ وٺي. سو هن کي بنا دير ڏئي چڏجو. پوءِ ٻئسا مون کان ونجو. دڪاندار هن کي سڏي شيون ڏيندا هئا. جن مان گهٽو حصو هو پاڙي جي غريب ٻارن ۾ ورهائي چڏيندو هو. شيون ورهائڻ وقت هن کي ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي. جڏهن هو پنجن سالن جو ٿيو ته ڪيس پرائمري اسڪول ۾ داخل ڪيو ويو. اُتي بہ هن جو ڏاڏو ڪيس روز ڏسڻ ويندو هو. هن جي ڏاڏي

اسڪول جي در پرسان قائم اسٽيشنريءَ واري، چولن واري، سموسن ۽ پڪوڙن واري، ملائيءَ واري ۽ بين دڪاندارن کي ايڊوانس ۾ پئسا ڏئي ڇڏيا هئا، تہ هيءُ ڇوڪرو جڏهن بہ اوهان کان ڪا شيءِ ونڊي تہ هن کي بنا دير ڏئي ڇڏجو. جڏهن اُهو ڇوڪرو اسڪول کان گهر موٽندو هو تہ هن جو ڏاڏو پڻ تي ويهي ڪيس پاڪر پائي چوندو هو:

"ابا چئہ! هاءِ هاءِ..."

هو چوندو هو:

"هاءِ هاءِ..."

"دل ٺري..."

"دل ٺري"

"من ٺريو..."

"من ٺريو"

"پپن سان..."

"ابل سان"

اهي جملا چئي هو ڪِلي پوندا هئا. هن جو ڏاڏو ان ڇوڪري کي مٿي کڻندو هو پوءِ هو ڪجهہ دير ڪِلندا رهندا هئا. منجهند جي وقت هڪ ئي ڪٹ تي سُمهندا هئا ۽ جڏهن ڪچڙي شام ٿيندي هئي، تہ اُن ڇوڪري جو ڏاڏو ان کي ميٽ ٿڦي، سرنهن جي پنن ۽ ليمي جي ٽڏي پاڻيءَ سان وهنجاري ۽ پهراڻ پارائي پنهنجي پراڻي جيپ تي چاڙهي شهر جي چوڏاري چڪر ڪارائي ايندو هو. هڪ ڏينهن اُهو ڇوڪرو گهر آيو ۽ ڪجهہ ڪاوڙمان پنهنجي ڏاڏي کي سڏ ڪيائين:

"ابا...!"

هن جي ڏاڏي ڏٺو تہ سندس پياري پوتي اڄ اچي پاڪر نہ پاتو آهي ۽ پري کان بيهي ڪاوڙمان سڏيو اٿائين تہ هن حيرت مان اُتي جو اُتي جواب ڏنو هو:

"جيءُ ڪري ابل ابا! جيءُ ڪري ابل...!"

"ابا سياڻي کان تون منهنجي اسڪول نہ اچجانءِ."

"چو ابا!؟"

"مون تي ڇوڪرا ٽوکون ٿا ڪن تہ هاءِ اسڪول ۾ اچي پهتو آهين، هيڏو سارو ٽيو آهين، ايجان توکي تنهنجو ڏاڏو روزانو ڏسڻ ٿو اچي!"

"بس ابا اڳتي نہ ايندس، بس نہ...!"

ڇوڪري کو جواب نہ ڏنو هو.

"ابا، هاڻي تہ ڪاوڙ ڇڏي اچي پاڪر پائي هنيانءُ ٺار نہ!"

پوءِ چوڪري وڃي ڪيس پاڪر پاتو ۽ هن چوڻ شروع ڪيو:
"ابا ڇڻ! هاءِ هاءِ..."
هن ڇيو هو:
"هاءِ هاءِ..."
"دل ٺري..."
"دل ٺري"
"من ٺريو..."
"من ٺريو"
"پپن سان..."
"ابل سان"

هڪ ڏينهن اُهو چوڪرو استيشنري شاپ تان نوٽ بُڪ وٺڻ ويو تہ استيشنريءَ واري هن کي هڪ لطيفن جو ڪتاب "گامڻ جا گُفتا" ڏنو جيڪو هن هڪ ڏينهن ۾ پڙهي پورو ڪيو ۽ ٻئي ڏيهن وڃي اُن دڪاندار کي چيائين:
"چاچا! هيءُ ڪتاب مون کي ڏاڍو وڻيو آهي، ههڙو ڪو ٻيو ڪتاب هجي تہ ڏيو."

پوءِ دڪان واري هن کي مرزا قليچ بيگ جو ڪتابڙو "ڪارو جِن" ڏنو. جنهن کانپوءِ هو"گُل قُل" لوڪ داستانن جا ۽ ٻيا ٻاراٽا ڪتاب وڏي شوق سان پڙهڻ لڳو. جڏهن ٻار لغڙ اُڏائڻ ۽ ڏِڪي ڏَڪر کيڏڻ ۾ مشغول هوندا هئا، تہ هو ڪنهن ڪُنڊ ۾ ويٺو ٻاراٽا ڪتاب پڙهي ڪڏهن اُداس ٿيندو هو تہ ڪڏهن ٿهڪ ڏئي کِلي پوندو هو. ايئن هن ڪيترائي ڪتاب پڙهي ورتا، جن هن جي اخلاق ۽ حساسيت ۾ بيحد اضافو ڪري ڇڏيو. هن کي ننڍپڻ کان ئي تمام گهڻو پيار ۽ پئسا مليا هئا، ايتري تائين جو سندس ڏاڏو جڏهن سالياني فصل کڻندو هو، ۽ سمورين بنئين جا پئسا رائيس مل تان کڻي ايندو هو تہ پهرين ڪجهہ وقت اُهي پئسا هن جي سيراندي‌ءَ کان رکندو هو. اُهو چوڪرو ڪجهہ وقت اُنهن پئسن جي مٿان سمهي رهندو هو، پوءِ سندس ڏاڏو وڃي اُهي پئسا بئنڪ ۾ جمع ڪرائي ايندو هو. وقت گذرندو ويو هن جي ڏاڏي کي ڏينهون ڏينهن ضعيفي گهيريندي وئي. هن ڇوڪري جي ماءُ سان هن جي ڀڻين، ڏاڏيءَ ۽ پيءُ جا رويا خراب ٿي ويا. هن جو ڏاڏو جيئرو هو اُن ڪري ڪنهن کي سڏيءَ ريت جهيڑو ڪرڻ جي جرئت نہ ٿي هئي. هڪ ڏينهن هن جو ڏاڏو بيمار ٿي پيو ڪيس شهر جي وڏي اسپتال ڪٽائي ويا، ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ هن جي طبيعت ۾ ٿورڙي بهتري آئي، جڏهن هو ٿورڙو هلڻ جهڙو ٿيو تہ هن ڇوڪري کي چيائين:

"پپن!"

"جيءُ ابا!"

"هيڏانهن اچُ. تہ ٻاهران چڪر ڏئي اچون."

"ٺيڪ آهي ابا."

هن جو ڏاڏو سندس ٻانهن ۾ هٿ وجهي، ڪيس مختيارڪار آفيس وٺي ويو ۽ وڃي مختيارڪار کي چيائين:

"منهنجي زمينن جا ڪاتا ڪوليو."

مختيارڪار پڇيس:

"ڇو رئيس، خير تہ آهي؟"

"ها خير آهي، مان پنهنجا ڪاتا ڪولائي، پنهنجون زمينون پنهنجي پوٽي جي نالي ڪرائڻ ٿو چاهيان."

"اوهان سياڻي اڇجو اڄ تپيدار فيلڊ ۾ ويل آهي."

"ائي..."

هن کان دانهن نڪري وئي هئي. هن وڏي ارمان مان چيو هو:

"هل، سياڻي ايندا سين."

پنهنجي پوٽي جي ٻانهن ۾ هٿ وجهي سڏو گهر اچي نڪتو. ٻئي ڏينهن صبح ٿيندي ئي ڏاڏنهنس سڏ ڪيو.

"پپن!"

"جيءُ ابا!"

"اڄ تہ هلون."

"ابا! مان اسڪول ٿو وڃان."

هن چڑ ۾ ڏيندي چيو هوس:

"ڇڏ ڙي اسڪول کي، اڄ مون سان گڏ."

سندس ڏاڏي اڳ ڪڏهن ايئن نہ ڳالهايو هو. هن پنهنجي ڏاڏي کي ڏٺو جنهن جي چهري مان تڪليف جا ڀاوَ ٻکي رهيا هئا. هو ان نندڙي جي ٻانهن ۾ هٿ وجهي سڏو وڃي مختيارڪار آفيس نڪتو ۽ مختيارڪار کي چيائين:

"سائين! تپيدار صاحب کي سڏايو مون کي منهنجون زمينون هن جي نالي ڪرائڻيون آهن."

مختيارڪار چيو هوس:

"اوهان جي ديهہ وارو تپيدار اڄ موڪل تي آهي، اوهان سياڻي نائين وڃي اچجو."

هن جي ڏاڏي کان رڙ نڪري وئي هئي:
"يا حُسين!"
"رئيس اوهان ڳٽتي نہ ڪريو سياڻي اوهان جو ڪم ضرور ٿي ويندو."
هن انتهائي افسوس مان ڪيس چيو هو:
"ها...! پر...!!"
ٻاهر نڪري هن جو ڏاڏو هن سان چرين وانگي ڳالهائي رهيو هو.
"هو وڏا حرامي آهن، توهان کي ڏاڍو نقصان ڏيندا، مون وٽ وقت گهٽ آهي، وڏو ظلم ٿي ويو.. يا حُسين... اي خدا هنن تي ٻاجهه ڪجانءِ..."
ڇوڪرو پريشان ٿي ويو هو تہ سندس ڏاڏو ڇا ڳالهائي رهيو هو. هن کان روڪڻ کان انداز ۾ لاشعوري طور جملا نڪري ويا هئا:
"ابا! ڇا ڳالهه آهي؟ تون ايڏو پريشان ڇو آهين؟"
"اڙي ابا! توکي ڪا خبر ناهي... هنن مان ڪنهن کي غذا نہ ٿيندي، هو توهان کي ڏاڍي تڪليف ڏيندا."
ڇوڪرو پنهنجي ڏاڏي جي ڳالهه سمجهي نہ سگهيو هو ۽ ڏکارو ٿيندي پڇيو هئائينس:
"ابا! ڪنهن مان غذا نہ ٿيندي..؟"
هن ايڪا جملو پورو نہ ڪيو هو تہ سندس ڏاڏي رڙ ڪندي چيو هوس:
"پٽهين مان... هاڻي بس ڪري هل."
هو رستي ۾ چرين وانگي چپن ئي چپن ۾ ڳالهائي رهيو هو:
"ابا! الله سڀائي ڪندوَ رب ڏکيو ڏينهن نہ ڏيکارينڈوَ اي رب! هاڻي تنهنجو ئي سانگو اٽني!"
هن ڏٺو هو تہ هن جي ڏاڏي جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا هئا. هو بہ پنهنجي ڏاڏي جي اکين ۾ ڳوڙها ڏسي روئي پيو هو. هن جو ڏاڏو هن جي اکين ۾ ڳوڙها ڏسي پريشان ٿي ويو هو ۽ هن جا ڳوڙها اُگهندي چيو هئائين:
"روءُ نہ ابا...! هاڻي الله مددگار اٿوَ... او رب! هنن کي ڏکيو ڏينهن نہ ڏيکارجانءِ."
گهر پهچندي ئي هن پنهنجي ڏيئرن کي نياپو ڪرايو تہ اچي ڏسي وڃو. شام ٿيندي ئي سندس ڏيئرون، پائٽيا ۽ پُٽ اچي گڏ ٿيا. هن جو ڏاڏو ڪٽ تي ليٽيو پيو هو. اُهو ڇوڪرو اُن ئي ڪٽ تي سيراندي ڪان ويٺو هو. هن سيني کي ڏسي ڳالهائڻ شروع ڪيو هو:
"ٽيهٽ سال عمر اٿم، نبين، ولين ۽ اولياڻن جي عمر ماڻي اٿم، سڄي زندگي سُني گذريم، نہ ڪا بيماري پرايم، نہ ڪنهن سان خراب هليم، سڀ جو پلو چاهيم،

سڄي عمر منهنجي نيت صاف رهي... اوهان بہ منهنجو ڪِليو ڳالهايو بخش ڪجو."

اهي جملا ڳالهائي هن جو ڏاڏو خاموش ٿي ويو. سندس مٿان بيٺل ڏيئرون، پُٽ ۽ پائٽيا چوڻ لڳا هئس:

"ابا همت نہ هار الله توکي وڏي حياتي ڏيندو، ٻن ٽن ڏينهن ۾ تون چاق ۽ چگو ٿيلو ٿي ويندين."

"هائو ابا...!"

اهي لفظ ڳالهائي پڇيو هئائين تہ:

"پيپن ڪٿي آهي؟"

ان ڇوڪري جواب ڏنو هوس تہ:

"مان هتي ويٺو آهيان ابا!"

هن جو هٿ پڪڙي پنهنجين ڏيئرن ۽ پُٽَ کي چيو هئائين:

"ابا! بس هنن جي پارت اتوَ هنن کي ڏکيو نہ ڪجو."

هنن رُکائيءَ مان چيو هو:

"ڇو ڏکيو ڪنداسين ابا!"

"بس ابا! ايئن ئي پارت ڪيون ٿو وڃانوَ"

پوءِ هن کي چيو هئائين:

"پيپن!"

"جيءُ ابا!"

"اڇُ مون کي پاڪر پاءِ!"

"ها ابا!"

"ابا ڇڏِ! هاءِ هاءِ..."

هن چيو هو:

"هاءِ هاءِ..."

"دل ٺري..."

"دل ٺري"

"من ٺريو..."

"من ٺريو"

"پيپن سان..."

"ابل سان."

هن جي ڏاڏي هن کي ڳٽن تي چُميون ڏنيون ۽ هڪ نظر سيني کي ڏسي جيئن ئي چت ڏانهن ڏٺائين، تہ سندس ساهہ پڙڪو کائي اُڏامي ويو.

هن چوڪري جا ڳوڙها ڪيترن ئي ڏينهن تائين وهندا رهيا هئا. هو ڪيترائي پيرا اسڪول کان موٽندي جيئن گهر ۾ داخل ٿيندو هو ته ابا ڏاڏي جي ڪمري ۾ هليو ويندو هو. ٻئي لمحي ڪيس جڏهن احساس ٿيندو هو ته سندس ڏاڏو هاٿي جيئرو نه رهيو آهي، تڏهن اوچنگارون ڏئي روئي پوندو هو. آخري ٻن ڏينهن ۾ هن جي ڏاڏي هن کي چا ٿي سمجهائڻ چاهيو اها خبر ڪيس ڪجهه مهينن کان پوءِ پئجي وئي هئي. هن جي ڏاڏي جي وفات کي ايڏا سال سوا ئي مس گذريو هو ته هن جي پيءُ ٻي شادي ڪري ڇڏي هئي. پوءِ هن کي خبر پئي هئي ته هن جي ڏاڏي کي آخري وقت ۾ اها چا جي اُڻ ٿُڻ هئي. هڪ ڏاڏي جي موت جي صدمي ۽ ٻيو گهرو ماحول هن کي ڏاڍو اُداس ۽ ويڳاڻو ڪري ڇڏيو هو. هو سندس ماءُ، پيءُ ۽ پاءُ اڪيلا ٿي ويا هئا. ڪالهه تائين جا اميرَ، فقير ٿي ويا. مائٽن مٽن ۽ دوستن جي روين ۾ تبديلي اچي وئي هئي، ڪن ٽوڪون ڪرڻ شروع ڪينَ ته ڪن رحم ڪائڻ. ان قسم جي سماجي تبديليءَ هنن کي جهوري وڏو هو. هو جيئرا لاش ٻڌجي چڪا هئا. مسلسل سوچڻ جي ڪري هن کي مٿي ۾ ايترو ته شديد سُور پوندو هو جو هو بيهوش ٿي ڪِري پوندو هو. ڊاڪٽر سمجهي ويا هئا ته چوڪري کي ڪو گهرو صدمو رسيو آهي، مٿي جو سُور ڏينهون ڏينهن وڌندو پئي ويس، گهڙيال جي ڪانٽي جي ٽڪ ٽڪ هٿوڑي جيئن مٿي ۾ لڳندي هيس. راتين جون راتيون ننڊ نه ايندي هيس. ننڊ جون گوريون به هن کي ننڊ نه ڏياري سگهنديون هيون. سرڪاري اسپتالن ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڊاڪٽرن جا انتظار ڪندو هو. جڏهن هو سرڪاري دوائون وٺڻ لاءِ ڊگهين قطارن ۾ بيهندو هو تڏهن هن کي زندگي ڏاڍي ذليل لڳندي هئي. پهريون دفعو جڏهن سرڪاري دوائون وٺڻ جو وارو آيو هوس، ته دوائن جي انچارج ڊاڪٽر هن کي چڙڀ ڏيندي چيو هو:

"اڙي! تون غريب آهين...؟"

هو سوچ ۾ پئجي ويو هو ته هن کي ڪهڙو جواب ڏيان. هو غربت جنهن جي پاسي کان به نه گذري هئي، اڄ پاڻ کي سڀ کان غريب شخص سمجهڻ لڳو هو. هو ان سوچ ۾ ئي ٻُڏو بيٺو هو ته ڊاڪٽر وري رڙ ڪندي ڪانئس پڇيو هو:

"اڙي سچ ٻُڌاءِ تون غريب آهين؟، هي غريبن جون دوائون اٿئي، جي ڪوڙ ڳالهائي ڪٽي وئين ته خدا پڇندئي."

هن تي سڪتو طاري ٿي ويو هو. پهريون دفعو پاڻ کي غريب چوائيندي هن جي من تي قيامت برپا ٿي چڪي هئي. لفظ هن جي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا هئا، جن کي هن وڏيون ڳيتون ڏئي مَس زبان تي آڻيندي چيو هو:

"ها سائين! مان غريب آهيان."

اهو جملو ڳالهائڻ کانپوءِ هن جو ساهه گهٽجڻ لڳو هو. هو اڃان ان جملي جي ڪرب ۾ ئي هو ته ڊاڪٽر وري ايٽنگهي نموني ۾ سختيءَ سان چيس:

"قسم کڻ ته تون غريب آهين."

هن حيرت جي سمنڊ ۾ ٻُڏندي چيو:

"جيءُ سائين...!!"

"قسم کڻي ٻُڌاءِ، ته تون غريب آهين يا نه؟"

هو سجو پگهر جي ويو هو. ڀ ڪنبندڙ آواز ۾ پڇيو هئائينس:

"سائين! ڪنهن جو قسم کڻان؟"

"جيڪو سڀ کان گهڻو پيارو اٿئي، اُن جو قسم کڻ!"

"سائين! سڀ کان پيارو خدا آهي، اُن جو قسم کڻان!؟"

ڊاڪٽر هڪ لمحي لاءِ هن جي چهري ڏانهن ڏسندو رهيو هو. ڀ پوءِ چيو هئائينس:

"ٺيڪ آهي، خدا جو ئي قسم کڻ."

هن جي دل جو ڌڑڪو تيز ٿي ويو هو ڪيس پنهنجي دل ڦاٽندي محسوس ٿئي ٿي، دماغ جون رڳون ٽُٽنديءَ ٿئي محسوس ڪيائين، سوچيائين ٿئي ته زندگيءَ کهڙي نه ذليل موڙ تي آڻي بيهاريو آهي! هڪ امير خاندان جو چوڪرو پنهنجي علاج لاءِ کهڙي نه اذيتناڪ مرحلي مان گذري رهيو آهي. هن جڏهن ڪوڙو قسم ٿئي ڪنيو تڏهن سندس چپ ڀ سڄو جسم ڏڪي رهيا هئا. هن ڏڪندي ڏڪندي وڏيءَ ڪرب مان چيو هو:

"مون کي خدا جو قسم آهي، مان غريب آهيان."

هو قسم کڻڻ کانپوءِ پنهنجي لوندڙين تي هٿ ڏئي فرش تي ويهي رهيو هو. ڊاڪٽر هڪل ڪندي پُڇيو هوس:

"ڇا ٿو ٿيئي؟"

"سائين! لوندڙين ۾ مٽي ۾ چڪ لڳي ويو آهي ڀ ڏاڍا چڪر ٿا اچن."

ڊاڪٽر سندس ڳالهه ٻُڌي اڻ ٻُڌي ڪندي چيو هوس:

"پرچيءَ ۾ ستن ڏينهن جي دوا لکيل آهي، اسان رڳو تن ڏينهن جي ڏئي سگهون ٿا. هن مان ٻه ٽڪيون اسان وٽ آهن، باقي ڪيپسول ٿورا مهانگا آهن، اُهي اسان وٽ ناهن هوندا. سرڪار کي چئو ته ڏين ته توهان کي ڏيون، هاڻي اُٺ ڀ نڪر ٻاهر."

هو ڇهه،تيز گلابي ڀ ٽي اڇيون ٽِڪيون هٿ ۾ ڪٽي ٻاهر نڪتو. پنهنجو پاڻ سٽياليندي سِول اسپتال جي سامهون ڪيترن ئي ميڊيڪل اسٽورن مان وڃي هڪ جي اڳيان بيٺو. اسٽور واري کي چيائين ته:

" سائين! مون کي ٻڌائجو ته هي ٽيبليٽس گهٽي جون آهن."
استور واري پرچي ڏسي چيو ته:
"دماغي دوائون مڙئي ڪجهه سستيون هونديون آهن، ڪيپسول نٿا ونو؟"
"نه سائين، في الحال ڪجهه پئسا گهٽ آهن، پوءِ اچي وٺي ويندس."
"ٺيڪ آهي، سڄي هفتي جون ٽيبليٽس ارڙهين روپين جون آهن، ڪيپسولن سميت ٻڌايانو؟"
هن ميڊيڪل استور واري جي دل رکڻ لاءِ چيو هو:
"ها سائين! ٻڌايو."
ميڊيڪل استور واري شيلف مان ڪيپسولن جا پيڪيٽس ڪڍيا، ۽ قيمتون ڏسي حساب ڪرڻ شروع ڪيون ته هن جون نظرون پيڪيٽ جي مٿان لکيل "Not for Sale" واري ليبل تي وڃي پيون، هن کان بي اختيار نڪري ويو:
"هي ته نات فار سيل آهن، اوهان سرڪاري دوائون ٿا وڪٽو!"
"بس سائين! ڇا ڪريون؟ مجبوري آهي، جي هي دوائون ڊاڪٽرن کان نٿا وٺون، ته هي حرامي مريضن کي ٿا چون، ته هن استور واري کان دوائون نه وٺجو هن جون دوائون نقلي آهن. هاڻي ٻڌايو ته اسان ڇا ڪريون؟ اسان کي به پنهنجن ٻچن جو پيٽ ته پالڻو آهي نا"
هن سوچيندي چيو هو:
"ها سائين...!"
هن کي ان ڊاڪٽر جو جملو ذهن ۾ بولاٽيون کائي ڦرڻ لڳو:
"هي غريبن جون دوائون اٽئي، جي ڪوڙ ڳالهائي ڪٽي وئين ته خدا پُڇندئي... هي غريبن جون دوائون اٽئي، جي ڪوڙ ڳالهائي ڪٽي وئين ته خدا پُڇندئي... غريبن جون دوائون... خدا پُڇندئي... خدا... پڇن...د...ئي..."
هن جي مٿي کي ڦيري اچڻ لڳي، ڪجهه لمحن کان پوءِ هو ڦهڪو کائي وڃي هيٺ ڪِريو. ڪجهه منٽن کانپوءِ ماڻهن جي رش پنهنجي مٿان بيٺل محسوس ڪيائين. ڪجهه سُٽن انسانن هن جي هٿن پيرن جون تريون پٽي مهٽيون، هڪ ماڻهوءَ ڪيس پاڻيءَ جا تيز چنڊا پٽي هنيا، ماڻهن جا آواز سندس ڪنن ۾ پوڻ لڳا هئا:
"اڄ گرمي به ته آهي... چوڪري کي ڏينهن لڳو هوندو... ها، هيءُ بيمار به آهي... پڪ ڏينهن لڳو هوندس..."
فرش تي ڪِرڻ کان اڳ سندس مٿو پهرين ميڊيڪل استور واري ڪاٺ جي دخل کي لڳو هو. بيهوشيءَ مان اکيون کُلڻ کان اڳ ئي سندس هٿ مٿي جي اُن

حصي تي پيو جتي ڪيس زوردار ڏڪ لڳو هو. جيئن ئي هنڙ ۾ جو هٿ ڏڪ لڳل حصي کي وڃي لڳو تہ هن کان درد مان آهہ نڪري وئي:

"آهہ...!"

"بچيو آهين نوجوان...! سِرُ بچيو اٿئي...!"

پيرن جون تِريون مهٽيندڙ هڪ شخص ڪيس همت ڏيندي چيو.

هن سندس ٿورا مڃيندي چيو:

"مهرباني سائين!"

هو اُٿيو. پنهنجو سئنڊل پائي ڪپڙا چنڊاڻ لڳو تہ پرسان بيٺل همدرد انسانن بہ سندس ڪپڙا چنڊائڻ ۾ مدد ڪئي. هن اُنهن سيني ماڻهن جا ٿورا مڃيا، ۽ پنهنجو ساڃو هٿ اُن ڏڪ لڳل حصي تي رکي بس اسٽينڈ ڏانهن وڌڻ لڳو. پنج روپيا چنگچيءَ جي ڪرائي جا بچائڻ لاءِ ٽي چار ڪلوميٽر اُس ۾ پنڌ ڪيائين. بس اسٽينڈ تي پهچي لوڪل بس ۾ چڙهي ويٺو جيڪا سندس شهر وڃڻي هئي. هن چار سال ايئن ئي محرومين ۽ خاموشيءَ ۾ گذاريا. پنهنجو پاڻ کي سنياليائين. پنهنجن گهر وارن کي سنياليائين، ۽ آهستي آهستي ڏکن جي اثر کي ختم ڪري ڇڏيائين. الائي ڪيئن پئسا هٿ ڪري يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتائين. هو هن وقت يونيورسٽيءَ جو شاگرد آهي، ۽ هڪ عام شاگرد جيئن زندگي گذاري رهيو آهي...

ڏس جانان! اُهو ڇوڪرو جنهن وٽ دولت جي ڪا ڪمي نہ هئي، جنهن کي شين جي ڪا ڪمي نہ هئي، جنهن جي پسند تي گهر جي ياڃي پڇندي هئي، تنهن کي وقت ڪٽي وڃي بيهاريو هو، ۽ هن حالتن سان ڪيئن نہ مقابلو ڪيو آهي."

تون منهنجي اُداس ٽي ويل اکين ۾ تِڪَ ٻَڌي ڏسندي رهي هئينءَ، ۽ پوءِ مون کان پڇيو هيئي:

"اُهو ڇوڪرو تون آهين جانو!؟"

مون توکي ڪوبہ جواب نہ ڏنو هو منهنجن ڳلن کي پنهنجن هٿن ۾ جهليندي پڇيو هيئي:

"منا! اُهو ڇوڪرو تون آهين نہ؟"

مون پنهنجو ڪنڈُ هاڪار ۾ ڏوڪيو هو جنهن کان پوءِ لفظ توکان بي اختيار ڇڏائجي ويا هئا:

"ارڙي! مان صدقو پنهنجي مٿي جانوءَ تان. اڄُ مون کي ياڪي پاءِ."

مون توکي ياڪي پاتي هئي، تون پنهنجي سموريءَ سُڃند سميت مون ۾ سمائجي وئي هئينءَ، ۽ مون کي چيو هيئي:

"ڇڏ هاءِ هاءِ!"

مان ٿورو مُرڪيو هوس، تو وري چيو هو:
"چئہ هاءِ هاءِ!"
مون مُرڪندي چيو هو:
"هاءِ هاءِ..."
"دل ٺري..."
"دل ٺري"
"من ٺريو..."
"من ٺريو"
"مِٺي جانو مُنوءَ سان..."
"مِٺي جانا سنڌيا سان"
مان تنهنجي ٻَڪ ۾ تنهنجي پيار ۽ پنهنجائپ تي سوچي رهيو هوس، منهنجي مَنَ ۾ هيءُ گيت گُنگنائجي رهيو هو:
"تيرا غم ميرا غم اِڪ جيسا صنم
هم دونون ڪي ايڪ ڪهاني
آ لگجا گلي، دل جاني..."

3

پنهنجن ڏکن جا اثر گهٽجي رهيا هئا. سچ چوندا آهن تہ ڏُکَ وندڙ سان گهٽجي ويندو آهي. تون نارمل ٿي وئي هئينءَ، تو ۾ آهستي آهستي خوشگوار تبديلي اچي رهي هئي. مان توکي خوشگوار ماحول ڏيڻ جي وڌ ۾ وڌ ڪوشش ڪندو هوس، لطيفا ٻڌائيندو هوس، مشڪريون ۽ مستيون ڪندو هوس، رکي رکي پاڻ صفا ٻار ٿي ويندا هئاسين. سچ تہ تنهنجو انداز پيار ۾ بہ نِج نِيار ۽ اوريجنل ئي هو. جهڙي تون هونئن منفرد هئينءَ، تهڙي پيار ڪرڻ ۾ بہ. تون مون کي ڪو نئون افسانوي قسم جو رومانوي ڪردار لڳندي هئينءَ. تنهنجين پيار پرين ڳالهين تي ڏاڍو پيار ايندو هوم. هڪ شام مارئي هاسٽل جي سامهون واري مرزا قليچ پارڪ ۾ ويٺي چيو هيئي:

"مُنا ووڃا"

"جيءُ."

"منهنجي توسان ڏاڍي دل اٽئي."

مون نخرا ڪندي چيو هو:

"منهنجي بہ."

تو پڇيو هو:

"ڇا تنهنجي بہ؟"

مون پنهنجي منهن تي معصوماڻي مُرڪ پري نخرو ڪندي چيو هو:

"منهنجي بہ توسان ڏاڍي دل آهي."

چيو هيئي:

"چئہ آءِ لَوَيو."

هڪ ساعت لاءِ پنهنجين اکين ءِ چپن کي بند ڪري توڏانهن وڏائيندي، ٿورڙي توتلي ٻوليءَ ۾ چيو هوم:

"معان... پيي..."

تو مون کي ڏسندي تيزيءَ سان چيو هو:

"چا چيئي؟"

مون سوچيو هو شايد توکي منهنجو اهو انداز نہ وٹيو آهي، تنهن ڪري اُتي جو اُتي جواب ڏنو هوم:

"مان بہ."

"ايئن نہ، جيئن اڳ ۾ چيئي، تيئن چئہ."

مان مُرڪي پيو هوس، ءِ اڳ واري انداز ۾ چيو هوم:

"معان... پيي..."

تو تيزيءَ سان منهنجن چپن جي ڪُنڊن تي چُمي پاتي هئي، ءِ توکان جملو نڪتو هو:

"ائي...! مان صدقي...چورا مون سان گھٹيون مستيون نہ ڪندو ڪر، نہ تہ چُميون ڏئي ساهہ ڪڍي ڇڏيندياسانءِ."

مون کي زور سان ٻاڪر پائي، پنهنجا ڳل منهنجن ڳلن سان ملائي ويهي رهي هئينءَ، ءِ مون کي چيو هيئي:

"مُنا!"

"جيءُ!"

"منهنجي دل ٿي چوي، مون کي علاءُ الدين جو جادوءَ وارو چراغ ملي ويو."

ڪِلندي پڇيو هومانءِ:

"پوءِ ان کي چا ڪندينءَ؟"

مُرڪندي ءِ سوچيندي چيو هيئي:

"پوءِ ان کي چا ڪندم!؟ اُن سان توکي ننڊڙو ڪري توکي ڪچ تي ڪٹي پڇندي سوتندم."

مُرڪندي ڪيو هوم:

"هونهہ...!"

"ها...! وري توکي صفا ننڊڙو ڪري، پرس ۾ وجهي، پنهنجي هاسٹل ڪٹي ويندم، وري توکي ٿورو وڏو ڪري وهنجاري سهنجاري، پائوڊر ڪريم لڳائي، ڪٹي ٺئي، سُرمو پارائي، توکي ڪِلائيندم... الي الي الي... ڪِلي ڪِلي منهنجو بابلو...!"

"ها ها ها..."

پاڻ ٿڪ ڏئي ڪِلي پيا هئاسين. ڪِلندي پچيو هيئي:

"ٻڌايانءِ، ٻيو ڇا ڪندم؟"

"ها ٻڌاءِ."

سوچي ٻڌايو هيئي:

"توسان نہ ڇم ڇم راند ڪيڏندم."

تون ڳاڙهي ٽي وئي هئينءَ، تنهنجا ڳاڙها ڳل، تنهنجين اکين ۾ چمڪ ۽ تنهنجي چهري تي خوشيءَ جا وڏا پاوَڏسي مون کي توتي پيار اچي ويو هو. تو چيو هو:

"اڇ تہ ڇم ڇم راند ڪيڏون."

"اها ڪيئن ڪيڏبي آهي؟"

"تو منهنجي هٿن کي پڪڑي، هڪ هٿ کي سِڌو ۽ ٻئي کي اُبتو ڪري ڇڏيو هو. ۽ هڪ هٿ کي منهنجي هٿ تي ۽ ٻيو پنهنجي هٿ تي رکي اُن سان تاڙي وڄائيندي چيو هيئي:

"هاڻي جيئن مان چوانءِ، تيئن تون ڇڪجانءِ."

"ٺيڪ آهي."

"ڇئہ، ڇم ڇم ڇم."

توسان گڏ چوڻ شروع ڪيو هوم:

"ڇم ڇم ڇم."

"تِتلي اُڏي، اُڏ نہ سَڪي."

"تِتلي اُڏي، اُڏ نہ سَڪي."

"بس مين چڙهي، سيٽ نہ مِلي."

"بس مين چڙهي، سيٽ نہ مِلي."

"ڊرائيور ني ڪها، آجا ميري پاس."

"ڊرائيور ني ڪها، آجا ميري پاس."

"تتلي ني ڪها، چل بدمعاش."

"تتلي ني ڪها، چل بدمعاش."

تو منهنجي پيٽ ۾ ڪِتڪِتايون ڪيندي ۽ ٿڪ ڏيندي چيو هو:

"بدمعاش... بدمعاش... بدمعاش..."

"ها ها ها... ها ها ها..."

پاڻ ٻنهي گڏجي ڏاڍا ٿڪ ڏنا هئا. تو مون کي پاڪر پائي چيو هو:

"مُنا! تون ڏاڍو بدمعاش آهين."

"چو؟"

"بس، ايئن ئي پيار ۾..."

پاڪر ڪيندي چيو هيئي:

"ٻڌ مُنا!"

"هونهه...!

"توکي جادوءَ سان ايئن ڪري ڇڏيندم جو تون مون کي ته نظر اچين، پر ٻين کي نظر نه اچين."

"هونهه...! پوءِ چا ڪندينءَ؟"

"پوءِ مان توکي پاڻ کان هڪ منٽ به پري نه ڪندم."

"اڇا...!"

"ائي...! مُنا! جيڪڏهن ايئن سچ ۾ ٿئي، ته ڪيڏو نه مزو ٿي وڃي."

"ها! واقعي...!"

"منهنجا ته صفا مزا ٿي وڃن."

"ها بلڪل!"

تو مُرڪندي ۽ سوچيندي آسمان ڏانهن ڏٺو هو. آسمان ۾ اڻ ڳڻيا تارا ٽِمر ٽِمر ٽمڪي رهيا هئا؛ ۽ تون سوچ ۾ پئجي وئي هئينءَ، ان قسم جي سوچ کي ئي ڪُليل اکين سان خواب چئبو آهي. پيار جو هر هڪ پل ڪيڏو نه مست الست ٿيندو آهي. جيڪي خواب هونئن ڏسڻ ماڻهوءَ جي لاءِ ممڪن نه هوندا آهن، اُهي پيار ئي ممڪن بڻائي ڇڏيندو آهي. پيار اڳيان ڪنهن جي به راءِ ناهي هلندي. تنهنجون مست الست ڪيفيتون ڏسڻ وٺان هيون. زندگيءَ جي بيڪار ۽ نه وٽندڙ گهڙين کي به پيار وٽندڙ ۽ ڪارائتو بڻائي ڇڏيندو آهي. انهن لمحن ۾ چا ته ڪيف آهي! پنهنجن نيٽن ۾ خمار چڙهي رهيا هئا؛ ۽ هڪ دفعو وري جامشوري جي وادي‌ءَ ۾ هڪ صدا گونجي اُٿي هئي:

"ڪيف ڏاران ڪوءِ، جيئي ڪو نه جهان ۾.... ڪيف ڏاران ڪوءِ جيئي ڪو نه جهان ۾..."

3.1

ٻئي ڏينهن توڪان اڳ ۾ فزيالاجي ڊپارٽمينٽ ٻاهران پهچي چڪو هوس. ڪجهہ منٽن ۾ تون ٻہ پوائنٽ مان اچي لٽي هئينءَ. پوائنٽ مان لهي مُرڪندي مون ڏانهن وڌي هئينءَ. منهنجي ويجهو اچي مونکي سلام ڪري، هٿ ملايو هيئي. اڄ تون ريڊش برائون رنگ جي ٽوري وڌي پرس کٽي آئي هئينءَ. پاڻ پنڌ ڪندا زولاجي ڊپارٽمينٽ اڳيان ٽهيل ڪُليل ڪينٽين ۾ هلي ويٺا هئاسين. ڪرسيءَ تي ويهندي ئي تو چيو هو:

"هن کان هڪ خالي پليٽ گهراءِ، اڄ مان هاسٽل تان پاڻ ناشتو تيار ڪري آئي آهيان."

مون تنهنجي ان پيار تي مُرڪندي چيو هو:

"ايڏي تڪليف چو ڪيئي...؟"

تو منهنجن نيٽن سان نيٽ ملائي مُرڪي پُڇيو هو:

"ڪهڙي تڪليف...؟"

مون توکي ڪوبہ جواب نہ ڏنو هو بس تنهنجي پيار تي مُرڪندو رهيو هوس. مون ڪينٽين تي ڪم ڪندڙ ڇوڪري کي هڪ خالي پليٽ ۽ ٻہ چانهيون کٽي اچڻ لاءِ چيو هو. اُهو ڇوڪرو هڪ منٽ ۾ اچي خالي پليٽ ڏئي ويو هو. تو پرس کولي، اُن مان هڪ ٽيلهي ڪڍي هئي، جنهن ۾ هڪ پرٽ پريل رومال ۾ ويڙهيل هڪ اُڦراتو ۽ آملیٹ ٽيل آنو ڪڍي، اُن پليٽ ۾ رکيا هيئي. مون کان مرڪندي وري جملو نڪري ويو هو:

"تو ايڏي تڪليف ڇو ڪئي...؟"

ٿورو معمولي تيز ٿيندي چيو هيئي:

"ڪهڙي تڪليف منا! مون کي روز روز هي سموسا کائڻ سان ايسڊٽي ٿي ٿئي، ان ڪري ناهي آيس. توکي اها تڪليف ٿي لڳي ۽ توکي اهو سُنو نٿو لڳي ته سياڻي سموسا کائيندیس ته جيئن مونکي ايسڊٽي ٿئي، بس نہ...؟"

مون ٻہ اُتي جو اُتي جواب ڏنو هو:

"نہ نہ، جانان، مون کان ته بس ايئن ئي نڪري ويو."

تون مُرڪي پئي هئينءَ ۽ مُرڪندي چيو هيئي:

"چڱو هاڻ کائڻ شروع ڪر."

مون هڪ لمحي لاءِ توکي ڏسي، سنجيده ٿي چيو هو:

"شروع ڪريان ٿو اُن ساهہ کان پياري مني جانان سنڌيا جي نالي سان، جنهن اڄ صبح جو سوير اُٿي منهنجي لاءِ پنهنجن هٿن سان هيءُ ناشتو تيار ڪيو."

تون منهنجو اهو جملو ٻُڌي بيحد خوش ٿي وئي هئينءَ، ڇڙ توکي تنهنجي محنت جو جائز اُجورو ملي ويو هجي. پهرئين گرهہ کائڻ کان پوءِ مون توکي چيو هو:

"جانان! تون ايڏي سُني Cook ٻہ آهين چا؟"

"ها، اڃان تو منهنجي هٿن جي پڪل پلي، ساڳ، مڇي، تورمو ۽ برياني نہ کاڌا آهن."

"تون اهي سپ پچائيندي آهين؟"

"ڏاڏا زبردست پچائيندي آهيان، کائيندين ته خبر پوندئي."

مُرڪندي چيو هوم:

"معني ته مان پريشان نہ ٿيان نہ؟"

"ڪيئن؟"

"يار جيڪڏهن مون کي ڪا نوڪري نہ ملي ته پوءِ پاڻ سنڌي کاڌن جو ريسٽورنٽ کولينداسين."

تو مُرڪي چيو هو:

"ريسٽورنٽ ته نہ، پر تون مون کي هڪ ننڍڙي بوتيڪ کولي ڏجانءِ، پوءِ ڏسجانءِ مزو."

"بوتيڪ...! اُها وري ڇو؟"

"توکي مون جهڙي سلائي ڪرڻ ۽ پرت پرڻ جي ماهر ٻي ڪا نہ ملندي"

"تون ڪپڑا ٻہ سبندي ۽ پرت ٻہ پريندي آهين؟"

"ڏاڏا عاليشان. منهنجا سپ ڪپڑا منهنجا ئي ته تيار ڪيل هوندا آهن."

"سچي! يارا تون ڪپڙا ۽ سبين، پرت ۽ پرين، رڌ پچاءُ ۽ ڪرين، تون ته ڏاڍي سُگھڑ چوڪري آهين!"

"ها...! تون مون سان شادي ڪري ڏاڍي فائدي ۾ ويندين."

"ها يارا! واقعي ۽ هيڏي سُگھڑ ۽ ايڏو پيار ڪندڙ زال هوندي، ٻيو مون کي چا کپي؟"

تون شرمائجي وئي هئينءَ، ته مون کان بي اختيار نڪري ويو هو:

"الا! مان صدقي...!"

"چو؟ چا ٿيو...!؟"

"چا ٿيو...؟، تون ايڏي سهڻي ٿي لڳين، جو...!"

تون وري شرمائجي وئي هئينءَ ۽ چيو هيئي:

"جو....؟"

"جو.... مان تنهنجي ان سهڻي لڳڻ تي قربان ٿي وڃان."

تو خوش ٿيندي چيو هو:

"معني ته توکي اڄ ناشتو وڻيو؟"

مون حيرت مان چيو هو:

"وڻيو...!؟"

تو حيرانگيءَ مان پڇيو هو:

"چو؟ نه وڻيو چا...؟"

"اڙي يارا! رڳو وڻيو...؟ ڏاڍو وڻيو بيحد وڻيو."

تو خوش ٿيندي پڇيو هو:

"سچي؟"

"سچي."

تون کِلي پئي هئينءَ.

"هُنهه هُنهه هُنهه..."

ايتري ۾ ڪينٽين تي ڪم ڪندڙ چوڪرو ۽ چانهيون ٽيبل تي رکي هليو ويو هو. چانهن جو ڪوپ کڻي اُن مان سُپ پريندي چيو هيئي:

"يارا! هاسٽل تي رهندڙ چوڪريون ٽيون چون، ته مان ڏينهون ڏينهن ڏاڍي مهربان ٿيندي ٿي وڃان."

مون توکي ڏسندي چيو هو:

"پيار ماڻهوءَ کي ڏاڍو شفيق ۽ مهربان بڻائي ڇڏيندو آهي."

"ها... نہ رڳو هاسٽل تي رهندڙ چوڪريون پياريون لڳڻ لڳيون آهن، پر ڪم واريون ماسيون ۽ سڀ انسان پيارا لڳڻ لڳا آهن. سڄي فطرت ۽ اُن جا سڀ رنگ ڏاڍا پيارا ٿا لڳن."

"ها، بلڪل صحيح ٿي چوين. ڪالهه سوئيپر کي جو چاچا چئي سڏ ڪيم، تہ هو حيران ٿي چوڻ لڳو:

'ابا! ڪو چوي اڙي، ڪو چوي ووءِ، ڪو چوي سوئيپر، ڪو چوي پنگي، تون پهريون چوڪرو آهين، جنهن مون کي چاچا چيو آهي.'

مون کيس چيو:

'چاچا! اهو هر ڪنهن جي اخلاق جو مسئلو آهي، صفائي ڪرڻ توهان جو ڪم آهي، باقي تہ توهان بہ اسان وانگر انسان آهيو نا ۽ توهان منهنجي پيءُ جي عمر جا آهيو تہ توهان کي چاچا ئي چوندس نا'

'هائو ابا! تون ڏاڍو سُٹو چوڪرو آهين، باقي ٻيو چوڪرو جي چاچا چئي، معنيٰ اُهو مون کي پنهنجي پيءُ جو ياءُ چوي، ۽ هڪ پنگي ڪنهن پنگيءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو ياءُ ڪيئن ٿيندو؟'

مون کيس چيو هو:

'چاچا! توهان صحيح ٿا چئو. اسان جي سماجي اخلاقيات ايجان اُن پد تي نہ پهتي آهي، جتي سڀ تفريقون چڏي، فقط انسان هجڻ جي ناتي سان سڀ کي ڄاتو ۽ سڃاتو وڃي. بهرحال! توهان منهنجا چاچا آهيو.'"

سڄ پچين تہ جانان! هو ڏاڍو خوش ٿيو هو. سڄو ڏينهن ڪم ڪري هن جو سڀُ ئي ڇڏائجي ويو هو. منهنجي اها ڳالهه ٻڌي هن ۾ نئين توانائي اچي وئي هئي. اسان ٻيو ڪجهه نہ ڪريون، رڳو ماڻهن سان عزت ۽ احترام سان پيش اچون، تہ بہ اسان جو سماج ڪيترن ئي مونجهارن مان نڪري پئي.

تو مون کي ڏسندي ۽ سوچيندي چيو هو:

"ها...! تون صحيح ٿو چئين."

پاڻ چانهه پي، پنڌ ئي پنڌ آرٽس فيڪلٽيءَ ڏانهن هلڻ لڳا هئاسين. مون توکي رستي ۾ چيو هو:

"هيءُ ڏاڍو عجيب سماج آهي، هن سماج ۾ ماڻهن کي نالن سان نہ، پر اُنهن جي عهدن ۽ رُتبن سان ڄاتو ۽ سڃاتو ويندو آهي."

تو سوچيندي چيو هو:

"هونهه..... "Its bad yaar!

"پر هڪ ڏينهن اهڙو ايندو جڏهن ماڻهوءَ ۾ ايترو ماڻهپو هوندو جو اُهو هر ماڻهوءَ سان ماڻهوءَ جي ناتي هڪ جهڙو ۽ دوستاڻو ورتاءُ ڪندو."

"ها بلڪل!"

"ان حوالي سان مون کي شيخ ايياز جو هڪ نظم ڏاڍو وڻندو آهي."

"ڪهڙو؟"

"اڄ تہ چئي ڏي، اڄ تہ چئي ڏي، اڄ تہ علي الاعلان،
منهنجو ڪوئي ديس نہ آهي، منهنجو ديس جهان،
منهنجو ڪوئي نانءُ نہ آهي، مان آهيان انسان."

"واهہ واهہ واهہ...! ان حوالي کان هن جي هڪ يونيورسل دعا بہ ڏاڍي عاليشان آهي- ٻُڌايانءِ؟"

"ها يارا بلڪل!"

"يا رب!
منهنجي پيار کي آفاقي ٻڌاءِ،
تہ جيئن مان هر انسان کي،
پنهنجو پاءُ سمجهان."

"Wow! Its really great!"

"Oh! yes!"

"اهڙن عظيم انساني قدرن جي اسان جي سماج کي ڏاڍي ضرورت آهي."

"ها يار...! ان لاءِ ضروري آهي تہ هر انسان کي زندگيءَ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن سان هڪ دفعو ضرور پيار ٿئي."

اهو جملو ڳالهائي تون مُرڪي پئي هئينءَ. مون بہ مُرڪندي چيو هو:

"Oh! yes!"

پاڻ ڪيمسٽري ڊپارٽمينٽ ۾ علامہ آءِ آءِ قاضي سينٽرل لائبريريءَ کان ٽيندا، هلي آرٽس فيڪلٽي پهتا هئاسين. انگريزي ڪمپلسريءَ جو ڪلاس وٺي پاڻ جڏهن پنهنجي شعبي ڏانهن وريا هئاسين، تڏهن اُتي ادبي سنگت جو سيڪريٽري محمد علي مليو هو. هو مون کي ياڪر پائي مليو هو ۽ توکي ادي چئي سلام ڪيو هئائين. مون کي ميار واري انداز ۾ هن چيو هو تہ:

"واهہ سائين واهہ! مون اوهان کي بہ پيرا اڳ بہ اڇڻ جو چيو آهي، پر اوهان نہ آيا آهيو هاڻي ٻُڌايو تہ اڄ ڪهڙي وقت ٿا اچو؟"

"معاف ڪجانءِ يارا پر اڄ ضرور ايندس."

"وقت ٻُڌايو ڪهڙي وقت ايندا؟"

"اڄ شام سوا آٺين وڄي."

"جيڪڏهن نه آيا تہ؟"

"نہ نہ... اڄ مان ضرور ايندس."

محمد عليءَ مُرڪي چيو هو تہ:

"جي اڄ نہ آيؤ تہ پوءِ اوهان جي ڪنهن کي دانهن ڏبي."

پاڻ ٽئي ڪِلي پيا هڪاسين. تون خوشيءَ مان وڌيڪ مُرڪي رهي هئينءَ. محمد علي مُرڪندو هليو ويو هو تہ پوءِ مون کان پڇيو هيئي:

"هيءُ ادا ڪير هو؟"

"هيءُ پنهنجو دوست محمد علي آهي. هن جي ڪمپيوٽر سائنس ۾ ماسٽرس ٽيل آهي. سنڌي ادبي سنگت سنڌ يونيورسٽي شاخ جو سيڪريٽري آهي. ۽ آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪمپيوٽر ليب جو انچارج آهي."

"ڏاڍو سُٺو ماڻهو آهي. ها نہ؟"

"ها بلڪل!"

"توسان ڪيئن مليو؟"

"منهنجا جيڪي ٻہ چار ليک اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا آهن. اُنهن جي ڪري سُجاڻي ٿو. پنهنجي گهر رات جي ماني کائڻ جي دعوت ڏني اٿائين."

"هونهہ...!"

"جانان! ڏسين ٿي نہ. هتي ڪو ٿورڙو ئي ڪم ٿو ڪري. تہ اُن کي ماڻهو ڪيئن نہ جيءَ ۾ جايون ٿا ڏين!"

"ها...! پر پنهنجي قوم کي ڪجهہ ماڻهو مُرده پرست ڇو چوندا آهن؟"

"جيڪي ماڻهو ايئن چوندا آهن. اُهي عهدن ۽ دولت جا بُکيا هوندا آهن. نہ تہ اسان وٽ جن فردن ڪم ڪيو آهي. تن کي سندن ڪم جي ڪري تمام گهڻو پيار مانُ ۽ مرتبو مليو آهي. شاهہ لطيف کان ويندي شيخ اياز تائين. مرزا قليچ بيگ کان ويندي جمال ابڙي ۽ امر جليل تائين. حيدر بخش جتوئي. جي. ايم. سيد. محمد ابراهيم جويي. ڊاڪٽر بلوچ ۽ رسول بخش پليجي کان ويندي موجوده دؤر جي عام سياسي ورڪر ۽ ليڪڪ تائين هر فرد کي اسان جي قومَ جيئري ئي مانُ ڏئي پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏنيون آهن."

"ها...! تون صحيح ٿو چئين. جن بہ ماڻهن پنهنجي ادب. پنهنجي ٻوليءَ. پنهنجي قوم ۽ پنهنجي وطن لاءِ ٿورو کي گهڻو ڪم ڪيو آهي. پوءِ پل ئي اسان ساڻن مليا نہ هجون. پر اسان جون دليون سندن احترام ۽ پيار سان پريون پيون آهن."

"بلڪل صحيح ٽي چئين. هتي تہ اُنهن جي جيئري ئي ماٺهو جيئي جيئي ٽا ڪن، عزتون ۽ پيار ٽا ڏين، اُنهن جي چوڻ تي پنهنجا ساهہ بہ قربان ٽا ڪري ڇڏين."

"ها يارا بلڪل!"

اُن وقت پاڻ ڪيتري ئي وقت تائين ڳالهيون ڪندا رهيا هئاسين. شام جو توسان ملي سوا اَٽين وڳي سنڌ يونيورسٽي ڪالونيءَ ۾ واقع محمد عليءَ جي گهر پهتو هئس، جتي هن ۽ سندس هڪ دوست منهنجو اڳ ئي انتظار پئي ڪيو. هو گهر اڳيان پلاسٽڪ جي ڪُرسين تي ويٺا هئا. سندن سامهون هڪ پلاسٽڪ جي ٽيبل بہ پيل هئي، مون کي ويجهو ٽيندي ڏسي مُرڪي اُٿي بيٺا هئا. مون کين سلام ڪيو هو. اسان پاڪر پائي مليا هئاسين، پاڪر پائي ملي، ڪُرسين تي ويٺاسين، تہ محمد عليءَ اُن نئين دوست سان تعارف ڪرائيندي چيو هو:

"هيءُ منصور صاحب آهي، ڪهاڻيون ۽ مضمون لکندو آهي، هينئر سنڌي شعبي ۾ پڑهي ٿو... ۽ هيءُ سڪندر علي آهي، مصور ۽ راڪي آهي، فائن آرٽس ڊپارٽمينٽ مان ايم. اي ڪئي اٿائين، هن وقت سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ هڪ آرٽسٽ طور ڪم ڪري رهيو آهي."

مون مُرڪي سڪندر کي چيو هو:

"توهان سان ملي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي پيارا!"

"مهرباني سائين! مون کي بہ اوهان سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي."

محمد عليءَ پڇيو هو:

"ٻيا ڪهڙا حال آهن؟"

"ٺيڪ آهن."

محمد عليءَ مذاق واري انداز ۾ چيو هو:

"معني تہ دانهن جي ڊپ کان اڇي ويؤ؟"

اسان ٽئي دوست ڪِلي پيا هئاسين. مون کلندي چيو هو:

"نہ يارا اهڙي ڳالهہ نہ آهي."

"هوءَ اسان جي ٽيڙ واري ياڇائي آهي، يا...؟"

"ها يارا بلڪل...!"

"ماشاءَ اللہ! ادي ڏاڍي خوبصورت آهي."

محمد عليءَ جواهو جملو ٻُڌي مُرڪي پيو هوس. هن پڇيو هو:

"نالو ڇا اٿس؟"

"سنڌيا."

"يارا ڏاڍو سُٺو نالو اٿس... تنهنجو رکيل اٿس، يا مائٽن جو...؟"

"هن جي پيءُ رکيو هوس."

"ايڏو سُنو نالو رکيو اٿائينس، هُن جو پيءُ ڇا ڪندو آهي؟"

"يارا هن جو پيءُ ڪاپي ڏر جو ڪامريڊ هو هوءَ ننڍي هئي، جو سندس والد صاحب گذاري ويو."

"اوهه هو...! پوءِ هاڻي ٻيو گهر ٻار ڪيرا اٿس؟"

"هڪ ياءِ ٻه هڪ ٻيڙ اٿس، جيڪي سڀ ڪامريڊ ماڻهو آهن."

"بهرحال! اوهان خوش نصيب ماڻهو آهيو اوهان هڪٻئي کي ڏاڍا سُٺا ساٿي مليا آهيو."

"ها يارا بلڪل...!"

اسان ڳالهائي ئي رهيا هئاسين، ته اسان جي دوست سڪندر علي آلاپڙ شروع ڪيو هو. مون ۽ محمد عليءَ مُرڪي ڏانهنس نهاريو هو. هو آلاپي رهيو هو. هن آلاپڙ کانپوءِ پُڇيو هو:

"سائين ٽي وڃي...!؟"

"ها يارا ڇو نه؟"

"ايار صاحب جي شاعري آهي."

"واهه واها ڏاڍو سُنو."

هن شيخ ايار جي وائي ڳائڻ شروع ڪئي هئي:

"عشق اسان وٽ آرائينءَ جيئن آيو جهول پري،
ڪوئي ڪيئن ڪري"

اسان کان واهه واهه نڪري وئي هئي؛ ۽ هُن وڌيڪ ڳائڻ شروع ڪيو هو:

"جنهن جي چڱ چنبيليءَ وَل جيئن، مگرومات ڪري،
ڪوئي ڪيئن ڪري"

"واهه سڪندر واهه...!"

"جنهن جا نهٺا نيٺ ايئن، جڙ رِڙ ٻار رات ٽري،
ڪوئي ڪيئن ڪري"

اهو بندُ ٻُڌي مون کان هڪ جملو بي اختيار ڇڏائجي ويو هو:

"واهه واهه واهه... وري ڇڪجانءِ پيارا!"

مون تي تنهنجي نهٺي نيٺن جي تصور ايندي ئي خمارن جا سانوٽي مينهن وَسي پيا هئا؛ ۽ منهنجي دل، جيئن رڙ ٻار رات ٽري، تيئن ٽري پئي هئي. سڪندر اهي بندَ وري ڳائڻ شروع ڪيا هئا:

"جنهن جا نهٺا نيٺ ايئن، جڙ رِڙ ٻار رات ٽري،

ڪوئي ڪيئن ڪري"

مون بيحد خوشيءَ مان بي ساخته چيو هو:

"واهه پيارا واهه! ماري ڇڏيئي...!"

"ڏاڍهونءَ قولَ ڦُلاريا، مُنهن مرڇهه ڇهه يار هري،

ڪوئي ڪيئن ڪري"

اهو بند ٻُڌي تنهنجا ٻهڪندڙ ڳاڙها ڳل ياد اچي ويا هئم. مان به سڄو ٻهڪي پيو هوس. منهنجي نيٽن ۾ چپن تي مُرڪ ڇانئجي وئي هئي. اهڙي وائي ڳائڻ تي مون کان بي اختيار واهه واهه ٿيئي نڪتي. مون سان گڏ محمد عليءَ به هن کي خوب داد ٿيئي ڏنو. سڪندر جي آواز ۾ شيخ ايياز جي ان وائيءَ صفا موهي وڌو هو. منهنجي نيٽن ۾ تون سمائجي وئي هئينءَ، چوڏسا سپ ڪجهه حَسين لڳي رهيو هو پيار جو هر هڪ پَلُ ڪيڏو نه حَسين ۽ پيارو هجي ٿو سو رڳو محسوس ڪري سگهجي ٿو. اُن وقت دل چاهيو ٿيئي نه ان وائيءَ جي خيالَ ۽ رِڏم جي لئه تي جهومجي... ڪجهه ئي منٽن ۾ محمد علي گهران ماني کڻي آيو هو ماني کائي محمد عليءَ ۽ سڪندر مون کي علامه علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي مزار تائين چڏڻ هليا هئا. سڪندر چيو هو:

"سائين! سياڻي ياڃائي ۽ اوهان منهنجي آفيس اچي چانهه پي وڃجو."

اسان وٽ دوست دوستن جي محبوبائن کي به ياڃائي سمجهندا آهن.

مون کيس چيو هو:

"ها پيارا! ضرور... سنڊيا توهان سان ملي ڏاڍي خوش ٿيندي"

"وڏي مهرباني سائين!"

محمد عليءَ چيو هو:

"هاڻي سائين! ڪڏهن اسان اوهان وٽ نه ڪڏهن اوهان اسان وٽ هوندا."

"ها پيارا! بلڪل...!"

"وڏي مهرباني سائين!"

"پيارا! پوءِ سياڻي توهان مون وٽ کهڙي وقت ايندؤ؟"

"جيئن ئي ڪلاس پورا ٿيندا، نه اوهان کي ايس ايم ايس ڪري هليا اينداسين."

"ڏاڍو سُٺو."

"چڱو! هاڻي سدائين گڏ."

"سدائين گڏ سائين!"

رات ڪافي ٿي چڪي هئي، چند هر پاسي روشني ڪيو بينو هو جامشوري جون ٽڏڙيون ٽڏڙيون هوائون لڳي رهيون هيون، مان لوَرس پوائنٽ کان زيرو پوائنٽ

ڏانهن وڌڻ لڳو هوس. مون کي چوڏسائن مان آواز ٻڌڻ ۾ آيا. لڳو هوس جڙ سڄي فطرت ڳائيندي هجي.

"جنهن جا نهنا نيڻ ايئن، جڙ رِڙ ۾ رات ٿري،
ڪوئي ڪيئن ڪري"

تنهنجي نهني نيڻن جي خمارن ۾ مست ٿي پنهنجي هاسٽل ڏانهن وڌي رهيو هوس، ۽ جڙ سڄي فطرت ڳائي رهي هئي:

"جنهن جا نهنا نيڻ ايئن، جڙ رِڙ ۾ رات ٿري،
ڪوئي ڪيئن ڪري
جنهن جا نهنا نيڻ ايئن، جڙ رِڙ ۾ رات ٿري.. نهنا نيڻ... نهنا نيڻ... نهنا... نيڻ..."

3.2

ٻئي ڏينهن پاڻ ڪلاس وٺي سڪندر ڏانهن هليا هئاسين. هو اسان کي ڏسي بيحد خوش ٿيو هو ايترو خوش، جو هڪ لمحي تہ کيس ڪجهہ سمجهہ ۾ ئي نہ ٿي آيو تہ هو ڇا ڪري. اسان هن جي آفيس ۾ پيل ڪرسين تي ويهي رهيا هئاسين، مون تنهنجو سڪندر سان ۽ هن جو توسان تعارف ڪرائيندي چيو هو:

"هيءَ سنڌيا آهي... ۽ هيءُ اسان جو دوست سڪندر آهي."

اوهان هڪٻئي کي سلام ڪيو هو سڪندر توکان پڇيو هو:

"ياڇائي! اوهان ٺيڪ آهيو؟"

ياڇائيءَ جو لفظ ٻُڌندي ئي تون ٻهڪي پئي هئينءَ، خوشي تنهنجي مُنهن مان ٻَکي رهي هئي، توکي ان ڪيفيت ۾ ڏسي مون کي بہ بيحد خوشي ٿي هئي. تو هن کي مُرڪندي جواب ڏنو:

"مان ٺيڪ آهيان ادا! اوهان بہ ٺيڪ آهيو؟"

"ها ادي! بلڪل...!"

مون سڪندر کان پڇيو هو:

"ٻيو ٻُڌاءِ پيارا! ڪيئن پئي گذري؟"

"ڏاڍي سُٺي... پر، اوهان چانهہ سان گڏ سموسا کائيندؤ يا بسڪيٽ؟"

"بسڪيٽ، پر اڄ ۾ پاڻي پيئنداسين ۽ توکان ڪو گيت ٻُڌنداسين، پوءِ چانهہ پيئبي."

تو هن کي مُرڪندي چيو هو:

"ادا! چانهه سان گڏ بسڪيٽ نه، پر سموسا وٺي اچجو. بسڪيٽن سان هيءُ موتو نه ٽيندو نه. مون کي هن کي موتو بٽائڻو آهي."

هو ڪِلي پيو هو. مون توکان ڪِلندي پڇيو هو:

"چو پلا...!؟"

"چو جو مان چاهيان ٿي ته تون ايڏو موتو ٿي وڃين. جو مون کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن به چوڪريءَ کي نه وٺين."

"يارا اها صفا انتهاپسندي آهي."

"ڪجهه به هجي، پر مان اهو چاهيان ٿي، ته تون مون کان سواءِ ٻيو ڪنهن به چوڪريءَ کي نه وٺين. هاڻي هر چوڪري ٿي ته پُڇي، ته اهو گورو گورو انگريزن جهڙو چوڪرو تنهنجو چا ٿئي؟"

پاڻ سيئي ڪِلي پيا هئاسين.

"هوءَ مون واري روم ميٽ حنا آهي نه...؟"

"ها!"

"اُها ته توکي ئي چوندي ئي جپاني گُڏو آهي."

"ها ها ها..."

اسان سيني کان ٿهڪ نڪري ويا هئا. تو پُڏايو هو ته:

"سعيده وري هيرو چوندي اٿئي."

"هونهه... معنيٰ مارڪيٽ ۾ پنهنجي وڏي ڊمانڊ آهي نه؟"

"ها! تڏهن ئي ته چوانءِ ٿي، ته توکي ايترو موتو ڪري ڇڏيان، جو ڪا چوڪري توکي ڏسي به نه."

"ڇڏ يارا! اهڙو ظلم چو ٿي ڪرين؟ مون سان جي شادي ڪندينءَ ته پوءِ چوڪريون نه چوندئي، ته ڪهڙي موتي چوڪري سان شادي ڪئي اٿئي؟"

"شاديءَ کانپوءِ توکي سنهو ڪرڻ منهنجو ڪم آهي."

"اُهو وري ڪيئن؟"

سڪندر چيو هو:

"پوءِ توهان جي ماني گهٽائي ڇڏيندي"

تو چيو هو:

"نه نه... رڳو هڪ ننڍڙو ڪُتو پالينداس جيڪو هن کي پڇائي پڇائي پاڻهي سنهو ڪري ڇڏيندو."

"ها ها ها..."

پاڻ ٿھڪ ڏئي ڪِلي پيا ھئاسين.

مون ڪِلندي چيو ھو:

"Very Funny!"

"ڪيئن! وڏيئي نہ مون وارو فارمولا!؟"

ڪِلندي چيو ھوم:

"ھا! بلڪل...!"

"الائي! متان نہ مڃين!"

"منھنجي ڪھڙي مجال آھي، جو نہ مڃان!"

پاڻ مسلسل ڪِلي رھيا ھئاسين. اوچتو ئي اوچتو سڪندر جو خيالَ-پکيڙو پڙڪو ڪائي ماضيءَ ڏانھن اُڏاڻو ھو. ھو اُن لمحي اُداس ٿي ويو ھو. اُن کان اڳ جو اسان کانئس ڪجھ پڇون ھا، ھن پاڻ ئي ٻُڌايو ھو:

"زاھده ياد اچي ويمر!"

مون کانئس پڇيو ھو:

"ھوءَ ڪير ھئي؟"

"ھوءَ منھنجي ڪلاس فيلو ھئي، جنھن سان منھنجو ديوانگيءَ جي حد تائين پيار ھو اسان چار سال گڏ ھئاسين. فائنل کان پوءِ مون گذر سفر لاءِ پينٽنگس جو دڪان کوليو مان غريب ماڻھو ھوس، مون وٽ وڏن خوابن ۽ پيار کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ نہ ھو..."

اسان ڏٺو ھو تہ سڪندر ڏاڍو ڳنڀير ٿي ويو ھو سندس اکيون پرجي آيون ھيون. ھڪ ساھيءَ کانپوءِ ھن وري ڳالھائڻ شروع ڪيو ھو.

"مون سوچيو ھو تہ زاھده ۽ مان شادي ڪنداسين، سڃي زندگي ھڪٻئي جو ساٿ ڏيندا سين، ھر ڏک جو گڏجي مقابلو ڪنداسين، سڀ خوشيون گڏجي ماڻيندا سين... پر، آخر ۾ ھن جون ترجيحون مَٽجي ويون! ھوءَ بہ ٻين عام چوڪرين جيئن دنياوي آسائشن کي وڌيڪ ترجيح ڏيڻ لڳي. ھن ھڪ دفعي مون کي چيو ھو:

'سڪندر! زندگي گذارڻ لاءِ تو وٽ آھي ئي ڇا...؟ تنھنجين پينٽنگس، ھارمونيم ۽ گيتن سان تہ سڃي زندگي نٿي گذاري سگھجي؟'

زندگي گذارڻ لاءِ ھن کي ھڪ بنگلو گھربل ھو جنھن جي پارڪنگ ۾ ھڪ وڏي ۽ سُٺي ڪار بيٺل ھجي. ھن کي ايئرڪنڈيشنڈ ڪمرو گھربل ھو صوفا سيٽ گھربل ھئا، ڪارپيٽ گھربل ھئا، فرجون گھربل ھيون ۽ تمام گھٽو پئسو گھربل ھو... افسوس تہ انھن مان مون وٽ ڪجھ بہ نہ ھو..."

سڪندر ڏاڍو ڏڪارو ٿي ويو هو اسان تي به ان المناڪ واقعي ڏُک جا تاثر اُپاري چڏيا هئا. سڪندر وڌيڪ ٻُڌائڻ شروع ڪيو هو:

"آخري ڏينهن ۾ هُن انهن سيني شين تي پاڻ ڇڙڻ شروع ڪيو جيڪي هن لاءِ ڪڏهن وڏي خوشيءَ جو سبب هيون، جن شين تي هن کي ڪڏهن فخر هو جن شين جي اهميت سمجهائيندي هوءَ مون کي اُتساهيندي هئي، تن ئي شين تي سڀ کان اڳ هن ئي چڙون ڪرڻ شروع ڪيون... پهرين هوءَ ڏينهن جا ڏينهن، پوءِ هفتن جا هفتا ۽ مهينن جا مهينا ملڻ نه ايندي هئي. جڏهن وڏين ڪوششن ڪرڻ کانپوءِ ساڻس ملندو هوس، تڏهن به ساڳيون ئي ڳالهيون ڪندي هئي.

'زندگي گذارڻ لاءِ...'

مان ننڍو ئي هوس، ته امان ۽ بابا گذاري ويا هئا. زاهده ۾ ئي مون کي منهنجي ماءُ جي ممتا ۽ پيءُ جي شفقت نظر ايندي هئي. هوءَ منهنجي زندگيءَ جو سڀ کان وڏو ڏُڪ هئي... هڪ ڏينهن هوءَ آئي، ۽ اچي چيائين:

'مان شادي پئي ڪريان...'

ڪنهن تي قيامت ڪيئن اچي ڪڙڪندي آهي؟ اِها اُن وقت خبر پئي هيم. مون بي يقينيءَ مان چيو هو:

'پر ڪنهن سان...!!؟'

'اسان جي هڪ سچاڻڻ واري فيملي آهي، چوڪرو ڪئنيڊا ۾ انجنيئر آهي، شاديءَ کانپوءِ مان به ڪئنيڊا هلي ويندس.'

'چا...!!؟'

'ڏِس نا! تون ڏاڍو سُٺو ماڻهو آهين، پاڻ ڏاڍا سُٺا دوست رهياسين، پر مون کي خبر آهي ته پاڻ سُٺا زال مڙس ٿي نه ٿا سگهون."

'پر چو...!؟، مان ڪوشش ڪريان ٿو ڪٽي نه ڪٽي ليڪچررشپ يا ڪا هي نوڪري ملي ويندي، پلي تون به نوڪري ڪجانءِ، پاڻ سُٺي نموني رهي ويندا سين.'

'I am very sorry.....! مون کي معاف ڪري ڇڏجانءِ، اڄ مان توسان آخري پيرو ملڻ آئي آهيان، ٻُڌاءِ ته ويندي ويندي مان تو لاءِ چا ٿي ڪري سگهان؟'

مان روئي ويٺو هئس، هُن شوخيءَ مان چيو هو:

'ٻُڌائڻو اٿئي ته ٻُڌاءِ، نه ته مان وڃانءِ ٿي.'

مون کيس چيو هو:

'چڱو! هميشہ لاءِ وڃين ٿي ته مون کي ويندي ويندي هڪ الوداعي پاڪي پايو وڃ.'

هن طنزيہ انداز ۾ مُرڪي مون کي ياڪي پاتي هئي، مان ڪيس چنبڙي پيو هئس. هوءَ مون کي ڇڏي هلي وئي، پر سندس آخري ياڪيءَ جو احساس هن وقت بہ منهنجي حواسن تي تازو توانو ٿيو بيٺو آهي."

پاڻ ٿئي ڏاڍا ڏُکارا ٿي ويا هئاسين. سڪندر پنهنجون آليون اکيون اُگهي آلاپڻ شروع ڪيو هو. ڪجهہ لمحا آلاپڻ کانپوءِ چيو هئائين:

"استاد بخاريءَ جي شاعري آهي."

مون چيو هو:

"ڏاڍو سُٺو."

سڪندر اُن ڏُکاريءَ ڪيفيت واري درديلي آواز ۾ ڳائڻ شروع ڪيو هو:

"منهنجي توسان مٺا محبت ايتري،
ڇا چوان ڪيتري، ڇا ڪٿيان ڪيتري،
جيتري ڪير سوچي سگهي تيتري،
منهنجي توسان مٺا..."

پاڻ گڏيل آواز ۾ دل کولي واهہ واهہ ڪئي هئي. تو پنهنجا پيارا نيٺ منهنجي نيٽن ۾ لاهي ڇڏيا هئا. سڪندر اهو بندُ وري ڳائڻ شروع ڪيو هو:

"منهنجي توسان مٺا محبت ايتري،
ڇا چوان ڪيتري، ڇا ڪٿيان ڪيتري،
جيتري ڪير سوچي سگهي تيتري،
منهنجي توسان مٺا..."

ڪجهہ لمحن کان هڪئي جي نيٽن ۾ بُت بڻجي ويا هئاسين، پر پوءِ اوچتو سڪندر کي داد ڏينديءَ واهہ واهہ ڪرڻ لڳا هئاسين. هر بند تي پنهنجي ساڳي حالت هئي. سڪندر اُن گيت جو آخري بندُ ڳائڻ شروع ڪيو هو:

"ياد يارن جي اُستاد ساندي ڪٽي،
زندگيءَ کان ڏُکي، وقت کان ويڪري،
"منهنجي توسان مٺا محبت ايتري،
ڇا چوان ڪيتري، ڇا ڪٿيان ڪيتري،
جيتري ڪير سوچي سگهي تيتري،
منهنجي توسان مٺا..."

اسان سڪندر کي ڏاڍو دادُ ڏنو هو. سچ تہ استاد جي ان گيتَ ۽ سڪندر جي آواز اسان کي ڏاڍو متاثر ڪيو هو. هو گيت ٻُڌائي ڇانهہ ۽ سموسا ونڊ لاءِ ويو هو ۽ ويندي ويندي چوندو ويو هو تہ:

"اوهان هتي آرام سان ويهو منهنجي آفيس ۾ ٻيو ڪو آفيسر ته نٿيو پر ڪو پٽيوالو به نه ايندو آهي."

هو جيئن ويو هو ته مون توکان پُڇيو هو:

"جانان!"

"جيءُ مٺا؟"

"تون ته مون کي ايئن چڏي نه ويندين نا؟"

"هل ڪِنا...!"

اهو چوڻ کانپوءِ منهنجي ڳل تي چُمي ڏئي منهنجي ڪلهي تي ڪنڈُ لاڙي ويهي رهي هئين؛ ۽ پاڻ سوچن جي مها ساگر ۾ ٻُڏي ويا هئاسين...

3.3

وقت گذرندي کا خبر ئي نہ رهي هئي. ايئن لڳو هو جڙ اک چنپ ۾ سيمسٽر گذري ويو هجي. امتحان مٿان اچي پيا هئا. پاڻ پيپرن جي تياريءَ ۾ لڳي ويا هئاسين. پاڻ ٽين وڳي تائين سينٽرل لائبريريءَ جي اوريئينٽل سيڪشن ۾ ويهي پڙهندا هئاسين. سيني سينيئر شاگردن ۽ اُستادن ٻڌايو هو تہ يونيورسٽيءَ جا پيپر ڏکيا نہ ٿيندا آهن. پر هڪ ٻي ڳالهہ جيڪا ڏاڍي عجيب لڳي هئي، سا هيءَ هئي، تہ رات جو پڙهائيءَ وقت نام نهاد سياسي شاگرد پارٽين جي هاسٽلن اندر نعري بازي ۽ فائرنگ وڌندي پئي وئي، جنهن سبب هاسٽل ۾ رهندڙ شاگردن ۾ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو هو. ۽ هو هر وقت عدم تحفظ جي احساس ۾ وکوڙيا ويا هئا. هاسٽل جي اهڙي ماحول جي ڪري توکي منهنجي ڏاڍي ڳٽتي وٺي وئي هئي. ڪجهہ شاگردن جو خيال هو تہ اهڙا واقعا "مٽيان فرشتا" اهو سڀ ڪجهہ هڪ سوچيل سمجهيل سازش تحت ڪرائيندا آهن. تہ جيئن سنڌي شاگرد پنهنجي پڙهائي نہ ڪري سگهن. اُن ڏينهن منهنجي ڪمري جي باهران وِنگ ۾ اُڀ ڏارينڊڙ نعرا لڳي رهيا هئا. پرسان واريءَ هاسٽل تان فائرنگ بہ ٿي رهي هئي. پڙهائي ڪرڻ لاءِ منهنجيءَ دل نہ پئي چيو انتظاميہ جي اهڙي مئل ڪارڪردگيءَ تي ڏاڍي ڪاوڙ پئي آيم. اُن وقت منهنجي ڪمري جو دروازو ڪڙڪيو هو.

"ٽک... ٽک... ٽک..."

مون چيو هو:

"دروازو کُليل آهي پيارا، اندر هليا اچو!"

منهنجي ڪمري جي پر واري ڪمري C — 5 تان اسان جو ڪلاس فيلو ساجد آيو هو مان ساٽس اُٽي بيهي پاڪر پائي مليو هوس. ۽ ڪانئس پڇيو هوم:

"پيارا ڪهڙا آهن؟"

"حال ته نيڪ آهن، پر هي ٻاهر گوڙ جا آواز ٻڌين ٿو؟"

"ها يار...!"

"سياڻي پنهنجو پيپر آهي، ۽ هنن کي هاڻي فيون گهٽرائڻ ۽ بسون وڌرائڻ جو خيال آيو آهي."

"امتحانن جي هلندي اهڙن مطالبن لاءِ ايڏا وڏا احتجاج ڪرڻ ۾ هنن جي الائي ڪهڙي حڪمت عملي آهي؟ اهي مطالبا ته نئين داخلا وقت ۽ نئين سيشن جي شروعات ۾ ڪرڻ کپن."

"بس ڏي يار! امتحاني ڏينهن ۾ نعريبازيءَ ۽ فائرنگ ڪرڻ جي حڪمت عملي اها آهي، ته جيئن غريب سنڌي شاگردن جي پڙهائيءَ ۾ جيتريون ٿي سگهن، رندڪون وجهجن، ته جيئن سنڌي شاگرد پڙهي نه سگهن، ۽ اُنهن کي يونيورسٽيءَ جو ڏگري يافته اٽپڙهيل ۽ جاهل ٻڌائي سگهجي."

"ها يار! تون صحيح ٿو چئين."

"اهي جيڪي ٻاهر فائرنگ ٿا ڪن، سي سڀ اُنهن "مٿين فرشتن" جا پگهاردار آهن، جيڪي پاڻ کي وڏو قومپرست ۽ سنڌ ڏرتيءَ جو حلالي پُٽ ۽ جوڏو ٿا چون."

مون ڏنو هو ته هو ڪاوڙ ۾ صفا باهه ٿي ويو هو. هن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو هو:

"اسان جو هڪ مائٽ به هنن سان گڏ سنڌ جو سچو سپاهي ٿيو پيو هلي، هڪ پيري ان وسڪيءَ جي نشي ۾ ڏُت ٿي ٻڌايو هو ته:

'اسان کي "مٿين فرشتن" وٽان حڪم ايندا آهن، ته امتحانن جي ڏينهن ۾ ڪيمپس ۽ هاسٽل ۾ اسپري ڪريو هفتي ٻئي هفتي مخالفن کي وضو ڪرايو فلاٽو وڏو گرم ٿي رهيو آهي، اُن کي غسل ڪرايو.'

مون کيس چيو هو ته:

'اسپري...!؟، وضو...!؟، غسل...!؟، يار مون کي ته ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي؟'

چيائين ته:

'اهي اسان جا ڪوڊ ورڊس آهن، اسپري ڪريو معنيٰ انڈاڏنڊ فائرنگ ڪريو وضو ڪرايو معنيٰ ٽنگون ٻانهون ڀڃو، غسل ڪرايو معنيٰ ماري ڇڏيو. ۽ ها! جڏهن ڪلاس روانيءَ سان هلڻ لڳندا آهن، ته چوندا آهن ته مزو ناهي، ڪجهه ڪريو معنيٰ بائيڪاٽ ڪرايو پيچ ڌاهه ڪرايو، بسون روڪي ڏرٽا هڻايو وغيره...'

اها ڳالهه ٻڌي منهنجا ته ٽپ ئي ٽري ويا. پوءِ مون ڪانئس پڇيو هو ته:

'ان جي بدلي ۾ توهان کي ڪهڙو فائدو ملندو آهي؟'

چيو هئائين:

'فائرنگ ڪرڻ، بائيڪاٽ ڪرائڻ، پيچ ڌاهه ڪرڻ، ماڻهن کي مارڻ ۽ اُنهن کي زخمي ڪرڻ جي عيوض اسان کي مفت مانيون ملنديون آهن، مفت ڪپڙا ڏوپجي ملندا آهن، مفت چانهيون ۽ سموسا ملندا آهن، مفت بوتلون ۽ سگريٽ ملندا آهن، هر شيءِ مفت ملندي آهي، ۽ سڀ کان اهم ڳالهه ته پئسا ۽ يونيورسٽيءَ جي ليڊري ملندي آهي.'

اُن وقت مون سوچيو هو ته هي ڪجهه پئسن، لٽي ڪپڙي ۽ ماني ڳيپي لاءِ پنهنجي قوم جي ذهنن ۽ انسانيت تي اهڙا ڪاپاري ڏَڪ ڏا هڻن! اهو سوچي منهنجو روح ڪچو ٿيڻ لڳو هو. مان هن جي روم تان نڪري واش روم ويو هئس، جتي مون کي هنن وحشي درندن ۽ جلادن تي ڏاڍيون اُلٽيون آيون هيون..."

3.4

ٻئي ڏينهن اسان جو پيپر هو مان تڙ تڪڙ ۾ تيار ٿي پنهنجي ڪمري کان ٻاهر نڪتو هوس. ڏٺو هوم ته شاگردن جا لشکر اسان جي هاسٽل Block – C کان ٿيندا Block – B طرف تيزيءَ سان وڃي رهيا هئا. مان بلاڪ سي جي گيٽ تي جيئن اچي پهتو هوس، ته ڏٺو هوم ته ساجد به تڪڙو تڪڙو واپس اچي رهيو هو. اُن کان اڳ جو مان کانئس ڪجهه پڇان ها، هن ئي ٻڌائڻ شروع ڪيو هو.

"هنن "سنڈ جي سڃٽن" هاسٽل جي مين گيٽ کي وڏو تالو لڳائي ڇڏيو آهي، ڪنهن به شاگرد کي اُتان نڪا وڃڻ ڏين."

مون حيران ٿيندي پڇيو هو:

"پر ڇو...!؟"

"ڇون تہ ته فيون گهٽايو شاگردن کي وڌيڪ بسون ڏيون: ۽ يونيورسٽيءَ مان فورسز کي نيڪالي ڏيو."

"Oh! My God!"

"بس يار! ڇا ڪريون؟"

"اهي ڪوڙا ڪاميڊ به ٻيڻا هئا ڇا؟"

"نہ، اهي تالو لڳائي پنهنجن ڪمرن ڏانهن هليا ويا آهن."

"پوءِ انتظاميہ تالو توڙائي ڇو نہ ٿي؟ سيڪيورٽي گارڊز ڇا ٿا ڪن؟"

"ڏوڙ ٿا پائين! انتظاميہ کي مٿان حڪم هوندو آهي، ته هي پنهنجا ماڻهو آهن، ٿورا جذباتي آهن، ان ڪري هنن کي ڪجهه نہ چئجو."

"Oh! My God! لعنت اٽن."

"رات جيڪي رٽا هنيا، سي سپ وسري ويا! ڪي شاگرد ٽا چون، ته بائيڪاٽ ٿي ويو آهي، ڪي ڪجهه، ته ڪي ڪجهه ٽا چون."

ساجد ڏاڍو جذباتي ٿي ويو هو. اسان تڪڙيون تڪڙيون وِکون کڻندا، هاسٽل بلاڪ ۾ پِي ڏانهن وڌي رهيا هئاسين، جيڪا پوليس هاسٽل ۾ تبديل ٿي چڪي هئي. جيئن اُتي پهتا هئاسين، ته اُتي موجود انسپيڪٽر کي ساجد ڪاوڙمان چيو هو:

"توهان هنن چند غنڊن کي منهن نٽا ڏئي سگهو ته پوءِ توهان جي هتي موجودگيءَ جو ڪهڙو فائدو؟"

انسپيڪٽر ڪِلندي چيو هو:

"مٽان حڪم ناهي سهٽا! نه ته هنن کي پنجن منٽن ۾ سِڌو ڪري ڇڏيون."

"يار منصورا! پوءِ يونيورسٽيءَ ۾ ايڏي رينجرس ۽ پوليس ڇو رهائي اٽئون."

"عام شاگردن ۾ ڏهڪاءُ پکيڙڻ لاءِ پيارا!"

"هنن جي ته.....!"

"Cool down my dear! Cool down! مون کي يقين جهڙي اُميد آهي، ته هڪ ڏينهن پنهنجا تعليمي ادارا ۽ سُڌريل سماجن جي تعليمي ادارن جيئن ٿي ويندا."

ايتري ۾ منهنجي موبائيل فون تي تنهنجون مِسڊ ڪالون اچڻ شروع ٿي ويون. منهنجي قدمن ۾ ازخود تيزي اچي وئي هئي، ساجد کي چيو هوم:

"پيارا! جلدي هلُ!"

"ڇو...؟ ياڇائي پئي مِسڊ ڪالون ڏئي ڇا؟"

"ها يارا!"

"ڪٽي آهي؟"

"فزيالاجي ڊپارٽمينٽ جي اڳيان بيٺي آهي."

"توسان ڏاڍي دِل اٽس، ايئن نه؟"

مون خوش ٿيندي مُرڪي چيو هو:

"ها پيارا!"

"۽ تنهنجي؟"

"منهنجي ۽ ڏاڍي دل اٽس، يارا!"

"شل سدائين خوش هجو."

"Thanks a lot my dear!"

"Welcome."

مان ۾ ساجد سنڌ يونيورسٽيءَ جي پُٺئين پاسي کان تڪڙا تڪڙا وڃي مهراڻ يونيورسٽيءَ جي لطيف ۾ سچل هاسٽل پرسان پهتا هئاسين، تہ تو ڪال ڪئي هئي.

"جانو! ڪٿي آهين؟"

"جانان! يونيورسٽيءَ جي پُٺين پهاڙن کان ٽيندو مهراڻ يونيورسٽيءَ جي لطيف ۾ سچل هاسٽل جي پرسان پهتو آهيان."

تو حيرت مان پڇيو هو:

"چو...!؟"

"يار هنن يونيورسٽيءَ جي "جوڏن" هاسٽل جي مين گيٽ کي تالو لڳائي ڇڏيو آهي."

"اڇا...!؟"

"هاڻي تون هيئن ڪر، جو اڇي حبيب بئنڪ وٽ بيهہ، مان بہ پنجن منٽ ۾ اُتي ٽوپهچان."

"ٺيڪ آهي."

مان تمام تيز هلندو حبيب بئنڪ پهتو هوس، منهنجي اهڙي تيزيءَ تي ساجد کان ٿهڪ نڪري ويو هو ۽ هن چيو هو:

"مون اڄ کان اڳ ڪنهن کي بہ ايئن تيز هلندي نہ ڏٺو آهي، تون تڪڙو پيو هلين الائي پڇندو ٿو هلين، خبر نہ ٿي پوي"

مان فقط ڪِلي پيو هوس، تہ هن چيو هو:

"اهو آهي پيارا!"

ساجد پوسٽ آفيس واري رستي کان ٽيندو فيڪلٽيءَ ويو هو مان بہ منٽن ۾ اڇي حبيب بئنڪ پهتو هوس، جتي تون اڳ ئي منهنجو انتظار ڪري رهي هئينءَ، پاڻ هٽ ملائي مليا هئاسين، تہ تو مون کان پڇيو هو:

"چو جانو! ايڏو سهڪين ٿو؟ پڇندو آيو آهين ڇا؟"

"پڇندو...!؟ اڙي يارا اُڏندو آيو آهيان."

تون ڪِلي پئي هئينءَ، ۾ منهنجو سجو ٽَڪُ، ڪاوڙ۾ غصو لحظي ۾ لهي ويا هئا. پڇيو هيئي:

"ٽائيم گهٽو ٽيو آهي؟"

"ائي... سادا نَوَ ٽا ٽين!"

"اوهہ... هو... هو... ڇ تہ پڇئون!"

"پڇئون نٽا، رڪشو ٽا ڪرايون."

مُرڪندي چيو هيئي:

"ٺيڪ آهي."

حبيب بئنڪ ۾اهران بيئل رڪشو ڪرائي پاڻ ان ۾ چڙهيا هئاسين. رستي ۾ ڏٺو هوسين. ته هاسٽل تان ايندڙ اڪثر شاگرد ڊوڙندا پنهنجي پنهنجي ڊپارٽمينٽ پئي ويا. رستي ۾ مون توکان پڇيو هو:

"سيپ پوائنٽون ٽائيم تي اچي ويون هيون؟"

"ها! پر هاسٽل کي تالو چو لڳائي ڇڏيو اٿائون؟"

"ان ڪري. ته جيئن غريب سنڌي شاگرد چگو پيپر نه ڪري سگهن."

"Really...!?"

"نه ته پلا ٻُڌاءِ. ميرپورخاص. ٽنڊوالهيار. ٽنڊوڄام. ٽنڊو آدم. ٽنڊو محمد خان. هالا. حيدرآباد ۽ جتان ڪٽان پوائنٽن ۾ چڙهي اچي ٻيا شاگرد ته امتحان ڏين ٿا. پر جيڪي پنهنجي محدود مالي وسيلن سبب هاسٽل تي رهيل آهن. تن سان اهڙي جُٺ چو ڪئي وئي؟"

"ها...! واقعي ڪو خاص سبب نظر نه ٿو اچي."

"سبب اهو ئي آهي. ته غريب سنڌي شاگردن کي آرام سان پڙهائي ڪرڻ نه ڏجي."

"ها...! تون صحيح ٿو چئين."

"ايتري ۾ رڪشي واري زور سان اچي فيڪلٽيءَ جي در اڳيان بريڪ لڳائي هئي. پاڻ ٽپو ڏئي رڪشا مان لٿا هئاسين: ۽ مون پنهنجي پرس مان ويهه روپيا ڪڍي رڪشا واري کي ڏنا هئا. پيپر شروع ٿيڻ کي چاليهه منٽن کان وڌيڪ وقت ٿي چڪو هو سنڌ جي انهن سڃڻن جي اهڙي "عظيم ڪارنامي" اسان جا لاهه ڪڍي ڇڏيا هئا. پاڻ پيپر پنجيتاليهه منٽ دير سان شروع ڪيو هوسين. نتيجي طور ڏيڍ سوال رهجي ويو هو. سنڌ جي انهن سڃڻن جي "عظيم ڪارنامي" جي ڪري هزارين غريب سنڌي شاگردن جي GPA ڏاڪجي وئي هئي. هاسٽل ۾ رهندڙ ڪيترائي سنڌي شاگرد پوزيشن واريءَ ڊوڙمان باهر ٿي ويا هئا.

3.5

جيتوڻيڪ تنهنجي گهر جو پسمنظر سياسي هو. پر تنهن هوندي بہ تنهنجي سياست ۾ دلچسپي بنهہ ڪانہ هئي. تون بہ عام نوجوانن وانگي چوندي هئينءَ:

"هڪ شاگرد جو ڪم پڙهڻ آهي، سياست ۾ هنن جو ڇا وڃي؟"

مان توکي نوجوانن جي سياست ۾ نہ رڳو دلچسپي، پر حصو وٺڻ تي بہ قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هئس. هڪ ڏينهن ڳالهيون ڪندي چيو هيئي:

"يارا منهنجو خيال آهي، تہ شاگردن کي رڳو پنهنجي پڙهائيءَ تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪو شاگرد استوڊنٽ پاليٽڪس ۾ ٿو وڃي، تہ اهو ڪرمنل بڻجي ٿو وڃي. پاڻ وارن 'جوڊن' جو حال نہ ٿو ڏسين؟"

"يارا ان کي بہ تون شاگرد سياست ٿي سمجهين؟ هي تہ 'مٽين فرشتن' جا پرتي ٽيل پگهاردار آهن، جن جو ڪم سنڊ جي تعليم تباهہ ڪرڻ ۽ شاگرد سياست کي گندو ڪروهہ ۽ ڪرمنل بڻائڻ آهي. سيني سياسي پارٽين جون شاگرد وِنگز ايئن نہ آهن، ڪجهہ اهڙيون بہ شاگرد تنظيمون آهن، جيڪي بائيڪاٽ، پٿ، زوري چندي ۽ سجي سوشل ڪرائيم کي ڪرائيم ئي سمجهن ٿيون، ۽ ضروري نہ آهي، تہ هر شاگرد سياسي پارٽيءَ ۾ شامل ٿئي، پر هو سياسي شعور ضرور رکي ۽ جنهن ڏر کي صحيح سمجهي ٿو تنهن سان همدرديءَ طور لاڳاپيل رهي ۽ پنهنجي وطن ۽ قوم لاءِ ڪردار ادا ڪري"

"ها! تون صحيح ٿو چئين، اسان کي پنهنجي وطن ۽ قوم جي پلي لاءِ ضرور ڪجهہ ڪرڻ کپي."

"ها يارا سڀ جي چوندا 'اهو اسان جو ڪم نہ آهي، اسان جو ڪم فلاڻو آهي،' تہ پوءِ اسان جا مسئلا ڪيئن حل ٿيندا؟"

"ها..."

"سياڻي پاڻيءَ جي هٿرادو ڪوٽ، گريٽر ٽل ڪئنال ۽ ڪالاباغ ڊيم خلاف سکر کان ڪراچيءَ تائين نڪتل پيادل لانگ مارچ حيدرآباد پهچي رهيو آهي، مان چاهيان ٿو تہ تون ۽ مان بہ هوٽل سٽي گيٽ کان پريس ڪلب تائين ان ۾ شامل ٿيون، تون ان لانگ مارچ ۾ شريڪ ٿيندين؟"

"ها بلڪل! توسان گڏ تہ مان جهنم ۾ بہ هلي هلان!"

پاڻ ڪِلي پيا هٽاسين، تو پڇيو هو:

"يارا هڪڙي گرميءَ ۽ نٿهڙ اُس ۾ سکر کان ڪراچيءَ تائين پيرين پنڌ لانگ مارچ ۾ ماڻهو ڪيئن پنڌ ڪندا هوندا؟"

"جذبو ڪنهن گرميءَ، سرديءَ ۽ بيءَ ڪنهن بہ تڪليف کي نہ ڏسندو آهي."

"ها يارا تون صحيح ٿو چئين، جذبي کان سواءِ ايئن پنڌ نہ ٿو ڪري سگهجي."

"پوءِ چا ٿي چئين؟ پنهنجن مظلوم ۽ محڪوم مارو ماڻهن جي حقن لاءِ سياڻي مارچ ۾ شرڪت ڪندينءَ؟"

"ها بلڪل!"

"Very good... سياڻي منجهند جو ٻين وڳي لانگ مارچ سٽي گيٽ هوٽل پهچندو، پاڻ هتان هڪ وڳي شٽل ۾ هلنداسين."

"ٺيڪ آهي."

ٻئي ڏينهن پاڻ هڪ وڳي شٽل بس ۾ چڙهي سٽي گيٽ هوٽل پرسان پهتا هٽاسين، لانگ مارچ جي آجيان لاءِ وڏا آجياڻا لڳايا ويا هئا، مون اتي موجود ان سياسي پارٽيءَ جي رضاڪارن کي ٻڌايو هو تہ اسان ٻئي يونيورسٽيءَ کان خاص طور تي هن لانگ مارچ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ آيا آهيون، ۽ ڪائنڊ پڇيو هوم تہ مارچ ڪهڙي وقت ايندو، هن چيو هو:

"مارچ اسري يونيورسٽي ڪراس ڪري چڪو آهي، ڪجهہ دير ۾ پهچڻ وارو آهي، سوا ٻہ يا اڍائي ٽي ويندا."

اهو ٻڌي تو چيو هو:

"هل تہ هلي تيستائين پاڻ مدوي ريسٽورنٽ ۾ ٽا ويهون."

"ٺيڪ آهي، هلُ!"

پاڻ مدوي ريسٽورنٽ جي فيملي هال ۾ هلي ويٺا هٽاسين، تہ تو پڇيو هو:

"هيءُ لانگ مارچ ڪنهن تومپرست تنظيم جو آهي؟"

"هنن کي قومپرست به چيو ويندو آهي، پر هنن پاڻ کي ڪڏهن به قومپرست Claim ناهي ڪيو. بنيادي طور تي هي ڪاپي ڏر جا ماڻهو آهن، پر هنن جو قومي اشوز تي به تمام وڏو ءِ ڏاڍو زبردست اسٽينڊ آهي."

"هونهه... پلا تون قومپرست آهين؟"

"نه يار! مان قومپرست نه آهيان."

"چو...؟ توکي پنهنجيءَ قوم سان پيار نه آهي؟"

"مون کي منهنجيءَ قوم سان بلڪل پيار آهي، مان پنهنجيءَ قوم سان بيحد محبت ڪريان ٿو ان جي بيحد عزت ءِ احترام ڪريان ٿو. پنهنجيءَ قوم جي عوام جي حقن جي ڳالهه ڪريان ٿو. انهيءَ سلسلي ۾ اڄ پاڻ هن لانگ مارچ ۾ شريڪ ٿيڻ آيا آهيون. پنهنجيءَ قوم تي جڏهن به ڏکيو وقت آيو ته شايد مان پهرين صفن ۾ هجان. مان پنهنجيءَ قوم سان اٿاهه محبت ته ڪريان ٿو. پر ان جي پرستش نه ٿو ڪريان. ها! تون مون کي وطن دوست ءِ عوام دوست چئي سگهين ٿي."

"اڇا...!؟"

"ءِ ٻيو ته منهنجي پيار جو محور سڄي عالم جا سڀ انسان آهن. جڏهن مان دنيا جي هر انسان سان رڳو انسان هجڻ ناتي بيپناهه محبت ڪريان ٿو ته پوءِ مان پنهنجي محبت کي رڳو پنهنجيءَ قوم تائين محدود ڇو ڪريان؟"

"تنهنجي ڳالهه آهي ته صحيح، پر الاءِ ڇو ٻُڌندي ڪجهه عجيب ٻڌي لڳي!"

"ڏس نه! مان جڏهن اکيون بند ڪري کوليان ٿو تڏهن سڀ کان اڳ منهنجي نظر جي سامهون منهنجي قوم آهي. پهرين نظر ۾ سڀ کان اڳ مان پنهنجيءَ قوم کي ڏسان ٿو. پر پوءِ منهنجي نيٽ نهار ۾ پوري عالم جون سڀ قومون ءِ اُنهن جا امن پسند عوام آهن. منهنجيءَ قوم تي جڏهن به ڪو ظلم ٿئي ٿو ته اهو ظلم ازخود مون تي به ٿئي ٿو ڇو ته مان هن قوم جو حصو آهيان. پر جڏهن دنيا ۾ ڪٿي به ڪنهن به قوم سان جيڪڏهن ڪو ظلم ٿئي ٿو ته اهو ظلم به مون کي پاڻ تي ٿيندي محسوس ٿئي ٿو."

"ها يار...! مون سان به ايئن ئي ٿيندو آهي، ها...! تو هنن جي باري ۾ ٻُڌايو پئي ته هي ڪير آهن...؟"

"هي اصل ۾ ڪاپي ڏر جا سياسي فرد آهن. هي طبقاتي سسٽم جو خاتمو آڻي، قومي ءِ جمهوري انقلاب آڻڻ چاهين ٿا."

"اڇا...!"

تو موضوع مٽائيندي چيو هو:

"پلا هن هوٽل وارن کي ڪجهه آڻڻ لاءِ چيو اٿئي؟"

"نہ يارا هينئر ئي سڏي ٿو وڻان، پر پُڏاءِ تہ سهي، پاڻ چا ٿا کائون؟"

"ها يارا منجهند جي مانيءَ جو وقت ٿي ويو آهي، ۽ گرهہ ماني کائي وڃجي."

"هڪ چڪن برياني ۽ ۽ ڪولڊ ڊرنڪس چوانس؟"

"هڪ برياني ٿوري تہ نہ ٿيندي؟"

"نہ يار... هتي برياني‌ءَ جي پليٽ نہ، پر ڊيش هوندو آهي، پوري پئجي ويندي."

تو مُرڪي شرارتي انداز ۾ چيو هو:

"الاءِ...! توکي موٽو ۽ تہ ناهٽو آهي نہ؟"

پاڻ ڪِلي پيا هئاسين. برياني ۽ بوتلون گهرائي مانجهاندو ڪري ٻاهر نڪري آيا هئاسين. پچا ڪرڻ تي پُڏايو هئائون، تہ لانگ مارچ ٻڪرا منڊي‌ءَ تي پهتو آهي، بس ڪجهہ ئي منٽن ۾ پهچي ويندو. ٻاهر نٽهڻ اُس جو وڏو ڪاڙهو لڳو پيو هو. اسان هڪ ڀِت جي اوٽ وٺي بيهي رهيا هئاسين. ڪجهہ ئي منٽن ۾ هزارين ماڻهن جو سمنڊ ڇوليون هٽندو اڳتي وڌندو پئي آيو. تو مارچ کي ڏسي، حيران ٿيندي چيو هو:

"اَئي... مُنا! مون اڄ کان اڳ ايترا سارا ماڻهو ڪڏهن ۽ گڏ نہ ڏٺا آهن."

"متان نہ مڃين! اسان سان گڏ هوندين‌ءَ تہ اهڙا مزا پئي ڏسندين‌ءَ."

تو ڪِلي مون ڏانهن نهاريو هو منهنجا نيٺ ۽ دل ٽري پيا هئا، دماغ تازو توانو ٿي ويو هو پوءِ چيو هيئي:

"ها سائين! بلڪل...!"

مارچ پرسان پهچي چڪو هو لائوڊ اسپيڪر تان وڏا آواز اچڻ لڳا هئا:

"هن عظيم الشان، تاريخي، قومي، عوامي، جمهوري ۽ پُرامن لانگ مارچ ۾ شريڪ سنڌ جي سمورن سرويچ پائرن ۽ بهادر سنڌياڻين کي حيدرآباد پهچڻ تي پليڪار ڪريون ٿا ۽ کين اهڙي عظيم قرباني‌ءَ تي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا. ان سان گڏوگڏ حيدرآباد ۽ آسپاس جي وڪيلن، صحافين، اديبن، ليکڪن، شاعرن ۽ سنڌ يونيورسٽي‌ءَ، زرعي يونيورسٽي‌ءَ، لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي‌ءَ ۽ مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي‌ءَ جي استادن ۽ شاگردن جا پڻ ٿورائتا آهيون، جن اسان جي سڏ ۾ سڏ ڏئي سنڌ ڌرتي‌ءَ جي سچي سپوت هجڻ جو ثبوت ڏنو آهي."

اهو ٻُڌي مون توکي چيو هو:

"ڏِس ڏِس... پنهنجي لائوڊ اسپيڪرن تي نيڪي پئي ٿئي!"

"ڪٿي؟"

"اڙي يارا سنڌ يونيورسٽي‌ءَ جي شاگردن جو ٿورا پيا مڃين، ۽ کين سنڌ ڌرتي‌ءَ جو سچو سپوت ٿا چون، پاڻ سنڌ يونيورسٽي‌ءَ جا شاگرد نہ آهيون چا؟"

تو ڪِلندي چيو هو:

"ها...!"

"پوءِ...!؟"

"يارا هڪ ڀگالهه ته ٻُڌاءِ، هتي جيڪي مرد آيا آهن، تن کي ته سچو سپوت چون ٿا، پر اسان عورتن کي سچيون سُپتريون چونٿا چون؟"

مون مُرڪندي چيو هو:

"تون صحيح ٽي چئين، بلڪل چوڻ گهرجي، پر پدرشاهاڻي نظام جي هولي ۽ پدرشاهاڻين روايتن جي پاسبان هوندي آهي."

لانگ مارچ سڀي گيٽ کان پريس ڪلب لاءِ نڪري چڪو هو اسان ۽ ان هزارين ماڻهن جي سمنڊ ۾ لهي ويا هئاسين. تمام گهڻي گرميءَ جي باوجود ماڻهن جا حوصلا بلند هئا. اڳيان هلندڙ مزاد ترڪ مان زوردار نعرا لڳي رهيا هئا:

"ڊيم ڊيم...؟ شيم شيم...!"

"ڊيم سمورا...؟ نا منظورا!"

"چشما ـ جهلم لنڪ ڪئنال...؟ بند ڪريو بند ڪريو!"

"توسان ـ پنجند لنڪ ڪئنال...؟ بند ڪريو بند ڪريو!"

"درياهه تي ڏاڙا...؟ نا منظورا!"

"ٽل ڪئنال...؟ نا منظورا!"

ماڻهن اُپ ڏارندڙ نعرا پئي هنيا، پاڻ ۽ نعرن هڻندڙن ۾ شامل ٽي ويا هئاسين. تو پڇيو هو:

"تونسا ـ پنجند ۽ چشما ـ جهلم لنڪ ڪئنال ڇا آهن؟"

مون توکي ٻُڌايو هو:

"اهي ڪئنال تربيلا ڊيم مان غير قانوني طور ڪڍيا ويا آهن، جيڪي جڏهن ٺهيا پئي، ته سنڌي عوام تمام گهڻي مزاحمت ڪئي هئي ۽ چيو هو ته انهن ڪئنالن کي سنڌ جو پاڻي چورائي وهايو ويندو، پر 'مٽين صاحبن' فرمايو ته جڏهن برساتون پونديون ۽ ڊيم جي سطح کان پاڻي مٿي چڙهندو ته پوءِ ان ۾ چوڙ ڪيو ويندو، پر هنن تاريخي ويساهه گهاتي ڪري، انهن ڪئنالن کي ٻارنهن ئي مهينا کولي ڇڏيو."

"اڇا... يارا لعنت هجين، وڏا ڪي حرامي آهن!"

"ها يار...! هو وڏا ڪي حرام نہ، پر وڏا حرامي ئي آهن."

لانگ مارچ تِلڪ چاڑهي لهي ريلوي اسٽيشن روڊ تي هلي رهيو هو مٽان فليٽن مان ماڻهو وڏيءَ حيرت منجهان لانگ مارچ کي ڏسي رهيا هئا. نعرن ۾ وڏو پُرجوش اضافو ٽي رهيو هو.

"سنڌ جي دشمنن تي...؟ لعنت!"

اسان بہ نعرن جا جواب ڏئي رهيا هئاسين. لانگ مارچ حيدر بخش جتوئي چوڪ ڪراس ڪري ڊاڪٽر نبي بخش خان ماڊل اسڪول اولڊ ڪئمپس سنڌ يونيورسٽيءَ طرف وڌي رهيو هو جتان پوءِ ڏيئلداس ڪلب ميئارام هاسٽل ۽ ريڊيو حيدرآباد کان ٽيندو پريس ڪلب پهچڻو هو. ڏيئلداس ڪلب پار ڪري اسان لانگ مارچ سان پريس ڪلب پهتا هئاسين، تہ تو چيو هو:

"يار! ٽڪجي پياسين!"

اها ڳالهہ ٻڌي مارچ ۾ شريڪ هڪ عورت توکان پڇيو هو:

"ڪٿان آيا آهيو؟"

تو چيو هوس:

"سنڌ يونيورسٽيءَ کان."

"لانگ مارچ ۾ ڪٿان شريڪ ٿيا آهيو؟"

"سڀني گيٽ کان."

"سڀني گيٽ کان هيستائين آيا آهيو ۽ ٽڪجي پيا آهيو! مان سکر کان هلي آهيان ۽ اڃان ناهيان ٽڪي!"

حيران ٽيندي اسان ان اڌول عورت کي پيرن کان مٿي تائين ڏٺو هو هن عورت جي پيرن ۾ هڪ ڪُتل چپل پاتل هئي ۽ سندس پيرن ۾ پٽيون ٻڌل هيون. اسان هن کي سليوٽ ڪندي چيو هو:

"ادي! تنهنجي جذبي ۽ عظمت کي سلام آهي."

هوءَ مُرڪي پئي هئي. اسان جي ان Appreciation هن جي اکين ۾ چمڪ ۽ چهري تي مُرڪ پکيڙي ڇڏي هئي. سندس منهن ڀهڪي پيو هو. ايئن پئي لڳو جڙ سکر کان حيدرآباد تائين جي ڪيل پنڌ جو هن کي اُجورو ملي ويو هجي؛ ۽ ڪراچيءَ تائين پنڌ ڪرڻ لاءِ ڪيس نئين سگهہ ملي وئي هجي.

3.6

اُن ڏينهن مان تنهنجي پهچڻ کان اڳ ئي فزيالاجي ڊپارٽمينٽ پهچي چڪو هوس، تون پوائنٽ مان لٽي هئينءَ، تہ ايئن لڳو هوم جڻ دل تان وڏا بار لٿا هجن، مُرڪي هٿ ملايو هوسين، تو پڇيو هو:

"تنهنجو موبائيل فون چو بند آهي؟"

مون چيو هو:

"يار! رات ڪجهہ چوڪرا منهنجي ڪمري تي آيا، چيائون تہ سندن دوست سان جامشوري ڦاٽڪ تي حادثو ٿي ٻيو آهي، هو انتهائي غريب چوڪرو آهي، ان حادثي ۾ سندس حالت ڏاڍي ڳڻتيءَ جوڳي ٿي پئي آهي، هن جي علاج لاءِ پئسن جي سخت ضرورت آهي، مهرباني ڪري اوهان هن جي زندگي بچائڻ لاءِ اسان جي مدد ڪريو هن جا ٻُڌڻا ماءُ پيءُ اوهان کي ڏاڍيون دعائون ڏيندا. پريشانيءَ جا ياوَ هنن جي چهري تي ئي نمايان هئا. مون کانئن پڇيو:

'ٻين ڪمرن تان چوڪرن ڪجهہ چندو ڏنو اٿوَ؟'

چيائون:

'بس سائين! ڪو پنج روپيا، تہ ڪو ڏهہ روپيا مَس ٿو ڏي، شاگردن جي ڪثريت اهو سمجهي چندو نہ ٿي ڏئي، تہ اسان بہ ڪوڙن ڪامريڊن جيئن ڪوڙ ٿا ٺالهايون.'

'ها يار! هنن ڏانهن بہ ڏوهہ نہ آهي، پر هن وقت تائين اوهان کي گهٽو چندو لميو آهي؟'

'سائين! سيپ هاسٽلون لٽاڙي آيا آهيون، ٻہ ٽي هزار مس ٿيندا.'

'ڊاڪٽر چا ٿا چون؟ گهٽو خرچ لڳندو؟'

'سائين! چون ٿا ته گهٽ ۾ گهٽ پنجاهه هزار روپيا لڳندا!'

مون کين ڏاڍي افسوس مان چيو:

'اوهه...! پوءِ ٻين پئسن جو بندوبست ڪيئن ڪندا؟'

'صبح جو هن جي ڊپارٽمينٽ ويندا سين، هن جي ڪلاس فيلوز شاگردن ۾ استادن کي مدد لاءِ عرض ڪندا سين.'

مون پنهنجي موبائيل فون بند ڪري، بيٽري ڪيڙ کان پوءِ سمر ڪيندي چيو:

'يار! هن وقت ته مون وٽ صفا پئسا نه آهن.'

مون ڏٺو ته منهنجو اهو جملو ٻُڌي هنن جا مُنهن لهي ويا. هڪ نوجوان ڳٽتيءَ مان چيو:

'سائين! اوهان کان جيترو ٿي سگهي، اسان جي مدد ڪريو. اسان جو دوست بيوس، لاچار، مجبور ۽ بي واهو ٿيو اسپتال ۾ پيو آهي، هن جا ڳُراڙا ماءُ پيءُ توهان کي ڏاڍيون دعائون ڪندا.'

مون سمر پنهنجي پرس ۾ رکي، موبائيل هنن ڏانهن وڌائيندي چيو:

'هيءَ منهنجي موبائيل فون وڪٽي، ان جا پئسا چندي ۾ شامل ڪري ڇڏيو.'

منهنجي اها ڳالهه ٻُڌي سڀ حيران رهجي ويا. هڪ نوجوان حيرانگيءَ جي حد اورانگهي چيو:

'پر سائين! اها ته اوهان استعمال ٿا ڪريو!؟'

'پيارا! منهنجي موبائيل فون استعمال ڪرڻ کان ڪنهن جي جان جو بچڻ وڌيڪ اهم آهي.'

حيرت هنن جي اکين مان بَکي رهي هئي، ڪنهن به هٿ وڌائي مون کان موبائيل فون نه پئي ورتي، هنن کي يقين ئي نه پئي آيو ته ڪو ايئن به ڪري سگهي ٿو. مون هڪ شاگرد کي موبائيل فون هٿ ۾ ڏيندي چيو:

'جي اوهان چاهيو ته هيءَ اڄ ئي سوسائٽيءَ ۾ ٻه هزار روپين تائين کپي سگهي ٿي، نه ته صبح جو جامشوري ڦاٽڪ تي کپائي ڇڏجوس.'

هڪ نوجوان وڏيءَ حيرت مان پڇيو:

'سائين! هن جو توهان سان ڪوبه رشتو نه آهي، تڏهن به توهان...!!'

مون کيس پوري يقين سان چيو هو: 'انسانيت کان وڏو ٻيو ڪوبه رشتو نه آهي، منهنجا پاءُ!'

پوءِ هو مون کي وڏيون دعائون ڏيندا هليا ويا. سچ پچين جانان! هنن جي مدد ڪري ڏاڍو سڪون مليم. مان هن وقت تائين هڪ وڏي ڪيف ۾ آهيان، دنيا جو سڀ کان وڏو سڪون ۽ مزو وٺڻ ۾ نه پر ڏيڻ ۾ آهي."

اسان زولاجي ڊپارٽمينٽ جي ٻاهران واري ڪينٽين تي هلي ويٺا هئاسين، تون تمام گهٽي پيار مان مون کي ڏسي رهي هئينءَ. ڪجهہ لمحن کان پوءِ منهنجو هٿ پڪڙي، ان کي چُمي چيو هيئي:

"I am proud of you my sweet heart!"

"Me too my love!"

"تون ڏاڍو عجيب آهين!"

"چو...!؟"

"بس... تون ڏاڍو عجيب آهين. ڪڏهن پنهنجي ميس جا پئسا ڏئي، ڪنهن جي في ۾ مدد ڪرين، ۽ سڄو مهينو رڳو هڪ وقت جي ماني کائين، ڪڏهن ڪنهن غريب کي پنهنجا ڪپڑا ۽ بوٽ ڏئي ڇڏين، پراون ڪمن لاءِ پنهنجا پئسا، وقت ۽ توانايون خرچ ڪرين، اڃان عجيب نہ آهين!؟"

"ان عجيب هجڻ جا مزا ٻہ وڏا عجيب اٿئي! سچ پچين، تہ ڪنهن ٻہ ماڻهوءَ جي ڪم اچي جا خوشي ملندي اٿم. شايد تنهن کي ئي حقيقي خوشي چوندا آهن."

"ها يار...!"

"يار! منهنجي هڪ نصيحت اٿئي، تہ هميشہ ضرورتمندن جي جيتري توکان پُڄي سگهي، ضرور مدد ڪجانءِ."

"ضرور...!"

"پوءِ ڏسجانءِ، توکي ڪيڏي خوشي ۽ سکون ٿو ملي."

"ها..."

پاڻ ڪجهہ منٽن ۾ چانهہ پي اُٿيا هئاسين، تون خوشيءَ ۾ ڏاڍي ٻهڪي رهي هئينءَ. تنهنجون اکيون ۽ چهرو چمڪي رهيا هئا. آرٽس فيڪلٽيءَ جي در وٽ پهچندي چيو هيئي:

"هل پاڻ ڪجهہ دير فيڪلٽيءَ جي ڇت تي ٽا هلي ويهون."

"چو...!؟"

"بس ايئن ئي."

تون خوشيءَ ۾ ڏاڍي ٻهڪي رهي هئينءَ، ان خوشيءَ واري ٻهڪ ۾ هاڻي تون ٿورڙي شرمائجي ٻہ وئي هئينءَ. اسان پبلڪ ايڊمنسٽريشن ۽ اردو ڊپارٽمينٽ جي ڇت واري پاسي، فيڪلٽيءَ جي ڊگهي برڙ جي وڻ جي لامن جي ڇانوَ ۾ پٽَ کي ٽيڪ ڏئي ويهي رهيا هئاسين. تون پنهنجي ٻانهن منهنجي چيلهہ ۾ ورائي ۽ پنهنجو ڪنڌ منهنجي ڪنڌ تي رکي ٽيڪي رهي هئينءَ:

"You are great!، تون ڏاڍو ڀلو آهين مُنا! تون ڏاڍو ڀلو آهين، تون ڏاڍو مهربان ۽ ہاجهارو آهين، تو ۾ منهنجو ساهه اٽئي! تون مون کي ڏاڍو پيارو آهين..."

ڪجهه منٽن کانپوءِ چيو هيئي:

"مُنا...!"

"جيءُ مِٺي!"

"تون منهنجو آهين نہ؟"

"ها جانان! مان تنهنجو آهيان."

"سچو سارو منهنجو؟"

"بلڪل... سچو سارو تنهنجو!"

"سچي...!؟"

"سچي...!"

تون منهنجي منهن کي پنهنجن هٿن ۾ جهلي، منهنجي نيٽن کي ڏسي رهي هئينءَ، تنهنجون نرم ۽ ملائم آڱريون منهنجن ڳلن تي آهستگيءَ ۽ نفاست سان ڦِرڻ لڳيون هيون، تنهنجا ڪوسڙا ساهه منهنجن ساهن سان ٽڪرائجي رهيا هئا، ايئن پئي لڳو جڙ تون مون کي چپن سان ڏسي ۽ اکين سان چُمي رهي هجين. ڪجهه ئي لمحن ۾ تنهنجن چپن منهنجن ڳلن کي چُمڻ شروع ڪيو ۽ پئي لمحي تو پنهنجا چَپ منهنجن چپن تي رکي ڇڏيا هئا. ڪجهه ئي لمحن ۾ پاڻ خمارن جي ستين آسمان تي هئاسين، هن ڪيف جا ڇا تہ عجب احساس هئا...

3.7

مئبم گلمينا ڏاڍي مهربان، شفيق، رحمدل، حساس، بهادر ۽ معزز انسان آهي. ڇا ته پُروقار شخصيت اٿس، هوءَ اسان کي ڏاڍو پائيندي هئي، هن جهڙي انسانن جي دنيا ۾ جي گهٽائي ٿي پئي، ته شايد دنيا ڏاڍي بهتر ٿي پئي، هن کي اسان جو ۽ هر شاگرد جو پنهنجي اولاد جيئن خيال هوندو هو. کو شاگرد ڪلاس ۾ غير حاضر هوندو هو ته ٻين استادن جيئن ايئن نه چوندي هئي، ته "چورا ۽ چوريون وتن ٿا سڃو ڏينهن رُلندا، پڙهڻ کان آگوٺو باقي سڃو ڏينهن رُل رُلان ۾ پورا." پر ميڈم گلمينا پچندي هئي:

"فلاٽو نه آيو آهي، ايئن نه ته طبيعت ٺيڪ نه هجيس!"

جيڪڏهن کو شاگرد ٻُڌائيندو هوس ته:

"نه مئبم! طبيعت ٺيڪ هيس، پر الاءِ ڇو نه آيو آهي؟"

"ايئن نه آيو آهي، ته ٺيڪ آهي، پر خدا کري کو مسئلو نه ٿيو هجيس."

هر معاملي تي ڏاڍي Positive Approach رکندي هئي. هڪ ڀيري جڏهن يونيورسٽيءَ ۾ بائيڪاٽ ڪيو ويو هو ته پاڻ هن وٽ هليا هئاسين، هوءَ اُداس هئي، اسان کي پنهنجي آفيس ڏانهن ايندي ڏسي چيو هئائين:

"اچو اچو منصور! سنڌيا! ڪهڙا حال آهن منهنجا ٻچڙؤ؟"

اسان سندس سامهون ڪرسين تي ويهندي چيو هو:

"ٺيڪ آهن ميڈم! اوهان ٻ ٺيڪ آهيو؟"

"ها... مان ٻ ٺيڪ آهيان."

مون کانئس پڇيو هو:

"چو ميڊم! اڄ اوهان کجهه اُداس پيون نظر اچو؟"

"هو لوفر خوامخواهه بائيڪاٽ ڪرائي ويا، ان جي ڪري طبيعت خراب ٿي وئي آهي."

"هونهه... بس ميڊم! اوهان اُداس نه ٿيو."

"اها اُداسي نيچرل آهي منصور! مان جڏهن سوچيان ٿي، ته منهنجي قوم جي هارن جو مستقبل تباهه پيو ٿئي، هنن جو وقت ۽ پئسو ضايع پيو ٿئي... هتي جيڪب آباد، ڪشمور، گهوٽڪي، ننگرپارڪر، مٺي، عمرڪوٽ، لاڙڪاڻي ۽ الاڻ ڪٽان ڪٽان هار پڙهڻ لاءِ اچن ٿا، پر هتي ڪڏهن بائيڪاٽ ٿا ٿين، ته وري ڪڏهن استاد ڪلاس نٿا وٺن، اهو لقاءُ ڏسي مون کي ته وَڏو ٿا پون منصور!"

پاڻ کجهه لمحن لاءِ خاموش ٿي ويا هئاسين، ته ميڊم گلمينا وري ڳالهائڻ شروع ڪيو هو:

"مان به چاهيان، ته ٻين پروفيسرن جيئن اچي صحيح ڪري هلي وڃان، مون کي ڪو ڪجهه نه چوندو، اٽلندو سپ خوش ٿيندا، ته هوءَ به اسان وانگر سسٽم جو حصو ٿي وئي آهي، پر مان هن ئي مقدس اداري ۾ پڙهي آهيان، هاڻي هتي ئي پڙهايان پئي، مون پنهنجي زندگيءَ جا پنجٽيهه سال هن اداري کي ڏنا آهن، هن اداري جي ايئن تباهي ڏسندي، منهنجو ته رت ٿو ٽڦڪي منصور!"

"ها ميڊم! اوهان صحيح ٿيون چئو. ان صورتحال ۾ ته هر باضمير فرد کي ايئن ئي تڪليف ٿيندي، جيئن اوهان کي ٿئي پئي."

"منهنجي وقت تي اچڻ ۽ وقت تي وڃڻ ۾ به هنن جي سينن تي مُڱ پيا ڏرجن... ٿوري ٿوري ڳالهه تي نوٽيس ڪيو وينا آهن... حق حلال سان ڏيوٽي به ڪرڻ نٿا ڏين."

"خير آهي ميڊم! هونئن ئي حق ۽ سچ جي وات اڙانگي هوندي آهي، جنهن تي رڳو سچا، کرا ۽ باضمير ماڻهو ئي هلي سگهندا آهن."

"هاڻي هو جي توهان کي مون وٽ ويڻي ڏسندا، ته اوهان جي رزلٽ ڏکي ڇڏيندا."

"ميڊم! لطيف سائينءَ چيو آهي، ته:

ڇڳا ڪن ڇڳايون، مدايون مڻن،

جو وڙ جڙي جن سين، سو وڙ سيئي ڪن.

هو ٻيو ڪري به ڇا ٿا سگهن؟ جيڪو هنن جو وَڙُ آهي، هو اهو ئي ڪندا، جيڪو هنن جو اختيار آهي، ان ۾ جي هو اسان کي ڏَڪ ڏيندا، ته پلي ڏين، پر فيل ٿيڻ جي ڊپ کان ڊڄي اوهان وٽ نه اچون، گهٽ ۾ گهٽ اسان کان ايئن نه ٿيندو."

منهنجي اها ڳالهه ٻڌي ميڊم مُرڪي پئي هئي. ايتري ۾ هڪ آڄاتل شخص سلام ڪري آفيس ۾ گهڙي آيو هو هو هڪ بار بي ڪيو جو سيلز ايجنٽ هو. هن پنهنجو تعارف ڪرائيندي چيو هو:

"مان لالازار بار بي ڪيو مان آيو آهيان. اسان جو هيءُ بار بي ڪيو ڪُليلي ڪئنال جي ڪپ تي ڏاڍي ڪُليل آبهوا واري زبردست هنڌ تي آهي. اسان يونيورسٽيءَ جي استادن جي مفت ميمبرشپ ٿا ڪريون ۽ ڪين بل ۾ 50 سيڪڙو رعايت ٿا ڏيون. اوهان مفت ميمبرشپ حاصل ڪريو. ۽ ڪڏهن ڪڏهن ويڪينڊ تي پاڻ يا پنهنجن مهمانن سان اچي، اسان کي خدمت جو موقعو ڏيو."

ميڊم مُرڪي ان بار بي ڪيو جي بروشر کي ڏسڻ لڳي هئي، بروشر ڏسندي سيلزمين کان پڇيو هئائين:

"پلا استادن سان ئي خاص مهرماني چو ڪئي اٿوَ؟"

هن جواب ڏنو هو:

"ميڊم! اها تہ اسان جي مالڪ کي خبر آهي؟"

"اڇا...! پلا توهان جو مالڪ ڪير صاحب آهي؟"

هن وڏي فخر مان داڍي سان ٻُڌايو هو:

"مسٽر ڪرنل راشد سعيد خان صاحب."

ميڊم هن کان وڌيڪ حيرت مان پڇيو هو:

"اوهان جو مالڪ فوج ۾ ڪرنل آهي؟"

هن مُرڪندي فخر مان چيو هو:

"جي ها ميڊم!"

ساڳيءَ حيرت ۽ ٿوريءَ ڪاوڙ مان ميڊم پڇيو هو:

"توهان جي ان ڪرنل صاحب سان ملاقات ٿيندي آهي؟"

"جي ها ميڊم!"

ميڊم ٿورو ڪاوڙ ۽ شوخيءَ مان چيو هوس:

"اوهان پنهنجي مسٽر ڪرنل راشد سعيد خان صاحب کي چئجو تہ پروفيسر گلمينا اوهان لاءِ چيو آهي، تہ هي اڇڪلهه اوهان ڪهڙا ڪم ڪرڻ شروع ڪيا آهن، ٺيڪا بہ اوهان ٿا کڻو پيٽرول بہ اوهان ٿا کپايو ڪيڪ بہ اوهان ٿا کپايو، پاڻي بہ اوهان ٿا کپايو بئنڪون بہ اوهان ٿا هلايو اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون بہ اوهان کولي رهيا آهيو ۽ هاڻي ريسٽورانٽ ۽ باربي ڪيوز بہ کولڻ شروع ڪيا اٿوَ! ڪجهه ڪم تہ سِولين لاءِ ڇڏيو! اوهان پنهنجي ملڪ جي حفاظت ڪرڻ وارو عظيم ڪم ئي ڪريو تہ بهتر ٿيندو. اهو بار بي ڪيو ڪنهن سِويلين جو هجي ها.

تہ مان ان جي ضرور ميمبر ٿيان ها، مان ان ڪرنل جي بار بي ڪيو جي ميمبر نہ ٿي ٿيان: ۽ ها! پنهنجي ڪرنل صاحب کي منهنجو نياپو ياد سان ڏجو- خدا حافظ!"

هن پنهنجو سامان کنيو هو ۽ ڪنڈ جهڪائي واپس هليو ويو هو. مون پيار مان مُرڪي ميڊم کي ڏٺو هو هن مون کي چيو هو:

"پٺان! ظلم تہ ڏسو! هر شيءِ لُٽي کائي ويا آهن، ايان پيٽ نہ ٿو پرجين، هاڻي هوٽل بہ اهي ٿا کولين، باقي ٻيا ماڻهو کهڙا ڏنڈا ڪندا؟"

"اوهان صحيح ٿيون چئو ميڊم! پر اوهان کي پؤ نہ ٿو ٿئي، اوهان ايڪويهين گريڊ جي سرڪاري نوڪريءَ ۾ آهيو ۽ هوا ڇي ڪاري جا مالڪ لڳا پيا آهن!؟"

"اڙي.. ڊڄي ڊڄي تہ اسان پنهنجا شهر ڪُرايا سين، تعليم ڪُرائيسين، پاڻي ڪُرايوسين، سيپ وسيلا ڪُرجن پيا، هر شيءِ کَسجي وئي آهي، ٻيو ڇا بچيو آهي اسان وٽ؟ پنهنجي زندگيءَ جا پنجاهہ سال گذاري چڪي آهيان، هاڻي هي مون کي ڪاهيءَ تي چاڙهن، تہ يلي وڇي چاڙهن، مان پنهنجي وطن ۽ قوم جي حقن لاءِ ڪاهي بہ چڙهي وڃان، تہ ان کان وڏ فخر جهڙي ٻي ڪالهہ نہ ٿيندي"

مون مُرڪندي ميڊم کي چيو هو:

"اوهان ڏاڍيون بهادر عورت آهيو ميڊم!"

ميڊم رڳو مُرڪي چيو هو:

"هاڻي استادن کي لالچون ڏئي ۽ ڊيڄاري جاسوسي ڪرائيندا."

اسان مُرڪي ٻيا هئاسين. مون چيو هو:

"ڪرنل صاحب کي نياپو ملندو، تہ سوچيندو:

'متان ايئن سمجهين، مُٺا مور سارا!'"

اسان سيپ ڪِلي ٻيا هئاسين. ميڊم چيو هو:

"مون اهو نياپو شعوري طور موڪليو. پلي هنن کي خبر پئي، تہ ماڻهو هنن جي ڪمن کي جاڻي ويا آهن: ۽ انهن کان ڊڄن نہ ٿا."

"اهو بلڪل صحيح ڪيوَ ميڊم!"

ميڊم مُرڪي رهي هئي، پر ان ۾ شوخي نمايان هئي.

3.8

ان ڏينهن ۾ تون روز جيئن فزيالاجي ڊپارٽمينٽ اڳيان بيٺي منهنجو انتظار ڪري رهي هئينءَ. مون جيئن ئي توکي سلام ڪري هٿ ملايو هو ته پڇيو هيئي:

"چو منا! ڏاڍو اُداس ٿو لڳين؟"

فيڪلٽيءَ ڏانهن هلندي توکي جواب ڏنو هوم:

"ها يار...!"

"چو؟ ڇا ٿيو...؟"

"پاڻ وارو ڪلاس فيلو ساجد رات منهنجي روم تي آيو هو. ٻڌايائين پئي، ته هڪ ڪوڙي ڪارو ڪاريءَ واري معاملي تي سندس ڳوٺ ۾ هنن جو سندن مائٽن سان پراڻو تڪرار هلندڙ آهي، انهن ۾ وري اڄ ۾ جهيڙو ٿي ويو آهي..."

"اوهه... پوءِ؟"

"ساجد ٻڌايو ته هو ڳوٺ جو پهريون چوڪرو آهي، جيڪو يونيورسٽي پڙهڻ آيو آهي، ان ڪري هو سڄي ڳوٺ جي لاءِ هڪ اُميد بڻجي ويو آهي. سڄي ڳوٺ ۾ هن جو نالو ۽ عزت ٿي پئي آهي. ان ڪري هنن جا دشمن، جيڪي اصل ۾ هن جي ياڄائيءَ جي مائٽن جا دشمن آهن، سي هن جي جان جا دشمن بڻجي ويا آهن..."

"!Oh! I see....، پر ان ۾ ساجد جو ڪهڙو ڏوهه؟"

"هتي هڪڙن جي ڏوهن جون سزائون ٻين کي ملنديون آهن."

"اهو ڏاڍو ظلم آهي يار...!"

"ها يار بلڪل..."

"پوءِ هاڻي ساجد ڪٿي آهي؟"

"الاءِ ڪيڏانهن ويو يار! رات ٻڌايائين پئي، ڪيس گهران فون آئي آهي، تہ هو ڪيس مارڻ لاءِ جامشوري آيا آهن. هن ٻڌايو تہ صبح ٽيندي ئي هو ڪراچي هليو ويندو. هن جي ڏاڍي ڳڻتي ٿي پئي اٿم..."

"ڳڻتي نہ ڪر يار سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو..."

"ها يار...! پر هيءَ جاگيرداراڻو نظام ڏاڍو فرسوده ۽ انسان دشمن آهي، هي جاگيردار ميار، پير ۽ وڏيرا خوني فساد ڪرائي پنهنجا پيٽ پريو ويٺا آهن."

"جاگيرداراڻو نظام اسان جي سماج جي سڀ کان وڏي لعنت آهي."

"ها بلڪل، جاگيرداراڻو نظام انساني سماج جي سڀ کان بچڙي ۽ انسان دشمن شڪل آهي."

پاڻ پنڌ ئي پنڌ هلي، سينٽرل لائبريريءَ جي پٺيان واري ڪينٽين جي سيمينٽ جي ٺهيل ڊِڪن تي ويهي، ناشتو ڪري، چانهہ پي، فيڪلٽي هليا هئاسين. پنهنجي ڊپارٽمينٽ جي ويجهو پهچندي ڏٺو هوسين، اتي شاگردن جا انبوهہ لڳا پيا هئا، جن کي ڏسي مون کي ڳڻتي وٺي وئي هئي. هنن وٽ پهچڻ تي خبر پئي هئي، تہ اڄ صبح سوير جامشوري ڦاٽڪ تي ساجد جي تاڙ ۾ ويٺل ماڻهن، ڪيس پستل سان فائر ڪري ماري فرار ٿي ويا. اها خبر اسان تي وڄ جيان ڪري هئي. پنهنجون اکيون پرجي آيون هيون. اسان جي ڊپارٽمينٽ جا سڀ چوڪرا ۽ چوڪريون ڏاڍا ڏکارا ٿي ويا هئا. اسان سيني شاگردن جي دلين ۾ پنهنجي ساٿيءَ جي اهڙي المناڪ موت جي ڪري ڏاڍو ڏک هو. مون سيني شاگردن کي چيو هو تہ:

"هلو تہ هلي جاءِ واردات تي ڏسڻو هڻي مطالبو ٿا ڪريون تہ شهيد ساجد جي قاتلن کي گرفتار ڪري سزائون ڏنيون وڃن."

ڊپارٽمينٽ جي شاگردن ۾ ڏاڍو ڏک ۽ ڪاوڙ هو تہ هڪ بي گناهہ ۽ معصوم شاگرد ڇو پرائي دشمنيءَ جي ڪري گولين جو ڪاڇ بڻائي ماريو ويو. هنن چيو ٺيڪ آهي، هلون ٿا. اسان سڀ جلوس جي شڪل ۾ زيرو پوائنٽ تائين هليا هئاسين، جلوس ۾ اسان ۽ اسان جا ساٿي اُچ ڏارينڊڙ نعرا هڻي رهيا هئاسين:

"شهيد ساجد جي قاتلن کي گرفتار ڪريو... ڦاهيون ڏيو."

اتي دوستن چيو تہ پاڻ سان پنهنجون پينرون بہ گڏ آهن، ان ڪري زيرو پوائنٽ تي ئي ڏسڻو هڻائجي تہ بهتر ٿيندو. اتي ڪلاڪ ڪن ڏسڻو هڻي ويهي رهيا هئاسين. صحافي آيا هئا، جن رپورٽنگ ڪئي هئي. اسٽوڊنٽ ويلفيئر آفيسر اچي چيو هو تہ وي سي صاحب ڊي پي او کي چيو آهي، تہ اسان جي شاگرد جا قاتل گرفتار ڪيا وڃن. ڊي پي او چيو آهي تہ ڳولا جاري آهي، قاتل ضرور گرفتار ڪيا ويندا. سڀ

ڏڪارا شاگرد هيڏانهن هوڏانهن هليا ويا هئا. تون ۽ مان به هلي گرلز جمنازيم جي پٺيان ويٺا هئاسين. اسان ڏاڍا اُداس هئاسين، توکان به ٿي پيرا ڇوڙها به ڪِري پيا هئا، مون اُداسيءَ مان ڇالهائيندي چيو هو:

"اڄ ساجد جو رڳو بي ساهو جسم ئي هن جي ڇوٽ نه موٽيو آهي، پر هن جا، هن جي ڇوٽ وارن جا، هن جي مائٽن ۽ هن جي پيءُ ماءُ جا سڀ خواب به بي ساها ٿي، هن جي ڇوٽ موٽيا آهن، هن جي بي ساهي ٿيل جسم سان گڏ ڪيتريون ئي بي ساهيون ٿيل اُميدون ۽ خواهشون به هن جي ڇوٽ موٽيون آهن..."

اهو ٻڌي توکان ڇوڙها ڇڙي پيا هئا، پنهنجا لڙڪ اُگهندي پڇيو هيئي:

"يارا هڪڙن جي ڏوهه جون سزائون ڪيستائين ٻين کي ملنديون رهنديون؟ ڪيستائين ايئن مائرن کان پنهنجا لال کسي، انهن کي ماري هنن جون جهوليون ويران ڪيون ويندیون؟ ڪيستائين ماڻهن کان پنهنجا جاني کسيا ويندا؟ ۽ انهن جهيڙن ۾ ڪيستائين عورتون بيواهه ۽ معصوم ٻار يتيم ٿيندا رهندا؟"

مون توکي چيو هو:

"جيستائين هو مردود وڏيرا ۽ انهن جو ناپاڪ، مڪروهه ۽ انسان دشمن جاگيرداراڻو نظام موجود آهي، جيستائين اسان جا ٽاٽا ۽ قانون ۽ انصاف جا ادارا هنن جي هٿ وس ۽ غير فعال آهن تيستائين اهو ظلم جاري رهندو..."

"مُنا! مان ساجد جي پينرن ۽ ماءُ جو سوچي ڏڪي ٿي وڃان..."

"ها يار... هنن تي تہ قيامت گذرندي هوندي.. هڪ ماءُ جي جهوليءَ ۾ جڏهن جوان پٽ جو لاش وڏو وڃي، تہ هوءَ پنهنجا حواس وڃائي ويهندي آهي..."

"مُنا! مون کي ساجد جي ماءُ جون رڙيون هت ٻڌڻ ۾ ٿيون اچن، هوءَ پنهنجي پٽ لاءِ پار ڪيي رڙيون ڪري روئي رهي آهي:

'او ابا ساجدا منهنجا گهوٽ پُٽ...'"

توکان لُڙڪ ڪِري پيا هئا، مان پنهنجن ڇوڙهن تي ڪنٽرول ڪري ويو هوس. اسان جون دليون درد ۾ ٻُڏي ويون هيون، منهنجن ڪنن ۾ به ساجد جي ماءُ جا آواز اچڻ لڳا هئا.

"او ساجدا منهنجا گهوٽ پُٽ...
او ساجد منهنجا گهوٽ پُٽ..
گهوٽ پُٽ..
گهوٽ...پُٽ..."

3.9

اُن ڏينهن فزيالاجي ڊپارٽمينٽ ۾اهران ڪجهه دير انتظار ڪرڻ کانپوءِ فون ڪئي هيئي. پهرين گهنٽيءَ تي ئي فون رسيو ڪندي ڪيو هيم:

"هيلو...!"

"ها جانو! ڪٿي آهين؟"

"يار لمس هاسپيٽل ۾..."

حيرت ۾ ڳنيپيرتا مان پڇيو هيئي:

"ڇو...؟"

"يار! رات واري مانيءَ فوڊ پوائزننگ ڪري ڇڏي.."

منهنجي ڳالهه ڪٽيندي پڇيو هيئي:

"اوهه...! تون ڪهڙي وارڊ ۾ آهين؟"

"حادثاتي وارڊ ۾."

"مان اچانءِ ٿي..."

اهو چئي فون بند ڪري ڇڏي هيئي. ۽ ڏهن پندرهن منٽن ۾ تڪڙي تڪڙي، جڙ ڊوڙندي اچي ان وارڊ ۾ پهتي هئينءَ. جتي مون کان سواءِ ٻيو ڪوبه داخل ٿيل نه هو. منهنجي ڪاپي ٻانهن کي ڊرپ لڳل هئي، ۽ منهنجي ٻيڊ جي پر واري ٻينچ تي سڪندر ويٺل هو. ڪجهه لمحن لاءِ ٻيهي مون کي ڏسندي رهي هئينءَ، تنهنجون اکيون پرجي تار ٿي آيون هيون. ڏسندي ڏسندي توکان لُڙڪ ڪِري پيا هئا. ٻئي لمحي مون کي ياکر پائي چوڻ لڳي هئينءَ:

"مُنا! مان توتان صدقي...! مُنا! مان توتان صدقي...!"

تون روئي رهي هئينءَ، مون توکي دلداري ڏيندي چيو هو:

"I am fine Jana! Don't worry."

منهنجي ان جملي کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪندي منهنجي ساڃي ٻانهن کي زور ڏيندي چيو هيئي:

"مُنا! تنهنجو سڃو سَتُ ڇڏائجي ويو هوندو نہ؟ مُنا! تنهنجون ٽنگون، ٻانهون سُڪي ويون هونديون نہ؟ مان زور ڏيانءِ..."

تون منهنجي ٻانهن کي منڙا منڙا زور ڏئي رهي هئينءَ، تنهنجون اکيون پريل هيون، سڪندر چيو هو:

"مان ٻاهران ٽي اچان ٿو."

مون کيس چيو هو:

"پيارا! تون هاڻي پلي ڊيوٽيءَ تي وڃ، هاڻي سنڌيا اچي وئي آهي، تنهنجي ضرورت پئي، تہ توکي سڏي ونڊاسين."

"ٺيڪ آهي، پر جي چئو تہ موڪل ڪري سگهجي ٿي..."

"نہ نہ... پيارا! موڪل ڪرڻ جي ڪابہ ضرورت نہ آهي، مان ٺيڪ آهيان، ۽ سنڌيا بہ تہ اچي وئي آهي نہ؟"

"ٺيڪ آهي، تہ پوءِ مان هاڻي هلان ٿو..."

"ٺيڪ آهي."

هو جيئن ويو هو تہ منهنجي ڳل تي ڳراٽڙي پائي، وڏو ساهہ کڻي چيو هيئي:

"ها... ها... منهنجو تو ۾ ساهہ اٽئي مُنا... منهنجو تو ۾ ساهہ اٽئي... پيرن ۾ پِنين کي زور ڏيانءِ مُنا؟"

ان کان اڳ جو مان توکي کو جواب ڏيان ها، تون پيرن ۾ پنين کي منڙا منڙا زور ڏيڻ شروع ٿي وئي هئينءَ، زور ڏيندي چئي رهي هئينءَ:

"مان صدقو! توتان منهنجا منا! مان صدقو..."

تنهنجا نيڻ پريا پيا هئا، تون ڏاڍيءَ ڳڻپيرتا مان پنهنجي منهن ڳالهائي رهي هئينءَ:

"مان صدقو منهنجا مِنا... منهنجا ساهہ... منهنجا پيارا منهنجو تو ۾ ساهہ اٽئي، تون مون کي کيڏو پيارو آهين؟ اهو مان ٻڌائي بہ نہ ٿي سگهان... منهنجو تولاءِ ساهہ ئي سُڪي ويو آهي منهنجا مِنا!"

تون منهنجي پيرن ۾ ٽنگن کي زور ڏيندي ڳالهائي رهي هئينءَ ۾ مان توکي پيار جي تمام وڏي گهرائيءَ مان ڏسي رهيو هوس.

لڙڪ تنهنجن نيڻن مان ڇلڪي ڪِري رهيا هئا. مون توکي چيو هو:

"ڏس مٽي! ايئن نہ ڪر! مان صحيح آهيان. ڊرپ لهندي ته پاڻ ڪيمپس هلنداسين."

تو بنا ڪنهن جي پرواهہ جي منهنجي ڳلن کي چُمڻ شروع ڪيو هو. تنهنجي زبان مان ساڳيا لفظ نڪري رهيا هئا:

"مان صدقو توتان منهنجا مِنا... مان صدقو... منهنجا ساهہ... منهنجا پيارا منهنجو تو ۾ ساهہ اٽڪي... منهنجو تو ۾ ساهہ اٽڪي... منهنجو ساهہ... منهنجو... ساهہ..."

4

بائيڪاٽن، احتجاجن ۽ غير يقينيءَ واري ماحول ۾ سيمسٽر جا امتحان ٿي ويا هئا، ۽ن مهينن جي ڏڪي موڪل تي شاگرد/ شاگردياڻيون پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن وڃي رهيا هئا. تنهنجو منهنجو ساهه سُڪي ويو هو. پاڻ موڪلن جو سوچي ڏاڍو پريشان پئي ٿياسين. هڪ شام سج لٿي، مارئي لان ۾ ويني تو ڏاڍي ڳنيپيرتا مان چيو هو:

"منو جانو! منهنجا مِنا! پنهنجا ۽ مهينا ڪيئن گذرندا؟"

مون ٿڏو ساهه ڪڍندي چيو هو:

"ڏاڍا اُداس گذرندا جانان!"

"ها يار... پُڌ جانو! توکي منهنجي ياد ته ايندي نه؟"

"چري...! رڳو ياد ايندي؟ چري پٺان! منهنجو تو لاءِ ساهه نڪري ويندو."

"سچي؟"

"سچي يار! مان ته سوچيان ٿو توکان سواءِ وقت ڪيئن گذرندو؟"

"ها يار! صفا مري ويندا سين... پُڌا! هن ڇنڇر تائين هاسٽلون خالي ٿي ويندیون، پاڻ ڳوٺ ڪڏهن هلندا سين؟"

"پاڻ ۽ ڇنڇر ڏينهن هلندا سين."

"منهنجي دل ٿي چئي، ته پاڻ رات جو سفر ڪريون."

"چڏ يار! ڏاڙيلن کان ڦُرائي مارائيندينءَ چا؟ پنهنجي سنڌ ۾ اهڙو امن ڪڏهن کان ٿيو آهي؟"

"اڙي يار! پاڻ وٽ ڪهڙا لَکَ هوندا؟ اهي ميرن ڪپڙن جا ٿيلها هوندا. جيڪي ڦُري وڃي کولیندا، ته خبر پوندن ته چا ڦُري آيا آهيون!!"

"ها ها ها..."

پاڻ ڪِلي پيا هڻاسين.

"پوءِ اسان کي ڪهڙي وقت هلڻ گهرجي...؟ هتان جيڪڏهن اٽين وڃي هلنداسين، تہ رات جو چئين وڃي ڀُوٽ پهچبو ان وقت اُتي پهچي ڇا ڪنداسين؟"

"اڙي يارا! تون بہ صفا ڪو چريو آهين، ٿوري دير واري ڪوچ ۾ هلنداسين نہ!"

"اڙي ها... پر توکي تہ هاسٽل مان اَٽين وڃي ئي نڪرڻو پوندو اَٽين کان پوءِ تہ گيٽ بند ٿي ويندي نہ!"

"ٺيڪ آهي، مان اَٽين وڃي نڪري اينديس."

"پوءِ پاڻ ايڏو وقت ڪيڏانهن هلنداسين؟"

"هئہ هئہ... اَڏجي پياسين! مون کي تہ لڳي ٿو جڻ تون ڇوڪري هجين ۽ مان ڇوڪرو هجانہ!... اڙي يار گهمنداسين، ڦرنداسين، مزا ڪنداسين، ڇئہ ڪيڏانهن ويندا سين..."

تنهنجي اهڙي نموني ٽوڪڻ تي مون کان ٿڪ نڪري ويا هئا:

"ها ها ها... ڏاڍي استاد ٿي پئي آهين... ڇڪو پلا ٻُڌاءِ، تہ ڪيڏانهن هلنداسين؟"

تو مُرڪندي چيو هو:

"الله سائين!! هاڻي ڏيو مُنهن! اڙي يارا حيدرآباد يا المنظر هلنداسين، بس نہ؟"

"ٺيڪ آهي... پر هڪ مسئلو آهي؟"

"!Oops، اهو وري ڪهڙو؟ ٻُڌاءِ!"

"يارا! اسان سان گڏ اسان جا ٽيلها بہ هوندا، اهي ڪيڏانهن پيا گهلينداسين؟"

"Ohh my goodness، جامشوري ۾ تنهنجا هيڏا پيارا آهن، ڪنهن وٽ رکي اچجانءِ."

"!Ohh yes، ها يار محمد علي يا سڪندر وٽ رکي سگهجن ٿا."

"بس!؟ ڳالهہ بہ ايتري نہ...!؟"

مون توکي مُرڪندي چيو هو:

"يار اڄ تنهنجن دڙڪن مان لڳي ٿو تہ هڪ سبق سکڻو پوندو!"

"ڪهڙو سبق؟"

"بس، توسان شادي نہ ڪبي."

تو مُرڪي لفظن تي زور ڏيندي چيو هو:

"چو...!؟"

"مان تو ۾ لکل هڪ وڏي ڊامينٽ زال ٿو ڏسان!"

تو ڪِلندي، فاتحاڻي انداز ۾ چيو هو:

"تون مون سان شادي نہ ڪرين، تہ ساهہ ڪيڏي ڇڏيانءِ!"
مون کي توتي ڏاڍو پيار اچي ويو هو. مون توکان مُرڪندي پڇيو هو:
"منهنجو ساهہ ڪيڏي پوءِ تون جيئري رهي سگهندينءَ؟"
تو پنهنجون پياريون اکيون ملائيندي چيو هو:
"اڙي مُنا! منهنجو تہ ساهہ تو ۾ آهي، مان توکان سواءِ زندهہ ڪيئن رهي سگهنديس!؟"

اهو جملو ڳالهائي، تو پنهنجي ٻانهن منهنجي ڪنڈ ۾ ڦيرائي، مون کي پاڻ ڏانهن ڇڪي، منهنجي ڳل تي چُميون پاتيون هيون. پيار جا احساس تنهنجي مُکَ تي ئي نمايان هئا. سج لٿي گهڻو وقت گذري چڪو هو مارئي لان ۾ انڌيرو ڇانئجي ويو هو پيار ڪندڙ جوڙا دنيا جهان کان بي نياز پنهنجي پنهنجي پيار جي موجن ۾ مست هئا، تنهنجي ٻانهن منهنجي ڪنڈ ۾ هئي، ٻئي لمحي تو پنهنجي ٻانهن جي زور سان منهنجي ڪنڈ کي ڇڪي، منهنجا ڳل پنهنجي سيني تي رکي ڇڏيا هئا، مون کي ان وقت پيار جا ڏاڍا نرم ۽ ملائم احساس محسوس ٿيا، انهن احساسن مون تي خمارن جا آبشار وهائي ڇڏيا هئا. پاڻ عجب ڪيف جي جهان ۾ هئاسين، ۽ اسان جي دلين مان پوري جڳ جي انسانن لاءِ دعا ٿئي نڪتي:
"ڪيف ڏاران ڪوءِ، جيئي نہ جهان ۾... ڪيف ڏاران ڪوءِ... ڪيف..."

4.1

ٻئي ڏينهن صبح جو مان ٽڪيٽون ڪٽرائڻ ڇامشوري ڏانڪ ويو هوس. اسان کي رات جو هڪ وڳي واري اي سي ڪوچ ۾ سيٽون ملي ويون هيون. اسان ٻئي ڏاڍو خوش هئاسين. ڪلاس ختم ٿي چڪا هئا. تون پنهنجي هاسٽل تي هئينءَ. مون ڇامشوري ڏانڪ جي هڪ ڪسٽمر ڪال سينٽر تان توکي فون ڪري ٻڌايو هو ته رات جو هڪ وڳي واري اي سي ڪوچ ۾ سيٽون مِلي ويون آهن. تہ خوشيءَ مان توڏانهن اچڻ لاءِ چيو هو. مان رڪشا ۾ چڙهي مارئي هاسٽل لان ۾ پهتو هوس. جتي تون اڳ ۾ ئي ناشتو ڪنيو ويٺي هئينءَ. مون کي پنهنجي ويجهو ٽيندي ڏسي اُٿي رهي هئينءَ. تہ مون توکي چيو هو:

"ويهہ ويهہ جانان! No need to get it formalities."

توکان ويٺو نہ ٽيو هو اُٿي بيهي مُرکي هٿ ملايو هو. ۽ پڇيو هيئي:

"ٽڪيٽون ڪٽرائي آئين؟"

مون مُرڪندي چيو هو:

"تنهنجي حڪم جي تعميل ڪيئن نہ ٿيندي؟"

تو ڪِلي چيو هو:

"That's like a good boy!"

پاڻ ڪِلي پيا هئاسين.

"چڱو! هاڻي جلدي ناشتو ڪر. تہ چانهہ پيئون!"

"واهہ واهہ.. عظمتن جا اهڙا ثبوت!!"

تون منهنجي ڳالهہ ٻُڌي ڪِلي پئي هئينءَ. ۽ چيو هيئي:

"چڱو! هاڻي ڇڏ اهي نمونا!"

"ناشتو تو پاڻ ناهيو آهي يا ڪينٽين تان وٺي آئي آهين؟"

"پاڻ ناهيو آهي."

"چڱو! پوءِ پنهنجا هٿ اڇيان ڪر!"

"ڇو؟"

"I will kiss your hands"

تو شرمائيندي مُرڪي پنهنجا هٿ اڇيان وڌايا هٿا ڏٺا مون اُنهن کي پڪڙي چُمي ورتو هو تون ان Reward تي ڏاڍي خوش ٿي وئي هئينءَ ڏٺو چيو هيئي:

"مُنا! منهنجي دل چوندي آهي، تہ مان پنهنجي سڄي زندگي تنهنجي خدمت ۾ گذاري ڇڏيان، تو لاءِ مانيون پڇايان، تنهنجا ڪپڑا ڌوئان، توکي زور ڏيان، بجلي بند ٿئي، تہ توکي ونڊڻو هڻان ڏٺو توتان گهور وڃان..."

"يارا! ماني پڇائڻ، ڪپڑا ڌوئڻ ڏٺو ونڊڻو هڻڻ تہ سمجهه ۾ اچي ٿو. پر تون مون کي زور ڇو ڏيندينءَ؟ مان ڪو ڳراڙو آهيان ڇا؟"

"نہ يارا! تون آفيس مان ٿڪجي ايندين، تہ پوءِ ايئن ئي پيار مان زور ڏيندي سانءِ."

"چڱو! ٺيڪ آهي، ڪپڑا ڌوئارڻ، ماني پڇائڻ ڏٺو هٿي هر ڪم ۾ مان تنهنجي هيلپ ڪندس ڏٺو تون جڏهن ٿڪجي پوندينءَ، تہ مان بہ توکي زور ڏيندس."

"جائي ٻُڌا!"

"جائي!"

"I love you، مُنا ڪِنا!"

"ڪِنا!؟"

"ايئن پيار مان!"

"چڱو...!"

"چڱو! هاڻي جلدي ناشتو ڪر، نہ تہ چانهه نہ ٿڏي ٿي وڃي. هن ڇائينا واري ٿرماس ۾ چانهه گهڻو وقت گرم نہ ٿي رهي."

اسان آنا ڏٺو اوڙاڻا ڪائي، چانهه پيتي هئي سين. پوءِ تو چيو هو:

"جانو...!"

"هون...!"

"هاسٽل تي چوڪرين پئي چيو تہ حيدرآباد ۾ سئنيما ۾ "نو اينٽري" فلم لڳل آهي، پاڻ اڄ اها ڏسڻ هلون! مان چاهيان ٿي، تہ ڳوٽ وڃڻ کان اڳ هڪ دفعو سئنيما ۾ فلم ضرور ڏسان!"

تو اها سڄي ڳالهه ايلاز ڪرڻ واري انداز ۾ چئي هئي، مان توکي انڪار ڪيئن پئي ڪري سگهيس. مون توکي چيو هو:

"ٺيڪ آهي، پاڻ اڄ ئي فلم ڏسڻ هلنداسين."

"Thank you Janu!"

تون ڀڪي پئي هئينءَ، پاڻ بمبينو سينيما ۾ ستين وڳي شام واري شو ۾ "نو اينٽري" فلم ڏٺي هئي، پاڻ ان ڪاميڊي فلم جي ڪيترن ئي Scenes تي ڪِلي ڪِلي ڪيرا ٿي پيا هئاسين. خاص ڪري ان هوٽل واري سين تي، جنهن ۾ انيل ڪپور ۽ فردين خان هڪٻئي سان فون تي ڳالهائيندي جڏهن مخالف رُخ ۾ مُڙندا آهن، تہ هڪٻئي جي سامهون ئي ٻيٺا هوندا آهن، اتي انهن جي اهڙي سرپرائيزنگ حالت تي پاڻ ڏاڍو ڪِليا هئاسين. ڇو تہ هو هڪٻئي کان پڄي ڪجهه ڏينهن لاءِ ٻئي ملڪ ويندا آهن. توکي ڪِلندو ڏسي، تو لاءِ دعا نڪتي هئي:

"شال سدائين ايئن ئي خوش ۽ ڪِلندي رهين، وري ڪڏهن بہ اُداسي تنهنجي پاسي مان بہ نہ گذري"

فلم ڏسندي اسان هڪٻئي کي چپس کارائي رهيا هئاسين. انٽرويل ۾ اسان ڊيو بوتلون پيتيون هيون. بمبينو سئنيما جي ان فيملي گيلريءَ ۾ نوجوان جوڙا گهٽائيءَ ۾ هئا، ڪنهن بہ سئنيما ۾ اسان ٻنهي گڏجي اها پهرين فلم ڏٺي هئي. فلم ختم ٿيڻ کان پوءِ پاڻ رڪشا ۾ چڙهي تاور مارڪيٽ آيا هئاسين، جتي جامشوري هلڻ لاءِ هڪ سوزوڪي تيار بيٺي هئي، سوزوڪيءَ جي ڪلينر اڳيان ويٺل همراهه کي ليڊيز جو ڇڪي اڳئين سيٽ خالي ڪرائي هئي، اسان ان سوڙهيءَ سيٽ تي ويهي رهيا هئاسين، جيڪا ٻن جڻن لاءِ ناڪافي هوندي آهي، تون مون تي ٽيڪ لڳائي بالم ٿي ويهي رهيءَ، ويهن پنجويهن منٽن ڪانپوءِ سوزوڪي هلي المنظر پهتي هئي، پاڻ اتي لهي پيا هئاسين. المنظر واقعي المنظر لڳو پيو هو. ٽڏڙيون ٽڏڙيون هوائون، پاٽيءَ جي ڇولين جي آواز ۾ چوڌهينءَ جي چنڊ جي چانڊاڻ ماحول کي ڏاڍو خوبصورت ۽ رومينٽڪ بڻائي ڇڏيو هو. جيئن سوزوڪيءَ مان لٿا هئاسين، تہ تو منهنجو هٿ پڪڙيو هو. اسان المنظر ريسٽورنٽ واري پاسي هلڻ لڳا هئاسين، ان رات رش نہ هئي، عام ٽرانسپورٽ استعمال ڪندڙ ماڻهو تقريبن وڃي چڪا هئا، جن کي پنهنجون گاڏيون هيون، انهن جي اڪثريت هئي. اسان درياهه جي ڪپ تي اچي ٻيٺا هئاسين، چوڌهينءَ جي چنڊ جي چانڊاڻ جي ڪري سڄو درياهه چانديءَ جيئن پئي چمڪيو. تو درياهه کي ڏسندي چيو هو:

"واهه... اڄ ڪان اڳ مون کي درياهه ايڏو خوبصورت ڪڏهن نہ لڳو آهي."

"ها يار واقعي! هڪ چوڏهينءَ جي چنڊ جي ڪري درياهه ايڏو خوبصورت ٿو لڳي، مٿان هوائون ۽ چنڊ ته ماحول ويتر پيارو بڻائي ڇڏيو آهي، پر هڪ ٻي ڳالهه به آهي!"

"ڪهڙي؟"

"يار پلي، هي هوائون ايئن ئي هجن ها، اهو چنڊ به ايئن ئي روشن هجي ها، درياهه به پلي چانديءَ جيئن چمڪي ها، پر جي تون نه هجين ها، ته اهي ايئن نه ماڻيان ها، جيئن هاڻي ماڻيان پيو. هن سڄي منظر جي حُسناڪيءَ جو مزو رڳو تنهنجي هجڻ سان آهي."

تون مُرڪي پئي هئينءَ، ماڻهن کان ٿورو پريرو ٿي مون کي ڇڪي پاڪيَ پاتي هيئي ۽ تنهنجي واتان لفظ نڪتا هئا:

"مُنا! I can't live without you, I love you yaar!، تون منهنجو ساهه آهين، منهنجا منا!"

"I can't live without you too, I love you a lot too Jana."، تون منهنجو ساهه آهين، منهنجي منڊي جانان!"

"سچي!؟"

"سچي!"

اهو ٻُڌي زور سان ڀاڪي پائي مون کي چُميون ڏنيون هيئي. پوءِ المنظر ريسٽورنٽ جي مٿئين فيملي هال ۾ ڪراچي واهه واري پاسي هلي وينا هئاسين، جتان پاڻ وهندڙ ڀاڻيءَ جو نظارو پئي ڪيو. چانڊوڪيءَ تي چولين وڌيڪ تيز پئي محسوس ٿيون، ٽڏڙين هوائن رکي رکي جسم مان سيئاندڙيون پئي ڪڍي ڇڏيون. هوائن تي درياهه مان رکي رکي ڦهنگيون اسان کي پئي اچي لڳيون. اسان اتي ماني کائي، پوٽين ٻارهين وڳي هلي روڊ تي بينا هئاسين، جتان ڪجهه ئي وقت ۾ جامشوري ڦاٽڪ لاءِ گاڏي ملي وئي هئي. آڻن ڏهن منٽن ۾ اسان اچي جامشوري ڦاٽڪ پهتا هئاسين، جتي بليولائين آفيس ۾ اسان کان اڳ ئي سڪندر ٽيلها ڪٽي پهچي چڪو هو. پاڻ خوش هئاسين، اهو اسان جي منهن مان ئي ظاهر هو. سڪندر کي تو سلام ڪيو هو ۽ مان ساڻس ڀاڪر پائي مليو هوس. هن پڇيو هو:

"ڪيئن! مزو آيو؟"

اسان جو گڏيل آواز نڪتو هو:

"ڏاڍو!"

"زبردست! شل سدائين ايئن ئي خوش هوندا!"

"Thank you يارا!"

مون تنهنجي موبائيل فون تي وقت ڏنو هو ٻارنهن پئي ٿيا، بس اڃڻ ۾ ايڪان هڪ ڪلاڪ جو وقت هو. اسان ٽيلها بليو لائين آفيس ۾ رکي رند هوٽل جي فيملي هال ۾ هلي ويٺا هئاسين. سڄو هال خالي لڳو پيو هو. هن هوٽل تي ٻاهر ڏاڍي رش هوندي آهي. ان ڪري فيملي هال ڏانهن بيرا گهٽ ايندا آهن. سڪندر وڃي ٽن چانهين جو آرڊر ڏئي آيو هو. اڄ اسان ڏاڍو خوش هئاسين. مون سڪندر کي چيو هو:

"يار! اڄ اسان جي ڪيفيت شيخ ايياز جي وائي "عشق اسان وٽ آرائينءَ جيئن آيو جهول پري" واري ٿئي. اها ٻڌائين ته واهه واهه ٿي ويندي"

سڪندر پڇيو هو:

"ڀاڃائيءَ جو به موڊ آهي يا...؟"

تو چيو هو:

"ها ها، بلڪل...!"

سڪندر چيو هو:

"ٺيڪ آهي."

پوءِ هن آلاپڻ شروع ڪيو هو. هن اڄ اها وائي ڳائڻ کان اڳ شيخ ايياز جي نظم ۽ حليم باغيءَ جي غزل جون سٽون ڳائڻ شروع ڪيون هيون. هن ڳائڻ شروع ڪيو هو:

"جهومندڙ هوائن ۾ رات چامشوري جي،
ڪنهن رباب وانگر آ،
عمر ساز وانگر آ."

سڪندر جي آواز ۾ ايياز جون اهي سٽون ٻڌي اسان کان واهه واهه نڪري وئي هئي. ان کان پوءِ هن حليم باغيءَ جي غزل جون هي سٽون ڳائڻ شروع ڪيون هيون. اسان هن کي وڌي چاهه مان ٻڌي رهيا هئاسين:

"سنڌ ورسٽيءَ مان جنهن جو گذر ٿيو وڃي،
چامشوري جو سو ڃڻ پٽ ٿيو وڃي،
ڀلا پيٽيون اوهان کي ته ڪنهن سان پيٽيون،
جي تا پيٽيون خدا سان، ڪفر ٿيو وڃي."

اسان کان گڏيل طور واهه واهه نڪري وئي هئي.

"واهه واهه واهه... واهه سڪندر واهه!"

ان کان پوءِ سڪندر ايياز جي وائي ڳائڻ شروع ڪئي هئي.

"عشق اسان وٽ آرائينءَ جيئن آيو جهول پري،
ڪوئي ڪيئن ڪري!

تنهنجا منهنجا نيٺ هڪٻئي جي نيٽن ۾ هئا ۽ ان بند تي اسان کان تمام گهڻي واهہ واهہ ٿي هئي. سڪندر ان وائيءَ جا ٻيا بہ بند ڳائي، وائي ختم ڪئي هئي، تنهنجا منهنجا مودِ ڏاڍا رومينٽڪ ٿي ويا هئا. قدرت ڪنهن تي ايئن بہ مهربان ٿيندي آهي، اهو ان ڏينهن پاڻ محسوس ڪري رهيا هئاسين. سچ تہ اسان قدرت جا ڏاڍا ٿورائتا هئاسين. سڪندر وائي پوري ڪري هڪ دفعو وري چانهہ چوڙ ويو هو. تون منهنجو هٿ پڪڙي ويهي رهي هئينءَ، اسان هڪ وڏي سُرور ۾ اچي ويا هئاسين. سڪندر بيري سان گڏ چانهہ کڻي آيو هو. چانهہ پي بليو لائين آفيس هليا هئاسين، پنجن ڏهن منٽن کان پوءِ بس اچي وئي. اسان سڪندر کان موڪلائي، بس اندر آيا هئاسين، ۽ سيٽ نمبر 24، 23 تي ويهي رهيا هئاسين. ٻن ٽن منٽن کانپوءِ گاڏي هلي هئي. ٽڪيٽ چيڪر ٽڪيٽ چيڪ ڪري هليو ويو هو ڊرائيور بس جون اندريون لائيٽون وِسائي ڇڏيون هيون، بس اندر هلڪي زيرو روشني هئي، تون منهنجو هٿ پڪڙي ويهي رهي هئينءَ. ڪجهہ مسافر ننڊ ۾ هئا، تہ ڪن تي ننڊ جا ڪيپ چڙهي رهيا هئا. تون پنهنجو منهن منهنجي ڪُلهي تي رکي آهلي پئي هئينءَ، ۽ مون کي آهستي آواز ۾ چيو هيئي:

"Thank you Janu!"

"For what Jana?"

"For today's all things."

"Thank you too Jana!"

"تون ڏاڍو سُٺو ۽ مهربان آهين، جانو!"

"تون بہ ڏاڍي سُٺي ۽ مهربان آهين، جانان!"

"تون جڏهن کان منهنجي زندگيءَ ۾ آيو آهين، تڏهن کان منهنجي زندگي ئي تبديل ٿي وئي آهي. مان اڄ ڪيڏي خوش آهيان، اهو ٻُڌائي بہ نہ ٿي سگهان."

"منهنجي زندگيءَ ۾ بہ جڏهن کان تون آئي آهين، تڏهن کان اها خوشين سان مالامال ٿي وئي آهي، اڄ جي ڏينهن ۽ هن رات جي ڳالهہ ئي ڪجهہ ٻي آهي."

"ها يار واقعي!... هڪ ڳالهہ چوان؟"

ها چئہ...!"

"تون ڏاڍو سُٺو آهين."

مان رڳو مُرڪي پيو هوس، تو وڌيڪ ڳالهايو هو:

"اڄ تو منهنجا سڀ چوڙ ورتا، مون کي سئنيما ۾ فلم ڏيکاري، المنظر تي ماني کارائي ۽ هاڻي رات جو مون سان گڏ سفر ٿو ڪرين ۽ منهنجي ياڪيءَ ۾ آهين."

"دراصل سُڻي تون آهين، تون عام ۽ رواجي چوڪري نہ آهين، ڏاڍي بهادر، پيار ڪندڙ ۽ ڪميٽيڊ آهين، تنهنجي مهرباني سان تہ اڄ پاڻ فطرت ۽ سماج جي حُسناڪيءَ کي ماڻيو آهي. Actually you are great and you have a major role, تون ايئن نہ هلين ها، تہ اهو ڪيئن ممڪن هجي ها."

تون مُرڪي پئي هئينءَ، ۽ پاڪيءَ جي گرفت وڌيڪ مضبوط ڪري ڇڏي هيئي. مون بہ پنهنجي ڪاپي ٻانهن ورائي توکي پاڪر ۾ پري ڇڏيو هو. ڪيترين ئي ڪيفيتن کي ڪيترو بہ چاهڻ جي باوجود بيان نہ ٿو ڪري سگهجي، اُنهن کي رڳو محسوس ڪري سگهجي ٿو. اسان ان وقت رڳو محسوس ڪري سگهجندڙ ڪيفيتن ۾ هئاسين، بس تيز تيز هلي رهي هئي، دل چاهيو پئي، تہ اها گاڏي ايئن ئي هلندي رهي، ۽ پنهنجي سڄي عمر ان ئي ڪيف ۾ گذري..

4.2

اها رات ڪ لمحي لاءِ بہ نہ توکي ننڊ آئي هئي ۽ نہ مون کي. اي سي ڪوچ ۾ مسلسل اي سي هلڻ جي ڪري، بس ۾ ڏاڍي ٺڏ ٿي پئي هئي، جنهن پنهنجن ڪوسڙن ياکرن کي وڏيڪ پُرڪيف بڻائي ڇڏيو هو. تون جڏهن منهنجي سيني تي آهلي جام دير تائين آرام ڪيو هو تہ پوءِ منهنجي ڪنڌ کي ڇڪي، منهنجي منهن کي پنهنجي سيني تي رکي ڇڏيو هيئي، مون کي تنهنجيءَ دل جو ڌڙڪو ڌهل جيئن وڃندي محسوس پئي ٿيو. مان سوچي رهيو هئس، ڏهڙي دقيانوس ۽ واهيات جاگيرداراٽي ۽ پدرشاهاٽي سماج ۾ تون هڪ معجزو آهين، جنهن هن سماج جي سيني فرسوده رسمن کي ٽوڙي ڇڏيو آهي. پاڻ ايئن هڪٻئي جي سينن تي آهلبا، سڪون ۽ ڪيف ونندا، ڪچهريون ڪندا، لاڙڪاٽي پهتا هئاسين. گاڏيءَ جيئن ئي رائيس ڪئنال پار ڪيو هو تہ پاڻ المنصور هوٽل جي پرسان لهي، ان هوٽل جي فيملي هال ۾ هلي وينا هئاسين، جنهن جون ڪيبنس ڏسي مان حيران ٿي ويو هوس، مون توکي چيو هو:

"يارا ڏهڙي پرائيويسي تہ ڪراچيءَ جي بہ ڪنهن ريسٽورنٽ ۾ نہ آهي!"

تو ڪِلندي چيو هو:

"الاءِ! ايجان تون اسان جي شهر کي نہ ٽوپائنئين!"

مون بہ مُرڪندي چيو هو:

"نہ بابا نہ! منهنجي اهڙي مجال ڪٿي آهي!؟"

تون ڪِلي پئي هئينءَ، مان توکي ڏسڻ ۽ سوچڻ لڳو هوس، تو پڇيو هو:

"ڇا ٿو سوچين مِنا؟"

"سوچيان ٿو ته جيڪڏهن استاد بخاري به پنهنجي محبوبا سان هيئن سفر ڪري ها، ته هن بند جي هيٺين ست بدلائي ڇڏي ها. هن لکيو هو:

سڄي رات جاڳي عبادت ڪبي،
ڪچهري رڳو سونهن بابت ڪبي..."

تو اهو بند پُڌي واهه واهه ڪئي هئي، ۽ پڇيو هيئي:

"پلا استاد بخاري هيٺين ست ڪيئن لکي ها؟"

مون مُرڪندي جواب ڏنو هو:

"هو لکي ها:

سڄي رات جاڳي عبادت ڪبي،
مِنيءَ سان ٻڪجي مسافت ڪبي..."

تون ٿهڪ ڏئي ڪِلي پئي هئينءَ ۽ ڪِلندي چيو هيئي:

"ها يار...! تون صحيح ٿو چئين، پر تون وڏو حرامڑو آهين..."

"چو...!؟"

"بس ايئن ئي پيار ۾..."

پاڻ ڪِلندي ڪِلندي چُپ ٿي ويا هئاسين. شايد توکي به اها ئي سوچ اچي وئي هئي، جيڪا مون کي آئي هئي. مون توکان پڇيو هو:

"چا ٿيو جانان؟"

"يار به مهينا... ڏاڍو ڏکوئيندڙ وقت آهي... ڪيئن ڪٽبو؟"

"ها يار ڏاڍو ڏکيو ۽ خراب گذرندو."

"مون کي روز تنهنجي سِڪ لڳندي.. توکان سواءِ..."

تون ڏاڍي ڳنڀير ٿي وئي هئينءَ تنهنجا نيٽ پرجي آيا هئا، مان تنهنجا پريل نيٽ نه پئي ڏسي سگهيم. مون توکي آٿت ڏيندي چيو هو جيتوڻيڪ مون کي به آٿت جي ضرورت هئي:

"ڏس جانان! هيءُ هڪ لازمي حادثو آهي، جيڪو هر حال ۾ ٿيڻو آهي. هاڻي ان ڏک کي پنهنجي ڪمزوريءَ ۾ نه، پر پنهنجي طاقت ۾ تبديل ڪرڻو آهي."

"به، به مهينا موڪلون ڪري يونيورسٽيون بند ڪرڻ جي الاءِ ڪهڙي Logic آهي؟ هر سال مڙئي سڙئي ڪورس پڙهائي امتحان ورتو ٿو وڃي، اهي به مهينا يونيورسٽي چو ٿي بند ٿئي، وڌ ۾ وڌ ڪٽي مهينو ڪن موڪل ٿئي، ته به ماڻهو وقت گذاري وڃي."

"جانان! جتي هڪ مهينو گذرندو اُتي به مهينا به گذري ويندا، تون دل نه لاهه."

"مُنا! به مهينا آهن، مان توکان به منٽ به پري ٿيندي آهيان، ته منهنجو ساهه گهُٽجندو آهي."

مان توکي ڪيئن سمجهايان ها، مون کي سمجهه ۾ نه پئي آيو حقيقت ۾ مون سان به ساڳي حالت هئي؛ پر مون پنهنجو پاڻ کي تنهنجي اڳيان ڪمزور نه پئي ظاهر ڪيو. مان آردر ڏيڻ لاءِ اُٿي ويو هوس. ڪائونٽر تي ٻن چانهين، ٻن پراٺن ۽ هڪ انڊي قيمي جو آردر ڏئي موٽي اچي تنهنجي پر ۾ ويهي رهيو هوس؛ ۽ تنهنجي ڪلهي تي هٿ ڦيري توکي دلداري ڏني هيم. تون مون کي چنبڙي پئي هئينءَ ۽ پنهنجن چپن سان زور ڏئي چرين وانگي منهنجن ڳلن ۽ چپن تي چُميون ڏنيون هيئي. تون ديوانن جيئن بي ترتيب ڳالهائي رهي هئينءَ.

"آءِ ايم ڪريزي اباؤٽ يو جانو. آءِ ڪانٽ لِو وڏآئوٽ يو. يو آر ماءِ لاسٽ هوپ، آءِ ايم ناٽ ايبل ٽو بيئر دِس."

مون به وڏيءَ تڪليف مان الاءِ ڪيئن توکي آڏت ڏيندي چيو هو:

"آءِ ايم آلسو ڪريزي اباؤٽ يو جانان! آءِ ڪانٽ لِو وڏآئوٽ يو ٽو آءِ ايم يوئرس جانان، ڊونٽ وري پليز تون ايئن ڪمزور ٿيندينءَ. ته پوءِ مون کي آڏت ڪير ڏيندو؟ پليز بي بولڊ، ايز يو آر."

تو ڳوڙها اُگهندي چيو هو:

"تون مون سان روز فون تي ڳالهائيندين نا؟"

"آفڪورس!"

"۽ گهٽ ۾ گهٽ هفتي ۾ هڪ ڏينهن پاڻ ضرور ملنداسين."

ها بلڪل!"

"قَسم کڻ!"

"قَسم آ!"

تون آلين اکين سان مُرڪي پئي هئينءَ. مون توکي چيو هو:

"هاڻي جلديءَ ۾ پنهنجون آليون اکيون اُگهه، بيرو ايندو هوندو."

تو پنهنجون آليون اکيون اُگهيون هيون، ڪجهه منٽن کان پوءِ ڪنهن جي قدمن جا آواز صاف ٻُڌڻ ۾ پئي آيا، هڪ منٽ ۾ بيرو به اوڙاڻا ۽ هڪ آنو قيمو ڪٽي آيو هو. مون کيس پاڻي به ڪٽي اچڻ لاءِ چيو هو جيڪو هو ڪجهه ئي منٽن ۾ ڏئي ويو هو. مون توکي پاڻي پياريو هو ۽ اسان هڪٻئي کي ناشتي جا گرهه ڪارائڻ لڳا هئاسين. جڏهن چانهه آئي هئي، ته اها به پهرين هڪ ڪوپ، هڪ ڏُڪ تون ۽ هڪ ڏُڪ مون پري پيتي هئي ۽ ٻيو ڪوپ به ايئن خالي ڪيو هيوسين. ڪجهه ئي منٽن ڪانپوءِ ساڳيو بيرو ٽانوَ ڪڻڻ آيو هو ته هن کي بل ۽ ويهه روپيا ٽِپ نه ڏئي ڇڏي هئي. هو خوش ٿي هليو ويو هو. اسان اُٿي بيهي زور سان پاڪز پاتو هو. ايترو زوز سان، جو

پوءِ ٻانهن ۾ پاسرائين ۾ هلکو هلکو ۾ مڙو مِڙو سُور ٿي رهيو هو. تنهنجون اکيون وري تار پرجي آيون هيون. مون توکي چيو هو:

"سنڌيا! هاڻي نه... بس!"

تو اکيون اُگهنديءِ چيو هو:

"ٺيڪ آهي... بس نه؟"

۽ وري مون کي ٻارن جيئن چنبڙي پئي هئينءَ ۽ تو منهنجي نرڙ ۾ گلن ۾ چپن ٿي چُميون ڏنيون هيون. ان وقت منهنجون اکيون پرجي آيون هيون ۽ ڳلو ڳورو ٿي ويو هو. تون منهنجي حالت ڏسي سمجهي وئي هئينءَ ۽ مون کي آٿت ڏيندي چيو هيئي:

"مُنا! نه... متان رُنو آهين!... تون رُنين ته منهنجو هنيانءُ ڦاٽي پوندو."

"مان نه ٿو روئان يار...!"

"هاڻي هلي مون کي منهنجي ڳوٺ جي ويگن اسٽاپ تي ڇڏي اچُ."

"ٺيڪ آهي، تون تيار ٿي، مان رڪشو ڪرائي ٿو اچان."

مان رڪشو ڪرائي آيو هوس. جيئن ڪيبن ۾ آيس ته توکي نقاب لڳل ڏٺم. تون نقاب ۾ ايڏي سُهٽي پئي لڳينءَ. جو توکي پاڪر پائي ڇڏيو هوم ۽ تو ڪِلي منهنجي ڳل تي چُمي پائي ڇڏي هئي. توکان پڇيو هوم:

"چو جانان! ايئن صفا نقاب...!؟"

"چا ڪريان يارا ڪنهن مٽ مائٽ توسان ڏٺو ته قيامت اچي ويندي."

"هل ٺيڪ آهي..."

مان توکي تنهنجي ڳوٺ جي ويگن اسٽاپ تي ڇڏي، پنهنجي شهر جي ويگن اسٽاپ تي آيو هوس. هيءُ پهريون دفعو هو. جو پنهنجي اباڻي گهر ويندي، خوشيءَ کان وڌيڪ ڏک پئي ٿيو. توکي ويگن اسٽاپ تي ڇڏيندي شدت سان محسوس ٿيو هوم. ته جڙ منهنجي جسم جي ڪاپي پاسي وارو حصو مون کان ڇڄي ڌار ٿي ويو هجي. مان ڏاڍو اُداس ٿي ويو هوس. اها اُداسي گهر پهچي امان جي پاڪر ۾ وڃي جهَڪي ٿي هئي. مون گهر پهچندي هميشہ جيئن پنهنجا پئي هٿ امان جي پيرن تي رکي ڇڏيا هئا. امان منهنجن هٿن کان پڪڙي اُتاري پاڪر پاتو هو. ۽ ڪوڙ ساريون دعائون ڏنيون هئائين. سيني گهر پاتين سان ملڻ کان پوءِ مون ننڊ ڪرڻ چاهي هئي. مان ڏاڍو عجيب شخص آهيان. مون کي گهٽي پريشانيءَ ڏک ۽ تڪليف ۾ ننڊ اچي ويندي آهي. امان کٽ تي هنڌ وڇايو هو مان کٽ تي سمهي پيو هوس. منهنجن نيٽن ۾ گذريل رات جون يادون هيون. مان ڪيتري ئي وقت تائين تنهنجي باري ۾ سوچيندو رهيو هوس. پوءِ تصور ئي تصور ۾ توکي پاڪي پائي سُتو هوس. ته مون تي

خمار چڙهڻ شروع ٿي ويا هئا. ڪجهه وقت ڪانپوءِ مون کي ننڊ اچي وئي هئي، مون خواب ۾ ڏٺو هو ته مان توکي آرٽس فيڪلٽيءَ کان مارئي هاسٽل ڇڏڻ ٿو هلان، پاڻ پنڌ ئي پنڌ ڪِلندا، مُرڪندا، ڪچهريون ڪندا اچي مارئي هاسٽل جي گيٽ تي ٿا پهچون...

4.3

نند پوري ڪري ڪچڙيءَ شام جو اُٽيو هوس، ايان اڪيون ئي مس ڪوليون هيم، تہ امان چيو هو:

"ابا! ماني گرم ڪري ڪٽي اچان؟ بُک لڳي هوندئي نہ!"

ڪيس چيو هوم:

"امان ڪجھ دير ترس، مان برش ڪريان ۽ وهنجي سهنجي تيار ٿي پوءِ ماني ڪاوان ٿو."

"ٺيڪ آهي، ياٽين موبائيل فون رکي ويو اٿئي، چيائين، تہ موبائيل فون ادا کي ڏيو مون کان وڌيڪ هن کي ضرورت پر هوندي، ڪجھ ڏينهن پر مان ٻي وٺي وٺندس."

"ٿينڪ يو ماءِ ڊيئر برادر! هو ڪٿي آهي؟"

"پيٽرول پمپ تي ويو آهي."

"ٺيڪ آهي."

موبائيل فون ڪٽي، ان پر پنهنجي سم لڳائي توکي ايس. ايم. ايس ڪيو هوم تہ:

"جانان! مون کي موبائيل فون ملي وئي آهي، آر يو هيپي نائو؟"

تو لکيو هو:

"اِٽس گريٽ يار! آءِ ايم هيپي سو مچ."

"اوڪي، آءِ وِل ڪال يو تو ڊي ايٽ نائيٽ."

"اوڪي ماءِ ساھ!"

"اوڪي ماءِ ساھ."

پوءِ مون توکي لطيف سائينءَ جو هڪ بيت ايس. ايم. ايس ڪيو هو:
"متان ٽئين ملور ڪين آڳاهون آهيان،
ڏسڻ ۾ ڪر ڏور حد ٻنهي جي هيڪڙي."
تو به جواب ۾ چا ته لطيف سائينءَ جو بيت موڪليو هو
"اڪ قصر، در لک، ڪوڙين ڪٽس ڳڙڪيون،
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون."
مون جواب ۾ لکيو هو:
"واهه واهه واهه... انجواءِ وِٽ يوئر فيملي، آءِ وِل ڪال يو تودي ايٽ نائيٽ."
"اوڪي."
جيتوڻيڪ ڪيترن ئي مهينن کان پوءِ ڳوٺ موٽيو هوس، پر تڏهن به نه دوستن سان مزو پئي آيو نه ئي گهر وارن سان، منهنجو سڄو ڌيان توڏانهن لڳو پيو هو جتي ڪٿي بس رڳو تون ئي تون هئينءَ. "جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون" واري ڪار لڳي پئي هئي. منهنجا سڀ دوست سمجهي ويا هئا، ته منهنجو ڌيان توڏانهن ئي آهي. سڄ لٿي کان پوءِ مون توکي ڪال ڪئي هئي. ڪال ڪٽندي ئي تو پڇيو هو:
"اڄ تنهنجو ڏينهن ڪيئن گذريو؟"
مون توکي جواب ڏنو هو:
"تون ناهين، ته هيءُ چنڊ، چڙو چنگ نه ڏي ساءِ،
اي هير مئي آءِ، هلي آءِ هلي آءِ."
"واهه... يار منهنجو ڏينهن به ڏاڍو اُداس گذريو."
"خير آهي جانان! هي ڏينهنَ به گذري ويندا."
"ها يار! گذري ته ويندا، پر مشڪل سان گذري ويندا، ۽ ڏاڍي مشڪل سان گذري ويندا!"
"ڇڏ جانان! بهادر ٿيءُ يار! اڃان ته رڳو ڪجهه ڪلاڪ گذريا آهن، اڃان پاڻ کي پورا ٻه مهينا گذارڻا آهن."
"اهو ئي ته جانو! اڃان پاڻ کي الڳ ٿئي ڪجهه ئي وقت ٿيو آهي، ان ۾ هڻڙي حالت ٿي آهي، باقي وقت ۾ ڪهڙي حالت ٿيندي؟"
"سڀ بهتر ٿي ويندو جانان! چگو ٻيو ٻُڌاءِ، تنهنجي امان، پيءُ ۽ ڀاءُ ڪيئن آهن؟"
"سڀ نيڪ لڳا پيا آهن، تون ٻُڌاءِ تنهنجي ماءُ، تنهنجي پيءُ ۽ ڀاءُ ڪيئن آهن؟"
"بهترين!"

"هونھ... ٻيو ٻُڌاءِ؟"
"ٻيو سڀ ٺيڪ."
"منھنجي ڪمي محسوس ٿيئي ٿي؟"
"ڏاڍي! ايئن ٿو لڳي، جڙ مونکان منھنجي جسم جو اڌ حصو الڳ ٿي ويو آھي."
"هونھ... مون کي ٻ ايئن محسوس ٿو ٿئي يار! مان ٻ پاڻ کي اڌوري ٿي لڳان."
"ها يار! مان توسان ئي Complete لڳندو آھيان ۽ تون مون سان."
"ھڪٻئي کانسواءِ ڏاڍا اٻاٽڪا ٿي پيا آھيون نا؟"
"ها يار! بلڪل...!"
"خير... تون ڳڻتي نہ ڪر، پاڻ هر هفتي ملي هفتي جي سِڪ لاهيندا سين، وري ٻئي هفتي ملي، ٻئي هفتي جي..."
"ها جانان! بلڪل...!"
"ٻيو ٻُڌاءِ؟"
"ٻيو ته يار اڄ شيخ ايياز جون هي ستون ڏاڍيون ياد ٿيون اچن."
"ڪھڙيون؟"
"تون ناهين ته هيءُ چند، چڙو چنگ نہ ڏي ساءُ،
اي هير مئي آءُ هلي آءُ هلي آءُ."
"واھ..."
"مان ان جي هيئين سِٽ ۾ تبديلي آڻي ٿو پڙھان!"
"ڪھڙي تبديلي؟"
"تون ناهين ته هيءُ چند، چڙو چنگ نہ ڏي ساءُ،
اي سنڌيا منھ! آءُ هلي آءُ هلي آءُ."
تون اِهي ستون ٻُڌي ڪِلي پئي هئينءَ ۽ ڪلندي چيو هيئي:
"مُنو! آءِ لَوَ يو."
"آءِ لَوَ يو ٽو جانان!"
"منھنجي دل ٿي چئي چُمي ڏئي چڏيان ۽."
"ها ها ها..."
"تون مون سان مِل ته ناهيان ۽ ٿي."
"چو؟"
"چو...!؟... ايڏو پيارو ٽبو آھي چا؟ مون سان مِل ته چُميون ڏئي ساھہ نہ ڪيان ۽، ته چئجان ۽."
"سچي؟"

"سچي مُنا! تنهنجي ڏاڍي سِڪ لڳي آهي، تو لاءِ صفا هنياءُ ٿو ڦاٽي."
"منهنجو به تو لاءِ هنياءُ ٿو ڦاٽي جانان!"
"سچي؟"
"سچي جانان!"
"مون سان ايڏو پيار ڪندو آهين؟"
"ان کان به گهٽو جانان! تمام گهٽو..."
"هونهه... مان به توسان ڏاڍو پيار ڪندي آهيان جانو! تمام گهٽو سوچ کان به گهٽو...!"
"صحيح ٿي چئين جانان! اهو تنهنجين ڳالهين مان ئي لڳندو آهي."
"پيار ڪريانءِ ٿي، ته چو نه لڳندئي... پر شڪر آهي، مون کي به مون سان پيار ڪندڙ جيوَن ساڻي ملي ويو آهي."
تنهنجي واتان اهو جملو ٻُڌي ڏاڍي خوشي ٿي هيم. ان رات پاڻ اهي ڳالهيون پئي ورجايون، جيڪي ڪيترائي ڀيرا ورجائي چڪا هئاسين، پر پيار ۾ سوين ڀيرا ورجايل ڳالهه به نئين ۽ نڪور لڳندي آهي. پاڻ ايئن روز موبائيل فون تي ڳالهائيندا هئاسين. الاءِ ڪيئن موڪلن جا ٻه مهينا گذريا هئا، ته پاڻ موٽي پنهنجي ماڳ ڇامشوري آيا هئاسين...

4.4

اسان واپسيءَ جو پروگرام گڏ ٺاهيو هيوسين. مون ٻارهين وڳي آڇر واري هاشمي ڪوچ ۾ ٻه سيٽون بُڪ ڪرايون هيون. تون ڏاڍي خوش هئينءَ. پاڻ جيئن ئي ڪوچ اندر اڇي پنهنجين سيٽن تي ويٺا هئاسين، تہ تون منهنجي ڏوري کي پڪڑي منهنجي ڪُلهي تي پنهنجا ڳل رکي ويهي رهي هئينءَ، تو ايئن وڏا وڏا ساهہ پئي کنيا، جڙ مون کي پنهنجن ساهن ۾ لاهيندي هجين. مان ٻہ دنيا جهان کان بي نياز ٿي توکي بيحد پيار مان ڏسي رهيو هوس. اسان کي ڪيترائي ماڻهو ڏسندا پئي ويا، جن جي نہ توکي پرواهہ هئي ۽ نہ ئي مون کي. ان وقت مون کي لطيف سائينءَ جي شاعريءَ جي هيءَ سٽ ڏاڍي ياد پئي آئي:

"عقل، مت، شرم ٽيئي نينهن نهوڑيا."

تو مون کان پڇيو هو:

"جانو!"

"هونهہ... جانان!"

"پاڻ ڄامشوري موٽي ٿا هلون؟"

"ها جانان!"

"آئي..."

اهو لفظ چئي تون مون کي چنبڑي وئي هئينءَ. تو وري پڇيو هو:

"جانو!"

"هونهہ جانان!

"پاڻ چريا آهيون نہ؟"

مون مُرڪندي چيو هو:

"ها جانان!"

تون ڪِلندي وري منهنجي ڏوري کي زور سان چنبڙي پئي هئينءَ. سيوهڙ ۾ گاڏي مانيءَ لاءِ بيٺي هئي. تون پنهنجي گهران ڪڪڙ جو ٻوڙ ناهي آئي هئينءَ. اهو کاڏو هيوسين. مون پهريون گرهہ کائيندي چيو هو:

"واهہ! ٻوڙ تہ ڏاڍو ٽيستي پچائي آئي آهين!"

"الاءِ متان نہ مڃين! مون سان شادي ڪندين، تہ اهڙي ڪوڪنگ ڪري ڪارائيندياسانءِ"

"يار! توسان شادي نہ ڪندس، تہ ٻيو ڪنهن سان ڪندس؟"

"الاءِ متان... ٽيندو آهي نہ؟"

"چري پِٽان! مان توکان سواءِ رهي سگهندس؟"

تون مُرڪي پئي هئينءَ ۽ چيو هيئي:

"اها تہ مون کي خبر نہ آهي، پر مان توکان سواءِ صفا ٻہ نہ رهي سگهنديس."

مان تنهنجي اهڙي پيار تي مُرڪي ويٺو هوس ۽ توکي مُرڪندي چيو هوم:

"هاڻي پاڻ کي جلدي ماني کائي هلي گاڏيءَ ۾ ويهڙ ڪپي. بس نڪري وئي، تہ پاڻ رُلي ويندا سين."

"ها يار... اڳي بس وارا اسان جي هڪ مائٽ کي ايئن ڇڏي ويا هئا."

"رڳو تنهنجي مائٽ کي؟ هنن تہ راڄ رُلائي ڇڏيا آهن، هل تہ ماني کائي هلي گاڏيءَ ۾ ويهون."

مُرڪندي چيو هيئي:

"ها يار! تون صحيح ٿو چئين."

پاڻ ماني کائي، بس ۾ چڙهي ويٺا هئاسين. ڪجهہ دير ڪانپوءِ گاڏي هلڻ لڳي هئي. گاڏي جڏهن نئين روڊ تي چڙهي هئي، تہ ڪجهہ ئي منٽن ڪانپوءِ ڪيترن ئي مسافرن کي ننڊ اچڻ لڳي هئي. تو پنهنجي اجرڪ جو هڪ حصو منهنجي چيلهہ واري حصي تي ورائي ڇڏيو هو ۽ پوءِ منهنجي چيلهہ ۾ ٻانهن ڏيري، منهنجي سيني تي آهلي، پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون هيئي. مون ٻہ پنهنجون اکيون ٻوٽي ڇڏيون هيون. اندازن سوا ڪلاڪ کن ڪانپوءِ گاڏي ڄامشوري ڦاٽڪ تي پهتي هئي، جتي حيدرآباد ۽ ڄامشوري جا ڪيترائي مسافر لٿا هئا. اڳيان ڪجهہ سيٽون خالي ٿيون هيون. اسان هلي اڳين سيٽن تي ويٺا هئاسين. جيئن مارئي هاستل وارو موڙ

آيو هو ته اسان بس روڪرائي هيٺ لٿا هئاسين. اسان پنهنجو سامان لهرائي هٽيڪو ڪيو هوءِ جيئن ئي بس رواني ٿي هئي، ته تو پُرجوش ٿيندي چيو هو:

"جانو! پاڻ پنهنجي جامشوري پهچي وياسين!؟"

ٻئي لمحي مون کي پاڪر پائي چنبڙي وئي هئينءَ. پرسان هڪ ڪار زوردار هارن وڄايو هو. پر توکي ڪنهن جي به پرواهه نه هئي. جامشوري جي هوائن ۾ عجب سرمستيون آهن. جيڪي نوجوانن کي ويتر مست ڪري ڇڏيندیون آهن. اسان آسمان ڏانهن ڏٺو هيوسين. جيڪو سرمئي ڪڪرن ۾ ڍڪيو پيو هو. مون کي وري لطيف سائينءَ جي سِٽ ياد پئي هئي:

"عقل، مت، شرم، ٽيئي نينهنَ نهوڙيا."

ٻن منٽن ۾ هڪ رڪشا اچي اڳيان بريڪ لڳائي هئي. پنهنجا ٽيلها رڪشا ۾ رکي، پاڻ به ان ۾ ويهي رهيا هئاسين. تو وري بي انتها خوشيءَ مان چيو هو:

"اسان هاڻي پنهنجي جامشوري ۾ آهيون؟"

"ها جانان! اسان پنهنجي جامشوري ۾ ئي آهيون."

"مان اڄ ڏاڍي خوش آهيان."

"مان به ڏاڍو خوش آهيان."

ايتري ۾ رڪشا مارئي هاسٽل جي مين گيٽ اڳيان اچي بيٺو هو. تو پنهنجي موبائيل فون ۾ ٽائيم ڏسندي چيو هو:

"هاڻي سادا پنج ٽا ٽين. تون ستين وڃي تائين هاسٽل تي سامان رکي موٽي اچجانءِ."

"ٺيڪ آهي، مان موٽي ٿو اچان."

مان هاسٽل تي سامان رکي، ستين وڃي تائين تيار ٿي موٽي آيو هوس. حيدر بخش جتوئي پوپلين پار ڪرڻ وقت توکي ايس. ايم. ايس ڪيو هوم. منهنجي اچڻ کان اڳ ئي تون گيٽ تي اچي چڪي هئينءَ. اسان مُرڪي هڪبئي سان هٿ ملايو هو. هٿ ملائڻ کانپوءِ اسان وري آسمان ڏانهن ڏٺو هو. ڪارا ۽ سُرمئي ڪڪر ڏاڍا گهرا ٿي رهيا هئا. سڀ نوجوان ڏاڍا خوش پئي لڳا. تو وري آسمان ڏانهن ڏسندي چيو هو:

"مُنا! موسم ڪيڏي سُٺي ٿي وئي آهي!"

"هونهه... ها يار! ڏاڍي...! لڳي ٿو ته جاڻ مينهن وَسيو."

ڏسندي ئي ڏسندي ڪنوٽيون ڪجڻ لڳيون هيون ۽ وڏا گجگوڙ شروع ٿي ويا هئا. تو اوچتو ئي اوچتو چيو هو:

"آئي مُنا! پج ته پڇئون. هاسٽلن جا پٽيوالا چوڪرين کي اندر هلڻ لاءِ ٿا چون."

مون چيو هو:

"پيڄ!"

اسان پيرن تي زور ڏنو هو پاڻ هٿن ۾ هٿ ڏئي تڪڙا تڪڙا علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي مزار طرف وڌي رهيا هئاسين. پنهنجن چهرن تي مُرڪ هئي. خوشيءَ مان اسان جا ڪُل ڳاڙها ٿي ويا هئا. رستي ۾ ڏنو هوسين. تہ چمپا جا وڻ، اُبتي اشوڪ جو وڻ، بوگلن ويليا جا گلابي ۽ بوسڪي ٻوٽا ۽ گلاب جا گُل هوا ۾ جهومي رهيا هئا. اُن ڏينهن فطرت پنهنجي پرپور رنگ ۾ هئي ۽ اسان پنهنجي رنگ ۾ هئاسين. ڪجهہ ئي ساعتن ۾ هوائن زور ورتو هو ۽ چئني طرف ڏنڊ ڇانئجي رهيو هو. ڪجهہ ئي پَلن ۾ مينهن وَسڻ شروع ٿيو هو. تون منهنجي هٿ کي ڇڪيندي علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي مزار طرف وڌڻ لڳي هئينءَ. جيڪا اسان کان ڪجهہ ئي وِڪن جي فاصلي تي هئي. اسان هڪ منٽ ۾ قاضي صاحب جي مزار تي پهتا هئاسين. مينهن جو پاڻي اسان جي وارن کان اڇي اسان جي ڳلن ۽ چپن کان ٽيندو هيٺ پئي ويو. تون بيحد سهڻي لڳي رهي هئينءَ. اهو تنهنجي حُسن جو هڪ نئون جلوو هو جنهن کي پَسڻ کان پوءِ منهنجي دل جو ڌڑڪو وڌي ويو هو. مان چُپ ٿي توکي ڏسڻ لڳو هوس. تنهنجي ٻہ ساڳي حالت هئي. تنهنجون اکيون منهنجي چهري تي ڪجهہ ڳولي رهيون هيون ۽ منهنجون اکيون ٻہ. اسان هڪٻئي کان شرمائجي ٻہ رهيا هئاسين. اوچتو هڪ وڏو گجگوڙ ٿيو هو ۽ ڪِنوڻ لڳي هئي. تون اهو پوائتو آواز ٻُڌي مون کي چنبڙي وئي هئينءَ. مون کي ايئن لڳو هو جڙ قدرت اسان کي پاڪر پارائڻ لاءِ ئي اهو گجگوڙ ڪرايو ۽ ڪِنوڻ ڪجائي هئي. اسان جي آسپاس کو ماڻهو نہ هو ٻاهر هڪ ڏنڊ ڇانيل هو ٻيو سڄ ٻہ لهي چڪو هو. اسان هڪٻئي جي ڪوسن ڪوسن پاڪرن ۾ هئاسين. تون ڏاڍي رومينٽڪ چوڪري هئينءَ. منهنجي رومينٽڪ هجڙ جي تنهنجي اڳيان ڪا جاءِ نہ هئي. تو ان گهڙيءَ کي ايئن نہ پئي وڃائڻ چاهيو ان ئي لمحي تنهنجا چَپ منهنجن ڳلن کي چُمڻ لڳا هئا. ان ئي لمحي تنهنجن آلن ڳلن کي مون پنهنجن چَپن سان ڏنو هو جيڪي بيحد حَسين ۽ سُندر لڳي رهيا هئا. ان ئي لمحي مون تنهنجي ڳلن کي چُمڻ شروع ڪيو هو ۽ تو منهنجن ڳلن کي چُمڻ شروع ڪيو هو. انهن ڪجهہ ئي حَسين لمحن کان پوءِ پنهنجا چَپ هڪٻئي جي چَپن تي هئا. ايتري ۾ وري هڪ زوردار چمڪاٽ ٿيو هو تو ۽ مون پاڪر ڏرو ڪيو هو. تنهنجو ساڄو هٿ منهنجي کاپي هٿ ۾ هو. پاڻ ٻاهر روڊ تي تيز تيز ڪِرندڙ مينهن-ڦڙين کي ڏسي رهيا هئاسين. مون توکي چيو هو:

"واسديو موهيءَ جو هڪ ڏاڍو خوبصورت شعر. ڪافي دير کان ياد ٿو اچي- ٻُڌايان؟"

تو چيو هو:

"ها ها... بُڌاءِ."

"موسم جي مانَ واسطي، ڪجهہ گُنگُنائجانءِ،

برسات ۾ چتيءَ بنا رستا گهُمائجانءِ."

تو چيو هو:

"واهہ... واهہ... چا تہ شعر آهي!"

ان ئي لمحي تو منهنجين اکين ۾ ڏنو هو ۽ قاضي صاحب جي مزار کان ٻاهر نڪري بيهي رهئي هئينءَ. مان ٻہ توسان گڏ گڏ ٻاهر نڪري آيو هوس. تو چيو هو:

"هل، ان خوبصورت شعر جي حَسين خواب جي ساڻيان تا ٿيون."

مان ڏاڍو خوش ٿيو هوس، ۽ چيو هوم:

"اوهہ گريٽ!... هَلُ!"

پاڻ ڏاکڻيون لهي روڊ تي پهتا هئاسين، تو پنهنجي ساڃي ٻانهن منهنجي چيلهہ ۾ ڦيري ڇڏي هئي، ۽ مون پنهنجي کاٻي ٻانهن تنهنجي ڪُلهي ۾. اسان پنڌ ئي پنڌ سنڌالاجيءَ واري رستي کان ٽينڊا سوسائٽيءَ ڏانهن هلي رهيا هئاسين. تون موقعي جو فائدو ونڊي پنهنجي کاٻي ٻانهن ٻہ اڳيان ڦيري پنهنجو ساڃو ۽ کاٻو هٿ ملائي، مون سان ٻڪجي رهي هئينءَ، وٽن مان ڪويلون ڪُوڪي رهيون هيون، وڻ ۽ ٻوٽا ڏوپجي صاف ٿي پيا هئا. اُنهن گهڙين کي جهڙيءَ ريت اسان پئي ماڻيو شايد ئي ڪنهن ماڻيو هجي. اسان هڪٻئي سان ٻَڪجي هلي سنڌالاجي پهتا هئاسين، تو موسم جي مانَ واسطي ڳائڻ شروع ڪيو هو:

موسم جي مان واسطي ڪجهہ گنگنائجانءِ،

برسات ۾ چتيءَ بنا رستا گهمائجانءِ.

پاڻ ڪِلي پيا هئاسين، ۽ ايئن واسديوَ موهيءَ جي ان خوبصورت شعر کي گنگنائيندا اڳتي وڌي رهيا هئاسين. اسان جي ساهون هڪ رکشا اچي رهيو هو جنهن ۾ شاگرد سوار هئا، جن اسان کي ان حالت ۾ ڏسي هوڪرا ڪيا هئا، جن کي اسان ڏاڍو انجواءِ ڪيو هو. اسان انڊس هاءِ وي پار ڪري هڪ نظر سنڌالاجيءَ کي ڏنو هو. جيڪا ڏوپجي صاف ٿي جَرڪي رهي هئي. سنڌالاجيءَ جي اڳڻ وارو املتاس ۽ ٻيا وڻ جهُومي رهيا هئا، ۽ ان جي پنن جي ڪڙڪڻ ۾ ڏاڍي وڻندڙ موسيقي هئي. اسان جڏهن سنڌالاجي پار ڪري اڳتي وڌيا هئاسين، تہ هڪ ڪار اسان جي اڳيان اچي زوردار بريڪ هنئي هئي. جنهن ڏانهن اسان ڏري برابر ٻہ ڏيان نہ ڏنو هو تہ هنن ڪار جا شيشا هيٺ ڪري هڪ آواز ٿي چيو هو:

"جيئو...!"

اسان هنن کي چيو هو:

"Thanks"

هو ڪِلندا هليا ويا هئا، ۽ پاڻ مُرڪندا اڳتي وڌيا هئاسين. مون لطيف سائينءَ جي وائي جھونگارڻ شروع ڪئي هئي:

"بوند برهہ جي بھار لڳي وئي،

درد وندي‌ءَ جو ديس وَسي پيو."

۽ اسان ان کي ڳائيندا، مُرڪندا، ڪِلندا، پاڪر پائيندا، چُميون ڏيندا، گنگنائيندا سوسائٽي پھتا هئاسين، جتي فروٽ جوس واري دڪان تي هلي وينا هئاسين. مون توکان پڇيو هو:

"جانان! ڪھڙو جُوس پيئڻ جي!؟"

تو چيو هو:

"جانو! اڇڪلهہ گريپ فروٽ سُنو ٿو اچي، ان جو جُوس ٿا پيئون."

"ٺيڪ آهي."

"پر هن کي چئو تہ جلدي ڪٽي اچي، هاسٽل گيٽ بند ٿيڻ ۾ باقي ويهہ منٽ آهن."

مون جوس واري کي جلدي جوس ڪٽي اچڻ لاءِ چيو هو. هو پنجن منٽن ڪانپوءِ جوس ڪٽي آيو هو. اسان پنجن منٽن ۾ جوس پي ورتو هو تہ تو چيو هو:

"جانو! هاڻي پاڻ کي رڪشا ۾ هلڻ گھرجي، نہ تہ گيٽ وارا مٿو ڪائي ويندا."

"ٺيڪ آهي جانان!"

مون بوائز هاسٽل تائين رڪشو ڪرايو هو توکي مارئي هاسٽل جي مين گيٽ تي ڇڏي رڪشو بوائز هاسٽل طرف هلڻ لڳو هو. پنجن منٽن ڪانپوءِ رڪشو بوائز هاسٽل جي مين گيٽ اڳيان هلي پھتو هو. رڪشي مان لهي رڪشي واري کي ٽيهہ روپيا ڏئي، خمارن ئي خمارن ۾ اچي پنهنجي ڪمري تي پھتو هوس... آلا ڪپڑا لاهي، ٽرائوزر ۽ ٽي شرٽ پاتي هيم، ۽ پوءِ ڪٽ تي سمهي نيڻ بند ڪري ڇڏيا هيم. منهنجن نيڻن ۾ اُن ڏينهن جا سڀ حَسين منظر قِرڻ لڳا هئا ۽ مون تي خمارن جا آبشار وَهي رهيا هئا. منهنجي دل مان هڪ صدا نڪري رهي هئي، "ڪيف ڏاران ڪوءِ، جيئي نہ جهان ۾... ڪيف ڏاران ڪوءِ... ڪيف... ڪيف..."

4.5

اونهاري جا مينهن هئا. جيڪي ٿوري ٿوري وقفي کان پوءِ جيئن جو تيئن وَسي رهيا هئا. ٻئي ڏينهن بہ ايئن ئي بارش پئجي رهي هئي. ڪيمپس مينهوڳيءَ ۾ ايترو حَسين ٿيندو آهي! اها اُن ڏينهن خبر پئي هئي. تو ڪيمپس جي عمارتن ۽ وڻن کي ڏسندي چيو هو.

"جانو! ڏس تہ سهي! اڄ ڪيمپس ڪيڏو سهڻو ٿو لڳي."

"ها جانان! واقعي اڄ ڪيمپس ڏاڍو حَسين ٿو لڳي."

"وڃ ڏس! ڪيڏا صاف ٿي ويا آهن!"

"ها يار! اڄ کان اڳ مون کڏهن بہ هڻڻا ڇڇ ساوا وڻ نہ ڏٺا آهن."

"آرٽس فيڪلٽيءَ جي عمارت ڪيئن نہ جرڪي رهي آهي!"

"ها! ۽ مٿان وري ڪويل جي ڪُوڪُو تہ ٻُڌ!"

"Its amaizing!"

"Oh yes!"

مينهن جي ڪري گهڻن شاگردن ڪلاس نہ پئي ورتا. شڪل بسون پرجي المنظر پئي ويون. تو چيو هو:

"جانو! اسان بہ المنظر هلون؟"

مون چيو هو:

"هل!"

"Oh! Thank you so much!"

پاڻ شتل بس ۾ چڙهي المنظر هليا هئاسين. جنهن ڏهه ڏهه روپيا ونڊي. ويهن منٽن ۾ المنظر تي لاٿو هو المنظر تي موسم جو مزو ماڻڻ لاءِ ڪيترائي نوجوان جوڙا ۽ شهري ڪٽنب اڇي گڏ ٿيا هئا. اسان ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم واري پاسي هيٺ لهي هليا هئاسين. درياهه جي بيئل پاٽيءَ ۾ ڪيترائي نوجوان تڙُڳي رهيا هئا. هلڪو هلڪو مينهن وَسي رهيو هو. تو ٻيڙين کي ڏسندي چيو هو:

"جانو!"

"جيءُ جانان؟"

"پاڻ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي درياهه ۾ سير ڪريون؟"

"پلي، پر مون کي الاءِ چو پاٽيءَ کان ڊپ لڳندو آهي."

"مون سان هوندي به ڊپ لڳندئي؟"

"نه جانان! توسان هوندي ته مون کي ڪنهن به شيءِ کان ڊپ نه ٿيندو آهي."

تون مُرڪي پئي هئينءَ، ۽ مُرڪندي چيو هيئي:

"پوءِ چڙهون ٻيڙيءَ ۾؟"

"ها! هل."

ٻيڙيءَ واري درياهه کي چڪر ڏيارڻ جا سئو روپيا چيا هئا. پهرين مان ٽپ ڏئي ٻيڙيءَ ۾ چڙهيو هوس، پوءِ توکي هٿ ڏئي، ٻيڙيءَ ۾ اچڻ لاءِ سهارو ڏنو هوم. تون ڏاڍو خوش هئينءَ. خوشي تنهنجي چهري مان ئي ٻَکي رهي هئي، تو هر لمحي کي ماڻڻ سِکي ورتو هو. تون ٻيڙيءَ ۾ ڪنهن شهزادي ۽ جيئن منهنجي ڪاپي هٿ کي پڪڙي، منهنجي دل واري پاسي آهلي پئي هئينءَ، مينهن ٿورو تيز ٿي ويو هو. پاڻ سڃا پِڃي ويا هئاسين. مينهن اسان کي ڏاڍو رومينٽڪ ڪري ڇڏيو هو. ٻيڙيتو نه هجي ها، ته پاڻ وري پاڪرن ۽ ڇُمين ۾ شروع ٿي وڃون ها. هو اسان کي ڏسي مُرڪي رهيو هو. مون ٻيڙيتي کان پڇيو هو:

"جيڪڏهن ٻيڙي اونڌي ٿي پئي، ته تون اسان کي بچائي سگهندين؟"

هن پڇيو هو:

"اوهان تارو آهيو؟"

مون جواب ڏنو هو:

"نه."

"ڳٽتي نه ڪريو سائين! بيئل پاٽيءَ ۾ ٻيڙي اونڌي نه ٿيندي آهي."

"اتفاق آهي، جيڪڏهن ٿئي ته...؟"

"اوهان مان ڪنهن به هڪ کي بچائي سگهندس."

مون تنهنجي پياري ڇوري ۽ نيٽن ۾ ڏٺو هو ۽ هن کي چيو هوم:
"مون کي ڇڏي هن کي بچائجانءِ."
اهو جواب ٻڌي تو پنهنجو پاڻ مون تي ڇڏي ڏنو هو ۽ ٻيڙيتو منهنجي پيار تي مُرڪي پيو هو. تو مون کي وڏو ساهه کڻندي چيو هو:
"I want to kiss you Munna!"
"But he is watching us!"
"I don't care about it."
مون ٻيڙيتي کي ڏٺو هو ته هن مون کان پڇيو هو:
"سائين! بيگم صاحبہ چا ٿي چئي؟"
مون کيس شرمائيندي چيو هو:
"منهنجي اها ڳالهہ ٻڌي جذباتي ٿي وئي آهي. ان کري ڳٽي تي چُمي پائڻ ٿي چاهي. پر ڊڄي ٿي. ته ڪٽي تون کاوڙجي نہ پئين."
هو ڪِلي پيو هو ۽ ڪِلندي چيو هئائين:
"آئون ڪونہ ٿو کاوڙجان بيگم صاحبا"
اهو آواز تنهنجن ڪنن تي پوڻ جي دير هئي. ۽ تو ساڃي هٿ سان منهنجي ساڃي ڳل کي پڪڙي. منهنجي کاهي ڳل تي چمي پاتي هئي. ان ئي لمحي تنهنجين اکين مان ڳوڙها وَهي آيا هئا. تو مون کان پڇيو هو:
"تون مون سان ايڏو پيار ڪندو آهين؟"
مون چيو هو:
"ان کان بہ وڌيڪ پيار ڪندو آهيان. تمام گھڻو پيار ڪندو آهيان."
"سچي؟"
"سچي!"
"I love you."
"I love you too unlimited."
"Thanks a lot."
"You are always welcome Jana!"
تو ڳوڙها اُگھندي چيو هو:
"تون ڏاڍو ڪِنو آهين مُنا!"
"چو...؟"
"بس! ايئن ئي تون ڏاڍو ڪِنو آهين!"
"چو...؟ مان چو ڪِنو آهيان؟"

"بس ايئن ئي... تون مون سان ايڏو پيار چو ڪندو آهين؟"

"ان ڪري، جو تون آهين ئي ايڏو پيار ڪرڻ جي لائق."

"نه نه، مون کي ٻُڌاءِ! مان نه ايڏي خوبصورت آهيان، نه ايڏي امير آهيان، نه ايڏي هوشيار آهيان..."

تون اُداس ٿي وئي هئينءَ، اُداسيءَ جو سمنڊ وري تو ڏانهن وَڌڻ لڳو هو. تو رهيل جملو وري ڳالهايو هو.

"ٻُڌاءِ نه مُنا! مون ۾ اهڙو ڇا آهي؟ نه مان ايڏي سُهڻي آهيان، نه ڪنهن وڏي شاهوڪار گهراڻي جي آهيان، نه ايڏي هوشيار آهيان ۽ وڏي ڳالهه ته مان... "

مون تنهنجن چپن تي پنهنجون آڱريون رکي چڏيون هيون ۽ توکي مُرڪندي ۽ شرارتي انداز ۾ چيو هوم:

"ٻڌ جانان! نمبر هڪ ته تون چگو ٿيو جو ڪنهن امير گهراڻي جي نه آهين، نه ته تون عجيب قسم جي Superiority complex ۾ هجين ها، نه پاڻ انجواءِ ڪرين ها ۽ نه مون کي انجواءِ ڪرڻ چڏين ها. نمبر ٻه ته تو جهڙي هوشيار چوڪري کي مون کي ڏيکاري ته سهي، جيڪا پرت به پري، ڪپڙا به سبي، رڌ پچاءُ به ڪري، ڪمپيوٽر به هلائي ۽ انگريزي به ڳالهائي. نمبر ٽيون، تون ڪيڏي حَسين آهين، اهو ته تون مون کان پڇ نا... مان ان حوالي سان توکي هيءُ شعر ٿو پيٽيان:

تون مُرڪي پئي هئينءَ، مون مُرڪندي شعر پڙهيو هو:

"سونهن تنهنجيءَ جو توکي قدر ٿي وڃي،
جي منهنجي نظر سان ڏسين پاڻ کي."

تو مُرڪندي ۽ خوش ٿيندي چيو هو:

"واهه... ڏاڍو پيارو شعر آهي، پر تون ڏاڍو ڪِنو آهين! منهنجي دل چوندي آهي، توکي چُميون ڏئي ماري چڏيان."

مون توکي فقط مُرڪندي ڏٺو هو تو وري چيو هو:

"هل يونيورسٽيءَ ته ڏاهيانءِ ٿي."

پاڻ مُرڪي پيا هئاسين. ٻيڙيتو ٻيڙي پُل پرسان تاري آيو هو. پُل مٿان هلندڙ گاڏين جي آواز ۽ هارنن جي آواز اسان جي احساسن جي روانيءَ کي توڙي چڏيو هو. مون ٻيڙيتي کان پڇيو هو:

"هيءُ پاڻي هيٺ گهٽا فوٽ ٿيندو؟"

"ٿورو آهي سائين! ڪٿي ڏهه فوٽ ته ڪٿي هارنهن ته ڪٿي وڏ ۾ وڏ پندرنهن فوٽ."

مون پاٽيءَ تي متاچري نظر ڦيرائيندي چيو هو:
"ڏاڍي افسوس جو مقام آهي!"
تو پڇيو هو:
"ڇو جانو؟"
"جانان! هيءُ اهو درياهه بادشاهه اٽئي، جنهن لاءِ لطيف سائينءَ چيو هو ته:
"دهشت دم درياهه جي، جت جايون جانارن،
نڪو سندو سير جو ماپ نه ملاحن،
درندا درياهه ۾ واکا ڪيو ورن،
سڄا ٻيڙا ٻار ۾ هليا هيٺ وڃن،
پُرزو پيدا نه ٽئي، تختو منجهان تن،
ڪو جو ڪهر ڪنن ۾، ويا ڪينَ ورن،
اتي اٽتارن، ساهڙا! سير لنگهاءِ تون..."
تو اهو ٻُڌي چيو هو:
"واهه واهه... پوءِ يار هن درياهه کي ڪنهن جي نظر لڳي؟"
"بس جانان! اڳ ۾ هيءُ اهڙو درياهه هو جتي جانورن جون جايون هيون، درياهه جي سِيرَ جي ماپ جي ملاحن کي خبر نه پوندي هئي، ايڏا وڏا ڪُن هوندا هئا، جو ان ۾ سڄا سڄا وڏا ٻيڙا ٻُڏي ويندا هئا. هاڻي "مٽان" هنن يزيدن هٿرادو واهه کوٽائي، ڪٽنال ۽ ڊيم ٺاهرائي، اسان جي درياهه جي هيڏي حالت ڪئي آهي، جو هيءُ ملاح ٻُڏائي ٿو ته ڪٽي ٻيٽل پاڻي ڏهه فوٽ آهي، ته ڪٽي پندرهن."
"Ohh! I see...." اهي ڪٽنال هنن درياهه مان چو ڪڍيا آهن؟"
پنهنجي جاگيردارن ۽ فوجين جون زمينون آباد ڪرڻ لاءِ ڪڍيا اٽئون."
"اڇا...! ۽ ڊيم مان بجلي ٿا ٺاهن؟"
"ڏوڙ ٿا پائين، ڊيمن مان ڪينال ڪڍي ٻارهن ٽي مهينا پيا وهائين، ۽ هيڏانهن سڄو ٻَتو ۽ بدين سمنڊ ڀڳڪائي ويو آهي، سنڌ سڪي ٽوٽ ٽي وئي آهي."
"وڏا ڪي پليت آهن."
"امداد حسيني هنن لاءِ هڪ ڏاڍو زبردست شعر چيو آهي.
پنهنجا درياهه وڪٽي هاڻي سنڌوءَ تي لامارا آهن
ڪالا باغ ڊيم اڏڻ وارن جا اندر ڪيڏا ڪارا آهن."
"واهه... زبردست! اڇا هنن پنهنجا درياهه وڪيا هئا چا؟"
"ها يار پنهنجا ئي شاهه درياهه پڳڙن مٽ ۾ انديا کي وڪٽي ڇڏيائون، سنڌي ماڻهن ان وقت ۾ ڏاڍيون رڙيون ڪيون، پر ڪين نظر انداز ڪيو ويو."

"لعنت اٿن."

"بيشمار."

ٻيڙي واپس اچي ڪناري کي لڳي هئي. مان ٽپو ڏئي ٻيڙيءَ مان لٿو هوس، ۽ تون هٽ جي ٽيڪ سان هيٺ لٿي هئينءَ. ٻيڙيءَ واري کي سئو روپيا ڏئي پاڻ ڏاڪڻين طرف هلڻ لڳا هئاسين. بارش جهڪي ٿي چڪي هئي. پاڻ مڪمل طور ڀڄي ويا هئاسين. ڪجهه ئي منٽن ۾ مينهن بند ٿي ويو هو. اسان ڏاڪڻيون چڙهي مٿي هليا هئاسين.. مون تو کان پڇيو هو.

"بوتل پيئبي؟"

"نه رڳو بوتل پيئبي، پر چپس به کائبي."

"ڏاڍو سٺو"

اسان ريڑهي تي لڳل ٽافين، ڪٽمنڊن، چيوگمن، بسڪيٽن ۽ چپس جي اسٽال تان چپس وٺي، المنظر ريسٽورنٽ جي فيملي هال ۾ هلي ويٺا هئاسين. بيرو اسان کي چپس کائيندو ڏسي سمجهي ويو هو ته اسان ماني نه کائينداسين، ان ڪري اچڻ سان ئي پڇيو هئائين.

"جي سائين چا پيئندا؟"

تو جواب ڏنو هوس

"به ڊيو بوتلون ڪٽي اچو."

"ٺيڪ آهي."

چئي، هو هليو ويو هو ۽ پنجن منٽن ۾ اسان کي ڊيو بوتلون آڻي ڏنيون هئائين. تو آسمان مان ڪراچي واهه ۾ ڪرندڙ مينهن ڪٽين کي ڏسندي بوتل مان ڏڪ پرينديِ چيو هو.

"واهه... چا ته دلڪش نظارو آهي."

مون به بوتل مان ڏڪ پرڻ کانپوءِ چيو هو.

"واقعي! ڏاڍو دلڪش..."

"هن منظر جي وڏي خوبي اها به آهي، ته اهو مان توسان گڏ ماڻي رهي آهيان"

مون مرڪندي چيو هو:

"۽ مون لاءِ به هن منظر جي جيڪڏهن حسناڪي آهي، ته اها تنهنجي ڪري آهي."

تو مون کي مرڪي نهاريو هو تهنجون پياريون اکيون هڪ دفعو وري ڪراچي واهه ۾ ڪرندڙ مينهن ڪٽين کي ڏسي رهيون، تون رکي رکي ٽڏي بوتل مان ڏڪ پري رهي هئينءَ. تو هڪ لمحو سوچڻ کان پوءِ چيو هو:

"سوچيان ٿي، جيڪڏهن تون منهنجي زندگيءَ ۾ نه اچين ها، تہ هي زندگيءَ جون حسناڪيون، پيار ۽ خوشيون ڪيئن ڏسان ها؟"

مون بہ مرڪندي ساڳيو جملو ورجايو هو:

"مان بہ سوچيان ٿو جيڪڏهن تون منهنجي زندگيءَ ۾ نه اچين ها، تہ هي زندگيءَ جون حسناڪيون، پيار ۽ خوشيون ڪيئن ڏسان ها... تون جيڪڏهن منهنجي زندگيءَ ۾ نہ اچين ها، مون کي پنهنجي پيار جي لائق نہ سمجهين ها، تہ منهنجي بہ ڪهڙي زندگي هجي ها. مون کي تنهنجي پيار محبتن، احساسن، تصورن، جذبن، ڪيفيتن، حسناڪين ۽ سمجهہ جون جيڪي عجب ڪهڪشائون ڏيکاريون آهن، سي ڪيئن ڏسان ها...!؟"

منهنجون اهي ڳالهيون ٻڌي تون ٻهڪي پئي هئينءَ، مون وري ڳالهائڻ شروع ڪيو هو.

"جانان مون کي ايئن لڳندو آهي، جڻ منهنجا احساس اڻ پورا هئا، جيڪي تو اچي پورا ڪيا آهن، ۽ محبت بہ هڪ پار اپار احساس جي هڪ ڪائنات تہ آهي."

تون ٻهڪي پئي هئينءَ، تنهنجا گلابي اپريل ڳل ڳاڙها لال ٿي ويا هئا، تنهنجويون اکيون چمڪي پيون هيون، تنهنجي چپن جي مسڪراهٽ ويتر گهري ٿي وئي هئي، ۽ تو وڏي پيار مان چيو هو.

"تون ڏاڍو ڪنو آهين منا!"

مون توکان مرڪندي پڇيو هو.

"ڇو...؟"

"بس ايئن ئي پيار ۾... پر توسان ڪير پڇي! شروع شروع ۾ مون کي لڳندو هو تہ توسان منهنجو پيار گهٽو آهي ۽ تنهنجو گهٽ آهي، پر هاڻي لڳي ٿو تہ تون بہ مون سان مون جيترو ئي پيار ڪندو آهين. فرق رڳو اهو آهي، تہ تو وٽ پيار جو اظهار آهي."

"مون کي رڳو پيار جو اظهار ۽ ڪجهہ پيار آهي، پر تون جيڪا سراپا پيار آهين، اهو...؟"

تون وري مُرڪي پئي هئينءَ، ۽ مرڪندي چيو هيئي.

"ان ڪري ئي تہ چوانءِ ٿي نہ تہ توسان ڪير پڇي؟"

"توسان ڪير پڇي! ايئن ٿي چئين جڻ مان ميراثن ريس ۾ سيني کان اڳيان ڊوڙندو هجان."

تون ڪلي پئي هئينءَ، ۽ منهنجي اکين ۾ ڏسي چپ ۽ اُداس ٿي وئي هئينءَ، اداسيءَ مان پڇيو هيئي.

"منا!"

"جيءَ منيءِ!"

"تون مونکي چڏي ته نه ڏيندي نه؟"

"چري پٽان! مان توکان سواءِ جيئرو رهي سگهندس؟ تون منهنجي شهہ رڳ آهين، تون منهنجو ساهہ آهين هن منافقتن ڀري دنيا ۾ منهنجي وجود جو سڀ کان وڏو ڏيڍ آهين، منهنجو آخري سهارو آهين ۽ ۽ ۽ ٻيو تون مون لاءِ ڇا آهين؟ تون منهنجا ڪهڙا احساس ۽ ڪيفيتون آهين، تن لاءِ دنيا جي ڪنهن به ٻوليءَ جي ڊڪشنريءَ ۾ لفظ نه آهن، بس رڳو تون مون کي چڏي نه ڏجانءِ."

"تون مون سان ايڏو پيار ڪندو آهين؟"

"چيم نه ته مان توسان ان کان به وڌيڪ پيار ڪندو آهيان"

"سچي...!؟"

"تنهنجو قسم آهي. بس؟"

"بس، بس مان ايئن ئي سچي چيو."

"ٺيڪ آهي."

"اڄ منهنجي دل ٿي چئي مان هوائن ۾ اڏبين فلمي سانگ ڳايان"

"ڪهڙو فلمي سانگ؟"

تو ڳائڻ شروع ڪيو هو.

"آج لگتا هي ڪہ مين هوائون ۾ هون

آج اتني خوشي ملي هي مجهي"

مان ڪلي پيو هوس، تو مون کي چيو هو.

"منا! تون ڏاڍو سٺو آهين، منهنجو تو جيترو ڪنهن به خيال نه رکيو آهي، ڪنهن به نہ، مان ته هاڻي جي ٿوري بيمار ٿيندي آهيان، ته به توکي نه ٻڌائي سگهندي آهيان، مونکي هڪ سئو هڪ بخار نڪري ٿو ته توکي اهو ٻڌي 104 بخار ٿي پئي ٿو مون کي متي ۾ سور پئي ٿو ته توکي وري دل ۾ چڪ لڳي وڃي ٿو ايڏو پيار ڪيو آهي ڇا؟"

"منهنجي دل چوندي آهي، ته بس توکي پنهنجي ساهہ ۾ سمائي چڏيان. لطيف سائين چيو آهي، ته

اکين ۾ ٿي ويهہ ته واري آئون ڏکيان

توکي ڏسي نه ڏيهہ، آئون نه پسان کي ٻيو."

"واهہ واهہ... مون کي رکي رکي يقين نه ايندو آهي، ته ڪوبہ چوڪرو ڪنهن سان ايئن پيار ڪري سگهي ٿو پر وري پنهنجي پيار کي ڏسندي آهيان ته يقين اچي ويندو اٿم."

ان ڏينهن پاڻ ڪيتري ئي وقت تائين ڪچهريون ڪندا رهيا هئاسين مينهن بند ٿي ويو هو پر آسمان ڪڪرن سان ستيو پيو هو. تو آسمان ڏانهن ڏسندي چيو هو.

"اڄ هاسٽل ڏانهن موٽڻ ٿي صفا به دل نه ٿي چئي."

"ها يارا بلڪل صحيح ٿي چئين، اڄ منهنجي به دل تو کان ڇڄڻ ٿي نه ٿي چئي."

"پر ڇا ڪجي!؟ مجبوري آهي، هاسٽل موٽڻ به مجبوري آهي نه يارا!"

"هونهه... تون صحيح ٿي چئين جانان!"

"ٽائيم گهڻو ٿيو آهي؟"

"چار ٽيا ٿين."

"هل ته حيدرآباد ٽا هلون."

"پلي، پر اتي ڪٿي هلنداسين؟"

"سڀ کان پهرين ڪوزي حليم کائينداسين، پوءِ اتي سوچينداسين ته ڪيڏانهن هلجي."

"ٺيڪ آهي."

اسان المنظر ريسٽورنٽ جي مٿين حصي مان هيٺ لهي آيا هئاسين، مان کائونٽر تي پيسا ڏئي آيو هوس. پوءِ پاڻ هٿن ۾ هٿ ڏئي، رستي تي هلي، ڪوٽڙي بيراج جي پرسان ٻيهي، حيدرآباد لاءِ ايندڙ ڪنهن بس يا سوزوڪيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳا هئاسين. ڪجهه منٽن کان پوءِ بس اچي پرسان بيٺي هئي، جنهن جي ڪلينر اسان کي ڏسي "حيدرآباد... حيدرآباد" جو هو ڪوڏنو هو. مون توکي ڏنو هو. تو مرڪي چيو هو.

"بس ۾ نه ٽا هلون، سوزوڪي ۾ اڳيان ويهي هلنداسين"

مون چيو هو:

"ٺيڪ آهي. سوزوڪي ۾ ئي ٽا هلون منهنجي ملڪ"

تنهنجي ان مرڪ ۾ ٿوري شرارت ۽ ٿورو شرمائڻ به هو. ڪجهه منٽن ۾ هڪ تيز رفتار سوزوڪي اچي اسان جي پيرن اڳيان بريڪ لڳائي هئي. سوزوڪيءَ ۾ اڳيان ويٺل هڪ همراهه توکي ڏسي، لهي پنڌيان هليو ويو هو مان ڊرائيور واري پاسي کان ٿي ويٺو هوس، تون منهنجي کاٻي پاسي دل جي مٽان پنهنجي ساڄي پٽيءَ جي ٺيڪ لڳائي ويهي رهي هئينءَ. تون ڏاڍي خوش هئينءَ. خوشي تنهنجي منهن مان ٿي ٻکي رهي هئي، جنهن تنهنجي اکين، چپن ۽ ڳلن کي پُررونق ٻڌائي ڇڏيو هو. تو مون تي ٺيڪ لڳائڻ وقت هڪ نظر مرڪي مونکي ڏنو هو. مون به تنهنجي ان محبوب ادا

تي مرڪيو هو. ڊرائيور توتي ءِ مون تي نظر ڊوڙائيندي سوزوڪيءَ ۾ ٽيپ سان لڳل ريڊيو هلايو هو. ايف ايم 101 حيدرآباد هلي رهيو هو هڪ منٽ کان پوءِ، اسان اڃا ڪوٽڙي بيراج واري پل تي ئي هئاسين تہ ريڊيو تي عابده پروين جي آواز ۾ سر سارنگ ڳائجي رهيو هو.

"بوند برهہ جي بهار لڳي وئي، درد وندیءَ جو ديس وسي پيو"

جنهن مان اسان ڏاڍو پرپور مزو ورتو هو. ان وقت مون توکان پڇيو هو.

"جانان!"

"جيءُ جانو!"

"هر حسين سفر ايڏو جلدي ڇو گذري ويندو آهي؟"

"نہ فقط هر حسين سفر، پر هر حسين وقت بہ جلدي گذري ويندو آهي."

"ڪاش! ماڻهو پنهنجي حسين لمحن جي رفتار گهٽائي سگهي ها، انهن کي ايترو تيز ءِ جلدي وڃڻ نہ ڏي ها!"

تو منهنجي ان ڳالهہ تي سوچيندي چيو هو

"ڪاش...!"

سوزوڪي منٽن ۾ ٽاور مارڪيٽ پهتي هئي. اسان سوزوڪي مان لهي، هٽن ۾ هٽ ڏئي آلن روڊن تي هلڻ لڳا هئاسين.

سول اسپتال، لبرٽي فالودي، مسلم سائنس ڪاليج، تلڪ چاڙهيءَ جا ڪپڙن، عينڪن ءِ گهڙين جا دڪان پار ڪري اچي ڪوزي حليم جي دڪان تي پهتا هئاسين، اتي ويهندي چيو هيئي:

"واهہ... واهہ... واهہ... منا! مزو اچي ويو."

"اڄ ءِ ڪلهہ وارا ڏينهن مون کي ڪو حسين خواب ٿا لڳن"

"ها! تون صحيح ٿو چئين، پر مون سان جڏهن کان تون مليو آهين، تڏهن کان مون کي منهنجي زندگي هڪ خواب لڳڻ لڳي آهي، ءِ ڪڏهن ڪڏهن اهو خواب ڏاڍو پيارو ءِ حسناڪ ٿي وڃي ٿو."

"واهہ... تون بہ صفا شاعراٽيون ڳالهيون ڪرڻ لڳي آهين."

"اهو مان نٿي ڄاڻان، پر مان اهو ضرور ڄاڻان ٿي، تہ مان سچيون ڳالهيون ٿي ڪيان"

"اڙي يار! ڳالهيون سورهن آنا سچيون آهن، پر انهن جو اظهار شاعراٽو آهي."

"تو سان گڏ رهندي ءِ ادب جي شاگرد هوندي بہ منهنجين ڳالهين جو انداز شاعراٽو نہ ٿيندو تہ پوءِ ڪڏهن ٿيندو؟"

اسان ٿورو کليا هئاسين. بيرو اسان اڳيان پاڻيءَ جو جڳ رکي ويو هو. مون تو کان پڇيو هو.

"حليم جون ٻه پليٽون گهرايان يا؟"

"نه نه هڪ پليٽ گهراءِ. ايڏي بک نه آهي."

"ٺيڪ آهي... اڄ پاڻ حيدرآباد ۾ ٿوري آوارگي ٿا ڪريون"

"هونهه! پر ڪيئن؟"

"پاڻ هيئن ٿا ڪريون. جو اڄ پنڌ ئي پنڌ پنهنجي ڪائڻ پيئڻ جي سيني من پسند هنڌن تي ٿا هلون."

"ٺيڪ آهي. ڏاڍو سٺو پر ڪٿي ڪٿي ۽ ڪيئن هلنداسين؟"

"هتان حليم ڪائي. پنڌ ئي پنڌ اينرجي بيڪرز تي هلي. پائين ايپل ڪريم پسٽري ڪائينداسين. پوءِ پنڌ ئي پنڌ بسنت هال هلي ڪتابن جي نمائش ڏسنداسين. پوءِ اتان اولڊ ڪيمپس هلي پوائنٽ ۾ چڙهي يونيورسٽي هلنداسين."

"ڏاڍو سٺو زبردست!"

"الاءِ متان نه مڃين؟"

تو ٻه ڪلندي چيو هو "ڪيئن نه مڃبو سائين!"

هڪ چڪن حليم جي پليٽ هڪ ئي چمچي سان. هڪ گرهه تو ۽ هڪ گرهه مان ڪائي پوري ڪئي هئي. اتان پوءِ سنڌي ادبي بورڊ جي بوڪ اسٽال تي هليا هئاسين. جتان مون توکي ماهوار "سرتيون" جو تازو شمارو وٺي ڏنو هو پوءِ اينرجي بيڪريءَ تان ٻه پائين ايپل ڪريم پيسٽريون وٺي اتي ئي ڪائي ڇڏيون هيون سين. تنهنجو وس پڄي ها. تہ تون اها پيسٽري ٻه مون کي پنهنجي هٿن سان کارائين ها ۽ مون کان منهنجي هٿن سان پيسٽري کائين ها. پر بيڪريءَ تي رش هجڻ سبب تو ائين نہ ڪيو هو. اتان اسان وري واپس ٽي ڪيفي جارج آيا هئاسين. جتي هڪ چانهه گهرائي ان مان هڪ ڊڪ تو تہ هڪ مان ڪري چانهه پيتي هئي. اتان اٿي بنسٽ هال ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ پاران ڪتابن جي لڳل نمائش ڏٺي هئي سين. جتان مون هڪ ڪتاب "A Concise History of India" ورتو هو. اتان پنڌ ئي پنڌ ميٽارام هاسٽل ۽ ڊيئل داس ڪلب کان ٽيندا اولڊ ڪيمپس طرف وڌڻ لڳا هئاسين. اسان جون نظرون اولڊ ڪيمپس جي تاريخي عمارت تي پيون هيون. جيڪا ڏوپڇي صاف ٿي چڪي هئي. پاڻ پنڌ ڪندا هلي ٽڏيءَ سڙڪ تي پهتا هئاسين. مون ٽڏي سڙڪ جي قد آور وڻن کي ڏنو هو جيڪي پڻ ڏوپڇي صاف ٿي. وڏيڪ ڇڇ ۽ ساوا ٿي پيا هئا. پوءِ پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ جي پوائنٽ بس ۾ هلي ويٺا هئاسين ڪجهه منٽن کان پوءِ مون کي تو وٽان اٿي هڪ عورت کي جاءِ ڏيڻي پئي هئي. ان ويهن منٽن

جي دوري ۾ وڏي ڇڏيو هو. جيتوڻيڪ اسان ساڳي بس ۾ هڪ ٻئي جي ويجهو هئاسين. ويهن منٽن کان پوءِ بس ڇام شوري سنڈ يونيورسٽي سوسائٽي موڙ تي اچي بيٺي هئي، پاڻ ان مان لهي، تنهنجي هاسٽل گيٽ تائين پنڌ پنڌ اچي پهتا هئاسين، توکي اتي صبح تائين ڇڏي مان ۾ پنهنجي هاسٽل ويو هوس. جتي ڪپڙا متائي ڪٽ تي آهلي پيو هوس. اهي ٻئي ڏينهن واقعي هڪ حسناڪ خواب ئي ٿ هو جيڪو منهنجين اکين ۾ سمائجي ڇڪو هو.

4.6

ان رات ڏاڍي دير تائين تنهنجا پيار پئي ياد آيم. تون جيڪڏهن ايڏي بهادر ۽ پيار ڪندڙ نه هجين ها، ته شايد اهو سڀ ڪجهه ممڪن نه هو. موسم بدلجي چڪي هئي، ڪافي سيءَ اچي چڪا هئا. ڏسندي ئي ڏسندي ايئن پيار ڪندي، گهمندي ڦرندي، زندگيءَ جا حسناڪ پل ماڻيندي، بائيڪات ٿيندي، ڏرٽا لڳندي، فائرنگ ٿيندي يونيورسٽيءَ جا سيمسٽر امتحان ٿي ويا ها. هي سال جا آخري امتحان هئا، جنهن کان پوءِ آخري سال وارن شاگردن ۽ شاگردياڻين جي پڙهائي پوري ٿيڻي هئي. آخري سال جا جوڙڻا ڏاڍا اداس هئا، ڪيترائي عاشق معشوق ڪارا ويس پهري ڪيمپس پئي آيا. اهڙي هڪ جوڙي کي ڏسي تو اداس ٿيندي چيو هو.

"جانو!"

"جيءِ جانان!"

پاڻ به فائينل ييئر کان پوءِ ايئن جدا ٿي ويندا سين"

"نه جانان! پاڻ ته فائنل ييئر ۾ ئي منگڻو ڪري حڏيندا سين"

تو مرڪي چيو هو.

"اڙي ها.!! مان ته اجايو پئي پريشان ٿيس... پر منا تنهنجي گهر وارا راضي ٿي ويندا؟"

"ها جانان! ڇو نه راضي ٿيندا؟ ڪير راضي ٿئي يا رنج ٿئي، مان توسان ئي شادي ڪندس."

"سچي جانو؟"

"سچي!"

"تون منهنجي ڪري پنهنجا مائٽ ڪاوڙائيندين؟"

"مان تنهنجي ڪري سڄي دنيا کي ڪاوڙائي سگهان ٿو. مون کي ڪنهن جي به پرواهه نه آهي. جيڪو منهنجي خوشيءَ ۾ خوش نه ٿيندو سو پلي وڃي ڪاوڙجي."

"سچي منا! تون مون کي ڇڏي ته نه ڏيندي نه؟"

"چريا! تو کي ڇڏڻ، معنيٰ پنهنجو ساهه ڇڏڻ آهي"

تون خوش ٿي وئي هئينءَ، ۽ مون کي چيو هيئي.

"جيڪڏهن ڪنهن توکي مونکان الڳ ڪيو ته مان هنن کي نه ڇڏيندم."

مون مرڪي توکان پڇيو هو.

"هنن کي ڇا ڪندينءَ؟"

منهنجو اهو سوال ٻڌي، تو تي جڙ برف ڪري پئي هئي، تون بيحد اداس ٿي وئي هئينءَ، تنهنجي اکين مان تيزيءَ سان ڳوڙها ڪري پيا هئا. تو گهگهي آواز ۾ چيو هو.

"مان غريب ڇا ڪندياسِ؟ باقي جنهن به تو کي مون کان الڳ ڪيو ته مان ان کي اهڙيون پٽون هٽندم جو اهو ياد ڪندو."

تنهنجي اکين ۾ ڳوڙهن جي وس تيز ٿي وئي هئي، جنهن کي ڏسي، منهنجي دل ڦٽڪي پئي هئي، مون تو کي پاڪر ۾ پريندي چيو هو.

"منهنجي منيِ Don't worry اسان کي دنيا جي ڪا به طاقت الڳ نه ٿي ڪري سگهي، تون ان غير يقينيءَ مان نڪري اڇ، چري مان پاڻ توکان سواءِ رهي نه سگهندس؟"

تو ڳوڙها اڳهندي چيو هو.

"الاءِ منا! تنهنجا مائٽ ڏاڍا زور ماڻهو آهن، مون کي تو کان الڳ ٿيڻ جو ڏاڍو ڏپ ٿيندو آهي."

"تون کو ڏپ نه ڪر جانان! اسان جو پيار ايڏو ڪمزور نه آهي، جو ڪو اسان کي الڳ ڪري ڇڏي."

تون منهنجي پاڪر ۾ اچي پنهنجا ڳوڙها اڳهي رهي هئينءَ، تنهنجي اها بيوسي ڏسي، تو تي ڏاڍو پيار آيو هو. ان وقت مون توکي ٻڌايو هو.

"جانان!"

"جيءُ منا!"

"يار مون کي هڪ ڏينهن لاءِ ڪراچي وڃڻو آهي."

"چو؟"

"يارا منهنجو هو دوست آهي نہ مراد؟"

"ها"

"هن کي هڪ ملٽاءِ نيشنل اداري ۾ نوڪري ملي وئي آهي"

"ها، تہ پوءِ؟"

"هو ان خوشيءَ ۾ منهنجي دعوت ڪرڻ ٿو چاهي، ہن مهينن کان پئي نٽايومانس، هاڻي ڏاڍو مجبور ڪيو اٿائين، تون جي هڪ ڏينهن جي موڪل ڏين تہ ان وٽان ٿي اچان."

تو ٿوري ڪاوڙمان چيو هو.

"تنهنجي دوستن مان قاسي وئي آهيان، چئينس تہ تو کي مان نہ ٿي چڏيان"

تنهنجي اها ڳالهہ ٻڌي مُرکي پيو هوس.

"مون هن کي گهٽو ئي چيو آهي، تہ تون نہ چڏيندينءَ، پر هو چئي ٿو تہ توکي بہ وٺي اچان"

اهو ٻڌي تون مرکي پئي هئينءَ، ۽ مرکندي سوچڻ لڳي هئينءَ، تون مرکي سوچي رهي هئينءَ، تنهنجي واتان آهستگيءَ مان لفظ نڪتا هئا

"توسان گڏ مان هلان....!؟"

مون تو کي چيو هو

"ها، هلي هل!"

"سمنڊ تي وٺي هلندين؟"

"ڪراچي هلون ۽ سمنڊ تي نہ هلون! پوءِ ڪيئن چئبو تہ ڪراچيءَ هليا هئا سين"

"ڪراچي ۾ تنهنجون پسنديده جڳهون ڪهڙيون آهن؟"

"پهرين نمبر تي سمنڊ ۽ ٻئين نمبر تي بوٽ بيسن"

"بوٽ بيسن چا آهي؟"

"ايئن سمجهہ تہ فوڊ استريٽ آهي."

"هونهہ... مان بہ چوان تو موٽي کي اها جڳهہ چو پسند آهي؟"

"مراد اتي ئي تہ ڊنر ڪئي آهي."

"هونهہ... هلو پلا هلان ٿي... پر ڊنر آهي، تہ رات ڪٽي رهنداسين؟"

"ان جي تون ڳڻتي نہ ڪر، ان جو مراد پاڻ ئي ٻلو ڪندو."

"پوءِ ڪڏهن هلبو؟"

"چنچر ڏينهن صبح جو"

"ٺيڪ آهي."

"پر پڌا! پنهنجو Look ڪنهن شادي شده جوڙي جهڙو لڳڻ گهرجي."

"چو؟"

"نه ته مراد جي پلازه وارا شڪ ڪندا"

"چڱو...! ٺيڪ آهي."

چنچر ڏينهن مان صبح جو نائين وڳي تو کي مارئي هاسٽل تان ونڻ آيو هوس، مون جيئن ئي توکي ڏٺو هو ته تو کي ڏسندي ئي منهنجي دل جو ڌڙڪو وڌي ويو هو. تون ڪاٽن جي بادامي رنگ جي پرت پريل وڳي ۾ اجرڪ اوڍي آئي هئينءَ، تون واقعي به منهنجي ڪنوار لڳي رهي هئينءَ. تنهنجي هٿن ۾ ٻانهن کي ميندي لڳل هئي. مان به هڪ هلڪي انگوري رنگ جو پرت پريل ڪڙتو ۽ اڇي شلوار پهري اچي تو اڳيان بيٺو هوس. تون مون کي ديواني عاشقن وانگي ڏسندي چيو هو.

"ائي منا... ڪٿي ڪنهن جي نظر نه لڳي وڃئي منهنجا منا!"

تون ته پنهنجي جذبن جو اظهار ڪري ويندي هئينءَ پر مون چريي کي ڪڏهن پنهنجي جذبن جو اظهار نه ڪرڻ آيو. مون مرڪندي چيو هو.

"ڪاڦ ٿي لڳي، ڪنهن جي نظر. مان سهڻو رڳو تهنجي نظر ۾ آهيان، مون کي دوست چوندا آهن، هن کي پيار ڪرڻ لاءِ اچي اچي تون ئي ٽُلهو ٽُلهو. موٽو موٽو ۽ عجيب و غريب قسم جو بي ڍولو انسان مليو هئين؟"

تو شوخيءَ مان چيو هو:

"هو توکان ستڻ ٿا."

مان ٿهڪ ڏئي ڪلي پيو هوس: ته تو چيو هو.

"منا هاڻي تون ايجان به وڌيڪ سهڻو ٿو لڳين، تنهنجا ڳل ڳاڙها ٿي ويا آهن، اکيون ۾ چپ چمڪيلا، بس، ڳالهه نه پڇ... دل ٿي چئي چُميون ڏئي ماري چڏيانءِ."

مون توکي مرڪندي چيو هو.

"چڱو هل ته هلون"

"ٺيڪ آهي."

اسان رڪشا ڪرائي هلي سپر هاءِ وي تي لٿا هئاسين، ڪجهه ئي منٽن ڪانپوءِ هڪ اي سي ڪوچ اچي اڳيان بريڪ هنئي هئي، منشيءَ ٻڌايو هو ته بس ۾ جڳهه آهي، چڙهي اچو پاڻ بس ۾ چڙهي وينا هئاسين سيٽ نمبر 33، 34 خالي هيون، انهن تي هلي وينا هئاسين، تون منهنجي ٻانهن پڪڑي، منهنجي ڪلهي تي ٺيڪ ڏئي آهلي پئي هئينءَ، منشي ڪرايو وٺي ويو هو ته ٻڌايو هيئي.

"منا!"

"جيءُ جانان!"

"توسان گڏجي ڪراچيءَ هلڻ جي خوشيءَ ۾سڄي رات ننڊ نه آئي اٿم. تنهنجي ڪلهي تي ٽيڪ ڏني اٿم تہ ڏاڍي ننڊ ٿي اچي."

"پوءِ پلي ڪجهہ دير آرام ڪر جانان!"

منهنجين اکين ۾ ڏسندي، هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندي، پڪ ڪندي چيو هيئي:

"هونهہ؟"

"ها ها... پلي ڪجهہ دير آرام ڪر."

"ٽيڪ آهي.."

پوءِ تون اکيون بند ڪري، منهنجي ڪلهي تي ٽيڪ لڳائي، ننڊ ڪرڻ لڳي هئينءَ. مان تنهنجي ڪنڌ ۾ ٻانهن ڦيرائي، پنهنجو هٿ تنهنجي مٿي تي رکي ويٺو هوس، تہ جيئن بريڪ لڳڻ وقت توکي ڪو لوڏو نہ اچي وڃي ۽ تنهنجي منڍي ۽ پياري ننڊ نہ خراب ٿئي. ان وقت مونکي تو تي ڏاڍو پيار پئي آيو. ان وقت مون کان توتي هڪ نظم لکجندو پئي ويو.

"منهنجي پياريا
ايڏي پياري نہ ٿي مون کي
ايڏي سٽي نہ ٿي مون سان
سياڻي توکان سواءِ رهي بہ سگهان
تنهنجي دوريءَ جو درد سهي بہ سگهان."

سوا ڪلاڪ جي مختصر وقت ۾ بس ڪراچي ٽال پلازہ پار ڪري اسٽاپ تي بيٺي هئي، جنهن تي ڪيترائي مسافر لٿا هئا. مسافرن جي لهڻ کانپوءِ بقائي ميڊيڪل يونيورسٽيءَ جون ڪجهہ شاگرديائٽيون بس ۾ چڙهي آيون هيون، هڪ چوڪريءَ کان سواءِ ٻين کي سيٽون ملي ويون. هو ٻن ٻن جي سيٽ تي ٽي ٽي ڇٽيون ٽي ويٺون هيون. هڪ چوڪري اسان جي سيٽ جي پرسان اچي بيٺي هئي، مون توکي ڏاڍي نرميءَ مان چيو هو:

"جانان!"

تو ڪاوڙمان چيو هو.

"هاڻي اهو نہ چئجانءِ تہ تون هن چوڪريءَ کي اٿي جاءِ ٽوڙين"

مان چپ ٿي ويو هوس. هڪ منٽ کان پوءِ ڊرائيور اوچتو هڪ وڏي بريڪ لڳائي هئي. هن شاگرديائٽيءَ ڪرڻ کان مس پاڻ بچايو هو. مان توکان بنا اجازت وٺڻ جي اٿي، هن شاگرديائٽيءَ کي پنهنجي سيٽ ڏني هئي ۽ سهراب ڳوٺ تائين

بيني پير سفر ڪيو هوم. مون جيئن هن کي پنهنجي سيٽ ڏئي ويهاريو هو ته تو مونکي ڏٺو هو ته مان ڪيئن بيٺو آهيان. ان وقت مون مسڪرايو هو. جڙ تو کي چوندو هجان

"جانان! I am so sorry"

هوءَ چوڪري توسان سهراب ڳوٺ تائين ڳالهائيندي آئي هئي، جڏهن هوءَ بس مان لٿي هئي، ته مون توکان مُرڪندي شرارتي انداز ۾ پڇيو هو.

"هن سان منهنجون ڪهڙيون گلائون پئي ڪيئي؟"

تو چيو هو.

"نه يار! گلائون ڪانه پئي ڪيم. هن تو لاءِ چيو ته تون ڏاڍو پلو انسان آهين. نه ته ڪير ٿو ايئن پنهنجي سيٽ ٻئي کي ڏئي، جڏهن ته اهو ان وقت پنهنجي محبوبا يا ڪنوار سان سفر ڪندو هجي."

مون چيو هو

"هونهه... پوءِ منهنجي تعريف ٻڌندي مزو آيو؟"

"ڏاڍو... هن پڇيو ته تون منهنجو ڇا ٿئين؟"

"پوءِ ڇا چيسي؟"

"چيو مانس مڙس آهي."

مان کلي پيو هوس. تون به کلي پئي هئينءَ، ۽ پوءِ چيو هيئي:

"مان ڏاڍي خوشنصيب آهيان، جو تو جهڙو سڄي جو خيال ڪندڙ انسان منهنجو جيون ساٿي ٿيو آهي.... پر تون ته ٻڌاءِ جڏهن مون توکي منع به ڪئي، تڏهن به تو هن کي چو سيٽ ڏني؟"

"يار جڏهن تو حڪم ڪيو ته، مون پنهنجيءَ دل جي چئي کي تنهنجي چئي جي اڳيان هارائي ڇڏيو. پر جيئن ڏٺم ته ڊرائيور جي بريڪ سان هوءَ ڪرندي ڪرندي بچي آهي ته منهنجي ضمير کان اهو برداشت نه ٿيو. ۽ مون اٿي هن کي سيٽ ڏني"

"هون... پوءِ خوشي ملي؟"

"ڪنهن به ماڻهوءَ جي ڪم اچي، جيڪا خوشي ملندي اٿم. شايد تنهن کي ئي حقيقي خوشي چوندا آهن. ڪنهن به انسان جو مون وٽان ڪم ٿئي، ان لاءِ ڪوشش جي آخري حد تائين ويندو آهيان."

مون محسوس ڪيو هو جڙ تون مون تي فخر ڪندي هجين. تو منهنجي هٿ کي چمندي چيو هو.

"تون واقعي ڏاڍو عجيب انسان آهين منا! تو جهڙا ماڻهو هن دنيا ۾ ڏاڍا گهٽ آهن." جڏهن هوءَ چوڪري ڪرڻ تي هئي، تہ مون کي به ڏاڍو ڏک ٿيو مان توکي چوڙ واري هيم، پر تون پاڻ ئي اٿي وئين. "I am proud of you munna

"جانان! جيترو تي سگهئي ٻين جي ڪم ايندي ڪر. پوءِ ڏس تہ توکي ڪيڏو سکون ٿو ملي."

"تون صحيح ٿو چئين منا! ٻين جي ڪم اچي واقعي ڏاڍو سکون حاصل ٿيندو آهي."

اسان ايئن گالهائيندا پئي رهياسين، بس تاج ڪمپليس پهچي چڪي هئي، اتان اسان ڊفينس هليا هئاسين، جتي مراد جو فليٽ هو. مراد پنهنجي فليٽ کان هيٺ بيٺي اسان جو انتظار پئي ڪيو. اسان کي ايندو ڏسي، هو اسان ڏانهن وڌيو هو. منهنجي ويجهو پهچي، پنهنجون ٻانهون کولي مونکي وڌو پاڪر پائيندي چيو هئائين:

"ادا ڪهڙا حال آهن؟"

"بلڪل ٺيڪ آهن ادا! تون ٻڌاءِ"

"مان به بلڪل ٺيڪ آهيان."

پوءِ هن توکي سلام ڪيو هو.

"اسلام عليڪم ياڃائي!"

تون ياڃائيءَ جو لفظ ٻڌي مرڪي پئي هئينءَ. هن ڏانهن هٿ وڌائيندي چيو هيئي.

"وعليڪم سلام ـ ادا"

"اوهان ڪيئن آهيو؟"

"بلڪل ٺيڪ."

مراد منهنجي شولڊر بيگ کي مون کان ونڊي پنهنجي ڪلهي تي لڙڪائيندي چيو هو:

"سفر ڪيئن رهيو؟"

"زبردست"

"اوهان ٻڌايو ياڃائي سفر ڪيئن رهيو؟"

"ڏاڍو سٺو ادا"

مراد پنهنجي فليٽ جي دروازي کي لڳل تالو کولي اسان کي اندر هلڻ لاءِ چيو هو. اهو ٻن ڪمرن ۽ هڪ ٽي وي لائونج وارو فليٽ هو جنهن ۾ مراد ۽ سندس هڪ دوست رهندا هئا. هو اسان سان اڌ ڪلاڪ تائين ويٺو رهيو هو. پوءِ چيو هئائين:

"يار ڪالهه اسان جي آفيس ۾ هڪ برٽش وفد آيو آهي، اڄ ٻين ويڳي انهن جو اسان جي اداري طرفان ميريئيٽ هوٽل ۾ مانجهاندو آهي، اسان جي آفيس جي سيني ماڻهن کي ان ۾ ضرور شرڪت ڪرڻي آهي..."

مون هن جي ڳالهه ڪٽيندي چيو هو:

"ڪا ڳالهه نه آهي پيارا، تون ٽي اڇ."

"چڱو پلا اُٿو ته توهان کي هيٺ بريانيءَ سينٽر تي ڇڏيندو وڃان."

"ٺيڪ آهي."

تو مراد کي چيو هو

"ادا هن موٽي کي چڪن بريانيءَ ڏاڍي وڻندي اٿو."

هن چيو هو:

"ها ادي! هيءُ منهنجو دوست آهي، مان هن کي سڃاڻان."

مون مراد کان پڇيو هو:

"تون ڪهڙي وقت واپس ايندين؟"

"يار شام ٽي وبندي، مانيءَ کان پوءِ هنن جي اسان سان هڪ ميٽنگ به آهي."

"خير آهي، ڪو مسئلو نه آهي، اسان بريانيءَ کائي ڪجهه دير آرام ڪري پوءِ گهمڻ ڦرڻ نڪري ويندا سين."

"ٺيڪ آهي، پوءِ موبائيل فون تي رابطو ڪري وٺندا سين."

"ٺيڪ آهي."

مراد وبندي ويندي منهنجي ڪيسي ۾ به هزار رپيا وجهندو ويو هو. مون هن کي چيو هو:

"پيارا! تو ته صفا لٽ ڪرائي ڇڏي"

هو مُرڪندو هليو ويو هو. اسان هڪ هڪ چڪن برياني جي پليٽ کائي فليٽ تي واپس آيا هئاسين. مان بيگ مان ٽرائوزر ۽ ٽي شرٽ ڪڍي واش روم ويو هوس، جيئن ڪپڑا بدلائي باهر نڪتو هوس، ته توکي ڏٺو هوم. تنهنجو ڪنڌ هيٺ هو. تون بيحد اُداس ٽي وئي هئينءَ، مان جيئن تنهنجي ويجهو ٽيو هوس، ته تون روئندي منهنجن پيرن تي ڪِري پئي هئينءَ. توکان ڳوڙهن جو مينهن وَسڻ شروع ٽي ويو هو. تو مون کي ٻاڌائيندي چيو هو:

"منصور! مون يتيم اڳ ۾ ئي ڏاڍا ڏُک ڏٺا آهن، مون سان دوکو نه ڪجانءِ، ءِ..... ءِ... مون کي Exploit نه ڪجانءِ، مان..... مان....."

تون سُڏڪي پئي هئينءَ. منهنجي مٿي ۽ دل تي جڙ هاٿيءَ جي لت اچي وئي هئي. مان توکي ٻاڪر پائي چنبڙي ويو هوس. ۽ توکي چيو هوم:

"واهہ جانان! واهہ! تون مون کي بہ روايتي ماڻهو ٿي سمجهين! مان توکي Exploit ڪندس؟"

"تون صحيح ٿو چئين مُنا! پر مان نانگن جي کاڌل آهيان، اُن ڪري هاڻي نوڙيءَ کان بہ ڊجان ٿي."

منهنجون بہ اکيون پرجي آيون هيون، آواز گهگهو ٿي ويو هو، ڳيتن مان ڳيتون پئي ڏٺم. نڙي ڏاڍي ڏُکي رهي هئي. مون توکي چيو هو:

"مون تي يسين رک جانان! مان اهڙو ڪجهہ بہ نٿو ڪري سگهان. تون انهن سيني شين کي وساري ڇڏ!... هڪ ڏينهن اسان شادي ڪنداسين، ۽ هميشہ هميشہ لاءِ اهڙين بچڑين ڳالهين کان پنهنجو پاند آجو ڪرائيندا سين."

پوءِ مون پنهنجن هٿن سان تنهنجا ڳوڙها اُگهيا هئا. منهنجي متي ۾ ڏاڍو سُور پيو هو. مان پنهنجا ٻئي هٿ متي کي ڏئي بيڊ تي ويهي رهيو هوس. توکان بہ منهنجي اها حالت ڏٺي نہ ٿي هئي. تو اچي منهنجي هنج ۾ ويهي مون کي ڇڪي ياکي پاتي هئي، ۽ مون کي چيو هيئي:

"منا ڇئہ هاءِ هاءِ!"

درد جي اها سَٽ گهٽ ٽيڙ لڳي هئي. جيئن ڪنهن بيابان صحرا ۾ ڪنهن اُجي مسافر لاءِ پاڻيءَ جو مٽو چشمو ڦُٽي نڪرندو آهي، تيئن درد جي ان ڊگهي بيابان صحرا ۾ مون لاءِ سڪون جو هڪ احساس اُپريو هو. مون چيو هو:

"هاءِ هاءِ"

"دل ٺريا"

"دل ٺري."

"مَنُ ٺريوا"

"مَنُ ٺريو."

"مٺي جانو مُنوءَ سان."

"مِٺيءَ جانان سُنڊيا سان."

"هونهہ هونهہ هونهہ..."

تون ڪِلي پئي هئينءَ، ۽ مون کي ياکر ۾ ئي بيڊ ڏانهن زور ڏئي ليٽائي ڇڏيو هيئي. ان ئي لمحي تون منهنجن ڳلن، اکين، نڪ، ڪاڌيءَ ۽ چپن تي چُميون ڏئي رهي هئينءَ. چُ...چُ... جا سرگمي آواز ڪمري ۾ گنگنائجي رهيا هئا. ڪجهہ منٽن کانپوءِ تو مُرڪندي پڇيو هو:

"چو اڙيا! تون چُميون نہ ٿو پائين؟ مان نٽي وڻانءِ چا؟"

"مان تنهنجي هينان ڏسيو پيو آهيان، ۽ تو ڇمين جي برسات لائي ڏني آهي. مون کي موقعو ڏين، تہ مان بہ ڇميون ڏيان نہ؟"

"ها ها ها... ها ها ها..."

تون ٿهڪ ڏئي ڪِلي پئي هئينءَ ۽ منهنجي ڳل تي پنهنجن ڇپن سان هلڪو ڇڪُ هنيو هيئي. مون توکي ياد ڏياريو هو:

"وچ جانان! ڪپڙا چينج ڪري اچ، نہ تہ گهنججي ويندئي."

"اوڪي."

تون ٽِپ ڏئي اُٿي هئينءَ، تو ۾ ڏاڍي ڇُستي اچي وئي هئي، پنهنجي بيگ مان نائيٽ ڊريس ڪڍي هيئي، جيڪا پنجن منٽن ۾ وڃي تون متائي آئي هئينءَ، تون Skin رنگ جي شميس ۽ Nighty ۾ هئينءَ، تنهنجون سڇيون ٻانهون، ڪُلها ۽ سينو ظاهر هئا، ان اسڪن رنگ جي شميس ۾ شرمائيندي ۽ مُسڪرائيندي اچي منهنجي اڳيان بيٺي هئينءَ، مون کان لفظ ڇڏائجي ويا هئا:

واهہ...! چوري چا تہ حَسين پئي لڳين...!

تو شرمائيندي ٻيڊ تي ٽپو ڏيندي چيو هو:

"هَل ڪِنا!"

مون توکي ياڪر پائي، تنهنجي ڳل تي چُمي ڏيندي چيو هو:

"اڄ منهنجي دل شدت سان ٽي چئي، تہ پاڻ تمام جلد شادي ڪري ڇڏيون."

"هونهہ هونهہ هونهہ..."

تون ڪِلي پئي هئينءَ، ۽ پڇيو هيئي:

"چو؟"

"چو؟ بس ڪنٽرول نہ ٿو ٿئي يارا!"

"ها ها ها ها ها..."

اسان ٿهڪ ڏئي ڪِلي پيا هئاسين. تو چيو هو:

"پر اسان کي شاديءَ تائين ڪنٽرول ڪرڻو پوندو."

"سُٺي ڳالهہ آهي."

پوءِ اسان جي چُمين جا هلڪا هلڪا سرگمي آواز ڪمري ۾ جهمريون پائڻ لڳا هئا. مون کي اڪثر محسوس ٿيندو هو تہ تون وڏي جنوني عاشق آهين، توکي مون کي چُمڻ لاءِ رڳو هڪ نہ پر گهٽ ۾ گهٽ پورا ست جنم ڪپن ۽ گهٽ ۾ گهٽ بہ ٽي پورا جنم مون کي بہ ضرور ڪپن. تو مون کان پڇيو هو:

"جانو! چا ٿو سوچين؟"

"سوچيان ٿو ته لڳي ٿو توکي مون کي چُمڻ لاءِ هڪ جنم بنهه ناڪافي آهي، ان لاءِ توکي گهٽ ۾ گهٽ پورا ست جنم کپن."

"...Ohh yes, you are right، ست جنم چُميون ڏيڻ لاءِ کپن، ست جنم پاڪيون پائڻ لاءِ، ست جنم توسان ٺهڪ ڏيڻ لاءِ، ست جنم تنهنجي خدمت ڪرڻ لاءِ، ايئن هڪ ڀگهي لست آهي جانو!"

مان ڪِلي پيو هوس، ته توورِي هڪ چُمي پائي ورتي هئي.

"چڱو پلا! ٿوري ننڊڙي ڪري وٺون؟"

"ٺيڪ آهي."

پوءِ تون پنهنجو ڳل منهنجي ڳل تي رکي مون کي پاڪي پائي سمهي پئي هئينءَ. چت وارو پکو هلي رهيو هو. اسان ڪمبل اوڍي سمهي رهيا هئاسين. ڏاڍي پُرڪيف ننڊ جا ڪيپ چڙهي رهيا هئا. ڪجهه وقت ڪانپوءِ اسان ننڊ جي هندوري ۾ لُڏي رهيا هئاسين.

شام جو پنجين وڳي اسان ننڊ مان جاڳيا هئاسين. ٿورو ڀرو ٿي ويل پاڪر وري چڪجي ويو هو. ڪجهه منٽ ايئن ئي سڪون وٺندا رهيا هئاسين. پوءِ هٿ منهن ڌوئي ڪپڙا بدلائي Schon چورنگي واري شاپنگ مارڪيٽ هليا هئاسين. مان توکي Chase وارن جي دڪان تي وٺي هليو هوس، جتي جيڪٽن جي سيل لڳل هئي، اتان مون توکي نو سئو نانوي روپين ۾ هڪ بخملي جيڪٽ وٺي ڏني هئي، توکي اها جيڪٽ ڏاڍي وٺي هئي. اتان کان پوءِ اسان جي اڳئين منزل Sea View Point هئي. پاڻ ٽيڪسيءَ ۾ چڙهي سي ويو پڪنڪ پوائنٽ پهتا هئاسين. شام وقت آسمان ۾ لالاڻ هئي. سج لهڻ وارو هو. شام وقت سمنڊ جي ٺڏڻيءَ هوا اسان کي ويتر رومينٽڪ بڻائي ڇڏيو هو. لهرن جي پرسان بيهي، سمنڊ ۾ سج لهڻ جي منظر کي ڏسندي چيو هيئي:

"What a Romantic view sweet heart!"

Oh yes! You are right darling!"

تو وَرَ ڪٽندي پنهنجو سينڊل لاهي هٿ ۾ کنيو هو، ۽ مون کي چيو هيئي:

"هل لاهه پنهنجو بوٽ، پنهنجا ور ڪر، ٿوري دير لاءِ لهرن ۾ گهمنداسين."

مون توکي چيو هو:

"يار! سمنڊ ۾ ڪيڏا هوندا آهن، چڪ نه پائين!"

تو پيار واري ڪاوڙمان مون کي ڏسندي چيو هو:

"ايئن ٿو لڳي جڙ تون چوڪري هجين ۽ مان چوڪرو هجان! هل هاڻي گهٽي مستي نه ڪر! لاهه بوٽ، نه ته وري..!"

مان تنهنجن ڏڪن تي اڪثر ڪِلي پوندو هوس، ڪِلندي چيو هوم:
"حاضر ملڪ عاليہ حاضر!"
تنهنجي چهري تي فاتحانہ مُرڪ اچي وئي هئي. ايتري ۾ رابيلن جا گجرا ڪپائيندڙ هڪ چوڪرو اچي بيٺو هو. هن چيو هو:
"سائين! بيگم صاحبہ لاءِ گجرا ونو."
مون توکي ڏٺو هو. تنهنجون نظرون گجرن ۾ هيون، ۽ تون خوشيءَ مان مُرڪي رهي هئينءَ. هن چوڪريہ گجرا مون ڏانهن وڌائيندي چيو هو:
"ويهہ روپيا سائين!"
مون هن کي ويهہ روپيا ڏئي جيئن گجرا ورتا هئا، تہ تو پنهنجي ساڃي هٿ جي مُٺ بند ڪندي چيو هو:
"هڪ هن ٻانهن ۾ پاراءِ."
"ٺيڪ آهي."
مون جيئن هڪ گجرو توکي ٻانهن ۾ پارايو هو تہ تو پنهنجو هٿ وارن ڏانهن ورائيندي چيو هو:
"هاڻي ٻيو گجرو چوٽيءَ ۾ پاراءِ."
مون خوش ٿيندي چيو هو:
"ٺيڪ آهي، منهنجي مٺي!"
مون جيئن ئي توکي گجرا پارايا هئا، تہ تو چيو هو:
".I love you Munna! ... "ائي
"I Love you too."
"I love you so much!"
"Me love you so much too!"
"منا! دل ٿي چئي، تہ چُمي ڏئي ڇڏيانءِ."
"مهرباني! هيڏا ماٺو بيٺا آهن."
"هل! هاڻي تہ لهرن ۾ پير پُسائي گهمون."
"هل!"
سج لهي چڪو هو. اوندهہ ٿيڻ کان اڳ ئي وڏيون سرچ لائيٽون ٻري چڪيون هيون. انهن لائيٽن جي تيز روشنيءَ اسان جي چهرن کي ويتر اڇو ڪري ڇڏيو هو. تو منهنجي چهري کي ڏسندي چيو هو:
"آئي منا! تون ڇا تہ لڳين ٿو؟"
"۽ تون ٻہ جانان! ڏاڍي حَسين ٿي لڳين!"

اسان مُرڪندا ڪِلندا لهرن جي بلڪل پرسان هلي پهتا هئاسين، هڪ تيز لهر اسان ڏانهن جهاز جي رفتار جيئن وڌندي ٿي آئي، ان لهر جيئن ئي اسان جا پير ڇُهيا هئا، تہ پاڻ ڪان گڏيل طور آواز نڪتا هئا:

"آئي... ايڏو تڏو پاڻي!"

"ها ها ها..."

تنهنجي منهنجي گڏيل ٿهڪن جا پڙاڏا سمنڊ مان پري ڪان ايندڙ لهرن سان ٽڪرائجي ويا هئا. اسان ڪناري سان لهرن ۾ ڪيترو ئي وقت هٿن ۾ هٿ ڏئي پنڌ ڪندا رهيا هئاسين، جڏهن اسان ماڻهن جي نظرن کان ڪجهہ پريرا ٿيا هئاسين، تہ تو منهنجن ڳلن، اکين، نڪ، ڪاڌيءَ ۽ چپن تي چُمين جو مينهن وَسائڻ شروع ڪيو هو. هن پيري جڏهن تنهنجا چپ منهنجي چپن تي پهتا هئا، تہ مون ۾ ڪيترين ئي چُميون ڏنيون هيون. سمنڊ تي اهي اسان جا سڀ کان مست لمحا هئا. پوءِ هٿن ۾ هٿ ڏئي پاڻيءَ کان ٻاهر آيا هئاسين. تو اُٺ تي ويٺل جوڙي کي ڏسي چيو هو:

"جانو!"

"جيءُ جانان!"

"اسان ۾ اُٺ تي چڙهنداسين."

مون توکي ڪِلندي چيو هو:

"مون جهڙي ٽُلهي متاري شخص کي اُٺ تي چاڙهي، چو تي ويچاري اُٺ سان ظلم ڪرين؟ ڪٿي اُٺ جي چيلهہ نہ ڀڄي پوي!"

"ها ها ها..."

پاڻ ٿهڪ ڏئي ڪِلي پيا هئاسين، مان اُٺ جي اڳئين حصي تي ۽ تون پُٺئين حصي تي ويٺي هئينءَ، جيئن اُٺ اُٽيو هو تہ تون مون کي پُٺيان ٻاڪر پائي چنبڙي وئي هئينءَ. مون توکي چيو هو:

"واهـ! هم تو گرين گي صنم!، تم ڪوپي لي گرين گي!"

"ها ها ها..."

اسان ٿهڪ ڏئي ڪِلي پيا هئاسين، اُٺ جي لوڏن تي ڪِلي ڪِلي پيٽ ۾ سُور پئجي ويا هئا، پوءِ جڏهن اُٺ ڊوڙيو هو تڏهن ۾ ڏاڍو مزو آيو هو. اُٺ تان هيٺ لٿا هئاسين، تہ چيو هيئي:

"خدا خوش ڪندئي مُنا! تو ڏاڍا مزا ونرايا آهن."

"تنهنجي خوشيءَ ۾ ئي منهنجي خوشي آهي جانان!"

"تون ڪيڏو نہ پيارو آهين مُنا!"

"اصل ۾ پياري تون آهين، جنهن جي ڪري ٻئي خوش آهيون، نه ته مان ڪڏهن به First Step نه وٺان ها."

ايتري ۾ منهنجي موبائيل فون تي مراد جي ڪال اچي وئي، مون فون اٽينڊ ڪندي چيو هو:

"ها پيارا!"

ڪِلندي پڇيو هئائين:

"ڪِٿي آهيو؟"

مون به ڪِلندي جواب ڏنو هو:

"سمنڊ تي."

"واهه واهه! ڏاڍو سُٺو. گهٽي دير ۾ ٽا اچو؟"

"بس هاڻي اُٺ تان لٽا آهيون. ٽيڪسيءَ ۾ چڙهي پهچون ٽا."

هو ڪِل ۾ ٻُڌجي ويو هو.

"اُٺ تان؟"

"ها! چو؟"

"بس بابا... توهان انگريز آهيو!"

ڪِلندي چيو هوم:

"اهو ته آهيون."

"بس هاڻي اچو ٽا نه؟"

"ها! ڏهن پندرهن منٽن ۾ اچون ٽا."

"ٺيڪ آهي."

تو پڇيو هو:

"چا پئي چيائين؟"

"چيائين پئي ته انگريز آهيو."

تو چيو هو:

"!No Doubt... اهو ته آهيون."

پاڻ ٽيڪسيءَ ۾ چڙهي مراد جي فليٽ تي پهتا هئاسين. ڪجهه منٽن ڪانپوءِ ڊنر لاءِ بوٽ بيسن هليا هئاسين، جتي هن اسان جي ڏاڍي پُرتڪلف دعوت ڪئي هئي. پوءِ اسان تقريبن هر مهيني ڪراچي هلي ايئن مزا لُٽيندا هئاسين. مراد اسان جي پيار ۾ ڪمٽمينٽ کي ڏسي ڏاڍو خوش ٽيندو هو. ان رات هو پنهنجي فليٽ جي ٻئي ڪمري ۾ سُتو هو. ۽ تون ۽ مان سڄي رات پاڪرن ۽ هڪٻئي تي چُمين جا وسڪارا لائي ڏنا هئا.

5

وقت هو جو تيز هوا جيئن گذرندو پئي ويو تي سال جڙ اک چنپ ۾ گذري ويا هئا. انهن ٽن سالن ۾ جيڪي وڏا وڏا ٿهڪ ڏئي ڪِليا هئاسين، پوءِ ۽ مشڪريون ڪيون هيون سين، وڏا وڏا ۽ ڊگها ڊگها لکين ياڪرپاتا هئاسين: ۽ هڪٻئي کي جيڪي ڪروڙين چُميون ڏنيون هيون سين، ان مان لڳندو هو جڙ اهو وقت هڪ حُسناڪ خواب هجي. هڪ ڏينهن تو چيو هو:

"جانو! اڇڪلهه مون کي هڪ ڏاڍو ڊپ لڳڻ لڳو آهي."

"چا جو ڊپ جانان؟"

"سوچيان ٿي: ڪٿي اسانجي پيار کي ڪنهن جي نظر نه لڳي وڃي."

"واهه جانان واهه! تون به نظر لڳڻ جهڙن فرسوده خيالن تي يقين رکندي آهين؟"

"چا ڪريان منهنجا مٺا! ان ۾ منهنجو ڪوبه ڏوهه نه آهي، پيار ماڻهوءَ کي وهمي ۽ ڊڇڙو به بڻائي ڇڏيندو آهي."

مون تنهنجي هٿ کي پڪڙي، ان کي چُمندي چيو هو:

"جانان! تون ڪا ڳڻتي نه ڪندي ڪر، مان تو ان گڏ آهيان نه؟"

"اهو ته ٺيڪ آهي مٺا! پر هر ڪو اسان جي پيار ۽ Understanding جي تعريف ٿوڪري، ان ڪري وهم ٿي پيو آهي."

تون وهم نه ڪر جانان! تون پنهنجي پيار تي يقين رک، اسان جي پيار ۾ ڪا کوٽ نه آهي، اسان ضرور هڪ ٿيندا سين."

"ها..."

تون سوچ ۾ ٻُڏي وئي هئينءَ، پوءِ سوچيندي چيو هيئي:

"جانو!"

"جيءُ جانان!"

"ٻڌ! پاڻ مڱڻو ڪري ڇڏيون؟"

"ڏس جانان! مڱڻو ڪرڻ ۾ ڪو هرج نه آهي، پر سڄو مسئلو معاشي آهي. مان جيڪڏهن هن حالت ۾ گهر وارن کي مڱڻي لاءِ چوندس، ته هو باهه ٿي ويندا، ۽ اسان کي الڳ ڪرڻ جي هر وڏي ڪوشش ڪندا."

"هڪ نه هڪ ڏينهن ته پاڻ کي شادي ڪرڻي آهي نا؟ پوءِ به ته هو اسان کي الڳ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا نه؟ پوءِ...؟"

"پوءِ جانان! ڳالهه ٻي هوندي، پڙهائي پوري ٿيڻ کان پوءِ اسان ٻئي نوڪرين ۾ هونداسين، پوءِ اسان کي ڪنهن جي ڪهڙي پرواهه هوندي؟ جيڪڏهن ڪو ڪاوڙيو ته چونداسين ڀلي ويجي ڪاوڙجي، پر هينئر ته پاڻ ايجان شاگرد آهيون، مائٽن تي Dependent آهيون، تون رڳو تصور ڪر، جي گهران اسان جو خرچ بند ٿئي، ته پوءِ؟"

تون روٺڻهارڪي ٿي پئي هئينءَ. مون توکي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو هو:

"جانان! Please try to understand، ايجان ان ۾ ڪجهه دير آهي، وقت ۽ حالتن جي نزاڪت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر پليز!"

"منا! فرض ڪر، جيڪڏهن فائنل ڪانپوءِ تنهنجي گهر وارا راضي نه ٿيا، ته پوءِ؟"

"پوءِ مان تنهنجي ڪري گهر وارن کي ڇڏي ڏيندس."

"سچي؟"

"سچي."

تو پنهنجي چهري تان اُداسي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. منهنجي به من تان بار لهي رهيا هئا.

5.1

هڪ ڏينهن شام جو سج لٿي پاڻ علامہ آءِ آءِ قاضيءَ ءِ ايلسا قاضيءَ جي مزارن جي پرئين پاسي ويٺا هئاسين. تون منهنجي ڪلهي تي پنهنجو سر رکي ويٺي هئينءَ. ان ڏينهن تنهنجو موڊ نيڪ نہ هو. ڪجهہ اُداسيءَ ءِ رکائيءَ مان چيو هيئي:

"جانو!"

"جيءُ جانان!"

"مون کي نئين سِر وٺي ڏي"

"چو جانان!"

"اسان جي ڳوٺ جو هڪ چوڪرو نورو منهنجو سِرُ کائي ويو آهي."

حيرانگيءَ ءِ پريشانيءَ مان چيو هوم:

"اڙي پٺان! چو؟"

"ننڍپڻ کان منهنجي پٽيان لڳل آهي، جنهن اسڪول ۾ مان پڙهندي هيم. تہ روز ان جي بہ گيٽ تي اچي بيهندو هو. جنهن سينٽر ۾ پڙهندي هيس، اُتي بہ اچي نڪرندو هو. هاڻي يونيورسٽيءَ ۾ اچي داخلا ورتي اٺائين. ڪال ڪري ٿو تہ مان رسيو نہ ٿي ڪيانس. باقي ايس. ايم. ايس ڪري سِرُ کائي ويو آهي."

مون سوچيندي چيو هو:

"هونهہ... هاڻي هيئن ڪر، هن کي چئہ تہ ادا مان منصور سان پيار ڪندي آهيان."

تو ڪِلندي چيو هو:

"ادا!... هڪ دفعي چيومانس، رڙين ۾ شروع ٿي ويو ته مون کي ادا نه چئہ."

"Oh!Its too much serious matter"

"هونهہ...!"

"پوءِ چا ڪجي؟"

"چڏينس، ڏوڙ وجهينس منهن ۾... توسان گڏ ۽ ٿي دفعا ڏسندو ته پاڻ ئي پڇي ويندو."

"ٺيڪ آهي، پر...!"

"چيم نه چڏينس، ڏوڙ وجهينس."

مان پريشان ٿي ويو هوس. تو چيو هو:

"منا! منهنجا منا! پريشان نه ٿيءُ نا"

"هان...! ها."

"اڇ مون کي ياڪي پاءِ ته هاءِ هاءِ ڪريون."

مون توکي ياڪي پاتي هئي، ته چيو هيئي:

"چئہ هاءِ هاءِ!"

"هاءِ هاءِ"

"دل ٺريا"

"دل ٺري"."

"مَنُ ٺريو!"

"مَنُ ٺريو."

"مٺي جانو مُنوءَ سان."

مِٺيءَ جانان سنڌيا سان."

مان اُداس مُرڪ مُرڪيو هوس، ته تو منهنجي ڳل تي چُمي پائيندي چيو هو:

"منهنجا مِٺا مُنا! منهنجا سهٽا! پريشان نه ٿيءُ نا"

"هونهہ... الاءِ چو مون کي ڏاڍو ڊپ ٿو ٿئي جانان! مان ڊڃان ٿو ته ڪٽي تون مون کي..."

"او منهنجا جانو! او منهجا گُڏا! ايئن نه ڪر نا...منهنجو هيانءُ ڦاٽي پوندئي! چگو! اڇ ته چم چم ٿا کيڏون!"

مان اُداسيءَ جي گهيري ۾ هوس. تو منهنجي هٿن سان تاڙيون وڄائيندي چيو هو:

"چم چم چم."

مون به اُداس مُرڪ مُرڪندي چيو هو:

"چر چر چر."
"تتلي اُڙي، اُڙ نہ سگي."
"تتلي اُڙي، اُڙ نہ سگي."
"بس ۾ چڙهي، سيٽ نا ملي."
"بس ۾ چڙهي، سيٽ نا ملي."
"ڊرائيور ني ڪها آجا ميري پاس."
"ڊرائيور ني ڪها آجا ميري پاس."
"تتلي ني ڪها چل بدمعاش."
"تتلي ني ڪها چل بدمعاش!"
تون مون کي پيٽ ۾ ڪتڪتايون ڪيندي ۽ ٿهڪ ڏيندي چئي رهي هئين:
"بدمعاش، بدمعاش، بدمعاش!"
مان به اُداس ٿهڪ ڏئي ڪِلي پيو هوس، ايئن ڪيترائي ڏينهن گذرندا رهيا هئا.
پوءِ مان توکان اڪثر ان چوڪري جي باري پڇندو هوس:
"جانان! هو توکي تنگ ته نہ ٿو ڪري؟"
"نہ نہ... هن جي ڪري تون ته پريشان نہ ٿيءُ نہ منا!"
"توسان پيار ٿو ڪريان جانان! پريشان ڪيئن نہ ٿيندس؟ اها پريشاني ته Natural آهي."
"تون پريشان چو ٿو ٿئين؟ مان ته توسان پيار ٿي ڪريان نہ؟"
"ها... اهو ته ٺيڪ آهي، پر..."
"تون پنهنجي پيار تي يقين رک منا!"
"اهو ته آهي، پر..."
"پر ڇا؟"
"پر دنيا وڏي ظالم آهي سنڌيا!"
"تون صحيح ٿو چئين، پر تون مون تي يقين رک."
مان تنهنجي هنج ۾ پنهنجو منهن ورکي لان ۾ ليٽي پيو هوس.

5.2

انهن ڏينهن ۾ مان توکي رات جو ڪال ڪندو هوس، ته تون اڪثر ڪال Receive نه ڪندي هئينءَ، منهنجي مٿي جون رڳون تيز ڌڙڪڻ شروع ٿي ويندیون هيون، بلڊ پريشر هاءِ ٿيڻ لڳندو هو. مان ڏهن پندرهن منٽن تائين توکي وري وري ڪال ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو هوس. مس وڃي تون فون کڻندي هئينءَ.

"هيلو! جانو!... معاف ڪجانءِ، يار واش روم ۾ هئس."

"چڱو... ٺيڪ آهي، تون ڪيئن آهين؟"

"بهترين! ڪيئن فون ڪيئي؟"

"ايئن ئي..."

"هونهه..."

"جانان!"

"جيءُ جانو!"

"Do you love me?"

"Of course! I love you!"

"تون مون کي ڇڏي ته نه ويندينءَ نه؟"

"مان توکي ڇو ڇڏيندیس، منهنجا مِٺا!؟ منهنجو تو ۾ ساهه آهي، توکي ڪيئن ڇڏيندیس!؟"

"سچي؟"

"سچي، منهنجا ساهه!"

"چڱو پلا، هڪ Kiss ڪر!"

"هونهه هونهه هونهه... تون صفا چريو آهين!"
"اهو تہ آهيان."
"چڱو پلا! هون... مُ..."
"ها ها ها..."
اسان کِلي پوندا هئاسين، پوءِ مان توکان پڇندو هوس:
"اسان بہ صفا چريا آهيون نہ؟"
تون چوندي هئينءَ:
"ها! اهو تہ آهيون!"
"ها ها ها..."
"ڪِني!"
"ڪِنا!"
"مِني!"
"مِنا!"
"پياري!"
"پيارا!"
"ساهہ."
"ساهہ!"
"سهڻي!"
"سهڻا! گُڏا! جانو!"
"گُڏي! جانان!"
مان ڏُک مان ڪِلندو هوس.
"هونهه... هونهه... جانان!"
"هونهه...!"
تون ڇڏي وئينءَ تہ! منهنجو جيئڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو."
"مان توکي ڇو ڇڏيندیس منا!"
"نہ نہ..... مان تہ توکي ايئن ئي ٻڌايان ٿو."
انهن ڏينهن ۾ تون ڏاڍي Absent Mind ٿي وئي هئينءَ، تنهنجو ڌيان الاءِ ڪٿي رهندو هو. مان توکان پڇندو هوس:
"جانان!"
"جيءُ جانو!"
"ڇا ٿي سوچين؟"

"ڪجھ ٻہ نہ."

"نہ نہ، ڪجھ تہ سوچين پئي؟"

"او... ڇا هي جو امان وارا ياد ٿا اچن."

"چگو..."

انهن ڏينهن ۾ مان توکي فون ڪري ڪري ٿڪجي پوندو هوس. تون منهنجي فون، ڪڏهن اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ، تہ ڪڏهن ڪلاڪ ڪانپوءِ، تہ ڪڏهن نہ ڪٽندي هئينءَ، ڪڏهن واش روم جو ٻڌائيندي هئينءَ، ڪڏهن ننڊ اچي وڃڻ جو ڪڏهن ڪنهن جو تہ ڪڏهن ڪنهن جو تنهنجي مون ۾ ڏيان نہ ڏيڻ ۽ مون سان شوخ ٿيڻ ڪري مان ڏاڍو پريشان ٿي ويو هوس، راتين جون ننڊون حرام ٿي ويون هيون، فاطمہ جناح گرلز جمنازيم ۽ علامہ آءِ آءِ قاضيءَ ۽ ايلسا قاضيءَ جي مزارن جي پٺيان ويهندي مان توکي چرين جيئن ڏسندو هوس. چرين جيئن تنهنجن هٿن، ڳلن، اکين، نڪ، ڪاڌيءَ ۽ چپن کي چُميون ڏيندو هوس، توکي ڏسندي ڏسندي منهنجون اکيون پرجي ايندیون هيون، مان توکي ٻارن جيئن چنبڙي چوندو هوس:

"I love you Jana! I love you so much, I can't live without you, I am nothing without you."

"I love you so much too Janu! I can't live without you too, I am also nothing without you dear!"

"پوءِ مون کي چو ٿو محسوس ٿئي، تہ تون هن سان فون تي ڳالهائيندي آهين؟"

تو ٿورڙو چڙ مان چيو هو:

"آئي...! چوان ٿي نہ تہ ناهيانس ڳالهائيندي."

"ٺيڪ آهي..."

تون منهنجين اکين ۾ نهاري رهي هئينءَ، مون توکان وري پڇيو هو:

"تو هن سان فون تي هڪ دفعو بہ نہ ڳالهايو آهي؟"

تو منهنجين اکين ۾ نهاريو ڪانپوءِ، پنهنجون اکيون هيٺ ڪري چڏيون هيون ۽ ڪجھ لمحن ڪانپوءِ چيو هيئي:

"ڪجھ ڏينهن اڳ هن مون کي فون ڪئي هئي..."

مون تنهنجين اکين ۾ ڏٺو هو. تنهنجون نظرون جھُڪيل هيون، تو وري ڳالهائڻ شروع ڪيو هو.

"..... مون.... هن سان ڳالهايو هو....."

منهنجون اکيون ڪُليل ئي رهجي ويون هيون، متي ۾ هٿوڑا لڳڻ لڳا هئا، رڳون تيز ٿي ويون هيون، رت تيز ڊوڙڻ لڳي هئي. تو وري ڳالهائڻ شروع ڪيو هو.

"هن مونکي ڪال ڪئي، مون ڪيس چيو ته مان توسان پيار ڪندي آهيان... هو روئڻ شروع ٿي ويو... چيائين ته هو منهنجي ڪري يونيورسٽي آيو آهي، جيڪڏهن مان هن کي نه ملندس، ته يونيورسٽي ڇڏي ويندو... هڪ ڏينهن ايس. ايم. ايس ڪري ٻڌايائين، ته هو يونيورسٽي ڇڏيو ٿو وڃي، مون کي ڏک ٿيو، ته ڪو شخص منهنجي ڪري چو يونيورسٽي ڇڏي وڃي. مون ڪيس يونيورسٽي ڇڏڻ کان منع ڪئي، هن چيو ته:

'نيڪ آهي، مان يونيورسٽي نٿو ڇڏيان، پر ڪجهه ڏينهن توکي فون ڪندو رهندس ۽ مون سان ڪجهه منٽ ڳالهائجانءِ..'"

اهي جملا ٻڌي منهنجي مٿي تي جڻ رولر هلڻ لڳو هو مون کي مٿي ۾ شديد سُور جي ست اُپري هئي، ڳيتن مٽان ڳيتون ڏيڻ شروع ڪيون هيم. ايئن پئي لڳو جڻ منهنجي نڑيءَ کي ڪنهن سِير ڏني هجي. منهنجي نڑي ڏاڍي ڏُکي رهي هئي، اکيون سڙي رهيون هيون. تو منهنجي اهڙي حالت ڏسي چيو هو:

"مُنا! منهنجا منا! مون کي معاف ڪر! مان وري هن سان نه ڳالهائيندس، هو يونيورسٽي ڇڏي وڃي يا دنيا ڇڏي وڃي، وڃي ڏوڙ پائي، تون بس مون کي معاف ڪر! پليز مون کي معاف ڪر!"

مون کي لڳو هو جڻ ان وقت مان به ڪو جامشوري جو بي جان پٽر ٿي ويو هجان. تون روئي پئي هئينءَ. روئندي چيو هيئي:

"مون سان ڳالهاءِ مُنا! منهنجو هيانءُ نه ڦاٽي پوي"

مون تنهنجا ڳوڙها اُگهندي چيو هو:

"Its okay jana!... خير آهي..."

پر مون کي جيڪو ڏک پهتو هو تنهن جو ڪو ڪاٽو ئي نه هو. ڪنهن جي اعتماد کي جڏهن ڪو ساهه جهڙو پيارو انسان ٽوڙيندو آهي، تڏهن ڪيڏي تڪليف ٿيندي آهي، سا پوڳي رهيو هوس. مان ڪنهن پُرٽي پٽر جيئن پُري رهيو هوس. تو وري ڳالهايو هو:

"I am very sorry Janu! I am very sorry!

مان وري اهڙي غلطي نه ڪندس، تون رڳو مون کي هن پيري معاف ڪر!"

"مون ته توکي معاف ڪيو جانان! پر مون کي شديد ڏک پهتو آهي، ان جي شدت آهستي آهستي گهٽجي ويندي"

"تو مون کي معاف ڪيو نه منا!"

"ها مون توکي معاف ڪيو جانان! پر ٻئي دفعي ايئن نه ڪجانءِ!"

"منهنجي توبهه! منهجا مِنا!"

منهنجي اُداسيءَ لهڻ جو نالو ئي نہ ٿي ورتو. تو مون کي چيو هو:
"اڄ مون کي پاڪي پاءِ."
مان توکي ان ٻار وانگي چنبڙي پيو هوس، جيڪو ڪيترو ئي وقت گم رهڻ کان پوءِ ڇڻ پنهنجي ماءُ جي سيني سان چنبڙي پئي. تو مون کي چيو هو:
"چئہ هاءِ هاءِ!"
مون ڏکاري آواز ۾ چيو هو منهنجي دل پرجي آئي هئي:
"هاءِ هاءِ!"
"دل ٺري!"
"دل ٺري"
"من ٺريو!"
"من ٺريو."
"مٺي جانو منو سان."
"مٺي جانان سنڌيا سان."
مان ڪو وقت بيوسيءَ واري اُداس مُرڪ مُرڪندو رهيو هوس.

5.3

ان ڏينهن جامشوري جو هر منظر ڏاڍو اُداس ۽ بي رونق لڳي رهيو هو. پاڻ چپ چاپ هلي علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي مزارن جي پر ۾ ويٺا هئاسين. مان تنهنجي ڪلهي تي سر رکي ويهي رهيو هوس. تو اُداسيءَ مان چيو هو:

"مُنو!"

"هونهہ."

"امان پنهنجي اڻ پڙهيل پاڻيجي قادر بخش سان منهنجي زوري شادي ٿي ڪرائڻ چاهي."

"چا...!!؟"

مون تي جڻ وڄ اچي ڪِري هئي. تو منهنجي حالت کي ڏسندي، مون کي دلداري ڏني هئي.

"پر تون ڳڻتي نہ ڪر! چيو اٿمانس، تہ جي مون سان زبردستي ڪئي وئي، تہ مان زهر کائي مري ويندیس."

"پر تنهنجي ماءُ کي تنهنجي شاديءَ جي ايڏي تکڙ چو لڳي آهي؟"

"الاءِ يار خبر نہ ٿي پئي؟"

"....."

"پر تون ٻہ تہ مون سان شادي نہ ٿو ڪرين نہ؟"

"مان...!! جانان! تون منهنجي معاشي حالت نہ ٿي ڏسين؟"

"يار! هاڻي هرو ڀرو ان ۾ تنهنجي معاشي حالت جي ڪابہ ڳالهہ نہ آهي."

"اهو تون ٿي چئين جانان!؟"

"ها مان ٿي چوان! تون ڪنهن کان به پُڇندين، ته سڀ توکي ئي غلط چوندا."

"ڳالهه سڀني جي صحيح يا غلط چوڻ جي ناهي. جانان! دراصل مان نڪو چاهيان، ته جن معاشي محرومين ۾ منهنجي استوڊنٽ لائيف گذري آهي، تئين منهنجي اولاد جي به گذري.. مان چاهيان ٿو ته منهنجا ٻار ڀرپور ننڍپڻ ماڻين، ڀرپور استوڊنٽ لائيف گذارن، سُٺن اسڪولن ۾ پڙهن، سُٺو کائين ۽ سُٺو پائين جانان!"

تو مون کي ڪو جواب نه ڏنو هو. شوخيءَ مان نظرون جهڪائي ويٺي هئينءَ.

"جانو! هاڻي سڄي ڳالهه تنهنجي هٿ ۾ آهي، تون جلدي پنهنجي مائٽن کي منهنجي رشتي لاءِ منهنجي گهر موڪل، نه ته امان منهنجو رشتو نورو سان ڪرائي ڇڏيندي."

مان ڏاڍو پريشان ٿي ويو هوس. مان چا ڪريان ها! پنهنجي گهر وارن سان پنهنجي مڱڻي جي ڳالهه ڪيئن ڪريان ها! کا خبر نه پئي پيم. ايئن روز روز تون اهڙين ڳالهين سان اچي نروار ٿيندي هئينءَ، مان توکي سمجهائڻ لاءِ ڏاڍا هيلا هلايا هٿا پر ڪجهه نه وريو هوم. هڪ ڏينهن اچي چيو هيئي:

"منصور! توکي رڳو هڪ هفتي جو وقت اٿئي، جيڪڏهن تون پنهنجن مائٽن کي راضي ڪري منهنجي رشتي لاءِ موڪليو ته ٺيڪ، نه ته امان وارا منهنجي شادي ڪرائي ڇڏيندا!"

"جانان! پليز تون ڪجهه ڪر! توکي خبر آهي، ته مان هڪ هفتي ۾ اهو سڀ ڪجهه نٿو مينيج ڪري سگهان، منهنجي پيءُ جا اسان سان Relations ڪي خاص بهتر نه آهن."

تو رڙ ڪندي چيو هو:

"پوءِ مان چا ڪريان؟... هيڏانهن امان جو اڻ پڙهيل پاٽيجو قادو آهي، هوڏانهن نورو منهنجي پيڙ چئي ٿي، ته هن اڻ پڙهيي قادو جي پيٽ ۾ وري به نورو بهتر رهندئي... مان ته توسان شادي ٿي ڪرڻ چاهيان نه؟ تون نه ٿو ڪرين، ته مان چا ڪنديس؟"

مون سوچيندي چيو هو:

"چڱو نيڪ آهي، مان اڄ رات ڳوٺ وڃي گهر وارن سان ڳالهايان ٿو."

منهنجي اها ڳالهه ٻُڌي تون خوش ٿي وئي هئينءَ.

"زبردست! ايئن تون ڪو قدم ته ڪرڻ! پوءِ ڏس ته ڪيئن پلائي ٿي ٿئي!"

"مان پنهنجي پاران پوري پوري ڪوشش ڪندس جانان! وڌيڪ ڪٿن پاڻ."

"تون ڪوشش ته ڪر! وڌيڪ ڏس، ته پوءِ ڪيئن نه ڪم سولا ٿا ٿين."

"هونهه..."

"مان رات ٻارهين وڳي واري ڪوچ ۾ چڙهي ڪوٽ ويو هوس. امان ۽ ماما وارن کي سمجهايو هوم. هو سمجهي ويا هئا. تہ اهو منهنجيءَ دل جو معاملو آهي. هو ٿي ويءَ تي نوجوانن جي پسند جي شادي نہ ٿيڻ سبب خودڪشيءَ جون خبرون بہ اڪثر ٻڌندا هئا. منهنجي مامي وارن بابا کي سمجهائي ورتو هو. هن ها ڪئي هئي. مان خوشيءَ ۾ چريو پئي ٿيس. اهو بابا جي ٻئي شاديءَ ڪانپوءِ پهريون موقعو هو جو مون کي متس ڏاڍو پيار آيو هو. مون توکي فون ڪري چرين جيئن خوشيءَ مان ٻڌايو هو:

"جانان! Congratulations! بابا وارا پنهنجي مڱڻي لاءِ راضي ٿي ويا آهن. مان اڄ رات واري گاڏيءَ ۾ موٽي ايندس."

"Wow! توکي بہ مبارڪون هجن جانو! تون ڏس نہ! خوامخواهہ پريشان پئي ٿئين."

"ها جانان! تون صحيح ٿي چئين؟"

"جانان! I love you a lot."

"I love you too Janu!"

"I love you so much."

"I love you so much too."

"ڪِني! تون مون کي ايڏي پياري چو آهين؟"

"ڪِنا! تون بہ مون کي ايڏو پيارو چو آهين؟"

"هل ڪوڙي!"

"هل ڪوڙا!"

"جانو!"

"جانان!"

"مٹا."

"مٹي."

"سهٹا."

"سهٹي."

"پيارا."

"پياري"

"گڏا."

"هونهه هونهه گُڏي"

"چُمي ڏيانءِ؟"

"ها ڏي!"

"هون... آ... چُ..."

"ها ها ها..."

ٿهڪ ڏئي ڪِلي پيا هئاسين، تو پڇيو هو:

"پاڪي پايانءِ؟"

"ها پاءِ!"

"هونهـ... آهـ...!!"

"ڪِني!"

"چو؟"

"منهنجون پاسراتيون پڳيون هيئي!"

"ها ها ها... هل ڪِنا!"

"هل ڪِني!"

"جانو!"

هونهـ!"

"پاڻ خوشيءَ ۾ چريا ته نه ٿي ويا آهيون؟"

"ها ها ها... الاءِ؟... مون کي بـ ڪجهـ ڪجهـ ايئن لڳي ٿو."

"ها ها ها..."

"ڇڪو مان سياڻي صبح جو نائين وڳي تنهنجي هاسٽل جي گيٽ تي اچي ويندس."

"ڇڪو نيڪ آهي."

5.4

ان رات مان بس ۾ واپس اچي رهيو هوس، ته مون تو لاءِ الائي ڪيترا خواب پئي ڏٺا. سوچيم پئي، اسان جي شادي يونيورسٽيءَ جي جوڙن مان هڪ يادگار شادي هوندي، سوچيم پئي، ته مان مگٽي واري ڏينهن لاءِ فُل سوٽ سبرائيندس، وري سوچيم پئي، نه نه فل سوٽ نه، پر اچي ڪاٽن جو جوڙو سبرائيندس، هي ڪندس، هو ڪندس، تو لاءِ مگٽي واري ڏينهن لاءِ اسڪن ڪلر جو خوبصورت جوڙو ونندس، جيڪو توکي ڏاڍو ڏهندو. اهو ڏينهن پنهنجي زندگيءَ جو سڀ کان وڌيڪ خوشنصيب ڏينهن هوندو ان ڏينهن پاڻ ڏاڍا خوش هونداسين. اسان جا ويجها دوست ۽ سڄڻ خوش هوندا، اسان جو جيءُ خوش هوندو ۽ پورو جهانُ خوش هوندو. ايئن سوچيندو مُسڪرائيندو ۽ خوش ٿيندو رات جي پهر ۾ اچي ڄامشوري ڦاٽڪ تي پهتو هوس، جتان رڪشو ڪهرائي بوائز هاسٽل پهتو هوس، ان رات رڪشو جيئن سنڌالاجيءَ کان يونيورسٽيءَ اندر گهڙيو هو تيئن دل وڌي ٿي وئي هيم. ڄامشوري جي ٽڏڙين هوائن سان گڏ تون به منهنجن ساهن ۾ سمائجي وئي هئينءَ، رابيلن ۽ رات جي راڻيءَ جي خوشبوءَ سميت تنهنجي خوشبو به منهنجي اندر ۾ اوتجي وئي هئي. مون ڄامشوري جي ٽڏڙين هوائن ۽ رابيلن ۽ رات جي راڻيءَ جي خوشبوءَ کي وڏا ساهه ڪڍي اندر ۾ اوتيو هو. جيئن جيئن رڪشو لَورز پوائنٽ ۽ سينٽرل لائبريريءَ کان ٿيندو بوائز هاسٽل طرف پئي وڌيو تيئن تيئن منهنجيءَ دل پئي چيو مان رڙيون ڪري چوان:

"Sindhia! I love you a lot, Your Munoo loves you unlimited Sindhia! You are mine Sindhia! We will be together for fever!"

رڪشہ جيئن ٻوائز هاسٽل تي پهتو هو تيئن مان خوشيءَ ۾ ٽپو ڏئي ان مان لٿو هوس. جيتوڻيڪ رڪشہ واري اڇڻ جا پاڻ ئي چاليهہ روپيا چيا هئا، پر تنهن هوندي بہ مان ڪيس پنجاهہ روپيا ڏئي اڳتي وڌي ويو هوس. هن سڏ ڪندي چيو هو:

"سائين! بقايا تہ ونندا وڃو!"

مون ڪيس چيو هو:

"رکي ڇڏ پيارا! اڄ مان ڏاڍو خوش آهيان."

"خدا سدائين خوش رکندؤ سائين!"

"مهرباني منهنجا پيارا! وڏي مهرباني."

مان خوشيءَ ۾ جهڙوڪر ٽپا ڏيندو پنهنجي ننڍي ٽيلهي ڪي هوا ۾ اُڇلائي جهپيندو ۽ ڳائيندو پئي ويس:

"عشق اسان وٽ آرائينءَ جيئن، آيو جهول پريءَ
ڪوئي ڪيئن ڪري."

ان ڏينهن سوچيم پئي، ڪاش مون وٽ سج لاهڻ ۽ اُپارڻ جو اختيار اڇي وڃي! هينئر جو هينئر سج اُپاري توسان اڇي ملان! ڪمري ۾ پهچي، الماڙيءَ ۾ ٽيلهي ڪي اُڇلائي خوشيءَ مان رڙڪري چيو هوم:

"Hey Hey! We won Jana! Our true love became success."

ان وقت چيم پئي:

"هاڻي وقت بہ ننڍون ڪندو آرس پچيندو اوباسيون ڏيندو پوءِ ٿو وڃي، ۽ جڏهن چوندو آهيان: 'اي وقت! ٿورڙو آهستي گذر'، تہ روشنيءَ ۽ آواز جي رفتار سان گذري ويندو آهي."

مون موبائيل فون تي ٽائيم ڏٺو هو. چار پئي ٽيا. موبائيل فون تي ساڍي ستين وڳي جو الارم ٽاهي سمهي پيو هوس، ڏنم پئي، تہ ڪٽي اک دير سان نہ ڪُلي، ۽ توسان ملڻ ۾ دير نہ ٿئي. ان رات تو بابت سوچيندي الاءِ ڪهڙي وقت اک لڳي هئم. پر اک ڪُلي ساڍي ستين وڳي هئي. مان ڪلاڪ کن ۾ تيار ٿي، پنهنجي هاسٽل کان نڪري چڪو هوس، سياري جو صبح هو ٿڌيون ٿڌيون هوائون گهلي رهيون هيون. مان جهڙوڪر هوائن ۾ اُڏندو اڇي تو وٽ پهتو هوس. منهنجي دل ٿي چاهيو توڪي پنهنجين ٻانهن ۾ ڪٽي گول ڦيري پارايان ۽ خوشيءَ مان وڌا ٽهڪ ڏيان. مان ڏاڍو خوش هوس، بس رڳو تنهنجي اڇڻ جي دير هئي، منهنجي دل جو ڌڙڪو تيز ٿي ويو هو شايد تون گيٽ تي پهچي چڪي هئينءَ. هڪ منٽ ڪانپوءِ تون مين گيٽ مان ٻاهر نڪتي هئينءَ. منهنجي دل جو ڌڙڪو وڌيڪ تيز ٿي ويو هو. جيتوڻيڪ تون

ڪجھ ئي سيڪنڊن ۾ مون تائين پهچي ويجين ها، پر اهي به ٿي سيڪنڊ به ٻن ٽن زمانن جيئن پئي لڳا. مان تڪڙو اچي تنهنجي اڳيان پهتو هوس. تو هٿ ملائڻ لاءِ وڌايو هو مون ان وقت هٿ ملائيندي تنهنجن نيٽن ۾ ڏٺو هو جن ۾ مون کي پُراسرار شوخي نظر آئي هئي. پاڻ ڪجھ وِکون پنڌ ڪري هلي مارئي هاسٽل جي اڳيان واري مرزا قليچ بيگ لان تي هلي وينا هئاسين. ساڳي پُراسرار شوخي تنهنجين نظرن ۾ ڇهري تي نمايان هئي. مون توکي چيو هو:

"جانان! اسان جو پيار ڪامياب ٿي ويو منهنجي گهر وارا هن ئي هفتي مڱڻي لاءِ راضي ٿي ويا آهن."

تو کو خاص جواب نہ ڏنو هو نظرون جهُڪائي ويٺي هئينءَ مون توکان ڳڻيير ٿيندي پڇيو هو:

"Whats problem Jana?"

تون خاموش هئينءَ. منهنجي سڃي ايڪسائيٽمينٽ مري وئي هئي. مون توکان حيرت ۾ ڳڻيير تا مان پڇيو هو:

"What happened Jana? Tell me please!"

"او... مُنا! رات مون پنهنجيءَ ماءُ سان ڳالهايو..."

"ها جانان! پوءِ ڇا چيو امان؟ مون کي ٻُڌاءِ پليز...!"

"يار...! امان چيو ته تنهنجو رشتو ڏارين ۾ نہ ڪندا سين..."

"What!!"

"ها جانو! امان چيو ته: 'نوري جو پيءُ تنهنجي رشتي لاءِ اسان جي گهر آيو هو چيائين پئي، ته جيڪڏهن سنڌيا جو منهنجي پُٽ سان سڱ نہ ٿيو ته هو خودڪشي ڪري ڇڏيندو. ان ڪري اوهان جيڪو چئو سو ڪريان. پر سنڌيا جو رشتو منهنجي پٽ لاءِ ڏيو.' امان چيو ته: 'مون هن سان انڪار ڪيو ته چيائين ته بدي ۾ هو پنهنجي ڏيءُ جو سڱ ۾ ڏاج لاءِ به لک روپيا ب ڏيندو... پاڻين وارا ڏاڏا خوش ٿيا آهن، ته پئسن سان گڏ سڱ به ملي ٿو ان کان وڌ ٻيو ڇا گهرجي؟' مون امان سان سخت اعتراض ڪيو. هن چيو ته: 'ٺيڪ آهي. هيڏانهن تنهنجي پرپُٽ مامهين جي پُٽ قادر بخش سان ٿي نڪاح ڪرائي ڇڏيانءِ، هو به بدي ۾ سڱ ڏين ٿا. هاڻي وڌيڪ تنهنجي مرضي...' مان چا ڪريان. مون کي ڪجھ به سمجھ ۾ نہ ٿو اچي..."

منهنجين خوشين جو ٻيڙو ٻُڏي ويو هو. ڏاڍو اُداس ٿي ويو هوس. مٿو چڪرائجي ويو هوم. نڙي سُڪي وئي هئم. اکيون پرجي آيون هيون. اُداس ٿيندي توکان پڇيو هوم:

"پوءِ جانان! هاڻي ڇا ڪجي؟"
"هڪ ڳالهه ٽي سگهي ٽي...!"
مون اتاولو ٿيندي پڇيو هو:
"ڪهڙي؟"
تنهنجي اکين ۾ عجيب چمڪ آئي هئي.
"تون منهنجي بدي ۾ پنهنجي پيٽ جو سڳ منهنجي پاءُ کي ڏيندين؟"
مون کان رڙ نڪري وئي هئي:
"What!?"
تو ساڳيو جملو دهرايو هو:
"تون منهنجي بدي ۾ پنهنجي پيٽ جو سڳ منهنجي پاءُ کي ڏيندين؟"
"تون ڪهڙيون ڳالهيون پئي ڪرين؟ توکي شرم نه ٿو اچي؟"
تو ڪاوڙمان چيو هو:
"ان ۾ شرم جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ تون پاڻ هن جي پيٽ سان شادي ڪرين ٿو باقي پنهنجي پيٽ هن کي نه ٿو ڏين؟"
مون توکي ڪو جواب نه ڏنو هو. توکي رڳو هڪ گهڙيءَ تائين ڏسندو رهيو هوس. تو پڇيو هو:
"ڇا ٿو ڏسين؟"
"ڏسان ٿو ته تو اها ڳالهه ڪيئن ڪئي؟"
"ڇو! اتي غيرت ٽي اچئي؟"
"مون کي ان قسم جي بيغير تاڻي غيرت نه ايندي آهي. مان رڳو اهو ڏسان ٿو ته نو اهو سوچيو ته سوچيو پر چئي به ڏنو؟"
"ڇو نه ڇوان؟ تون پاڻ به ته پرائي پيٽ سان شادي ڪرين ٿو نه؟"
"تون صحيح ٽي چئين؛ پر مان جنهن سان شادي ٿو ڪرڻ چاهيان، اها جوکري مون سان پيار ڪندي آهي. مان پڙهيل لکيل آهيان ۽ هن جي ۽ منهنجي عمر ۾ ڪو گهٽو فرق به نه آهي. منهنجي پيٽ جي شادي مان اتي ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندس. جتي هوءَ پاڻ راضي هوندي ۽ تنهنجو پاءُ تون ڇاڻين به ٽي، ته هو ڪاڻ پڙهيل ۽ موالي آهي ۽ منهنجا مائٽ منهنجي رشتي لاءِ ئي الاءِ ڪيئن ضي ٽيا آهن. ته هو بدي لاءِ ڪيئن راضي ٽيندا؟"
"اهو تنهنجو مسئلو آهي منصور! منهنجو نه!"
"ڇا؟ اهو رڳو منهنجو مسئلو آهي، تنهنجو نه؟"

رڙڪندي چيو هيئي:

"هاڻي پلا مان چا ٿي ڪري سگهان؟"

"ڏس جانان! تنهنجي گهر وارا جيڪڏهن رڳو پئسا وٺن، تہ بہ مان ڪوشش ڪريان، ڪم ٿي سگهي ٿو باقي بدي ۾ سڳ جي مان پاڻ ئي خلاف آهيان، ان ادي بدي واريءَ رسم اسان کان اسان جي ننڍپڻ ۽ جواني‌ءَ جا کيترائي خوبصورت سال کسي ورتا آهن... مان پنهنجي خوشيءَ جي ڪري پنهنجي پيٽ کي سوليءَ تي نہ ٿو چاڙهي سگهان."

تنهنجو رويو ڏاڍو جارحاڻو هو تو چيو هو:

"چڱو! هاڻي مان گهر فون ڪريان ٿي، ڏسان تہ هو چا ٿا چون؟ پوءِ تون شام اچجانءِ، تہ وڌيڪ ڳالهائيندا سين..."

مان تو وٽان ڏاڍو اُداس ٿي وريو هوس. مون ڪنهن بہ ريت توکي وڃائڻ نہ پئي چاهيو. منهنجيءَ دل ۾ ڇڪ لڳي ويو هو تون ڏينهون ڏينهن اوپري ٿيندي پئي وئينءَ، مون کي منهنجي پيٽ، ماساتين ۽ ماروٽين، پڻائين جا ڪالهوڪا ڳايل سهرا پئي ياد آيا:

"خوشنصيب آهين اڙي ادا!!
هڪ جيڏي ملي اٿئي،
هڪ جيڏي ملي اٿئي،
پاڻ ڳولي وتي اٿئي،
خوش نصيب آهين اڙي منصور!
دل گهُري ملي اٿئي..."

"هارَ منصور جا مان لاڙئون گهرايان..."

ڪالهہ شام هنن ڪيتري ئي دير تائين سهرا ڳائي جهمريون هنيون هيون، سي ياد ڪري ڏاڍي اُداسي ٿي رهي هئي، مون دل ئي دل ۾ سوچيو پئي.

"جيڪڏهن تنهنجي منهنجي شادي.. نہ نہ ايئن ڪيئن ٿيندو!! تون منهنجي آهين ۽ مان تنهنجو اسان ٻئي هڪٻئي جا آهيون... اسان کي ڪوبہ الڳ نہ ٿو ڪري سگهي، هن پيري جيڪڏهن قدرت مون سان ايئن ڪيو تہ مان آسمانن سان بہ وڙهي پوندس... مان تنهنجي ماءُ ڏانهن تنهنجي مرحوم پيءُ جي ڪامريڊ دوستن کي ميڙ ڪري وڃي وينداس، تنهنجي ماءُ ۽ پائرن اڳيان پنهنجي محبت کي حاصل ڪرڻ لاءِ منٽون ڪندس، پر توکي پاڻ کان الڳ ٿيڻ نہ ڏينداس..."

مان ايئن ئي سوچيندو اچي پنهنجي ڪمري ۾ ڪِريو هوس، منهنجيءَ دل کي ڇڪ لڳو پيو هو، هر هر چپ خشڪ پئي ٿي ويا، بُک جو ڪو احساس ئي نہ ٿيو هو

مان هر ڪرسيءَ تي پئي ويٺم، هر ڪٽ تي پئي ليٽيم، وري اُٿي ڪڙو پئي ٽيم، هر ڇت تي پئي چڙهي ويم، ته وري ڪڏهن هاسٽل جي لان ۾ پئي ويٺم، منهنجيءَ دل کي وڏا اُڇل هئا، اهڙي بيچيني اڳ ڪڏهن ڪانه ٿي هيم. مون کي بار بار لطيف سائينءَ جو هڪ بيت ياد اچي رهيو هو جيڪو توکي ايس ايم ايس ڪيو هوم:

"جاءِ نہ سارو ڏينهن، هينئڙو اوڻي وڃ جيئن،
مون ۾رياں سين نينهن، چنڊ ڪارڻ نہ ڪيو."

ان بيچينيءَ واريءَ حالت ۾ مون سوچيو هو ته اجهو تنهنجو ايس ايم ايس ايندو ۽ تون مون کي دلداري ڏيندينءَ، ته:

"Don't worry Janu! Its all right....."

وري سوچيم پئي، ته چاڻ تنهنجو ايس ايم ايس آيو جنهن ۾ تون لکندينءَ ته:

"مٺا! تون ڳڻتي نہ ڪر، مان ته توسان گڏ آهيان نہ؟"

ڪجهہ دير ايئن پاڻ کي دلداري ڏيندو رهيو هوس، تنهنجو ڪو ايس ايم ايس نہ آيو هو. سوچيو هوم، ته ڪٽي تون آرام ۾ نہ هجين، توکي فون ڪئي هئي، تنهنجو نمبر مصروف مليو هو مون هر منٽ کان پوءِ توکي ڪال ڪئي هئي. تنهنجي فون تان ساڳيو ئي جواب پئي آيو

"Your dialed number is on another call."

مون سمجهيو هو ته تون پنهنجي گهر ڀالهائيندي هوندينءَ، مان ٻن ڪلاڪن تائين ايئن ڪوشش ڪندو رهيو هوس، سمجهيو هوم، ته شايد تون هنن سان ڌڪهي بحث ۾ پئجي وئي آهين، مون کي تجسس ٿي پيو هو ته تو واري گهر وارن الائي ڇا چيو ان ڪري بار بار توکي ڪال ڪري رهيو هوس. تنهنجي موبائيل فون تان ساڳيو ئي جواب پئي آيو.

"Your dialed number is on another call."

ايئن سوچيندو رهيو هوس، مٿي ۾ ڏاڍو سُور پئجي ويو هو. ايئن پئي لڳو جڙ منهنجي دماغ جي حصن کي ڪو پڪڙ سان زور ڏيندو هجي، جنهن سان رکي رکي مون کان رڙ نڪري ٿي وئي. شام جا ساڍا پنج پئي ٽيا، اڄ پهريون پيرو نہ منهن ڏوئڻ ۽ نہ ڪٽي ڏيڻ جو خيال آيو هو. مٿي جي سُور واري ساڳي تڪليف هئي، مان آهستي آهستي هلندو اچي مارئي هاسٽل جي مين گيٽ اڳيان بيٺو هوس. شام جا ڇهہ ٿي چڪا هئا، تون ايجان نہ آئي هئينءَ، مان وڃي لان ۾ ويٺو هوس. پندرهن منٽن کان پوءِ تون بہ اچي وئي هئينءَ، مان اهو چاڻڻ لاءِ ڏاڍو اتاولو ٿي پيو هوس، ته تنهنجي گهر وارن ڇا چيو؟ تون جيئن ويجهو آئي هئينءَ، ته مون توکان پڇيو هو:

"جانان! منهنجي مني! تنهنجي گهر وارن چا چيو؟"

تون طنزيہ مُرڪي هئينءَ، مون ان ڳالهہ جي پرواهہ نہ ڪندي، اتاولو ٿيندي توکان پڇيو هو:

"منهنجي مني جانان! منهنجي ساهہ! تنهنجي گهر وارن چا چيو؟"

تو فخر مان چيو هو:

"هنن چيو تہ جيئن مان چوندیس، تيئن ڪندا."

"Ohh great! Really?

"Yes, really."

مون ڪنهن جي پرواهہ نہ ڪئي هئي، توکي چنبڙي پيو هوس، ۽ توکي زور سان چوڻ لڳو هوس:

"I love you Jana! I love you unlimted, we got success yaar!"

مون تنهنجين اکين ۾ ڏٺو هو جن ۾ فاتحانہ مُرڪ هئي.

"let me call to home and tell them this good news."

"Wait..... wait..... just listen to me, I can't marry you."

مون رڙ ڪندي چيو هو:

"What.....??"

تنهنجن نيٽن ۾ فاتحانہ مُرڪ هئي، ۽ منهنجي اکين ۾ حيرت جي رُڃ هئي، مون توکان وڌيڪ حيرت مان پڇيو هو:

"Are you kidding me?"

"No, I am serious!"

"What are you talking sweet heart! ....."

"Its so simple, I don't want to marry you."

"But why...!?"

تنهنجن چپن ۽ اکين تي فاتحانہ مُرڪ هئي، تو مون کي سمجهائيندي چيو هو:

"ڏس نہ منصورا هيءُ دؤر پنهنجي مطلب جو آهي، هر ماڻهوءَ کي پنهنجو فائدو ڏسڻ گهرجي، توسان شادي ڪرڻ کان بهتر آهي، تہ مان نور محمد سان شادي ڪريان."

"چا...؟؟ اهو تون پئي چئين سنڌيا!؟"

مون تي جڙ ۾ڄ ڪري پئي هئي. مون کي تو وٽان اهڙي جواب جي ڪابہ اُميد نہ هئي. تو چيو هو:

"ها! اهو مان ئي پئي چوان..."

مان ڇا چوان ها؟ ڇا ڳالهايان ها؟ ڪيئن ڳالهايان ها؟ ڪجهه سمجهه ۾ نه پئي آيم. منهنجي دماغ جي Thinking faculty تي ڪو بم اچي ڪِريو هو. مان فقط حيرت مان توکي ڏسي رهيو هوس. تون ڳالهائڻ لڳي هئينءَ:

" هو توکان ته هزار دفعا وڌيڪ بهتر آهي. هو بدي ۾ منهنجي پاءُ لاءِ پنهنجيءَ پيٽ جو سڳ به ڏئي ٿو. منهنجي ڏاج لاءِ پئسا به ڏئي ٿو..."

منهنجيءَ دل کي لڳل ڇڪ گهروٽي ويو هو تون وڌيڪ ڳالهائڻ لڳي هئينءَ:

"اها هڪ ئي پيٽ اٿس. ٻيو اهو پيءُ، جيڪو به ڳوٺ ۾ پنهنجون زمينون سنياليندو... نه گهر ۾ ماءُ هوندس، نه پيءُ، نه پيٽ، نه پاءُ... گهر ۾ اڪيلي ويٺي راڄ ڪنديس... تون رکندي مون کي پنهنجي گهر ۾ اڪيلو؟"

مان توکي ڏسي رهيو هوس. مون تي ڇا پئي گذري. اهو ٻڌائڻ کان مٿي آهي. منهنجا ڳوڙها سُڪي چڪا هئا. ساهه منجهي رهيو هو. نڑي سُڪي وئي هئي. مسلسل ڳيتون ڏيڻ جي ڪري. نڑي ڏُکي رهي هئي. ايئن پئي لڳو جڙ جاڻ منهنجون اکيون نڪري اچي منهنجي جهوليءَ اڳيان ڪريون ۽ نڑي ڦاٽي. تو وري ڳالهايو هو:

"جيڪڏهن تون مون کي اڪيلو به رکين ۽ اهي سڀ شيون به ڪرين. تڏهن به مون لاءِ هو بهتر آهي..."

مون پنهنجيءَ دل تي هٿ رکي آهستي رڙ ڪئي هئي:

"آ...آ...ئي..."

تون ٿوري ڪِلي هئينءَ. ايئن پئي لڳو جڙ تون خوش ٿيندي هجين. ته ڪنهن کي تنهنجي ڪري هارٽ اٽيڪ به ٿي سگهي ٿو...

"چو ته تون مون کي گهر ۾ برابريءَ جي بنياد تي رکندين ۽ هو منهنجو ٻڌو ٻانهو ٿي رهندو."

اهو جملو ڳالهائي تون اُٿي هئينءَ. ته مون تنهنجو هٿ پڪڑي ورتو هو. چيو هيئي:

"مون واري سهيلي گيٽ تي چانهه کٽي آئي هوندي. مون سان ايڏو سُٺو هليو آهين. آخري ملاقات ۾ چانهه ته پياريان ۽..."

مون کان درد مان دانهن ڇڏائجي وئي هئي:

"آهه..... سَنڊيا!..."

تون مون کان هٿ ڇڏايون هلي وئي هئينءَ. مون کي دل ۾ ڏاڍو سُور پئي ٿيو ان وقت منهنجي دل ڏاڍو روئڻ چاهيو هو منهنجي دل پئي چيو منهنجين اکين ۾ جيترا

بہ ڳوڑھا آھن. سي سپ ڳاڙي چڏيان. پر ڳوڑھا ھئا. جي الاءِ ڪيڏانهن هليا ويا ھئا. منهنجون اکيون ستڑيون پئي. منهنجي دل ۾ دماغ ۾ ڏاڍو سُور پئي ٿيو مان لان ۾ ئي ليٽي پيو هوس. تون ڏهن منٽن کانپوءِ موٽي آئي هئينءَ. منهنجي پرسان پهچندي چيو هيئي:

"مري وئين چا...؟"

تنهنجو اهو جملو ٻُڌي دل چيو هو ڪاش اهو ٻُڌڻ کان اڳ مري وڃان ها. پر مان پاڻ سنڀالينديءُ ٿيو هوس. ۽ توکي چيو هوم:

"نہ جانان! جيئرو آهيان..."

منهنجن چپن تي هڪ بيوسيءَ واري ڦِڪي مُرڪ هئي. مان تنهنجي پياري چهري کي غور سان ڏسي رهيو هوس. جيڪو مون کي ڏاڍو اوپرو پئي لڳو. تون ٽِري ۾ بہ ڪوپ ۾ هڪ پاڻيءَ جو گلاس کڻي آئي هئينءَ. مون توکان پڇيو هو:

"اڄ بہ ڪوپ ڇو کڻي آئينءَ. اڄ بہ هن آخري ملاقات ۾ هڪ ڪوپ کڻي اڇين ها."

تنهنجي مُک تي ساڳي فاتحانہ ۽ طنزيہ مُرڪ هئي. تو ٿهڪ ڏيندي چيو هو:

"سوچيم. تہ هاڻي ويچارو هونئن ئي ايئن چانهہ پيئندو ان ڪري هاڻي کان ئي عادت وجهي چڏي"

"اڄ ايئن نہ ڪرين ها. تہ مان ياد ڪريان ها. پاڻ جيترو بہ وقت گڏ رهياسين. هڪ ئي ڪوپ ۾ چانهہ پيئندا رهياسين."

پنهنجي ڪوپ جي چانهہ منهنجي ڪوپ ۾ لاهيندي چيو هيئي:

"هونهہ... ٺيڪ آهي! پاڻ بہ تون مون سان ڏاڍو سُٺو هليو آهين."

"اهو جملو ٻُڌي منهنجي دل ۽ اکيون ڀرجي آيون هيون. مون توکان پڇيو هو:

"جانان!"

"هونهہ...!"

"تون مون کي فقط معاشي سبب جي ڪري چڏيون پئي وڃين؟"

تون هڪ لمحي لاءِ چُپ ٿي وئي هئينءَ. ۽ پوءِ چيو هيئي:

"ڏِسُ نہ مُنا! دنيا ۾ هر شيءِ معاشي حالتن سان آهي. ماڻهوءَ کي اُتاري بہ پئسو ٿو تہ ويهاري بہ پئسو ٿو اسان اڳ ۾ ئي معاشي بدحاليءَ سبب ڏاڍا ڏُک ڏٺا آهن."

"پر جانان! منهنجو مستقبل روشن آهي. مون کي نوڪري ملي ويندي. توکي بہ نوڪري ملي وڃي ها. پاڻ معاشي طور ٺيڪ ٿي وڃون ها."

"مستقبل ڪنهن ڏٺو آهي پيارا! هتي نہ ڪو ماضيءَ کي ڏسندو آهي ۽ نہ ئي مستقبل کي. هتي سڀ حال کي ڏسندا آهن؛ ۽ سچ اهو آهي، تہ هُن جو حال توکان بهتر آهي."

تون مُرڪي رهي هئينءَ، توکان پڇيو هوم:

"پر مون کي جو ڪجهہ امير گهراٽن مان رشتن جي Offer ٿي؛ ۽ اهي مون تنهنجي ڪري ڇڏي ڏنا، معنيٰ مان چريو هوم نہ!؟"

تون ڪِلي پئي هئينءَ ۽ ڪِلندي چيو هيئي:

"No comments..."

مون کي هڪ دفعو وري پنهنجي مفلسيءَ تي بيوسيءَ واري ڦِڪي مرڪ آئي هئي، چيو هومانءِ:

"مون کي يقين نہ ٿو اچي، تہ پاڻ وري ٻيهر نہ ملنداسين."

"هونهہ... چا ٿو ڪري سگهجي!؟"

"توکي منهنجي ياد ايندي؟"

"اها تہ ايندي، پاڻ هيترو ويجهو رهيا آهيون."

"آهہ... ظالم! تون ڏاڍي ظالم آهين؛ مون کي ساهہ ساهہ ڇڏي، منهنجو ساهہ ڪيڏي ڇڏيئي!"

سڄ لهي چڪو هو اوندهہ چانئجي چڪي هئي، تو پڇيو هو:

"هاڻي مان هلان؟ نور محمد کان ايتري ئي اجازت ورتي اٿم."

ان وقت غور ڪيو هوم، تون هن کي نورو چوڙ بجاءِ نور محمد چئي رهي هئينءَ، توکي بيوسيءَ مان ڏسندي چيو هوم:

"ويندي ويندي هاءِ هاءِ نہ ڪندي ويندين؟"

منهنجون الاءِ کهڙيون چڱايون ياد پيون هيئي، تو چيو هو:

"ها..."

"ان کان اڳ ۾ چم چم ڪيڏون؟"

تو چيو هو:

"ٺيڪ آهي."

۽ پوءِ پنهنجا هٿ منهنجن هٿن ۾ ملائيندي چيو هيئي:

"چم چم چم."

مون بہ اُداسيءَ مان گهگهي آواز ۾ توسان گڏ چوڙ شروع ڪيو هو:

"چم چم چم."

"تتلي اُڙي، اُڙ نہ سگي."
"تتلي اُڙي، اُڙ نہ سگي."
"بس مر چڙهي، سيٽ نا ملي."
"بس مر چڙهي، سيٽ نا ملي."
"ڊرائيور ني کها، آجا ميري پاس."
" ڊرائيور ني کها، آجا ميري پاس."
"تتلي ني کها، چل بدمعاش."
"....."

اهو جملو مان چئي نہ سگهيو هوس، ۽ نہ ئي تو پيٽ مر ڪتڪتايون ڪيندي چيو هو. مان ڏاڍو اُداس ٿي ويو هوس. مون وڏيءَ تڪليف سان توکي چيو هو:

"اڙي ظالم! مون کي چڏڻو ئي هيئي، تہ مون سان ايڏو پيار تہ نہ ڪرين ها! مون کي اجان بہ ايئن ٿو لڳي جڻ تون مون سان مذاق ڪندي هجين."

تون چُپ ٿي وئي هئينءَ، ڪجهہ وقت کانپوءِ چيو هيئي:

"منصور! يار تون ڏاڍو سُٹو چوڪرو آهين، هي ڪا سُٹي چوڪري ڳولي شادي ڪري چڏجانءِ... تون ڏاڍو پيارُ ۽ خيال ڪندڙ ۽ باوفا انسان آهين... مون کي توکان ڪابہ شڪايت نہ آهي... تو منهنجو ڏاڍو خيال رکيو مون کي ناهيو ۽ Exploit نہ ڪيو سچي تون گريٽ انسان آهين..."

تون ڪجهہ ڳنيير ٿي وئي هئينءَ. ان وقت مون سوچيو پئي، تہ ان مر تنهنجو کو ڏوهہ نہ آهي. اسان جي لوئر مڊل ڪلاس جي نفسيات مسلسل غير يقينيءَ واريءَ صورتحال مر رهڻ جي ڪري ڏاڍي موقعي پرست ٿي پئي آهي. نہ تہ تون نہ ئي اهڙي بدنيت هئينءَ، ۽ نہ ئي ڪا ايڏي لالچي ۽ ڏوکيباز اهو سڀ تون ان معاشي غير محفوظ ۽ غير يقينيءَ واري صورتحال جي ڪري ڪري رهي هئينءَ.

ٻئي لمحي چيو هيئي:

"منهنجا مٹا! مون کي معاف ڪري چڏجانءِ، مون توسان بيوفائي ڪئي..."

"مون توکي معاف ڪيو جانان! تو مون کي محبتن، احساسن، جذبن، تصورن، منظرن ۽ حُسناکين جون ڪيترين ئي ڪهڪشائون ڏيکاريون، منهجي اندروني حُسن ۽ سمجهہ مر اضافو ڪيو مون کي چڏي ٿي وڃين، ان کان سواءِ توکان مون کي هي ڪابہ شڪايت نہ آهي. شل سدائين خوش ۽ سُکي ستابي هجين."

تو ياد ڏياريندي چيو هو:

"گيٽ بند ٿيڻ وارو آهي."

"Ohh! I see...."

"آخري پاڪي پاءِ، آخري دفعو هاءِ هاءِ ڪريون؟"

منهنجو جڙ هنيانءُ ڦاتي پيو هو. دل چيو هو ٻارن وانگي رڙيون ڪري روئان. منهنجي نڙيءَ ۾ گلين ۾ سُور پئجي ويو هو. منهنجي دل ڏڙڪي نه پئي جڙ هاڻيءَ جي پيرن هيٺان اچي وئي هئي. تو مون کي آخري پاڪي پائيندي چيو هو:

"مُنا! چئہ هاءِ هاءِ."

مون کان درد مان دانهن نڪري وئي هئي

"آهه... ها ها..."

تو چيو هو:

"مُنا چئہ هاءِ هاءِ..."

مون چيو هو:

"هاءِ... هاءِ..."

"دل ٺري"

"آهه... آئي سنڌيا! منهنجي منڌي جانان!"

"چئہ مُنا دل ٺري"

"دل... ٺري..."

"من ٺريو"

"آهه... من ٺريو"

"منڌي جانو! مُنو سان!"

مان پنهنجي اندر ۾ ڦٽڪي پيو هوس:

"منڌي جانان! سنڌيا سان!"

اهو چئي، مان تنهنجن ڳلن، اکين، چپن، نرڙ، ڪاڌيءَ، ڳچيءَ، هٿن ۽ پيرن کي چُمڻ شروع ڪري ويو هوس، چيو هيئي:

"پاڻ سنيال مُنا! پاڻ سنيال! ايئن نہ تون مري ويندين."

"ڪونہ ٿو مران جانان! مان ڏاڍو نرجو ٿي پيو آهيان، سڀ سختيون سهي ٿو وڃان."

"همیشہ پنهنجو خيال رکجانءِ مِنا، ۽ مون کي معاف ڪري ڇڏجانءِ..."

"منهنجي منڌي جانان! سنڌيا...!"

"هونهه..."

"تون منهنجن ساهن ۾ سمايل آهين، مون کي جامشوري جي روڊن، رستن، بڙن، املتاسن ۽ سيني وٽن، گلن ۽ ٻوٽن مان تنهنجي مهڪ پئي ايندي آهي. تون جڏهن ٻہ مون ڏانهن موٽڻ چاهين، موتي اچجانءِ، مون کي سڄي عمر تنهنجو انتظار رهندو."

"منهنجو انتظار نہ ڪجانءِ، مون کي وساري ڇڏجانءِ، مون توسان بيوفائي ڪئي آهي..."

مان ڏٺڪي پيو هوس، دل تي ڪا ڇپ اچي ڪري هئي، اکيون سڙي رهيون هيون، نڙي ڏُکي رهي هئي، تون مون کي هميشہ هميشہ جي لاءِ ڇڏي ويڃي رهي هئينءَ ءِ مان بي جان بڻجي توکي ڏسندو ئي رهجي ويو هوس...

...

تو پچاٹان...

(ناول)

ارپنا

پنهنجي وجود جي سڀ کان وڏي سهاري

پنهنجي منڙي پياري ۽ سڀاجهڙي ماءُ

نواب خاتون

۽

ماءُ جهڙو هڪڙاءُ ڏيندڙ هستي

پنهنجي مهربان ۽ شفيق استاد

سنڌيءَ ٻوليءَ جي منفرد کاڻيڪاره ۽ سگهاري محقق

پروفيسر ڊاڪٽر تهمينا مفتي

جي نالي

پنڌ جيڪو ڪُني ئي نہ ٿو ...

جيون مايا سپنو تنهن ۾ سؤ سپنا
او سپني جا سپنا، ڪنهن کي ڳولين ٿو.
(شيخ اياز)

مايا ڇا آهي؟
مايا ـ مايا تہ
ڪنڇن
ءِ ڪامني ـ
ڪنڇن تہ بي جان مايا ـ آئي تہ خرچ ٿي ويندي
پاڻ تہ 'هٽ جي مـرُ' ـ معنيٰ هوندي بہ ـ
بي معنيٰ ـ
ءِ
ڪامني تہ ـ هزارين معنائون رکي. روح جي راحت ـ In hale ٿيل هجي تہ بہ ڳولها ـ مليل هجي تہ بہ 'مرملان هوت'. ڳولها ءِ ڳولها.
هڪ سون، تہ بي سپنا.
جيون، صرف سپنو.
ائين جئين، منصور ـ 'ڪيف ڏاران ڪوءِ ...' جو سفر طئ ڪري اچي ڏٺو تہ ـ وقت، واريءَ جيان هٿن مان گسڪي ويو ـ واڙو ٿي ويو.
ائين ئي ـ جئين هيمنگوي جي ڪهاڻي The sea change جو ڪردار واڙو ٿي ويو ٿو. جڏهن ڪيس بار روم ۾ سندس محبوبا ڇڏي هلي ٿي وڃي ـ تہ سڄو بدلجي ويو وڃي ـ واڙو ٿي ٿو وڃي ـ ڪايا ئي پلٽجي وئي ـ ساڳيو وايو منڊل هوندي بہ ساڳيو نہ ٿو رهي.

ائين ئي جڏهن منصور کي محبوبا چڏي وئي تہ ساڳيو وايو منڊل ساڳيو نہ رهيو.

"... جامشوري جون هوائون سوڳوار ٿجي ويون ... ڪوئلون ماتمي ٿجي رڙندیون رهيون ... رات جي راڻي ڪافور ٿجي وئي. وڻن سڏڪا پريا ـ خواب ڦٽڪي مئا ـ لڙڪ ٻاڦ ٿي ويا ـ رستو وار کان سنهون، تلوار کان تکو ٿي ويو ـ وک وک تي چيرجي اڏواڏ ٿي ويو..."

صرف ... صرف هوائن ۾ سڏ ئي رهيا.

سنڌيا ... منهنجي ... سنڌيا

سنڌيا تہ هاڻ سپنو آهي. اهو سپنو جنهن کي منصور، هر سفر، هر منڊ ـ هر لمحي ـ هر گهڙي ـ هر هنڌ ڏسي ۽ پسي ـ محسوس ڪري ٿو.

اڳ جڏهن سنڌيا هن کي محسوس ڪيو تہ ڪيڏو خوش ٿيو هو.

"... توسان جئين مليو هوس تہ ٻڌايو هيئي تہ مون محسوس ڪيو تہ اوهان پنهنجي ڪمري کان نڪري چڪا آهيو ـ ان ڪري پوائنٽ تان لهي پيس..."

۽ هاڻ ـ

هاڻ اها، جيڪا هُن کي محسوس ڪندي هئي ـ هُو هن کي محسوس ڪندو هو ـ ٻنهي تہ پاڻ کي مڪمل ڪرڻ جو سوچيو هو تہ ... هڪ اڏ پي اڏ سان ملندو ـ هڪ سرڪل پورو ٿيندو ـ هڪ crest پي Trough سان ملندو ـ هڪ cycle مڪمل ٿيندو پر سيڪنڊ بدلجي ويو ـ

هڪ رات جڏهن ـ مان ۽ منير چانڊيو المنظر تي آياسين تہ هن اشارو ڪندي چيو: 'اِها ڪنڊ ـ اهائي ٽيبل آهي، جتي منصور جي سالگرهہ تي سنڌيا ڪيڪ ڪاٽيو هو ـ گڏجي کاڌو ـ گڏجي تاڙيون وڄايون ـ بچيل ڪيڪ مزدورن کي کارائي دعائون ورتيون ـ

۽ ـ

هاڻ المنظر ـ ٻاهران پناڻ مزدور سوزڪي پري آيا آهن ـ وڏي آواز ۾ ٽيپ رڪارڊ تي پشتو گانا هلائي. ڊانس ٿا ڪن ـ چا ٿا سيليبريٽ ڪن ... ڪا خبر نہ آهي.

منير منهنجي ٻانهن ۾ ٻانهن وجهي روڊ ٽپي ٿو.

هلي ـ اڇي درياهہ جي ڪپ تي ويناسين ـ

سامهون جامشورو پل جون بتيون ٻرن ٿيون ـ چوڌاري بتين جي ڏيارو آهي. جڙ ـ رام سيتا سان گڏ ايودڌ ۾ آيو هجي، بنواس ڪاٽي ـ پر هت منصور وٽ سنڌيا نہ آهي.

هڪ اڏ ـ

هي اڌ ـ کي ڳولهي ٿو.
اوچتو اڌ پل ۾ پرين ڪناري جي بجلي هلي وئي.
اڌ پل روشن
اڌ پل اوندهه ۾. شايد ـ پرين ۾ جو فيڊر ٻيو هجي ـ
اڌ بتيون ٻرن ٿيون.
اڌ حصي جون بتيون اُجهاميل ـ
درياهه
اڌ سڪل ـ
اڌ پريل ـ
اڌ روشن ـ
اڌ اونداهو ـ
آسمان ۾ اڌ چنڊ ـ اڌ چنڊ جو پاڇو پاڻي ۾ ـ ۽ جِهرمر جِهرمر ـ پاڻي لڙڪ ئي لڙڪ ـ
يوناني ڏند ڪٿا جئن:
مرد تڏهن مڪمل ٿيندو جڏهن ان جو اڌ، عورت کيس ملندي.
منصور پنهنجي اڌ کي ڳولهي ٿو
اندر ۾ ئي بنواس.
اندر ۾ سنياس ورتو اٽائين
ان اڌ کي ساري ٿو ـ جنهن سان علامه آءِ آءِ قاضيءَ ۽ مدر ايلسا جي مزار تي گڏ قسم کنيو هئائين.
"..."
"مان سنڌيا."
"مان منصور"
"لطيف سائين."
"لطيف سائين."
"۽ ان جي آدرشي سورمين."
"۽ ان جي آدرشي سورمين."
"جي املهه ۽ مقدس پيار جو قسم کٽي."
"جي املهه ۽ مقدس پيار جو قسم کٽي."
"وچن ٿي ڪيان."
"وچن ٿو ڪيان."

"تہ پنھنجي مڻي جانو منصور سان."
"تہ پنھنجي مڙا جانان سنڌيا سان."
"گڏ جيئندس ۽ گڏ مرندس."
"۽ سڄي زندگي."
"۽ سڄي زندگي."
"هن سان اڃاھ پيار ڪندي."
"هن سان اڃاھ پيار ڪندي."
"هن جي وفادار رهندس."
"هن جو وفادار رهندس."

پر اِهو قسم ـ قسم ئي رهيو.
وفا ڪنهن ڪئي
۽ بيوفائي بہ ڪنهن نہ ڪئي.
منصور تہ اڪيلو هوندي بہ ڏوھہ نہ ٿو ڏيس.
جڏهن سندس دوست مراد کيس چئي ٿو "توکي چڏي سنڌيا وڏي غلطي ڪئي آهي، منصور ...! پنھنجي ان فيصلي تي هوءَ هڪ ڏينهن ڏاڍو پڇتائيندي..."
اتاولو ٿيندي چيومانس.
"ائين نہ چئہ يارا تہ هوءَ هڪ ڏينهن پڇتائيندي. خدا ڪري هوءَ سدائين خوش ۽ آباد هجي."
اصل ۾ سنڌيا Insecure آهي.
ساڳيو المیو ـ منصور جو بہ آهي.
سنڌيا جو پيءُ مري ويو.
تہ هن جي پيءُ بہ ٻي شادي ڪري ـ جڙ منصور جي سڄي خاندان کي ماري چڏيو. تڏهن تہ ٻنهي هڪ ٻي کي پناھ ڏني.
پر جڏهن سنڌيا ٻي هنڌ پاڻ کي وڌيڪ secure سمجهو تہ اوڏانهن هلي وئي.
منصور کي پڙهائيندڙ ميڈم کائنس پڇيو:
"توکي تہ ڪو guilt جو احساس نہ آهي نہ؟ تون تہ هن کي نہ چڏيو آهي نہ...!؟"
"نہ ميڈم."
"شخصي آزادي تہ تون بہ هن کي ڏين ها ـ باقي معاشي حوالي کان ـ هوڏانهن ڪجهہ وڌيڪ فائدو نظر آيو هوندس."
مايا ـ

مايا تہ ڪنچن بہ آهي تہ
مايا تہ ڪامني بہ آهي ـ
سنڌيا ـ ڪنچن جي ڪيہ.
ءِ منصور وري ڪامني جي ڪيہ.
منصور ـ منير آهي.
ءِ منير ـ منصور آهي.
"سائين ... سچ پچو تہ اڄ بہ هن جي ڳوٺ ويندو آهيان ـ انهن پڌن، انهن وٽن، انهن ٻنين ـ تي گهمندي آسيس ملندي آهي تہ جتي ـ ننڍي ٿي وڃي ٿي هئي.
پهريون ويو هئم تہ ـ ڪا خبر نہ پئي تہ
ڪهڙو پاڙو...؟
ڪهڙي گهٽي...؟
ڪهڙو گهر آهي هُن جو...؟
بس ـ قدم هلندا هليا ـ دل ٻڌائيندي هلي ـ آهستي آهستي ـ پاڻ وساري ـ وڃي اتي بيٺس ـ
ها ـ اُن جو ئي پاڙو
ان جي ئي گهٽي ـ
ءِ سامهون هن جي گهر جو در ـ
مير علي نواز ناز تہ سڄي ريل پرائي پرينءَ جي پار پهتو ـ پر مان سڄي ڪائنات اندر ۾ سمائي ـ سامهون بيٺو هئم ـ
پنهنجي اڌ کي ڳولهيان ٿو... پر منهنجي قسمت جي ريکا تہ ان ريلوي لائين وانگر ٽٽي پئي آهي، لڙهي وئي آهي ـ هوڏ ۾ ـ تہ بہ ڳولها آهي. مان 'اکيون پير ڪري' اڄ بہ ڳولها ۾ آهيان ـ اڄ بہ پنڌ ۾ آهيان... پنڌ ـ جيڪو ڪُٽي ئي نہ ٿو ـ

اخلاق انصاري

1

خبر اٿئي! اُن شام سج لهڻ کان پوءِ جامشوري جون هوائون سوگوار بڻجي ويون هيون. ڏرتيءَ جي ان حصي دردناڪ دانهن ڪئي هئي، جنهن تي پاڻ گڏجي گهميا ڦريا هئاسين. ڪوئلون ماتمي بڻجي رڙندیون رهيون هيون. رات جي راڻيءَ ۽ رابيل جي خوشبو ڪافور بڻجي وئي هئي. وٽن جي پنن ڪڙڪڙاهٽ نہ پئي ڪئي، جڻ انهن سڏڪا ٿي پريا. موسمن جا رنگ ڪاراتجي ويا هئا. توسان گڏ جيئڻ مرڻ جا سمورا خواب ڦٽڪي مٿا هئا ۽ توکي ڏسندڙ منهنجين اياڳين اکين جا سمورا لڙڪ جڻ هاڻ بڻجي اڏامي ويا هئا. جڏهن تون مون کي هميشہ همیشہ جي لاءِ ڇڏي وڃي رهي هئينءَ. ان وقت منهنجيءَ بدنصيب دل ڏاڍو چاهيو هو تہ ڪو زوردار طوفان اچي، جيڪو مون کي ڪک پن جيئن اڏائي تباهہ ڪري ڇڏي. ڏرتي ڦاٽي ۽ مان ان جي پاتال ۾ غرق ٿي وڃان. ڪو زلزلو اچي تہ ڪنهن جبل پهاڙهينان دهجي وڃان يا ڪا ڪاري ٻوڏ اچي تہ ان ۾ لڙهي وڃان. ڪوبہ فطري يا غير فطري حادثو اچي ٿئي ۽ منهنجو وجود تباهہ ۽ برباد ٿئي بس ...!

پر زندگيءَ جي ٻين حسين خوابن جي نہ ملندڙ ساڻيائن جيئن اها ننڍڙي خواهش بہ پوري ٿي نہ سگهي هئي ...

خبر اٿئي! ان وقت تون جيئن منهنجين نظرن کان پري ٿي هئينءَ، تڏهن هر هر منهنجين اکين جي اڳيان انڌاري پئي ٿي وئي. تنهنجيءَ هاسٽل کان منهنجيءَ هاسٽل تائين جو سڄو رستو وار کان سنهو ۽ تلوار کان تکو پائنجي رهيو هو. مان وک وک تان چيرجي، اڌو اڌ ٿي وڃي پنهنجي ڪمري ۾ ڪريو هوس. جتي ڪيترو ئي وقت گش لڳو پيو هوس. منهنجون اکيون، جن توکان سواءِ ٻي ڪا شيءِ نہ ڏسڻ جو جڻ قسم کٹي ڇڏيو هو، اکيون کوليم پئي تہ تون. اکيون پُوريم پئي تہ تون.

منهنجي آس پاس ۽ چوڏسائن ۾ رڳو تون ئي تون وسيل هئينءَ.

چا ٻڌايانءِ! تہ ڪيئي ڏينهن ڪيئن ڪمري تي بيحال لڳو پيو هوس. اکيون ڏرا ڏئي ڦاٽي ويون هيون. چپ سُڪي ٽوٽ ٽي ويا هئا. نڙيءَ ۾ جڻ ٽوهر ڦاسي پيو هو. متو جڻ گهاٽي ۾ اچي ويو هو. ۽ دل بيهجي وئي هئي، جنهن جون ڏڙڪنون آخري ملاقات ۾ تنهنجي پويان لڳي ويون هيون...

ڪيئن ٻڌايانءِ! تہ ان ايڏيءَ غنودگيءَ ، بيحاليءَ، بيوسيءَ ۽ اڻ ڪٽ پيڙا ۾ بہ توتي ڪيڏو پيار پئي آيو. ۽ تون نہ ٽي ڄاڻين تہ ان بيهوشيءَ ۽ نيم بيهوشيءَ ۾ بہ منهنجيءَ رڳ رڳ صرف توکي ئي پئي سڏيو...

"سنڌيا ...! منهنجي سنڌيا ...! مٺي سنڌيا ...! جانان سنڌيا ...!"

2

انهن ڏينهن ۾ چانڊوڪيون راتيون، چنڊ جي چانڊاڻ جو حسن ۽ موهه وڃائي ويٺيون هيون؛ ۽ نه ئي اوٽنيهينءَ جَي اونداهَه ۾ ڪنهن جيت جٽين کان ڏنگجڻ جو ڪو ڊپ رهيو هو. انهن راتين ۾ خبر ئي نه رهندي هئي، ته ڪيئن علامه آءِ آءِ قاضي ۽ ايلسا قاضيءَ جي مزارن تي وڃي نڪرندو هوس. نه ڄاڻان ڪيئن اوڏانهن قدم کڄي ويندا هئا. مان پنهنجو پاڻ کان اهڙو بي خبر اڳ ڪڏهن نه هوس. هڪ رات ايئن ئي وڃي انهن مزارن کان نڪتو هوس. اتي ويڻي ياد آيو هو ته پاڻ ڪيئن اچي هتي ويهي درويشاڻيون ڳالهيون ڪندا هئاسين. هڪ شام اهڙيون ئي عجيب ڳالهيون ڪندي چيو هيئي:

"پنهنجو پيار به هڪ ڏينهن علامه آءِ آءِ قاضي ۽ ايلسا قاضيءَ جي پيار جيئن مثالي پيار ثابت ٿيندو..."

اها ڳالهه ٻڌندي ئي ٻهڪي پيو هوس. بي اختيار نڪري ويو هو:

"بلڪل..."

مرڪندي تنهنجو هٿ پڪڑي ورتو هوم. تون به مرڪي پئي هئينءَ، ۽ انهن جاڙين مزارن کي ڏسندي چيو هيئي:

"مُنا! خبر اٿئي! هونئن مون کي قبرن ۽ مزارن کان پوءِ ٿيندو آهي، پر لطيف سائينءَ جي مزار ۽ هنن مزارن سان اهڙو ته دلي سُٻندڙ ٿي ويو اٿم. جو دل چوندي آهي ته هنن مزارن جي پيراندينءَ کي ٽيڪ ڏئي سمهي رهان..."

مرڪ وڌيڪ گهري ٿي وئي هيم. هڪ ساعت کان پوءِ چيو هيئي:

"پر پنهنجي پيار جي حوالي کان هڪ ڳالهه اٿئي...!"

پيار مان ڏسندي چيو هومانءِ:

"ڪهڙي؟"

مرڪندي چيو هيئي:

"پر شايد اهو هر عاشق سان مسئلو هوندو آهي، تہ هو هر وقت پيو ڏِجندو آهي، تہ ڪٽي هو پنهنجي جانيءَ کان جدا نہ ٿي وڃي!"

کلندي چيو هومانءِ:

"او منهنجي عاشق سودائڙا! مان توکي ڪيئن يقين ڏيارايان ...؟"

مرڪي ايلاز واري انداز ۾ چيو هيئي:

"هنن پيار ڪندڙ املهہ انسانن جي مقدس مزارن تي هٿ رکي وچن ڪريون، تہ پاڻ هميشہ گڏ جيئنداسين ۽ جڏهن بہ موت آيو تہ مان توکان اڳ مري ويندیس ..."

مرڻ جي ڳالهہ ٻڌي چيو هو مانءِ:

"هَي ڪني! مان تنهنجي موت جو صدمو سهي سگهندس ڇا؟"

"چڱو پلا گڏ جيئنداسين ۽ گڏ مرنداسين."

"ها ايئن ٺيڪ آهي."

اهو ٻڌي خوش ٿي وئي هئينءَ. خوشيءَ جا رنگ تنهنجي چهري تي چٽا ٿي پيا هئا. ٻهڪندي چيو هيئي:

"چڱو هنن تي هٿ رک تہ پاڻ گڏ جيئڻ ۽ گڏ مرڻ جو قسم کڻون ..."

تنهنجي پيارن نيٽن جي گهرائيءَ ۾ لهندي هڪ هٿ قاضي صاحب ۽ ٻيو هٿ مئلهم قاضي صاحبہ جي مزار تي رکي چڏيو هو. تو بہ پنهنجا هٿ ايئن ئي رکي چڏيا هئا. هڪ ساعت کان پوءِ چيو هيئي:

"کڻانءِ نہ قسم!"

شوخ مرڪ مرڪندي چيو هومانءِ:

"قسم تہ تون ٿي وٺين نہ! ان ڪري تون ئي کڻانءِ!"

"ها ..."

ڪجهہ وقت تائين تون پنهنجا نيڻ گبنڊ جي اندرين پاسي لکيل آيتن ڏانهن گهمائي سوچيندي رهي هئينءَ. پوءِ چيو هيئي:

"چڱو چئہ!"

تنهنجي سنجيده ٿي ويل مُک ڏانهن نهاريندي چيو هوم:

"ها ..."

"مان سنڌيا ..."

"مان منصور ..."

"لطيف سائينءَ ...!"

مرکي ڏٺو هو مانءِ تہ چيو هيئي:
"چئہ نہ ...!"
"لطيف سائينءَ ...!"
"ءِ ان جي آدرشي سورمين ..."
"ءِ ان جي آدرشي سورمين ..."
"جي اَمُلهہ ءِ مقدس پيار جو قسم کٹي ..."
"جي اَمُلهہ ءِ مقدس پيار جو قسم کٹي ..."
"وچن ٿي کيان ..."
"وچن ٿو کيان ..."
"تہ پنهنجي مٹي جانو منصور سان ..."
"تہ پنهنجي مٹي جانان سنڌيا سان ..."
"گڏ جيئندس ءِ گڏ مرندس ..."
"گڏ جيئندس ءِ گڏ مرندس ..."
"ءِ سڄي زندگي ..."
"ءِ سڄي زندگي ..."
"هن سان اڃاهہ پيار کندي ..."
" هن سان اڃاهہ پيار کندي ..."
"هن جي وفادار رهندس ..."
"هن جو وفادار رهندس ..."

حلف کٹڻ کان پوءِ مون کي زور سان چنبڙي پئي هئينءَ. اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا هيئي. روئندڙ آواز ۾ چئي رهي هئينءَ:

"اڙي منا! مان تہ سڄي زندگي تنهنجي ٻانهي ٿي گذاريندس ... آءِ لو يو جانو ...! آءِ لو يو کنا ...! اڙي چو کندو آهين مون سان ايڏو پيار هان ...؟ چو کندو آهين مون سان ايڏو پيارُ ...!؟"

"آءِ لو يو تو جانان. آءِ لو يو تو ...! تون ڏاڍي سٹي آهين جانان! بيحد سٹي آهين ... منهنجو ساهہ آهين ...!"

روئندڙ اکين سان مرکي چيو هيئي:
"کنا پٹان ...!"
توتي ڏاڍو پيار اچي ويو هوم. توتي ناز کندي چيو هوم:
"کني پٹين ...!"

پاڪر مان نڪري نڪ سڪيو هيئي، تہ توتي وڌيڪ پيار اڇي ويو هوم، مون کان مرڪ ڇڏائجي وئي هئي، تہ چيو هيئي:

"چو...؟"

"ڪنيءَ! ڏس تون مونکي ڪيڏي پياري آهين! نڪ سڪندي بہ مون کي صفا ماري ٿي وجهين..."

کلي پئي هئينءَ، مرڪندي چيو هيئي:

"تون تہ آهين ئي چريو..."

کلندي چيو هومانءِ:

"چريو آهيان، پاڳل آهيان، مجنون آهيان، تنهنجي پيار ۾..."

کلي وري پاڪر پاتو هيئي.

ان شام سج لهڻ کان پوءِ هوائن جي رقص ۾ رات جي راڻيءَ ۾ موتيي جي مهڪار جي ڳالهہ ئي ٻي هئي. ڄڻ اهي بہ اسان جي پيار جا يگانہ ساکشي پئي لڳا. تنهنجي قدمن ۾ تيزي ۾ تو ۾ ڦڙتي اچي وئي هئي. نہ ڄاڻان ڇو پئي تکڙا تکڙا هلياسين. مارئي هاسٽل جي گيٽ وٽ پهچي، اڻين وڳي تائين خوش ئي خوش هڪ ٻئي کي ڏسندا ۾ هِتان هُتان جون ڳالهيون ڪندا رهيا هئاسين.

ٻي ڏينهن ٻڌايو هيئي، تہ ان رات خوشيءَ ۾ ڄڻ تون چري ٿي پئي هئينءَ. تنهنجي ٻهڪيل مُک تي مرڪون وڌيڪ پئي پکڙجي ويون. رکي رکي ٿهکن ۾ ٻڌجي بہ پئي وئينءَ. تنهنجي اها ڪيفيت ڏسي تنهنجون روم ميٽ سهيليون توکان پڇي رهيون هيون:

"ڇو اڙيءَ! چري ٿي پئي آهين ڇا؟"

تون ويتر ٿهکن ۾ ٻُڌجي ڪين چئي رهي هئينءَ:

"صفا...!"

"چو...؟"

"سڀ پياريون ڳالهيون ٻڌائڻ لاءِ نہ هوندیون آهن."

هنن جو تجسس ويتر وڌي ويو هو. هنن ليلائيندي چيو هيئي:

"اڙي وري بس پيٽ آهين نہ ٻڌاءِ..."

کين ٻڌايو هيئي:

"اڄ علامہ آءِ آءِ قاضي ۾ ايلسا قاضيءَ جي مزار تي هٿ رکي گڏ جيئڻ ۾ مرڻ جو قسم کنيو آهي..."

اسان ڪيڏو خوش هئاسين اها شام ۾ رات. پيار جي ان حلف کڻڻ کان پوءِ هڪ ٻئي تي چا تہ فخر ٿيڻ لڳو هو. خوشيءَ ۾ رکافي رات گذرڻ کان پوءِ بہ ننڊ نہ آئي هئي...

ياد اٿئي! ان رات فون تي نخرا ڪندي چيو هيئي:
"جانو!"
"جيءُ جانان!"
"هڪ مسئلو آهي."
"ڪهڙو جانان؟"
پيار جتائيندي ماڻا ڪندي چيو هيئي:
"جيستائين پاڻ گڏ آهيون، تيستائين ته ٺيڪ آهي، پر پنهنجي مرڻ کان پوءِ جو توکي جنت ۾ ستر حورون ملنديون، پوءِ ته تون انهن ۾ گم لڳو پيو هوندين!"
"ها ها ها..."
ٿهڪ نڪري ويا هئا. ته چيو هيئي:
"هاڻي کل نه، مون کي ٻڌاءِ...!"
"چري! اهي ته تنهنجي خدمت لاءِ هونديون نه!؟"
"نه بابا نه! مون کي ٺيون ڪپن. انهن جي هوندي ته مان توتي نظر رکي رکي، شڪ ڪري ڪري ۽ سڙي سڙي مري ويندس."
"ها ها ها..."
ٿهڪ نڪري ويا هئا، ته ويتر نخرا ڪندي ۽ ڪلندي چيو هيئي:
"نه بابا نه! تون حرامڙو آهين، مون کي ننڍ اچي وڃي ته...!"
اسان ٻنهي کان گڏيل ٿهڪ نڪري ويا هئا.
"چڱو ٻڌ...!"
"ها ٻڌاءِ...!"
"جنت ۾ هڪ لٽ ملي ويندي؟"
"چو...؟"
"ننڍ ڪرڻ کان اڳ مان هنن کي ڪُٽي پچائي ڇڏيندس."
"ها ها ها..."
"ڪنا پٺان! ٿهه ٿهه ڪري ڪلين چو پيو؟ هان!"
"ايئن ئي تنهنجي پيار تي..."
"ٻڌ...!"
"ها ٻڌاءِ...!"
"تون اهي حورون نه ونجاءِ، تنهنجي خدمت لاءِ مان آهيان نه!"
"ٺيڪ آهي، نه ونڊس، بس...!"
"واعدو...؟"

"پڪو واعدو... تنهنجي هوندي مون کي ڪنهن بہ جنت جي ضرورت نہ پوندي جانان!"

"How sweet!"، تون ڪيڏو سٺو آهين منا! "I love you"

"I love you too."

ڪيئن ٻڌايانءِ! تہ تو پچاڻان ان رات پرهہ ڦٽيءَ تائين ان مزارن کي ٽيڪ ڏيو ڪيڏي ارمان ۾ ويٺو هوس. ڪيئن ٻڌايانءِ! تہ ان ملاقات جو اهو وچن ۽ ڳالهيون ياد ڪري، ڪيڏي گهري اداسي ڇانئجي وئي هئي. دل کي اڻ کٽ غم وڪوڙي ويو هو. ذهن تي جڙ سوين ٽنن جون هزارين ڇپون اڇي ڪريون هيون؛ ۽ مان ڪيڏو بيحال ٿي ويو هوس...

3

خبر اٿئي! ان حالت ۾ ڪيئي ڏينهن گذري ويا هئا. مون کي دنيا جهان جي ڪنهن به شيءِ جو ڪو پتو نه هو. نه جاڻان گهٽن ڏينهن پڇاڻان هڪ شام منهنجو دوست مراد ڪراچيءَ مان جامشوري اچي نڪتو هو. هُو ڪيتري ئي وقت کان منهنجي ڪمري بلاڪ، سي 6 جو دروازو کڙڪائيندو رهيو هو. ٽڪل قدمن سان وڃي دروازو کوليو هيم. هن جي جيئن مون تي نظر پئي هئي، تہ منهنجي اهڙي حالت ڏسي حيران ٿي ويو هو. کائنس بي اختيار نڪري ويو هو:

"منصور...! توکي ڇا ٿيو آهي يار!؟"

ڪيس ڪو جواب نہ ڏئي سگهيو هوم. نظرون جهڪائي وڃي ڪٽ تي ويهي رهيو هوس. هُو به ڪرسي سوري منهنجي سامهون ٿي ويهي رهيو هو. هُو ڪجهہ پلن تائين مون کي ڏک ۽ افسوس مان ڏسندو رهيو هو. پوءِ منهنجي کاڏي مٿي ڪري منهنجين اکين ۾ ڏٺو هئائين، تہ کائنس وري ساڳيو جملو ڇڏائجي ويو هو:

"منصور...! توکي ڇا ٿيو آهي يار...!؟"

هڪ اونهي ساهہ کڻڻ کان پوءِ چيو هو مانس:

"مون سان هڪ تمام وڏو المناڪ ۽ دردناڪ حادثو ٿيو آهي مرادا"

"هان...!؟"

هن گُهور وجهي منهنجي چهري ۽ اکين ۾ ڏٺو هو. شايد سمجهي ويو هو تڏهن ئي اتاولو ٿيندي پڇيو هئائين:

"يايي سنڌيا ڪٿي آهي؟"

هڪ دفعو وري نظرون جهڪي ويون هيم. ڪُلهن کان لوڏيندي بيتابيءَ مان پڇيو هئائين:

"يايي سنڌيا ڪٿي آهي منصور...!؟"

نظرون مٿي نہ ڪڍي سگهيو هوس، جهڪيل نظرن سان ئي ڪيس آهستگيءَ سان چيو هيم:

"خبر نہ آهي..."

"ڇا مطلب...!؟"

"..."

"منصور! مون کي ٻڌاءِ، ڇا ٿيو آهي؟"

ڪيئن ٻڌايان!! تہ ڪيس جواب ڏيڻ لاءِ ڪيتري ئي وقت تائين لفظ ڳولياندو رهيو هوس. سمجهہ ۾ ئي نہ پئي آيو، تہ ڪيس ڪيئن ٻڌايان! نيٺ وڏيءَ بيوسيءَ ۾ اڻاهہ پيڙا مان ٻڌايو هومانس، لفظ ڦُٽي رهيا هئا:

"سنڌيا... مون کي ڇڏي ڏنو مراد...!"

"ڇا...!؟"

ڪائنس رڙ نڪري وئي هئي. هن کي ڪنهن بہ ريت ان جواب جي اميد نہ هئي. هُو حيرت ۾ اداسيءَ جي سمنڊ ۾ ٻڏي ويو هو. ۾ پوءِ پنهنجي چپن ۾ ٻڪندو رهيو هو.

"سنڌيا توکي ڇڏي ڏنو... سنڌيا توکي ڇڏي ڏنو...!!"

هڪ لمحي کان پوءِ پڇيو هئائين:

"سنڌيا توکي ڇڏي ڏنو...، پر ڇو منصور...!؟ پر ڇو...؟"

ساڳي بيوسيءَ ۾ اڻاهہ درد مان هڪ ڦڪي مرڪ مرڪندي چيو هومانس:

"جيڪي ڇڏي ويندا آهن نہ مرادا اهي پنهنجا ڪيئي سبب بہ ٿاهي وٺندا آهن."

هن کان لڙڪ ڇلڪي ڪري پيا هئا، تہ هن کي چيو هوم:

"تون خوشنصيب آهين مرادا جو تون روئي سگهين ٿو. مان روئڻ چاهيان ٿو تہ بہ روئي نہ ٿو سگهان. منهنجي دل سڏڪا پري روئڻ ٿي چاهي يارا پر منهنجا لڙڪ خشڪ ٿي ويا آهن. منهنجي دل... منهنجون اکيون..."

دل تي هٿ رکيو هوم تہ نڪري ويو هو:

"آهہ... ها... هہ..."

هن پنهنجا ڳوڙها اگهي، پٽ ۾ لڳل الماڙيءَ مان منهنجو ٽيلهو ۾ ڪپڙا ڪڍيا هئا. ڪپڙا ٽيلهي ۾ وجهي، منهنجي هٿ ۾ هٿ ڏيندي چيو هئائين:

"تون هتان هل يار...!"

"تون مون کي ڪيڏانهن وٺي هلندين يارا مان ڪٿي بہ هوندس، ڪهڙي بہ حال ۾ هوندس، هوءَ مون کان پري هوندي ڇا...؟"

روٺهار کي انداز ۾ چيو هئائين:
"سنڌيا کي توسان ائين ڪرڻ نه پئي جُڳايو..."
"..."
"تون في الحال هتان هل..."
بوائز هاسٽل جي مين گيٽ اڳيان رڪشو ڪرائي، ان ۾ چڙهي وينا هئاسين. سيٽ کي ٽيڪ لڳائي، اکيون بند ڪري ڇڏيون هيم. ياد آيو هوم. ته هڪ ڏينهن صبح جو تون هتي بيهي منهنجو انتظار ڪري رهي هئينءَ. توسان جيئن مليو هوس، ته ٻڌايو هيئي:
"مون محسوس ڪيو ته اوهان پنهنجي ڪمري کان نڪري چڪا آهيو ان ڪري پوائنٽ کان هتي ئي لهي پيس..."
چا ٻڌايانءِ! ته ان ڏينهن کيئن اهو سوچي جڙ آسمان ۾ اڏامڻ لڳو هوس، ته تون مون کي محسوس ڪرڻ لڳي آهين، پر پوءِ... ان وقت دل جو ڏڙڪو وڏي ويو هوم. وڏا وڏا ساهه کڻي رهيو هوس ۽ بي چيني وڌي وئي هيم. رڪشو فزيالاجي ۽ زولاجي شعبا پار ڪري مارئي هاسٽل واري روڊ تي ڊوڙڻ لڳو هو. جڏهن رڪشو قليچ پارڪ کان گذريو هو ته پاڻ مرادو اکيون ڪُلي ويون هيون. جنهن بوگن ويليا جي ٻوٽن جي جهڳٽي جي اڳيان تون ۽ مان ويهندا هئاسين، ان ساڳيءَ جاءِ تي تون پنهنجي نئين پريميءَ سان وينِي هئينءَ. توکي ان حالت ۾ ڏسندي ئي بي چيني ۽ تڙپ ويتر وڌي وئي هيم. درد مان ستّ اپري وئي هئي.
اکيون بند ڪري، وري سيٽ کي ٽيڪ لڳائي ڇڏي هيم. توهان کي مراد به ڏنو هو. هن کان بي اختيار نڪري ويو هو:
"توکي ڇڏي سنڌيا وڏي غلطي ڪئي آهي منصور...! پنهنجي ان فيصلي تي هوءَ هڪ ڏينهن ڏاڍو پڇتائيندي.."
اتاولو ٿيندي چيو هومانس:
"ايئن نه چئه يارا ته هوءَ هڪ ڏينهن پڇتائيندي خدا ڪري هوءَ سدائين خوش ۽ آباد هجي."
هن مونکي هڪ نظر ڏسي سوچيو هو ته مان اڄان به توکي ڪيڏو چاهيان ٿو. ڪجهه ئي منٽن کانپوءِ رڪشو هلي سپر هاءِ وي تي ڪراچيءَ جي بس اسٽاپ وٽ پهتو هو. ڪجهه ئي منٽن کان پوءِ بس به اچي وئي هئي. بس ۾ چڙهي ڏنو هيوسين، ته ڪيئي سيٽون خالي هيون. اسان به وچ بس ۾ خالي پيل هن سيٽن تي ويهي رهيا هئاسين. سيٽ کي ٽيڪ لڳائي اکيون بند ڪري ڇڏيون هيم. توسان گڏ ڪيل ڪيترائي سفر ياد اچي ويا هئا.

ياد اٿئي!اهو دلچسپ سفر، جنهن ۾ تون منهنجي ڪلهي ۾ لڪي ڪراچي تائين ڪلندي هلي هئينءَ. بس جڏهن حيدرآباد ٽال پلازه پار ڪيو هو ته اتان هڪ خوبصورت چوڪري بس ۾ چڙهي هئي. جنهن کي لاشعوري طور مان ڏسي ويٺو هوس. تون مون کي ڏسي مرڪي هئينءَ. ڪجهه منٽن کانپوءِ هڪ چوڪرو به ان ۾ چڙهي آيو هو. تو مون کي مذاق ۾ چيڙائڻ خاطر چيو هو:

"واهه...! يار چوڪرو ته ڏس! ڪيڏو سهڻو آهي..."

هن کي هڪ نظر ڏسڻ کان پوءِ توکي مرڪندي چيو هوم:

"ها واقعي! توکي وٽي ٿو...؟"

"اهڙي ڳالهه ناهي، پر هو ڏاڍو خوبصورت آهي."

توکي هڪ نظر مرڪي ڏسڻ کان پوءِ ان چوڪري کي سڏيو هوم. جيڪو اڃي پرسان واري سيٽ تي ويٺو هو:

"ايڪسڪيوزمي پليز...!"

هن ويجهو اچي چيو هو:

"جي سر!"

تون حيران رهجي وئي هئينءَ. مون آڏر پائي مرڪ آڻيندي هن کي چيو هو:

"منهنجي محترمه ٽي چئي، ته اوهان ڏاڍا خوبصورت آهيو..."

هن خوش ٿيندي، توکي ڏسي مون کي چيو هو.

"ٿينڪ يو سر! ٿينڪ يو..."

اِهو ٻڌي تون شرمائجي وئي هئينءَ. منهنجي ٻانهن جي ڏوري ۾ منهن لڪائي ڪلندي چيو هيئي:

"وڏو ڪمينو آهين..."

ڪلندي پڇيوهو مانءِ:

"ڇو...؟"

"مون سوچيو هو ته هن چوڪري جي تعريف ڪندس، ته توکي ساڙ ٿيندو، پر تو ته رَهَندو مون کي شڪي ڪري ڇڏيو..."

تنهنجي ان ادا تي مرڪي پيو هوس. چيو هومانءِ:

"ساڙ انسانذات جي وڏي ۾ وڏي توهين آهي جانان! منهنجي فطرت ۾ رتيءَ برابر به ساڙ نه اٿئي، سچ اهو آهي، ته اهو چوڪرو واقعي ڏاڍو خوبصورت آهي."

لڇاري مرڪ مرڪندي چيو هيئي:

"ڇڪو هاڻي بس! مون کي وڌيڪ شڪي نه ڪر."

پوءِ اهو چوڪرو ڪراچيءَ تائين جيئن جيئن پنهنجا وار سنواريندو ۽ پوز هٽندو پئي هليو تيئن تيئن تون ڪلي ڪلي ڪيري پئي ٽيئءَ.

اهو سفر ياد ڪري اداس مرڪ مرڪي پيو هوس. ڏيڊ ڪلاڪ ڪن ڪان پوءِ بس جڏهن ٽال پلازه پار ڪيو هو تڏهن ايئن لڳو هوم جڻ هن پيري ڪراچي منهنجو آڏرپاءُ نہ پَئي ڪري ڪراچيءَ جا روڊ ۽ رستا ٻُسا ٻُسا لڳي رهيا هئا.

مراد جي فليٽ تي پهچي محسوس ڪيو هوم جڻ ڪراچي جون سيئي ننڍيون وڏيون عمارتون ۽ گھميل هوائون پڇي رهيون هجن:

"چو اڙي! هن پيري سنڌيا ڪي نہ وٺي آيو آهين ...؟"

ساڳيو سوال جڻ مراد جي فليٽ ٻہ پڇيو هو. ڪمري ۾ گھڙي ان ٻيڊ تي ڪريو هوس، جنهن تي پاڻ سمهندا هئاسين. جنهن مان جڻ تنهنجي خوشبو پئي آئي. هڪ وڏو ساهہ ڪڍي ڪانپوءِ پانيو هوم جڻ اها سڄي خوشبو منهنجي اندر ۾ اوتجي وئي هجي. پاڻ چڏي ڏنو هيم اکيون بند ڪي ويون هيون. ياد اچي رهيو هو تہ انهن راتين ۾ تنهنجي چوڙين جي جڏهن ڇن ڇن ٿيندي هئي، تہ اها ايڏي تہ وڌندي هئي، جو ساهہ ڪيڊي چڏيندي هئي. هزارين ٻيرا ورجايل ۽ بي سواد ڳالهيون ٻہ ان وقت مصريءَ جڙيون مٺيون پيون پائڻجنديون هيون.

ڪيئن ٻڌايانءِ! تہ ڪيترائي ڏينهن ۽ راتيون ڪيئن گذريا هئا! نہ ڏينهن جو پتو پئي پيم ۽ نہ ئي راتين جو. ڏينهن ۽ رات جڻ مون لاءِ فرق وڃائي ويٺا هئا. زندگي ئي جڻ هڪ ڪاري ۽ پيانڪ رات ٿي وئي هئي. ڪجهہ ڏينهن پچاڻان هڪ شام جو همت ڪري اٿيو هوس. وهنجي سهنجي تيار ٿي جينز مٿان ٽي شرٽ پائي فليٽ کان هيٺ لٿو هوس. سمنڊ ڏانهن ويندڙ بسن مان هڪ بس ۾ چڙهي ويٺو هوس. جنهن ڪجهہ ئي منٽن ۾ سمنڊ ڪناري پهچايو هو. بس مان لهي پنڌ ئي پنڌ سمنڊ ڏانهن وڌڻ لڳو هوس. ڪجهہ ئي پلن ۾ سمنڊ ڪناري تي ڪاٺ جي ٺٽين سان هيل خالي بينچ تي وڃي ويٺو هوس.

چا ٻڌايانءِ! تہ ڪيئن يادن جو سمنڊ اٿلي پيو هو ايئن پئي لڳو سمنڊ ۾ ايڏيون جوليون نہ هونديون، جيڏيون منهنجي من ۾ بي چيني ۽ تڙپ جون آهن!

ڪجهہ وقت ڪان پوءِ هڪ گجرا ڪپائيندڙ چوڪريءَ اچي ٻہ گجرا مون ڏانهن ڏائيندي چيو هو!

"گجرا وٺندؤ صاحب؟!"

ڪيس ويهہ روپيا ڏيندي جڏهن گجرا پئي ورتم تہ هن پڇيو هو:

"اوهان تہ اڪيلا آهيو صاحب! پوءِ گجرا ڪنهن لاءِ پيا وٺو؟"

اداس مرڪ مرڪي چيوهومانس:

"ڪنهن لاءِ تہ وڃان پيو..."

هوءَ مرڪي گجرا ڏئي هلي وئي هئي. ڪيس ڪيئن سمجهايان ها، تہ مون اهي گجرا تو لاءِ پئي ورتا. جيئن جيئن شام گهري پئي ٿيندي وئي، تيئن تيئن سمنڊ تي ميلو وڌيڪ مچندو پئي ويو. نہ ڄاڻان اهو ڇا هو جو پري کان ايندڙ ڪيترين ئي چوڪرين جا چهرا تنهنجي چهري جهڙا لڳي رهيا هئا. جنهن ڪري هر هر منهنجيءَ دل جو ڏڙڪو خاصو وڌي پئي ويو. دل ۾ اکيون ڏاڍا بي چين ٿي پيا هئا.

خبر اٿئي! سمنڊ جي چولين کي ڏسندي اهي سڀ منظر اکين ۾ تري آيا هيم. جن کي تو ۾ مون ڪڏهن گڏجي ماڻيو هو. مان پنهنجي ياد جي اکين سان ڏسي رهيو هوس، تہ پنهنجا ورَ ڪنيل آهن. تنهنجي ساڃي ٻانهن منهنجي چيلهہ ۾ آهي ۽ منهنجي ڪاپي ٻانهن تنهنجي ڪنڊ ۾. اسان سمنڊ جي ٽڏڙي ٽڏڙي پاڻيءَ ۾ پير پسائي پسار ڪري رهيا آهيون. سامونڊي گهميل هوائون تنهنجي زلفن کي هلڪو هلڪو اڏرائي رهيون آهن. پنهنجا منهن ڀهڪي پيا آهن. پاڻ خوش آهيون، ايترا خوش جو ان خوشيءَ جو ڪو ڪاٽو ئي نہ ٿو ڪري سگهجي. پاڻ رڳو مرڪون، ڪلون ۽ ٽهڪ ٽا ڏيون...

ڪيئن ٻڌايانءِ تہ ان تصور ڪرڻ سان منهنجي من ۾ سمنڊ جيڏي اداسي لهي آئي هئي. ياد آئي هيم. اها شام جڏهن مرڪندي چيو هيئي:

"جانو!"

"جيءِ جانان!"

"اڪ دوجي کي لئي' فلم ڏئي اٿئي؟"

"ها ڏئي اٿم."

"ان ۾ جيڪو گانو آهي، 'سولا برس کي بالي عمر کو سلام' ٻڌو اٿئي؟"

"ها ٻڌو اٿم."

"هونهہ... پلا ان ۾ اهو سين ڏئو اٿئي، جنهن ۾ هيروئن هيرو جي پيرن مٿان پنهنجا پير رکي، سمنڊ ڪناري تي گهمندي آهي."

"ڏئو اٿم. پر مهرباني! مان ايئن نہ ڪندس."

"چو...؟"

"اڙي يار! ان ۾ هو ڪري پوندا آهن."

"پلي، پر مون کي ايئن گهمڻو آهي."

مرڪي چيو هو مانءِ.

"چو ٿي مون موٽي جا هڏَ گُـڏَ پيجرائين...!؟"

مرڪندي چيو هيئي.

"هلُ، سڏو ٿي ٻيهر، شاباس."

پوءِ منهنجي پيرن تي پنهنجا ڪومل ۽ نفيس پير رکي، منهنجي هٿن کي مضبوطيءَ سان پکڙيو هيئي ۽ اسان

"دنيا مين سب سي پهلي جس ني دل ديا
دنيا کي سب سي پهلي دلبر کو سلام"

ڳائيندا ڪجهه قدم ڪٽي گهميا هئاسين. تون بيحد خوش ٿي وئي هئينءَ اهڙين ننڍڙين ننڍڙين دلبراين کان پوءِ تنهنجي ڀهڪيل مُک جا رنگ ئي ٻيا ٿي ويندا هئا. ان وقت جي مستيءَ ۾ تنهنجا گهرا ۽ پيارا نيٽ ويتر روشن ٿي ويندا هئا. ان وقت سوچيندو هوس، ته تنهنجي ان روشن نيٽن جي ٻل تي مان ڪائنات جون سموريون اونداهيون اورانگهي ويندس.

ڪيئن ٻڌايانءِ! ته تون وئينءَ، ته اهي روشنيون به ويون، اهي رنگ به ويا. ننڍڙيون ننڍڙيون دلبرايون به ويون، ته اهي معصوم مستيون به ويون. مون وٽ بچيون ته رڳو وڃي اونداهيون، گهريون، ڪاريون ۽ ڀيانڪ اونداهيون، جيڪي ڇڻ مون کي ڪنهن بليڪ هول ڏانهن ڌڪيندیون ٿيون وڃن ...

4

چا ٻڌايان ٿا تہ اڳي جنهن جامشوري کان ٽورو ٻہ پري ٽيندو هوم. تہ جڏ ساهہ پيو نکرندو هو ان ساڳي جامشوري ڏانهن موتندي دل ٻڌي وئي هئي. دل چاهيو هو تہ يونيورسٽي چڏي ڏيان. پر ايئن کرڻ کنهن ٻہ ريت مناسب نہ پئي لڳو. پندرهن ڏينهن تائين کراچيءَ ۾ رهڻ کانپوءِ جامشوري موٽي رهيو هوس. بس ۾ چڙهي سيٽ تي ويهڻ کانپوءِ ٽيڪ لڳائي اکيون بند کري چڏيون هيم. ساڳيا ئي منظر نيٽن ۾ لهي آيا هئا. چوندا آهن، تہ ميلي جي موٽ خراب ٽيندي آهي، پر پنهنجي جامشوري ڏانهن موٽ ڏاڍي سٹي. بيحد پياري ۽ محبوب ٽيندي هئي. کي ڏينهن پنهنجا مُک ڀهکيل هوندا هئا. مرک چپن تان ويندي ئي نہ هئي. کجهہ پلن کان پوءِ پنهجو پاڻ تي ٽوک کندي سوچيو هوم. "اکيون بند کرڻ سان دماغ ٻہ بند ٽي ويندئي چا؟ ۽ سنڌيا جون يادون اچڻ بند ٽي ويندئي چا؟"

پنهنجو پاڻ تي طنزيہ مرکي ويٺو هوس. ڏيڊ کلاک کن کانپوءِ بس جامشورو تال پلازہ کراس کري هلي سنڌالاجيءَ کان ٻيٽي هئي، تہ پنهنجو ٽيلهو کڻي ان مان هيٺ لٿو هوس. جيکو وجائجڻ جي ڊپ کان يکو منهنجي کچ ۾ ئي پيو هو. ٽيلهو کلهي ۾ لڙکائي پنڌ ئي پنڌ هاسٽل جو رُخ رکيوم هو جيئن جيئن لورز پوائنٽ جي ويجهو پهچي رهيو هوس. دل جو ڏڙکو وڌندو پئي ويو.

سچ ٻڌايان ٿا تہ منهنجي سمورن حواسن تي تون وڌيک چٽائيءَ سان ظاهر ٿي نروار ٿي رهي هئينءَ. منهنجي ساهن ۾ سمايل تنهنجي خوشبو ويتر تروتازہ ٿي پئي هئي. جيئن لورز پوائنٽ تي پهتو هوس، تہ توتي نظر پئي هيم. جن پيچرن تي پاڻ گڏجي گهمندا هئاسين، انهن ساڳين پيچرن تي تون ٻي سان پسارون کري رهي هئينءَ مون تي جڻ وڃ اچي کري هئي. دل جي ڏرتيءَ تي يونچال مچي ويو هو. مٹو وري گهاٽي ۾ اچي ويو هو. اکين اڳيان انڌاري چانئجي وئي هئي. دل کي چک لڳي ويو هو.

هڪ دعا، جيڪا تنهنجي ڪري وسري وئي هئي، اها تنهنجي ئي ڪري وري چپن تي اچي وئي هئي. دل ئي دل ۾ چئي ويٺو هوس:

"اي خدا! مون کي صبر ۽ تحمل عطا فرماءِ..."

ڏکندڙ قدمن سان اڳتي وڌي ويو هوس. سڄو جسم ئي ڏکي ويو هو. دل چاهيو هو ته ڪنهن وڻ جي پرسان ويهي رهان، پر پنهنجي وڌيڪ تماشي ٿيڻ جي خيال کان ويهي نه سگهيو هوس.

سڄ ٻڌايان۽! ته اها چاڑهي چڙهڻ منهنجي وس کان ٻاهر ٿي وئي هئي. قدم ڊيرا ٿي ويا هئا. بلڊ پريشر گهٽجڻ جي ڪري جسم جو سَتُ ڇڏائجي ويو هو. هڏن ۾ سور جي ست ايري آئي هئي. پنهنجي جسم تي پنهنجي ئي وجود جو بار ڏاڍو ياري ٿي پيو هو. ڪجهه گامون ڪٽي اڳتي وڌيو هوس، ته پرسان اچي هڪ موٽر سائيڪل بيني هئي، جنهن تي ويٺل همراهه سلام ڪري پاڻ ڏانهن ڏيان ڇڪايو هو:

"اسلام عليڪم سائين!"

ڏنو هوم ته شام واري شفٽ ۾ بلاڪ هاسٽل جي رسيپشن تي ڪم ڪندڙ چوڪيدار هو. ڪيس پنهنجي منهن جو تاثر ڇڪو ڪندي چيو هوم:

"وعليڪم سلام پيارا"

"ڪٽان پيا اچو سائين!"

"ڪراچيءَ مان..."

"ويهو..."

موٽر سائيڪل تي وهندي چيو هومانس:

"مهرباني پيارا ...!"

جيئن موٽر سائيڪل هلي هئي، ته چيو هئائين:

"اوهان جي برداشت کي سلام آهي سائين ...!"

هن جي اهڙيءَ ڳالهه ٽورو ٽورو حيران ڪري ڇڏيو هو. حيرانگيءَ مان واتان نڪري ويو هو:

"جي ...!!"

"سائين ...! هيءَ اُها ساڳي چوڪري آهي نا جنهن سان اوهان ڪلاڪن جا ڪلاڪ رسيپشن واري فون تان ڳالهائيندا هئا، ۽ سڄي ڪيمپس ۾ هٽ ڏئي گهمندا هئا."

هن جون اهي ڳالهيون جڙ پالا ۽ بڙڇيون ٿي لڳيون هيون. سڄ ٻڌايان۽! ته توکان پوءِ جامشورو ۽ مون لاءِ پنهنجي سچائپ تو جيئن متائي چڪو هو. هن چوڪيدار جون اهي ڳالهيون مون کي جامشوري جو ٻيو تعارف لڳيون هيون. مون

وٺ هن جي ڳالهين جو ڪو جواب نه هو. چپ ٽيو وينو رهيو هوس. تان جو اچي هاسٽل پهتا هئاسين. موٽر سائيڪل تان لهي سندس ٿورا ميڇي، جڙ سپني کان نظرون بچائيندو پنهنجو پاڻ ۾ لڪندو وڃي پنهنجي ڪمري ۾ ڪريو هوس. منهنجو ڪمرو جيڪو اڳ ۾ بتيون بند ڪرڻ کان پوءِ به جڙ روشن ۽ جيئرو جاڳندو پئي لڳندو هو. اهو هاڻي بتيون ٻرڻ کانپوءِ به جڙ ڪاري ڪوٺڙي ۽ قبرستان پائنجي رهيو هو. مان ڪٽ تي ڪاوڙ ٿي ڪريو هوس. ياد اچي رهيو هوم. آخري مهينن ۾ هڪ پيري پڇيو هيئي:

"منا!"

جوابيو هو مان:

"جيءُ جانان!"

هزارين پيرا پڇيل سوال پڇيو هيئي:

"تون مون سان ڪيترو پيار ڪندو آهين؟"

ساڳيو ئي جواب ڏنو هومان:

"مان توسان تمام گهڻو پيار ڪندو آهيان جانان! بيحد پيار ڪندو آهيان. حد کان وڌيڪ پيار ڪندو آهيان. تون منهنجو ساهه آهين ..."

مرڪي چيو هيئي:

"سچي!؟"

تنهنجي مرڪندڙ نيٽن ۾ ڏسندي چيو هوم:

"سچي جانان!"

هڪ لمحو منهنجي نيٽن ۾ ڏسڻ کانپوءِ چيو هيئي:

"مان توکي ڇڏي ڏيان ته پوءِ..."

اهو ٻڌي دل جو ڏڪو وڌي ويو هو. ساهه منجهڻ لڳو هو. بيچيني ٿي پئي هئي. تنهنجي نيٽن ۾ ٽڪ ٻڌي ڏسندي چيو هوم:

"شايد مان مري وڃان..."

ڳنڀير ٿيندي پڇيو هيئي:

"۽ توکي ڇڏي ڪنهن ٻي ڇوڪري سان گهمان ته...؟"

اکيون بند ڪري هڪ وڏو ساهه کنيو هوم. دل جو ڏڪو ويتر وڌي ويو هو. اکيون کولي توکي ڏنو هوم. اداسي وٺي وئي هيم. ان اداسيءَ مان توکي ڏسندي چيو هوم. لفظ ٽٽي رهيا هئا:

"پوءِ موت هڪ وڏي مهرباني لڳندي. جي تون ايئن ڪندينءَ ته مان نه مئلن ۾ هوندس ۽ نه جيئرن ۾..."

تهائين وڌيڪ اداس ٿي ويو هوس. چيو هو مانءِ:

"پوءِ دعا ڪجانءِ جانان! تہ اهو منظر ڏسندي ئي مان جهٽڪي پر مري ويان، ءِ بس..."

"هَي...! بس بس بس... مون مذاق پئي ڪئي، تون تہ صفا هٿن مان ٿو وڃين، تون مون سان ايڏو پيار ڪندو آهين...؟"

" ان کان بہ گهٽو پيار ڪندو آهيان، سوچي ءِ ٻڌائي سگهڙ کان بہ گهٽو پيار ڪندو آهيان..."

خوش ٿي وئي هئينءَ، مرڪندي چيو هيئي:

"چريا پٹان...!"

"مان سچ ٿو چوانءِ جانان! مان توسان حد کان وڌيڪ پيار ڪندو آهيان، جيڪڏهن مون کي ڇڏڻو هجئي، تہ مون کي اهڙو درد ڏجانءِ، جو مان ان جي هڪ ڏڪ پر ئي مري ويان..."

پاڪر پائيندي چيو هيئي

"بس هاڻي ٿهيو ٿهيو ڪا نہ ٿي ڇڏيان توکي!"

مان دلگير ٿي پيو هوس، تہ چيو هيئي:

"ڪنا پٹان! مان بہ تہ توسان ايڏو پيار ڪندي آهيان نہ!"

ان وقت چاهيندي بہ منهنجي دل ان ڪٹکي مان نہ نڪري سگهي هئي، ءِ اهو ڪٹکو ڪڏهن ڪڏهن وڏي ڏاڍو بيچين ڪري ڇڏيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن تنهنجي لامحدود پيار تي سوچيندو هوس، تہ پوءِ ان ڪٹکي جو سوچي پنهنجو پاڻ تي ملامت ٿيڻ لڳندي هئي، پر ڏسندي ئي ڏسندي اُهو ئي ٿيو جنهن لاءِ مون خدا کي گهٽو ئي ٻاڌايو هو. تو نہ رڳو مون کي ڇڏي ڏنو، پر منهنجي سامهون ڪنهن ٻي سان هٿن پر هٿ ڏئي گهمين ڦرين بہ پئي. سوچيم پئي تہ ان پيڙا جي پيٹ پر موت ڪيڏي گهٽ ءِ ننڍڙي تڪليف آهي. دل پر آيو هو تہ اهي شخص ڪيڏا نہ خوش نصيب هوندا آهن، جيڪي هن قسم جي سور جي هڪ ئي سَٹَ پر پورا ٿي ويندا آهن. مان تہ موت کان بہ بدتر روگ جي ور چڙهي چڪو هوس. اها چوڪري جنهن سان ايڏي اٹاهہ محبت هجي، جنهن سان ايڏي ويجهڙائي هجي، جنهن سان گڏ جيئڻ ءِ مرڻ جا وچن هجن، جيڪا ڪنهن وقت زندگيءَ جي سمورين حسناڪين، جذبن، احساسن، امنگن ءِ محبتن جي سپ کان وڏي محرڪ هجي. اها جي ايڏي اوپري ٿي وڃي، جو ڪنهن راهہ تي سڃاڻي بہ نہ، تہ پوءِ ساڳي خوشيءَ ءِ ڪامرانيءَ جو محرڪ چوڪري ڦري ناڪامين، محرومين، اٹ کٹ ڏکن ءِ پيڙائن جو محرڪ بٹجي پوندي آهي...

خبر اٿئي! تو پڃاڻان تنهنجي دوريءَ جي درد ۾ ايترو ته ٻوڙي چڪو هوس، جو موت پنهنجي سڄي دهشت ئي وڃائي ويٺو هو. مان ته هر لمحي مري رهيو هوس. اهو موت ته مون کي جڙ ازلي ڇوتڪارو لڳي ها ...

ڪمري تي لڇندي تڙپندي ۽ ڦٽڪندي ڇڪو وقت گذري چڪو هو ان ئي لوڇ پوڇ ۾ ٻڏو پيو هوس، ته در کڙڪيو هو. دل نه چاهيو هو ته اٿي در کولجي، سوچيو هوم، جيڪو به هوندو، تولاءِ ضرور پڇندو، ان ڪري در نٿو کوليان. پر در هو جو مسلسل کڙڪايو ئي ويو. ٽن ڀيرن کانپوءِ اٿي وڃي در کوليو هوم. سامهون محمد علي بيٺو هو مون کي ڏسندي ئي چيو هئائين.

"هلُ صاحب! ڪيڏانهن غائب ٿي ويو هئين؟"

ڪيس جواب ڏيڻ کان اڳ سوچيو هوم:

"ڪاش جيڪر ڪيڏانهن به غائب ٿي سگهجي ها ...!"

منهنجي جواب ڏيڻ کان اڳ ئي ڪمري ۾ داخل ٿيندي پڇيو هئائين:

"ڳوٺ ويو هئين ڇا؟"

ڪمري جون بتيون ٻاريندي چيو هوم:

"ڪراچي ويو هوس ..."

"خير ته آهي نه؟"

"ها، مڙئي خير آهي ..."

ڪجهه گهڙيون چپ رهڻ کان پوءِ هڪندي پڇيو هئائين:

"پاپي سنڌيا ..."

هن اڃان تنهنجو نالو ئي مس ڪنيو هو، ته وري دل جو ڌڙڪو وڌي ويو هوم، دل مان دعا نڪتي هئي:

"اي خدا! مون کي صبر ۽ تحمل عطا فرماءِ."

هن جملو پورو ڪيو هو:

"پاپي سنڌيا، جنهن ڇوڪري سان گڏ گهمي ڦري پئي، اهو هن جو ڇا ٿئي؟"

اکيون بند ڪري هڪ اونهو ساهه ڪنيو هوم. چپن تي ڦڪي مرڪ تري آئي هئي، نظرون جهڪائي ڇڏيون هيم. اداسي گهري ٿي وئي هيم. الاءِ ڪيئن نڙيءَ مان لفظ نڪتا هئا:

"هوءَ هاڻي اوهان جي پاپي نه رهي آهي محمد علي ...!"

ويچاري کان ڏڪ مان دانهن نڪري وئي هئي:

"آئي ..."

سڄي ڪمري ۾ سانت ڇانئجي وئي هئي. هن پنهنجي منهن ڀَالهايو هو:

"اسان هنن کي ايترو ويجهو ڏسي سمجهي ويا هئاسين، تہ هاڻي تنهنجي دنيا ويران ٿي ويندي..."

هن پنهنجو پاڻ ڪرسيءَ تي ڇڏي ڏنو هو. ۽ اداس اکين سان مون کي ڏسندو رهيو هو. مون هن کان پنهنجون نظرون چورائي ورتيون هيون. پوءِ ڪيتري ئي وقت تائين ڪمري ۾ سانت سڏڪا پري روئندي رهي هئي.

5

هي ڏينهن صبح جو جڏهن وڃي آئيني اڳيان بيٺو هوس، تہ پنهنجو پاڻ کي ڏسڻ کان پوءِ حيرت وٺي وئي هئي. منهنجون اکيون جيئن جو تيئن ڳاڙهيون هيون. چپ سُڪي ٽوٽ ٽي ويا هئا. شيوِ وڌيل هئي ۽ منهن جو رنگ ڪاراٽيل هيو. برش ۽ شيو ڪري، صابڻ ۽ شيمپو سان وهنجي، منهن تي ڪريم لڳائي، پينٽ شرٽ پائي، پرفيوم لڳائي، جڏهن ڦٽي ڏيڻ لاءِ وري وڃي آئيني اڳيان بيٺو هوس، تہ ڏٺو هوم منهنجي مُک تي ساڳي اداسي ڇانيل هئي. جنهن کي پاڻ ڏسي پنهنجو پاڻ تي رحم پئي آيو. ڦٽي ڏئي ڪمري کان نڪري آرٽس فيڪلٽيءَ ڏانهن وڌڻ لڳو هوس. باهريون سڄو ڪاروهنوار ساڳيو ئي هو، پر منهنجي دل جي دنيا جي اجڙي وڃڻ کانپوءِ سڀ ڪجهہ اداس لڳي رهيو هو. مان سيني کان نظرون بچائيندو وڃي سنڈي شعبي پهتو هوس. مئڊم گلمينا پنهنجو ليڪچر پورو ڪري جيئن پنهنجي آفيس وئي هئي تہ ڪجهہ منٽن کانپوءِ مان بہ سندس آفيس ويو هوس. جيئن دروازو ٽپي اندر داخل ٿيو هوس، تہ مئڊم ڪلي ڪيڪاريو هو. مان آفيس ۾ پيل ڪجهہ ڪرسين مان هڪ ڪرسيءَ تي وڃي ويٺو هوس. مئڊم هڪ گهڙيءَ تائين غور سان ڏسڻ کان پوءِ پڇيو هو:

"ڪيئن آهين منصور؟"

"ٺيڪ آهيان مئڊم!"

"ڪٿي هئين هيترا ڏينهن؟ ڳوٺ ويو هئين ڇا؟"

"نہ مئڊم! ڪراچيءَ ويو هوس."

"خير ۾...؟"

"بس مئڊم! ايئن ئي..."

"ڏس منصور! مان توکي هڪ ڳالهہ چوڻ ٿي چاهيان..."

مون مئڊم ڏانهن نهاريو هو. هن انتهائي وضعداريءَ سان ڳالهائڻ شروع ڪيو هو:

"منصورا! تون هڪ سٺو شاگرد آهين. مون ڏٺو آهي، ته تنهنجا رجحان ٻين شاگردن جي پيٽ ۾ ڏاڍا مثبت آهن. تون ڏاڍو محنتي ۽ ذهين شاگرد ٻه آهين. تنهنجي سڄي يونيورسٽي لائيف منهنجي اڳيان گذري آهي، جيڪو ٿيو تنهن کي وساري پنهنجي پڙهائيءَ ڏانهن ڌيان ڏي، توکي تنهنجي ماءُ آهي، پيءُ ۽ ياءُ آهن، مان ٻه تولاءِ تنهنجي ماءُ جي جاءِ تي آهيان."

مون کان بي اختيار نڪري ويو:

"بي شڪ مئڊم! اوهان مون لاءِ بلڪل منهنجي ماءُ جي جاءِ تي آهيو..."

"توکي سڀ دوست آهن، ٽورو گهٽو نالو اٿئي. ان کري پنهنجو پاڻ کي سنيال! اهو وساري ڇڏ، ته ڪا چوکري تنهنجي زندگيءَ ۾ آئي هئي..."

ڪنڈ هيٺ ٿي ويو هو. مئڊم وڌيڪ ڳالهائي رهي هئي.

"توکي ته ڪو guilt جو احساس نه آهي نا؟! تو ته هن کي نه ڇڏيو آهي نا"

"نه مئڊم...!"

"شخصي آزادي ته تون ٻه هن کي ڏين ها، باقي معاشي حوالي کان هوڏانهن ڪجهه وڌيڪ فائدو نظر آيو هوندس نه؟"

مئڊم جي هر ڳالهه توريل تکيل پئي لڳي. نه پڇ ته اهي ڳالهيون ٻڌندي ڇا پئي گذريِ!؟ ۽ نه ڄاڻان ته ڪيئن پنهنجو توازن برقرار رکي سگهيو هوس. مئڊم جي پڇيل سوال جو جواب ڏيندي دل ڏاڍو ڏکي رهي هئي:

"جي مئڊم! هن کي پنهنجو مستقبل هُتي وڌيڪ بهتر نظر آيو."

"چري هڪڙي... مستقبل جي هن کي کهڙي پڪ آهي؟ کهڙي پڪ آهي، ته اهو ساڳيو ماڻهو اڳتي هلي هن سان شادي ٻه ڪندو؟ ۽ هُن جو مستقبل توکان وڌيڪ بهتر آهي؟"

"بس مئڊم! هن کي ايئن سمجهه ۾ آيو..."

"هڪ ڳالهه چوانءِ منصور...!؟"

ان کان اڳ جو مان ڪجهه چوان ها، مئڊم چيو هو:

"ڏسجانءِ منصورا! هڪ ڏينهن هوءَ ڏاڍو پڇتائيندي ۽ تون شڪر ڪر جو هوءَ توکي شادي کان اڳ ڇڏي وئي، جيڪڏهن شاديءَ کان پوءِ ڇڏئي ها، ته سوچ ڪيڏو خراب ٿئي ها!؟"

ڪيئن ٻڌايانءِ ته ان وقت منهنجي حالت ڇا ٿي وئي هئي، نظرون جهڪي ويون هيون. مئڊم لطيف سائينءَ جو بيت پڙهندي چيو هو:

"ايءَ نہ مارن ريت، جي سيڙ متائين سُون تي،
اچي عمرڪوٽ ۾ ڪنديس ڪانہ ڪُريت،
پَڪن جي پريت، ماڙين سين نہ مٽيان.

"سُون تي سيڙ متائيندڙ چوڪريءَ جو ڪهڙو اعتبار!؟"

مان چپ ٿي ويو هوس. مئڊم کي جواب ڏيڙ لاءِ لفظ ڪونہ ٿي مليا، مئڊم بہ جيڪو ڳالهيو پئي، سو تڪليف مان پئي ڳالهايو. ساڳي ئي تڪليف مان ڳالهائيندي چيو هئائين:

"جيڪو ٿيو سو ٿيو، هاڻي ان کي وساري ڇڏ! ۽ پنهنجي زندگي کي نئين سري سان شروع ڪر..."

مئڊم کي ڪيئن ٻڌايان ها، تہ سندس ڳالهين کي منهنجي دماغ تہ ميڙي ورتو هو، پر هيءَ جا منهنجي دل هئي، سا ڪجهہ بہ ميڙ کان نابري واري بيٺي هئي، ڇو تہ منهنجا توسان دماغ جا نہ پر دل جا رشتا هئا...

تنهنجين ئي سوچن ۾ گم فيڪلٽيءَ کان موڪي رهيو هوس، تہ فيڪلٽيءَ جي گيٽ تي سڪندر ملي ويو هو. هُو هڪ پل لاءِ مون کي ڏسندو ئي رهيو هو. پوءِ ڏڪاري آواز ۾ چيو هئائين:

"توسان بہ اُهو ئي ٿيو نہ...!؟"

بي دليءَ سان مرڪي چيو هومانس:

"ها، ان کان ڪجهہ خاص نہ ٿيو..."

"ڪيڏانهن ٿو وڃين...؟"

"هاسٽل..."

"هل تہ پهرين چانهہ ٽا پيئون..."

"ٺيڪ آهي، هل..."

"سينٽرل لائبريريءَ جي پٺئين ڪينٽين تي ٽا هلون..."

"ڪيڏانهن بہ هل، مون لاءِ هاڻي هر جاءِ هڪ جهڙي آهي..."

هن هڪ نظر منهنجي چهري کي ڏسڻ چاهيو هو مان سندس هٿ پڪڙي اڳتي وڌي ويو هوس. هڪ تہ مون ڪڏهن اهو سوچيو نہ هو تہ تون مون کي ڇڏي ڏينديءَ، ۽ جي ڇڏيندينءَ بہ تہ تنهنجي باري ۾ پڇيل ڳالهين کان ايڏو ساهہ ويندو تنهن جو تہ اندازو ئي نہ هوا سڪندر سان هلندي بہ اهڙي ئي خوف ۾ ورتل هوس. ان ئي خوف ۾ هلندا جڏهن لائبريريءَ جي پٺئين پاسي پهتا هئاسين تہ جڙ منهنجي مٽان ڪا چپ اچي ڪري هئي.

تون هُن سان گڏ ويٺي هئينءَ مان ڏکندڙ قدمن سان اڳتي وڌي وڃي سينٽرل لائبريريءَ جي مين گيٽ جي ٻاهران ساڃي پاسي ٺهيل ڪينٽين جي پيل ڪرسين تي ويٺو هوس. سڪندر به منهنجي اڳيان پيل ڪرسي تي اڇي ويٺو هو. ڪجهه وقت لاءِ اسان جي وچ ۾ گهري خاموشي ڇانئجي وئي هئي. پوءِ خاموشي ٽوڙيندي هن پڇيو هو:

"ان چوڪري جي ڪري توکي ڇڏيو اٽائين ...؟!"

مان ڪيس ڪو به جواب ڏئي نه سگهيو هوس، تہ ڇيو هئائين:

"هڪ ڏينهن هوءَ ڏاڍو پڇتائيندي..."

مون کان بي چينيءَ مان نڪري ويو هو.

"ايئن نه ڇئه سڪندر ...! ايئن نه ڇئه تہ هوءَ هڪ ڏينهن پڇتائيندي، ٿوري دير اڳ مئڊم به ايئن پئي چيو ڪجهه ڏينهن اڳ مراد به ايئن پئي چيو. مان ڪڏهن به نه چاهيندس، تہ هن کي زندگيءَ ۾ پڇتاڪو پوي، مان تہ اهو ٻڌائي به نه ٿو سگهان، تہ هن سان گڏ مون هن ڪائنات جون ڪيڏيون حسناڪيون ڏٺيون آهن، هن جي هوندي منهنجي من ۾ جيڪي احساس ۽ جذبا اپريا، منهنجي ذهن ۾ تخيل ۽ تصور ۾ ڪيڏي وسعت ۽ گهرائي آئي، اهي سيئي وارتائون بيان ڪرڻ کان به مٿانهيون آهن سڪندر! ۽ ويندي ويندي به هوءَ ڪيترن ئي اسرارن تان پردو کڻندي وئي آهي، هوءَ منهنجي محسن آهي سڪندر...!"

مون کان اتي ويٺو نه پئي ٿيو! ان ڪري سڪندر کي چيو هوم، تہ هو مون کي هاسٽل ڇڏي اچي، مان هن سان گڏ ٽڪل ۽ ساٿي جسم ۽ بي حال ٽيل قدمن سان هاسٽل ڏانهن وڌي رهيو هوس، هاسٽل هئي، جا ستين آسمان کان به پري پائنجي رهي هئي...

6

خبر اٿئي! جڏهن ڪو پڇندو هو ته تو مونکي چڏي ڏنو يا ڇو چڏي ڏنو؟ تڏهن انهن سوالن سان منهنجو رڳو ذهن ئي نه پر دل به ڇرڪجڻ لڳندي هئي. مان تمام وڏيءَ تڙپ ۽ بيچينيءَ تي ضبط ڪندي، پنهنجي رشتي جي لڄ رکڻ جي ڪوشش ڪندو هوس. ان ڏينهن جيئن ئي پنهنجي هاسٽل جي گيٽ کان ٻاهر نڪتو هوس، ته پٺيان سڏ ٻڌو هو:

"منصور صاحب...!"

ڪنڌ ورائي پٺيان ڏنو هوم. ٻه اٺڄاتل شاگرد هئا. جن ڏند ٽيڙيندي اڇي منهنجي پرسان پهچي سلام ڪيو هو:

"سائين اسلام عليڪم...!"

کين سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪندي جواب ڏنو هوم:

"وعليڪم سلام..."

"ڪيئن آهيو...!؟"

هنن کي سڃاڻڻ جي ساڳي ڪوشش ڪندي جواب ڏنو هوم:

"ٺيڪ آهيان..."

"سائين! مائينڈ نه ڪريو ته هڪ ڳالهه پڇون!؟"

مان سمجهي ويو هوس، ته کين ڇا پڇڻو آهي. هڪ ڪرب ۾ مبتلا ٿي ويو هوس. لاشعوري طور هڪ جملو چڏائجي ويو هوم:

"نه، نه پڇو...!"

ڏند ٽيڙيندي پڇيو هئائين:

"توهان جي ڪلاس فيلو توهان کي ڇو چڏي ڏنو؟"

هڪ پل لاءِ کين ڏسندو رهيو هوم. من ۾ ڪروڌ پرجي ويو هو. آواز ويهجي ويو هو. دل ۾ آيو ته کين ست سُريون ٻڌايان. پر وري خيال ٿيو هو ته اهڙن ماڻهن جو تعداد تمام گهڻو آهي. ڪنهن ڪنهن سان جهيڙيندس. ان ڪري چيو هومانِ:

"بس ياءُ! ان ۾ئي رب جي رضا هئي..."

اهو جملو ڳالهائي اڳتي وڌي ويڙ چاهيو هوم. ته واڇون وکيريندي وري پڇيو هئائون:

"اهو ته آهي. پر وري به..."

"او... هو..."

من ۾ متل ڪروڌ مُڪ تي چڙهي آيو هو. وڌي ڪرب مان ڪائنن پڇيو هوم:

"اوهان يونيورسٽيءَ جا شاگرد آهيو؟"

"ها سائين..."

"اوهان جا ڪلاس صحيح هلندا آهن؟"

هو مون کي ڏسڻ لڳا هئا. مون متن سوالن جي ۾رمار لائي ڏني هئي:

"اوهان جو سليبس وقت تي پورو ٿيندو آهي؟"

هو خاموشيءَ سان مون کي تڪڻ لڳا هئا:

"اوهان جو سليبس موجوده دور جي حساب سان. اوهان لاءِ فائديمند آهي؟"

"او..."

سندن ڳالهه ڪٽيندي چيو هوم:

"هيءَ يونيورسٽي اوهان جي والدين جي خون ۾ پگهر جي ڪمائيءَ مان هلندي آهي. ان کي بهتر بنائڻ لاءِ اوهان ڪڏهن سوچيو آهي!؟"

"سائين! اوهان ته ناراض ٿي ويا..."

"منهنجي ناراضگيءَ کي هڻو ڏيڻ ۾! اوهان ڪجهه تخليقي سوچيو ۽ ڪنهن ڇي ذاتي زندگيءَ ۾ دخل نه ڏيو..."

اهو جملو ڳالهائي اڳتي وڌي ويو هوس. نه ڄاڻان هنن پٽيان ڪهڙي بڙ بڙ پئي ڪئي. سوچيم پئي ته هن قسم جا همدرد جيڪڏهن پنهنجين همدردين جا سلسلا ڏند ڪن. ته جيڪر سماج جو ڏاڍو پلوٽي پئي.

ڪيئن ٻڌايان۽! ته ڪيئن وک وک تي ڏنگجي. اڳتي وڌي رهيو هوس. ڇيالاجي ۽ باٽني شعبا پار ڪندي ۽ سينٽرل لائبريريءَ جي پٽئين پاسي پهچندي پهچندي ڪيئي پيرا پاڻ کي سڏ ٿيندي ٻڌو هوم.

"منصور صاحب...! منصور صاحب...!"

توتي پيار اچي ويو هو. توتي ناز ڪندي چيو هوم:
"خدا خوش ڪندئي جانان ...!"
ماڻا ڪندي پڇيو هيئي:
"ڇو...؟"
"ڇو ته تو مون کي ڏاڍا مزا ورايا آهن."
خوش ٿي وئي هئينءَ. خوش ئي خوش هلندا، جيئن ئي پويلين کان ٽورو اڳتي وڌيا هئاسين، ته انبن جي وڻن ۾ لڙڪندڙ انبڙيون ڏسندي چيو هيئي:
"آئي واهه..."
مون جيئن اوڏانهن ڏٺو هو ته چيو هيئي:
"مونکي انبڙيون پٽي ڏي، هاسٽل تي وڃي چنٽي ناهي کائيندس."
"بلڪل پٽي ڏيانءِ ها جانان! پر ڏس ته سهي ڪيڏو مٽي آهن، مان ڪيئن پهچي سگهندس؟!"
"ڪنا پٽان! وڻ تي چڙهي پٽي اڇ نا"
ڪل نڪري وئي هئي، ڪلندي چيو هو مانءِ:
"ڪني پٽين! مان وڻ تي ڪيئن چڙهي سگهندس؟"
ڪلندي چيو هيئي:
"تون چڙهڻ جي ڪوشش ته ڪر!"
"منهنجو مٺڪو پچائيندينءَ چا؟"
"خدا خير ڪري! اهڙيون وايون نه ڪيندو ڪر! خبر به اٿئي! ته مان تولاءِ ڪيتري چري آهيان ...!"
"سوري جانان ...!"
پوءِ به پٽر ڪٽي، مون کي هٿ ۾ ڏيندي چيو هيئي:
"چگو ٻلا هي وڻ! پٽرن سان انبڙيون چٽي، ڪيرائي ڏي"
"نه بابا نا! هانهن مان ست نڪري ويندي..."
پيار مان ڪاوڙ ڪندي ڪيو هيئي:
"آئي..."
تنهنجي ان پيار واري داهي ۾ ايندي چيو هوم:
"چگو ٻلا ڪوشش ڪيان ٿو."
انبڙين جو نشانو ونندي، اوڏانهن پٽر اڇلايو هيم. مون شهري بابوءَ جو نشانو گسي ويو هو. ٿهڪن ۾ ٻڌجي وئي هئينءَ. ان ئي حالت ۾ چيو هيئي:

جڏهن ڪنڌ ورائي پنهيان ڏانو هوم، تہ پتو پيو هو تہ مون کي ڪنهن سڏيو ئي نہ آهي. ان وقت وري پنهنجو پاڻ تي رحم اچڻ لڳو هو. طبعيت خراب ٿي وئي هئي. ان ڪري ڪلاس ونڻ جو ارادو تبديل ڪري ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي پوليين ڏانهن وڃڻ جو رخ رکيو هيم. سينٽرل لائبريري ۾ انسٽيٽيوٽ آف ڪمپوٽر سائنس ۾ ميٽاميٽڪس پار ڪري انسٽيٽيوٽ آف انفارميشن ٽيڪنالاجي واري لاهيءَ تان لهڻ لڳو هوس. اهي سڀ منظر اکين اڳيان ڊوڙي آيا هئا. جن ۾ پاڻ هٿن ۾ هٿ ڏئي، ڪلندا ڊوڙندا هيٺ لهندا هئاسين.

ياد اٿئي! پهرين دفعو پاڻ اتان ڪيئن ڊوڙيا هئاسين. ان وقت تو مرڪي منهنجي اکين ۾ ڏسندي چيو هو:

"منهنجي دل ٿي چئي، تہ هتان هٿن ۾ هٿ ڏئي ڊوڙندا هيٺ لهون ..."

مرڪندي چيو هو مان۽:

"چري آهين چا؟"

پنهنجين نيٽن جي ماڻڪين کي گول ڪندي چيو هيئي:

"چو...؟"

"نہ بابا نہ! مون جهڙي موتي ماڻهوءَ کي ڀچرائي زلزلو آڻائيندين۽ چا؟"

"ها ها ها ..."

ٿهڪ ڏئي کلي پئي هئين۽. سڄو منهن ٻهڪي پيو هيئي.

منهنجي کاپي هٿ کي پڪڑي چيو هيئي:

"هل سڏو ٿي پڃ، نہ تہ کائين نہ مارا!"

تنهنجي اهڙي داپي ملڻ کان پوءِ مرڪي پيو هوس. منهنجي هٿ کي چڪيندي هيٺ ڊوڙي هئين۽. مان ٻہ توسان گڏ ڊوڙي پيو هوس. توکان خوشيءَ ۾ سمزي مان نڪري ويو هو.

"هُو...!!!"

مون کان ٻہ نڪري ويو هو:

"هو...!!!"

تيزيءَ سان هيٺ پڃندي ٻنهي کان ٿهڪ نڪري ويا هئا. هيٺ لهي پاڻ ٻهڪي پيا هئاسين. سهڪندي پيار مان چيو هيئي:

"خدا خوش ڪندئي جانو!"

سهڪندي ۾ مرڪندي پڇيو هو مان۽:

"چو...؟"

"چو تہ تو مون کي ڏاڍا مزا ونرايا آهن ..."

"نشانو بہ نہ ٿو چُڪي سگھين ڪنا!؟"

شڪي ٿي مرڪي ڏنو هومانءِ، تہ منهنجن ڳلن کي پڪڑي چيو هيئي.

"اڙي منهنجو جانيئڙو ....! هاڻي ڏسجان، تہ مان توکي ڪئين ٿي انبڑيون ڪيرائي ڏيان."

پوءِ ہن پٽرن کي پاڻ ۾ ٽڪرائيندي چيو هيئي:

"هاڻي ڏسجانءِ..."

پٽر پاڻ ۾ ملي ٽڪ ٽڪ ڪرڻ لڳا هئا. پوءِ هڪ اک بند ڪري، نشانو وٺي پٽر کي انبڑين ڏانهن اڇلايو هيئي. هڪ پٽر سان ہن وڏين انبڑين اچي هيٺ ڏپڪو ڪيو هو. انهن جي ڪرندي ئي چيو هيئي:

"ڏٺئي....!"

"توکي داد ڏيڻ لاءِ تاڙيون وڄائيندي چيو هوم:

"ها بابا ها، ڏٺم بہ ۽ مڃيم بہ..."

"الاءِ متان نہ مڃين؟"

"منهنجي اهڙي مجال! جو نہ مڃان؟!"

خوش ٿيندي چيو هيئي:

"خبر اٿئي! مارئي هاستل اندر انب جا کوڙ وڻ آهن. مان هاستل ويندي آهيان، تہ کوڙ چوڪريون منهنجو انتظار پيون ڪنديون آهن، تہ جيئن مان انهن کي انبڑيون پٽي ڏيان!"

"واهہ....!"

"هڪ ڏينهن وڻ تي چڙهي ويم، تہ هيٺان چوڪرين پئي چيو اڙي! تون چوڪري آهين يا پولڙي! منٽن ۾ وڻ تي ٿي چڙهي ويئين!"

حيرت مان پڇيو هومانءِ:

"تون وڻ تي بہ چڙهي ويندي آهين!"

"اوهہ... منٽن ۾."

"وڏي ڳالهہ آهي..."

"خبر اٿئي! اسان جي گهر ۾ نم ۽ انب جا وڻ آهن. ننڍي لاءِ هڪ پيري انب جي وڻ تي چڙهي ويئي هيس. امان هيٺان سڏ پئي ڪيا، مون ڪيس ڪو جواب نہ ڏنو هن ويچاريءَ سڃي گهر ۾ پئي سنڌيا... سنڌيا ڪئي، پوءِ اوڙي پاڙي مان پڇائي، جڏهن ٽڪجي اچي وڻ هيٺان ويئي تہ مٽان پيار مان سڏ ڪندي چيو هو مانس:

"امان! ڪنهن کي پئي ڳولين؟"

هن ڪاوڙ ۾ اچي چيو هو:

اڙي لک جي لعنت اٽئي! تون وڃ تي ويني آهين. مان جو هٽي سڄو ڏوڪ ڳولهرايو آهي..."

تڏهن مان ڏاڍا تهڪ ڏئي ڪلي هيس. پوءِ امان اڪثر پهرين وٽن تي ڏسندي هئي. مٽي ويني هوندي هيس. تہ هيٺ لهي اچڻ لاءِ چوندي هئي. اتي نہ هوندي هيس تہ پوءِ ڪمرن ڏانهن منهن ڪري سڏ ڪندي هئي."

تنهنجين انهن دلبراٽين شرارتن تي پاڻ ڪلي پيا هئاسين. سچ تہ انهن معشوق ادائن تي مون کي ڏاڍو پيار پئي آيو. چا تہ خوش هئاسين پاڻ...!

خبر اٽئي! اهي سڀ پياريون ڳالهيون ياد ڪري. مان ان ئي وڃ هيٺان ويهي رهيو هوس. مون مٿان جڙ برف ڪري پئي هئي. بلڊ پريشر گهٽجي ويو هو. دل جو ڌڙڪو وڌي ويو هو. ساهہ منجهڙ لڳو هو. متو ڳورو ٿي ويو هو. ايئن پئي لڳو جڙ ڌرتيءَ جو گولو منهنجي مٿي تي پيو هجي. هڪ اڻ کٽ عذاب ۾ پيڙجي رهيو هوس. ان وقت مون وٽ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو؛ سواءِ منهنجي بيوسيءَ جي...

7

خبر اٿئي! انهن ڏينهن ۾ منهنجون ڪيفيتون ڏاڍيون عجيب ٿي ويون هيون. توکي هن سان ڏسندو هوس ته من ۾ قيامت صغريٰ مچي ويندي هئي، پر جنهن ڏينهن توکي نه ڏسندو هوس، ته سڄي ڪيمپس ۾ منهنجون اکيون توکي ئي ڳوليندڙيون هيون. جيتوڻيڪ تون منهنجين اکين ۾ سمايل رهندي هئينءَ. پر تڏهن به الاءِ ڇو توکي سامهون ڏسڻ چاهيندو هوس. توکي هن سان ڏسي پهرين حد کان وڌيڪ وڌي ڪرب ۾ وڪوڙجي ويندو هوس، پر پوءِ هڪ عجيب قرار پيو ايندو هو. جنهن ڏينهن تون نظر نه ايندي هئينءَ، ان ڏينهن منهنجي دل ڏاڍي اتاولي ۽ بي چين ٿي پوندي هئي. ڪٿي به قرار ڪونه ايندو هوم. منهنجي چرپاڙ دل ۽ اکيون ان ڏينهن جامشوري جي پٽرائين رستي تي توکي ئي ڳوليندڙيون رهنديون هيون. اُها هڪ عجيب ماجرا هئي، ڪنهن به عقلي امر کان مٿانهين ...!

ان ڏينهن تون ڪيمپس نه آئي هئينءَ. ڪلاس مان جيئن استاد روانو ٿيو هو ته پنهنجي ڪلاس فيلوز تعزيتي انداز ۾ ڏک جو اظهار ڪيو هو هنن جي ڏهنن ۾ روايتي بيغيرتاڻي غيرت ڪر ڪٽي بيٺي هئي، روايتي طور افسوس ڪرڻ کان پوءِ هنن هڪ اهڙي عجيب ڳالهه ڪئي هئي، جو مان ڏاڍو حيران ٿي ويو هوس. اسان جي ڪلاس جي سي. آر هنن جي نمائندگي ڪندي چيو هو:

"يار منصور! سنڌيا توکي ڇڏيو آهي. اسان اهو ئي زهر جو ڏڪ الائي ڪيئن پي ويا آهيون. هاڻي هوءَ وتي ٿي ڀي ڊپارٽمينٽ جي چوري سان هٿن ۾ هٿ ڏئي رُلندي..."

هن اڃان پنهنجو جملو پورو ئي نه ڪيو هو ته پنهنجو ٻيو ڪلاس فيلو شروع ٿي ويو هو:

"پٽسان هو ڇورو ته ڏسو! هوءَ ڪلاس پئي وڃندي آهي. ته هو ڪاريڊور ۾ چوڪيدار لڳو ويٺو هوندو اٿس ...!"

وري سي. آر ڳالهائيندي چيوهو:

"يار! اهو هاڻي اسان جي شعبي جي غيرت جو مسئلو آهي. شعبي جا ٻيا شاگرد به صفا باهه لڳا پيا آهن. هاڻي هن سان گهٽ نه ٿيندي..."

مون کين چيو هو:

"سڀ کان پهرين ته مان اوهان جي همدرديءَ لاءِ، اوهان جو ٿورائتو آهيان. جو اوهان منهنجي تڪليف کي سمجهيو آهي، ٻي ڳالهه ته هوءَ جنهن چوڪري سان گهمي ڦري پئي، اهو هن جو مائٽ آهي. هنن جي گهر وارن کي به ان ڳالهه جي خبر آهي. سڀ کان وڏي ڳالهه ته اسان ادب جا شاگرد آهيون. اسان لطيف جا پيروڪار آهيون. اسان کي خبر آهي ته پيار ۾ زور جي ميندي نه لڳندي آهي. پيار نج دلين جو معاملو آهي. سنڌيا جو پيار هاڻي هن سان گڏ آهي. سنڌيا جي دل هن سان گڏ گهمندي ڦرندي مطمئن آهي ته بس...!"

"پر منصور...!"

کيس ڪٽيندي چيو هوم:

"ڏسو! اسان جمهوريت پسند ماڻهو آهيون. اهو سنڌيا کي جمهوري حق آهي ته، هوءَ جنهن سان چاهي، تنهن سان گهمي ڦري، دوستي رکي ۽ شادي ڪري. اهو پسند جو حق هن کي اسان جي ملڪ جو آئين ۽ گڏيل قومن جو انساني حقن جو معاهدو فراهم ڪن ٿا..."

"پر جنهن سماج ۾ اسان رهون ٿا..."

"ڏسو مان اوهان کي پڌائي ٿو چڏيان: ته هن کي پنهنجي پسند جي حق جي آزادي حاصل آهي؛ ۽ جنهن به هن جي اها آزادي کسڻ جي ڪوشش ڪئي؛ ان جي خلاف سڀ کان پهرين مان ويڙهه ڪندس."

اهو چئي مان ڪلاس روم کان ٻاهر نڪري ويو هوس. مون کي هنن جي اهڙيءَ سوچ تي ڏاڍو افسوس ٿيو هو پر فورن ئي پوءِ سمجهي ورتو هوم. ته ان ۾ هنن جو ڪوبه ڏوهه نه آهي. هن سماج سوين سالن کان ماڻهن کان ٻيو ته ڪجهه پر سوچڻ جو حق به کسي ورتو آهي. اهي رڳو انهن جا خيال نه هئا. پر اسان کان اڳ جي ڪيترن ئي نسلن جا به خيال هئا. جيڪي کين ڪنهن زماني کان ورثي ۾ ملندا پئي آيا ۽ ادب پڙهندي خبر پئي هئي ته دنيا جا ٻيا سمورا ڪم ٿوري گهڻي ڏکيائي جي هوندي به سولا آهن. پر دنيا جو ڏکيو ڪم پنهنجا خيال تبديل ڪرڻ آهي..."

خبر اٿئي! ان وقت تنهنجي وڪالت ڪندي اٽاهه ڏک سان گڏ خوشي به ٿي هيم. دل ۾ تنهنجي پيار جا نوان آبشار وهي آيا هئا. دل توکي ڏسڻ چاهيو هو. آرٽس فيڪلٽيءَ واري پوئين دروازي کان ٻاهر نڪري، زيرو پوائنٽ ۽ لورز پوائنٽ کان

گرلز جمنازيم واري پاسي مُڙي پيو هوم. نمن ۾ ٻور هو. سڄو رستو ان جي ڏيمي ڏيمي خوشبو سان واسيل هو. هن خوشبوءَ ۾ جي تون هجين ها تہ ٻيو ڇا گهرجي ها!

ياد اٽئي!اها نمن جي ٻور جهلڻ جي موسم هئي. جامشوري جون هوائون انهن خوشبوئن سان ٻريل هيون. هڪ اونهو ساهہ کڻي، اها خوشبو پنهنجي اندر ۾ اوتيندي چيو هومانءِ:

"جانان!"

"جيءُ جانو!"

"ڏسين ٿي، مون کي نمن جي ٻور مان جڙ تنهنجي بدن جي خوشبو پئي اچي..."

"ها...، سڀ ٻڌايانءِ، تہ مون کي وري ان مان تنهنجي سڳنڌ ٿي واسجي."

"واهہ..."

"ڇو"

"شاعري پڙهي پڙهي، پاڻ شاعر تہ نہ ٿي سگهياسين، پر پنهنجي محسوس ڪرڻ واري حس اهڙي ٿي وئي آهي..."

"رڳو محسوس ڪرڻ واري حس شاعراڻي ٿي آهي، بس!"

مرکي توڙانهن ڏئو هوم، تہ مرکي چيو هيئي:

"پنهنجي دل شاعراڻي نہ ٿي آهي؟"

نهڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندي ڪيو هوم.

"اونهن ...هونهہ..."

مرکي حيرت مان چيو هيئي:

"نہ؟"

مرکي فخريہ انداز ۾ چيو هومانءِ:

"اڙي بابا! پنهنجي پاڳل پيار جي اڳيان ڪنهن شاعراڻي دل ۾ محسوس ڪرڻ واري حس جي ڇا حيثيت آهي؟ پنهنجي پيار جي احساس جي ڪائنات جي تہ پاڻ ايجان هڪ ذرتي بہ نہ ڏٺي آهي..."

کلي پئي هئينءَ. پيار مان چيو هيئي:

"حرامڑا..."

کلي چيو هومانءِ:

"حرامڑي!"

"ڪنا پٽان..."

"ڪني پٽي...! ٻڌا!"

"هان..."

"پاڻ بہ پنهنجي گهر جي وچ آڳر ۾ هڪ نم جو وڻ پوکيندا سين."
"هونهہ ... پوءِ جڏهن نمون ٻُور جهلينديون، تہ انهن جي هيڻان ويهي چانهيون پيئندا سين."
"هونهہ..."
پوءِ مرڪندي شعر ٻاهيو هوم.
هڪ ڏڪ تون پريندينءَ، ٻيو مان پريندس،
روز توسان ايئن ئي چانهہ پيئندس.
ڪلي چيو هيئي.
"واهہ! پر اهو شعر هيئن هجڻ گهرجي.
"هڪ ئي ڪوپ مان سُپ سُپ پرينداسين،
روز ايئن ئي پاڻ چانهہ پيئنداسين."
"واهہ... هي تہ تون شاعره ٿي وئينءَ!"
ڪلي پئي هئينءَ.
"چگو هاڻي ٻيو بند ٻڌا ٻاهيون."
"هونهہ...!"
سوچيندي چيو هوم.
"نہ گهرجي ڪا گهڙي توبن"
سوچي هٿ پڪڑڻ کان پوءِ چيو هيئي.
"گڏ مرنداسين ۽ گڏ جيئنداسين."
"اڙي واهہ! تون تہ واقعي شاعري پئي ڪرين!"
"پوءِ ڇپايون ان کي؟"
"ڇڏ يار! عقل جا 'سڃا' چوندا تہ ان جا قافيا صحيح ناهن ۽ الائي ڪهڙي 'فعلن ـ فاعلن' تي آهي!"
"ها ها ها..."
فعلن ـ فاعلن ٻڌي ڪلي پئي هئينءَ. اهي ڳالهيون سوچي پنهنجي منهن مرڪي ويٺو هيس. نمن جي سڳنڌ واسيندو گرلز جمنازيم جي پرسان ويڄي پهتو هوس، هڪ نظر ان خالي حصي کي ڏسندو رهيو هوس، جنهن تي پاڻ ڪڏهن گڏجي ويهندا هئاسين...
ياد اٿئي! هڪ ڏينهن پاڻ اتي ويٺا هئاسين. مان پٽ کي ٽيڪ لڳائي ويٺو هوس، ۽ تون مون تي. ان هلڪي هلڪي سرور ۾ پاڻ اکيون بند ڪري ويهي رهيا هئاسين، تہ اوچتي ٽن موٽر سائيڪلن تي سوار ڇهہ 'ڦني خان' اچي تيزيءَ سان

پرسان ٻيٺا هئا، ۽ تڪڙ ۾ موٽر سائيڪلن تان ڦڙڦوٽ سان لٿا هئا. اسان هنن کي گاهه ئي نه وڌو هو ڪين هڪ نظر ڏسڻ کان پوءِ وري پنهنجون اکيون بند ڪري ان سرور ۾ محو ٿي ويا هئاسين. ڪنن ۾ هلڪو آواز پيو هو:

"اڙي هلو! ڇڏيون."

هو موٽر سائيڪلون استارٽ ڪري هليا ويا هئا. پوءِ پاڻ مرڪي اکيون کوليون هيون. تو چيو هو.

"وڏا آيا هئا غيرتي...!"

وري اکيون بند ڪري ڇڏيون هيونسين. ان ساڳي جاءِ تي ويٺي اداس ٿي ويو هوس.

ڪني! جيڪڏهن ايئن ئي ڇڏڻو هيئي، تہ پوءِ گڏ مرڻ جيئڻ جا خواب ڇو ڏيکاريا هيئي! پاڻ نہ گڏ جيئي سگهياسين ۽ نہ گڏ مري...

ڪني! اڃي ڏس تہ سهي منهنجا چپ ڪيئن ڦڙڪي رهيا آهن!؟ ڏس تہ ڪيئن منهنجو سڄو وجود ڏڪي رهيو آهي! ڪيئن منهنجون اکيون آليون ٿي ويون آهن. ڪيئن چپ خشڪ ٿي ويا آهن! هر سيڪنڊ کان پوءِ ڳيت ڏيڻ لڳان ٿو.

ڪني! اڃي ڏس تہ سهي! مان ڪيئن درد جي درياهه ۾ رڳو غوطا کائي رهيو آهيان، نہ ساهه ٿو وڃي، ۽ نہ ئي ڪناري تي ٿو پهچان...

8

ڪني! تون نہ ٽي ڇاڻين تہ جلندي، پچندي ۽ پچرندي ڪيئن پاڻ کي زندھ رکي سگھيو آھيان! ڪيترين ئي راتين جي مسلسل اوجاڳن ۽ رڳو تنھنجي باري ۾ ئي سوچڻ جي ڪري وري مٿي ۾ تمام گھٽو سور پوڻ لڳو ھوم. ھڪ دفعو وري زندگيءَ گھڙيال جو سيل ڪيڻ تي مجبور ڪيو ھو پر ان پيري گھڙيال جي ٽڪ ٽڪ ۾ ڪجھ فرق محسوس ٽي رھيو ھو. ان وقت اھا ھٿوڑي جيئن نہ پر ڪھاڙي جيئن لڳڻ لڳي ھئي. مٿي ۾ شديد سور پوڻ کان پوءِ رکي رکي ڪنن ۾ ٽڏي جھڙو آواز ٻرڻ لڳندو ھو.

"سُو... سُو... سُو..."

رات جي سانت ۾ اھو آواز وڌيڪ گھرو ٿيڻ لڳندو ھو. اکيون جيئن جو تيئن سڙندیون رھنديون ھيون. دل جي اڇل جي تہ ڳالھ ئي نہ پڇ ...

گھٽي ئي سوچ ويچار کان پوءِ ان نتيجي تي پھتو ھوس، تہ ھڪ دفعو وري سائڪياٽرسٽ سان رابطو ڪرڻ گھرجي. سڄي رات کامڻ، لڇڻ ۽ تڙپڻ کان پوءِ صبح جو پوٽين ڏھين وڳي زيرو پوائنٽ تان لطيف آباد ويندڙ پوائنٽ ۾ چڙھي ويٺو ھوس. جيتوٽيڪ ننڊ نہ پئي آئي، پر تنھن ھوندي بہ اکيون بند ڪري ڇڏيون ھيم. مون ڪجھ بہ ڏسڻ نہ ٽي چاھيو ۽ سڄ تہ تو سوا ڄامشوري ۾ رکيو ئي ڇا ھيو!؟ پندرھن منٽن کان پوءِ بس رڙھڻ لڳي ھئي. جيتوٽيڪ اکيون بند ھيم. پر تڏھن بہ چڱيءَ ريت خبر پئجي رھي ھئي، تہ ھاٽي بس زيرو پوائنٽ کان ھيٺ لٿي آھي، ھاٽي لورز پوائنٽ کان پھتي آھي ۽ ھاٽي سنڊالاجيءَ کان ھاڻ وي ڏانھن مُڙي تيز تيز ڊوڙڻ لڳي آھي. ڇا ڪيان! توسان ۽ ڄامشوري سان منھنجو رشتو ئي اھڙو رھيو آھي!

چاليهين منٽن کان پوءِ بس گدو موڙ لطيف آباد نمبر 3 پهتي هئي. بس مان لهي ڪائوسجي جهانگير مينٽل هاسپيٽل جي گيٽ اندر داخل ٿيو هوس. سچ ٻڌايانءِ تہ اندر گهڙندي ئي منهنجو هنيان ٻڌي ويو هو. ذهني پيڙا ۾ ويتر واڌارو ٿي ويو هو. او. پي. ڊي وارڊ مان پرچي ڪٽائي. پٽيوالي کي ڏئي، بينچ تي ويهي پٽ کي ٽيڪ ڏئي اکيون بند ڪري ڇڏيون هيم. طبعيت ڏاڍي خراب ٿي وئي هئي، دماغ سور کان ڦاٽي رهيو هو. ڇا ٻڌايانءِ! تہ اتي منهنجو روح کهڙيءَ ريت چڇرجڻ لڳو هو. ٽنهي طرفن کان ذهني مريضن جي روئڻ ۽ رڙيون ڪرڻ جا آواز اچي رهيا هئا، جن مون کي هڪ وڏي ڪرب جي ڌٻڻ ۾ ڦاسائي ڇڏيو هو. ڪيئن ٻڌايانءِ! تہ ڪيڏي بيقراري ٿي رهي هئي...

ڪلاڪ کن جي ان ڪربلا کان پوءِ منهنجو وارو آيو هو. ڊاڪٽر نوجوان ڊاڪٽرياڻين کي منهنجي ڪيس هسٽري ڄاڻڻ لاءِ چيو هو. مون کين بابا جي ٻي شادي ڪرڻ کان پوءِ ڊپريشن ۾ وڃڻ ۽ پوءِ واري سڄي روئداد ٻڌائي هئي. پوءِ هڪيئي ڏانهن منهن ڪري چيو هئائون: "سيويئر ڊپريشن..."

اهو مختصر جملو اڳ ۾ ٻڌي چڪو هوس، جڏهن بابا ٻي شادي ڪئي هئي، تہ ساڳيو جملو ان وقت جي ڊاڪٽر چيو هو.

پر ڪيئن ٻڌايانءِ! تہ هن ڊپريشن جي اذيت ستن پاتالن کان ۽ گهري ۽ ستن آسمانن کان ۽ اوچي هئي. خاموشي سان ويٺو رهيو هوس. ڊاڪٽر پرچيءَ تي دوائون لکي ڏنيون هيون، ۽ چيو هئائين تہ پرسان واري ڪمري مان وٺو. پندرهن ڏينهن جون دوائون هيون. پندرهن ڏينهن تائين هاسٽل روم تي گش لڳو پيو هوس. شايد انهن دوائن ۾ بيهوشيءَ يا ننڊ وارو عنصر گهٽو هو. اکين ڪُليل هوندي ۽ ائين لڳندو هو جڻ ماٺهو بيهوش هجي پر خبر اٿئي انهيءَ حالت ۾ ۽ منهنجي دل ۽ دماغ تنهنجيءَ ياد کان غافل نہ هيا.

پندرهن ڏينهن کان پوءِ جيئن ئي وري ٻيهر چيڪ اپ لاءِ اسپتال ويو هوس، تہ گيٽ ٽپندي ئي پنهنجي دوست عيني ملي وئي هئي. وڏيءَ خوش دليءَ سان پڇيو هئائين.

"تون...! هتي...؟"

مرڪي چيوهومانس:

"بس يار! مڙئي ٽورو چريو ٿي پيو آهيان."

مذاق ڪندي چيو هئائين:

"پر هتي تہ گهٽا چريا ايندا آهن."

"ها ها ها..."

ٿهڪ ڏئي ڪلي پيا هئاسين:

بي دليءَ سان ئي سهي، توکان پوءِ اهو منهنجو پهريون ٿهڪ هو. ڪلندي چيوهومانس:

"Very funny!"

"Thank you!"

هيءَ منهنجي بيحد پياري ۽ قابل احترام دوست هئي. پاڻ ٽئين سال ۾ هئاسين، تہ هيءَ انٽر نيشنل رليشنس ۾ پريوئس سائيڊ کان پڙهڻ آئي هئي. هوءَ ۽ مان هڪ غير سرڪاري تنظيم (NGO) جي تربيتي ورڪشاپ ۾ مليا هئاسين. پوءِ جيئن جيئن ملاقاتن جو سلسلو شروع ٿيو هو تہ اسان جو تعلق هڪ احترام سڪ ۽ پنهنجائپ واري رشتي ۾ تبديل ٿي ويو هو. عيني هڪ اهڙي چوڪري هئي، جنهن جي دوستي کان پوءِ ان ڳالهہ ۾ يقين پختو ٿي ويو هوم تہ اسان جي فرسوده سماج ۾ بہ ڪي چوڪرا ۽ چوڪريون هڪ ٻئي جا سٺا دوست ٿي سگهن ٿا. هوءَ منهنجي اهڙي دوستن مان هئي، جنهن جي ڪري دوستيءَ ۽ انساني رشتي جي پاڪائيءَ تي فخر ڪري سگهجي، پر اڄ جي دور ۾ ههڙا انسان تمام گهٽ آهن. اتي ۾ لوڻ کان بہ گهٽ... اسپتال جي گيٽ اندر داخل ٿيندي پڇيو هئائين:

"هتي ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟"

"سنڌيا جي چڏڻ کانپوءِ مون کي سيويئر ڊپريشن ٿي پئي آهي يار...!"

هڪ نظر گهوري نهاريڻ کان پوءِ چيو هئائين:

"پريشان نہ ٿيءُ! ڪو مسئلو نہ آهي. تون جلدي ٺيڪ ٿي ويندين."

هڪ ساهيءَ کان پوءِ چيو هئائين:

"مون بہ هن کي اُن چوڪري سان ڏٺو آهي. هڪ دفعو هن سان گڏ هئي، تہ ملي بہ هئي. ڪائنس تنهنجو پڇيو بہ هيم. تہ ٻڌايو هئائين. هاڻي هي منهنجو فيئانسي آهي، مان ان وقت تو لاءِ پريشان بہ ٿي هيم. تنهنجون پڇائون بہ ڪيون هيم. توکي فونون بہ ڪيون هيم پر تنهنجو نمبر بند هو."

هڪ لمحي لاءِ خاموشيءَ ۾ اڪٿي وڏي ويا هئاسين. پوءِ چيو هئائين:

"تو لاءِ چوڪريون هزار، پر هن توکي چڏي، سڀ کان وڏ پنهنجو نقصان ڪيو آهي..."

"خير، تون هتي ڪيئن آئي آهين؟"

"امي ۽ بابا ڪيڏانهن وڃڻا هئا. گهر جي چابي منهنجي پيٽ بينش وٽ آهي، اُها کڻڻ آئي آهيان."

مذاق ڪندي چيو هومانس:

"اڇا ... هوءَ صفا ايڊمٽ ٿيل آهي ڇا؟"

"ها ها ها ..."

ڪلي پيا هڻاسين. پوءِ چيو هئائين:

"نہ يار! هتي ڊاڪٽر آهي."

"واهہ ڏاڍو سٺو."

"تون بہ هل، ان سان صلاح ٿا ڪريون."

"ها، اهو بهتر آهي."

پوءِ اسان سندس پيٽ ڏانهن ويا هڻاسين. هن پنهنجيءَ پيٽ سان منهنجو تعارف ڪرايو هو تہ هن چيو هو:

"اڇا تہ اوهان آهيو منصور! جنهن جون ڪيترن ئي ڏينهن کان تعريفون پيون ٻڌجن!"

ان پنهنجائپ جي احساس ۾ خوش ٿي ويو هوس. عيني ڪيس منهنجي ڪيس هسٽري ٻڌائي هئي، پوءِ هن چيو هو:

"ادا! توهان بلڪل ٺيڪ آهيو ڪجهہ ڏينهن ۾ دوائون کائڻ سان اوهان جي ڊپريشن ختم ٿي ويندي."

مون فقط مرڪي هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو هو. هن وڌيڪ چيو هو. "اسان جو سر آهي، ڊاڪٽر جميل حسين، حيدرآباد جو سڀ کان وڏو سائيڪياٽرسٽ آهي، پاڪستان ليول تي مشهور آهي، هن هاسپيٽل جو هيڊ بہ اهو آهي، ٿوري دير ۾ اچڻ وارو آهي. اوهان جو ان کان ٿا چيڪ اپ ڪرايون."

ڪجهہ وقت کان پوءِ جيئن ڊاڪٽر صاحب پنهنجي آفيس ۾ آيو هو تہ اسان بہ هن جي آفيس ويا هڻاسين. عينيءَ جي ان سيائڪياٽرسٽ پيٽ ڊاڪٽر جميل حسين کي منهنجي ڪيس هسٽري ٻڌائي هئي. ان کانپوءِ ڊاڪٽر صاحب مون ڏانهن ڏسندي چيو هو:

"اوهان گهٽن ڏينهن ۾ ٺيڪ ٿيڻ ٿا چاهيو؟"

ڊاڪٽر صاحب جي ان سوال تي مرڪي پيو هوس، تہ هن چيو هو: "هونئن تہ اوهان ٺيڪ ئي آهيو. پر هينئر جيڪا اوهان کي بيچيني محسوس ٿئي ٿي، اها دوائون کائڻ سان ئي ختم ٿيندي ويندي. باقي ٻيو مسئلو اوهان کي سمجهڻو پوندو."

مان هن جون ڳالهيون ڌيان سان ٻڌي رهيو هوس. هن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو هو:

ڏسو! هڪ ڳالهه ياد رکو. اسان جو سماج ڪيترن ئي نفسياتي مونجهارن جو شڪار آهي. هتان جي ماڻهن کي ڪيترين ئي محروميون آهن؛ ۽ هر ماڻهو پنهنجي محروميءَ جو حل چاهي ٿو. هر ماڻهوءَ کي ڪاڻ ڪا محرومي ضرور رهندي آهي. اها هڪ انساني فطرت آهي. اوهان جي محبوبا جي هڪ ئي محرومي هئي، تہ هن جو ننڍپڻ غربت ۾ گذريو هو. هن پنهنجيءَ ان محرومي مان نجات ٿي حاصل ڪرڻ چاهي؛ ۽ اها نجات هن کي اوهان ۾ نظر نہ آئي. جيستائين هن وٽ پيو آپشن نہ هو، تيستائين هوءَ اوهان سان خوش هئي؛ پر جيئن هن کي پنهنجي ان محروميءَ مان ڪنهن بي هنڌ نجات نظر آئي، تہ هوءَ اوهان سان بيچين ٿي پئي ..."

وچ ۾ ڊاڪٽر بينش ڳالهائيندي چيو هو:

"ڪجهه ڏينهن اڳ هتي هڪ نوجوان آيو هو هن جي هٿ ۾ هڪ مُنڊي هئي. ٻڌايائين پئي تہ هن هڪ چوڪريءَ سان پيار جو مڳڻو ڪيو هو. ۽ هوءَ اها چوڪري هئي، جنهن هن سان شادي نہ ٿيڻ جي صورت ۾ پنهنجن مائٽن کي خودڪشيءَ ڪرڻ جو چتاءُ ڏنو هو. هن چوڪريءَ جي هڪ ساهيڙي لنڊن پرٽجي وئي. جتان هوءَ هن کي انٽر نيٽ تي پنهنجا اتان جا فوٽوز پئي موڪليندي هئي. پنهنجي سهيليءَ جي آزاد زندگي ڏسي هن کي بہ لنڊن وڃي آباد ٿيڻ جي خواهش ٿي پئي. هن چوڪريءَ هُن چوڪري کي چيو تہ شادي کان پوءِ مون کي لنڊن رهائڻو پوندئي. جيڪا ڳالهه هن چوڪري جي وس ۾ ڪانہ هئي. ان ڪري هن چوڪريءَ کي اها محرومي ٿي پئي، هوءَ لنڊن جي ڪنهن بابوءَ سان لائنون لهڻ جي خواهش پنهنجي ان سهيليءَ سان ڪندي رهندي هئي. جنهن لنڊن ۾ رهندڙ هڪ چوڪري سان سندس شادي طئ ڪرائي ڇڏي. جيڪا چوڪري هن لاءِ مرڻ لاءِ تيار هئي تنهن هن کي ڪا خبر پوڻ نہ ڏني ۽ چپ چپات ۾ شادي ڪري هلي وئي. جڏهن جهاز ڪراچيءَ مان اڏاڻو تہ چوڪريءَ جي مالڪن هن ڏانهن مُنڊي واپس موڪلي ڏني ..."

"Oh! It's very shocking!"

"Yes, it's very shocking..."

ڊاڪٽر جميل حسين چيو هو:

"اهڙا ڪيترائي واقعا روز ٿين ٿا. ڪڏهن چوڪريون چوڪرن کي چڏي ٿيون ڏين، تہ ڪڏهن چوڪرا؛ ۽ ان ۾ هنن جو ڪوبہ ڏوهہ نہ آهي. هو پنهنجين پنهنجين محرومين جي هٿان مجبور آهن. ان ڪري هر ماڻهو کي ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ هو پنهنجي محروميءَ ۾ نہ ڦاسي ..."

مون کان پنهنجي ليکي جملو چڏائجي ويو هو.

"اوهان صحيح ٿا چئو ڊاڪٽر صاحب!"

هن مون لاءِ پندرهن ڏينهن جي دوا تجويز ڪئي هئي. ۽ پوءِ وري چيڪ اپ لاءِ سڏايو هو. ان سان گڏو گڏ عينيءَ کي منهنجي خيال رکڻ جي هدايت بہ ڪئي هئائين سچ پچين تہ ان چوڪري کي هڪ پيرو ڏسڻ جي خواهش ٿي هيم. ۽ ان لاءِ ڪيترائي همدرديءَ وارا پاوَ ايري آيا هئا ...مان ڪيتري وقت تائين انسان جي ان محروميءَ واري جبلت جي باري ۾ سوچيندو ۽ افسوس ڪندو رهيو هوس...

9

خبر اٿئي! سائڪياٽرسٽ جي ان ڪنسلٽيشن ڪانپوءِ ۾ منهنجي دل جي هر ڪنڊ ۾ تنهنجو ئي واسو هو. منهنجي دل جي هر ڌڙڪن ۾ تون ئي ڌڙڪي رهي هئينءَ. خبر اٿئي! ڪيترين ئي ماجرائون ۽ لقاءَ سمجهڻ کان پوءِ ايان وڌيڪ مبهم ٿي ويندا آهن. تنهنجي هر عمل لاءِ منهنجيءَ دل ۾ عجيب قسم جون Justifications پاڻ ئي ٺهي ويندين هيون. تون مون کي ڏسي منهن ڦيري ڇڏيندي هئينءَ، هن سان خوش ٿي ٿهڪ ڏيندي هئينءَ، هُن جو هٿ پڪڙيندي هئينءَ يا مون کي ڏسي هن سان مذاق ڪندي هن کي ڪلهي تي ٽڪي هٽندي هئينءَ، تہ منهنجي دل ان عمل کي جسٽيفاءِ ڪندي چوندي هئي:

"اهو سڀ سنڌيا ان لاءِ ٿي ڪري، تہ جيئن مان ڪيس بيوفا سمجهي جلدي ڀُلائي ڇڏيان ۽ ان درد مان نڪري اچان."

خبر اٿئي! تنهنجي ان عمل جي ڪري ۾ توسان محبت ۾ اضافو ئي ٿي رهيو هو. نہ ڄاڻان ميڊيڪل سائنس منهنجي ان ڪيفيت کي ڪهڙو نالو ڏيندي!؟

هڪ ٻن ڏينهن کان پوءِ فيڪلٽيءَ کان نڪرندي عيني ملي وئي هئي. هن سان ۽ ڪلاس فيلوز ۾ گڏ هيون. مرڪي هٿ ملائيندي پڇيو هئائين:

"طبعيت ڪيئن آهي!؟"

"بهتر آهي!"

"هونهہ... گڊ! دوائون وقت تي کائيندو آهين؟"

"ها بلڪل... اهو ڪم آهي، جيڪو پوري پوري وقت تي ڪندو آهيان."

"زبردست... اسان ڪلاس وٺي ٽڪجي پيا آهيون. ڇانهہ پيئڻ پيا ويون. تون هل."

"نہ، ڪنهن ٻي ٻيري!"

"ٻي پيري چو؟ هل ته هاٿي ئي هلي ٿا چانهه پيئون."

سوچيو هوم. هن قسم جي مهربان دوست سان ڪهڙا ويهي نخرا ڪيان. ساڻن گڏ ويندي چيو هوم.

"هلو"

خوش ٿيندي چيو هئائين.

"That's like a good boy"

"Thank you"

اسان چارئي آرٽس فيڪلٽي جي ڪاهي پاسي ٽهيل ڪينٽين جي ٻاهران وڃي ويهي رهيا هئاسين. هو ٻئي پاڻ ۾ ڪچهري ڪرڻ لڳيون هيون ۽ اسان ٻئي پاڻ ۾.

عينيءَ پڇيو هو:

"هاٿي ظاهر آهي. هوءَ توکي ياد ته ايندي هوندي. پر ان جي ياد ۾ ڪا ڪمي آئي آهي؟"

ناڪار ۾ ڪندڙ لوڏيندي چيو هوم:

"اونهه هونهه... سچ اهو آهي ته هوءَ مون کان هڪ پل لاءِ به نه ٿي وسري!"

"ڏس نه ...! توکي ئي ايڪسٽرا افرٽس ونڊا پوندا. هوءَ ته هن سان خوش لڳي پئي آهي. خوامخواهه تون ئي رڳو پاڻ کي ڳاري رهيو آهين!"

"تون صحيح ٿي چئين عيني! پر مان چا ڪيان؟ جي هوءَ هر لمحي هر گهڙي مون کي منهنجي آسپاس محسوس پئي ٿئي! ساهَ ڪٽندي. دل ڌڙڪندي. اکيون بند ڪندي ۽ کوليندي رڳو هوءَ ئي مون کي نظر ٿي اچي. مون اڄ هن کي نه ڏٺو آهي. پر تنهن هوندي به مان هن کي ڏسي سگهان ٿو ته هن کي اڄ ڪهڙي رنگ جا ڪپڑا ۽ ڪهڙا سينڈل پاتل آهن. ڪيس ڪهڙو پرس کنيل آهي. هن اڄ سُرخي ڪهڙي رنگ جي لڳائي آهي ۽ اڄ هن وار ڪيئن ناهيا آهن..."

عينيءَ تجسس مان پڇيو هو:

"ٻڌاءِ! اڄ هوءَ ڪهڙا ڪپڑا پائي آئي آهي؟"

اسان جون اهي ڳالهيون ٻڌي سنڊس سهيلين جو ڌيان به اسان ڏانهن ٿي ويو هو

"اڄ هوءَ سُوسيءَ جو ڦڪو وڳو پائي آهي. جيڪو اسان گڏجي هالا هئنڊي ڪرافٽس شاپ تان ورتو هو. جنهن تي هن ڏاڍو سٺو پرت پريو هو ۽ ان تي هو جرڪندڙ هيرن وارو سينڈل پائي آئي آهي. جيڪو اسان steemar shows صدر تان ورتو هو. ان تي هن کي ميرون رنگ جو ميڊيم سائيز پرس آهي ۽ هوءَ برائون رنگ جي سرخي لڳائي آئي آهي. آهه... چا ته نهي ٿي ظالم...!!"

عيني چپ ٿي مون کي ڏسڻ لڳي هئي! ۽ پوءِ ڏک مان پڇيو هئائين:

"اڄ تو واقعي هن کي نہ ڏٺو آهي؟"

"نہ."

"اڄ مون هن کي ڏٺو هو. هوءَ واقعي اهي ڪپڙا ۽ سينڈل پائي آئي هئي. پرس بہ اهو ئي هيس..."

"رڳو ايترو ئي نہ عيني! مان تہ روز اهو بہ ڏسندو آهيان، تہ هاڻي هوءَ نند مان اٿي آرس پيچ لڳي آهي، هاڻي برش پئي ڪري، هاڻ تيار ٿي پنهنجي ڪمري مان نڪتي آهي، هاڻي مارئي هاسٽل جي گيٽ کان نڪتي آهي، هاڻي گرلز جمنازيم کان پهتي آهي، هاڻي لورز پوائنٽ کان، هاڻي زيرو پوائنٽ کان، هاڻي فيڪلٽي کان وغيره وغيره..."

هوءَ حيرانيءَ مان ٻڏڪي هئي:

"مان حيران آهيان، ڪو ڪنهن سان ايترو بہ پيار ڪري سگهي ٿو! مون تہ سمجهيو هو ماڻهو سپ کان وڌيڪ پنهنجو پاڻ سان پيار ڪندو آهي..."

"هاڻي تون ئي ٻڌاءِ! تہ ما ن چا ڪيان عيني! مان ڇاڻان ٿو تہ هوءَ هاڻي مون ڏانهن ڪڏهن واپس نہ ايندي، پر تنهن هوندي بہ مون کي هن جو ايڏو شديد انتظار ڇو آهي؟ فون جي هر گهنٽي تي مون کي ايئن ڇو ٿو لڳي تہ ڇڙ هيءَ ان جي ڪال آهي؟ ايس ايم ايس جي رنگ ٽون تي بہ ايئن ٿو يانيان تہ هي سنڊيا جو ميسيج آهي، هر اڻ ڄاتل نمبر جي مس ڪال تي ان ڪري ڪال بيڪ ٿو ڪيان تہ ڪٿي اها مس ڪال سنڊيا جي نئين نمبر تان نہ آئي هجي."

ڪجهہ گهڙين لاءِ اسان سپ چپ ۽ اداس ٿي ويا هئاسين. عيني جي هڪ سهيلي پنهنجيءَ سهيلي کي چيو هو:

"ايڏو پيار ڪندڙ ماڻهوءَ کي بہ ڪو ڇڏي سگهي ٿو؟"

گهري سانت چائنجي وئي هئي. پوءِ مون ئي ان سانت کي ٽوڙي، پنهنجي چپن تي مصنوعي مرڪ آڻيندي چيو هو:

"هلو هاڻي ڇڏيو بہ ان قصي کي! چانهہ پيڻ لاءِ ڪو آيو آهي الاءِ نہ!؟"

عيني چانهہ جو آرڊر ونڊڻ ڇوڪري کي اشارو ڪيو هو. پوءِ هن کي چانهين ۽ سموسن جو آرڊر ڏنو هئائين. ڪجهہ ئي منٽن ۾ سموسا ۽ چٽني اچي ويا هئا. سيني سموسو، سموسو ڪٽي ورتو هو. سموسو کائيندي عيني کي ڪجهہ ياد آيو هو.

"او...ها!"

ان کان پوءِ مون کي ڏسندي چيو هئائين:

"ڪجهہ ڏينهن ۾ اسلام آباد ۾ نوجوانن لاءِ جمهوريت جي موضوع تي هڪ تربيتي ورڪشاپ آهي. مان چاهيان ٿي تہ تون ان ۾ ضرور شرڪت ڪر."

هن جي ڳالهه ٻڌي مون ايجان ان تي سوچڻ ئي شروع نه ڪيو هو ته زور پريندي چيو هئائين:

"هونئن به اهو تولاءِ هڪ سٺو موقعو آهي. ان بهاني تنهنجو ٽورو ماحول به متجي ويندو."

"ان لاءِ توکي ڪنهن ٻڌايو؟"

"مان ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ ان ئي اداري جي هڪ ٽريننگ ۾ وئي هيس، هنن مون کي چيو هو ته هو ڪجهه ڏينهن ۾ ساڳي موضوع تي وري ٽريننگ ڏيندا، ان سلسلي ۾ مان هنن کي ڪجهه نوجوانن جا نالا موڪليان."

"مطلب ته مون کي ان ۾ وڃڻ گهرجي."

"ضرور وڃڻ گهرجي."

"ٺيڪ آهي، مان ويندس."

"زبردست... مان اڄ ئي هنن کي تنهنجو نالو۽ تعارف اي ميل ڪندس..."

"ٺيڪ آهي."

هڪ هفتي کان پوءِ هنن سڄو شيڊيول مون کي اي - ميل ڪري ڇڏيو هو. مون کي ڪراچيءَ کان جهاز ذريعي اسلام آباد وڃڻو هو جنهن جو ڪرايو پاڻ ادا ڪيو هئائون.

خبر اٿئي! ڪراچي ايئر پورٽ جي لائونج ۾ ويٺي، مون کي ياد پئي آيو ته اسان کي اسلام آباد ۾ ڪوهه مري گڏجي هلڻو هو. ان وقت مون کي ائين محسوس پئي ٿيو جڙ تون مون سان گڏ هجين. منهنجي ڪاهي پاسي منهنجيءَ دل کي ٺيڪ ڏئي ويٺي هجين. ان وقت پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون هيم. تون بلڪل چتائيءَ سان محسوس ٿي رهي هئينءَ.

خبر اٿئي! ان وقت مون بار بار سوچيو پئي ته

"آخر مان تنهنجو ايڏو ديوانو چو آهيان؟ چو ٿو ڪيان توسان ايڏو پيار؟ چو...؟ چو...؟ چو...؟"

وري انهن سوالن جا جواب به پنهنجو پاڻ کي پاڻ ئي ڏئي رهيو هوس.

"تنهنجي بي پناهه پيار جي ڪري... تنهنجي چرين جيئن چاهڻ جي ڪري... ۽ مون کي ديوانن جيئن پوڄڻ جي ڪري..."

ياد آيو هوم. هڪڙي پيري سينٽرل ڪينٽين جي گرلز پورشن ۾ ويٺا هئاسين، ته وڏيءَ عاجزيءَ سان چيو هيئي:

"مُنا!"

"جيءِ جانان!"

"هڪ حمد مون کي ڏاڍو وٽندو آهي، ٻڌايانءِ؟"

"ٻڌاءِ!"

خوش ٿئي وئي هئينءَ. نڙي صاف ڪرڻ کان پوءِ مون کي ڏسندي ڳائڻ لڳي هئينءَ:

"يه سب تمهارا ڪرم هي آقا، ڪه بات اب تک بني هوئي هي

يه سب تمهارا ڪرم هي آقا... ڪه بات اب تک بني هوئي هي"

مرڪي ڏنو هومانءِ، پڇيو هيئي:

"منهنجو آواز ڪيئن آهي؟"

پيار مان مرڪندي چيو هيو مانءِ:

"ماکيءَ کان مٺو... سڀ کان سٺو..."

"هونهه..."

خوش ٿيندي چيو هيئي:

"اهو ته هي حمد مان ٿل طور ٻڌايو اٿمانءِ، هاڻي اصل حمد ٻڌا!"

""ٺيڪ آهي ٻڌاءِ."

ساڳي حمد جون اهي ٻه سٽون پڙهڻ کان پوءِ ديوانن جيئن مون کي ڏسندي هڪ ٻي حمد جون سٽون پڙهيون هيئي:

"تمهاري دامن سي نسبتين هين، تو پهر کيا کمي رهي گي

آپ ني آقا بهري هي هماري جهولي، بهري هوئي هي بهري رهي گي."

اهي سٽون پڙهي منهنجي سڄي هٽ کي چمي پنهنجين اکين تي رکيو هيئي. پيار واري انداز ۾ داهو ڪندي پڇيو هو مانءِ:

"چوريءَ اهو ڪنهن کي پئي چوين!؟"

پنهنجين نيٽن جا چپر هيٺ ڪندي چيو هيئي:

"جنهن کي چوان ٿي، سو ٻڌي ٿيو..."

منهنجي ڪلهي تي ڪنڈ لاڙي، اکيون بند ڪري گهرو ساهه کنيو هيئي. تنهنجي مُک تي ڏاڍا پرسڪون احساس ايري آيا هئا. اهي ڳالهيون ياد ڪري مرڪي ڇڏيو هوس. خيال آيو هوم:

"ڪني هڪڙيءَ پوڄي پوڄي ديوتا بڻائي وئي. هاڻي نه منهنجا ڏرتيءَ تي پير آهن ۽ نه آسمان تي ٽڪاڻو..."

وري سوچيو هوم:

"نه هتان جو رهيم نه هُتان جو ايئن ڇڏي لڳي، جڙ مان خلائن ۾ ٽڪندو هجان..."

ڪجھ وقت کان پوءِ لائوڈ اسپيڪر تي جهاز ۾ وڃي ويهڻ جو اعلان ٿيو هو. پنهنجي بيگ جي هئنڊل ڇڪي، ان کي ريڙهيندو جهاز ڏانهن وڌڻ لڳو هوس. مون کي محسوس پئي ٿيو جڻ تون به مون سان گڏ گڏ هلي رهي آهين. پاڻ چيڪنگ جا سيڀئي مرحلا پار ڪري جهاز ۾ هلي وينا آهيون. مون کي دريءَ سان لڳ سيٽ ملي هئي. ياد آيو هوم. هڪ ڏينهن چيو هيئي:

"جانو!"

"جيءُ جانان!"

"جڏهن پاڻ جهاز ۾ چڙهون نا تہ پوءِ مون کي دريءَ واري سيٽ تي ويهارجان، پوءِ مان اتان هيٺ ڏسندي هلندس."

مرڪي چيوهو مانءِ:

"ٺيڪ آهي جانان! پوءِ اتان گڏجي هيٺ ڏسندا هلنداسين."

"ائي... تون ڪيڏو سٺو آهين!؟"

"ڪيڏو...؟"

"تمام گهٽو، تمام گهٽو تمام گهٽو..."

اهي سڀ پياريون ڳالهيون ياد ڪري تمام گهٽو اداس ٿي ويو هوس.

جهاز جي سيٽ تي پاڻُ چڏي ڏنو هوم. اکيون بند ڪري ورڀ هڪ اونهو ساهہ کنيو هوم. ڪجھ وقت کان پوءِ جهاز ۾ سيٽ بيلٽ ٻڌڻ جو اعلان ٿيو هو. سمجهي ويو هوم تہ جهاز ٽيڪ آف ڪرڻ وارو آهي. سيٽ بيلٽ ٻڌي اکيون بند ڪري چڏيون هيم. ڪجھ منٽن ۾ جهاز رن وي تي ڊوڙي اڏڻ لڳو هو. مون ائين محسوس پئي ڪيو جڻ تون جهاز جي اڏڻ تي خوش ٿي هيٺ نهاري رهي هجين. پنهنجين تصوراتي اکين سان ڏٺم پئي تہ تون ٻهڪي پئي آهين. جيڪي شيون مان ڏسي رهيو هوس، اهو جڻ تون مون کي ڏيکاريندي چئي رهي آهين:

"آئي منا! ڏس تہ شيون ڪيئن ننڍڙيون ٿيندڙيون پيون وڃن... آ... عمارتون تہ ڏس، جڻ ماچيس جون تيليون لڳي رهيون آهن..."

تون اهو لقاءِ ڏسندي ڪلي پئين ٿي:

"هنهه... هنهه... هنهه..."

تصور ۾ ٻہ توتي صدقي ٿيڻ تي دل ٿي چئي. ڪجھ منٽن کان پوءِ جڻ تون چئي رهي آهين.

"ارڙي! هي تہ رڳو خلا پيو نظر اچي..."

مرڪندي چوان ٿو:

"زبردست جنهن ۾ جهاز اڏي ٿو توکي اهوئي نظر ٿو اچي..."

کلي چئين ٿي:

"ڪنا پڻان..."

اهو سوچي ئي اکيون بند ڪري سيٽ تي آهلي پوان ٿو. منهنجي تصور جي ڪهڪشائن ۾ رڳو تون ئي تون آهين ۽ مان توسان مختلف خواب ڏسندو رهان ٿو... ڪجهه وقت کان پوءِ هڪ خوبصورت ائير هوسٽس پرسان اچي مرڪي مخاطب ٿي هئي:

"ايڪسڪيوزمي سر!"

مون به ڪيس آڏر پائي مرڪ سان چيو هو:

"جي!"

هن عاجزيءَ مان هڪ ٽري مون ڏانهن وڌايو هو جنهن ۾ سينڊوچ، شاميون، بريڊ ۽ سلاد وغيره پيل هئا. جيتوٽيڪ کا خاص بک کا نه لڳي هيم، پر تنهن هوندي به کائنس ٽري وٺي سندس ٿورا مڃيا هيم. ڪجهه منٽن کان پوءِ ساڳي ايئر هوسٽس ڪولڊ ڊرنڪ ۽ جوس کڻي آئي هئي. کائنس رڳو جوس ورتو هوم. انهن ئي شين سان مانجهاندو ڪري وري سيٽ تي ٽيڪ لڳائي آهلي پيو هوم. ويهن پنجويهن منٽن کان پوءِ وري سيٽ بيلٽ ٻڌڻ لاءِ اسپيڪر تان هدايت ڪئي وئي هئي. سمجهي ويو هوم. ته جهاز اسلام آباد شهر جي حدن اندر داخل ٿي چڪو آهي. ڪجهه ئي منٽن ۾ اسپيڪر تان آواز آيو هو.

"سيني معزز مسافرن کي شهيد بينظير پٽو انٽر نيشنل ايئرپورٽ اسلام آباد پهچڻ تي پليڪار چئجي ٿو..."

شهيد بينظير پٽو جي نالي ٻڌڻ سان اداس ٿي ويو هوس. اهو سڄو منظر اکين اڳيان تري آيو هوم. جڏهن بي بيءَ جي شهادت تي تون سڏڪا پري رني هئينءَ. جڏ مان به روئي پيو هوس. سنڌ جي سڄي ڌرتيءَ تي قيامت صغري جو ڏيک لڳو پيو هو هر سيني ۾ ماتم متو پيو هو. ان ڏينهن مون پٿر دل ماڻهن کي به بي بيءَ لاءِ اوچنگارون ڏئي روئندي ڏٺو هو اهي ماڻهو به رنا پئي، جن کي هونئن روئڻ زيب نه ڏيندو آهي. جهاز جي ڏڪي سان خبر پئي هئي، ته اهو لينڊنگ ڪري چڪو آهي. موبائيل فون تي اسلام آباد جي فون نمبر تان ڪال آئي هئي. ڪال ڪٽندي چيو هوم:

"هيلو!"

"سائين اوهان اسلام آباد ايئرپورٽ پهچي ويا؟"

"جي ها، هاڻي هاڻي لينڊنگ ٿي آهي."

"زبردست! اوهان کي رسيو ڪرڻ لاءِ باهر ماڻهو بيٺل آهي."

"وڏي مهرباني سائين..."

"چڱو سائين، پوءِ ڳالهايون ٿا."

"ٺيڪ آهي سائين..."

"جهاز مان لهي، ارائيول گيٽ کان جيئن ٻاهر نڪتو هوس، تہ ڏٺو هوم. هڪ شخص منهنجي نالي جو ڪارڊ ڪنيو بيٺو هو. مان جيئن سندس ويجهو ٿيو هوس، تہ پڇيو هئائين.

"سر منصور صاحب؟"

"جي..."

منهنجو جي چوڻ ۾ هن جو منهنجي بيگ ۾ هٿ وڃهڻ، گرم جوشيءَ مان مون کان بيگ ونڊندي چيو هئائين:

"ويلڪم سر ويلڪم!"

"ٿينڪس."

هو منهنجي بيگ کي ريڑهيندو، تيزيءَ سان هلي رهيو هو. مان بہ ساڳيءَ رفتار سان سندس پٺيان هلي رهيو هوس. ٻاهر ان هوٽل جي ڪار بيٺي هئي، جنهن ۾ منهنجي رهائش هئي. هو بہ ان ئي هوٽل جو ملازم هو. ڪار جيئن ئي ايئرپورٽ کان ٻاهر نڪتي هئي تہ ٽريفڪ بند ڪرائي وئي هئي. منهنجي پڇڻ کان اڳ ئي هن ٻڌايو هو:

"ڪنهن وي آءِ پي کي گذرڻو هوندو!"

هلڪي طنزيہ مرڪ نڪري وئي هيم. ڪار مري روڊ تي تيز تيز ڊوڙندي، پندرهن ويهن منٽن کان پوءِ موٽل ڊريم لينڊ پهتي هئي. رسيپشن تي مون کان صحيح وٺي، روم جي چابي ڏئي ڇڏي هئائون. ساڳيو همراهہ ڪمري تائين ڇڏڻ آيو هو. اتي پهچي ڪيس ڪجهہ ٽپ ڏني هيم. بيگ مان ٽرائوزر ۾ ٽي شرٽ ڪڍي، اهي پائي هٿ منهن ڌوئي، بيڊ تي سمهي پيو هوس. ڪمرو ٺڏو لڳو پيو هو. ڪمبل ۾ ويڙهجي سيڙهجي سمهي پيو هوس. ڪجهہ منٽن جي وقفي کان پوءِ تون وري منهنجي نيٽن ۾ لهي آئي هئينءَ. ڪيترو ئي وقت تنهنجون ڪيئي ڳالهيون ياد اچي رهيون هيم. ياد اچي رهيو هو گذريل سال آگسٽ جي آخر ۾ ٽر ۾ برسات پئي هئي، لاڙڪاڻي کان آيل ڪجهہ دوست مون کي پاڻ سان گڏ زوري ٽر وٽي ويا هئا. ٻن ڏينهن کان پوءِ جڏهن مان يونيورسٽي پهتو هوس، تہ سڀ کان اڳ توسان مليو هوس. توکي ڏسي حيران ٿي ويو هوس. تنهنجو رنگ ئي ڇڏائجي ويو هو. پرسان پهچندي ئي بي ساختہ ڳالهائي وئي هئينءَ.

"تو تہ ماکي صفا ماري ڇڏيو آ. هڪ ڏينهن منهنجو ساهہ ڪڍي پوءِ سکيو ٿيندين..."

روئي پئي هئينءَ. ڳوڙها تيزيءَ سان وهي آيا هيئي، مارئي هاسٽل جي گيٽ کان پارڪ تائين ڪنڌ هيٺ ڪري هليا هئاسين، ۽ پوءِ هڪ ڪنڊڙي وٽي ويهي رهيا هئاسين. ان وقت مون کي تنهنجي بي ساخته اظهار تي ڏاڍو پيار آيو هو. تنهنجو لهجو نج اترادي ٿي ويو هو. مون کي جي جاءِ تي تنهنجي واتان لفظ 'ماکي' ٻڌي ڏاڍو مزو آيو هو.

"تنهنجن چَنڊن دوستن تہ منهنجو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي..."

"ها ها ها..."

منهنجي دوستن کي جو چَنڊو چيو هيئي، تہ ٿهڪ ڏئي کلي پيو هوس. مون کي کلندي ڏسي موڊ سٹو ٿي ويو هيئي ۽ منهنجي پيٺ ۾ زور سان آڱريون ڪُپائي ڪتڪتايون ڪيندي چيو هيئي:

"کل! کل! ايجان به کلي مون کي ساڻ...!"

ڏاڍا ٿهڪ ڏئي کليو هوس. پوءِ هڪ لمحي لاءِ چپ ٿي مون کي ڏسندي رهي هئينءَ. جيئن توسان نظرون ملايون هيم، تہ دعا ڪئي هيئي:

"خدا ڪندو سدائين خوش هوندين!"

پي لمحي چيو هيئي:

"خبر اٿئي! تون مون کي ڪهڙي وقت سپ کان وڌيڪ وٺندو آهين؟"

مرڪي پڇيوهومانءِ:

"ڪهڙي وقت؟"

"جڏهن تون کلندو آهين، ان وقت..."

مرڪي ڪنڌ لوڏيندي ڪيو هوم:

"هونهه..."

منهنجي هٿن ۾ هٿ وجهندي چيو هيئي:

"چڱو ٻلا ٻڌاءِ! اتي مزو آيئي؟"

"ڪجهه خاص نہ آيو."

"چو؟"

"توکان سواءِ خاص مزو ڪيئن ايندو جانان!؟"

تنهنجي چهري جو رنگ چٽو ٿي ڀهڪي پيو هيو، پڇيو هيئي:

"چڱو ٻلا ٿر ڪيئن لڳو؟"

"برساتن کان پوءِ ٿر مون کي ان ماڻهوءَ جيان لڳو. جنهن جي من ۾ زمانن جون محرومين، بيوسين ۽ بيحالين هجن، ۽ ان جي سالن کان اداس رهندڙ مک تي هڪ اميد ڀري مرڪ اچي ويجي..."

ڪنڊ لوڏيندي چيو هيئي:

"هونهه..."

"ٻيو سڀ ڪان وڌيڪ مزو رڳو ٻن جڳهن تي آيو؟"

هاڪار ۾ ڪنڊ لوڏيو هيئي:

"مٿي شهر هڪ وڏيءَ پٽ جي هنج ۾ آهي. گاڏيءَ جيئن ان لاهيءَ تان هيٺ ڊوڙي لوڏي سان شهر پهتي هئي، تيئن ايئن پانيو هوم جڙ تون هيٺ ٻانهون ڪولي بيٺي هجين ۽ مان ڊوڙي اچي تنهنجي پاڪرن ۾ پيو هجان."

مرڪي ڪيو هيئي:

"هونهه..."

"ٻيو مٿي شهر جي پرسان 'گڏيءَ' نالي هڪ واريا سي ٽڪري آهي، رات ٽيندي ئي جڏهن سڄي شهر جون بتيون ٻريون هيون، تڏهن دُور ان ٽڪريءَ تان ايئن پئي لڳو جڙ مان ٻئين آسمان تي ويهي، پهرين آسمان جا ستارا ڏسندو هجان..."

"واهه ڙي واهه... واهه جي تشبيهه ڏني اٿئي."

"اهو سڀ تنهنجو ڪمال آهي."

"منهنجو؟ اهو وري ڪيئن؟"

"اڙي يار! تنهنجي پيار ئي ته منهنجي اها حس بيدار ڪئي آهي."

خوش ٿي وئي هئينءَ. ٻڌايو هو مانءِ.

"اڙي ها! يالوا، ڪارونجهر ۽ ڪاسبو به ڏٺا. سُٺا لڳا. خاص ڪري ڪاسبي ۾ مورن جي ٽهوڪن ۾ تون ڏاڍي ياد آئينءَ. ڪارونجهر جي هنج ۾ ان جي پراسرار سانت ۾ مون تنهنجا ٽهڪ ۽ ڳالهيون ٻڌندي محسوس ڪيا هئا. اتي مون عهد ڪيو هو ته توسان گڏجي ٽرپاڪ ضرور گهمندس..."

منهنجون ڳالهيون ٻڌي تنهنجي چهري تي سرخ رنگ ايري آيو هو. پيارمان ڏسندي چيو هيئي:

"ڪنا! ڏاڍو پيار ڪندو آهين نه مون سان؟"

نخرو ڪندو ناڪار ۾ ڪنڊ لوڏيندي ڪيو هوم:

"اونهن... هونهه..."

ڪلي ٻانهن منهنجي ڪنڊ ۾ ورائي زور ڏيندي چيو هيئي:

"هئه ت...! ٻيهه ته ناهيانءِ ٿي..."

"ها ها ها..."

ٽهڪ ڏئي ڪلي پيا هئاسين:

اهي ڳالهيون ياد ڪري وري اداس ٿي ويو هوس. ڪمبل ۾ ويڙهجي سيڙهجي سمهي پيو هوس، ۽ ڪجهه به ياد ڪرڻ نه چاهيو هوم. پر منهنجو وس، مون تي ڪٽ پئي هليو:

ٻي ڏينهن صبح جو نائين بجي تيار ٿي ٽريننگ هال پهتو هوس. 'يو' شيپ ۾ ٽريننگ ٽيبل تي هڪ ڪرسيءَ اڳيان منهنجو نالو لکيل هو. ان تي وڃي ويهي رهيو هوس. سوا نائين وڳي تائين تقريبن سيئي اچي ويا هئا. ساڍي نائين بجي سيشن شروع ٿي ويو هو.

جانان! 64 سال گذرڻ کان پوءِ به پنهنجي پياري پاڪستان جي پڙهيل لکيل ماڻهن جا رويا جمهوري نه ٿيا آهن. ان حوالي کان ان اداري جي ٽرينرس سڀي محنت ڪئي، پر اسان جي ذهنن تي ڪيترن ئي زمانن جي دز پيل آهي، جيڪا ايترو آسانيءَ سان لهڻ واري نه آهي.

ٽي ڏينهن بحثن مباحثن ۾ گذري ويا هئا. جيئن پاڪستان هڪ گهڻ قومي ملڪ آهي، تئين ان ٽريننگ ۾ گهڻا گروپ ٺهي ويا هئا. ان ٽريننگ جي هر سيشن ۾ ڪيترائي قومي، وفاقي ۽ مالياتي تضاد ڏسڻ وٽان هئا.

ٽي ڏينهن اسلام آباد ۾ قيام ڪرڻ کان پوءِ ڪوهه مري ويو هوس. جنهن کي پاڻ گڏجي گهمڻ جو خواب ڏٺو هو. هوٽل ٻاهران راولپنڊي لاءِ ٽيڪسي ڪرائي هئي. ٽيڪسي وچٽري رفتار سان اسلام آباد جي صاف شفاف روڊن تي ڊوڙي رهي هئي، ڪجهه ئي منٽن کان پوءِ ٽيڪسي راولپنڊي پهچي وئي هئي. الاءِ ڇو بي بيءَ جي شهادت کان پوءِ هن شهر جي تصور سان ساهه منجهڻ لڳو هو. سيٽ کي ٽيڪ ڏئي اکيون بند ڪري ڇڏيون هيمر. ڪجهه منٽن کان پوءِ جڏهن ٽيڪسي ڊائيوو بس اڏي تي پهتي هئي، تہ ڊرائيور چيو هو:

"جي سائين! بس اسٽينڊ پهچي وياسين."

"مهرباني"

ڪيس پاڙو ڏئي بيگ کڻي اندر پهتو هوس. پندرهن منٽن کان پوءِ ستين بجي بس ڪوهه مريءَ لاءِ رواني ٿيڻي هئي. بس ۾ دريءَ واري پاسي ويهندي دل مان نڪري ويو هو:

"ڪاش! تون ۽ مان گڏجي ڪوهه مري هلي سگهون ها!"

بس پوري ستين وڳي اتان رواني ٿي هئي. جيڪا ڪجهه ئي منٽن کان پوءِ خوبصورت مري روڊ تي ڊوڙڻ لڳي هئي. ان وقت مون کي ايئن پئي لڳو جڻ مان پاڪستان ۾ نه پر يورپ جي ڪنهن سر سبز ملڪ ۾ سفر ڪندو هجان. بس هوسٽيس آئي هئي ۽ گانا ٻڌڻ لاءِ هيڊ فون ڏئي وئي هئي. هيڊ فون ڪنن ۾ لڳائي

هيمر. تہ هڪ پراڻي پاڪستاني فلم جو ڏاڍو سٺو گانو هلي رهيو. جنهن جا بول هئا:

"بانڪ رها ٽا جب خدا ساري جهان ڪي نعمتين
اپني خدا سي مانگ لي ، مين ني تيري وفا صنم.."

ياد آيو هو تہ پنهنجي خدا کان تہ ان وقت مون بہ رڳو تنهنجي وفا ۽ تنهنجي خوشي گهري هئي ... پر هي ڇا ٿي ويو ...دعا ڪيئن بد دعا ٿي لڳي!؟ ان گاني جا وڌيڪ بول ٻڌجي رهيا هئا:

"لوگ يهان تيري ميري پيار ڪو آزمائين گي
تجهہ کو الگ ستائين گي مجهہ کو الگ ستائين گي
اپنا مگر هي فيصلا هونگي نہ هم جدا صنم!"

دل ئي دل ۾ چيو هو مانءِ:

"ماڻهو جڏهن پنهنجي خلاف سازشون ڪن ها، توڪي ۽ مون کي ستائن ها، تہ انهن کي بہ پڄي پئون ها، پر انهن سينيءَ ڳالهين کان اڳ ئي تون مون کي ڇڏي وئينءَ ڪني ...!"

ڪنن مان هيڊ فون لاهي پنهنجي هنج ۾ رکي ڇڏي هيمر، ۽ اداسيءَ مان ڪاپي پاسي نهاري، مارگلا جا سر سبز پهاڙ ڏسي رهيو هوس. تون منهنجي پر ۾ وينءِ هجين ها، تہ مون کي ضرور چئين ها:

"اَئي جانو! اهي پهاڙ تہ ڏس ڪيڏا خوبصورت آهن."

تنهنجي ان حيرانگيءَ تي يقينن مرڪي پوان ها، ۽ ان ئي ڪيفيت ۾ توکي چوان ها:

"ها جانان! واقعي ڏاڍا خوبصورت آهن."

ڪلندي ڪرين ها:

"هونهہ..."

سوچيم پئي، تنهنجي هجڻ سان، هن سفر جو چا تہ مزو هجي ها! پاڻ ڪلندا، مسڪرائيندا ۽ مستيون ڪندا هلي ڪوهہ مري پهچون ها، مون کي محسوس ٿيڻ لڳو هو، جڻ تون ۽ مان ڪلندا ، مسڪرائيندا فطرت جي حسين نظارن کي ماڻيندا ۽ انهن جي حسن تي حيران ٿيندا، گڏجي سفر ڪري رهيا آهيون. بس پنهنجي پوريءَ رفتار سان ور وڪڙ پهاڙي رستا پار ڪندي اڳتي وڌي رهي آهي. پنهنجي ٻنهي پاسن کان چهچ ساوا پهاڙي سلسلا آهن. ڏڳا ڏڳا آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ وڻ آهن. انهن وڻن جي وچ ۾ پهاڙن تي ڪاٽ جون ٽهيل جهوپڙيون آهن، اهي سڀ فطري نظارا ڪندي تون منهنجو اوچتو ڌيان ڇڪائيندي چوين ٿي:

"آئي جانو ...! هو ڏس! هُن پهاڙيءَ تي، هوءَ ڪاٽ جي جهوپڙي ڪيڏي نه خوبصورت پئي لڳي!"

مرڪندي چوان ٿو:

"ها جانان! واقعي ...! ڏاڍي خوبصورت پئي لڳي."

"آئي ... مُنا! هُو ڏس! هن پهاڙيءَ تي چيلڙو ڪيڏو پيارو ٿو لڳي!"

"واهه! ها يار...!

"ايئن نه!"

"ها بلڪل"

"وڃُ!! جهوپڙيون ته ڏس! ڪي هيٺ ڪي مٿي، ايجان به ڪي مٿي، ايجان به مٿي، ته ڪي وري صفا هيٺ..."

"هونهه... اهوئي ته انهن جو حسن آهي."

هلندي هلندي سج لهي چڪو هو. خبر ئي نه پئي هئي ته سج ڪهڙي پهاڙي پويان لهي ويو. سج لهڻ کان پوءِ اهي جهوپڙيون تاندڙن جيئن هري پيون هيون. سوچيو هوم، تون چئي رهي آهين:

"هڪ ڳالهه اٿئي."

"ڪهڙي؟"

"هيڏو هيٺ مٿي ۽ ڏکين ڏکين جڳهين تي هجڻ جي باوجود به سڀني جهوپڙين ۾ بجلي آهي."

"ها يار! اها ڏاڍي سٺي ڳالهه آهي."

"پر پاڻ وارن سڌن سنئون ڳوٺن ۾ به ايجان تائين بجلي چو نه پهتي آهي؟"

"هڪ ڏينهن پهچي ويندي جانان!"

"ايجان ڪڏهن پهچندي جانو!؟ ايڪويهين صدي پئي هلي."

"بس رڳو اسان ننڍڙڪن جو ڪو ڏٽي سائين پيدا ٿيڻ ڏي! پوءِ ڏسجانءِ ته ڪيئن ٿي بجلي پهچي ...!"

طنزيه مرڪي پئين ٿي.

بس سرسبز اوچن پهاڙن تان ورن وکڙن واريون چاڙهيون چڙهندي اڳتي وڌي رهي هئي. تاندڙن جيئن هرندڙ جهوپڙيون جيتريون هيٺ ڇڏيندا پئي وياسين. اوتريون وري سامهون اچي رهيون هيون. اندازن اڌ ڪلاڪ کن پوءِ بس پنهنجي اڏي تي هلي بيٺي هئي. بس مان لهي پرسان ئي مال روڊ ڏانهن وڌڻ لڳو هوس. ڪوهه مريءَ ۾ ڏاڍي رش لڳي پئي هئي. بلڪل ايئن جيئن سنڈ يونيورسٽيءَ جي انٽري

ٽيست ۾ ٽيندي آهي. ڪجهه ئي منٽن ۾ مال روڊ پهچي چڪو هوس. مال روڊ قسمين قسمين ماڻهن سان پريو پيو هو. سڄو مال روڊ لائيٽن سان روشن لڳو پيو هو. دڪانن تي پيهَه لڳي پئي هئي. منهنجي چئني پاسي ڪيترائي هوٽل هئا. پلو ٽئي انهن اين. جي. اوز وارن جو جن ٽريننگ ۾ ڪرائي، رهائش ۽ ماني ۾ ڏني ۽ ڪرائي سان گڏ ۾ ٽي هزار روپيا ۾ ڏئي ڇڏيائون. هڪ نظر چوڌاري ڦيرائي هوٽلن جي ٻاهرين ڏيک مان انهن جي مهانگي هجڻ جو اندازو پئي لڳايم. ته هڪ شخص اچي پڇيو هو:

"اوهان کي هوٽل ۾ ڪمرو گهرجي؟"

هن جي متاچري جهڙتي ونندي هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو هوم. ته چيو هئائين:

"هي سامهون وارو هوٽل ڏاڍو سٺو آهي ۽ ريٽ ۾ مناسب اٿس..."

هوٽل ٻاهران ڏسڻ ۾ چڱو لڳو هوم. پوءِ هاڪار طور مرڪيو هوس. هن منهنجي بيگ ۾ هٿ وجهي چيو هو:

"اچو سر!"

ضروري لک پڙهه کان پوءِ هنن مون کان ڏپازٽ طور هڪ هزار روپيا ورتا هئا. پوءِ ساڳيو ماڻهو ڪمري تائين بيگ کڻي هليو هو. جيڪو ان ئي هوٽل جو ملازم هو. ڪمري ۾ بيگ رکي ويو پئي ته مون کيس ڪجهه روپيا نذراني طور ڏنا هئا. ڪپڑا بدلائي هٿ منهن ڌوئي، اچي بيڊ تي ڪريو هوس. منهنجي نظرن ۾ رڳو تون ئي تون هئينءَ. وري سوچيو هوم: ڪاش! تون ۽ مون سان گڏ هجين ها. ته جيڪو ڪوهه مري گڏجي گهمڻ جو خواب هو تنهن جي اڄ سندر ساڀيان ٿي پئي ها! مان هيئن بي حال ٿي بيڊ تي نه ڪران ها. پر توسان گڏ ڪافي دير تائين هيٺ مال روڊ تي آوارگي ڪيان ها. پر اهو خواب ۽ ٻين ڪيترن ئي حسين خوابن جي نه ملندڙ ساڀيائن جيئن اڌورو ئي رهجي ويو...

ڪجهه وقت ايئن ئي بيڊ تي پيو رهيو هوس، پوءِ اچي دري اڳيان بيٺو هوس، جيڪا مال روڊ ڏانهن کلي رهي هئي. مال روڊ تي ڪيترائي ڇڑا نوجوان، نوجوان ڇوڪريون، خوبصورت جوڑا ۽ ڪيئي ڪٽنب مزي سان گهمي ڦري رهيا هيا. انهن سيني کي ڏسي پنهنجيءَ اڪيلائيءَ جو ويتر احساس وڌي ويو هو ۽ اداسيءَ ۾ ڪافي واڌارو ٿي ويو هو. لائيٽون بند ڪري اچي بيڊ تي ڪريو هوس.

هي ڏينهن ڪچڑيءَ منجهند ڏاري ننڊ مان اٿيو هوس. مٿي ۾ سور پئي محسوس ٿيو. ان وقت تنهنجا پٽ پٽيهر هٿ ياد پيا هيم. تنهنجي ان ريشمي هٿن جي ڇهاءَ سان ئي مٿي جو سور دور ٿي ويندو هو. بيڊ تان اٿي ڪمري جون لائٽيون ٻاريون هيم. پردو هٽائي مال روڊ تي هڪ نظر وڌي هيم. ساڳي رش لڳي پئي هئي، برش ۽ شيو

ڪري وهنجي سهنجي تيار ٿي مال روڊ تي لهي آيو هوس. سڄو آسمان ڪڪرن سان ڍڪيو پيو هو. هلڪو هلڪو سيءُ محسوس ٿي رهيو هو. اتي ئي هڪ ريسٽورنٽ تي ناشتو ڪري چانهه پي، ڪشمير پوائنٽ ڏانهن وڌڻ لڳو هوس. رستي ۾ هڪ ڪيٿولڪ چرچ هو. جنهن جي در تي ڪيٿولڪ عيسائي سستي اکر ۾ بائيبل وکٽي رهيا هئا. انهن ۾ هڪ سنڌي ترجمي وارو بائبيل به پيو هو. ان کي کٽي ڏنو هوم. ته ڪيٿولڪ عيسائي پڇيو هو.

"اوهان سنڌي آهيو...؟"

مرکي هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو هوم. ته چيو هئائين:

"سنڌي وڏا امن پسند ۽ پيارا ماڻهو آهن. سنڌ ۾ رهندڙ اسان جي ماڻهن سان ڪڏهن به ڪو مسئلو نه ٿيو آهي."

سندس ٿورا مجيندي چيو هوم:

"سنڌ جا ماڻهو کٽي کهڙي به مسلڪ سان تعلق رکندا هجن، پر انهن جي رڳن ۾ تصوف، ويدانت ۽ انسان دوستيءَ جو فڪر آهي. ان ڪري هو ڪنهن به انسان کي پاڻ کان الڳ نٿا سمجهن."

"واهه جي واهه..."

"سنڌ ۾ اڄ تائين ڪو به مذهبي ۽ فرقيوارڻو فساد ناهي ٿيو. نه ئي هڪ ٻئي جي عبادت گاهن تي حملا ڪيا ويا آهن. اتي سڀ کان هڪ ٻئي جي عقيدن ۽ نظرين جو احترام ڪري ٿو. اتي جيڪا آزادي هڪ عيسائي کي چرچ وڃڻ جي آهي، ساڳي هڪ هندو کي مندر ۽ هي مسلمان کي مسجد ۾ وڃڻ جي آهي..."

"جي، اوهان بلڪل ٺيڪ پيا فرمايو..."

"ڀر پياري پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ سنڌ جي گاديءَ جي هنڌ ڪراچيءَ ۾ ٻاهران آيل پناهگيرن جي ڪري سنڌ جي ان عظيم ورثي کي ڇيهو رسائڻ جون سازشون ٿيندیون رهن ٿيون..."

"جي، اوهان صحيح ٿا چئو ڪراچيءَ ۾ وڏندڙ تنگ نظري هر لبرل ماڻهوءَ لاءِ وڏو چيلنج ٿي وئي آهي."

ان عيسائيءَ سان ٻه ٽي منٽ خوش دليءَ سان خير عافيت ڪري اڳتي وڌڻ لڳو هوس، ته اوچتو ئي اوچتو گهرو ڪوهيڙو ڇانئجي ويو هو. ايڏو گهرو ڪوهيڙو مون اڳ ڪڏهن نه ڏٺو هو. هَٿَ هٿَ کي ڪونه پئي ڏٺو. اسپيڪر تان اعلان ٻڌڻ ۾ آيو هو ته جيڪو جتي آهي، اتي ئي بيهي رهي، نه ته ٻي صورت ۾ پهاڙيءَ کان هيٺ ڪري سگهي ٿو. مان به اتي چپ چاپ بيهي رهيو هوس. ڪجهه ئي منٽن کان پوءِ جيئن

هلکو هلکو ٿي ڏنڊ ڏئو هو ته منهنجي اڳيان هڪ نوجوان جوڙو پاڪرن ۾ ٻکيو ٻيٺو هو. کين دنيا جهان جي ڪا پرواهه نه هئي. اوچتو ئي اوچتو مال رود تي سيٽيون وڄڻ شروع ٿي ويون هيون. ڪٽان آواز آيو هو:

"اوئي جيئو..."

منهنجي دل مان به نڪري ويو هو.

"زنده باد..."

انهن کي ان حالت ۾ ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي هيم. شايد هنن ۾ پنهنجو پاڻ نظر آيو هوم. سوچيو هيم: جيڪڏهن تون مون سان گڏ هجين هان ته هي موقعو ايئن وڃائڻ نه ڏين ها ۽ هن نوجوان جوڙي جيئن مون سان ٻکي ٻيٺي هجين ها. وري گهري اداسيءَ جي ياڪر ۾ اچي ويو هوس. هيڻ مٽي پهاڙيون ۽ انهن مٽان جهوپڙيون ڏسندو وڃي ڪشمير پوائنٽ پهتو هوس. جتي ڪيترائي جوڙا، خاندان ، نوجوانن جا ٽولا ۽ مون جهڙا اڪيلا فرد اڳ ئي موجود هئا. هر ڪنهن جي من ۾ ان فطرتي منظرن کي ڏسڻ جي پنهنجي اک ۽ محسوس ڪندڙ دل هئي. مان سفيد پوش برفيلي پهاڙي کي ڏسي رهيو هوس. پانيو هوم ته تون مون سان گڏ آهين ۽ انهن پهاڙن کي ڏسندي خوشيءَ گاڏڙ تجسس مان چئين ٿي.

"آئي... منا! هن خوبصورت پهاڙن جو حسن ۽ دلڪشي ته ڏس..."

تنهنجون اکيون چمڪي پون ٿيون. چپ مرڪي پون ٿا ۽ چهرو ٻهڪي پوي ٿو ۽ ان خوبصورت پهاڙن کي هڪ طرف کان ٻي طرف تائين، جيتري پنهنجي نظر وڃي سگهي ٿي، ڏسي حيران ٿي وڃين ٿي، ۽ ان حيرانيءَ ۾ تمام گهٽي خوشي ۽ ٻيا پيارا احساساتي رنگ آهن. تنهنجو ساڃو هٿ منهنجي کاٻي هٿ ۾ آهي ۽ تون منهنجي دل واري پاسي ٿوري جهڪيل آهين. تنهنجا خوبصورت، گهرا ۽ پيارا نيٺ اهي دلڪش نظارا ڪرڻ کان پوءِ اوچتو ئي اوچتو منهنجي نيٽن سان ملي وڃن ٿا. تون ڪو پل مون کي ڏسندي رهين ٿي ۽ پوءِ لکين ڪروڙين پيرا ڪيل ڳالهه وري چئين ٿي:

"تون ڏاڍو ڪنو جانو! مان توسان صفا به پيار نه ڪندي آهيان."

پوءِ مان به توکي ساڃي انداز ۾ چوان ٿو:

"تون به ڏاڍي ڪني آهين جانان! مان به توسان صفا به پيار نه ڪندو آهيان."

تون ڪلي پئين ٿي ۽ ڪلندي پنهنجي ساڃي ٻانهن منهنجي 35 سائيز جي موٽي چيلهه ۾ ڀيري ڇڏين ٿي، ۽ ڪلهي تي ڪنڌ رکي چوين ٿي:

"آءِ لو يو ڪنا! تون مون کي ڏاڍو پيارو آهين، ڏاڍو ڏاڍو ۽ ڏاڍو پيارو آهين."

مان بہ ساڳي انداز ۾ ساڳيو جملو ورجايان ٿو:

"آ لو يو ڪني! تون بہ مون کي ڏاڍي پياري آهين، ڏاڍي ڏاڍي ۽ ڏاڍي پياري آهين."

"هَلُ ڪوڙا ...!"

اهو چوڻ کانپوءِ مون کي زور سان چنبڙي پوين ٿي.

پوءِ اتان چيئر لفٽ تي چڙهڻ لاءِ ان پاسي وڃان ٿو. تون بہ مون کي مون سان گڏ محسوس ٿي رهي هئينءَ. بلڪل جيئرو جاڳندو احساس ٿي رهيو هوم. تہ پاڻ گڏجي چيئر لفٽ ۾ چڙهيا آهيون، هڪ ٻئي جي هٿن ۾ هٿ ڏئي ويٺا آهيون. لفٽ ٽورو اڳتي هلي آهي، پاڻ ٻهڪي پيا آهيون. لفٽ ٽورو اڳيرو ٿي آهي. پاڻ هيٺ نهارڻ لڳا آهيون. ٽورو اڳيرو ٽيڙ ڪان پوءِ وڙ ڪجهہ هيٺ ٿي ويا آهن. ڪجهہ وڌيڪ اڳيرو ٽيڙ ڪان پوءِ پاڻ ڇڪي خاصي اوچائيءَ تي پهچي ويا آهيون. هلندي هلندي نيٺ ايئن پائنجي رهيو آهي، جڙ پاڻ اڌند ڪنولي تي ويٺا هجون. هيٺ ڏسون ٿا، تہ تون چئين ٿي:

"جانو! روڊ تہ ڏس، ايئن ٿو لڳي جڙ ڪنهن پينسل سان لائين ڪڍي هجي!"

"هونهہ... واقعي!"

اسان تمام وڏي اوچائيءَ تي پهچي چڪا آهيون. اڳين ۽ پٺين چيئرز تي ويٺل ماڻهن ۾ خوف طاري ٿي ويو آهي. تون وڏي بهادريءَ سان وڏي آواز ۾ چئين ٿي:

"منصور! آءِ لو يو..."

چوڏسائن مان پڙاڏا گونجڻ لڳن ٿا.

"منصور! آءِ لو يو... منصور! آءِ لو يو... آءِ لو يو..."

ان کان پوءِ مان بہ ساڳي آواز سان چوان ٿو.

"سنڌيا! آءِ لو يو..."

چوڏسائن مان ساڳيا پڙاڏا گونجڻ لڳن ٿا.

"سنڌيا! آءِ لو يو... سنڌيا! آءِ لو يو... آءِ لو يو..."

اهي پڙاڏا ٻڌڻ کان پوءِ ٻين ۾ بہ اتساهہ جاڳي ٿو ۽ انهن مان بہ ڪيترائي پنهنجن پرين پيارن جا نالا وٺي آءِ لو يو جا نعرا لڳائڻ شروع ڪن ٿا.

سچ تہ تون ڏاڍي بهادر هئينءَ. توکي ڪنهن شيءِ کان بہ ڪوبہ ڊپ ڊاءُ نہ ٿيندو هو. مون ڏٺو هو. تہ سامهون ايندڙ چيئرز ۾ ويٺل ڪيترائي نوجوان جوڙا هڪ ٻئي ۾ گم لڳا پيا هئا. چيئرز لفٽ تان لهي، پنهنجي ڪاهيءَ ٻانهن کي ڇهيو هوم. سڄو برف ٿي ڇڪو هوس. پنهنجي وجود جو بار ڪنهن پياري ڇپ جيئن لڳڻ لڳو هوم. جسم مان سَت ئي چڏائجي ويو هو. ساڻن ساڻ قدمن سان هوٽل ڏانهن واپس وريو هوس.

هوٽل پهچي بيحال ٿي بيڊ تي ڪريو هوس. دل ۾ اٿاهه درد. نڙيءَ ۾ سڏڪا ۽ اکين ۾ ڳوڙها قاسي پيا هئا. ڪجهه دير کان پوءِ پنهنجو بيگ کڻي واپس وريو هوس. جيتوڻيڪ مون کي اتي ايجان رهڻو هو. ايوبيه ۽ نٿيه گلي تائين ويڙهو هو پر نه ڇاڻان ڇو جامشورو پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيو هو.

"ڪني! ڏس ته ڪيئن تون منهنجي ساهن، احساسن، جذبن، امنگن ۽ سموري خيالن ۽ خوابن ۾ سمائجي ويل آهين! هاڻي تون ئي ٻڌاءِ، مان ڪٿي به هوندس، ڪو توکان پري هوندس ڇا ...؟!"

10

ڪوهہ مريءَ مان موتندي پنڊيءَ تائين تقريبن سڄو رستو اکيون بند ڪري ڇڏيون هيم. جهاز جي ٽائمنگ تبديل ڪرائي اتان رات جي فلائيٽ ۾ ڪراچيءَ لاءِ نڪري پيو هوس. اها رات ڪراچيءَ مراد وٽ رهي، ۽ ڏينهن صبح جو ڄامشوري لاءِ نڪري پيو هوس. فائنل ييئر جي پهرين سيمسٽر جي امتحان جا فارم پرجي رهيا هئا. مان امتحاني فيءَ جو چالان جمع ڪرائڻ اي سي. ٽو واري حبيب بينڪ جي بوٿ ويو هوس، ڏٺو هوم ته يونيورسٽيءَ جا هزارين شاگرد ۽ شاگرديائٽيون پنهنجي فيءَ جمع ڪرائڻ لاءِ پهتل هئا. اهو پهريون پيرو هو جو مان اڪيلو چالان جمع ڪرائڻ ويو هوس. گذريل سيمسٽر جي امتحاني فيءَ جمع ڪرائڻ وارو واقعو ياد اچي ويو هو.

ياد اٽئي! سڪيورٽي گارڊ کي ڏسي حيرت مان چيو هيئي:

"يار! هي ڪمينو ته چوڪرين کي غلط جڳهين کان ڏڪا پيو ڏي."

مون هن کي ڏسندي چيو هو:

"اڇا..."

هن کي هڪ ٻه منٽ جاچڻ کان پوءِ چيو هوم:

"ها يار! تون صحيح پئي چئين!"

"پوءِ؟"

"هاڻي هيئن ڪر! ان ڪميني جي پرسان پهچي فل داهي سان هڪل ڪري چئيس، ڏڪا چو ٿو ڏين ذليل!"

ٿورو مرڪي چيو هيئي:

"نه بابا نه، جهيڙو ٿي پوندو."

"ڪونہ ٿو ٿي جھيڙو هي بيغيرت اپوجھن لاءِ شينھن هوندا اٿئي. هن ڪميني کي چوڪرين کي ڏڪا ڏيندي، هن جي وحشي جبلت کي تسڪين ٿي ملي، تون هيئن ڪر، ان جي پرسان ٻيهي، وڏي داڀي سان هڪل ڪري، چپاٽ اولاري چئيس:

"ڏڪا چو ٿو ڏين ذليل!"

تو مون کي ناڪار ۾ ڏئو هو. توکي ٻانھن کان وٺي، ان رش ڏانھن موڪليندي چيو هوم:

"تون ايئن هڪ دفعو ڪري تہ ڏس! ڪجھ نہ ٿيندو جي ڪجھ ٿيو بہ تہ مان آهيان نا!"

مون کي ڏسي مرڪي هئينءَ، ۽ هن جي پرسان پھچي هن کي هڪل ڪري داڀي سان چيو هيئي:

"ڏڪا چو ٿو ڏين ذليل!؟"

تنھنجي ان جرئتمنداٽي عمل سان هو ششدر ٿي ويو هو. هن کي سنڌ جي چوڪرين مان اهڙي اميد نہ هئي. هو ان ئي ڪيفيت ۾ هو تہ چپاٽ اولاريندي چيو هيئسي.

"نياڻين کي ڏڪا ڏبا آهن، بيغيرت!"

هن جي مٿي کي جڙ ڇڪر اچي ويو هو. ششدر ٿيندي توکي چيو هئائين.

"ادي! ... ادي توهان اچو..."

تنھنجي ان جرئتمنداٽي قدم، بين بہ گونگين چوڪرين کي زبان ڏني هئي. ان رش مان ٻيا بہ آواز ٻڌڻ ۾ آيا هئا.

"ذليل هڪڑو..."

"ڪمينو ماريو ڏسو تہ سهي...!"

ان کان پوءِ هو ڏڃي، فضليت ۾ اچي، سڌو ٿي بيهي رهيو هو. ڪيس ٽڦ ٽڦ ٿي مرڻ جي پڪ هئي. تون چالان جمع ڪرائي مرڪندي موٽي هئينءَ. تو ۾ وڏي خود اعتمادي هئي. اتان ٽورو پرپرو ٿي ٽھڪ ڏئي کلي پيا هئاسين. کلندي چيو هيئي:

"تو صحيح پئي چيو تہ هي بيغيرت رڳو اپوجھن لاءِ شينھن هوندا آهن!"

"ڏس نا تون خوامخواهہ پئي ڏڳينءَ!"

"يار! پوءِ هن جي شڪل ڏٺئي!؟"

"ها، ڏٺئي نہ ڪيئن پاروٽي وانگر جھڙي ٿي ويس."

"ها ها ها..."

ٽھڪ ڏئي کلي پئي هئينءَ:

"يارا هڪ ڇالهه ٻڌايان؟"

"ها!"

"هن کي داهو ڏيڻ کان پوءِ، جڏهن هو ششدر ٿي ويو نه، تہ الاءِ ڪٿان مون ۾ حوصلو اچي ويو دل ڇيو ٽڪاءِ ڇپاڻ ڪرايانس..."

"ها ها ها..."

ٿهڪ ڏئي کلي پيو هوس. ڇيو هيئي:

"يارا هڪ ڇالهه اٿئي."

"ڪهڙي؟"

"مزو ڏاڍو آيو..."

"ها ها ها..."

"ها ها ها..."

ٻئي ٿهڪ ڏئي کلي پيا هئاسين. ان ئي ڪيفيت ۾ خوش ئي خوش پاڻ فيلڪٽي هلي چالان امتحاني فارم ۾ لڳائي آفيس سپرنٽينڈنٽ وٽ جمع ڪرايو هوسين. اهو سڄو ڏينهن پاڻ خوش هئاسين. پر ان وقت اهو واقعو ۽ ڇالهيون ياد ڪري، مون مٿان برف اچي ڪري هئي. لڳو هوم تہ جاڻ ان رش ۾ ڪري چيٽاڻجي مُئم. چالان جمع نہ ڪرائي سگهيو هوس. اداس ئي اداس ۽ چپ ئي چپ، واپس وري فيڪلٽيءَ نڪتو هوس. جتي عيني ملي وئي هئي. هوءَ منهنجي اهڙي غمگين حالت ڏسي اداس ٿي وئي هئي. مون کي رحيم اکڙين سان ڏسندي پڇيو هئائين:

"ڇا ٿيو آهي منصورا؟"

"ڪجهه نہ... بس ايئن ئي..."

ڇالهه مٽائيندي چيو هئائين:

"هل تہ ڪينٽين ٽا هلون."

"ٺيڪ آهي."

چپ ئي چپ وڃي ڪينٽين جي ٻاهران ڪرسين تي ويٺا هئاسين. هن پڇيو هو:

"چانهه پيئندين يا بوتل!؟"

"بوتل."

"ڪهڙي؟"

"فنٽا."

"سُستي ٿي ٿيئي؟"

"ها."

هوءَ بوتلون گھرائڻ وئي هئي، ڪرسيءَ کي ٽيڪ ڏئي اکيون بند ڪري چڏيون هيمر. ڪجھ وقت کان پوءِ هوءَ پاڻ بوتلون وٺي موٽي هئي. پرسان پھچي پيار مان سڏيو هئائين:

"منصور!"

"جيءُ..."

بوتل مون ڏانھن وڌائيندي چيو هئائين:

"هي وٺ."

"ٿينڪس...!"

"ڪتان پيو اچين؟"

"اي سي. ٽومان."

"اڇا... چالان جمع ڪرائڻ ويو هئين؟"

"ها."

"پوءِ جمع ڪرائي آئين؟"

"نه."

"چو؟"

"بس، نه ڪرائي سگھيس."

"تمام گھٽي رش هوندي، ها نه؟"

سوچيندي چيو هوم:

"ها"

هن ڪجھ سيڪنڊن کان پوءِ پڇيو هو:

"سنڌيا به هئي چا اتي؟"

ڪيس کو جواب نه ڏنو هوم. رڳو چپن ۾ ٻڪيو هوس:

"سنڌيا..."

هن وري پڇيو هو:

"سنڌيا به هئي چا اتي؟"

نظرون هيٺ ڪندي چيو هوم:

"هوءَ ڪٽي نه آهي عيني!؟ هوءَ ته هر پل هر گھڙيءِ هر جاءِ مون سان گڏ آهي..."

پنھنجي دل تي هٿ رکندي چيو هوم:

"مان جيڏانھن به وڃان ٿو عيني! هوءَ منھنجي دل واري پاسي کي ٽيڪ ڏئي جڙ مون سان گڏ گڏ هلي رهي هوندي آهي ڪارين ڪارين راتين جون اونداهيون هجن يا چانڊوڪي راتين جون ٽڏيريون روشنيون، صبح جي ٽڏڙي هير هجي يا

ٻيهري جي تيز اس يا شام جون چڑواڳ هوائون هجن، هوءَ، هر لمحي، هر گهڙي مون سان گڏ آهي عيني!"

عيني افسوس مان مون کي ڏسي رهي هئي. مون وڌيڪ ٻڌائڻ شروع ڪيو هو:

"جن جڳهن تي مان هن سان گڏ ويو آهيان، اهو سڄو لقاءُ منهنجين اکين اڳيان تري ٿو اچي، هلڻ جي لوڏ، ويهڻ ۽ ڳالهائڻ جي ادا کان ويندي سموريون ڳالهيون منهنجون سامهون نئين سر ورجائجي رهيون آهن. ۽ سڀ کان وڌي ڳالهه ... جن هنڌن تي مان هن سان گڏ ويو آهيان، اهو ته ٺيڪ، پر جن هنڌن تي مان هن سان گڏ نه ويو آهيان، اتي به ايئن ويٺو ڏسان ٿو ته، هوءَ مون سان گڏ هجي ها، ته هيئن ڳالهائي ها، هيئن خوش ٿي ها، هيئن حيرت کائي، هيئن ڪري ها، هونئن ڪري ها ..."

هوءَ روڪٿارڪي ٿي وئي هئي. منهنجي هٿن مان چالان ۽ في جا پيسا وٺندي چيو هئائين:

"تنهنجو چالان مان ٿي جمع ڪرائي اچان. تون بوتل پيءُ..."

مون بوتل مان ڊڪ پريو هو. سچ ته فنتا جهڙي مٺي بوتل به جڙ اندر ۾ ڪريلي جي ڪوڙي جوس جيئن لهندي محسوس ٿي هئي...

11

امتحان ٿي ويا هئا. ايرا سيرا پيپر ڪري مڙئي ڪم ٽپايو هيم. ڪجھ ئي ڏينھن ۾ گرمين جون ۾ مھينا موڪلون ٿيڻ واريون ھيون. ڏاڍي عجيب ڪيفيت ٿي وئي ھئي. نہ ڄامشوري ۾ رھڻ تي دل پئي ٿي، نہ ئي ڳوٺ وڃڻ تي. نيٺ اھو وقت ۾ اچي ويو ھو جو ھاسٽلون خالي ٿيڻ لڳيون ھيون. ڪيئن ٻڌايانءِ تہ ڪيتري بيچينيءَ ۽ بيقراريءَ ۾ وکوڙجي ويو ھوس. انھيءَ ئي تڙپ ۽ بيچينيءَ ۾ ھڪ صبح ڳوٺ لاءِ روانو ٿي ويو ھوس. اھي سفر ياد پئي پيم، جن ۾ تون ۽ مان موڪلن ۾ گڏجي ڳوٺ ھلندا ھئاسين. ان ڏينھن تون صبح جو اٿي ڪڏھن چڪن برياني پچائيندي ھئينءَ تہ ڪڏھن ڪجھ. پاڻ سڄي سفر ۾ مستيون ڪندا، کلندا، مسڪرائيندا ھڪ ٻئي تي آھلبا ھلي لاڙڪاڻي پھچندا ھئاسين.

ڪني! ڪجھ اندازو اٿئي! تہ توکان سواءِ منھنجو جيون ڪيڏو بي رنگ ۽ دردناڪ بڻجي ويو آھي!

ڪني! ڏس تہ سھي! مان ڪيئن ٿي ويو آھيان! روئڻ چاھيان ۽ ٿو تہ روئي نٿو سگھان. ڳوڙھا اکين ۾ ۽ سڏڪا ڳلي ۾ قاسي پيا آھن. ڪيترائي ڀيرا اڌ راتين ۾ ھاسٽل جي ڇت تي چڙھي وڃي روئڻ چاھيو اٿم، پر روئي نہ سگھيو آھيان. پنھنجي اھا ڪيفيت سمجھ ۾ ئي نہ ٿي اچي...

نہ ڄاڻان ڪھڙي وقت بس ۾ چڙھيو ھوس ۽ اھا ڪھڙي وقت ڄامشوري مان نڪتي ھئي! نہ ڄاڻان ڪٽي ڪٽي بيٺي ھئي! ۽ نہ ڄاڻان اھو سفر ڪيئن گذريو ھوا! بس جڏھن ڳوٺ پھتي ھئي، تہ مان ۽ پنھنجو ٽيلھو ڪٽي ان مان لٿو ھوس. بس مان لھندي ڪيئي ڊپ ورائي ويا ھيم. سوچيم پئي، تہ نہ ڄاڻان گھر وارا ڇا سوچيندا ھوندا، ھو تنھنجي باري ۾ الائي ڪھڙيون پچائون ڪندا تہ تو مون کي ڇو ڇڏيو؟ پنھنجي ئي شھر جي گھٽين ۾ ھلندي، ڏاڍو اڻاٽڪو ٿي پيو ھوس.

ڪيئن ٻڌايانءِ! تہ توکان پوءِ نہ رڳو منهنجو شهر ۽ منهنجو ڄامشورو پر هيءَ سڄي دنيا ئي صفا اوپري، اٻاڪي ۽ ٻُسي ٿي پئي آهي. پنهنجي شهر جي گهٽين ۾ ڪنهن ٻنڪيل شخص جيئن ٿي پيو هوس. ان وقت مون ڄاڻي ورتو هو تہ ماڻهو جهنگ منهن چو ڪندا آهن؟

پنهنجي گهر جو در ٽپي جيئن اندر داخل ٿيو هوس، تہ امان در اڳيان اکيون وڇائي ويٺل نظر آئي هيم. مون کي ڏسي هن جي دل مان بي اختيار نڪري ويو هو.

"ابا... منصور...!"

امان جهڙو ڪر اُڏامي اچي مون وٽ پهتي هئي، پنهنجا ٻئي هٿ هن جي پيرن تي رکي ڇڏيا هيم تہ ڇڪي ڇاتيءَ لاتو هئائين. امان جي ياڪر ۾ پنهنجي من ۾ متل آندڙ مانڊ، تڙپ، ۽ بيچيني جَهڪي ٿي وئي هيم. ۽ هلڪو هلڪو سڪون ملڻ شروع ٿي ويو هيم. شام ٿي چڪي هئي. سيني گهر ۾ اٿتين جون ڪٽون اڳڻ ۾ پيل هيون. امان مون کي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي وئي هئي، مان سندس هنج ۾ سر رکي سمهي پيو هوس. هوءَ منهنجي وارن ۾ پنهنجون آڱريون ڦيري رهي هئي. جن سان جڙ منهنجي مٿي تان آهستي آهستي بار لهي رهيا هئا. امان مون کي سڏڻ کان پوءِ پنهنجون نظرون چت ڏانهن ڪري ڇڏيون هيون. سندس اکين ۾ لالي لهي آئي هئي. هوءَ تمام گهٽي دلگير ٿي وئي هئي... سندس اها حالت ڏسي مون کيس پيار مان سڏيو هو:

"امان!"

مون کي ممتا پريل نظرن سان ڏسندي چيو هئائين:

"جيءُ ابا...!"

"امان ڇا ٿي سوچين؟"

ڳوڙها سندس نيٽن مان ڇلڪي ڪري پيا هئا. لڙڪ اگهندي چيو هئائين:

"ڪجهہ نہ ابل..."

ڇا ٻڌايانءِ! تہ ان وقت مون تي ڇا گذري رهي هئي. سندس ڳلن تي هٿ لائيندي چيو هيم:

"بس امان! جيڪو ٿيڻو هو سو ٿي ويو. تون هاڻي ڏک نہ ڪر."

"منصور...!"

"جيءُ امان...!"

"پُٽ...!"

امان جي اکين مان وري ڳوڙها ڳڙي پيا هئا:

"پٽ... منهنجي زندگيءَ جا هن وقت تائين وڏي ۾ وڏا ٻہ ڏک اٿئي...!"

امان جي ادس مُک ۾ روئندڙ اکين ۾ ڏسندي مئل آواز ۾ چيو هوم:
"کهڙا امان؟"
"پٽ! مون کي پهريون وڏو ڏک تڏهن ٿيو هو. جڏهن پٽهين ۾ شادي ڪئي هئي، ۾..."
امان منهنجي نرڙ تي پنهنجو هٿ ۾ وارن ۾ آڱريون ڦيرينديءَ پڌائي رهي هئي. سندس مُک تي ايري آيل بيوسيءَ وارا احساس مون کان ڏٺا نه پئي ٿيا. هن پنهنجي ڳالهه پوري ڪندي چيو هو:
"۾... ٻيو وڏو ڏک سنڌيا جي توکي ڇڏي وڃڻ جي ڪري ٿيو آهي..."
امان جي اها ڳالهه ٻڌي مون کان هڪ سڏڪو پرجي ويو هو. هن سان ڇا ڳالهايان ها، ڪجهه سمجهه ۾ نه پئي آيم. من ۾ وري آندّ ماندّ مچي وئي هيم. اندر ۾ ڦٽڪي پيو هوس. ڪيئن ٻڌايان۽ ته پنهنجو هاڻ ڦاٽڻ کان ڪيئن بچائي رهيو هوس. امان پڇيو هو:
"توکي به ڳوڙها نه ٿا اچن نه...؟"
مان ڪو جواب نه ڏئي سگهيو هوس، رڳو خاموشيءَ سان ڪيس ڏسندو رهيو هوس.
"تنهنجو به جيءُ جلي ويو آهي نه...؟"
بيوسيءَ مان ڪو لفظ اُڪليو نه ٿيو هو.
"جڏهن پٽهين ۾ شادي ڪري آيو هو نه، ته منهنجو به ايئن جيءُ جلي ويو هو. جڏهن تنهنجي زندگيءَ ۾ سنڌيا آئي، ته وري مان اندروني طور خوش ٿي وئي هيس. هي جيڪي ٿورا ڳوڙها ڳڙيا آهن نه، اهي به ان جي خوشيءَ ۾ ئي گڏ ٿيا هيا..."
مون پاسو ورائي امان جي هنج ۾ پنهنجو منهن لڪائي ڇڏيو هو. سندس اها بيوسي وڌيڪ ڏسي نه پئي سگهيس. مون امان کي چيو هو:
"امان... تون منهنجي مٿي کي ايئن ٿڦڪيون هڻندي رهه... مون کي تنهنجي هنج ۾ ننڊ ٿي اچي..."
"هائو ابا..."
پوءِ امان منهنجي نرڙ ۾ مٿي کي ٿڦڪيون هڻندي رهي هئي. ننڊپڙ جو اهو وقت ياد اچي ويو هيم. جڏهن ننڊ نه ايندي هئي، ته امان جي هنج ۾ وڃي سمهندو هوس، ته هوءَ مٿي کي ٿڦڪيون هڻندي 'الله... الله ...منهنجي ٻچڙي جو الله ...' چوندي هئي، ته ننڊ اچي ويندي هئي. تنهنجي ڇڏڻ کان پوءِ ان ڏينهن امان جي هنج ۾ پهريون دفعو پر سکون ننڊ جاکيپ چڙهي رهيا هئا. ننڊ اچڻ کان اڳ امان جون ڳالهيون ٻڌيون هيم. جيڪي هوءَ مون سان الاءِ پنهنجو پاڻ سان ڪري رهي هئي...

"مون رپيو رپيو گڏ پئي ڪيو منصورا! تہ هن کي سونا سيٽ ڏهرائي ڏيندس... ڪنگڻ ڏهرائي ڏيندس... اُڇا ڪپڑا وڻي ڏيندس... اُڇا سينڊل ۽ اُڇا هار سينگار جا سامان وڻي ڏيندس... گهٽي وقت کان پوءِ تنهنجي شاديءَ تي خوش ٿيندس. خوش بہ اهڙو جوان خوشيءَ ۾ چري ٿي پوندس... ڪاش هوءَ توکي چڏي نہ ويچي ها...

12

تون نہ ٹي ڇاڻين تہ پنهنجي ان کهول ۾ هڪ پيرو وري قابل رحم بڻجي ويو هوس. جڏهن مائٽ مون تي رحم کائي ڳالهائيندا هئا، تڏهن پاڻ کي ڏاڍو ننڍڙو ۽ ڪمتر پائيندو هوس. انهن ڏينهن ۾ مون کي ڪنهن جي به گفتگو نہ پئي وڻي. جيڪو به مليو پئي، تنهن جي وات ساڳي وائي هئي. سڀ ڪنهن تنهنجو ئي پئي پڇيو.

جيترا ڏينهن ڳوٺ ۾ هوس، ان جو گهڻو وقت پنهنجي ڪمري ۾ گذاريندو هوس. ڪمري کان ٻاهر نڪرڻ تي دل ئي نہ چوندي هئي. ڪمري کان ٻاهر کهڙي بهتر جاءِ هئي، جو اتان نڪري اوڏانهن وڃان ها! هر هنڌ ٻُسو ٻُسو لڳندو هوم.

ڪيئن ٻڌايان۽ تہ اهي ٻہ مهينا ڳوٺ ڪيئن ڪٽيا. موڪلون پوريون ٿيون هيون تہ ڇامشوري واپس وريو هوس. پنهنجي آخري ملاقات ۾ بهار جيئن خزان ۾ بدليو هو تہ وري ان ۾ ڪا تبديلي نہ آئي هئي. آگسٽ جو مهينو هو. يونيورسٽيءَ ڏانهن شاگردن جي موٽ ٿي هئي. عام ڏسندڙ کي ڪيمپس ڏاڍو پررونق لڳي رهيو هوندو، پر مون لاءِ رونق رهڳو ئي رهڳو توسان هوندي هئي. تون وئينءَ تہ اها ٻہ وئي...

ٻي ڏينهن صبح جو تيار ٿي سنڌي شعبي آيو هوس. ڪلارڪ کان رزلٽ معلوم ڪئي هيم. هن پيري ڪنهن ٻہ سبجيڪٽ ۾ A گريڊ نہ ڪٽي سگهيو هوس. ريگيولر شاگرد هجڻ ۽ سخت محنت ڪرڻ جي ڪري مس وڃي سٽ سٽ مارڪن سان بي گريڊ آيا هئا. هونئن جي عام حالتن ۾ ايتري محنت ڪيان ها تہ شايد فيڪلٽي ٽاپ ڪيان ها. رزلٽ معلوم ڪري جيئن مئڊم گلمينا جي آفيس ۾ داخل ٿيڻ تي هوس تہ هن چيو هو:

"آءُ آءُ منصور...!"

سڀي ۽ خوش لڳڻ جو تاثر ڏيندي ڪيس سلام ڪيو هوم:
"السلام عليڪم مئڊم!"
"وعليڪم السلام ڪيئن آهين؟"
"زبردست مئڊم! بلڪل ٺيڪ آهيان."
"هونهه، ڏاڍو سٺو... موڪلون ڪيئن گذريون؟"
"بس مئڊم! گذاري آيس."
"چو؟ بس رڳو گذاري آئين."
ڪيئن ٻڌايان ها! تہ تنهنجي ڪري منهنجي دنيا ئي اجڙي وئي آهي. ڪيئن ٻڌايان ها تہ تنهنجي ڏنل غم جي اڏوهيءَ ڪيئن اندران ئي اندران منهنجو وجود ئي کائي رکيو آهي! مصنوعي مرڪ آڻيندي چيو هوم:
"بس مئڊم! هڪ تہ گرميون، ٻيو وري ٻارنهن ٻارنهن ڪلاڪ بجلي بند، نہ ڪو ڪتاب پئي پڙهي سگهيس ۽ نہ ئي ڪو ٻيو ڪم پئي ڪري سگهيس. بس رڳو ٻہ ڪم ئي ٿي سگهيا."
مئڊم مرڪي پڇيو هو:
"ڪهڙا؟"
مرڪي چيو هوم:
"هڪ گرمي برداشت ڪرڻ جو ۽ ٻيو بجلي اچڻ جي انتظار ڪرڻ جو..."
مئڊم ڪلي پئي هئي. مان ٻہ مرڪي پيو هوس. پوءِ هن چيو هو:
"اهو سڄي سنڌ ۽ پاڪستان جو مسئلو ٿي ويو آهي."
"ها مئڊم! اوهان صحيح ٿيون چئو."
"توکان ٿوري دير اڳ سنڌيا ٻہ رزلٽ معلوم ڪرڻ آئي هئي..."
ڪيئن ٻڌايانءِ تہ پنهنجي خوش هجڻ جو جيڪو ڪاڪ محل اڏيو ويٺو هوس، سو ان وقت ڍهي اچي پٽ پيو هو! اندر جي اداسي منهن تي پکڙجي وئي هئي. خاموش ٿي ويو هوس.
مئڊم ڳالهايو هو تہ ڏيان اوڏانهن ويو هو:
"اڄ مون کي ڏاڍي خوشي آهي، تہ تون خوش ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهين. اميد تہ تون ان ڪيفيت مان تمام جلد نڪري ايندين."
"جي مئڊم...!"
مئڊم ٻہ ڪجهہ سوچيندي اداس ٿي وئي هئي، ۽ ان اداسيءَ مان چيو هئائين:
"منصور..."
مون پنهنجا اداس نيٺ ڏانهنس ڪٽي جهيڙي آواز ۾ چيو هو:

"جي مئڊم!"

مئڊم اداس آواز ۾ ڳالهائڻ لڳي هئي:

"مان ننڍي هيس... شايد ٽئين درجي ۾ پڙهندي هيس. اسان جي پاڙي ۾ اسان جي گهر جي پرسان هڪ پنجابي فيملي رهندي هئي. انهن جي هڪ هڏ ڪاٺ ۾ پريل، قدآور گلابي رنگ ۾ ڪاري نيٽن واري ڏاڍي خوبصورت چوڪري هئي. انهن جي گهر جي لڳو لڳ هڪ سنڌي فيملي رهندي هئي. انهن جو هڪ خوبصورت شڪل شبيهه وارو ڳيرو هو. اهو چوڪرو ۽ اُها چوڪري شايد گڏ پڙهندا هئا يا سنڊن گهرن جا ڪوٺا گڏوگڏ هئا ان ڪري اتي ئي هڪٻئي کي ڏسندا ۽ ملندا هئا. بهرحال ڪنهن کي خبر نه رهي ته اهو چوڪرو ۽ اها چوڪري پاڻ ۾ ايڏو سيريس ٿي ويا آهن. هڪ ڏينهن چوڪري پنهنجي گهر ڳالهه ڪئي، ته هو ان چوڪريءَ سان پيار ڪري ٿو. سندس گهر ۾ ان ڳالهه جي شديد مخالفت ڪئي وئي. هن چوڪري جي پيءُ پئي چيو:

"اها قوم اسان جا تيل ڪائي وئي، گيس ڪائي وئي. پورٽ ڪائي وئي، نوڪريون ڪائي وئي، درياهه ڪائي وئي، ڊيلٽا تباهه ڪري ڇڏيائين، اسان جي شهرن تي ڌاريا آٽي اسان مٿان ويهاري ڇڏيائين. ان قوم اسان جو وطن ڪاڏو اسان جا وسيلا ڪاڏا، اسان جا سمورا حق ڪائي ويا، هاڻي اچي منهنجو گهر بچيو آهي...مان پنهنجو گهر هنن کي ڪائڻ نه ڏينڊس..."

چون ٿا ته هن چوڪري چيس:

"پر بابا مان هن سان شديد پيار ڪيان ٿو..."

پيءُ ڪاوڙ مان جواب ڏنس:

"اڙي بيغيرت! هڪ ڪان هڪ سنڌي چوڪري پئي آهي! هيڏي ڏي جي توهان هنن سان شادي نه ڪندؤ! ته هنن سان ڪير ڪندو شادي...؟"

"پر بابا..."

"بابا جا پٽ! هيڏو سارو شهر اٿئي! سڄي شهر مان ڪنهن به سنڌي چوڪريءَ تي هٿ رک، پوءِ پلي هوءَ ڪهڙي به ذات جي هجي، جي ان سان شادي نه ڪرايانءِ ته چئجان..."

"بابا، جيڪڏهن اهڙي ڳالهه آهي، ته مان هن سان ڪورٽ ميريج ڪندس..."

پٽس باهه ٽيندي چيو:

"جيڪڏهن ائين ڪيئي، ته پوءِ سمجهجان، تنهنجو پيءُ تو لاءِ مري ويو..."

هيڏانهن هن کي کتو جواب مليو هوڏانهن وري هن چوڪريءَ پنهنجي والدين کي چيو ته هنن وري هن کي جواب ڏنو:

"اوئي هوئي... ڪهڙي وڃي گند جي ڍير تي پئينءَ. اڙي توکي اها ڄٽ ۽ جاهل قوم ئي ملي هئي، عشق ڪرڻ لاءِ؟ هان..."

مطلب ته ٻنهين جو پنهنجي پنهنجي گهر وارن اڳيان ڪو حيلو نه هليو. چون ٿا ته هنن ناااميد ٿي زندگيءَ جي جنگ هارائي، خودڪشي ڪرڻ جو ارادو ڪيو.

هنن گڏ جيئڻ ۽ مرڻ جا قسم کنيا هئا، ان ڪري گڏجي خودڪشي ڪرڻ جو ارادو ڪيائون. هنن پنهنجي پنهنجي گهر وارن کي هڪ گڏيل خط ۾ لکيو ته هو جيڪڏهن وڌيڪ گڏ جيئي نه ٿا سگهن، ته گڏ مري ته سگهن ٿا. ان ڪري خودڪشي ٿا ڪن..." هنن جي گهر جي اڳيان لوهي گرلن جي مٿان ننڍا ننڍا لوها تير لڳل هئا. هنن هڪ ٻئي کان موڪلايو ۽ پوءِ پاڻ کي گهر جي ڇت تان انهن لوهن تيرن جي مٿان اڇلائي خودڪشي ڪرٽي هين. چون ٿا ته هن جي اکين ۾ ڏسندي ڇوڪري پنهنجو پاڻ انهن گرلي لوهي تيرن مٿان اڇلايو. ڪجهه ئي لمحن ۾ هن ڦٽڪي دم ڏنو ۽ ڇوڪري اهو ڏسي ڇت تان هيٺ لهي وئي ... ان وقت مان اسڪول مان موٽي رهي هيس منصور! مون ڏٺو هو ته ان گهر جي اڳيان هڪ وڏو هجوم بيٺو هو مان به پاراٽي تجسس ۾ ان پيهه ۾ گهڙي پئي هيس، مون جيئن وڃي ڏٺو هو ته سڄي جسم مان سيئاندڙيون نڪري ويون هيم. جسم ڏڪڻ لڳو هو! اکين مان نير وهي هليا هئا..."

اها الماياتي ڳالهه ٻڌي مان به سڄو لڏي ويو هوم. ساهه ئي منجهي پيو هو... پوءِ مئڊم پڇيو هو:

"خبر اٿئي منصور! پوءِ ڇا ٿيو!؟"

مان تجسس ۾ريل نظرن سان ڏانهنس ڏسي رهيو هوس.

"پوءِ... هن جي ماءُ ان ئي ڏينهن صدمي ۾ مري وئي. هن جو پيءُ ڪيتري ئي عرصي تائين راتين جو چرين جيان رڙيون ڪري روئندو هو. هن جون ڀيٽيون روئي روئي ان صدمي ۾ بيحال ٿي ويون... ۽ ... ۽ خبر اٿئي منصور...!؟"

مان ان وقت درد جي درياهه جي وچ سير ۾ هوس. ان ئي درد، افسوس ۽ تجسس وارين نظرن سان مون مئڊم کي پئي ڏٺو. هوءَ به دلگير ٿي چڪي هئي. مئڊم وڌيڪ ٻڌائيندي چيو هو:

"ان ڇوڪريءَ... ان ساڳي ڇوڪريءَ منصور! ڪجهه ئي مهينن کان پوءِ هڪ ٻي ڇوڪري سان لائنون لڏيون ۽ ان سانحي کي ماضيءَ جو هڪ قصو سمجهي، ان کي وساري خوش ٿي جيئڻ لڳي."

منهنجون نظرون هيٺ جهڪي ويون هيون. مئڊم جو آواز وري ڪنن ۾ پوڻ لڳو هو.

"خبر اٿئي منصورا ان ڏينهن کان مان جنهن بہ چوڪريءَ کي چوڪريءَ کي گڏ ڏسندي آهيان، تہ ڏڃي ويندي آهيان. ڏپ ورائي ويندو اٿم. تہ ڪٿي هي چوڪرو بہ بيوفائيءَ کان پوءِ ايئن نہ ڪري ويهي ۽ هن جي ماءُ صدمي ۾ گذاري نہ ويچي ۽ هن جو پيءُ اڌ راتين تائين چرين جيان رڙندو نہ رهي."

ڳيت ڏئي، نڙي آلي ڪندي چيو هوم.

"الله رحم ڪري مئڊم..."

مون کي هڪ گهرِي ڪاري اداسيءَ وکوڙي ڇڏيو هو. پنهنجي پاڻ کي انهن گرلي لوهي تيرن جي مٿان ڪري ڦٽڪي مئل پانيو هوم. مئڊم جي آفيس ۾ خاموشي ڊهيل ڊهيل سڏڪن سان روئندي رهي هئي.

13

ان ڏينهن اداس ئي اداس فيڪلٽيءَ کان هاسٽل پهتو هوس. انهن ڏينهن ۾ ڪٽر ماني کائڻ ۾ وسري ويندي هيم. نہ ڄاڻان ان منجهند ڪهڙي وقت وڃي ننهنجي اک لڳي هئي؛ ۽ ڪيترو وقت ننڊ ڪئي هيم. خبر ناهي تہ ڪيتري وقت ڪائين دروازو کڙڪندو رهيو هو. ننڊ مان اٿي ڪمري جو دروازو کوليو هوم. تہ سامهون محمد علي بيٽل نظر آيو هو. مرڪندي چيو هئائين:

"هل يار! ننڊ جون گوريون کائي ستو هئين ڇا؟"

هن جي اهڙي سوال تي رڳو مرڪيو هوس. ڪمري جون بتيون ٻاريندي چيو هوم.

"اڇ محمد علي...!"

ڪرسي تي ويهندي چيو هئائين:

"جلدي تيار ٿي تہ هلون."

"ڪيڏانهن؟"

"اڄ چوڏهينءَ جي رات آهي. ان ڪري اسان ان حوالي سان علامہ آءِ آءِ قاضي يلسا قاضيءَ جي مزارن تي محفل موسيقي جو پروگرام ٿاهيو آهي."

"اڄ چوڏهين آهي ڇا؟"

"چو چنڊ نہ ڏسندو آهين ڇا؟"

ڪي مرڪ مرڪي هٿ منهن ڌوئڻ ويو هوس. هٿ منهن ڌوئي، ڪپڙا بدلائي، سٽل کان ٻاهر نڪتا هئاسين. رات ٿي چڪي هئي. آهستي آهستي چنڊ جي ڏاڙ پکڙجي رهي هئي. اسان باڻني ۽ جيالاجي شعبن کان ٿيندا، سينٽرل

لائبريري ۾ زيرو پوائنٽ کان اڳتي وڌندا ويڄي علامہ آءِ آءِ قاضي ۾ ايلسا قاضيءَ جي مزارن تي پهتا هئاسين. ادبي سنگت جا ڪجهہ ٻيا دوست اڳ ئي پهتل هئا. ڪيترائي شاگرد ۾ استاد ۾ ٻيا ملازم ننڍڙين ننڍڙين ٽولين جي صورت ۾ اڳ ئي ويٺل هئا. ٽوري ئي دير ۾ محمد علي ان محفل جي ڪاروائي کي اڳتي وڌايو هو. ڪيترائي نوجوان راڳي آيا هئا، ۾ هڪ هڪ ٻہ گيت ڳائي هليا ويا هئا. جامشوري تي ٽيل شاعري پڙ اتي ڳائي وئي هئي. جنهن تي شاگردن خوب داد ڏني. پر تون سمجهي سگهين ٿي، تہ منهنجو ڏيان رڳو توڏانهن ئي هو. اتي جڏهن هڪ مقامي راڳيءَ

پيار درياهہ آ، درياهہ پي لٿجي ٿو وڃي،
نيٺ انسان آ، انسان ٻہ مٿجي ٿو وڃي.

ڳايو هو تہ مون کي ياد آيو هو تہ گذريل ويلنٽائن ڊي 2007ع تي سنڌ الاجيءَ جي پير حسام الدين راشدي هال ۾ هڪ ويلنٽائن مشاعرو ۾ محفل موسيقيءَ جو پروگرام ٿيو هو. تون ۾ مان ان ۾ شريڪ ٿيا هياسين. اتي سنڌ جي هڪ سريلي راڳي صادق فقير هڪ ڪلام ڳايو هو. ان کان پوءِ هال ۾ ويٺل ماڻهن ڏانهن ڏٺو هئائين تہ ڪيترن ئي ماڻهن هن کي پنهنجون پنهنجون فرمائشون ڳائڻ لاءِ چيو هو. تون ۾ مان ٻي قطار ۾ ويٺل هئاسين. تون پنهنجي ساڄي ٻانهن سان منهنجيءَ دل تي ٽيڪ لڳائي ويٺي هئينءَ. پوءِ مرڪي چيو هيئي:

"جانو! هن کي چئو تہ 'عشق اسان وٽ آرائين جيئن آيو جهول پري' ٻڌائي."

مون هن کي اتان ئي تيز آواز ۾ اها وائي ٻڌائڻ لاءِ چيو هو. هو ۾ هال ۾ ويٺل کي ماڻهو مرڪي تہ ڪي وري طنزيہ اسان کي ڏسي ڪليا هئا. هن چيو هو:

"هائو سائين...!"

پوءِ هن جڏهن آلاپڙ شروع ڪيو هو تہ تون ۾ مان ذهني طور تيار ٿي ويا هئاسين، تہ ڇاڙ پنهنجي فرمائش پوري ٿي. پر هن اسان کي ڏسي جڏهن استاد بخاريءَ جو هي گيت

'پيار درياهہ آ، درياهہ ٻہ لٿجي ٿو وڃي.'

ڳايو هو تہ پاڙ کان ٽهڪ ڇڏائجي ويا هئا. هن ان جي هيٺين سٽ

'نيٺ انسان آ، انسان ٻہ مٿجي ٿو وڃي.'

ڳائڻ مهل جڏهن اسان ڏانهن هٿ ڪنيو هو تہ ڪيترن ئي دل جلين هوڪرا ڪيا هئا. مون توکي ان ئي ڪل ۾ چيو هو:

"يارا! ڏاڍي ٽي..."

كلندي چيو هيئي:

"ها... پر مزو به ڏاڍو آيو."

اسان ان محفل مان تمام گهڻو مزو ورتو هو. ياد اچي رهيو هوم. ته پنهنجي آخري ملاقات كان اڳ ۾ پنهنجي ساڻ جي ٽن سالن پچاڻان تون مون كي ڏسي اكثر اهو گيت ڳائيندي هئينءَ. هڪ ڏينهن جڏهن اهو گيت ڳايئي پئي، ته چيو هومانءِ:

"يارا! پنهنجي گڏ هوندي تون وري اهو گيت كيئن ٽي ڳائين؟"

كلي پئي هئينءَ. كلندي چيو هيئي:

"ايئن ئي يارا!"

ٿوري تكليف مان چيو هومانءِ:

"ايئن نه ڪندي ڪر يارا! خبر نه اٿئي ته مان تولاءِ كيترو چريو آهيان...!؟"

كلي چيو هيئي:

"او منهنجا عاشق سودائي! اهڙي كا به ڳالهه نه آهي؛ پر ان شاعريءَ ۾ انسان جي متجڙ وارو هڪ آفاقي سچ آهي..."

تنهنجي اها ڳالهه ٻڌي چپ ۾ اداس ٽي ويو هوس. ان وقت پهريون پيرو اهو خيال آيو هوم. ته تون مون كي ڇڏي به سگهين ٿي. دل ٻڌي وئي هيم. ۾ ڪجهه ئي منٽن ۾ نڙي ۾ چپ خشڪ ٽي ويا هيا. اهو ڏسي ٿهڪ نكري ويو هيئي. ان ڏينهن پهريون پيرو توكي بيوسيءَ مان ڏٺو هوم. ۾ كيترن ئي لمحن تائين ڏسندو رهيو هوس. پوءِ منهنجي ڪنڌ ۾ پنهنجي هٿن ڏيريندي چيو هيئي:

"اڙي كنا...! ٻئي دفعي ايئن نه ڪندم. بس!"

نظرون جهكائي ڇڏيون هيم. دل جو ڏڙكو وڌي ويو هيم. بس رڳو هاكار ۾ ڪنڌ ڏوڙيو هوم. چيو هيئي.

"شروع شروع ۾ منهنجو توسان پيار گهڻو هو. پر هاڻي تنهنجو گهڻو ٽي ويو آهي..."

"جانان! مان توسان جيترو پيار كيان ٿو ان جو ڪڏهن پوريءَ ريت اظهار به نه ڪري سگهيو آهيان..."

تون مرڪندڙ اكين ۾ ڀهڪندڙ مك سان مون كي ڏسي رهي هئينءَ. چيو هومانءِ:

"جيئن ڪائنات جون لاتعداد شيون اڻ ڪٽيل آهن، تئين منهنجو توسان پيار به اڻ ڪٽيل آهي..."

مرڪي پاڪر پائي چيو هيئي:

"هل ڏي هل! منهنجا چريا..."

اها رات ڪافي دير تائين اباڻڪو اباڻڪو رهيو هوس، ۽ پوءِ اتان ڪان ئي وهم شروع ٿيا هئا. ڪڏهن تنهنجو موبائيل بند ته ڪڏهن وري مصروف ملندو هو. ان ئي ڏينهن ۾ تنهنجي موبائيل فون تي ڪال ويندي هئي، پر تون رسيوِ نه ڪندي هئينءَ. ڪڏهن ننڊ ۾ هجڻ جي ڳالهه ڪندي هئينءَ، ڪڏهن واش روم ۾ هجڻ جي، ته ڪڏهن فون ڪٻٽ ۾ وساري ٻاهر نڪري وڃڻ جي.

اهي ساڳيا ئي ڏينهن هئا، جن ۾ تون هن جي ويجهو ٿي هئينءَ ۽ هي موبائيل فون تان هن سان ڳالهائيندي هئينءَ. اهو موبائيل فون جو سيٽ تو عينيءَ ڪان اهو چئي ورتو هو ته هوءَ مون ڪي ان باري ۾ نه ٻڌائي ۽ جيستائين پاڻ ڳڏ هئاسين، هن مون ڪي نه ٻڌايو هو. ڪو به ايتري حد تائين بدلجي سگهي ٿو اهو سوچي ڏاڍي حيرت ٿيندي هيم. تنهنجي اهڙي تبديلي بلڪل ناقابل يقين ۽ ڏندين آڱريون ڏيندڙ هئي. تو جهڙي حساس ۽ نرم دل چوڪري ايئن سنگدل ۽ بي رحم به ٿي سگهي پئي. منهنجي سمجهه ۾ نه ايندو هو. انهن آخري مهينن ۾ ته جهڙوڪر مان تنهنجي هٿن جو رانديڪو ٿي ويو هوس. تو جنهن منهنجي مرضيءَ جي خلاف ۽ زوري منهنجي ٻانهي ٿي گذارڻ جو قسم کنيو هو ، پوءِ مو ن سان ڏاڍو بُرو ورتاءُ ڪندي هئينءَ.

ان محفل موسيقيءَ جي پروگرام ۾ ويٺي، وري مٿان برف اچي ڪري هيم. سڄو جسم ٺڏو برف ٿي ويو هو. لوهي گرل کي ٽيڪ ڏئي ويٺو هوس، ته سامهون هڪ پلوڙ راڳي خادم سخيراڻيءَ پنهنجي دردیلي آواز ۾ استاد بخاري جي شاعري ڳائي رهيو هو:

"جي هي دلبو هو جي هي ڏوکو هو

اعتبار مون کي ڇو ڏنئي؟

ايڏو پيار مون کي ڇو ڏنئي؟"

اهو ڪلام ٻڌي محفل مان نڪري ويو هوس. هاسٽل ڏانهن موٽندي هڪ نظر چنڊ ڏئو هوم. جيڪو پنهنجي ڦوهه جواني‌ءَ جي مستيءَ ۾ هوندي به بيوس، اجهاميل ۽ قابلِ رحم لڳي رهيو هو.

14

اسان ٻئي لبرا هئاسين. اسان جي جنمن جون تاريخون ويجهو ٿيڻ سان اداسي ۽ بيچيني وڌي وئي هئي. انهن ڏينهن ۾ تون بيحد خوش ٿي ويندي هئينءَ. 8 آڪٽوبر تي ٽيندڙ منهنجي سالگرهہ لاءِ گل سينٽر حيدرآباد هلي مون کي زوري ۽ پينٽون ۽ شرٽون ۽ بوٽ ونڻي ڏيندي هئينءَ. جيڪي مان پنهنجي برٿ ڊي واري ڏينهن پائيندو هوس. ريشم ڳلي هلندا هئاسين. تو لاءِ ۽ ڪپڙن جا ۽ وڳا ونڻا هئا. پرس ، چوڙيون ۽ هڪ ٻئي لاءِ پرفيومز ونڻا هئا. تنهنجو ۽ منهنجو جنم ڏينهن اسان لاءِ سال جا سڀ کان وڏا ۽ خوشيءَ وارا ڏينهن هوندا هئا. تنهنجو جنم ڏينهن منهنجي جنم ڏينهن کان ڪجهہ ڏينهن اڳي هوندو هو. تنهنجي جنم ڏينهن تي پارٽ تيار ٿي. شٽل ۾ چڙهي شهر هلندا هئاسين. بمبئي بيڪري يا اينرجي سويٽس اينڊ بيڪرز تان چاڪليٽ يا ڪافي ڪيڪ ونڊندا هئاسين. پوءِ اتان المنظر هلي ڪيڪ ڪٽبو هو. تون جيئن ڪيڪ ڪٽيندي هئينءَ، تہ مان تاڙيون وڄائيندي چوندو هوس:

"هيپي برٿ ڊي ٽو يو... هيپي برٿ ڊي ماءِ سويٽ هرٽ سنڊيا... هيپي برٿ ڊي ٽو يو ماءِ لائيف..."

ڪيڪ ڪٽيندي تون مرڪندي رهندي هئينءَ. ڪيڪ ڪٽڻ کان پوءِ ان جي هڪ ٽڪري مان مون کي چڪ هڻائيندي هئينءَ. ان کان پوءِ مان ساڳي ٽڪري مان توکي چڪ هڻائيندو هوس. منهنجو ڪمزور ايمان ان ڏينهن خدا ۾ پختو ٿي ويندو هو. مان توسان هٿ ملائي، ان کي لوڏيندي چوندو هوس...

"توکي تنهنجو جنم ڏينهن مبارڪ هجي جانان! خدا جا لک لک احسان آهن، جنهن توکي هن ڏينهن تي پيدا ڪري هن دنيا ۾ موڪليو ۽ منهنجي جيون ساٿياڻي بڻائي منهنجي زندگيءَ کي خوبصورت ڪيائين."

"چري پٽان! تون منهنجو ساهه آهين ..."
"تون به منهنجو ساهه آهين مُنا!"
"مان توکي ڪڏهن به نٽو ڇڏي سگهان جانان! ڪڏهن به نه ...!"
"مون کي ڇڏيئي ته مان مري ويندسانءِ ...!"
"توکي ڪڏهن به نه ڇڏي سگهندس جانان ...!"

پوءِ ڪافي رات تائين اهڙيون ئي ڳالهيون ورجائيندا رهيا هئاسين. نه ڄاڻان ڪهڙي پهر وڃي اسان جي اک لڳي هئي، پر پوءِ، توکان پوءِ ان رات تنهنجون ڳالهيون ياد اچي رهيون هيم:

"تون منهنجو ساهه آهين...
مان توکان سوا هڪ منٽ به نه رهي سگهندس...
مون کي ڇڏيئي ته مان مري ويندسانءِ...
ساهه...
آءِ لو يو آلات..."

تنهنجي اها تبديلي موسمن وانگر نه پر قدرتي آفتن جي نزول جهڙي هئي، جنهن لاءِ ڪوبه اڳواٽ تيار نه هوندو آهي.

ڪيئن ٻڌايانءِ ته ان وقت اهو ڪيئن ڄاڻي ورتو هوم ته مڃي پاڻيءَ کان ٻاهر ڪيئن تڙپندي آهي ...!

15

تو واري جنم ڏينهن تي توکي وش نہ ڪري سگھڻ جو چا ڏک ٿيو هوندو! اهو تون اندازو بہ نہ ٿي ڪري سگھين. تون سمجھي سگھين ٿي، تہ ان وقت منهنجي ٻيوسيءَ جو عالم چا هوندو! منهنجي تڙپ ۽ بيچينيءَ جي چا حد هوندي! انهيءَ تڙپ، بيچينيءَ ۽ ٻيوسيءَ واري صورتحال ۾ ڪجھ ڏينهن گذري ويا هئا

ستين آڪٽوبر جو ڏينهن هو جيڪو ڪنهن بہ ڪربلا کان گھٽ نہ پئي لڳو. تون ڪلاس مان بہ اڪثر غير حاضر رهندي هئينءَ. ان ڏينهن مون توکي ڏسڻ چاهيو هو. جيتوڻيڪ تنهنجو چهرو هر وقت منهنجي سامهون رهندو هو، پر تڏهن بہ منهنجي نيٽن کي ڪو چَينُ نہ پئي آيو. مان پنڌ ئي پنڌ مارئي لان وڃي نڪتو هوس. تون مارئي هاسٽل جي گيٽ ڏانهن اچي رهي هئينءَ. مون کي ڏسي منهن ڦيري ڇڏيو هيئي. جنهن جي ڪري توکي ڇڪيءَ ريت ڏسي نہ سگھيو هوس. تنهنجي ان عمل سان وڏيڪ تکليف ٿي هئي. ان ئي حالت ۾ انٽرنيٽ ڪيفي ويو هوس. ۽ ان ئي تکليف واري ڪيفيت ۾ توکي اي ميل ڪندي لکيو هوم:

"ڪني! تو مون کان ملڻ جو حق کسيو. ڳالهائڻ جو حق کسيو ۽ ٻيا سيئي حق کسي وئينءَ. هاڻي گھٽ ۾ گھٽ مون کان ڏسڻ وارو حق تہ نہ کس...! ڪني! منهنجون اکيون جنهن ڏينهن توکي نہ ڏسنديون آهن، ان ڏينهن منهنجون سيپ کان وڏيون دشمن ٿي ويندیون آهن..."

تنهنجي ان عمل منهنجي پوڳنا ۾ ڏاڍو واڌارو ڪري ڇڏيو هو. اندر ۾ وڏي پيچ ٻاهر مچي وئي هئي. ننڍ جي گورين جو ڏوز وڏائي ڇڏيو هوم. خبر اٿئي! اهي گوريون جيڪڏهن اٽين نائين بجي کائيندو هوس، تہ مس وڃي ٽين چئين بجي ننڍ ايندي هئي. تيستائين ان عجيب قسم جي باهہ ۾ جلندو رهندو هوس. تنهنجي ان منهن ٽيري وڃڻ سان جو منهنجي دل جو ڏڙڪو وڏيو هو تہ وري نہ گھٽيو هو...

هر جاءِ جڙ نسورو ٽارچر سيل ٽي پئي هئي. هر گهڙي جڙ جنگي گهوڙن جي پيرن هيٺان لتاڙيو پئي ويس. 8 آڪٽوبر، منهنجي جنم واري رات تنهنجي هجڙ سان پنهنجو وجود ڏاڍو مانائتو ۽ قيمتي لڳندو هو. ان ڏينهن پنهنجي اهميت ۽ قدر جو يقين ٿيندو هو. ان رات تون شڪراني جا نفل ادا ڪندي هئينءَ. مان تنهنجي ان عملن تي پيو خوش ٿيندو ۽ مسڪرائيندو هوس. 8 آڪٽوبر صبح جو حيدرآباد هلي ڪيڪ وٺي ايندا هئاسين. جيڪو المنظر ريسٽورنٽ تي ڪٽي، ان جو هڪ حصو پاڻ وٽ رکي ، پيو اتي ڪم ڪندڙ پورهيتن کي ڪارائي ڇڏيندا هئاسين. موٽ ۾ هو توکي مون کي ڏاڍيون دعائون ڏيندا هئا، ۽ مون کي هڪ اڻ ڪٽ روحاني خوشي ٿيندي هئي. ان ڏينهن تون ۽ مان ڏاڍو خوش هوندا هئاسين. تون ته خوشيءَ ۾ جڙ چري ٽي پوندي هئينءَ. هر منٽ کان پوءِ منهنجا هٽ، ڳل يا اکيون پئي چمندي هئينءَ.

پر هن پيري سڄي رات بنا ڳوڙهن جي جڙ رڙندي گذاري هيم. صبح جو مون کي محسوس ٿيو هو ته تون آرٽس فيڪلٽيءَ جي گرلز ڪامن رومن ۾ ويٺي آهين. مان اوڏانهن اچي نڪتو هوس. تون در جي پرسان پنهنجيءَ هڪ سهيليءَ سان ڳالهائي رهي هئينءَ. مان در جي پرسان پهچي، بس توکي ڏسڻ لڳو هوم. تو جهٽڪي سان مون ڏانهن ڏٺو هو ۽ ڪجهه پلن لاءِ مون کي ڏسندي رهي هئينءَ. پوءِ آهستگيءَ سان منهن ڦيري چڏيو هيئي. ان کان پوءِ توکي سڏيو هوم:

"سنڌيا! توهان هڪ منٽ لاءِ ٻاهر اچو پليز!"

ٻن ٽن پلن لاءِ مون کي ڏسي وري پنهنجي سهيليءَ سان ڳالهائڻ لڳي هئينءَ. جنهن جو مطلب هو تون نه ٽي اچڻ چاهين. مان بيوسيءَ مان واپس وريو هوس. واپسيءَ تي عيني ملي وئي هئي. مرڪي هٽ ملائيندي پڇيو هئائين:

"ڪهڙا حال آهن؟"

تباهه حال هوندي به چيو هوم:

"ٺيڪ آهن."

"طبعيت ڪيئن اٿئي؟"

"ٺيڪ آهي..."

مون کي هڪ نظر ڏسڻ کان پوءِ پڇيو هئائين:

"چا ٿيو آهي...؟"

هڪ گهڙي خاموش رهڻ کان پوءِ ٻڌايو هومانس:

"سنڌيا سان مليو پيو اچان..."

"اچا... پوءِ ڪهڙي ڳالهه ٻولهه ٽي!؟"

"هوءَ ڪامن روم ۾ ويٺي هئي، ڪيس سڏ ڪيم، پر نه آئي..."

هن مون کي دوستاڻي ڪاوڙ ۾ چيو هو:

"پوءِ کهڙي ضرورت هئي، هن کي سڏڻ جي؟"

"اڄ منهنجو برٿ ڊي آهي عيني! ءِ..."

منهنجي برٿ ڊي جو ٻڌي هن هٿ ملائيندي چيو هو:

"وش يو هيپي برٿ ڊي..."

"ٿينڪس آ لاٽ..."

"هل ته اڄ تنهنجي برٿ ڊي جو ڪيڪ ٽا ڪٽيون..."

"نه عيني ٿينڪس...!"

"چو...؟"

"بس، مان پنهنجي سالگرهه جو ڪيڪ نه ڪٽيندو آهيان، پٽيان ٿي سال به رڳو سنڌيا ڪيڪ ڪٽيندي هئي. هاڻي مان وري اها روايت نه ٽوورجائڻ چاهيان..."

"سنڌيا سان ان کري ملڻ ويو هئين؟"

"مون کي خبر ناهي، پر مون نه ڄاڻان ڇو پئي چاهيو ته هن کان پڇان، ته هوءَ ڪيئن آهي؟ ءِ مون کان پوءِ خوش ته آهي نه...!؟"

گرلس ڪامن روم واري ان ڪاريڊور ۾ هڪ لمحي لاءِ خاموش بيهي رهيا هئاسين. پوءِ هن چيو هو:

"چگو پلا هل ته ڪينٽين هلي، سمبوسا ٽا ڪائون، ڪيڪ ته تون نٽو ڪارائين..."

هڪ ڦڪي مرڪ مرڪيو هوس. پوءِ گڏجي ڪينٽين ويا هئاسين. سچ ته ان ڏينهن هر هر شدت سان محسوس پئي ٿيم، جڏ منهنجو جنم ئي اجايو ٿيو آهي...

16

ڪيئن ٻڌايانءِ! تہ اهو ڪهڙو روڳ هو جنهن هر گهڙي الاءِ ڪهڙا ڪهڙا ڪلور پئي ڪيا! جڏهن کان بي رخيءَ سان منهن ڦيري گذري وئي هئينءَ، تڏهن کان جو دل جو ڏڙڪو وڌيو آهي، تہ گهٽ ٿيڻ جو نالو ئي نٿو وٺي، منٽن ۾ سهڪي پوان ٿو وڌا وڌا ساهہ ڪٽڻ کان پوءِ بہ جڻ ساهہ گهٽيل ٿو لڳي. شديد بيچينيءَ سان گڏوگڏ، لوندڙين ۾ مٿيءَ جي تارونءَ ۾ ايڏو تہ شديد سور ٿو ٿئي، جو مٿو سُن ٿو ٿي وڃي. اکيون ڳاڙهيون ۽ منهن ڪاراٽجي ٿو وڃي. رکي رکي دل ۾ اهڙو تہ چڪ ٿو لڳي وڃي، جو پائنجي ٿو تنهنجو مُنو بس ڇاڻ ويو...

آڪٽوبر مهيني جي آخري ڏينهن ۾ امتحاني فارم پرجڻ شروع ٿي ويا هيا. 15 نومبر کان پنهنجي پڙهائيءَ جو آخري امتحان شروع ٿيڻو هو. ان کان پوءِ تون مون کي ازلي وڇوڙي جي جهنم جي باهہ ۾ جلائي ويڙهي هئينءَ. امتحان مٽان اڇي پيو هو. مان هڪ ڪربناڪ ڪيفيت ۾ مبتلا ٿي چڪو هوس. سمورا حواس وڃائجي ويا هئا. مون کان پاڻ سنياليو نہ پئي ٿيو ڪلاس ۾ تنهنجي سيٽ جي پٽيان ويهي توکي چرين ۽ ديوانن جيئن ڏسندو رهندو هوس، سڀ ٿوڪ مان مرڪندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ڪو 'مهذب' ڪلاس فيلو جملو بہ هٽي ڪيندو هو جيڪو جڻ مون کي ٻڌڻ ۾ ئي نہ ايندو هو تون ڇاٽندي هوندينءَ تہ، انهن ڏينهن ۾ منهنجو ڪيترو تماشو ٿيندو هو!

دل ۽ دماغ کان ويندي جسم جي مختلف حصن ۾ سور شدت اختيار ڪري ويو هو. ايئن پئي لڳو جڻ ڇاڻ دماغ يا دل جي رڳ ٽٽي...

مون واري سائڪياٽرسٽ دوائن جو ڊوز وڌائي ڇڏيو هو. ساڻس دل جي تڪليف جي بہ ڳالهہ ڪئي هيم، تہ سول اسپتال جي ڪارڊيالاجسٽ ڏانهن موڪليو هئائين. اتي وڃي ڪارڊيالاجسٽ کي سربستو احوال ٻڌايو هوم، تہ پچيوهئائين:

"اوهان جي عمر گهٽي آهي؟"

لفظ عمر ٻڌڻ سان ايئن لڳو هوم، جڙ سموري عمر گذري پوري ٿي چڪي آهي. ڪيس چيو هوم:

"سائين ٻاويهين سال ۾ پيو هلان..."

مرڪي چيو هئائين.

"ننڍي عمر آهي، ڳڻتي نه ڪريو دل جو مسئلو نه هوندو. وري به اوهان ECG ڪرائي ڇڏيو..."

سوچجي ويو هوم، عمر بلڪل ننڍي آهي سائين، پر درد وڏا آهن... ڊاڪٽر صاحب کان ECG ٽيسٽ واري پرچي ونڊي، ٻاهر ڪاريڊور ۾ نڪري آيو هوم. 50 روپيا فيس پري اي سي. جي. ٽيڪنيشن کان ٽيسٽ ڪرائي هيم. جڏهن هن مون کي ٽيبل تي ليٽائي منهنجي پيرن کان مٿين جڳهين، هٿن، ٻانهن، پيٽ ۽ دل تي نليون لڳائي، انهن کي چالو ڪيو هو تڏهن دلي طور پاڻ تي ڏاڍو رحم آيو هو. دل ۽ اکيون پرجي آيون هيون. دل ئي دل ۾ مخاطب ٿيو هو مانءِ،

"ڪني! ڏس ته سهي، ڪٿان کان ڪٿي پهچرايو اٿئي!"

پوءِ ڪنڌ ٻي پاسي لاڙي چپن ئي چپن ۾ ٻڪيو هوس:

"مون کي منهنجي پيار ۽ سچائي جي ايڏي سزا ڇو ٻئي ملي..."

اي. سي. جي صحيح آئي هئي. ڊاڪٽر وري E.T.T ڪرائڻ لاءِ چيو هو. ان ٽيسٽ واري ڪمري ۾ ويو هوس ته چيو هئائون:

"سياڻي صبح جو نائين وڳي اوهان جي ٽيسٽ ٿيندي، ان کان اڳ پنهنجي سيني ۽ پيٽ جا سمورا وار لهرائي اڇجو..."

مون کان اتي جو اتي نڪري ويو هو:

"وار ڇو لهرائي اڇان سائين!؟"

"ڇو ته جتي جتي اسان پنهنجا اوزار لڳائينداسين اتي وارن جي ڪري رزلٽ صحيح نه ايندي..."

"پر مان هي وار نٽو لهرائي سگهان، هي مون کي ڏاڍا عزيز آهن..."

"وري ٻيا ڦُٽي ايندوَ سائين ...!"

"اهي ٻيا هوندا، مون کي هي عزيز آهن.."

هو منهنجي ان ديوانگيءَ تي مرڪي پيا هئا، انهن چرين کي ڪهڙي خبر! ته مون جڏهن منهنجي سيني تي منهن رکي سمهندي هئينءَ، تڏهن تنهنجون آڱريون زخود منهنجي سيني جي وارن ۾ ڦرڻ لڳنديون هيون، هڪ ڏينهن تو انهن وارن ۾ آڱريون ڦريندي چيو به ته هو:

"سائين! باهر هڪ چوڪري آئي آهي، چئي ٿي اوهان سان ملڻو آهي..."

"ڪير آهي..."

"قرت العين نالو ٻڌايو اٿائين."

چپن ۾ پيڙهيو هوم:

"عيني آئي آهي."

نہ ڄاڻان ڪهڙي حال ۾ هوس. منهن ڏوتل هو يا نہ، ڦٽي ڏنل هئي يا نہ، نہ ڄاڻان ڪپڙا ڪيترا ميرا هئا! بس، بوائز هاسٽل جي مين گيٽ ڏانهن وڌي ويو هوس. رسيپشن جي پرسان عيني بيٺي هئي، سلام ڪري هٿ ملايو هيوسين. عيني مون کي ڏسي چپ ۾ اداس ٿي وئي هئي. چپ ئي چپ هلندا ويجي سينٽرل لائبريري جي پٺئين پاسي وينا هئاسين. گهڻي دير تائين هوءَ مون کي گهوري ڏسندي رهي هئي. آواز ويهجي ويو هوس. منهنجي حالت تي ڏک ڪندي پڇيو هئائين:

"تون ڪيئن آهين منصور!؟"

ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو هوم. هن واري ڏاڍو ڪمزور ٿي پيو هوم. ايترو ڪمزور جو چئي ويٺو هوم:

"خدا ڪري مان مري وڃان عيني..."

اهو ٻڌي هوءَ هڪي ٻڪي ٿي وئي هئي. وڏيءَ حيرت ۾ افسوس مان نڪري ويو هوس.

"هَ... ئَي...!!"

پوءِ پنهنجي چپن تي هٿ رکي ڪجهہ وقت تائين مون کي ڏسندي رهي هئي، سندس اکين جون پڇڙيون آليون ٿي ويو ن هيون، نيٺ پرجي تار ٿي آيا هيس. روٺڻهار کي انداز ۾ چيو هئائين:

"ايئن چئي ڏاڍو ڏک ڏنئي منصور...!"

سوچجي ويو هوم:

"جنهن جي جيون جي جهول ۾ رڳو ڏکن جا پٿر هجن، اهو ڪنهن کي خوشين جا خزانا ڪيئن ٿو ڏئي سگهي ...!؟"

شرمساريءَ مان نظرون جهڪي ويون هيون. هن چيو هو:

"ٿوري همت ڪر منصور! ڪجهہ همت ڪر!"

سوچ ئي سوچ مان نڪري ويو هوم:

"ها..."

"پيپر ڪيئن ٿيئي ...؟"

"بس ٿي ويا..."

"اوهان جي عمر گهٽي آهي؟"

لفظ عمر ٻڌڻ سان ايئن لڳو هوم، جڻ سموري عمر گذري پوري ٿي چڪي آهي. ڪيس ڇيو هوم:

"سائين ٻاويهين سال ۾ پيو هلان..."

مرڪي ڇيو هئائين.

"ننڍي عمر آهي، ڳٻتي نه ڪريو دل جو مسئلو نه هوندو. وري به اوهان ECG ڪرائي ڇڏيو..."

سوچجي ويو هوم، عمر بلڪل ننڍي آهي سائين، پر درد وڏا آهن... ڊاڪٽر صاحب کان ECG ٽيسٽ واري پرچي ونڊي، ٻاهر ڪاريڊور ۾ نڪري آيو هوم. 50 روپيا فيس پري اي سي. جي. ٽيڪنيشن کان ٽيسٽ ڪرائي هيم. جڏهن هن مون کي ٽيبل تي ليٽائي منهنجي پيرن کان مٿين جڳهين، هٿن، ٻانهن، پيٽ ۽ دل تي نليون لڳائي، انهن کي چالو ڪيو هو تڏهن دلي طور پاڻ تي ڏاڍو رحم آيو هو. دل ۾ اکيون پرجي آيون هيون. دل ئي دل ۾ مخاطب ٿيو هو مان،

"ڪني! ڏس ته سهي، ڪٽان کان ڪٽي پهچرايو اٿئي!"

پوءِ ڪنڌ ٻي پاسي لاڙي چپن ئي چپن ۾ پڙڪيو هوس:

"مون کي منهنجي پيار ۽ سچائي جي ايڏي سزا ڇو ٻئي ملي..."

اي. سي. جي صحيح آئي هئي. ڊاڪٽر وري E.T.T ڪرائڻ لاءِ چيو هو. ان ٽيسٽ واري ڪمري ۾ ويو هوس ته چيو هئائون:

"سياڻي صبح جو نائين وڳي اوهان جي ٽيسٽ ٿيندي، ان کان اڳ پنهنجي سيني ۽ پيٽ جا سمورا وار لهرائي اچجو..."

مون کان اتي جو اتي نڪري ويو هو:

"وار ڇو لهرائي اچان سائين!؟"

"ڇو ته جتي جتي اسان پنهنجا اوزار لڳائينداسين اتي وارن جي ڪري رزلٽ صحيح نه ايندي..."

"پر مان هي وار نٽو لهرائي سگهان، هي مون کي ڏاڍا عزيز آهن..."

"وري ٻيا ڦُٽي ايندوَ سائين...!"

"اهي ٻيا هوندا، مون کي هي عزيز آهن.."

هو منهنجي ان ديوانگيءَ تي مرڪي پيا هئا، انهن ڇرين کي ڪهڙي خبر! ته هنن جڏهن منهنجي سيني تي منهن رکي سمهندي هئينءَ، تڏهن تنهنجون آڱريون زخود منهنجي سيني جي وارن ۾ ڦرڻ لڳنديون هيون، هڪ ڏينهن تو انهن وارن ۾ آڱريون ڦريندي ڇيو به ته هو:

"منا! مون کي تنهنجا هي وار ڏاڍا وٺندا اٿئي!"

ڊاڪٽر في الحال اي سي. جي ٽيسٽ ڏسي دوائون لکيون هيون: ۽ مان پنهنجي سيني جي وارن ۾ آڱريون ڦيريندو اسپتال سان ٻاهر نڪري آيو هوس. اسپتال جي دروازي جي پرسان واري ميڊيڪل اسٽور تان دوائون ورتيون هيم. جڏهن اسٽور واري دوائون ڪيي ڏنيون هيون، تہ کائنس پڇيو هوم:

"ياءِ! هي ڇاجون دوائون آهن؟"

هن ٻڌايو هو:

"مادي جي تڪليف جون آهن."

سوچ ۾ هليو ويو هوم:

"مادي جي تڪليف ... مادي جو سڌو تعلق دل ۽ دماغ سان هوندو آهي، مادي جي بيماري معني ڪيترين ئي بيمارين جو هيڊ ڪوارٽر..."

سول اسپتال جي ٻاهران بيئل لياقت ميڊيڪل يونيورسٽيءَ جي پوائنٽ پنهنجي ڪيمپس هلڻ لاءِ تيار بيٺي هئي، ان ۾ چڙهي ويٺو هوس، تہ اها رڙهڻ لڳي هئي، ڪجهہ ٽڏيري هوا لڳڻ لڳي هئي، گرمين جي موسم نہ هوندي بہ جيڪو نرڙ تان پگهر وهي آيو هو سو خشڪ ٿيڻ لڳو هو. نرڙ ٽڏو ٿيڻ لڳو هو تہ اکيون بند ڪري ڇڏيون هيم. پوائنٽ هلندي رهي هئي، ڪيترائي منظر پٽيان ٿيندا پئي ويا، منهنجون اکيون بند هيون، جن کي کولڻ تي دل ئي نہ پئي چيو. ڏيان ئي نہ ڏنو هوم، تہ بس ڪهڙي روٽ سان پئي هلي ۽ ڪٽي پهتي آهي، اڏ ڪلاڪ کن کان پوءِ بس جي ڪنڊڪٽر پرسان اچي سڏيو هو:

"سائين ...!"

اکيون کولينديچيو هوم:

"جي ...!"

"اوهان کي ڪٽي ويڻو آهي؟"

ڏنو هوم، تہ بس ۾ وڃي آخري مسافر بچيو هوس، بس يونيورسٽي ڪالونيءَ ۾ پنهنجي ورڪشاپ واري روڊ تي مڙي بيٺي هئي. کيس ڇيو هوم:

"بس، هتي ئي ياءِ..."

بس مان لهندي پنڊ ئي پنڊ پنهنجي هاسٽل ڏانهن وڌڻ لڳو هوس. اکيون پرجي آيون هيون، جسم ساڻو ٿي پيو هو مون کان وک ئي نہ پئي کنئي ٿي، دل چيو هو ته ڪنهن وڻ هيٺان ليٽي رهان...

17

نہ ڄاڻان ڪيئن امتحاني فارم پرائي پيپر ڏنا هيم. نہ ڄاڻان ڪيئن پيپر ٽيا هئا. نہ ڄاڻان گھٽن ڏينهن کان شيوِ نہ ڪئي هيم. نہ ڄاڻان گھٽن ڏينهن کان دوائون نہ کاڌيون هيم. نہ ڄاڻان گھٽين راتين کان ستو نہ هوس. مسلسل جاڳ جي ڪري اکين ۾ ڇڙ مرچن جو ٻُڪ پيل هو اکين جي سڙڻ جي ڳالهہ ئي نہ پڇ.

بيچيني ايڏي وڌي هئي، جو ڇا ڪيان؟ ڪيئن ڪيان؟ ۽ ڪيڏانهن ويان؟ جي ڪا خبر ئي نہ پئي پَئِي... دل جو تمام گھٹو وڌيل ڏڙڪو ايئن پئي محسوس ٿيو جيئن ڪا گاڏي فل اسپيڊ ۾ هلڻ کان پوءِ اوچتو بريڪ فيل ٿي وڃي، ۽ آخرڪار ڪنهن حادثي جو شڪار ٿي تباهہ ٿي وڃي. تيئن ڄاڻ منهنجي دل سان بہ ٿيڻ وارو آهي. دماغ جون رڳون ايتريون تہ چڪجي ويون هيون، جو لڳندو هو تہ اجهو ئي اجهو ڪانہ ڪا رڳ ضرور ٽٽندي. بيچينيءَ جو عالم اهو هو جو هر ڪٽ تي پئي ليٽيم تہ هر پٽ تي. هر ڪرسيءَ تي پئي ويٺم تہ هر روم کان ٻاهر لان ۾. هر ٽاڪ منجهند جو ڇت تي پئي چڙهي ويم تہ هر تي. وي هال ۾ پئي ويٺم...

هر گھڙي هڪ ڪاري قهر جي گھڙي هئي. نہ ڏينهن جي خبر پئي پئي نہ راتين جي... نہ صبح جي، نہ شام جي...

الاءِ ڪھڙي وقت در کڙڪيو هو ان ئي اڻ تڻ ۽ بيچينيءَ مان اٿي در کوليو هوم. سامهون چوڪيدار بيٺو هو ڏسندي ئي سلام ڪيو هئائين:

"اسلام عليڪم سائين ...!"

ساڳي ئي بيچيني ڇڇڙ جيئن چنبڙي پئي هئي. ڪيس جوابيو هوم:

"وعليڪم سلام...!"

"سائين! باهر هڪ ڇوڪري آئي آهي، چئي ٿي اوهان سان ملڻو آهي..."

"ڪير آهي..."

"قرت العين نالو ٻڌايو اٿائين."

چپن ۾ پڙهيو هوم:

"عيني آئي آهي."

نہ ڄاڻان ڪهڙي حال ۾ هوس. منهن ڏوتل هو يا نہ، ڦٽي ڏنل هئي يا نہ، نہ ڄاڻان ڪپڙا ڪيترا ميرا هئا! بس، بوائز هاسٽل جي مين گيٽ ڏانهن وڌي ويو هوس. رسيپشن جي پرسان عيني بيني هئي، سلام ڪري هٿ ملايو هيوسين. عيني مون کي ڏسي چپ ۾ اداس ٿي وئي هئي. چپ ئي چپ هلندا وڃي سينٽرل لائبريري جي پٺئين پاسي ويٺا هئاسين. گهٽي دير تائين هوءَ مون کي گهوري ڏسندي رهي هئي. آواز ويهجي ويو هوس. منهنجي حالت تي ڏک ڪندي پڇيو هئائين:

"تون ڪيئن آهين منصور!؟"

ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو هوم. هن واري ڏاڍو ڪمزور ٿي پيو هوم. ايترو ڪمزور جو چئي ويٺو هوم:

"خدا ڪري مان مري وڃان عيني..."

اهو ٻڌي هوءَ هڪي ٻڪي ٿي وئي هئي. وڏيءَ حيرت ۾ افسوس مان نڪري ويو هوس.

"هَ... ئَي...!!"

پوءِ پنهنجي چپن تي هٿ رکي ڪجهہ وقت تائين مون کي ڏسندي رهي هئي، سندس اکين جون پڇڙيون آليون ٿي ويو ن هيون، نيٺ پرجي تار ٿي آيا هيس. روٺڙهارڪي انداز ۾ چيو هئائين:

"ايئن چئي ڏاڍو ڏک ڏنئي منصور...!"

سوچجي ويو هوم:

"جنهن جي جيون جي جهول ۾ رهڻو ڏکن جا پٽر هجن، اهو ڪنهن کي خوشين جا خزانا ڪيئن ٿو ڏئي سگهي ...!؟"

شرمساريءَ مان نظرون جهڪي ويون هيون. هن چيو هو:

"ٿوري همت ڪر منصورا ڪجهہ همٿ ڪرا!"

سوچ ئي سوچ مان نڪري ويو هوم:

"ها..."

"پيپر ڪيئن ٿيئي ...؟"

"بس ٿي ويا..."

"ڳوٺ ڪڏهن ويندين!؟"
"ڇنڇر تي."
"ڇنڇر تہ اڄ آهي؟"
"اڇا ...رات هليو ويندس."
"سنو ٽيو جو توکان موڪلائڻ آيس، نہ!"
ڇڙ سندس ٽورو مڇيندي چيو هوم:
"ها ڏاڍو سنو ڪيئي..."
"خبر اٿئي مان بہ سياڻي اسلام آباد پئي وڃان!"
"اڇا...!"
"اتي هڪ انٽر نيشنل اين.جي.اوز ۾ مون کي نوڪري ملي وئي آهي..."
جملو ڇڏائجي ويو هو.
"مبارڪون هجني يار! رزلٽ اڇڙ کان اڳ ئي نوڪري ملي ويئي..."
"ٿينڪس..."
"پر ڏاڍو پري هلي وئينءَ عيني...!"
"بس ڇا ڪجي؟ اها ئي تہ زندگي آهي..."
"ها مڙئي! جيئڻ لاءِ جتن ڪرڻا ٿا پون."
"بلڪل... پر خبر اٿئي مان تو ڏانهن ڇو آئي آهيان...؟"
"ڇو آئي آهين...؟"
"ان ڪري جو توکان هڪ واعدو ونڊو اٿم."
واعدو لفظ ٻڌي ڪي مرڪ مرڪيو هوس، ڇيوهو مانس:
"ها عيني! ڇئو تو لاءِ ڪجهہ بہ ڪرڻ جي ضرور ڪوشش ڪندس."
"مون کي خبر آهي، تہ تون پنهنجو واعدو وفا ضرور ڪندو آهين..."
"ها... جڏهن تہ پيا جيڪڏهن واعدا ٽوڙي بہ ويندا آهن، تڏهن بہ مان ناهيان ٽوڙي سگهندو... هوءَ ڪني ڏس نہ ڪيئن گڏ جيئڻ مرڻ جا وعدا ۽ وچن ڪري بہ ڦري وئي، ۽ نہ ڄاڻان منهنجي درويش دل ايان بہ ڇو ان واعدي تي قائم آهي..."
ڳالهہ ڦري وري توڏانهن هلي آئي هئي.
"خبر اٿئي عيني! اسان واري آخري پيپر کان اڳ هن کي هڪ اي ميل ڪئي هيم، تہ يونيورسٽي ڇڏڻ کان پوءِ نہ ڄاڻان ڪير وري ڪٽي ملي بہ سگهي الاءِ نہ، ستان مان توکي ڏسندي ڪجهہ گهٽو چريو ٿي وڃان، ان ڪري پنهنجي منهن کي تلخ نہ ڪجانءِ، مان ڄاهيان ٿو تہ يونيورسٽيءَ جي ان آخري ڏينهن تي توکي دل کولي ڏسان ۽ ڏسندو ئي رهان ۽ پوءِ توکي ان ئي تصور ۾ محسوس ڪيان."

"پوءِ چا ٿيو...؟"

"پوءِ ان ڏينهن هوءَ منهنجي پسند وارو سوسيءَ جو ڦڪو جوڙو پائي آئي، منهنجي پسند جو موتين وارو سينڊل، پرس، منهنجي پسند واري ناسي ۽ ميرون رنگ واري سرخي، اڳ ئي ڪجري نيٽن ۾ ڪجل ... سڀ شيون منهنجي پسند جون ڪري آئي. پيپر ختم ٿيڻ کان پوءِ ڪاريڊور جي ڪنڊ ۾ هيٽ ڪنڊ ڪيون بيٺي رهي. مان ڪيس ڪجهه دير تائين ڏسندو رهيس. پوءِ هن پنهنجي خدا جي خدائي جيڏن وسيع ۽ گهرن نيٽن جي هڪ گهور سان مون کي ڏنو. مون کي ڏسندي هن جا نيٽ اداس ٿي ويا. پوءِ انهن نيٽن جي پنبڻين ۾ به لڙڪ اٽڪي بيهي رهيس. هن مون کي ڏسندي آهستگيءَ ۽ نفاست سان ڪنڊ ڦيريو ۽ پوءِ تڪڙي تڪڙي هلي وئي... آهه... هوءَ چا وئي ڇڻ منهنجي وجود جي هر شيءِ کي جيئري موت ڏيون وئي."

وري چپ ۽ اداسي ڇانئجي وئي هئي. عينيءَ جا نيٽ جهڪي ويا هئا. مون کيس ياد ڏياريو هو:

"ها، توکي مون کان واعدو ونڊو هو..."

منهنجي نيٽن ۾ نهاريندي چيو هئائين:

"ٻيو ڪجهه نه منصور! مون سان رڳو ايترو واعدو ڪر ته تون خوش رهڻ جي ڪوشش ڪندين، ۽ هڪ نارمل انسان وانگر زندگي گذاريندين."

نظرون جهڪي ويون هيمر ڪجهه ساعتن کان پوءِ هن سان نظرون ملائيندي چيو هوم:

"مان توسان واعدو ٿو ڪيان عيني! ته مان هڪ نارمل زندگي گذارڻ جي پرپور ڪوشش ڪندس..."

ڪجهه وقت کان جهڪي ٽيل بيچيني وري وڌڻ لڳي هئي. عينيءَ کي پهرين پنهنجي گهر ۽ پوءِ اسلام آباد ويڙهو هو مان هن کي بس تائين ڇڏڻ ويو هوس. هوءَ جيئن بس ۾ ويٺي هئي، ته بس هلڻ لڳي هئي. بس مون کان آهستي آهستي پري ٿي رهي هئي. منهنجون نظرون نه جاڻان ڇو بس ۾ ٽڪي بيهي رهيون هيون، ڪجهه ئي وقت کان پوءِ پنهنجن اکين جون پڇڙيون آليون ٿيندي محسوس ٿيون هيمر. سوچيو هوم: ڪيئن آهستي آهستي سڀ دور ٿيندا ٿا وڃن ۽ مان موت جهڙي اڪيلائيءَ جي ور چڙهندو ٿو وڃان...

18

اها شام يونيورسٽيءَ ۾ منهنجي آخري شام هئي. اهو خيال ايندي ئي دل ڏکي وئي هئي. سوچيو هوم: اڄ کان پوءِ مان يونيورسٽيءَ لاءِ اوپرو ٿي ويندم. هي منهنجو ڪمرو، جيڪو منهنجي زندگيءَ جي هنن ذليل گهڙين هوندي به جڙ منهنجي آخري پناهگاهه هو، سو منهنجي پناهگاهه نه رهندو هو. هڪ نظر ٽيبل ۽ ڪرسيءَ کي ڏنو هوم، ته اکين اڳيان منظر قرڙ لڳا هئا، ته ڪيئن اتي ويهي پڙهائي ڪندو هوس...

نظر کٽ ڏانهن هلي وئي هيم. ڏسي رهيو هوس، ته مان سمهي توسان موبائيل فون تي ڳالهائي رهيو آهيان ۽ ڪيئن تون مون کي تصور ڪرائي رهي آهين:

"جانو محسوس ڪر، مان توسان تنهنجي نرم نرم بستر ۾ تنهنجين گرم گرم ٻانهن ۾ اچي سُتي آهيان."

کٽ، جنهن ۾ تو وٽان مليل سڀ تحفا سنڀالي رکيل هئا. آئينو جنهن کي ڏسندو هوس، ته نڪري ويندو هو:

"هل شهزادا! تنهنجي خوابن جي راڻي اچي وئي هوندئي..."

ڪمري جي دري، جنهن جي پرسان هڪ وڏي نم جي وڻ تي ڪوئلن، ڪيرن ۽ جهرڪين جو هڪ ڳوٺ آباد هو جتي هو مٺڙيون مٺڙيون لاتيون لنوندا هئا، ۽ مون کي سُرور ڏئي ڇڏيندا هئا. اهي سڀ شيون اڄ مان ڇڏي رهيو هوم. اکيون ڀرجي آيون هيون، چپ سُڪي ويا هئا، ڳلو گهٽجي ويو هو. دل کي چڪ لڳي ويو هو. مٿو وري جڙ گهاٽي ۾ پيئو پئي ويو. اُپ ساهي وٺي وئي هيم. کٽ تي ٻانهون ڪولي اونڌو ٿي ايئن ليٽي پيو هوس، جڙ ان کي الوداعي پاڪر پائيندو هجان. دل مان سَٽ نڪري وئي هئي.

بيچينيءَ مان اٿي استڊي ٽيبل جي اڳيان ڪرسيءَ تي ويٺو هوم. ڪرسيءَ تي ٻانهون رکي انهن تي پنهنجو منهن رکي، اکيون بند ڪري ڇڏيون هيم. بيچينيءَ ۽

بيقراريءَ اتي ٻه ويهڻ نه ڏنو هو. ڪجهه منٽن کان پوءِ اٽي وري دريءَ جي اڳيان بيٺو هوس. تڏڙي هوا ڪمري ۾ گهڙيون آئي هئي، پر ان ڏينهن توکان ۽ جامشوري کان دائمي وڇوڙي جي ڪري جڙ منهنجي من ۾ دوزخ جي باهه ٻري رهي هئي. جسم مان جڙ سڙو ساهه ئي ڇڏائجي ويو هو. ڪٽ تي وڃي ڪنءِ ٽي ڪريو هوس. دل ۾ سوچجي ويو هو.

"اڄ توکان ۽ يونيورسٽيءَ کان دائمي وڇوڙو آهي..."

اهو سوچڻ کان پوءِ وري درد مان دانهن نڪري وئي هيم.

سوچيو هوم:

"هاڻي منهنجون اکيون ڪيئن ڪنديون!! تون جيتوڻيڪ انهن ۾ سمائي پئي هوندي آهين! پر تڏهن ٻه جي اهي توکي جنهن ڏينهن نه ڏسنديون آهن، ته مون کان بغاوت ڪندي ٻاهر نڪتيون ايندیون آهن ۽ تيستائين جلنديون رهنديون آهن. جيستائين توکي نه ڏسن... منهنجي چرپاڙ ۽ مستان دل جنهن يونيورسٽيءَ جي ڏهن هزار چوڪرين ۾ رڳو توکي ئي پنهنجي راڻي ٽيڻ لاءِ چونڊيو هو اها دل جي اسپتال جو چڪر ڪاٽي اڇڻ کان پوءِ ٻه توتي صدقي لڳي پئي آهي. دل ئي دل ۾ مخاطب ٿيو هو مانءِ:

"ڪني....! او ڪني....!

او منهنجي ساهه ڪني...! مون کي جيڪڏهن ڇڏڻو ئي هيئي، ته مون کي شروع ۾ ئي ايڏو پيار ڏئي، پنهنجي پيار ۾ ايئن چريو ڪري ته نه ڇڏي وڃين هان..."

دل جو ڏڙڪو، اکين جو ساڻو، لوندڙين ۽ سڄي مٽي جو سور وڏي ويا هئا. دل جي مٽان هٽ رکي ڇڏيو هوم. تڪليف وڏي وئي هئي، وڏا وڏا اپ جيڏا ساهه پئي ڪنيم. اکيون نڪتيون پئي آيون. ڳلي ۾ ٻهر جو وڻ ڦاٽو پيو هو. دل ڏڪ ڏڪ نه پئي ڪئي، جڙ ان ايڏي ڪربلا جهڙي ڪِيس ۾ يا حسين ... يا حسين ... پڪار ڪئي. ڏٽڪو ٽي پيو هوم. سٽ ڏئي ڪٽ تان اٽيو هوم. در کولي ورانڊي اڳيان ڏهيل لان ڏانهن ڊوڙ ڪئي هيم. اتي پهچندي ئي هيٺ ڪري پيو هوم. هڏ ڏڏ ڇڄي پيا هيم. ڪرڻ سان دانهن نڪري وئي هيم.

نيم بيهوشي حالت ٽي وئي هئي. اکيون ٻوٽجي ويون هيون. ڪجهه گهڙين کان پوءِ اکيون کوليون هيم. چڪر اڇڻ لڳا هئا. آسمان ڳاڙهو پئي لڳو. جسم کي ڏڪڻي وٺي وئي هئي. لڳ ٽپي باهه ٽي ويا هئا. بخار جسم ۾ گهڙندي محسوس پئي ٿيو. همٽ ڪري اتان اٽيو هوس. سوچيو هوم: هاڻي مون کي هتان نڪرڻ ڪپي. هاسٽل جي مين گيٽ تان رڪشو ڪرائي پنهنجي ڪپڙن ۽ ڪتابن جا ٿيلها ۽ بسترو رڪشا واري کي ڏنا هيم. هو رڪشا ڏانهن ڪڻي ويو هو. هڪ نظر جيئن ڪمري جي در کي تالو هڻڻ لاءِ ڏنو هوم. ته چئن سالن جي ڏينهن ۽ راتين جا

ڪيترائي منظر اکين اڳيان تري آيا هئا. ان ڪمري جي پتين، درين، ڪٻٽن، ٽيبل، ڪرسي، آئيني ۽ ٽيوب لائيٽس کي وڏيءَ سڪ، محبت، احترام ۽ بيوسيءَ مان پئي ڏٺم. پتين، ڪٻٽن، درين، ڪرسي ۽ ٽيبل کي پاڪر پائيندي نڪري پئي ويو...

"اي منهنجا پيارا روم الوداع..."

اکين مان نير وهي هليا هئا. اوچنگارون نڪري ويون هيم. اکين ۾ جميل ڳوڙهن جا گليشئير پِگهري پيا هئا. ٻاڙ ٿي پيو هوس. دل ڪولي روئي پيو هوس، دل ئي دل ۾ چيم پئي:

"اي منهنجي ماءُ جهڙي منڙي يونيورسٽي الوداع...

"اي منهنجا پرينءَ جي پيار جهڙا ڄامشورا! الوداع...

ٻارن جيئن سڏڪا پري روئي پيو هوس.

"اي منهنجي مني جانان! الوداع...

زندگيءَ جي راهن ۾ توکي وري ڏسي نه سگهان، الاءِ نه..."

ڪمري ۾ ڏاڍا سڏڪا پري رنو هوس، وري نيم بيهوشي واري حالت ٿي وئي هئي، ڪجهه منٽن ۾ اٿي، ڪمري مان نڪري روئندڙ اکين ۽ ڏکندڙ هٿن سان در کي تالو لڳايو هوم. ۽ پنهنجي قميص جي ٻانهن جي ڪف سان ڳوڙها اگهندو ويجي رکشا ۾ ويٺو هوم. منهنجي من چاهيو پئي ته هاسٽل جي مين گيٽ، سينٽرل لائبريريءَ، آرٽس فيڪلٽيءَ، قاضيءَ صاحبان جي مزارن، قليچ پارڪ، سنڌالاجي ۽ مارئي هاسٽل کي پاڪر پائي اوچنگارون ڏئي موڪلايان.

رات ٿي چڪي هئي، جنهن جي اوندهه ۾ منهنجي زندگيءَ ۾ ويهجي وئي هئي. رکشو جڏهن سينٽرل لائبريري جي در اڳيان گذرڻ وارو هو ته ان کي بيهارڻ جو چيو هوم. لائبريريءَ جي در کي الوداعي نظر سان ڏٺو هيم. ياد پئي آيو ته ڪيئن پاڻ اتي پڙهندا هئاسين، ۽ جڏهن يونيورسٽي پوائنٽس نڪرڻ جو ٽائيم ٿيندو هو تڏهن سي. ايل جون مٿيون منزلون صفا خالي ٿي ويندڙيون هيون ۽ پاڻ سڀ کان آخر ۾ ڏاڪڻيون لهڻ وقت هر ڏاڪي تي بيهي پاڪر پائي هڪ ٻئي کي چميون ڏيندا هئاسين. دروازي کي الوداعي پاڪر پاتو هيم. ته سڏڪا نڪري ويا هئا. در کي چمي ويجي رکشي ۾ ويٺو هوم. رکشو هلي فيڪلٽي گيٽ اڳيان بيٺو هو جيڪا مون لاءِ هر جاءِ کان وڌيڪ مقدس ۽ پياري آهي. رکشا مان لهي فيڪلٽيءَ جي پتين کي هٿ لاتو هوم. ياد پئي آيا چئن سالن جا اهي سڀ پيارا منظر، جن کي توسان گڏجي ڏسندو هوس، ته تهائين وڌيڪ حسين لڳندا هئا. پنهنجا ڪلاس وٺڻ ۽ ڪاريڊور ۾ آوارگيون ڪرڻ، فيڪلٽيءَ جي چت تي هڪ ٻئي جي پاڪرن جي خمارن ۾ ويهي مست الست ٿيڻ.

سڀ منظر اکين اڳيان تري آيا هئا. ۽ تي پل اڳ بند ٽيل سڏڪا وري شروع ٿي ويا هئا. فيڪلٽيءَ جي مين گيٽ ۽ ان جي پرواري پٽ کي پاڪر ۽ چميون پائي موڪلايو هيم. رڪشو قاضي صاحبان جي مزارن اڳيان هلي بيٺو هو. ياد آيو هو پنهنجو گڏجي جيئڻ مرڻ جو قسم کڻڻ ۽ اتي اچي ويهڻ. پنهنجو منهن قاضي صاحب جي مزار تي رکي چڏيو هوم. لڙڪ ڇلڪي ڪري پيا هئا. مزارن جي مٿان ٽهيل گنبذ جي هڪ ٽلهه کي پاڪر پائي، چمي ڏئي وري رڪشي ۾ چڙهيو هوس. رڪشو هلي مارئي هاسٽل جي سامهون واري قليچ پارڪ بيٺو هو. ياد آيو هو. اتي پنهنجو سردي گرمي ۾ ويهڻ. ڪيئن اتي ويهندا هئاسين: سياري جي سرد راتين ۾ جڏهن جڏهن ستين کان انين بجي تائين بجلي بند ٿيندي هئي، تڏهن ڪيئن هڪ ٻئي جي ٻکن ۾ ويهندا هئاسين. "هاءِ... هاءِ..." ڪندا هئاسين، 'چم چم' راند کيڏنداهئاسين: ۽ هڪ ٻئي جي ڳلن ۽ چپن تي چمين جي برسات لائي ڏيندا هئاسين. جڏهن اهي سڀ منظر نئين سري سان ورجائجي رهيا هئا، تہ ڇڻ هنيانءَ ڪاتي پيو هو. لان ۽ هاسٽل تي آخري نظر ڦيرائي هيم تہ سڏڪا نڪري ويا هئا. سڏڪندو وڃي رڪشا تي چڙهيو هوم. ائين پئي لڳو ڇڻ مون سان ڄامشوري جون هوائون، ڪويلون، ڳيرا ۽ سيئي پکي پکڻ، رات جي راڻي، رابيل، گلاب، بوگلن ويليا، املتاس، بڑ، سرينهن، نمون، روڊ رستا ۽ سموريون عمارتون بہ سڏڪي رهيون هجن.

تيزيءَ سان رڪشو هلي، ڄامشوري ڪاٽڪ تي پهتو هو. جتان لاڙڪاڻي وڃڻ لاءِ هڪ اي.سي ڪوچ تيار بيٺي هئي. مان ان ۾ چڙهي ويٺو هوس، ٿوري وقت ۾ بس هلي ڄامشورو ڇڏڻ لڳي هئي، جيڪو مون کي صرف ۽ صرف تنهنجي ڪري جنت جو ٽڪرو لڳندو هو. وري دل مان نڪري ويو هو:

"الوداع! اي پرينءَ جي پيار جهڙا ڄامشورا!

الوداع...!

اڙي ڄامشورا...

تنهنجي ڇمر الوٽ هوائن ۾، مون کي منهنجي منيءَ جو هڪاءُ ايندو آهي.

تنهنجي گلن ، ٻوٽن، وڻن ۽ ٽڻن، صبح ۽ شام ۾ مون کي منهنجي جانان جو جلوو نظر ايندوآهي. سنڌيا وانگي تون بہ هميشہ منهنجي ساهن ۾ سمايل رهندين.

ڄامشوري سان مخاطب ٿي سڏڪي پيو هوم.

اي.سي ڪوچ ڄامشورو ڇڏيندي ڇڻ روڊ تي نہ پئي هَلِي، منهنجي دل کي چيياٽيندي پَئي هَلي. مان دريءَ ڏانهن پاسو ورائي روئي پيو هوس، سڄي سفر ۾ لڙڪن بند ٽيڻ جو نالو ئي نہ پئي ورتو.

...

بُري هن پنيور ۽

(ناول)

اڑپنا

پنهنجي پياري رفيقِ حيات
ڊاڪٽر نسيم منير جي نالي...
گهٽي گهٽي پيار ۽ احترام مان

مهاڳ

هر ليکڪ انتهائي حساس دل هوندو آهي. هو پنهنجي چوگرد جيڪو ماحول ڏسندو آهي، اهو هن جي مزاج مطابق نه هوندو آهي، ان ڪري ليکڪ پنهنجي معاشري ۾ مِس فِٽ هوندو آهي ۽ پنهنجي اندر ۾ موجود پنهنجي اڪيلائين سان گڏ پنهنجي ماضيءَ ۾ جيئندو آهي ۽ اهي ڪردار جيڪي هن جي زندگيءَ مان ٻاهر هليا ويندا آهن، انهن کي هو ڪڏهن به وساري نه سگهندو آهي، ان ڪري هُن جي لِکڻين ۾ اِن احساس جو عڪس اسان کي نظر ايندو آهي، بلڪل اهڙو ئي عڪس اسانکي منير چانڊيي جي ٽِرائِلاجي ناولن ۾ نظر اچي ٿو.

دنيا جي هر ليکڪ کامياب ۽ ناڪام عشق ڪيا آهن، پر گهڻن ليکڪن جا عشق ناڪام رهيا آهن. ضروري ناهي ته جيڪا شيءِ انسان حاصل ڪرڻ چاهي اُها کيس حاصل ٿي ويجي. مونکي ياد اچي ٿو ته دنيا جي مشهور ناول "ڊاڪٽر زواگو" جو نوبل لاريٽ ناول نويس بورس پاستر ناڪ جڏهن ميٽرڪ ۾ پڙهندو هو ته هڪ خوبصورت ۽ شاهوڪار چوڪري به ساڻس گڏ پڙهندي هئي. هو هن جي عشق ۾ ايترو ته مگن ٿي ويو هو ،جو اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ جرمني هليو ويو هو ۽ واپس اچي ان چوڪري جي والدين کان هن جو رشتو گهريو هئائين پر جيئن ته هو هڪ غريب شخص هو ان ڪري ان شاهوڪار چوڪري جي مالڪن هن کي سڳ ڏيڻ کان انڪار ڪيو. بورس پاسترناڪ هُن چوڪري جي جدائي کي سڄي زندگي محسوس ڪندو رهيو. اهو ئي سبب هو جو هن پنهنجي ناول "ڊاڪٽر زواگو" ۾ ناول جي هيرو يُوري ۽ هِيروئِن لارا جي ڪردارن کي وڏيءَ محنت سان ناول ۾ آڻي ڏيکاريو. وڏي ڳالهه ته گهٽي محبت هوندي به لارا ۽ يُوري پاڻ ۾ ملي نه سگهندا آهن، شايد بورس پاسترناڪ کي لارا ۾ سندس پهريون پيار نظر آيو هوندو. منير چانڊيي جي هن ناول ٽِرائلاجي ۾ به ٽِرائلاجي جا هيرو ۽ هيروئِن منصور ۽ سنڌيا هڪٻئي سان گهٽي محبت ڪرڻ جي باوجود به پاڻ ۾ ملي نٿا سگهن. ٽِرائلاجي جو هيرو

منصور پنهنجي يونيورسٽي واري محبوبہ جي جدائي کي هر وقت محسوس ڪندو رهي ٿو ۽ ڪيس هُن جي ڪميءَ جو شدت سان احساس ٿيندو رهي ٿو. شايد منير چانڊيي کي منصور جي ڪردار ۾ پنهنجو پاڻ ۽ سنڌيا جي ڪردار ۾ سندس پهريون پيار نظر آيو هوندو. ان ڪري هن ٽِرائلاجي جي ٽنهي ناولن ۾ اُنهن ڪردار کي وڏي محنت سان آٽي ڏيکاريو آهي.

ناول جي صنف ڏکي ضرور آهي پر يورپ ۾ ناول گهٽو لِکيو وڃي ٿو. ان ڪري يورپ ۾ لکيل ناول اسانکان گهٽو اڳتي آهي. سنڌي ۾ ہہ ناول جيترا گهٽا لِکيا ويندا، ان سان ناول اڳتي وڌندو ۽ وڌيڪ نِکرجندو. مُنير چانڊيي جوان ڏَس ۾ ناول ٽِرائلا جي لکڻ هڪ خُوش آينده عَمل آهي. اميد تہ هو وڌيڪ ناول لکي سنڌي ناول جو مان مٿانهون ڪندو رهندو.

مدد علي سنڌي

1

يونيورسٽيءَ مان موٽڻ کانپوءِ پنهجي ڪمري ۾ جو گهڙيو هوس، تہ ان مان ڪو وقت، ڪي زمانا ٻاهر نہ نڪتو هوس. امان بار بار اچي ڏسي ويڑ کانپوءِ اطمينان جو ساهہ کڻندي هئي، تہ مان جيئرو آهيان..! شايد هن محسوس ڪري ورتو هو تہ مان روز روز خودڪشي ڪرڻ جو منصوبو گهڙيندو آهيان، ۽ اهي امان جون اداس ۽ خوف ۾ ورتل اکيون ئي هيون، جن ان وقت تائين پنهنجي زندگيءَ جو ڏيئو اجهائڻ کان روڪي رکيو هو. نہ ڄاڻان ڪيترن ڏينهن کانپوءِ هڪ ڏينهن امان ڪمري ۾ اچي چيو هو.

"ڪاش! هنن ڏينهن ۾ شگو هتي هجي ها...!"

مونکان بہ چپن ۾ ٽڪجي ويو.

"شگو...!"

پوءِ منهنجي ذهن جي هارڊ ڊسڪ ۾ هن جون ڳالهيون ياد ٿيڻ لڳيون هيون. هن جو ٻڌي سوچجي ويو هيم:

"ڏکن، سورن، اهنجن، ايذائن ۽ عذابن کانسواءِ هن جيون جي هڙ حاصل آهي بہ تہ ڇا؟ شايد ڪجهہ بہ نہ... يا ڪا انتهائي معمولي ۽ سطحي جسماني خوشي..."

شگو منهنجي سڀ کان پياري دوست هئي. يا شايد ان کان بہ وڌ ڪو احساساتي تعلق هو جنهن لاءِ ڪو مناسب لفظ وجود ۾ نہ آيو آهي. اسان پهرين کان ائين درجي تائين گڏ پڙهيا هئاسين. هن جو ۽ اسان جو گهر گڏو گڏ هو. اسان ٻئي گڏ اسڪول ويندا هئاسين. ۽ واپسيءَ ۾ پويٽ جي پرن جا رنگ ۽ ينيوريون ڏسندا گهر موٽندا هئاسين. هن جي ڪاوڙجڻ ۾ هڪ عجيب حسن هو. ڪڏهن ڪڏهن جڏهن هوءَ ينيوريون پکڙيندي انهن جا پر مروڙي وجهندي هئي، تہ مان کيس چوندو هوس:

"شگو...!"

"جيءُ...!"

"منهنجي توسان اُف آهي، اڄ کانپوءِ مون سان نہ ڳالهائجان..."

پوءِ هوءَ منهنجي اکين ۾ ڏسندي هئي. هن جون وڏيون وڏيون گهريون ڪاريون اکيون ۽ ڪير جهڙو اڇو اجرو منهن ڳاڙهو ٿي ويندو هئا. پوءِ هلڪي ڪاوڙ مان چوندي هئي:

"منهنجي به توسان اُف آهي، هل...!"

۽ ٿورو هلي پنهنجي ٽيلهي مان چاڪليٽ ڪيي مون ڏانهن وڌائيندي چوندي هئي:

"چوڪرا چاڪليٽ کائيندين؟"

مان هڪ چاڪليٽ کڻي چوندوهيومانس:

"مهرباني چوڪري...!"

اهڙين معصوم ادائن سان ڳالهائيندي اڳتي وڌندا ويندا هياسين. پوءِ جڏهن گهر جي ويجهو پهچڻ وارا هوندا هئاسين، تہ مان هن کي چوندو هوس:

"چوڪري!"

"جيءُ چوڪرا...؟"

"اڳتي پنيورين جا پر نہ مروڙيندينءَ نہ...؟"

"نہ."

"واعدو."

"ها واعدو."

"پوءِ هاڻي منهنجي توسان اف ختم..."

اهو ٻڌندي ئي ڪلي پوندي هئي.

"ها ها ها..."

"هڪ ڏينهن مان نہ هوندیمانءِ تہ پوءِ تون مونکي ڏاڍو ياد ڪندين..."

"تون وري ڪيڏانهن ويندينءَ...؟"

"ڪيڏانهن بہ...

"اسڪول کان موٽندي رستي ۾ الاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون ڪندا گهر موٽندا هئاسين.

هڪ ڏينهن ڪلاس روم ۾ هن چيو هو:

"مُنو...!"

"اڪرپيٽايون ڪنهن جا پلا...؟"

مون کيس ٽوڪيندي چيو هو:

"تنهنجا به ڪي اکر آهن، جڙ ماڪوڙن جون ٽنگون...!"

"پيٽاءِ ته خبر پوئي..."

"اها ڳالهه آهي، ته پوءِ ڪٽي اڇ سليٽ..."

"سليٽ ڏيندي چيو هئائين..."

"لک ٻڌا ته خبر پوئي..."

"خبر تو ڪي پوندي ٻڌي...!"

"ڇڪو لک لک ته خبر پوئي."

مون هن کان سليٽ وٺي ان جي هڪ پاسي لکيو هو. "منصور" ۽ هن لکيو هو. "الله."

سڄي ڪلاس کان منهجي سامهون پڇيو هئائين.

"هنن ٻنهي نالن مان ڪهڙو نالو سٺو آهي؟ پر ٿورو غور سان ڏسجو..."

جڏهن سڄي ڪلاس هن جي لکيل نالي کي ٽڪ ڪيو هو ته هوءَ ڪيتري ئي وقت تائين کلندي رهي هئي. ڪيس اهڙي بي اختيار کلڻ تي مان به معصوميت مان مرڪي پيو هوس. پوءِ مونکي سمجهائيندي چيو هئائين.

"چريا! الله پاڪ جي پلاري نالي کي ڇڏي، ڪو به تنهنجي نالي کي ڪيئن سٺو چوندو؟"

ان وقت مونکي پنهنجي بيوقوفيءَ ۽ هن جي چالاڪيءَ تي کل اچي وئي هئي. پوءِ هن کي مرڪندي چيو هوم.

"ڇڪو ٿيو جو توکان هارائي ويم."

"ڇو...؟"

"ڪنان هاءِ ته تو کي ايڏو خوش ٿيندي ڪيئن ڏسان ها...!"

مرڪي چيو هئائين.

"تون چريو آهين منصور...!"

"ها، اهو ته آهيان..."

هڪ ڏينهن اسان جو استاد سائين نبي بخش اسان کي هڪ سبق پڙهائي رهيو هو. ان سبق جو عنوان "ٻين ڪارڻ جيئڻ" هو. اهو سبق پڙهائڻ کانپوءِ ڳالهائيندي چيو هئائين.

"ڏسو! پنهنجي لاءِ ته سڀ کو جيئي ٿو. اها هڪ عام ڳالهه آهي، وڏي ڳالهه اها آهي ته ماڻهو ٻين ڪارڻ جيئي. جيئن اڳي اڪثر حڪيم، طبيب، استاد ۽ سماج سڌارڪ انسان ٻين لاءِ جيئندا هئا."

هن ڳالهه ڪٿيندي چيو هو:

"پر افسوس جو هاڻِ هنن پنهنجي ان عظيم ورثي کي ڏنڏوڙي بڻائي ڇڏيو آهي. هڪ ساهيءَ ڪانپوءِ هن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو هو.

"ڏسو جيئن وڻ آهن هو ميوو اپائن ٿا ته ٿا، پر پاڻ نه ٿا کائن. هو تيز ۽ گرم اُس ۽ ماٹهن کي ڏڌي ۽ گهاٽي ڇانوَ ڏين ٿا. هر هڪ وڻ گهٽ ۾ گهٽ ڏهن ماٹهن لاءِ آڪسيجن مهيا ڪري ٿو ۽ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ پاڻ ۾ جذب ڪري، ان زهريلي گئس کان جاندارن کي بچائي ٿو. ڏسو! جيئن ماکيءَ جي مک آهي هوءَ گلن مان رس چوسي ماکي ڏئي ٿي، اها ماکي ٻيا کائين ٿا. اهڙا ڪيترائي مثال موجود آهن، اسان کي به ائين ٿيڻ گهرجي."

مان سائين نبي بخش کي پنهنجن سيني حواسن سميت ڏڪ ڏڏي ڏسندو رهيو هوس. هن وڌيڪ ڳالهائڻ شروع ڪيو هو.

"اسان کي به حال آهر غريبن جي مدد ڪرڻ گهرجي. اوهان ڏسندا ڪيو ته ڪٿي اوهان جي دوست، ساٿي يا پاڙي واري کي ڪنهن شيءِ جي ضرورت ته نه آهي؟ ان جي ضرورت وقت اوهان هن جي ڪم ايندا. ته اوهان کي دلي سڪون ۽ روحاني خوشي ملندي."

مان بينچ تي بُت بڻجي ويو هوس. شگو مونکي گهوري ڏسڻ ڪانپوءِ، منهنجي ڪلهي کي لوڏيندي چيو هو.

"چا ٿو سوچين...؟"

مون ان ئي ڏڏل سوچ مان ڪيس جواب ڏنو هو.

"مان ٻين ڪارڻ جيئندس، مان وڻ ٿيندس، مان ماکيءَ جي مک ٿيندس..."

شگو مونکي ڏسي ۽ سوچي چيو هو.

"مان به ٻين ڪارڻ جيئندیس، مان به وڻ ٿيندیس، مان به ماکيءَ جي مک ٿيندیس..."

ٻاهر نڪري مون پنهنجيءَ خرچيءَ جا پيسا فقيرن ۾ ورهائي ڇڏيا هئا، ۽ شگو پنهنجا چاڪليٽ فقيرن جي ٻارن کي ڏئي ڇڏيا هئا.

اسان پوءِ اڪثر ائين ڪندا هئاسين. هڪ ڀيري سائين نبي بخش اردوءَ جي نصابي ڪتاب مان غالب جي رباعي پڙهي هئي.

بخش دو اگر خطا کرے کوئی
نہ کہو اگر برا کہے کوئی

پوءِ ان جي تشريح ڪندي چيو هئائين. "ان جو مطلب ٿيو جيڪڏهن اوهان کي ڪو ذاتي تڪليف ڏي ته ان کي معاف ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن ڪو توهان کي برو ٻڌي ته ان کي ڪجهه نه چئو ڪيس معاف ڪري ڇڏيو. حضرت علي ڪرم الله وجه چيو آهي ته، "بدلو وٺڻ کان معاف ڪرڻ بهتر آهي" حضرت محمد ﷺ تي هڪ عورت گند اڇليندي هئي. هڪ ڏينهن جڏهن ان عورت مٿس گند نه اڇليو ته، ان جي باري ۾ پڇا ڪيائون، جڏهن کين ٻڌايو ويو ته هوءَ بيمار آهي، ته پاڻ ﷺ ان کان عيادت ڪرڻ لاءِ ويا، اها عورت ڏاڍي لڄي ٿي ۽ پوءِ اسلام قبول ڪيائين. حضرت عيسيٰ عليه السلام جن چيو آهي ته "جيڪڏهن توهان کي ڪو شخص هڪ ڳل تي چماٽ هڻي، ته اوهان هن کي ٻيو ڳل ٻڌي ڇڏيو. معني هو پوءِ پاڻ ئي لڄي ٿيندو. شاهه سائين ٻڌايو آهي.

"هو چوني، تون مَ ڇڏ واتان ورائي،
اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي،
پاند ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪينڪي."

جيڪڏهن ڪو توهان کي خراب چئي ته ان کي ڇڏي ڏيو. جيڪو اڳرائي ڪندو ان کي پاڻ ئي سزا ملندي. خراب ماڻهوءَ کي ڪجهه ٻڌائڻ نه ٿيندو آهي. ڪنهن جي غلطيءَ کي معاف ڪرڻ عظيم ڪم آهي." هن وڌيڪ چيو هو ته "ماڻهن مان سهپ ۽ رواداري ڇڏائجي وئي آهي، ان ڪري ئي هي سماج هڪ وحشتناڪ جهنگ ٻڌجي ويو آهي..."

سائين نبي بخش جون ڳالهيون سڌو وڃي منهنجيءَ دل تي پونديون هيون، ۽ منهنجيءَ طبيعت ۽ مزاج جا رخ طئي ڪنديون هيون، مان انهن ڳالهين سوچڻ ۾ هوس، ته شگو پڇيو هو.

"وري ڇا ٿو سوچين؟"

"ڪجهه نه ...!"

"گهنڊ وڃي ويو آهي سپ هليا ويا آهن، هل ته گهر هلون...!"

"..."

"تون ايڏو ڇو سوچيندو آهين؟"

"مونکي خبر نه آهي."

"ايڏو نه سوچيندو ڪر!"

"ڇو...؟"

"تون ائين سوچيندو آهين، ته مونکي روئڻ ايندو آهي؟"

"چو...؟"

"مونکي خبر نہ آهي."

"چڱو ٿيڪ آهي، اڳتي نہ سوچيندس."

"ويفر کائيندين؟"

ٽيلهي مان ويفر بسڪيٽ ڪيندي چيو هئائين.

مون ڪلندي ڪيس چيو هو.

"چوريا لڳي ٿو تون پنهنجي پيءُ کي پنائيندينءَ!"

مرڪندي پڇيو هئائين.

"چو...؟"

"روز شين جو ٽيلهو پري اچي اڏ ڪان گهٽو ورهائي ڇڏين، باقي مون کي ڪارائي ڇڏين، ٻڌاءِ ايجان چاچو بچندو؟"

ڪلي چوندي هئي.

"منهنجو پيءُ شهر جو وڏو سيٺ آهي، ان کي چا ٽيندو چاليهه پنجاهه رپين جي شين سان..."

"هونهه... اها ڳالهه بہ آهي."

"تو کي خبر آهي، تہ بابا اسان سان ڪيترو پيار ڪندو آهي؟"

"ڪيترو...؟"

"جيترو ڪير بہ ڪنهن سان نہ ڪندو هوندو...؟"

"هونهه... معني تہ وڏي خوشنصيب آهين!"

"ها... ۽ رڳو مان ئي خوش نصيب نہ آهيان، پر منهنجون ٻئي وڏيون ڀيٽون بہ مون جيتريون ئي خوش نصيب آهن..."

"خدا اوهان کي بدنظر کان بچائي..."

"آمين...!"

ايئن ڳالهيون ڪندي، پنهنجي پنهنجي گهر پهچي ويندا هئاسين. هڪ ڏينهن پاڙي جي هڪ شرارتي چوڪري، خوامخواهه مونکي پٽر اچلائي هنيو هو جيڪو مونکي نرڙ تي لڳو هو مونکان ٽورڙو رت وهي آيو هو. منهنجي نرڙ تان وهندڙ رت ڏسي شگو جي اکين ۾ رت لهي آئي هئي ۽ ڊوڙي وڃي، ان چوڪريءَ کي وارن مان جهليو هئائين.

"ڪميني... تون منوءَ کان رت ڪڍي آهي، ٻيهه تہ جنڀا پٽي هٽ ۾ ٽي ڏيانءِ...!"

مون تکڙو وڃي شگو جي هٿن مان هن کي ڇڏائيندي چيو هو.

"ڇڏينس شگو! معاف ڪرينس...!"

"نہ منو! هن تو کان رت ڪڍيو آهي، مان هن کي نہ ڇڏيندیس..."

"ڇڏينس...! ڏس...! سائينءَ چا چيو هو: بخش دو اگر خطا ڪري ڪوئي."

شگو منهنجي اکين ۾ ڏنو هو منهنجي اکين ۾ هن کي ڇڏائڻ لاءِ ايلاز هئا. شگو هن جي وارن مان هٿ ڪڍيا هئا، ۽ مونکي چوڻ لڳي هئي.

"تون چريو آهين ... هاڻي هل تہ هلي ميڊيڪل اسٽور تان سني پلاسٽ وٺي اچون ... سور ٿيئي ٿو؟"

"نہ هاڻي نہ ٿو ٿئي، تو هن جي وارن مان هٿ ڪڍيا ۽ اسان هن کي معاف ڪري ڇڏيو تہ سور بہ ختم ٿي ويو."

"نہ، پر هن تو کي اهو پٽر هنيو چو...؟ بس مڙئي خوامخواهہ! هن جي دل چيو ۽ پٽر کٽي ٽکاءُ ڪيرايائين."

"ڪميني ماري..."

پاڙي جي ئي ميڊيڪل اسٽور تان سني پلاسٽ وٺي منهنجي نرڙ جي ڏک لڳل حصي تي لڳائي ڇڏي هئائين.

وقت گذرندو ٻئي ويو اسان بہ وڏي انين درجي ۾ پئي پڙهياسين، تہ هڪ ڏينهن صبح جو شگو اداسيءَ مان پچيو هو.

"منو!"

"هونهہ...!"

"ماٺهو سيني کان لڪي چو روئندو آهي؟"

"الاءِ... ڪنهن کان ڏک پهتو هوندس، پر تون چو ٿي پڇين؟"

"رات وڏي آپي سيني کان لڪي روئي رهي هئي. پڇيومانس تہ.

"آپي تون چو ٻئي روئين؟"

تہ ڳوڙها اگهي چيائين.

"ايئن ئي... ٻوءِ ٻي ڪمري ۾ هلي وئي."

"هونهہ... بس ايئن ئي ڪا ڳالهہ ياد اچي وئي هوندس!"

"ها، ايئن ئي هوندو..."

هن ڪجهہ ڏينهن کان ٻوءِ ٻڌايو هو. هوءَ ڏاڍي اداس هئي.

"يار! رات اسان جي گهر جهيڙو ٿي پيو هو. مون ڏاڍو رنو ادا وارا! ادي کي مار ڪيڻ تي هئا، پر امان ۽ بابا بچائي ورتس."

حيرانگيءَ مان پچيو هومانس.

"چو... !؟"

"اسان جي پاڙي وارو ماجد آهي نہ ؟"

"ها... ها! جيڪو اسپتال ۾ ڪلارڪ آهي."

"ها، ان جو ۽ منهنجي ڀيٽ جو پاڻ ۾ پيار ٿي ويو آهي!"

"اڇا ..."

"ها، ادا وارن چيس پئي، تہ تو اسان جو نڪ ڪپائي ڇڏيو آهي، اسان شهر ۾ ڪنڌ ڪٽي هلڻ جهڙا نہ رهيا آهيون. تو اسان جي خاندان جي عزت تي ڪارو داغ لڳائي ڇڏيو آهي، ان کان مري نہ پئي وئينءَ!"

شگو جي اکين مان ڳوڙها وهي پيا هئا. مان بہ روئي پيو هوم.

"ادا وارن هن کي ڪيتريون ئي گاريون ڏنيون. اديءَ چيو تہ، "مان شادي ڪنديس، تہ رڳو ئي رڳو ماجد سان، نہ تہ بي ڪنهن سان نہ ڪنديس."

"پوءِ ادا وارا هن کي مار ڏيڻ وارا هئا، تہ امان زوريءَ هن کي ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيو. ڇيائون پئي تہ 17 هين گريڊ جي انجنيئر کي ڇڏي، وڃي ہن ٽڪن جي پنجين گريڊ جي جونيئر ڪلارڪ سان ٿي شادي ڪرڻ چاهي. بي شرمر!"

ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ ماجد جا مائٽ شگو وارن جي گهر فهميده جو رشتو گهرڻ ويا. هن جي پائرن سندن بي عزتي ڪري گهران ڪڍي ڇڏيو ۽ فهميده جي مرضيءَ کانسواءِ، سندس انجنيئر سئوٽ سان شادي طئي ڪئي وئي. فهميده کين چيو تہ منهنجي زبردستي شادي نہ ڪرايو مان ڪنهن سان بہ شادي نہ ٿي ڪرڻ چاهيان، پر تڏهن بہ زوري سندس شادي ڪرائي پئي وئي. جڏهن ان شاديءَ جون تقريبون زور شور سان جاري هيون ۽ نڪاح ٿيڻ ۾ ڪجهہ وقت هو تڏهن فهميده ماجد سان ڀڄي وئي. سڄي شهر ۾ هُل ٿي ويا، تہ سيٺ عبدالله جي ڏيءَ شاديءَ رات پنهنجي انجنيئر سوٽ کي ڇڏي، هڪ ڪلارڪ سان ڀڄي وئي. وڏا هشر ٿيا، شگو وارن جو خاندان ڪنهن کي منهن ڏيکارڻ جهڙو نہ رهيو. هو بہ ٿي مهينا ڪراچيءَ هليا ويا. مون کي شگو جي ڏاڍي سڪ لڳندي هئي. هوءَ الاءِ ڪهڙن حالن ۾ هوندي، اهو سوچي ڏاڍو اُلڪو ٿي پيو هو.

هڪ ڏينهن ٽن مهينن کان پوءِ گهٽيءَ ۾ بينو هوس، تہ شگو وارن جي خاندان کي ڏٺو هوم. شگو جو پيءُ ۽ ٻئي پائر، چاچو ۽ سوٽ ۽ سندس عورتون مڙس منهن سان اچي رهيا هئا. مان ڊوڙي وڃي شگو جي پيءُ کي پيرين پئي مليو هوس.

"چاچا، السلام عليڪم!"

هن مڙس مرڪ سان جواب ڏنو هو.

"پٽ وعليڪم السلام..."

وري پوءِ شگو جي چاچي، پائرن ۽ سوٽن سان مليو هوس. سيني جي ميس مئي پئي هئي. سيني عورتن کي اڃا برقعا پاتل هئا، نہ تہ اڳي اُهي برقعا نہ پائيندیون هيون. شگو جو پيءُ ڏکندڙ هٽن سان پنهنجي گهر جو تالو کولڻ لڳو هو. مان اڇن برقعن ۾ اوڏيل انهن عورتن ۾ شگو کي ڳولهڻ لڳو هوس. تالو کلي چڪو هو سپ گهر ۾ داخل ٿيا هئا، تہ مون سڏو گهر جي چت ڏانهن ڊوڙ پاتي هئي. ۽ اتان شگو وارن جي گهر ڏانهن ڏسڻ لڳو هوم. ڏٺو هوم تہ شگو ڏاڍي اداس هئي. ڪجهہ وقت کانپوءِ هوءَ بہ چت تي چڙهي آئي هئي. مان هن کي گهورڻ لڳو هوس. منهنجين اکين مان ڳوڙها وهي آيا هئا. شگو پرسان ايندي ئي چيو هو.

"ڏس چيوهومانءِ نا هڪ ڏينهن هلي ويندیسانءِ تہ پوءِ مونکي ڏاڍو ياد ڪندين!"

مان روئي پيو هوس. روئندي چيو هومانس:

"تو سچ چيو هو مون تو کي ڏاڍو ياد ڪيو آهي. توکان سواءِ منهنجي اسڪول ۾ بہ دل نہ لڳندي هئي. روز اڪيلو ويندو هوس ۽ اڪيلو موٽندو هوس. فقيرن جا ٻار بہ تنهنجو پڇندا هئا، تہ اها پشم جهڙي گڏي ڪيڏانهن وئي. جيڪا اسان کي چاڪليٽ ۽ ويفر کارائيندي هئي...؟ پوپٽ ۽ پنيوريون ڏسڻ بہ ڇڏي ڏنيون اٿم ۽ تولاءِ اڪيلاين ۾ ڏاڍو رنو اٿم شگو!"

شگو بہ روئي پئي هئي. روئندي چيو هئائين.

"هاڻي پنيورين کي ڇڏجانءِ تہ منهنجا بہ اوهان جيئن پر مروڙجي ڇڪا آهن..."

مون روئندي هن کي ڏٺو هو. هن ٻڌايو هو.

"منهنجي شادي ٿي وئي مُنو!"

مان حيران رهجي ويو هوس.

"تنهنجي شادي..!؟ پر ڪنهن سان؟"

"اديءَ واري مڱيندي سان مونکي پرٽائي ڇڏيائون."

"هان... اهو ڪيئن... اهو تہ توکان تمام گهٽو وڏو آهي!"

هوءَ روئندي رهي هئي.

"هاڻي مان بہ تمام گهٽي وڏي ٿي وئي آهيان. منهنجو مڙس مون سان وڙهندو آهي تہ بہ مان ڪنهن کي نہ ٻڌائيندي آهيان. گاريون ڏيندو آهي، تہ بہ ڪنهن کي نہ ٻڌائيندي آهيان... منو! هنن امان جو ۽ اسان پيٽن جو هڪ نالو رکي ڇڏيو آهي."

مون روئندي هن ڏانهن ڏٺو هو تہ ٻڌايو هئائين.

"خبر اٿئي ڪهڙو؟"

"..."

"پاڇوڪڙ..."

هوءَ اوچنگارن ۾ پئجي وئي هئي، مان ۾ ڪيس آڻت نه پئي ڏٺي سگهيس.

"هو اسان کي هر ڳالهه تي پاڇوڪڙ سڏيندا آهن... منهنجو مڙس مونکي چوندو آهي، تون وري ڪڏهن ٿي ڪنهن سان پڇي ويچين؟ ڪنهن ڪم لاءِ چوندو ته پاڇوڪڙ پاٽي پري آءٔ، پاڇوڪڙ ماني ڪٽي آءٔ... پاڇوڪڙ ڪپڙا استري ٿيل آهن يا نه... ۽ رات جو پاڇوڪڙ پاڇوڪڙ چئي "جانورن جهڙو سلوڪ" ڪندو آهي..."

شگو ۽ مان روئي رهيا هياسين، ته اوچتو چيو هنائين.

"ائي... الاءِ ڪير اچي ٿو!"

اهو چئي هوءَ ڳوڙها اگهندي چت کان هيٺ لهي وئي.

هي ڏينهن جيئن اسڪول جي در وٽ پهتو هوس، ته فقيرن جي انهن ٽارن کي ٻڌايو هوم. اوهان جي پشم جهڙي گڏي اچي وئي آهي، پر دعا ڪيو ته

"الله سائين هن کي خوش ڪري..."

هنن چيو هو.

"الله سائين هن کي خوش ڪندو!"

هن چت تي اچڻ ٻه ڇڏي ڏنو هو. مان چت تي ٻيهي ٻيهي ٽڪجي پوندو هوس، ته هوءَ اچي ته ساٽس ڪجهه ڳالهايان. ڇارين مان هن جي گهر ليئا پائيندو هوس ته من هوءَ نظر اچي وڃي. پر ائين نه ٿيندو هو. هڪ ڏينهن مونکي محسوس ٿيو هو ته هوءَ چت تي اچڻ واري آهي. مان چت تي چڙهي ويو هوس. ڏٺو هوم ته شگو چت تي چڙهي آئي هئي. هن جي اکين مان سانوٽيءَ جي مينهن جيئن ڳوڙها وسي رهيا هئا. مون هن کان ڏڪندڙ آواز سان پڇيو هو.

"ڇا ٿيو شگو؟... تون ڇو پئي روئين؟"

هن روئندي وراڻيو هو.

"مان وڌيڪ نه ٿي جي سگهان منو! مان وڌيڪ نه ٿي جي سگهان... مونکان منهنجي ماءٔ ۽ پيءٔ جو گهٽجي گهٽجي مرڻ ۽ ايڏو ذليل ٿيڻ نه ٿو ڏٺو ٿئي... منهنجو پڙهيل لکيل انجنيئر مڙس جڏهن مون کي پاڇوڪڙ چوندو آهي، امان لاءِ پاڇوڪڙ جي ماءٔ چوندو آهي، تڏهن بابا کان ۽ سڀ نه ٿيندو آهي... ڪجهه ڏينهن اڳ بابا کي دل ۾ سور پيو هو... هن خدا کان دعا پئي گهري ته سندس ساهه هليو وڃي. امان جا ۽ احساس جمي ويا آهن. منو! هوءَ روبوٽ ٿي وئي آهي... ادا ۽ مون تي ۽ امان تي ڪاوڙيل آهي. جڏ آپي کي اسان هٿ سان پڇرايو هجي. هوءَ منهنجي پيڙ هئي، ته هن جي ۽ ته پيڙ هئي!... منهنجو مڙس هڪ پڙهيل لکيل انجنيئر آهي، جڏهن هو

مون سان جانورن جھڙو سلوڪ ڪري ٿو تہ پوءِ ٻيا جيڪي اڻ پڙھيا ۽ جاهل ماڻھو آهن، انهن ڏانهن ڪھڙو ڏوھہ؟ منوا! مون کي ٻڌاءِ تہ جھنگلي ۽ وحشي ماڻھو ڪنهن کي چئبو آهي؟ مونکي تہ ائين ٿو لڳي جڏ ماڻھن جي جسمن ۾ بگھڙن ۽ سوئرن اچي واسو ڪيو آهي...“

اسان ڪافي دير تائين سُڏڪندا رهيا هئاسين، سڏڪندي سڏڪندي چيو هئائين.

”مان وڌيڪ نہ ٿي سهي سگھان منوا! مان وڌيڪ نہ ٿي سهي سگھان... روز رات جوا... هو ڪمينو مونکي... پاڇوڪڙ پاڇوڪڙ چئي... مون سان جانورن جھڙو...“

هوءَ وڌيڪ سڏڪي پئي هئي، مان بہ سڏڪندو رهيو هوس.

”جانور تہ ماڻھوءَ جو جسماني نقصان ڪندا آهن پر ماڻھو تہ ماڻھوءَ جو اندر بہ تباهہ ڪري ڇڏيندا آهن...“

ان وقت اسان ڏاڍو سڏڪيا هئاسين، هوءَ سڏڪندي سڏڪندي اوچتو چپ ٿي وئي هئي. هڪ نظر پنهنجي گهر جي اڳڻ ڏانهن وڌي هئائين ۽ پوءِ هڪ گهڙيءَ لاءِ پنهنجين پراسرار نظرن سان مون کي ڏسڻ لڳي هئي. مون کان دانهن ڇڏائجي وئي هئي.

”شگو نہ!... شگو پليز...!“

مون کان تيزيءَ سان ڳوڙها وهي آيا هئا، سڄو ڏڄي ويو هئم.

هن چيو هو.

”تنهنجي پنيوري مروڙجي ويئي منوا!“

اهو چئي هن پنهنجي گهر جي اڳڻ ڏانهن ٽپو ڏنو هو ۽ مون کان دانهون نڪري ويون هيون. ڳوڙهن ٻيهڻ جو نالو ئي نہ پئي ورتو.

شگو نہ... شگو نہ... پليز شگو... شگو... آهہ... اهاها... شگو...

شگو جي ان عمل منهنجا بہ احساس فريز ڪري ڇڏيا هئا. هن جون بيوسيءَ واريون وڌيون ڪاريون اکيون هر وقت منهنجي سامهون رهڻ لڳيون هيون. شگو جي ماءُ چرين وانگي رڙيون ڪري ڪري بيهوش ٿي وئي هئي... ڪجهہ منٽن کانپوءِ هوش ۾ آندائونس پئي تہ وري رڙيون ڪري بيهوش پئي ٿي وئي... ”منهنجي معصوم ڏيءُ هنن ظالمن ماري وڌي... منهنجي معصوم ڏيءُ... منهنجي معصوم... ڏيءُ...“

2

منهنجون سوچون منتشر ٿي ويون هيون. اداس ۽ بي ترتيب سوچون هر وقت منهنجي ذهن کي گهيري رکنديون هيون. کا هڪ سوچ ايندي هئي ته ڪيتري ئي وقت تائين پاڻ تي سوچرائيندي رهندي هئي. ڪمري ۾ پئي پئي ياد آيو هوم. سوشيالاجي مائنر جو اهو ڪلاس جنهن ۾ سماج جي ٺهڻ ۽ ان جي مختلف ارتقائي مرحلن کي پڙهيو هيوسين. ته ڪيئن ماڻهن هڪ ضرورت ۽ مجبوريءَ تحت لاشعوري طور تي هن سماج جو بنياد رکيو ۽ ان کي اڳتي وڌايو. ڪيئن ماڻهو ماڻهوءَ جي ويجهو ٿيو ۽ هن کي گڏجي سڏجي رهڻ جي ضرورت پيش آئي. ۽ هنن گڏجي سڏجي وڏن وڏن جانورن جو شڪار ڪيو ۽ گڏيل پورهيي جا بنياد وڌا.

مان سوچي رهيو هوس. ماڻهو ان دور ۾ ڏاڍو ڪمزور ۽ عاجز هو. روز ڪنهن نه ڪنهن جهنگلي جانور جو ڪاڄ بڻجندو هيو. اڪيلي سر هو پنهنجو دفاع نه پئي ڪري سگهيو. ان ڪري ماڻهوءَ کي ماڻهوءَ جي ساڻ ۽ سهاري جي ضرورت هئي، گڏجي سڏجي رهڻ لاءِ سهڪار جي ضرورت هئي، سندس وجود جي بقا لاءِ هڪئي جي مدد جي ضرورت هئي، اڪيلائيءَ کان بچڻ لاءِ پنهنجي هم جنس جي صحبت جي ضرورت هئي. هن سماج جا بنياد رکيا ئي ان لاءِ ويا هئا ته جيئن ماڻهو ماڻهوءَ لاءِ آساني پيدا ڪري سگهي. هڪئي جي ڏک سک ۾ ڪم اچي سگهي. ماڻهو ماڻهوءَ جي ڏک گهٽائڻ ۽ خوشيون وڌائڻ جو سبب بڻجي سگهي. پر هن انساني سماج ۾ ماڻهو ساڳيوئي اڪيلو بيوس ۽ ڪمزور آهي ۽ پنهنجي ارتقائي سفر کي اڳتي وڌائيندي ان مقام تي پهتو آهي، جتي ماڻهوءَ کي سڀ کان وڌيڪ تڪليف، اهنج ۽ ايذاءُ ڪنهن وحشي جانور کان نه پر پنهنجي هم جنس ماڻهوءَ کان پهچي ٿو.

شگو سان به ڪجهه اهڙو ئي ٿيو هو. جنهن ۾ هن زندهه رهڻ جي خواهش ئي چڏي ڏني هئي ۽ پنهنجي زندگيءَ کي موت جي حوالي ڪري چڏيو هو پر قدرت کي

ڪجھ ٻيو منظور هو جنھن شگو جي زندگيءَ کي وڌائي چڏيو هو ۽ منجھس اھڙي طاقت پيدا ڪئي هئي جو هن کي ڪنھن بہ قسم جي تڪليف، تڪليف نہ ڏيندي هئي. شايد جيڪي خودڪشيءَ جي سطح تائين ويندا آھن، اھي ائين ٿي ويندا آھن.

شگو جي باري ۾ سوچيندي اسلاميات جو ڪلاس ياد پيو هو. جنھن ۾ استاد حسنِ معاشرت تي ليڪچر ڏنو هو جنھن ۾ الله جي پيغمبر صلي الله عليه وآله وسلم جن سيني انسانن سان سنو ورتاءُ ڪرڻ جو تاڪيد فرمايو هو. پاڙيوارن جو خيال رکڻ، غريبن ۽ مسڪينن جو خيال رکڻ، يتيمن ۽ بيواھن جي سار سنڀال لھڻ، امن، ميٺ محبت، پائپي، برابري ۽ سلامتي واريون گالھيون ياد ڪري ڪي مرڪ مرڪي پيو هوس. سوچي سوچي دماغ ونجي ويو هو ۽ لوندڙيون سور کان ڏکڻ لڳيون هيون. ڪجھ ڏينھن گذرڻ کانپوءِ امان اچي ٻڌايو هو. شگو وارا ڪلھ شام ڪراچيءَ کان واپس اچي ويا آھن. ياد آيو هوم تہ هو اونھاري ۾ ڪراچيءَ ويندا آھن ۽ سياري ۾ ڳوٺ واپس ايندا آھن. امان ٻڌايو هو:

"شگو توسان ملڻ آئي آھي." مون کانئس پڇيو هو.

"اڇا ...ڪٿي آھي...؟"

"ٻاھر اڳڻ ۾ ڪٽ تي ويٺي آھي..."

مان پنھنجي ڪٽ تان اٿيو هوس، ڪمري جون لائيٽون ٻاريون هيم ۽ دريون کولينديامان کي چيو هوم.

"ٺيڪ آھي امان! هن کي ڪمري ۾ وٺي اچ."

جڏھن يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ملي هئي تہ کانئس موڪلائي ڇام شوري هليو آيو هوس. پوءِ ٽيندو ايئن هو جو هُو گرمين ۾ ڪراچي هوندا هئا تہ مان ڳوٺ ۽ هُـو وري سردين ۾ ڳوٺ ايندا هئا تہ مان وري يونيورسٽي هوندو هوس، پر هوءَ امان سان مسلسل ملڻ ايندي رهندي هئي، ۽ کانئس منھنجو حال احوال پڇي وٺندي هئي. مون لاءِ سڪ مان سلام موڪليندي هئي، مان بہ کيس دل ئي دل ۾ دعائون ڪندو رهندو هوس. مان پنھنجي وکريل وارن کي هٿن سان سڌو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس، تہ امان هن کي ڪمري ۾ وٺي آئي هئي. هن ڪمري ۾ داخل ٿيندي ئي سلام ڪيو هو.

"السلام عليڪم...!"

مون کيس ڏسندي جواب ڏنو هو.

"وعليڪم السلام...!"

هوءَ عمر جي وڌڻ سان ٿورڙي جسم ۾ پرجي آئي هئي. هن جي منهن تي هڪ اهڙو اطمينان هو. جيڪو گهٽو وقت اداس رهڻ وارن ماڻهون جي چهري تي هوندو آهي. هن به هڪ نظر غور سان ڏٺو هو. اها نظر اهڙي هوندي آهي، جنهن ۾ ماڻهوءَ جي دل جو حال معلوم ٿي ويندو آهي. جيتوڻيڪ هوءَ منهنجي دل جي حال کان معلوم ٿي چڪي هئي ۽ مان هن جي حال کان پر تنهن هوندي به رسمي طور پڇيو هئائين.

"ڪيئن آهين منو..؟"

هڪ ڦڪي مرڪ ڇڏائجي وئي هئي.

"ٺيڪ آهيان شگو! تون ٻڌاءِ...؟"

"مان به ٺيڪ آهيان..."

مونکي خبر هئي، ته هوءَ ڪيتري قدر ٺيڪ آهي! امان ڇانهه ناهڻ هلي وئي هئي ۽ مون کي هرو ڀرو ڀالهائڻو هو. ان ڪري ڀالهه کي اينگهائيندي چيو هوم.

"ٻيو ٻڌاءِ...!"

هوءَ سمجهي رهي هئي ته مان اهو به رسمي طور پڇي رهيو آهيان. ان ڪري مرڪي هئي ۽ مرڪندي چيو هئائين.

"ڪلهه جڏهن اسان ڪراچيءَ کان اچي رهيا هئاسين ته مان مختلف ٽرڪن ۽ بسن کي ڏسندي پئي آيس، هڪ بس جي پٺيان لکيل هو.

"نا انجن کا کمال هي، نا ڈرائيور کا

''بس چلی جا رہی ہے، خدا کے سہارے۔۔۔''

پئي مرڪي پيا هئاسين مرڪندي چيو هو مانس.

"انهن ٽرڪن ۽ بسن تي ڏاڍا دلچسپ شعر ۽ ٽوٽڪا لکيل هوندا آهن."

"هڪ بس جي پٺيان لکيل هو."

''بار بار ھارن دے کر، تنگ مت کر ماموں! ہمت ہے تو کراس کر، ورنہ برداشت کر۔۔۔''

"هڪڙو ٽوٽڪو مون کي به ياد اچي ٿو. پر ان جو مطلب سمجهه ۾ نه ٿو اچي..."

"ڪهڙو..."

''وقت نے ایک بار پھر دلہن بنا دیا۔۔۔''

"ها ها ها.."

کلندي چيو هئائين.

''رضیہ پھر غنڈوں میں پھنس گئی۔۔۔''

"ها ها ها.."

"ها ها ها.."

ٻئي کلي پيا هئاسين. کلندي کلندي اسان جون اکيون آليون ٿي ويون هيون. هڪ ٽرڪ پٺيان لکيل هڪ شعر ياد آيو هوم. جنهن جي معنيٰ ڪجهه هن ريت هئي ته

"رحمانا! خدا کان عقل نه پر پاڻ گهرا

چو ته مون کيترائي عقل وارا بي عقل پاڻ وارن جا غلام ڏٺا آهن."

مان سوچي رهيو هوم. ڪو عقل وارو ٿيو ته چا ٿيو؟ ڪو پاڻ وارو ٿيو ته چا ٿيو؟ ڪو آقا ٿيو ته چا ٿيو؟ ڪو غلام ٿيو ته چا ٿيو...؟ ڪير چاهي چا ٻه ڪري هن کي غم ۽ ڏک جي طوفان جي گهيري ۾ اڇٽو ئي آهي ۽ ان ۾ ڪو بچي ٿو ته چا ٿيو ۽ ڪو مري ٿو ته چا ٿيو؟ مان ان ئي سوچن ۾ هيس ته شگو پڇيو هو.

"چا ٿيو؟"

کيس مرڪندي چيو هوم.

"رضيه قرغنڊون مين ڦس گئي..."

هڪ دفعو وري کلي پيا هئاسين.

"ها ها ها.."

"ها ها ها.."

کلندي کلندي هوءَ چپ ٿي وئي هئي. سندس گهريون ڪاريون اکيون اداس ٿي ويون هيون. جنهن هن جي چنڊ جهڙي گول ۽ اڇي اجري چهري کي ٻه اداس ڪري ڇڏيو هو ۽ هوءَ اداسيءَ مان مون کي ٽڪ ٻڌي ڏسڻ لڳي هئي. هڪ ساعت ڪانپوءِ پڇيو هئائين.

"هڪ ڳالهه پڇان؟ منوا!"

مون سمجهي ورتو هو ته هوءَ چا پڇڻ واري آهي. وري ٻه هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندي چيو هوم.

"ها شگو پڇ!"

وري اداسي گهري ٿيڻ لڳي هئي. اکيون جهڪيون هيون. هن ڏاڍي ڏک ۽ تڪليف مان پڇيو هو.

"تون ايئن ڪيستائين گذاريندي منوا؟"

مان کيس ڪو جواب نه ڏئي سگهيو هوس. منهنجي اداسي وڌڻ لڳي هئي. هن جون نظرون منهنجي چهري ۾ ڪتل هيون. هن وڌيڪ ڳالهائڻ شروع ڪيو هو.

"تون پنهنجي پاڻ سان پنهنجي ماءُ سان، پنهنجي پيٽ ۽ پاءُ سان سٺو نه ٿو ڪرين منوا!"

مان هن جون ڳالهيون ٻڌي ته رهيو هوس پر هن کي ڪوبه جواب نه پئي ڏئي سگهيس. وڌيڪ چوڻ لڳي هئي.

"تو پنهنجي ماءُ جي حالت ڏٺي آهي، ته هن تي ڇا پئي گذري؟ هوءَ تنهنجي ان ڏک کي ڪيئن ٽي پوڳي...؟ هوءَ پنهنجي اندر ۾ جهري پئي آهي منو...!"

شگو جون اهي ڳالهيون ٻڌي اکيون ڦرجي آيون هيون. خاموشيءَ سان ويٺو رهيو هوس. ٿورو به ڳالهايان ها ته لڙڪ روکي نه سگهان ها ۽ مون هن جي سامهون روئڻ نه پئي چاهيو.

هن چيو هو.

"توکي خبر آهي ته تنهنجي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائي دوران تنهنجي ماءُ ۽ تنهنجا ٻيٽ ياءُ ڪهڙا خواب ڏسندا هئا؟"

مان مسلسل چپ ڪيو ويٺو هوس ۽ هوءَ ڳالهائي رهي هئي.

"هنن جو سڀ کان وڏو خواب هو ته تون پنهنجي پڙهائي پوري ڪري هنن کي هِن جهنم مان ڪڍي ڪنهن پُرسڪون هنڌ تي رهائيندين. هنن کي سک ۽ آرام مهيا ڪندين پر تون ته پاڻ ئي ڏهيو پيو آهين، هنن کي ڪيئن سهارو ڏيندين؟

توکي خبر آهي ته تون هنن جي آخري اميد ۽ سهارو آهين، تون جيڪڏهن پاڻ ئي ايئن مايوس ٿي هڪ ڪمري ۾ قيد ٿي ويهندين ته پوءِ هنن ويچارن جو ڇا ٿيندو؟"

شگو جون ڳالهيون ٻڌي منهنجين اکين مان لڙڪ لڙي پيا هئا. مون رڙيون ڪري روئڻ پئي چاهيو پر پنهنجي آواز تي ضبط ڪري ڇڏيو هوم ۽ گونگا ڳوڙها ڳاڙي رهيو هوس. هوءَ منهنجي ويجهو آئي هئي ۽ پنهنجي پوتيءَ سان منهنجا ڳوڙها اگهيا هئائين. منهنجي زبان چُري هئي.

"مان ڇا ڪيان شگو؟ مان پنهنجي اندر ۾ ٽٽي پيو آهيان. منهنجي جيئڻ تي دل نه ٿي چئي...! مونکي ننڊپڻ کان ئي مائٽن جون منافقيون مليون آهن. دوستن کان ڏوڪا مليا آهن، ۽ محبت ۾ مفاد جي ڪاتيءَ سان ڪٽو ويو آهيان."

وري ڳوڙها ڳڙي پيا هئا ان وقت مون گهٽو روئڻ پئي چاهيو. هن وري پنهنجي پوتيءَ سان منهنجا ڳوڙها اگهڻ شروع ڪيا هئا ۽ چوڻ لڳي هئي.

"تون صحيح ٿو چئين منو! تون بلڪل صحيح ٿو چئين، پر توکي جيئڻو پوندو پنهنجي ماءُ جي لاءِ پنهنجي ننڍين ياءُ ٻيٽن جي لاءِ..."

هن جي آواز ۾ درد هو هوءَ تڪليف مان ڳالهائي رهي هئي. ڪجهه گهڙين کان پوءِ هن جي نيٽن ۾ لالي لهي آئي هئي. سندس نظرون جهڪي ويون هيون ۽ ڏکندڙ آواز سان ڳالهائڻ شروع ڪيو هئائين.

"توکي ته خبر آهي نه منو! مان ڪجهه سال اڳ ۾ خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي؟"

مان ڪيس ڏسڻ لڳو هوس. هن جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. هن وڏيڪ ڳالهائڻ شروع ڪيو هو.

"پوءِ ڇا ٿيو؟ مان بچي ويس. مون پنهنجي ماءُ کي چرين جيئن رڙيون ڪندي روئندي ڏٺو. پنهنجي پيءُ کي پٽ ۾ منهن لڳائي هڏڪيون ڏئي سڏڪندي ڏٺو..."

هوءَ خاموشيءَ سان ڳوڙها ڳاڙي روئڻ لڳي هئي. پنهنجي ٻانهن سان ڳلن تان ڳوڙها اگهندي چيو هئائين.

"خبر اٿئي منو! پنهنجي پيءُ ماءُ کي ان تڪليف ۾ ڏسندي مونکي تمام گهٽو ڏک ۽ صدمو پهتو. ان وقت مون پنهنجي دل ۾ پڪو پهه ڪيو هو ته ڪجهه ٻه ٽي پئي، مان وري اهڙي حرڪت نه ڪنديس."

هڪ ساهيءَ کانپوءِ وري چوڻ لڳي هئي.

"اسان جون زندگيون رڳو اسان جون نه هونديون آهن. اسان سان پيار ڪندڙ اسان جي عزيزن جون ٻه هونديون آهن. ڪنهن ٻه رد عمل ۾ اسان رڳو پنهنجو پاڻ کي تڪليف ناهيون ڏيندا. پر اسان جا ڪجهه پيارا ٻه اها پيڙا پوڳيندا رهندا آهن."

هن جون سڀ ڳالهيون مون کي منهنجي دل سان لڳڻ لڳيون هيون. هوءَ بلڪل صحيح چئي رهي هئي.

هن وڏيڪ چيو هو.

"ڪهڙي پڪ آهي. ته پاڻ کي مارڻ کانپوءِ اسان کي نجات ملندي ۽ اسان جو روح سڪون ۾ هوندو..؟ ان ڪري هر حال ۾ جيئڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي پاڻ کي سهيڙڻ گهُرجي..! توکي کوڙ سارا پيار ڪرڻ وارا موجود آهن. ان ڪري هڪ نئين امنگ ۽ نئين جذبي سان پنهنجي زندگيءَ جي شروعات ڪر..!"

"مان ضرور ڪوشش ڪندس شگو...!"

منهنجي ان جواب کان پوءِ هوءَ پراميد ٿي وئي هئي.

ڪجهه وقت لاءِ اسان ٻئي خاموش ٿي ويا هئاسين. جنهن جو مطلب هو ته اسان ٻئي هڪ وڏي تڪليف مان گذري رهيا آهيون. ڪجهه منٽن کان پوءِ هن مونکي چيو هو.

"پوءِ تون ڇاتو چئين منو..."

پنهنجون آليون اکيون اگهندي چيو هوم.

"تون صحيح ٿي چئين شگو...! مان پنهنجي زندگيءَ جي نئين سري سان شروعات ڪندس."

هن بہ پنھنجون آليون اکيون اگھندي چيو ھو.

"پوءِ سڀ کان اڳ تون ڪنھن نوڪريءَ جي تلاش ڪندين."

"ھا بلڪل..."

ڪجھ منٽن کان پوءِ امان چانھ ۾ بسڪيٽ کڻي آئي ھئي. پھرين ھن شگو کي چانھ جو ڪوپ ڏنو ھو پوءِ مونکي.

چانھ جي سِپ پريندي شگو چيو ھو.

"اسان جي گھر روز اخبار ايندي آھي، مان ان ۾ نوڪريون ڏسي توکي ٻڌائيندس."

"ٿينڪ يو شگو...!"

ھن مسڪرائيندي چيو ھو.

"ٿينڪ يو جي ڪا ڳالھ ناھي ڊيئر! توکي جاب ملندي تہ پوءِ توکان ٽريٽ ونڊيس."

مون بہ ڪيس مسڪرائيندي چيو ھو.

"ٺيڪ آ ڊيئر! نو پرابلم..."

پوءِ ھوءَ امان سان ڪچھري ڪرڻ لڳي ھئي ۽ مون کي نوڪري جي ڳولھا واري سوچ ۾ سوچيندي ايئن پئي محسوس ٿيو جڙ زمين جي تھ کي چيري ڪوئلي جي کاڻ ۾ لھي ھيرو ھٽ ڪرڻو آھي، ان ڪري وري ھڪ نئين الڪي ۽ پريشانيءَ ۾ مبتلا ٿي ويو ھوس.

3

اخبارن ۾ نوڪرين جا اشتهار ڏسڻ لاءِ مان شهر جي ميونسپل لائبريري وڃڻ لڳو هوس. جتي اخبارون پڙهندي ڇڪو وقت گذري ويندو هو. وقت گذارڻ لاءِ سڀني جڳهه هئي، جتي مون جهڙا ڪيترائي بيروزگار نوجوان نوڪرين جا اشتهار ڏسڻ لاءِ ايندا هئا. جيتوڻيڪ منهنجي پنهنجي حالت رحم جوڳي هئي، پر هنن کي ڏسي سندن حال تي رحم ايندو هو. انهن مان ڪيترائي اهڙا به هئا، جن "نوڪري ملي ويندي" واري آسري ۾ جلدي شادي ڪري ڇڏي هئي، ۽ کين به به ٽي ٽي ٻارٽي ويا هئا. معاشي بدحالي سندن ڀُليو ئي بگاڙي ڇڏيو هو. هو ڪنهن به طرح نارمل ماڻهو نه لڳندا هئا. هڪ ڏينهن مان اخبار ۾ نوڪرين جا اشتهار ڏسي رهيو هوس، ته هڪ بيروزگار نوجوان اچي پڇيو هو.

"پائو ڏيو خبر! ڪا نوڪري آئي آهي اڄ جي اخبار ۾...؟"

منهنجي ساٿس اڳ ۾ ڪابه ڳالهه ٻولهه نه هئي! پر هو شايد پنهنجي معاشي بدحاليءَ جي ڪري هڪ فرار واري ڪيفيت ۾ مبتلا هو۽ هرو ڀرو ڳالهائي پنهنجي ڏيان کي ٻي پاسي موڙڻ پئي چاهيائين.

مون کيس مسڪرائي چيو هو.

"ها پائو ڪجهه پرائيويٽ ادارن ۾ ننڍيون ننڍيون نوڪريون آيون آهن."

هن اتي جواتي ٻيو سوال ڪيو هو.

"ڇا تا پانيو مونکي نوڪري ملي ويندي..؟"

مون سندس دل رکڻ لاءِ چيو هو.

"ها پائو! ڪوشش ڪيو ملي ويندي..!"

ويچارو پريشان ۽ جذباتي ٿي ويو هو۽ وڌلندي چيو هيائين.

"ڏهون سال آهي، ڪوششون ڪري ڪري ٽڪجي پيو آهيان، ڪٿي سفارش ٿي هلي ته ڪٿي پيسو! پڇي پڇي ڪيئي جتيون گسي ويون آهن، مٿي جا وار کسي ويا آهن، ايان ڪڏهن ملندي نوڪري؟"

مون کيس دلداري ڏيندي چيو هو.

"الله سائين ۾ اميد رکو پائو! انشاءَالله اوهان کي جلد نوڪري ملي ويندي.."

"هو ڪتي جا ڦر نوڪريون يا ته پنهنجي مائٽن کي ٿا ڏين يا وري پيسن تي ٿا وڪڻن..."

مونکي هن جو اهڙو رويو ڏسي ڪوبه تعجب نه ٿيو هو. چو ته اڇڪلهه جا اڪثر بيروزگار نوجوان اهڙين ڪيفيتن جو شڪار آهن. هن وڌيڪ جذباتي ٿيندي چيو هو.

"هو پٽيوالي ۽ چوڪيداري ۾ لکن ۾ ٿا وڪڻن. جونيئر ڪلرڪ جي ننڍڙي نوڪري جا ۾ هنن ماڻ جي... کي گهٽ ۾ گهٽ پنج لک رپيا گهرجن. سائين اسان وٽ جيڪڏهن پنج لک رپيا هجن ها ته وڃي ڪو پنهنجو ننڍڙو ڪاروبار نه ڪريون ها...!؟"

هن جون ڳالهيون ٻڌي هڪ ٻيو نوجوان ۾ ويجهو سُري آيو هو ۽ ايندي ئي چيو هيائين.

"سائين! منهنجو پيءُ پوليس ڊپارٽمينٽ ۾ جمعدار هيو. ڊيوٽيءَ دوران پنهنجو فرض نيائيندي شهيد ٿي ويو. مون پنهنجي پيءُ جي فوتي ڪوٽا تي نوڪري ڪرڻ لاءِ درخواست ۾ ڏني آهي. لسٽ ۾ منهنجو نالو ۾ اڇي ٿو ته مونکان هينان وارا پيسا پري سليڪٽ ٿي ٿا وڃن پر رشوت جا پيسا نه هجڻ جي ڪري مان رهجي وڃان ٿو. مان ڇا ڪيان؟ سوچي سوچي چريو ٿي پيو آهيان..."

ان تي پهريون نوجوان پڙڪي پيو هو ۽ جذبات ۾ اچي انهن کي گاريون ڏيڻ شروع ڪيون هئائين.

هنن چڪلائن سڄي سسٽم جي جوءِ... ڇڏي آهي، اهڙو ڪو ڪاتو ناهي، جنهن جي هنن ماڻ پيڙ نه ... هجي. سڀ حڪمران سيئي اسٽيبلشمينٽ جا ڪارندا حرامي ڦر آهن، هنن مان ڪا ڇڳائي نه پهچندي."

هو سيني وس وارن تي ڇوهه ڇنڊي پنهنجي من جو بار هلڪو ڪري رهيا هئا. پر سڄ اهو هو ته مون کي سندن ڳالهيون ٻڌي پريشاني ۽ اداسي وٺي وئي هئي. مان ڊڄڻ لڳو هوس، ته ڪٿي مون سان به نه اهڙو حشر ٿئي. جو ڏهن سالن تائين نوڪري ڳولهڻ ڪانپوءِ ۾ ڪٿي نوڪري نه ملي سگهي ۽ ايئن ويهي ڪنهن لاءِ ماڻ پيڙ تي گاريون ڪيان. منهنجو ذهن پريشانيءَ جي رسي سان ويڙهجي وڪوڙجي رهيو هيو. مان لائبريري مان نڪري جناح باغ ڏانهن هليو ويو هوس، جيڪو اجڙيو پيو هو. جتي ڪجهه جوئاري، ڪجهه فقير ۽ ڪي مسافر ويٺل هئا. مان به ماٺهن کان ٿورو پرپرو وڃي هڪ وڻ هينان ويٺو هوس. ذهن ۾ عجيب ۽ غريب خيال اڇڻ لڳا هئا. مان پنهنجو پاڻ کي بيوس محسوس ڪري رهيو هوس ۽ تصور ئي تصور ۾ ڏسي

رهيو هوس ته پنهنجي پيءُ اڳيان هٿ ٽنگيو بينو آهيان. مون کي پنهنجي عزت ۽ نفس مجروح ٿيندي پئي محسوس ٿيا. ڪنهن به فرد کان پيسا وٺڻ يا گهرڻ جو سوچي مون کي ايئن لڳندو هو جڻ ڪشڪول کڻي ڪنهن چوڪ تي بينو پنندو هجان.

ان ڪري ڪڏهن ڪنهن ويجهي کان ويجهي عزيز کان به خرچي نه وٺي سگهندو هوس. يونيورسٽي پڙهڻ دوران به بابا جيڪي پيسا موڪلينڊو هو ان ۾ ئي گذارو ڪندو هوس. ڪڏهن وڌيڪ پيسا موڪلڻ لاءِ نه چيو هوندم. بس وقت گذري ويندو هو. وڻ هيٺان ويني ويني هڪ عجيب ڪيفيت ٿي وئي هئي، جاڳڻ پي چاهيم ته ننڊ پئي آئي. اکيون ٻوٽي وڻ کي ٽيڪ ڏئي ٿوري دير ننڊ پئي ڪرڻ چاهيم ته ننڊ نه پئي آئي. عجيب قسم جي بيچينيءَ واري ڪيفيت ۾ مبتلا ٿي چڪو هوس. اتي ويني ويني ڇڄ وقت گذري چڪو هو. ڪچڙي منجهند ڏاري گهر ڏانهن روانو ٿيو هوس، وقت ايئن گذرندو پئي ويو. مان روز صبح جو وهنجي سهنجي ڪپڙا متائي لائبريري ويندو هوس. اخبارن جي اشتهارن ۾ نوڪريون ڳولهيندو هوس. جناح باغ ۾ سيني کان پر پرو وڻ هيٺان ويهندو هوس. عجيب ۽ غريب ڳالهيون سوچيندو هوس ۽ ڪچڙيءَ منجهند جو گهر واپس هليو ويندو هوس. ايئن ڪيترائي ڏينهن گذري ويا هئا. پوءِ هڪ ڏينهن حيدرآباد جي هڪ پرائيويٽ ڪاليج ۾ ليڪچررشپ جون جايون آيون هيون. اشتهار پڙهي ان ڪاليج جي ايڈريس نوٽ ڪئي هيم ۽ ڪاليج جي پرنسپل کي پنهنجي سي وي موڪلي ڏني هيم. پوءِ اتان ڪنهن خاطر خواهه جواب جو انتظار ڪري رهيو هوس. ان انتظار دوران مختلف هاڪاري ۽ ناڪاري سوچون ذهن ۾ ڊوڙنديون رهنديون هيون. ڪڏهن خيال ايندو هو ته مونکي نوڪري ملي ويندي. ڪڏهن خيال ايندو هو ته مون کي نوڪري نه ملندي. سوچيندو هوس ته مان يونيورسٽيءَ جو ريگيولر شاگرد رهيو هيان. سڄو ڪورس صحيح طرح پڙهيل آهي. ٽيسٽ ڇڪيءَ طرح پاس ڪري ويندس. ڪڏهن خيال ايندو هو ته منهنجي ڪا سفارش نه آهي. ان ڪري نوڪري نه ملندي. وري پنهنجو پاڻ کي ڏوهه ڏيڻ لڳندو هوس. ته مون سنڌي ۾ ايم اي ڇو ڪئي؟ انگريزي ادب ۾ ڪيان ها. ته نوڪري ملڻ جا وڌيڪ موقعا هجن ها. وري دل ۾ دل ۾ چوندو هوس ته چڱو ٿيو. هي پڙهڻ وارو ڪم ته پنهنجيءَ مرضيءَ سان ڪيم. جيڪو پڙهندو هوس، اهو سمجهه ۾ به ايندو هو ته مزو به ڏيندو هو ۽ ها! ادب پڙهڻ سان سمجهه ۾ به ته واڌارو ٿيو آهي... وري سوچيندو هوس ڪهڙي سمجهه ۾ ڏارو ٿيو آهي... هن زندگي، ماڻهن ۽ سماج کي مون ڪيترو سمجهيو آهي؟ زندگيءَ جي سڄي وٽ وٽان جي ڇا حاصلات ڇڪجي؟ ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ سان موهه ڇو پيدا ٿئي؟ ۽ ماڻهوءَ مان ماڻهو ايڏو بيزار ڇو پيو ٿيندو وڃي؟ هن سماج جي رڳو

مادي ۾ وحشي ارتقا چو پئي ٿئي؟ ان جي روحاني ۾ دلي خوشيءَ واري ارتقا چو نه ٿي ٿئي؟ ڪجهه به ته سمجهه ۾ نه ايندڙ آهي. ڪهڙي سمجهه ۾ اضافو ٿيو؟ ڇاجي سمجهه ۾ اضافو ٿيو؟ ڇا سمجهيو آهي مون؟ سمجهي مون ڇا حاصل ڪيو آهي؟ ڪجهه به سمجهڻ ناممڪن آهي؟ ڪنهن کي به سمجهي نه ٿو سگهجي. هر شيءِ ڏاڍي پر اسرار آهي، منجهس ڪيترائي راز سمايل ٿا پائنجن... ايئن اهڙيون چڙ وچڙ ۾ بي ترتيب سوچون سوچيندي ڪجهه ڏينهن گذري ويا هئا، ته ان پرائيويٽ ڪاليج مان فون آئي هئي. مونکي انٽرويو لاءِ سڏايو ويو هو ان ڪاليج جي پرنسپل صاحبه هڪ پڙهيل ڳڙهيل ۾ ادبي ذوق رکندڙ نوجوان عورت هئي. جڏهن منهنجو انٽرويو جو وارو آيو هو ته پرنسپل صاحبه پڇيو هو.

"يونيورسٽيءَ مان ريگيولر طور پڙهيل اميدوار اسان جي ڪاليج کي جلدي ڇڏي ويندا آهن پوءِ اسان جا شاگرد ويچارا نئين استاد ملڻ تائين ڏاڍا ڊسٽرب ٿيندا آهن، اوهان به ائين ته نه ڪندؤ!

هلکي مرڪ ڇڏائجي وئي هئي. الائي ڪٿان اعتماد اچي ويو هو ڪيس جواب ڏيندي چيو هوم.

"ڪنهن به پرائيويٽ ڪاليج جي ڪري ۾ ٿوري گهٽي پيسي جي فرق جي ڪري اوهان جي ڪاليج کي نه ڇڏيندس..."

"اڇا..."

پوءِ ٻارهين درجي جي سنڌي لازمي جي ڪتاب کي پنهنجي هٿ ۾ کڻي مسڪرائي پڇيو هيائين.

"هيءَ سنڌي جو ڪتاب ته ڪوبه استاد پڙهائي سگهي ٿو. اوهان جنهن يونيورسٽيءَ ۾ چار سال رهي پڙهائي ڪري ڏگري ورتي آهي، ان بنياد تحت ته اوهان ڪاليج کي وڌيڪ فائدو ڏئي سگهو ٿا. ڪهڙو فائدو ڏئي سگهندؤ..؟"

سنجيده ٿيندي چيو هوم.

"مان اوهان جي ڪاليج ۾ سڀيون ادبي سرگرميون ڪرائي سگهان ٿو. لطيف سائين جا ڏينهن ملهرائي سگهان ٿو. شاگردن کي تقريرن ۾ ٽيبلن جي تياري ڪرائي سگهان ٿو. شاگردن کي مضمون، ڪهاڻيون ۾ شاعري وغيره لکرائڻ ۾ مدد ڪري سگهان ٿو..."

"ٺيڪ...!"

اهو چئي هوءَ ڪاهڻ کي ڏسڻ لڳي هئي ۽ مان پنهنجي دل ۾ هن جي ان "ٺيڪ" لفظ تي سوچي رهيو هوس ته ان جو ڇا مطلب آهي. مان سوچي رهيو هوس، ته هوءَ چوندي ته

"هاڻي اوهان وڃي سگهو ٿا. جيڪڏهن اوهان جي سليڪشن ٿي وئي ته اوهان کي فون ڪري ٻڌايو ويندو."

پوءِ وري مان تيستائين انتظار ڪندو رهندوهوس ۽ پريشان ٿيندو رهندس، جيستائين ها يا نه جو پتو نه پوي. هن ڪاغذن تان نظرون کڻي مون ڏانهن ڏٺو هو ۽ مسڪرائيندي چيو هئائين.

"اسان توهان کي اڄ آفر ليٽر ڏيون ته ڪڏهن تائين جوائن ڪندا..؟"

بنا سوچڻ جي چيو هوم.

"هفتي ڪن ۾..."

"پر اسان چاهيون ٿا ته اوهان سياڻي کان اڳي پڙهائڻ شروع ڪيو ڇو ته گهٽ ئي ڏينهن کان ان سبجيڪٽ جو ڪم نه ٿيو آهي. ويچارا شاگرد پريشان ٿي ويا آهن."

دل ۾ خوشيءَ جو احساس ڊوڙي ويو هو ڪيس مسڪرائيندي چيو هوم.

"مهرباني مئڈم! پر سياڻي ڇنڇر آهي. ٻئي ڏينهن آچر تي ڪاليج بند هوندي. ان ڪري مان سومر کان جوائن ڪري سگهان ٿو."

"ٺيڪ آهي تيستائين مان پنهنجي هيڈ آفيس فون ڪري چوان ٿي. ته اوهان جو آفر ليٽر موڪليو وڃي."

مون مسڪرائيندي وري هن کي مهرباني چئي هئي. پوءِ جڏهن کي ڪا ڳالهه اوچتي ياد آئي هئي.

"اوهه ها...! اسان جي اداري جي ٽرسٽ جو سيڪريٽري ملڪ کان ٻاهر ويل آهي. ان ڪري اوهان جي ليٽر ۾ ڪجهه ڏينهن ديرٿي سگهي ٿي. پر اوهان سومر کان ڊيوٽي تي اچي وڃجو."

"اوهان جي وڏي مهرباني مئڈم! مان اچي ويندس."

"ٻاهران ايڈمن آفيس مان سليبس وٺندا وڃجو."

"جي مئڈم!"

"Okay! Wish you best of luck."

"Thank you madam! Thank you so much."

ان وقت پنهنجو پاڻ کي ڪجهه ڪجهه خوشقسمت پائڻي رهيو هوس. ڇو ته ڪونکي منهنجي پهرين انٽرويو ۾ ئي نوڪري ملي وئي هئي. نه ته منهنجي ٽهيءَ جا ڪجوان بيروزگاريءَ ۽ معاشي بدحاليءَ جي ڪري جنهن محروميءَ ۽ احساس ڪمتري کي منهن ڏئي رهيا آهن. ان جو سوچي ئي ماٺهوءَ کي ڏڪڻي وڻي ٿي وڃي. ان پرنسپل صاحب جي آفيس مان نڪري ايڈمن آفيسر جي آفيس ۾ ويو هوس. هن

مونکي ملندي ئي مبارڪ ڏني هئي ۽ سليبس منهنجي حوالي ڪيو هو. مون ان کي ڏٺو هو جنهن ۾ درسي ڪتاب، سليبس بريڪ ڊائون ۽ ٽائيم ٽيبل جا شيڊيول پيل هئا. مان انهن کي ڏسي ئي رهيو هوس ته ايڊمن آفيسر پڇيو هو.

"ميڊم! اوهان سان اوهان جي پگهار جي باري ۾ ڳالهه ٻولهه ڪئي!"

سليبس وارن ڪاغذن تان نظرون هٽائيندي ڏانهس ڏسندي چيو هوم.

"نه سائين...!"

"ٺيڪ آهي سائين..! جيڪا ٻين ليڪچررن کي ملندي اها ئي اوهان کي به ڏينداـ"

"ٺيڪ آهي سائين...!"

هو مون ڏانهن ڏسي سوچي رهيو هو ته مان ڪنهن کان پگهار جي باري ۾ ڇو نه پيو پڇان. ان ڪري کيس ٻڌايو هوم ته،

"ٻيا اميدوار هڪٻئي کي ٻڌائي رهيا هئا ته هيءَ ڪاليج نئين ليڪچرر کي پندرنهن هزار روپيا ماهوار پگهار ڏيندي آهي.."

منهنجو ايترو چوڻ هو جو هن جواب ۾ چيو هو.

"ها سائين ها! بلڪل پندرهن هزار آهي، پر ٽن مهينن کان پوءِ جيڪڏهن اوهان جي ڪارڪردگي سٺي رهي ته ميڊم ٽرسٽ جي سيڪريٽري کي اوهان جي لاءِ سفارش ڪندي ته هي سٺو استاد آهي، هن جي پگهار وڌائي وڃي پوءِ پندرهن سيڪڙو پگهار وڌي سگهي ٿي."

هن جي ڳالهه کي مانُ ڏيندي مرڪي هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندي چيو هوم.

"مهرباني سائين..."

"مهرباني، چڱو سائين وري سومر ڏينهن ملاقات ٿيندي.."

"جي سائين انشاءَالله!"

کانئس موڪلائيندي خدا حافظ چيو هوم. هن به هٿ وڌائيندي خدا حافظ چيو هو. واپسيءَ ۾ رستي سان سوچيندو پئي آيم ،ته "مان هڪ بهترين استاد ٿيڻ جي لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندس، ۽ پنهنجي شاگردن کي نه رڳو هڪ هوشيار ۽ محنتي شاگرد بڻائڻ جي ڪوشش ڪندس پر کين معاشري جو هڪ سٺو ۽ هاڪاري فرد بڻائڻ جي ڪوشش ڪندس. منهنجا شاگرد معاشري جا فرض شناس شهري هوندا. مان انهن کي اسان جي وڏڙن جي ڪلاسيڪي ورثي جون اعليٰ روايتون قائم ڪرڻ لاءِ همٿائيندس. جنهن جي ذريعي هو هڪٻئي سان دوستاڻو ورتاءُ رکندا. دوستن سان سچا هوندا، محبتن ۾ وفا ڪندا، مائٽن سان رشتا ميڙ محبت سان نياڻيندا، اهو سوچيندو گهر اچي پهتو هوس، ته منهنجا شاگرد اڄ جي ماڻهن جيئن دوستن سان ڏوڪا نه ڪندا، مائٽن سان منافقت نه ڪندا ۽ محبتن ۾ مفاد نه رکندا...

4

ڪاليج ڪان ٻاهر نڪرندي ئي شگو ڪي ايس ايم ايس ڪري نوڪري ملڻ جو ٻڌايو هوم. هن مونکي مبارڪباد جو ايس ايم ايس ڪيو هو ۽ منهنجي پهچڻ کان اڳ ئي اسان جي گهر پهچي چڪي هئي. مان گهر پهچندي ئي پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو هوس. امان ۽ شگو به منهنجي ڪمري ۾ گهڙي آيون هيون. سندن منهن تي هڪ عجيب قسم جي خوشي هئي. امان ياکر پائي مبارڪ چئي هئي ۽ شگو هٿ ملائي ان کي هيٺ مٿي ڪندي مرڪي چئي رهي هئي.

"سُستيءَ مان چا هڙ حاصل قدم وڌائي اڳتي هل،
چنڊ تي پهتو آ انسان، محنت جو سڀ آهي ڦل."

مان ڪيس مرڪندي ڏسي رهيو هوس، ۽ هن جي لفظن تي سوچي رهيو هوس.

"ها واقعي انسان پنهنجيءَ محنت سان چنڊ تي وڃي پهتو آهي، ۽ سندس محنتن ڪيترائي عجب جهڙا شاهڪار ڪم سرانجام ڏنا آهن. سندس ئي محنتن ڪيترين ئي عظيم ايجادون به ڪيون آهن، پر اڄان تائين اهڙي ڪا به ايجاد نه ٿي آهي، اڄان تائين اهڙي به ڪيميا ڪانه ٺهي آهي، جيڪا ماڻهوءَ جي اندر جي نفرت، ساڙ، حسد، ڪيني، اجائي ڏڪار ۽ حيوانيت کي ختم ڪري سگهي."

مون کي سوچ ۾ ڏسي چيو هئائين.

"وري سوچن جي سمنڊ ۾ ٻڏي وئين نه؟"

لاشعوري طور تي نڪري ويو هو.

"نه نه اهڙي ڳالهه ناهي...!"

"ته پوءِ چا پئي سوچيئي...؟"

"بس ايئن ئي مڙئي ..."

"چا مڙئي...؟؟"
"تو واري ڳالهه تي پئي سوچيم ته انسان وڃي چنڊ تي پهتو آهي"
"ها ته پوءِ پهتو آهي نه! نه پهتو آهي چا...؟"
مرکندي ۽ مذاق کندي چيو هو مانس.
"تون چئين ايئن پئي جڻ ڪيترائي ڀيرا چنڊ جو سير ڪري آئي آهين."
"ها ها ها..."
هوءَ ٿهڪ ڏئي کلي پئي هئي. کلندي چيو هيائين.
"ٻيو ٻڌاءِ ڪاليج ڪيئن آهي؟"
"سٺي ڪاليج آهي."
"ماحول ڪيئن اٿس؟"
"بظاهر ته سٺو ٿو لڳي."
"الله ڪندو سٺو ماحول هوندو ان جو ۽ تون اتي پڙهائيندين ته توکي مزو ايندو."
"ها، سومر کان هارن کي پڙهائڻو به آهي."
"ڏاڍو سٺو ته ٽيڙ به استاد پئي چاهيو ۽ الله تعاليٰ جي مهرباني ۽ سان ٽي به وئين."
"ها، شڪر آهي..."
پوءِ مون هن کان پڇيو هو.
"ماني ڪاڏي اٿئي...؟"
"ها گهران ڪائي آئي آهيان..."
"هتي ڪائين ها...!"
"نه بس پنهنجي ڳالهه آهي..."
"ٺيڪ آهي، امان توکي چانهه پيئاريندي"
امان وچ ۾ چيو هو.
"شگو ٻچڙي لاءِ ڪوڙ چانهيون- مانيون هاڻي ئي ٽي چانهه ٿاهي اچان."
"ٽينڪ يو امان..."
شگو ۽ مان گڏيل آواز ۾ امان جا ٿورا مڃيا هئا. هوءَ چانهه ٿاهڻ هلي وئي هئي ۽ اسان ڳالهيون ڪرڻ لڳي ويا هئاسين.
هن پڇيو هو.
"ان ڪاليج ۾ ڇوڪريون به پڙهنديون آهن؟"
"ها، اها هڪ ڪو ايجوڪيشن ڪاليج آهي. ان ۾ ڇوڪريون پڙهنديون به آهن ته ڪجهه يونيورسٽيءَ کان پڙهيل ڇوڪريون پڙهائيندڙيون به آهن..."
"هونهه..."

پوءِ هوءَ ڪجهه سوچي مسڪرائڻ لڳي هئي، ۽ مسڪرائيندي پڇيو هئائين.
"مان به ان ڪاليج ۾ داخلا ونڊي پڙهان...؟"
هن جي اها ڳالهه ٻڌي مرڪي پيو هوس. ڪيس مرڪندي چيو هوم.
"ها تون ان ڪاليج جي يونيفارم ۾ ڏاڍي سٺي لڳندينءَ! وارن جون به چوٽيون ٽيل، ڪلهن ۾ ٽيلهو لٽڪيل."
"واهه...!"
"ننڍپڻ جي اسڪول وارا ڏينهن ياد اچي ويا..."
"ان عمر ۾ هار ڪيڏا ته معصوم هوندا آهن...!"
"ها واقعي..."
ڪيس مرڪندي چيو هوم.
"پوءِ ڪڏهن ٿي داخلا ونين...؟"
افسوس واري انداز ۾ چيو هئائين.
"پنهنجا پڙهڻ وارا ڏينهن ويا منو...!"
"ها شگو! تون صحيح ٿي چئين! پڙهڻ وارا ڏينهن به ويا. پر ان سان گڏوگڏ خوشين جا ڏينهن، خوابن جا ڏينهن، ۽ جوان هوندي به جواني‌ءَ جا به ڏينهن ويا..."
هوءَ اداس ٿي وئي هئي، مان به اداس ٿي ويو هوس. اسان ٻئي خاموش ٿي ويا هئاسين. ايئن ويٺي ڪجهه وقت گذري ويو هو ته امان چانهه کٽي آئي هئي. امان خوش هئي ته سندس ٻچڙو نوڪري‌ءَ تي چڙهيو آهي، سندس گهٽي خوش هجڻ جو تاثر سندس چهري تي نمايان هو. هوءَ ان ڪري به گهٽو خوش هئي، ته مان گهٽو وقت بيروزگار نه رهيو هوس. هوءَ ٿي.وي تي ڪيترن ئي بيروزگار نوجوانن جي مفلسي‌ءَ ۽ لاچاري‌ءَ بابت ڊاڪيومينٽريز ڏسي چڪي هئي، ان ڪري منهنجي مستقبل جي باري ۾ سوچيندي سوچيندي اڪثر پريشان ٿي ويندي هئي، پر مون کي مليل هن نندڙي نوڪري‌ءَ جي ڪري امان جون گهٽيون ئي پريشانيون ختم ٿي ويون هيون ۽ هوءَ ان ڪري به گهٽو خوش هئي، جو ڪيس اها اميد هئي ته مان ان نوڪري‌ءَ جي ڪري هن ڪمري جي قيد مان نڪري هڪ نئين زندگي‌ءَ جي شروعات ڪندس. هن پاڻ سان گڏ آندل چانهه جا به ڪپ شگو ۽ منهنجي حوالي ڪيا هئا. مان چانهه پيئندي پنهنجي ان پهرين نوڪري‌ءَ جي باري ۾ سوچڻ لڳو هوس. امان ۽ شگو پاڻ ۾ حال احوال ڪرڻ لڳيون هيون. آڇر تائين مون کي حيدرآباد وڃڻو هو ۽ اڳئين ڏينهن کان نوڪري‌ءَ تي چڙهڻو هو.

5

سومر ڏينهن صبح جو پوٽين اٽين وڳي مان ڪاليج پهچي چڪو هوس. پرنسپل صاحب سيني استادن کي پنهنجي آفيس ۾ سڏايو هو. اسان سڀ استاد جڏهن هن جي آفيس ۾ اچي ويا هئاسين تہ هن ٻين استادن سان منهنجو تعارف ڪرايو هو. سڀ استاد ملي خوشيءَ جو اظهار ڪري رهيا هئا. سيئي يونيورسٽيءَ جا پڙهيل ڳڙهيل ۽ نوجوان هئا. انهن مان چار نوجوان چوڪريون ب هيون. سيني خوشدليءَ سان پنهنجو پنهنجو تعارف ڪرايو هو. مونکي ب سيني سان ملي خوشي ٿي رهي هئي. پوءِ اٽين بجي جڏهن اسيمبلي ٿي هئي تہ اتي ب پرنسپل صاحب منهنجي سنن لفظن ۾ آجيان ڪئي هئي ۽ شاگردن کي ب مون کان وڌ ڪان وڌ سکڻ جي تاڪيد ڪئي هئائين. اسيمبلي ختم ٿي هئي، تہ اسان سڀ استاد ٽيچرس ڪامن روم ڏانهن هليا ويا هئاسين. مون ٽائيم ٽيبل ۾ ڏٺو هو منهنجو پارهين درجي ۾ سنڌيءَ جو چوٿون پيريڊ هو. هن ڪاليج ۾ مون کي سنڌي سان گڏ يارهين درجي جي شاگردن کي آسان اردو وارو سبجيڪٽ ب پڙهائڻو هو. مون کي استادن ٻڌايو هو تہ اڄ اوهان جو پهريون ڏينهن آهي، پهرين ڪلاس ۾ شاگرد اوهان کي پنهنجو تعارف ڪرائيندا ۽ باقي بچيل وقت ۾ اوهان کان عام معلومات جا سوال ڪندا. منهنجي ذهن ۾ منهنجي شاگردن لاءِ عجيب قسم جو تجسس هو.

مونکي منهنجو پنهنجو ڪاليجي دور ياد پئي آيو. مان ڏسي رهيو هوس تہ اسان ڪيئن خاموشيءَ سان پنهنجي محترم ۽ مهربان استادن جا ليڪچر ٻڌندا هئاسين ۽ پنهنجي دل ۾ هر وقت انهن جا ٿورائتا رهندا هئاسين. اسان کي اسان جا استاد سچا هيرا لڳندا هئا ۽ اسان انهن کان اتساهہ حاصل ڪندا هئاسين. مان اهو سوچي خوشي محسوس ڪري رهيو هوس تہ مان ب ان ئي عظمت پري ڪرت سان سلهاڙجي ويو آهيان. ايئن مختلف سوچون سوچيندي منهنجي ڪلاس جو وقت ٿي

ويو هو. اردو سبجيڪٽ جي ليڪچرر مس صائمہ مونکي منهنجي ڪلاس روم جي در تائين ڇڏڻ آئي هئي. سندس شخصيت ۾ تمام گهڻي سنجيدگي ۽ پراسراريت هئي. هن جون اکيون ڪنهن اهڙي سمنڊ جيئن هيون، جيڪو پنهنجي اندر ۾ تمام گهڻو گهرو ۽ خاموش هوندو آهي. هن ڪلاس روم جي در وٽ ڇڏيندي پوري سنجيدگيءَ سان هڪ جملو چيو هو.

"هي ڏاڍا شرارتي ٻار آهن، انهن جي ڪنهن بہ ڳالهہ کي دل ۾ نہ ڪجو. هي اسان واري جنريشن جا ٻار نہ اٿوَا"

ڪيس هلڪي مرڪ سان چيو هوم.

"اوهان صحيح ٿيون چئو مِس!"

پر مون مس صائمہ جي ڳالهہ تي گهڻو نہ سوچيو هو صرف ايترو اندازو هو تہ هنن شاگردن ۽ منهنجي عمر ۾ اٽن ڏهن سالن جو فرق هو. مان جيئن ڪلاس ۾ داخل ٿيو هوس تہ سيني شاگردن هڪ آواز ٿي چيو هو.

"السلام عليڪم سر...!"

مون بہ مرڪي ڪين جواب ڏنو هو.

"وعليڪم السلام...!"

هڪ ٻن شاگردن ڪانسواءِ ٻين سيني شاگردن جا وات پٽيل هئا. البتہ سيئي شاگرديائٽيون خاموش ويٺل هيون. سيني کان اڳ ۾ مون ڪين پنهنجو تعارف ڪرايو هو.

"مان اوهان جو نئون استاد منصور آهيان، ۽ اوهان کي سنڌي پڙهائيندس..."

ڪجهہ شرارتي شاگرد جواب ۾ چيو هو.

"خبر آهي...!"

ان جواب تي اڪثر شاگردن ٽهہ ٽهہ ڪري ڏند ڪيڙي ڪڍ لڳا هئا. سندن اهڙو رويو منهنجي لاءِ بلڪل نئون هو. مونکي مس صائمہ جي هدايت ياد پئي آئي تہ هنن شرارتي ٻارن جي ڪابہ ڳالهہ دل ۾ نہ ڪيان. ان ڪري هنن کي ٻار سمجهي سندن اهڙي نالائقي کي نظر انداز ڪندي ڪين مسڪرائيندي چيو هوم.

"ٺيڪ آهي، منهنجي نالي جي اوهان کي خبر پئجي وئي آهي، باقي اوهان هڪ ٻئي کان چڱيءَ ريت واقف آهيو ان ڪري ڪتاب کوليو تہ سبق ٿا پڙهون...!"

هڪ شاگرد اٿي چيو هو.

"نہ سر! پهرين ڪلاس ۾ تہ سڀ شاگرد تعارف ڪرائيندا آهن، ۽ ٻيو جيڪو وقت بچندو آهي، ان ۾ جنرل ڊسڪشن ڪندا آهيون..."

مون وري ڪين مرڪي چيو هو.

"ٺيڪ آهي، پهرين سڄي ڪلاس جي شاگردن ۽ شاگردياڻين کان تعارف ٿا پچون، پوءِ ڊسڪشن ڪنداسين."

پوءِ پهرين قطار ۾ پهرين ڪرسيءَ تي ويٺل شاگرد کي چيو هوم.

"اوهان پنهنجو تعارف ڪرايو..!"

هن اڳي مرڪز شروع ڪيو هو ۽ پنهنجي کل تي ڪنٽرول ڪندي پنهنجو تعارف ڪرائيندي چيو هئائين.

"سر! منهنجو نالو وسيم علي آهي...!!"

هن اڃان ايترو مس چيو هو ته سڄي ڪلاس جا شاگرد ٿهڪ ڏئي کلڻ لڳا هئا، مون چيو هو.

"ٺيڪ آهي، هاڻي ٻيو شاگرد پنهنجو تعارف ڪرائي. ان کانپوءِ وري ٻيو شاگرد اڳيو هو" هن چيو هو.

"سر! منهنجو نالو حسيب احمد آهي..."

هڪ دفعو وري سيئي شاگرد ٿهڪ ڏئي کلڻ لڳا هئا، ته مون کانئن پڇيو هو.

"پٽ! ان ۾ کلڻ جي کڻڙي ڳالهه آهي؟"

منهنجي ان پڇڻ تي وري سڀ کلڻ لڳا هئا، مونکي ڪجهه ڪجهه حيراني ۽ پريشاني وٺي وئي هئي. منهنجو منهن لهي ويو هو ۽ ٿوري ٿوري ڪاوڙ اچڻ لڳي هئي. مون هڪ نظر سڄي ڪلاس کي ڏنو هو ته شاگردياڻين واري پاسي کان هڪ شاگردياڻي اڳي هئي ۽ تڪليف مان ڳالهائڻ شروع ڪيو هئائين.

"سر! دراصل هي اوهان کي پنهنجا نالا نه ٿا ٻڌائن، پر هڪڙي جا نالا ٻڌائي تنگ ٿا ڪن..."

مون کي هن جي اها ڳالهه ٻڌي افسوس ٿيو هو. ان وقت ئي هوءَ انهن شاگردن سان وڙهڻ واري انداز ۾ ڳالهائڻ لڳي هئي.

"اوهان کي شرم نه ٿو اچي پنهنجي استادن سان مذاق ٿا ڪيو؟ اوهان جي ڪري ڪيترائي سٺا استاد ڪاليج کي ڇڏي ويا آهن..."

شاگردن جي وچ مان ڪنهن شاگرد جو آواز آيو هو.

"تون ته بس ڪر! ٽيچرس جي چمچي...!"

وري سڀ شاگرد ٿهڪن ۾ پئجي ويا هئا، ان وچ ۾ هڪڙو شاگرد اڳيو هيو جنهن پنهنجي ساڳي شاگردن کي چيو هو.

"اڙي يار! ٿورو صبر ڪيو، سر سان جنرل ڊسڪشن ٿا ڪيون."

ڪيترائي شاگرد پنهنجي شرارتي کل کي روڪي ويٺا هئا. هن شاگرد چيو هو.

"سر! منهنجو هڪڙو سوال آهي...!"

مون چيو هو.

"ٺيڪ آهي پٽ چئو...!"

"سر مونکي هڪڙي چوڪري کي آءِ لو يو چوڻو آهي، اوهان استاد آهيو ٻڌايو ته ان کي ڪيئن چوان؟"

مان سوچڻ لڳو هوس ته ڪهڙو نہ بيهوده سوال آهي. ان کان اڳ جو مان ڪيس کي جواب ڏيان ها، هڪ ٻي شاگرد ڪيس چيو هو.

"اڙي يار! ان ۾ پريشان ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي، سڏو سڏو وڃي ان کي چئي ڇڏ ته آءِ لو يو..."

وري سڀ کلڻ شروع ٿي ويا هئا. هن ڪيس جواب ڏنو هو.

"يار! هن کي آءِ لو يو ڪيئن چوان؟ هوءَ ته پنهنجي پاءُ سان ئي ڪاليج ويندي آهي ۽ هن سان ئي شام جو ٽيوشن تي."

هڪ ٽئين شاگرد وچ ۾ چيو هوس.

"اڙي يار! تنهنجو ته ڪم ئي سولو ٿي ويو..."

هن اتي جو اتي ڪيس چيو هو.

"ڪيئن...؟"

"پهرين هن جي پاءُ سان دوستي ڪر!"

وري سڀ کلڻ لڳا هئا ته هن چوڪري صلاح ڏيڻ شروع ڪئي هيس.

"پوءِ آهستي آهستي هن جي پاءُ کي اهو يقين ڏيار ته تون هڪ شريف چوڪرو آهين، ۽ هن جي ڀيٽ معني تنهنجي ڀيٽ آهي، پوءِ تون ٻہ انهن سان گڏ اچڻ وڃڻ شروع ڪر! ۽..."

سڀ ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳا هئا. مونکي دلي طور افسوس پئي ٿيو. مان سوچڻ لڳو هوس ته ڪهڙو زمانو اچي ويو آهي، ۽ دوستيءَ جهڙي مقدس رشتي کي ڪهڙي نهج تي پهچايو ويو آهي؟ ماڻهو ڪهڙي نيچ طريقي سان دوستي جو استعمال ڪرڻ لڳا آهن. مون کي منهنجي ڏاڏي جون ٻڌايل ڳالهيون ياد پئي آيون.

"ڪڏهن ٻہ مٽ مائٽ جي نياڻي جو اوڙي پاڙي جي نياڻيءَ جو ۽ يار دوست جي نياڻيءَ جو مندو نہ ٽجاڻ. چو ته مون نياڻين جا مندا رلندي ڏٺا آهن..."

مان ان وقت ننڍڙي عمر جو ٻار هوندو هوس ۽ مون کي سندس اهي نصيحتون سمجهہ ۾ نہ ايندیون هيون.

پر نہ جاڻان ڇو هو مون کي بار بار اهڙي قسم جون نصيحتون ڪندو رهندو هو؟ ۽ اهڙي قسم جون آکاڻيون ٻڌائيندو رهندو هو جنهن ۾ اعليٰ هدايتون سمايل

هوندیون هیون. اهڑي ئي هڪ ڳالهه یاد اچي رهي هئي. مون هڪ نظر سڄي ڪلاس جي شاگردن ڏانهن ڏنو هو ۽ پوءِ ڊائیس تي اچي سنجیدگي سان ڳالهائڻ شروع ڪیو هوم.

"اوهان جو جیڪو هيءُ سیاڻ آهي، دراصل ان ۾ اوهان جو ڪوبه ڏوهه نه آهي. هارن جي پهرین تربیت انهن جي گهر ۾ ئي ٿیندي آهي. هارن کي سپ کان اڳ ۾ سنڊن پيءُ ماءُ اخلاق سیکارینداآهن.

اوهان جي هن ادڻگي رویي جا ذمیوار اوهان پاڻ نه آهیو پر ان جا ذمیوار اوهان جا پيءُ ماءُ آهن. اسان کي اسان جي گهر ۾ ئي سیکاریو ویو هو ته وڏن سان ادب ۽ احترام سان ڳالهائبو آهي. ننڍین سان شفقت ۽ پیار سان ڳالهائبو آهي ۽ هڪ جیڏن سان سڪ ۽ پنهنجائپ سان ڳالهائبو آهي، پر اوهان جي پيءُ ماءُ کي ایتري فرصت نه آهي، جو هو اوهان کي چار ادب جون ڳالهیون سیکارین..."

ڪلاس ۾ خاموشي ڇائنجي وئي هئي، ڇو ته ان خانگي ڪالیج ۾ ڪنهن به انهن ادڻگن شاگردن کي ڪجهه نه چیو هو ۽ مان انهن جي ابتڙ هنن کي ته ٿهیو پر سڏو هنن جي ماءُ پيءُ کي ڳالهائي رهیو هوس. ان ڪري انهن مان ڪي مونکي حیرت مان ته ڪي وري ڪاوڙ مان ڏسي رهیا هئا. مون سوال پڇندڙ شاگرد کي چیو هو.

"مان تنهنجي پيءُ کي چوندس ته تنهنجي پٽ کي هڪ چوڪري کي آڻ لو یو چوٽو آهي، هي مون کان یعني پنهنجي استاد کان ٽو پڇي ته پڌایو ته مان هن کي آڻ لو یو ڪیئن چوان، هن کي مان نٽو پڌائي سگهان. ان ڪري اوهان پاڻ هن کي پڌایو..."

ان کان پوءِ هي شاگرد کي چیو هوم ته "مان تنهنجي پيءُ کي پڌائیندس ته اوهان جي اڪڙین جي تاري، اوهان جي نور چشم جا اهي ویچار آهن ته هڪ ماڻهوءَ سان ان بنیاد تي دوستي رکجي ته جیئن ان جي پیڻ کي آڻ لو یو چئي سگهجي..."

ان کان پوءِ هو اوهان سان ڪهڙو ورتاءُ ٿا ڪن، مان ان بنیاد تي ئي سمجهي وٺندس ته اوهان جي والدین جو اخلاق ڪیترو آهي؟"

هو منهنجي انهن ڳالهین کي پنهنجي بیعزتي سمجهي رهیا هئا، ڇو ته منهنجون اهي ڳالهیون ٻڌي چوڪریون هنن تي مرڪي رهیون هیون. مون وڌیڪ ڳالهائڻ شروع ڪیو هو.

هڪڙي پاڙي ۾ هڪڙو چوڪرو ۽ چوڪري رهندا هئا. هو ڪنهن جڳهه تي پاڻ ۾ ملندا جلندا هئا، هنن جو ایئن سلسلو هلندو رهندو هو. هڪ ڏینهن پاڙي جي

چوڪرن شهر جي پرسان وهندڙ واهه تي وهنجڻ جو پروگرام ٺاهيو ان ۾ ڪن چوڪرن ميوا ورتا ته ڪن جوس. ايئن هڪ چوڪري پنهنجي گهران برياني جو ديگڙو پچرايو. هو سڀ ان اهتمام سان واهه تي وهنجڻ ويا. هو چوڪرو به انهن سان گڏ وهنجڻ ويو. هو تڙڪي تڙڪي جڏهن ٽڪاءِ منجهند جو وقت ٽيو ته هنن برياني کائڻ چاهي. هن چوڪري کي خبر پئي ته هي برياني ان چوڪريءَ جو پاءُ پنهنجي گهران پچرائي کڻي آيو آهي. ته هن برياني کائڻ کان انڪار ڪيو. سيني چوڪرن هن کي گهڻو ئي چيو پر هن برياني کائڻ کان انڪار پئي ڪيو. پوءِ ان چوڪريءَ جو پاءُ پاڻ برياني جي پليٽ پري ان چوڪري ڏانهن کڻي آيو ءِ هن کي چيائين ته پائو سيئي پاڙي جا دوست برياني کائين پيا. صرف اوهان نه ٿا کائو ان ڪري اهو سنو نه ٿو لڳي. اوهان به مهرباني ڪري به ٽي گرهه کائيندا ته مونکي ڏاڍي خوش ٽيندي. پوءِ هن چوڪري پنهنجي دل تي پٿر رکي برياني ته کاڌي پر ان کان پوءِ وري ڪڏهن به ان چوڪريءَ سان ملڻ نه ويو. هوءَ چوڪري هن سان ملڻ لاءِ جيڪي به ڪوششون ڪندي هئي. اهي ناڪام ويندیون هيون. نيٺ مجبور ٽي چوڪريءَ ان چوڪري ڏانهن نياپو موڪليو ته

"ٺيڪ آهي. تون مون سان پلي ملڻ نه اچ. پر مون کي ايترو ته ٻڌاءِ آخر مونکان ڪهڙي غلطي ٽي آهي. جو تون مون سان ملڻ نه ٽو اچين"

هن ڪيس چورائي موڪليو ته 'ان ۾ تنهنجو ڪوبه ڏوهه نه آهي. دراصل اڳي ڳالهه ٻئي هئي جو مان توسان ملڻ ايندو هوس. پر هاڻي مون تنهنجي گهر جو نمڪ کاڌو آهي ءِ هاڻي جيڪڏهن مان توسان ملندس ته تنهنجي منهنجي ملڻ جي ڪري تنهنجي گهر وارن جي بدنامي ٽيندي. ان ڪري مان تنهنجي خاندان جي بيعزتي ڪرائي انهن سان نمڪ حرامي نه ڪندس.'

پوءِ هو چوڪرو ڪڏهن به ان چوڪريءَ سان ملڻ نه ويو. پڙهي لکي محنتون ڪري جڏهن آفيسر ٽيو ته پوءِ ان چوڪريءَ جي رشتي لاءِ پنهنجي والدين کي موڪليائين ءِ ان سان شادي ڪري ڇڏيائين."

مون ڏٺو هو سيئي شاگرد خاموشيءَ سان مون کي ٻڌي رهيا هئا. مون هنن سان وڌيڪ ڳالهائڻ شروع ڪيو هو.

"اوهان کي خبر آهي؟ مون استاد چو پئي ٽيڻ چاهيو ءِ مان استاد چا لاءِ ٽيو آهيان...؟"

ساڳي خاموشيءَ سان سيئي شاگرد ءِ شاگرديائيون مونکي ڏسي رهيا هئا. مان ساڻن وڌيڪ ڳالهائڻ لڳو هوس.

"مان استاد ان کري ٿيو آهيان، جو منهنجا آئيڊيل منهنجا استاد آهن. مون سمجهيو پئي ته مان پنهنجي قوم جي ٻارن کي سڻي طريقي سان پڙهائيندس. کين اعليٰ اخلاق سيکاريندس، هنن ۾ وڏا ماڻهپو پيدا ڪندس، پر هتي ته وڏي ٽريجڊي لڳي پئي آهي. پڙهايان ڪنهن کي؟ سيکاريان ڪنهن کي؟ ماڻهپو ڪنهن ۾ پيدا ڪيان؟ هتي ته نه ڪو پڙهڻ لاءِ تيار آهي نه ئي سکڻ لاءِ...!!

۽ منهنجي خيال ۾ وڏا ماڻهپي لاءِ اوهان جي ڪرائيٽيريا ۾ وڏو آفيسر ٿيڻ هوندو، وڏو زميندار هجڻ هوندو، وڏو مالدار هجڻ هوندو ايئن نه...؟"

سپ جا سپ شاگرد خاموشيءَ سان مونکي ٻڌي رهيا هئا. مون ساڻن وڌيڪ ڳالهائڻ شروع ڪيو هو.

"اخلاق کان سواءِ، ماڻهپي کان سواءِ جيڪڏهن اوهان کا دولت حاصل به ڪري ورتي، اوهان کو رتبو يا کا حيثيت حاصل به ڪري ورتي، اوهان جيڪڏهن وڏا دولت مند به ٿي ويا، ته به اوهان خساري ۾ ويندا، ڇو ته ادب ۽ اخلاق کانسواءِ انسانيت ۽ ماڻهپي کانسواءِ اوهان ڪجهه به حاصل ڪري ونو! ان مان اوهان کي ڪو به فائدو نه پوندو. بي ادب ماڻهو بي فيض رهجي ويندا آهن. انهن کي سندن عهدا ۽ رتبا، مال ۽ ملڪيت ڪم اچي نه سگهندا آهن. مون اهڙن ماڻهن کي سڪون ۽ آرام لاءِ تڙپندي ڏٺو آهي. خوشي ۽ راحت لاءِ سڪندي ڏٺو آهي، هر وقت حيران، پريشان ۽ سرگردان ڏٺو آهي. اهڙا ڪيترائي ماڻهو آهن، جيڪي رات جو ٻُڪ ڀري گورين جا ٿا کائين ته ڪجهه گهڙيون ننڊ ڪري سگهون، پر کين چار گهڙيون ننڊ نصيب نه ٿي ٿئي."

مون ڏٺو هو سڄي ڪلاس جي شاگردن ۽ شاگردياڻين جون نظرون مون ۾ هيون. هو سپ خاموشيءَ سان منهنجو ليڪچر ٻڌي رهيا هيا، مون وڌيڪ ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"مان هڪ اهڙي وڏي رتبي واري امير ترين شخص کي سڃاڻان، جيڪو روز شام ٽيندي ئي پنهنجي گاڏيءَ ۾ اسڪاچ جون بوتلون کڻي ڪنهن نه ڪنهن دوست ڏانهن روانو ٿيندو آهي، روز اسڪاچ پيئندو آهي ۽ ان ۾ ننڊ جون گوريون وجهي کائيندو آهي پر ان کي ننڊ نه ايندي آهي، شراب ۽ ننڊ جي گورين جي ڪري هن جو مٿو ڦورو ٿي پوندو آهي، هن جون اکيون جلڻ لڳڻ لڳنديون آهن، هن جي بيچيني وڌي ويندي آهي، هو تڙپڻ لڳندو آهي، لڇندي تڙپندي روئندو رهندو آهي. هن جا دوست هن کي سمجهائڻ جون ڪوششون ڪندا آهن پر سندن سپ ڪوششون ناڪام ويندیون آهن، هن جا دوست هن کي وڌن وڏن سائڪياترسٽن ڏانهن وٺي ويا آهن. هن هن سالن جا دوائن جا ڪورس به هن کي ڪو فائدو نه ڏئي سگهيا آهن. هن

جا دوست ۽ مائٽ هن جي اهڙي حالت مان تنگ اچي چڪا آهن. ڪوبہ ساٿس ملڻ لاءِ تيار نہ آهي. هو دوستن کي اطلاع ڪرڻ کانسواءِ انهن جي اوطاقن تي پهچي ٿو. هن جا دوست هن کي ڏسي لڪي وڃن ٿا. ۽ ڪڏهن اتفاق سان جيڪڏهن هن کي ملي وڃن ٿا، تہ پنهنجي ان شام کي ۽ پنهنجي قسمت کي خراب سمجهن ٿا..."

شاگردن جا منهن لهي ويا هئا. انهن کي شايد ٿورو ٿورو افسوس ٿي رهيو هو. ان شاگردياڻي کان شعوري طور تي سوال ٿي ويو هو. جنهن شاگردن جي باري ۾ مونکي ٻڌايو هو.

"سر! ان ماڻهوءَ کان اهڙو ڇا ٿيو هو. جنهن جي ڪري هن جي اهڙي حالت ٿي آهي...؟"

مون هڪ نظر ان حيران شاگردياڻيءَ ڏانهن ڏنو هو ۽ وڌيڪ ڳالهائڻ لڳو هوس.

"مونکي پي تہ ڪا خاص خبر نہ آهي، پر ايترو ضرور ڄاڻان ٿو تہ هو بنيادي طور تي هڪ غريب ماڻهو هو. پڙهي لکي آفيسر ٿي ويو. پوءِ سرڪاري پيسن مان هن پنهنجي غريبي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جديد سهولتن وارو هڪ گهڻ ماڙ بنگلو اڏرايائين. نئين ڪار ورتائين، اميرن ۽ ڪامورن ۾ اٿڻ ويهڻ شروع ڪيائين. مائٽن کي جٽ ۽ جاهل سمجهي انهن کان پاڻ کي پري ڪري ڇڏيائين ۽ آهستي آهستي سيني مٽن مائٽن کان ڪٽجي ڏار ٿي ويو. سندس شادي سندس بالا آفيسر جي ڏيءَ سان ٿي، جنهن پنهنجي پيءُ جي ٽيڪ تي هن کي اها گهربل محبت ۽ توجهہ نہ ڏني ۽ هر وقت کيس اهو احساس ڏياريندي رهندي هئي تہ تنهنجو سڄي جو سڄو سوشل اسٽيٽس منهنجي پيءُ جي مهرباني سان آهي. توکي سماج ۾ منهنجي مڙس ۽ منهنجي پيءُ جي ڄاڻي هجڻ جي ڪري ڄاتو سڃاتو ٿو ويجي. هو بنيادي طور تي اهڙي طبقي جي گهراڻي مان هو. جتي مڙس کي ئي سڀ ڪجهہ سمجهيو ويندو آهي. زالون مڙسن جي عزت ڪنديون آهن، انهن کان ڊڄنديون آهن ۽ ڪڏهن بہ انهن سان تيز آواز ۾ نہ ڳالهائينديون آهن. پر هن سان سڀ ڪجهہ ان جي ابتڙ ٿيو. هن کي اهڙي زال ملي، جنهن کيس گاهہ ئي نہ پئي وڌو. هوءَ پنهنجي طبقي ۾ تہ پاڻ کي هڪ آفيسر جي ڏيءَ ۽ هڪ آفيسر جي زال چورائيندي رهندي هئي، پر پنهنجي مڙس جي اڳيان صرف هڪ آفيسر جي ڏيءَ ٿي بيهندي هئي. هن کي ان محروميءَ ماري رکيو. پوءِ هو بين غير عورتن سان ويجهو ٿيڻ لڳو. شروع شروع ۾ هن پنهنجي آفيس جي عورتن کي پنهنجي زال جا ڏڪ ٻڌائي، انهن کان همدردي حاصل ڪئي ۽ پوءِ جسماني ويجهڑائي. پر آهستي آهستي هن کي اتي بہ سڪون نہ مليو. پوءِ شام جي وقت دوستن سان شراب جون محفلون سجائڻ لڳو. جن شروع شروع ۾ هن کي ٿورو ٿورو فرار ڏنو پر ساڳہ ئي شراب پوءِ هن کي اهو فرار بہ

فراهم نہ ڪري سگھيو. هن وٽ مختلف ڪمپنين جون ڪيئي ماڊل جون ڪيئي گاڏيون آهن، ۽ ڪراچي ۽ حيدر آباد ۾ ڪيئي بنگلا آهن. تمام گھٽو مال ۽ ملڪيت آهي، زال ۽ ٻار آهن، پر هن وٽ سڪون نہ آهي..."

منهنجي اها ڳالھ ٻڌي ڪلاس جا شرارتي شرارتي شاگرد بہ خاموش ٿي ويٺا هئا، مون انهن کي وڌيڪ ٻڌائڻ شروع ڪيو هو.

"مونکي هڪ اهڙي ماڻھوءَ جي بہ خبر آهي، جنهن کي اربين رپين جا ڪارخانا آهن. اربين کربين رپين جا چن جا جبل آهن، ڳاڙهي گرينائيٽ جا پھاڙ آهن ۽ ڪيترين ئي ڪوئلي جون کاڻيون آهن، پر هو ڪيتري ئي وقت کان ڪوما ۾ آهي، هن کي ڪابہ اولاد نہ آهي. سندس ان ملڪيت تي ھاڻي کان ئي سندس پائٽين قبضو ڪري ورتو آهي. ۽ هن جي موت جو بي صبريءَ سان انتظار ڪري رهيا آهن.

هڪ اهڙو بہ ماڻھو آهي، جنهن کي هزارين ايڪڙ ميون جا باغ آهن، هنن جي باغن جا ميوا ملڪن ۾ مشهور آهن. هو ماڻھو ڪنهن حادثي ۾ پنهنجي جسم جو ساڄ وڃائي وينو هو جيئرو تہ آهي پر پنهنجي جسم جي ڪنهن بہ حصي کي حرڪت ۾ نہ ٿو آڻي سگھي. هو صرف اکيون کولي ۽ بند ڪري سگھي ٿو هن جي ٻانهن ۾ سيون ھڏي ٽيلهي چاڙهي هن جي جسم کي کاڏو پھچايو ويندو آهي. هڪ ئي حالت ۾ سمهي سمهي هن جي جسم ۾ ڦٽ ٿي پيا آهن ۽ انهن ڦٽن مان ان کي ڪينسر ٿي پيو آهي. هن جا شرابي پٽ شراب جي نشي ۾ مست ٿي پنهنجي پيءُ کي تنگ ڪرڻ ايندا آهن، ۽

"اڄ بابي کي جشن ٿا ڪرايون..."

ڇڻي پنهنجي پيءُ کي لڳل کاڏي واري ٽيلهيءَ ۾ شراب وجهي ڇڏيندا آهن، اهو ڏسي هو اکيون ڇنيپيندو رهجي ويندو آهي. سندس پٽ ٿھڪ ڏيندا ان جي ڪمري کان ٻاهر نڪري ايندا آهن."

مون کين تنبيھ ڪندي چيو هو.

"ياد رکو! اوهان جي رويي جي ڪري ڪوئي اوهان وٽان خوشي بہ حاصل ڪري سگھي ٿو تہ غم بہ... پنهنجي عمل سان ٻين کي خوشي ڏيندا تہ قدرت جي مقافات عمل واري اصول موجب اوهان کي بہ خوشي ملندي، ۽ اوهان جيڪڏهن ڪنهن کي تڪليف ڏيندا، ڪنهن کي ڏک يا ايذاءُ پھچائيندا تہ پاڻ بہ ڏکن، تڪليفن ۽ ايذائن کان محفوظ رهي نہ سگھندا... اوهان ٻين کي تنگ ڪندا، تہ قدرت جي قانون تحت اوهان کي بہ تنگ ڪيو ويندو. اوهان ڪنهن تي ٽوڪ ٺٺول ڪري ڪلندا تہ ٻيا ماڻھو وري اوهان سان ساڳيو ورتاءُ ڪندا. هن دنيا ۾ ڪرٽي پرٽي وارو اصول آهي، اوهان جھڙي پوک پوکيندا، تھڙي ئي لڻندا.

ان ڪري منهنجا پيارا شاگردو! اوهان پنهنجي روين کي مثبت بنايو. ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي دل آزاري نہ ڪريو ڪنهن کي ڏک نہ ڏيو ڪنهن سان ڏوڪو نہ ڪريو پنهنجو پاڻ ۾ ميٺ محبت سان پيش اچو. وڏن جو احترام ڪريو ننڍن سان شفقت ڪريو ۽ انسانيت جي بنياد تي هر انسان جو خيال رکو. تہ جيئن توهان، اسان ۽ هي سڄو سماج پڻ ڏاهہ ڪان بچي سگهي."

ايتري ۾ منهنجي ڪلاس جو وقت پورو ٿي چڪو هو. گهنڊ وڄو هو تہ مان ڪلاس روم مان ٻاهر نڪري آيو هوس. ان ڏينهن منهنجو هڪ ٻيو خواب ٽٽي پيو هو. ان ڪري طبيعت ۾ بيقراري ٿي پئي هئي ۽ مان اداسيءَ مان ٽيچرس ڪامن روم وڃي هڪ ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏئي ويهي رهيو هوس.

6

جمعي واري ڏينهن ڪاليج کي موڪل ٿي هئي تہ مان ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو هوس. گهر پهچڻ کان اڳ ۾ رستي تي اهو ساڻيو بيروزگار نوجوان مليو هو جنهن سان لائبريري ۾ رسمي ڏيٺ ويٺ ٿي هئي. هن ملندي ئي مون کان پڇيو هو.

"پائو اوهان کي نوڪري ملي ...؟"

مون کيس ٻڌايو هو.

"ها پائو حيدرآباد جي هڪ پرائيويٽ ڪاليج ۾ نوڪري ملي وئي آهي."

خوش ٿيندي پاڪر پاتو هئائين، سندس زبان مان بي اختيار لفظ ڇڏائجي ويا هئا.

"ارڙي يار! مبارڪون هجنوَ! اوهان جي بيروزگاريءَ جهڙي لعنت مان جان ڇٽي..."

ڪي مرڪ ڇڏائجي وئي هيم.

"ها پائو! اوهان جي مهرباني...!"

هو مون کي خوشي ۽ احساس محروميءَ وارين نظرن سان ڏسي رهيو هو. شايد- ان کي اهو ارمان کائي رهيو هو تہ هن کي ايجان تائين ڪا نوڪري نہ ملي سگهي آهي، هن اهڙو اظهار هيئن ڪيو هو.

"بس پائو! اسان رهجي وياسين..."

"نہ پائو اوهان کي بہ هڪ نہ ڏينهن نوڪري ملي ويندي.."

افسوس ۽ غير يقينيءَ واري ڪيفيت مان چيو هئائين.

"ها پائو انشاءَالله..."

مون ڪانئس پڇيو هو.

"چانهہ پيئندؤ...؟"

"نوڪري ملڻ جي خوشيءَ ۾ چانهہ ٿا پيئاريو...؟"

"ها ايئن ئي سمجهو..."

"چگو نيڪ آهي..."

پوءِ اسان هڪ عام هوٽل جي ٻاهران رکيل بئنچن تي وڃي وينا هئاسين. هن منهنجي منهن کي ڏسندي پڇيو هو.

"چو پائو پريشان تا لڳو؟"

"ها ٿورو ٿورو..."

همدرديءَ مان پڇيو هئائين.

"چو ادا خير ته آهي؟"

"ها خير آهي، پر..."

"جي پائو پر...!؟"

"مان هڪ وڏي خواهش رکي، هڪ مقصد تحت استاد ٿيڻ چاهيو هو..."

هڪ ساهيءَ کانپوءِ وري ڳالهائڻ لڳو هوم.

"منهنجي خواهش هئي ته مان پنهنجي قوم جي ٻارن کي پڙهائيندس، انهن کي سٺو انسان بنائيندس، پر ڪاليج ۾ ته شاگرد استاد جي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار ئي نه آهن. شاگرد ڪاليج ۾ استادن سان مشڪريون تا ڪن. استادن کي تنگ تا ڪن، ان ۾ انهن کي مزو ٿو اچي...؟"

"پوءِ ڪاليج انتظاميه چا ٿي ڪري؟"

"ڪاليج انتظاميه ان کي وڏي ڳالهه ٿي سمجهي ته شهر جي وڏن وڏن آفيسرن، زميندارن ۽ واپارين جا ٻار سندن ڪاليج ۾ پڙهن تا. اهي شاگرد شام جو گهرن ۾ ٽيوشن تا پڙهن. انهن جا والدين انٽرميڊيئيٽ بورڊ ۾ پيسا ڀري پنهنجي پٽن کي اي ون گريڊ وٺرائي تا ڏين. باقي ڪاليج ۾ هڪ استاد جي حيثيت وڃي هڪ جوکر جي رهي آهي..."

اتاولو ٿيندي پڇيو هئائين.

"پوءِ...؟"

"سوچيان ٿو نوڪري ڇڏي ڏيان...!"

"نه نه پائو! هنن حرامي قرن جي ڪري نوڪري نه ڇڏجو. ڏسو نه تا بيروزگاريءَ جي ڪري منهنجي ڪهڙي حالت ٿي آهي؟

مون کيس هڪ نظر ڏنو هو هن وڌيڪ چيو هو.

"بيروزگاريءَ کان بيعزتيءَ واري نوڪري هزار ڀيرا وڌيڪ بهتر آهي. اوهان ان نوڪريءَ ۾ هوندي رڳو ان ڪاليج ۾ رسوا ٿيندا، پر بيروزگاريءَ جي ڪري پنهنجي گهر ۾، پاڙي ۾، مٽن مائٽن ۾ ۽ سڄي سماج ۾ رسوا ٿيندا..."

"ها پائو اوهان صحيح ٿا چئو! پر مان انهن کي ڪيئن منهن ڏيان...؟" ڪاوڙ مان وڪلندي چيو هئائين.

"ازي پائو! ڏوڙ وجهون منهن ۾ هنن حرامي ڦرن تي ايترو چو ٿا سوچيو؟ جيڪي عزتدار گهراڻن جا خانداني ٻار هوندا آهن، اهي ڪڏهن به پنهنجي استادن سان مذاق ۽ مشڪريون نه ڪندا آهن. هو ته استاد کي پنهنجي پيءُ ماءُ جي جاءِ تي محسوس ڪندا آهن. هنن حرامزادن جي رڳن ۾ يا ته رشوت جي پيسن وارو حرام جو خون ٿو ڊوڙي يا وري سندن ئي نوڪرن، ڊرائيورن ۽ بورچين جو..."

هن جي اهڙي ڳالهه ٻڌي حيرانگي مان واتان نڪري ويو هو.

"هان...!!!"

"ها پائو..! اهڙن حرامزادن جا پيئر شراب پي پنهنجين سريتن سان ستا پيا هوندا آهن، ته انهن جون مائرون پنهنجي ڊرائيورن ۽ نوڪرن سان منهن ڪارو ڪرائيندیون وتنديون آهن، اصل پيءُ جا پت پنهنجي استادن سان مذاقون ۽ مشڪريون ڪندا آهن چا...؟"

هن جون ڳالهيون يا ته منهنجي سمجهه کان ٻاهر هيون، يا مون ڄاڻي واڻي سمجهڻ نه پئي چاهيون، مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيتريون ئي پاڪ دامن عورتون به ڏٺيون هيون، ته نفس پرست ۽ عياش عورتون به...

ٿوري ئي وقت کان پوءِ هوٽل تي ڪم ڪندڙ ڇوڪرو اسان اڳيان چانهه جا ٻه ڪوپ رکي ويو هو. چانهه پيئندي منهنجو ذهن الاءِ ڪٿان کان ڪٿي وڃي نڪتو هو جنهن ۾ حيراني ۽ پريشاني کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو.

7

گهر پهچي منجهند جي ماني کائڻ کانپوءِ پنهنجي ڪمري ۾ وڃي ڪٽ تي ليٽي پيو هوس. دل ۾ هڪ عجيب قسم جو ڏک هو. ان ڪري ننڊ ڪرڻ پئي چاهيم. بستر ۾ سمهندي ئي پنهنجي پاڻ کي سولو چڏي ڏنو هوم. ذهن تي ننڊ جا کيپ چڙهي رهيا هئا. اکيون بند ٿي ويون هيون.

شام جو ننڊ مان جاڳ ٿي هئي، تہ بہ بستري تي ئي ليٽيو پيو هوس. ڪجهہ وقت کانپوءِ امان ڪمري ۾ آئي هئي ۽ اچڻ سان ئي پيار مان پچيو هئائين.

"منا! ننڊ مان اٿيو آهين؟"

آرس پچندي کيس جواب ڏنو هو.

"ها امان اٿيو آهيان.."

"منهن ڌوئي اڇ تہ تنهنجي چانهہ ڪٽي اچان.."

"ها امان ڌوئي ٿو اچان..."

پوءِ مان منهن ڌوئڻ ويو هوس. منهن ڌوئي جيئن ئي واش روم مان ٻاهر نڪتو هوس، تہ امان سان گڏ شگو کي بہ ڪمري ۾ ويٺل ڏٺو هوم. مونکي ڏسي هوءَ اٿي بيٺي هئي. اسان هڪٻئي کي السلام عليڪم چئي هٿ ملائي مليا هياسين. پوءِ ڪرسيءَ تي ويهندي پچيو هئائين.

"تنهنجو پهريون هفتو ڪاليج ۾ ڪيئن گذريو...؟"

"جيتوڻيڪ ڪو گهڻو وقت نہ گذريو آهي، پر اسان جي دور ۾ استادن جي وڏي عظمت هئي. هاڻي تہ استاد جو ڪو تقدس ئي نہ رهيو آهي!"

"ها ... تون صحيح ٿو چئين اسان جي دور ۾ استادن جي عزت ۽ عظمت ان ڪري هئي جو ان دور ۾ تعليم هڪ واپار نہ بڻي هئي. استاد ڏنڊوڙي ڪونہ بڻيا هئا.

جيڪڏهن ڪو استاد شام جي وقت ٽيوشن پڙهائيندو هو ته ان کي پارن جي في جي گهٽي لالچ نه هوندي هئي. انهن کي پيسي ڪمائڻ جو حرص نه هوندو هو. استاد سڃائي ۽ محنت سان پارن کي پڙهائيندا هئا. ان ڪري استادن جي عزت ۽ عظمت هوندي هئي. هاڻي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين کان ويندي شخصي طور تي استاد به مڪمل طور تي ڏنڊوڙي بڻجي ويا آهن، جو ته تعليم هڪ عظيم مقصد نه پر واپار بڻجي ويو آهي، سوبه منافع بخش واپار..."

هن جي ڳالهين منهنجو ڌهن ڪولي ڇڏيو هو ۽ مان سوچن ۾ گم ٿي ويو هوس. شگو منهنجو ڏيان پاڻ ڏانهن ڇڪائيندي پڇيو هو.

"ڇا ٿو سوچين منو؟"

"هڪ ڳالهه ياد اچي وئي..."

"ڪهڙي..."

"اها ڏاڍي مشهور ڳالهه آهي ته هڪڙي پيري هڪ بادشاهه پنهنجي پٽن جي استاد کان پڇيو هو ته

"استاد محترم! ڇا اوهان مون کي ٻڌائي سگهندا ته منهنجي بادشاهت ۾ سڀ کان وڌيڪ عزت ڪنهن جي آهي؟"

هن کيس اتي جو اتي جواب ڏنو هو.

"بيشڪ اوهان جي بادشاهه سلامت...!"

هو مرڪيو هو ۽ مرڪندي چيو هئائين.

"نه، منهنجي بادشاهت ۾ سڀ کان وڌيڪ عزت ان شخص جي آهي، جنهن جي جُتي ڪٽڻ لاءِ منهنجا ٻئي پٽ پاڻ ۾ ڊوڙ لڳائيندا آهن."

هن جو اشارو استاد ڏانهن هو."

هن کان بي اختيار نڪري ويو هو.

"واهه...!"

"واقعي اڳي ۽ هاڻي ۾ واضح فرق آهي، هاڻي استادن ۽ ڪاليج جي مالڪن جي اڪثريت تعليم کي عظيم مقصد نه پر واپار سمجهي ٿي. ڪوڙ سارا استاد اهڙا به آهن، جن کي ٻي ڪا نوڪري نه ملي سگهي ته اهي تعليم کاتي ۾ هليا آيا. پرائمري، مڊل ۽ هاءِ اسڪول سطح تي سياسي بنيادن تي نالائق ماڻهن جون فوجون استاد ڪري پرتي ڪيون ويون، جن نه رڳو تعليم جو ٻيڙو ٻوڙيو پر استاد جي تقدس ۽ عظمت کي به وڏو ڇيهو رسايو..."

"ها، تون صحيح ٿو چئين..."

"تڏهن ئي ته سماج تباهه ٿيندو پيو وڃي، هر ادارو ويهجي رهيو آهي. سُڻا ڊاڪٽر ڪونه ٿا پيدا ٿين، سڻا انجنيئر ڪونه ٿا پيدا ٿين، سڻا وڪيل ۽ قانوندان ڪونه ٿا پيدا ٿين، هر پاسي پينگ لڳي پئي آهي."

"ها منوا ڏس نه ڇڳا پلا ماڻهو جي ٿورو بيمار ٿي اسپتال پهچن ٿا ته ڊاڪٽر پنهنجي فيس جي لالچ ۾ انهن کي لوڙائي لوڙائي ٿا مارين. "مرض بڙهتا گيا، جون جون دوا ڪِي" جي مصداق ماڻهو هڪ مان ٻيون بيماريون پرائي ٿو نڪري.."

"بلڪل ايئن ئي آهي شگوا هڪ طرف هو لالچي آهن، ته ٻئي طرف نالائق..."

"مان حيران آهيان ته هو ايڏيون وڏيون ڊگريون ڪيئن ٿا حاصل ڪن...!؟"

"سفارش تي ۽ ٻيا به ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا."

"انجنيئر آهن، ته ڪو ڊنگ جو روڊ نٿا ناهي سگهن، ڪا معياري ۽ مضبوط عمارت نه ٿا ناهي سگهن."

"قانوني ماهر وري اهڙا آهن جو انهن جي "قابليت،" "مهارت" ۽ "سچائي" جي ڪري ماڻهو وڏيرن وٽ وڃي راڄوٽيون ڪن ٿا. انهن جي ڪري جرڳا سسٽم وڏيڪ وحشتناڪ صورتحال اختيار ڪري ورتي آهي."

"بهتر ۽ اعليٰ انسان فقط تعليم سان ئي پيدا ٿي سگهي ٿو ۽ بهتر تعليم فقط استاد ئي مهيا ڪري سگهي ٿو."

"تعليم جي ٻيڑي ٻڏڻ سان سماج جو ٻيڙو ٻڏي ويو آهي. ماڻهن مان ماڻهپو ختم ٿيندو ٿو وڃي. ايمانداري، سچائي، همدردي، احساس، عمل ۽ انسانيت جڙ ٻي دنيا جون ڳالهيون ٿيندیون ٿيون وڃن. ڪو ڪنهن تي پروسو نه ٿو ڪري، ڪو ڪنهن جو هڏ ڏوکي نه ٿو ٿي. ڪو ڪنهن کي سهارو نه ٿو ڏي، هر ماڻهو ٻي جا ترا کيڙڻ ۾ پورو آهي. سماج ۾ وحشت ۽ درندگي وڌندي پئي وڃي. خبر ناهي ته هي سماج ڪٿي وڃي ڇيهه ڪندو...!!!"

"هڪ حساس ماڻهوءَ لاءِ ته هي انساني سماج هڪ جهنگ ۾ بدلجي چڪو آهي، جيڪو ڪنهن جهنم کان گهٽ نه آهي."

ان شام اسان ڪيتري ئي وقت تائين اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪندا رهيا هئاسين، جن اسان جي اندر جي اُڇَلَ کي تيز ڪري ڇڏيو هو.

8

پي ڏينهن صبح جو مان اسيمبلي شروع ٿيڻ کان کجهه وقت اڳ کاليج پهتو هوس. کجهه استاد پهچي چڪا هئا ۽ باقي آهستي آهستي پهچي رهيا هئا. مان کامن هال جي هڪڙي ڪنڊ ۾ ڪرسيءَ تي ويٺي کجهه سوچي رهيو هوس، ته مس صائمه اچي سلام ڪيو هو.

"السلام عليڪم سر!"

"وعليڪم السلام مس!"

"ڪيئن آهيو اوهان...؟"

"الله سائين جي ڪرم سان مان ٺيڪ آهيان."

مان هن کان ڇا پڇان ها، کجهه سمجهه ۾ نه پئي آيو. ان ڪري رسمي طور مرڪي رهيو هوس، هن وڌيڪ ڳالهائڻ شروع ڪيو هو.

"اوهان ايترا حساس آهيو مون کي ان جو اندازو نه هو."

کيس ڇا چوان ها، ان جو جواب سمجهه ۾ نه آيو هو. ان ڪري هن کي صرف ايئن چئي سگهيو هوس.

"بس مس...!"

"اوهان ايترا حساس ٿيندا ته ڪيئن پڙهائي سگهندا؟"

"اوهان صحيح ٿيون چئو مس...! پر..."

"اوهان جي مطالعي ۾ ڪيترائي ڪتاب شامل رهيا آهن. علمي، ادبي، تاريخي، تصوفي ڪتاب وغيره. پوءِ به اوهان پنهنجي پرسنالٽيءَ کي پاور فل نه بڻايو آهي."

"بس مس! مون ٿورا ٿورا ڪتاب پڙهيا آهن، ٻيو مون کي پنهنجي پرسنالٽي سمجهه ۾ نه ايندي آهي، ٻيو ته دنيا ڪتابن ۾ هڪڙي آهي، ۽ حقيقت ۾ پي آهي..."

مس صائمہ جي اهڙي ڳالهہ جي ڪري اداس ٿي ويو هوس. هن کي منهنجي شخصيت جي ايترو جلد پروڙ ڪيئن پئي، سا سوچڻ جهڙي ڳالهہ هئي. هن جي ماڻهوءَ پرکڻ واري حِس شايد گهڻي تيز هئي.

ٻيا ٻہ استاد ٽيچرس ڪامن روم اچي رهيا هئا، جن پري کان ئي سلام پئي ڪيو. ايتري ۾ اسيمبليءَ لاءِ گهنڊ وڳو هو. مس صائمہ چوڻ لڳي هئي.

"اوهان صحيح ٿا چئو واقعي ڪتابي ۽ عملي زندگيءَ ۾ وڏو تضاد آهي. هن دنيا ۾ سيني شين جا ٻٽا معيار آهن، ان ڪري هڪ حساس ماڻهو هتي گهڻو پوڳي ٿو."

پوءِ اسان اسيمبليءَ جي ميدان ڏانهن ويا هئاسين. شاگردياڻيون پنهنجون پنهنجون قطارون ٺاهي بينيون هيون. شاگرد ايان پنهنجي قيمتي ڪچهري ۾ مصروف هئا. جن کي استاد عرض واري انداز ۾ قطارون ٺاهڻ لاءِ چئي رهيا هئا، پر شاگرد پنهنجي پنهنجي من مستي ۾ مصروف هئا. پر پوءِ جڏهن پرنسپل صاحبہ کي اسيمبليءَ لاءِ ايندي ڏٺائون تہ قطارون ٺاهي بيهي رهيا هئا. ڪلام پاڪ سان اسيمبليءَ جي شروعات ٿي. پوءِ حديث، پوءِ ڪنهن ڏاهي جي ڪا چوٽي، پوءِ تقريرون پوءِ اقبال ۽ لطيف جا شعر ۽ ڪڏهن ڪڏهن آخر ۾ پرنسپل تہ ڪڏهن ڪنهن استاد جي ناصحانہ تقرير... جن ۾ جڙتو ڏهانت کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ هو. مون سوچيو پئي. اٺڻ ويهڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ، شعرو شاعري، مذهب، ماڻهپي ۽ انسانيت جا عظيم سبق اسان جي لوڪ ڏاهپ ۾ سمايل آهن. جيڪڏهن تقريرون وغيره صرف ڪنهن پروگرام لاءِ ياد ڪبيون تہ پروگرام کان پوءِ ئي وسري ويندیون، ۽ انهن جو ڪو خاص ڪڙتيل نہ نڪرندو. اسان جي سکيا وڏڙن ۽ وڏڙين جي ٻڌايل لوڪ آکاڻين، قصن، ڪهاڻين، لطيف سائين جي بيتن، پهاڪن ۽ چوٽين ذريعي ٿي آهي، ۽ تڏهن اسان جي شخصيت ۾ سنجيدگيءَ جو عنصر سمايل آهي. جڏهن تہ موجوده ٿهي ان ايڏي وڏي عظيم ورثي کان وانجهيل آهي، تڏهن ان ۾ غير سنجيدگي ۽ ترڙائپ جو عنصر گهڻو آهي.

اسيمبلي ختم ٿيڻ کان پوءِ استادن جي ويهڻ واري ڪمري ڏانهن پئي ويس تہ ڪنهن پٽيان سلام ڪيو هو.

"السلام عليڪم سر...!"

ٿورو آهستي ٿي پٽيان ڏٺو هوم تہ پهرين ڪلاس واري شاگرديائي هئي. سندس سلام جو جواب ڏيندي چيو هوم.

"وعليڪم السلام بابا..!"

"سر! ان ڏينهن اوهان پنهنجي ليڪچر ۾ ڏاڍيون سڀيون ڳالهيون ٻڌايون. مان گهٽي وقت تائين انهن ڳالهين تي سوچيندي رهي آهيان..."

مون پهريون پيرو ڪيس سنجيدگيءَ سان ڏٺو هو. هوءَ ڏاڍي اعتماد ۽ معصوميت سان ڳالهائي رهي هئي.

"سر! اسان جي ڪلاسن ۾ به رڳو نصابي ڳالهيون ٿين ٿيون. ان ڪري به ماٺهو ڏگري يافته جاهل ٿيندا ٿا وڃن..."

"اوهان صحيح ٿا چئو بابا...! جيتوڻيڪ اسان جي سليبس ۾ ڪيترائي اعليٰ آدرشي سبق به سمايل آهن، پر پڙهڻ ۽ پڙهائڻ وارن جي عدم دلچسپيءَ سبب انهن مان ڪجهه به هڙ حاصل نه ٿو ٿئي..."

"جي سر! اوهان صحيح ٿا چئو. پر جيڪڏهن ڪو پڙهائڻ وارو سڀ ۽ اعتماد واري انداز ۾ پڙهائيندو ته گهٽ ۾ گهٽ ڪلاس جا محنتي ۽ هوشيار شاگرد ان مان ضرور لاڀ حاصل ڪندا..."

"ها اوهان صحيح ٿا چئو بابا..!"

ايتري ۾ استاد مسٽر رول تي صحيحون ڪري پنهنجي پنهنجي ڪلاس ڏانهن وڃڻ لڳا هئا. اهو ڏسي مون ڪيس چيو هو.

"هاڻي اوهان جي ڪلاس جو ٽائيم ٿي ويو آهي..."

ان به ٽڪ ۾ چيو هو.

"جي جي... جي سر!"

مان مسٽر رول تي صحيح ڪري رهيو هوس، ته مس صائمه جو آواز منهنجي ڪنن تائين پهتو هو.

"ماريا ڏاڍي سڀي شاگرديااڻي اٿو..!"

صحيح ڪرڻ کانپوءِ مون مسڪرائي مس صائمه ڏانهن ڏٺو هو ۽ ڪائنس پڇيو هوم.

"ان شاگرديااڻيءَ جو نالو ماريا آهي...؟"

"جي ها، ڏاڍي لائق شاگرديااڻي آهي..."

"سڀني خانداني هار ٿي لڳي..."

"ها، بلڪل هوءَ هڪ پروفيسر جي ڏيءَ آهي..."

مون صرف مسڪرايو هو. هن وڌيڪ ٻڌايو هو.

"هڪ پيري هن ٻڌايو هو ته هنن جي خاندان ۾ استاد کي وڏي عزت ۽ عظمت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو آهي."

"تڏهن ئي ته ان خاندان جي هارن جا اهڙا سڀا اخلاق آهن..."

اهو ڇئي مان استادن واري پاسي رکيل ڪرسين تي وڃي وينو هوس. جيتوڻيڪ مس صائمہ سڀي ڇوڪري لڳي رهي هئي، پر اهڙين سڀين ڇوڪرين جي اوچتي تبديليءَ واري حالت جي ڪري مان ساڻس وڌيڪ دوستيءَ يا ڪنهن بہ ٻي تعلق کان ڌڃي رهيو هوس. مس صائمہ مون ڏانهن ڏسي رهي هئي، مون هن ڏانهن توجهہ نہ ڏني ڇاهي، ان ڪري ٻارهين درجي وارو سندس لازميءَ جو درسي ڪتاب کولي ان جي سبقن جي فهرست کي ڏسڻ لڳو هوس ۽ لاشعوري طور تي ورق ورائي اڳئين صفحي تي ڏسڻ شروع ڪيو هوم. ان جي مٿان مٿان سيپ کان اڳ ۾ بسم الله الرحمان الرحيم لکيل هئي، ۽ ان جي هيٺان وڏن اکرن ۾ لکيل هو "قومي جذبو ۽ قومي اخلاق." مون نہ چاهيندي بہ هر ويرو ان سبق کي پڙهڻ شروع ڪيو هو جنهن جي شروعات ۾ سبق جي ليکڪ حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جو تعارف ڏنل هو. مان مٿئين دل سان پڙهندو پئي ويم. پوءِ سبق جي ٽلهہ کي پڙهڻ شروع ڪيو هوم. هيٺيون ستون پڙهڻ کان پوءِ هنن ستن پنهنجي طرف ڌيان ڇڪايو هو.

"اهڙو نرالو يا نڪ نرڇو انسان ڪو مشڪل سان ملندو جنهن کي مٿي مائٿي ۽ قرب قرابت جو جذبو نہ هوندو ڇو تہ اهو جذبو انسان جي پيدائشي خاصيت آهي. انهيءَ قدرتي جذبي جي ڪري پنهنجي ڪنهن عزيز يا مائٽ کي ظلم ۽ مصيبت، عذاب ۽ عقوبت ۾ ڏسي بي اختيار انسانن جو رت جوش ۾ اچي ويندو آهي، ۽ غيرت ۽ مائٿيءَ جو جذبو اڏما ڪائي نڪرندو آهي. جڏهن هڪڙو انسان پنهنجي ڪنهن عزيز کي بيڪس ۽ بيوس، ستايل ۽ مظلوم ڏسندو آهي ۽ ڏسندو آهي تہ هن تي بيجا ناانصافي ۽ بيواجبي، ظلم ۽ عذاب ٿي رهيا آهن، تہ قدرتي طرح هن جي دل کي ڇُهبو ايندو ۽ ساهہ کي صدمو پهچندو آهي. جنهن ڪري هن مظلوم مائٽ کي بچائڻ لاءِ هو مصيبت جي مڇ ۾ ٽپي پوندو آهي ۽ سر ۽ ساهہ جو سانگو ڪونہ ڪندو آهي. ايترو تہ سيپ ڪنهن عزيز کي جذبو جاڳندو جو پنهنجي مظلوم عزيز کي عذاب ۽ عقوبت ۾ ڦاٿل ڏسي، بي اختيار دل ۾ ڪاوڙهندو ۽ خواهش ڪندو تہ هاءِ جو هي منهنجو عزيز هن مصيبت ۾ مبتلا آهي، هاءِ! ڪنهن بہ طرح شل قادر ڪريم هن مصيبت کان هن کي ڇڏائي! پر جيڪڏهن ويجهي مائٿي آهي ۽ ٻنهي جو رت هڪڙو ئي آهي تہ پوءِ پنهنجي مظلوم ياءُ کي بچائڻ وارو جذبو گهٽي جوش سان جاڳڻ لڳندو ۽ رت وڌيڪ تهڪندو..."

سبق جي ان حصي کي منهنجو ڌيان مڪمل طور تي پاڻ ڏانهن ڇڪائي ڇڏيو هو. ان ڪري هڪ دفعو وري ان کي پڙهيو هوم، ۽ لاشعوري طور تي هڪ طنزيہ مرڪ ڇڏائجي وئي هئي ۽ بي اختيار طور تي هڪ جملو ڳالهائجي ويو هو.

"ڪهڙي دور جون ٻيا ڳالهيون ڪيو سيوهاڻي صاحب...!؟"

ورق کي پوئتي ڪندي حڪيم فتح محمد سيوهاڻي صاحب جي تعارف کي ڏسڻ لڳو هوم. هو صاحب 1942ع ۾ وفات ڪري چڪو هو. لڳ ڀڳ مني صدي اڳ. ڪتاب بند ڪري ڪرسيءَ کي ٽيڪ لڳائي ڇڏي هيم. اکيون ڇت ۾ ڪپي ويون هيون. مان پنهنجي سوچن ئي سوچن ۾ ان سبق جي ليڪ سان ڳالهائڻ لڳو هوم.

"سيوهڻي صاحب! اوهان جنهن دور ۾ ڄاوا هوندا، برابر اهو پلارو دور هوندو. ان دور جا گهڻي ڀاڱي اڪثريتي ماڻهو اهڙا ئي هوندا. جهڙا اوهان ان سبق ۾ ڄاڻايا آهن. ان دور جي ماڻهن جي جيءَ کي ان وقت جهڙو ضرور ايندو هوندو. جڏهن هو پنهنجي ڪنهن عزيز کي بيڪس ۽ بيوس، ستايل ۽ مظلوم ڏسندا هوندا. ڪيس مصيبت ۾ مبتلا ڏسي هاءِ هاءِ ڪندا هوندا ۽ قادر ڪريم کان دعائون گهري سندس نجات لاءِ ٻاڏائيندا هوندا. ۽ سيوهاڻي صاحب! جنهن بدنصيب دور ۾ اسان ڄاوا آهيون ان ۾ انتهائي خصيص ۽ معمولي مايا لاءِ، تمام ٿوريڙي ڌن دولت لاءِ، ذرڙي پلاٽ لاءِ، ويسا ۽ ويسا زمين لاءِ ياءُ، ياءُ جو خون ٿو وهائي، پٽ پيءُ کي ماري ٿو ڪڍي، ايتري تائين جو ڪيترن ئي پيئرن کي پنهنجي اولاد تي ڪهل ڪانه ٿي اچي. رت جي رشتن ۾ به باهه پئي ٻري، ڪوبه ڪنهن کي خوش نه ٿو ڏسي سگهي. سيوهاڻي صاحب! اڄ جيڪڏهن ڪو ڪنهن جي ظلم جو شڪار ٿئي ٿو ته سڀ ڪان وڌيڪ خوش ئي ان جو عزيز ٿئي ٿو ته ٿورا پادر لڳنس ته خبر پئيس، پاڻ کي الاءِ ڇا ٿو سمجهي. ٿورو هَڻُ مريس ته جهڪي هلي... سيوهاڻي صاحب! اڄ جي دور ۾ ٻيو ته ڇڏيو پر ڪو مائٽ ڪنهن عزيز کي اڇي لٽي ۾، مڇي ماني کائيندي ڏسي ٿو ته به ڪانئس اهو سٺو نه ٿو ٿئي، ۽ ساڻ جي باهه ۾ جلندو ٿو رهي، ته ڪلهو ڪو ڏينهن آهي، هن کي پني ٽڪر نه ملندو هو هن جا وڏا ڏڪا ٽاپا کائيندي مري ويا، هاڻي هي وري اڇي اهڙا چڱا مڙس ٽپا آهن، جو اسان جي سامهون اهڙا صاحب ٿي ٽا هلن...!! انهيءَ ئي نفرت ۽ ساڻ جي باهه ۾ ٻائپيءَ ۽ برادريءَ کي ساڻي رک ڪري ڇڏيو آهي."

بيچيني ٿي رهي هئي، جا وڏندي پئي وئي، مان دل ئي دل ۾ وڌيڪ ڳالهائي رهيو هوس.

"الاءِ ته چا پيو ٿيندو وڃي دنيا ڪئي سيوهاڻي صاحب الاءِ ته چا پيو ٿيندو وڃي!؟ هڪڙي پاسي پائرن مان پائپي نڪرندي ٿي وڃي ته ٻي پاسي ماڻهن مان ماڻهپو. ڪو ڪنهن جو ناهي، رشتا ناتا سڀ بي معنيٰ ٿي ويا آهن..."

سوچن جو تيز سلسلو الاءِ ڪٿي وڃي پهتو هو. بيچيني وڌي وئي هئي. مون اکيون بند ڪري ڪرسيءَ کي ٽيڪ لڳائي ڇڏي هئي. دل جو ڌڙڪو وڌي ويو هو. رڳون چڪجي ويون هيون. مان ان بيقرار ڪيفيت ۾ پنهنجي زوال پذير سماج تي سوچي رهيو هوس. جنهن ۾ اسان جي سماج جا بهتر ۽ روشن خيال پاسا هڪ

هڪ ٽي تباهه ٿيندا پئي ويا. ڪٿي آهي اڄ اسان جي سماج جي روايتي سهپ ۽ رواداري؟ ڪٿي آهي اسان جي سماج جي ثقافتي عاجزي ۽ انڪساري؟ ڪٿي آهي اڄ اسان جي سماج جي سماجي پنهنجائپ ۽ پائپي؟! ۽ ڪٿي آهي اڄ اسان جي سماج جي انساني ميٽ ۽ محبت؟ مان انهن ئي سوچن ۾ هوس ته ڪجهه وقت کان پوءِ اوچتو گهنڊ وڄو هو. گهنڊ وڄڻ سان اکيون ڪلي ويون هيون، ۽ مون پنهنجي ٽيچرس ڊائري ۾ ٽائيم ٽيبل ڏٺي هئي.

مون کي پنهنجو ڪلاس وڃڻ وڃڻو هو. سوچي رهيو هوس شاگرد پڙهڻ ئي نه ٿا چاهين، ته مان انهن کي ڪيئن پڙهائيندس؟ پريشاني وڌي وئي هئي. مان ڪلاس روم ڏانهن ايئن وڃي رهيو هوس، جيئن ڪو سپاهي جنگ جي ميدان ڏانهن ويندو آهي ۽ ڪيس پنهنجي هارجڻ ۽ مارجڻ جي پوري پڪ هوندي آهي.

9

ڪلاس پورو ٿيو هو ته ٽيچرس ڪامن روم هليو ويو هوس، ۽ وڃي استادن واري پاسي هڪ خالي پيل سيٽ تي ويهي رهيو هوس.

ڪجھ ئي منٽن کان پوءِ پٽيوالو پاٽيءَ جو گلاس پري کڻي آيو هو. ڪائنس اهو پاٽيءَ جو پريل گلاس ونندي چيو هوم.

"مهرباني ادا..."

هو مسڪرائي وڃي رهيو هو ته هن کي منهنجي پرسان ويٺل هڪ استاد چيو هو.

"يار جلدي چانھ کڻي اچ! نياڳن چورن سان متو هٽي هٽي دماغ ٿو ڦاتي..."

هن جي ڳالھ منهنجي ذهن ۾ ڦرڙ لڳي هئي ۽ نياڳن چورن وارن انهن ٻن لفظن تي سوچي مرڪي ويٺو هوس. پٽيوالو ويچارو جلدي وڃي چانھ جي ڪوپن سان پريل ڊيش کڻي آيو هو. اڌ ڪلاڪ جي چانھ جي وقفي کانپوءِ وري استاد پنهنجا پنهنجا پيرڊ وٺڻ ويا هئا. مان پنهنجي ڪرسي تي ويٺو هوس. مس صائمہ اچي چيو هو.

"سر منصور!"

ڏانهنس ڏسندي چيو هوم.

"جي مس!"

"مون پنهنجي شاگردن کان ڪلاس ٽيسٽ ورتي هئي، ان جو رزلٽ شيٽ تي چاڙهائيندو؟"

"جي مس...!"

"ٽينڪس."

پوءِ اسان استادياڻين واري پاسي وڃي ڪرسين تي ويٺا هئاسين. مس صائمہ پڇيو هو.

"اوهان جو ڪلاس ڪيئن رهيو...؟"

"شاگردياڻين ۽ ٽورن ڪن شاگردن کانسواءِ باقي سڄو ڪلاس پڙهڻ نه ٿو چاهي...!!"

"نيڪ آهي جيڪي پڙهڻ چاهين تا، انهن تي ئي فوڪس ڪيو، ٻين تي ڌيان نه ڏيو..."

"ها، ايئن ئي ڪرٽو پوندو..."

"ٽوري دير اڳ اوهان کهڙي ڳالهه تي مرڪيا...؟"

"هُن سر شاگردن لاءِ نياڳن ڇورن وارا لفظ استعمال ڪيا، ان تي طنزيه مرڪي ويٺس..."

هوءَ به مرڪي ويٺي هئي، مان وڌيڪ ڳالهائڻ لڳو هوس.

"جيڪڏهن هو نياڳا ڇورا هوندا تہ پوءِ هنن جا ماءُ پيءُ ڪيئن سياڳا چئبا...!؟"

هوءَ سوچڻ لڳي هئي ۽ سوچيندي چيو هئائين.

"ها، اوهان صحيح ٿا چئو..."

"۽ اسان ڪيئن خوشنصيب چئبا سين، جن کي ههڙا شاگرد پلئه پيا آهن...!؟"

هوءَ مونکي سنجيدگيءَ سان ڏسڻ لڳي هئي. مون وڌيڪ ڳالهائڻ شروع ڪيو هو.

"جن ادارن ۾ اهڙا شاگرد وڃي نوڪريون ڪندا، پوءِ انهن جو کهڙو حشر ٿيندو ۽ اهي ادارا ڪيئن خوشنصيب چئبا...؟"

"ها، ۽ جن ڇوڪرين سان انهن جون شاديون ٿيندیون، اهي ڪيئن خوشنصيب چئبيون...؟"

"دراصل ڪنهن ڪنهن معاشري تي بدنصيب دور اچي ڪڙڪندو آهي، ۽ ان جا سڀ فرد ڪنهن نه ڪنهن نه بدنصيبي جو شڪار ٿي ويندا آهن. اسان جي معاشري ۾ به ساڳي بدنصيبي وارو دور هلي رهيو آهي..."

"ان ڪري اسان اخلاقي حوالي کان پستين ۾ ڪِري پيا آهيون. سماج ۾ انارڪي پکڙجي چڪي آهي، سڀ ڇڙوڇڙ ٿي ويا آهيون ۽ پنهنجو پاڻ کي ٻين کان مٿانهون سمجهي ٻين کي هينانهون ۽ نيچ سمجهڻ لڳا آهيون..."

مان ڳالهائيندي ڳالهائيندي چپ ٿي ويو هوس. هوءَ مون کي نماڻين اکين سان ڏسڻ لڳي هئي ۽ افسوس مان چيو هئائين.

"تڏهن تہ رشتن جو تقدس ئي ختم ٿي ويو آهي، ڪوبہ ڪنهن به رشتي جو لحاظ نه ٿو ڪري. اڄ جي اخبار پڙهي هوندي نه اوهان...؟"

"..."

"هن اڏاوت عمر جي هيڊ ماستر کي شرم نہ پئي آيو جنهن پرائمري جي معصوم شاگردياڻيءَ کي پنهنجي آفيس جو در بند ڪري پنهنجي جنسي حوس جو نشانو بنايو..."

اهو ٻڌي ڊپريشن ٿيڻ لڳي هئي.

"هن معصوم ايتريون تہ رڙيون ڪيون جو سڄي اسڪول جا ٻار هن جي آفيس جي ٻاهران گڏ ٿي ويا ۽ هو ان ننڍڙيءَ کي بيهوشيءَ واري حالت ۾ ڇڏي فرار ٿي ويو..."

منهنجي ٻيچيني وڌي وئي هئي. مون چيو هو.

"هي انساني سماج هڪ وحشي سماج ۾ تبديل ٿي چڪو آهي. ماڻهن مان احساس ختم ٿي ويو آهي. منجهن ساڳي حيوانن واري وحشت سمائجي وئي آهي..."

منهنجي حالت اهڙي نہ رهي هئي، جو وڌيڪ ڪجهہ ڳالهائي سگهان ها. ان ڪري مس صائمہ مونکي شاگردن جا نالا ۽ مارڪون ٻڌائڻ شروع ڪيون هيون ۽ مان اهي رزلٽ شيٽ تي لکڻ لڳو هوس.

ان ننڍڙي معصوم جون افسوس، حيرت ۽ خوف ۾ ڦاٽل اکيون هر هر منهنجي اکين جي سامهون اچي رهيون هيون، جنهن جي ڪري هڪ ذهني ۽ دلي ڪرب ۾ ويڙجي ويو هوس.

10

ڪاليج ڪان موڪل ٿي هئي، تہ ستو گھر جو رخ رکيو ھوم. ۽ ماني کائي ننڊ ڪرڻ چاھي ھيم پر بجلي جي اچ وچ جي ڪري صحيح طرح ننڊ بہ نہ پئي آئي. شام ٿي هئي تہ شگو جي فون آئي هئي. پڇيو هئائين.

"ڪيئن آهين...؟"

"ٺيڪ آهيان، تون ٻڌاءِ..."

"مان بہ ٺيڪ آهيان."

"ٻيو ٻڌاءِ، وقت ڪيئن پيو گذري؟"

"اسان گھريلو عورتن جو وقت گھر جي ڪمن ڪارين ۾ ئي گذري ويندو آهي..."

"سڻو آهي."

اوچتو ياد پيو هو تہ ڪجھ ڏينهن اڳ ۾ شگو جي نانيَ گذاري وئي هئي. مون ساڻس رسمي طور ڏک جو اظهار ڪندي چيو هو.

"شگوا تنهنجي نانيءَ جي وفات جو ٻڌي ڏاڍو افسوس ٿيو..."

"ها..."

هوءَ چپ ٿي وئي هئي، سندس دل جا ڏکائتا احساس سندس ساهن مان ظاهر ٿي پيا هئا. هن ڏکاري انداز ۾ چيو هو.

"هيءَ زندگي بہ ڏاڍي عجيب آهي..."

مونکان لاشعوري طور پڇجي ويو هو.

"ڇو...؟"

"بس... ڏس نا انسان ننڍڙو آهي، تہ ان کي وڏي ٿيڻ جي خواهش آهي. وڏو ٿئي تہ شادي ڪرڻ جي خواهش جنم وٺيس ٿي. وڏا ٿيا کٹا ڏئي شادي ڪري ٿو تہ اولاد جي خواهش جنم وٺيس ٿي. ۽ هو ان خواهش جي پوراءَ لاءِ ڪيڏا نہ جتن ٿو

ڪري. پيرن تي ٻاسون ٻاسڻ ڪان وٺي فقيرن ۽ درويشن کان دعائون گهرائڻ تائين ۽ عام نسخن کان ويندي ڊاڪٽرن جي مشورن ۽ علاج تائين، اولاد جي حاصلات لاءِ ماڻهو ڇا نه ٿو ڪري؟ ۽ پوءِ جڏهن ان کي اولاد ٿئي ٿي ته هو ڪيڏو نه خوش ٿو ٿئي. ان خوشيءَ ۾ مٽايون ٿو ورهائي، ڇٺيءَ جي ماني ٿو ڪري، پنهنجي ٻار جي وجود ۾ پنهنجو وجود ٿو محسوس ڪري، ان جي وڏي لاڏ ڪوڏ سان پرورش ٿو ڪري، پنهنجي اولاد جي ڪري سخت پورهيا ٿو ڪري ته جيئن ان جي اولاد کي ڪا ڏکيائي محسوس نه ٿئي ۽ سندس ٻار سڻي کان سڻي نموني زندگي گذارين، هر وقت خوش ۽ سکيا هجن."

شگو مسلسل ڳالهائي رهي هئي، مان کيس خاموشي سان ٻڌي رهيو هوس ۽ هن جي ڏکاري احساسن کي محسوس ڪري رهيو هوس. هوءَ ڏک ۽ سنجيدگيءَ مان وڌيڪ ڳالهائي رهي هئي.

"هڪ ماءُ جڏهن نون مهينن تائين پنهنجي ٻار کي پنهنجي پيٽ ۾ سانڍي ٿي. وڏي خيال سان ان جي سنڀال ٿي ڪري، هوءَ پنهنجي هر هڪ وک آهستگيءَ سان ٿي کڻي ته کٽي پيٽ ۾ ٻار کي لوڏو نه اچي ويجي. ڪيترن وڻن سورن مان گذري پنهنجي ٻار کي جنم ٿي ڏئي. ڪيڏيءَ وڏيءَ سنڀال سان ٻار جي پرورش ٿي ڪري، ان جا گونهه مٽ ڏوئي ٿي۽ ٻيا املهه قسم جا پيار جا پورهيا ڪري ٿي، جنهن جو ڪوبه ملهه نه ٿو لڳائي سگهجي، جنهن جي ڪابه قيمت مقرر نه ٿي ڪري سگهجي..."

هو ڳالهائيندي ڳالهائيندي جذباتي ٿي وئي هئي. شگو جي ڳالهين مان مون اندازو لڳائي ورتو هو ته سندس نانيءَ سان سندس اولاد جو ورتاءُ ٺيڪ نه رهيو هوندو هن وڌيڪ ڳالهائڻ شروع ڪيو هو.

"پوءِ جڏهن اها اولاد وڏي ٿئي ٿي ته ڇا ٿي ڏئي پنهنجي ماءُ پيءُ کي...!؟ کهڙو صلو ٿو ملي ماءُ پيءُ کي انهن جي اهڙين عظيم قربانين جو...!؟ هنن جي راتين جي اوجاڳن جو...!؟"

مون کي ياد اچي رهيو هو هڪ ڀيري امان مون کي ٻڌايو هو ته مان سرءُ جي موسم ۾ ڄائو هوس، امان سڄي سڄي رات ان کي جاڳي گذاريندي هئي ته کٽي مونکي مڇر چڪ نه پائي. شگو وڌيڪ ڳالهائڻ لڳي هئي.

"مونکي سمجهه ۾ نه ٿو اچي منصور! ته پوءِ اها ماءُ جنهن جي پيٽ مان انهن جنم ورتو هوندو آهي، اهوئي پيءُ جن جي رت مان هنن جو وجود ٺهيو هوندو آهي، اهي پنهنجي اولاد تي ڪيئن ٻار ٿي پوندا آهن...!!!؟؟"

هڪ لمحي لاءِ خاموشي ڇائنجي وئي هئي.

"تون صحيح ٿي چئين شگو...! جڏهن ته اهو گهر به سندس ئي ماءُ پيءُ جو هوندو آهي. جنهن ۾ هو پنهنجي ماءُ پيءُ کي رهائڻ پسند ناهن ڪندا. انهن جي ئي ملڪيت جا پيسا انهن تي خرچ ڪرڻ ناهن چاهيندا. جيڪا ملڪيت هنن ذرو ذرو ڪري گڏ ڪئي هوندي آهي..."

"اهوئي ته منصور...! اهوئي ته...! مان اهو ٿي پڇڻ چاهيان ته آخر ايئن ڇو آهي...؟"

"بس شگو ماٺهو ڏاڍو خود غرض جانور آهي... خود غرض ۽ بيحس..."

"توکي خبر آهي منصور! منهنجي نائي ڪروڙين رپين جي ملڪيت ناهي هئي ته جيئن هن جي زال ۽ ٻارن کي ڪا تڪليف نه ٿئي. مرڻ وقت به هن پنهنجي پٽن کي چيو هو ته مان وڃان ٿو پر پٽيان پنهنجي نشاني ڇڏيون ٿو وڃان. هوءَ اوهان جي ماءُ آهي. هن جو خيال رکجو! پر هنن ان جو ڪوبه خيال نه رکيو! هوءَ پنهنجي ئي گهر ۾ پنهنجي ئي اولاد تي بار ٿي پئي. هن جا پوٽا ۽ پوٽيون هن کي چوندا هئا. ته تنهنجو اسان ٽيڪو ڪنيو آهي ڇا؟ ويڇي پنهنجي ڪراچي واري پٽ وٽ ڇونه ٿي رهين؟

هوءَ وڏي جُڳَ جي عورت هئي. ڏڪ پچائي ويندي هئي ۽ ڪين مسڪرائي چوندي هئي. هيءُ گهر منهنجي مڙس جو آهي. مان ڪاوان پنهنجي مڙس جي ملڪيت مان ٿي. اوهان جي پيءُ جي گهران نه ٿي ڪاوان. مان گهر ڇو ڇڏي وڃان...؟"

هو ان جا ويچارا ڪيندا هليا ويندا هئا. منهنجي نائي ويچاري پنهنجي زندگيءَ جا ڏينهن وئي پئي پورا ڪندي. هن کي اندر ئي اندر ۾ اهو ارمان کائيندو پئي ويو ته جن پٽن تي هن ساهَ صدقو پئي ڪيا. جن نُنهُن سان هن ڪڏهن ٻاڙو نه ولليو. جن پوٽن پوٽين کي ساهن تي پالي. جيءَ ۾ جايون ڏنيون. اڄ منهنجو وجود نهن تي ئي بار ٿي پيو آهي! هوءَ سوچي سوچي دل ۽ بلڊ پريشر جي مريض بڻجي ئي. انهن ئي سوچن ۾ هڪ ڏينهن هن کي برين هيمريج ٿي پيو. کيس اسپتال ڪٽائي ويا. هوءَ ڪوما ۾ هلي وئي. ڊاڪٽرن هن جي بچڻ جي اميد گهٽ ڏيکاري. ڏهن مٽ مائٽ منهنجي نائيءَ کي پڇڻ پئي ويا ته انهن کي ڏيکارڻ لاءِ هنن نائيءَ جي خدمت ڪرڻ ۽ ڪوما ۾ وڃڻ جي ڏک جو ڊونگ پئي ڪيو ته جيئن مائٽ چون ۽ واهه جي ڪرائيءَ جي خدمت ڪيائون ۽ ان جو ڪين وڏو ڏک آهي. هنن سمجهيو ۽ نائي ڪانه بچندي ۽ ڪجهه ڏينهن ۾ دم ڏٽيءَ حوالي ڪندي. پر قدرت کي ڪجهه ٻيو منظور هو. نائي ان بيماريءَ واري حادثي مان چڙهي هلي. سيني جا ترا ڳجي ويا. نائي کي ڪجهه ڏينهن کان پوءِ گهر وٽي آيا. هن جي صحت بهتر ٿيڻ لڳي ئي. ته هن پنهنجين پوٽين جون ڳالهيون ٻڌيون.

"هر ايندڙ ويندڙ مت مائٽ جي سامهون ڏک جي ڪيڏي اداڪاري ڪئيسين، هڪ اميد هئي ته پوڙهي جاڙ مئي، پر هوءَ نه مئي...!!!"

"ارڙي تون چا ٿي سمجهين ته هوءَ ايڏو جلدي مرندي، هوءَ اسان سيني کي ماري پوءِ مرندي، ايئن نه مرندي."

"بابا وارن ته مٽان سائي چادر وجهرائي سوره ياسين به پڙهرايس ته جيئن ساهه نڪري وڃيس، پر تڏهن به نه مُئي..."

هوءَ پنهنجي پوٽين جون اهي ڳالهيون ٻڌي، صفا دلگير ٿي وئي ۽ سوچڻ لڳي ته ڪاش اسپتال ۾ ئي مري وڃان ها...! پوءِ هوءَ ويچاري نه مري سگهڻ جي ڏک ۾ هارٽ اٽيڪ ۾ مري وئي.

شگو جون اهي ڳالهيون ٻڌي محسوس ٿيو هو ته ماٺهو پيدائشي طور خود غرض ۽ مطلبي آهي. هن جي حساسيت رڳو سندس ذات لاءِ آهي، سيني لاءِ نه آهي. مون کيس پنهنجائپ ۽ آٿت واري احساس مان چيو هو.

"ان ڪري ئي شگو منهنجي دل شادي ڪرڻ تي ئي نه چوندي آهي."

هوءَ مونکي پنهنجائپ مان ٻڌڻ لڳي هئي. مون وڌيڪ چيو هو.

"منهنجي خواهش آهي ته جيڪڏهن مون تي ڪاڙپ اچي ته منهنجي صحت سڻي هجي، ايتري سڻي جو مونکي ڪنهن سهاري جي ضرورت نه هجي. مان پنهنجو پاڻ اٿي ۽ گهمي ڦري سگهان ۽ ڪنهن جو محتاج ٿي مرڻ کان سواءِ بي محتاجيءَ ۾ مري وڃان..."

"ها منصور! تون صحيح ٿو چئين، ڪنهن به قسم جي محتاجي ماٺهوءَ لاءِ وڏي کان وڏي ذلالت هوندي آهي..."

"ان وقت ماٺهوءَ جي بيوسيءَ ۾ ڏاڍي رحم جوڳي حالت ٿيندي آهي. هو پنهنجو پاڻ کي ڏاڍو حقير سمجهندو آهي. ماٺهوءَ کي اها ڪيفيت صفا کائي رکندي آهي..."

هن کان سوچيندي نڪري ويو هو.

"ها...!!!"

مون هڪ غمناڪ مرڪ سان پنهنجيءَ دل ۾ ڳالهايو هو.

"دنيا جي سيني جانورن جي وحشت، جبلت ۽ فطرت کي هڪ هڪ ڪتاب ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو پر اي حضرت انسان! دنيا جي هزارين يونيورسٽين جا استاد، سماج ۽ نفسيات جي شعبن جا ماهر، هزارين ڪتاب لکڻ ۽ پڙهڻ کان پوءِ به تنهنجي فطرت کي نه سمجهي سگهيا آهن... تون هر سمجهه کان ڏکيو آهين اي حضرت انسان! توکي ڪوبه سمجهي نه سگهندو...!!"

11

ٻئي ڏينهن صبح جو ڪاليج جي اسيمبليءَ ۾ بيٺو هوس، ته شاگردياڻين جي قطارن واري پاسي کان ڪنهن جون نظرون پنهنجي اکين ۾ ڪپندي محسوس ٿيون هيون. اوچتو ان پاسي ڏانو هوم، ته ماريا ٽڪ ٻڌي ڏسندي نظر آئي هئي. هن جي منهن تي عجيب قسم جي مرڪ ۽ سنڊس اکين ۾ عجيب قسم جي چمڪ هئي. مون جڏهن ٽورو ڇرڪي هن ڏانهن ڏانو هو ته سنڊس مرڪ وڌيڪ گهري ٿي وئي هئي. اکين سان گڏ هن جا ڏند ۽ چپ به چمڪي پيا هئا. مان ڪيس هڪ نظر ڏسڻ کان پوءِ وڌيڪ سنجيده ٿي ويو هوس، ۽ هن جي اهڙيءَ طرح ڏسڻ تي سوچي رهيو هوس. مون سوچيو پئي ته هڪ سٺو استاد پنهنجي شاگردن لاءِ هميشه اتساهڪ ۽ وٽندڙ شخصيت رهندو آهي. شايد ان ڪري ئي ماريا مونکي اهڙي قسم جي پنهنجائپ مان ڏسي رهي آهي. پر هن جو اهڙي طرح ڏسڻ جو سلسلو ڏينهون ڏينهن وڌندو پئي ويو ۽ هوءَ مون کي اهڙي طرح ڏسڻ لڳندي هئي، جو هن کان ڪاليج جو ماحول ته ڇا! هي دنيا جهان ئي وسري ويندو هو. ان وقت هن جي اکين ۽ چهري جي چمڪ وڌي ويندي هئي، ۽ خوشيءَ ۾ ٻهڪڻ لڳندي هئي. هڪڙي ڏينهن موڪل ملڻ کانپوءِ هوءَ ٽيچرس ڪامن روم جي ٻاهران اچي بيٺي هئي، ۽ پٽيوالي کي مون کي سڏڻ لاءِ موڪليو هئائين. جيتوڻيڪ هن ڏانهن ويندي مون کي ڏاڍو عجيب به لڳي رهيو هو پر مان هن ڏانهن وڌي ويو هوس. هوءَ ڪامن هال جي دروازي جي بلڪل پرسان بيٺي هئي. مان جيئن دروازي جي پرسان پهتو هوس ته هن مرڪندي سلام ڪيو هو.

"السلام عليڪم سرا!"

مون هن جي مرڪندڙ ۽ ٻُڌندڙ چهري کي هڪ نظر ڏسي سنجيده ٿيندي جواب ڏنو هو.

"وعليڪم السلام بابا...!"

هن تڪڙ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو هو.

"او سر! مونکي ڪٽڻ لاءِ ايجان رڪشہ نہ آيوآهي. سڀ چوڪريون هليون ويون آهن. اڪيلو بيهڻ ٺيڪ نہ پئي لڳو ان ڪري سوچيم تہ جيڪڏهن اوهان وٽ ٽورو ٽائيم هجي تہ ڪجهہ منٽ اوهان سان بيهان..."

"ٺيڪ آهي بابا..."

"ٿئنڪ يو سر..! ٿئنڪ يو..."

هوءَ ايئن خوش ٿي وئي هئي جڙ ڪيس کا جاگير عطا ڪئي وئي هجي يا ڪو خزانو ملي ويو هجيس. مونکان پڇيو هئائين.

"سر! مان ڪجهہ ادبي ڪتاب پڙهڻ ٿي چاهيان. مونکي ڪهڙي قسم جا ڪتاب پڙهڻ گهرجن...؟"

"اوهان کي جنهن موضوع ۾ دلچسپي هجي. ان موضوع وارا ڪتاب پڙهڻ گهرجن..."

"مونکي قصن ڪهاڻين ۾ دلچسپي هوندي آهي سر!

"ٺيڪ آهي. پوءِ اوهان لوڪ آکاڻين ۽ قصن جي ڪتابن کان شروعات ڪريو."

"ٺيڪ آهي سر! مان لوڪ آکاڻين ۽ قصن جي ڪتابن کان شروعات ڪندس."

مون هڪ نظر ٽيچرس ڪامن هال ۾ ويٺل استادن ڏانهن ڏنو هو. اتان هڪ استاد ٻلي وانگر نظرون وجهيو ويٺو هو. مون ماريا سان وڌيڪ بيهڻ مناسب نہ پئي سمجهيو. ان ڪري هن کان موڪلائي ڪامن هال ڏانهن واپس ويو هوس.

"ٺيڪ آهي بابا..! هاڻي اوهان ڏسو شايد اوهان کي ڪٽڻ لاءِ رڪشہ اچي ويو هوندو..."

هن خوشيءَ سان چيو هو.

"ٺيڪ آهي. سر...! ٺيڪ آهي. ٿئنڪ يو سو مچ سر...! ٿئنڪ يو سو مچ..."

مان ڪرسيءَ تان پنهنجا ڪتاب کڻي مس صائمہ کي خدا حافظ چئي ڪاليج گيٽ کان ٻاهر نڪري آيو هوس. ٻي ڏينهن صبح جو مان جيئن ڪاليج پهتو هوس تہ اسيمبلي شروع ٿيڻ کان اڳ ئي هوءَ اچي ملي هئي. رسمي سلام ڪانپوءِ ٻڌايو هئائين.

"سر! ڪالهہ هتان ويندي ئي ڪجهہ منٽن لاءِ ڪتاب گهر تي وئي هيس. اتان هڪ لوڪ آکاڻين ۽ قصن جو ڪتاب خريد ڪري رات کان پڙهڻ شروع

ڪيو اٿم. ان ڪتاب جو هڪ قصو ايڏو ته وڻيو جو مان گهڻي دير تائين ان تي سوچيندي رهيس..."

"اڇا...! ڪهڙو قصو آهي؟"

"جنهن ۾ سرا هڪ پَرين جو ٽولو آسمان مان اڏندو هڪ شاهي محل جي مٿان گذرندو آهي. ته ان محل جي ڇت تي هڪ تمام خوبصورت شهزاديءَ کي ستل ڏسندو آهي. سڀ پريون چوندون آهن ته هڪڙي خوبصورت شهزادي اسان ڏرتيءَ تي اڳ ۾ ڪڏهن به نه ڏٺي آهي. هو سڀ ان حَسين شهزاديءَ جي سونهن جي تعريف ڪندیون اڇتي وڏندیون ويندیون آهن ۽ اڏندي اڏندي ٻي رياست ۾ پهچي ويندیون آهن. ان رياست جي بادشاهه جو شهزادو به پنهنجي محل جي ڇت تي ستل هوندو آهي. پريون جڏهن هن کي ڏسندیون آهن. ته هن جي خوبصورتي ڏسي حيران ٿي ويندیون آهن ۽ چوندیون آهن ته هڪڙو حسين نوجوان اسان اڳ ۾ ڪڏهن به ڏرتيءَ تي نه ڏٺو آهي. پوءِ هو پريون پاڻ ۾ صلاح ڪندیون آهن ته ڇو نه هن خوبصورت جوڙي کي پاڻ ۾ ملائي ڇڏجي. پوءِ هو هنن ٻنهي شهزادي ۽ شهزاديءَ جي ڪتولن کي ڪٽي هڪ ٻئي سان ملائي رکندیون آهن. پوءِ هنن جي ڪتولن کي هلڪو هلڪو لوڏو ڏيندیون آهن ته هو جاڳي پوندا آهن ۽ پنهنجو پاڻ کي ڪنهن اڃاتي مقام تي پهتل ڏسي ۽ هڪ ٻئي جي سونهن ۽ خوبصورتي کي ڏسي حيران رهجي ويندا آهن. پوءِ پريون هُنن کي وري مُنڊي پنهنجي پنهنجي محلن جي ڇتين تي ساڳي جاءِ تي رکي ايندیون آهن. صبح جو جڏهن شهزادو ۽ شهزادي ننڊ مان سجاڳ ٿيندا آهن. ته هڪ ٻئي کي ڏسڻ لاءِ بيقرار ٿي پوندا آهن ۽ هڪ ٻئي لاءِ ماڻهن کان پڇائون ڪندا وتندا آهن. هنن جي دل هڪ ٻئي سان ملڻ لاءِ بي چين ٿي ويندي آهي. شهزادي پنهنجو گهڻو وقت محل جي پرسان واري باغ ۾ گذارڻ لڳندي آهي ۽ هوڏانهن شهزادو هن جي ڳولا ۾ نڪري پوندو آهي. ۽ ڳوليندي ڳوليندي نيٺ وڃي ان باغ ۾ پهچندو آهي. جتي شهزادي هوندي آهي. هو هڪ ٻئي کي سڃاڻي هڪ ٻئي جي محبت ۾ وکوڙجي ويندا آهن ۽ هڪ ٻئي سان شادي ڪري هميشه لاءِ هڪ ٿي ويندا آهن."

هوءَ جڏهن مون کي اهو قصو ٻڌائي رهي هئي. تڏهن سندس منهن جا تاثر ڏسڻ وٽان هئا. هوءَ ٻهڪي رهي هئي. سندس اکيون جرڪي رهيون هيون ۽ سندس چپن تي ڏاڍي پر اسرار مرڪ هئي. هن وڌيڪ چيو هو.

"سرا مونکي اهو قصو ڏاڍو وڻيو ان سان مون ۾ هڪ اميد پيدا ٿي ته هڪ ڏينهن مان به پنهنجي خوابن جي شهزادي سان ملي هڪ ٿي ويندس."

هوءَ هڪ معنيٰ خيز مرڪ سان مسلسل مونکي ڏسي رهي هئي. مون پنهنجو پاڻ سنياڻي ورتو هو ۽ سوچيو هوم. هوءَ مون کي ان نظر سان نه ٿي ڏسي. جنهن سان

هڪ ڏيءَ پنهنجي پيءُ کي ڏسندي آهي. جيتوڻيڪ مان عمر ۾ هن کان ايترو وڏو نہ هوس، پر تنهن هوندي بہ ڏهن سالن جو فرق هو. مون سوچيو هو جنهن منصب تي اڄ مان آهيان، ان حساب سان هوءَ منهنجي نياڻي آهي، ڪنهن بہ ريت مونکي اهو زيب نہ ٿو ڏئي تہ مان پنهنجي شاگرديااڻيءَ سان اهڙي قسم جو رويو اختيار ڪيان. مون سوچيو هو جيڪڏهن اڄ هن جي اهڙي قسم جي جذبن کي موڙ نہ ڏنو ويو تہ هوءَ پوءِ ڪڏهن بہ ان قسم جي جذبي مان نہ نڪري سگهندي، ان ڪري مون هن کي چيو هو.

"ماريا...!"

مون اڃان هن جو نالو ئي مس ورتو هو تہ هن خوشيءَ مان چيو هو.

"جي سر...!"

مان ٿورو ٿورو پريشان ٿي ويو هوس، ان ڪري بہ سنجيدگي جو تاثر وڏي ويو هو. مون هن کي چيو هو.

"ڏسو بابا...! اوهان مونکي بيحد عزيز آهيو. گهڻا پيارا آهيو. منهنجي دل مان اوهان لاءِ اهي احساس ۽ جذبا ايرن ٿا، جيڪي هڪ پيءُ جي دل مان پنهنجي ڏيءَ جي لاءِ ايرندا آهن. ان حوالي سان اوهان منهنجون نياڻيون آهيو. مان اوهان لاءِ دعا ٿو ڪيان تہ اوهان جي زندگيءَ ۾ ڪو اهڙو شهزادو ضرور اچي، جنهن جي اوهان سان شادي ٿئي ۽ هو زندگيءَ جي آخري لمحي تائين اوهان سان پيار ڪري ۽ اوهان جو خيال رکي..."

مون ڏٺو هو تہ منهنجي اها سموري ڳالهہ ٻڌڻ سان جڻ هن تي برف اچي ڪري هئي. هوءَ سڄي وسامجي ۽ تمام گهڻي اداس ٿي وئي هئي. هن جون اکيون ڀرجي آيون هيون ۽ آواز ويهجي ويو هوس. هن ڪوري آواز سان صرف هڪ مختصر جملو ڳالهايو هو.

"ٿينڪ يو سر...!"

مون هن جي مٿي تي هٿ رکيو هو ۽ هن کي خدا حافظ چئي ٽيچرس ڪامن هال هليو ويو هوس، ۽ ويجي هڪ ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏئي اکيون بند ڪري ڇڏيون هيم. ڪجهہ وقت گذرڻ کانپوءِ مس صائمہ اچي چيو هو.

"سر...!"

ڏانهس ڏسندي چيو هوم.

"جي مس..!"

"اوهان مون سان لائبريري هلندؤ...!"

ڪرسيءَ تان اٿندي چيو هوم.

"ها مس هلو...!"

لائبريري پهچي اسان وچي هڪ ڪنڊ ۾ وينا هئاسين، هن مونکان پڇيو هو.

"سر...! اوهان کان هڪ ڳالهه پڇان...؟"

سندس اکين ۾ ان سوال کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندي چيو هوم.

"جي مس پچو...!"

"اڄ ماريه اوهان سان ملي موڪي ته هن جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. جڏهن ته ان کان اڳ ۾ هوءَ اوهان سان ملي جڏهن موڪلندي هئي ته ڪيتري ئي وقت تائين خوشيءَ مان مرڪندي رهندي هئي...؟"

مس صائمه جو اهڙو سوال ٻڌي سوچڻ لڳو هوم. ته هن کي اها سڄي صورتحال ڪيئن سمجهايان؟ هوءَ جن نظرن سان مون کي ڏسي رهي هئي، ان مان لڳو پئي ڇڻ هن کي سڀ خبر آهي، ان ڪري مون نہ چاهيندي به ڪيس سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو هو. اهو ٻڌي مس صائمه جي ڪيفيت اهڙي ٿي وئي هئي، جو ان جي اکين ۾ ڇهري جي تاثر مان پنهنجائپ وارا احساس محسوس ٿي رهيا هئا. هن هلڪي مرڪ مرڪندي چيو هو.

"ماريه عمر جي جنهن حصي ۾ آهي، ان ۾ انسان ڏاڍو جذباتي هوندو آهي ۽ هو صرف ۽ صرف پنهنجي دل جي ٻڌندو آهي. ان عمر ۾ ماڻهو ماڻهوءَ کان جلدي متاثر ٿيندو آهي، ۽ نون نون جذبن ۽ احساسن وارين ڪيفيتن ۾ رهڻ لڳندو آهي."

هن ڪجهه سوچيندي مسڪرايو هو ۽ مون کي ڏسندي وري ڳالهائڻ لڳي هئي.

"اوهان کي خبر آهي منصورا جڏهن ڪا چوڪري نئين نئين جوان ٿيندي آهي، ته ان جي دل ۾ ڏاڍيون عجيب عجيب ۽ پياريون پياريون ڪيفيتون پيدا ٿيندیون آهن. هن ساري سنسار جي سونهن ۽ سڻائي سان هن کي پيار ٿي ويندو آهي، دنيا جي سموري پازيٽوٽي هن جي اندر ۾ پرجي ويندي آهي ۽ هر طرح جي نيگيٽوٽي کان هن کي نفرت ٿيڻ لڳندي آهي. گل ۽ ٻوٽا هن کي وٽڻ لڳندا آهن، خوبصورت وڻ ترڻ هن کي وٽڻ لڳندا آهن، پُر روشن راتين ۾ چنڊ هن کي وٽڻ لڳندو آهي، اونداهين راتين ۾ ستارا هن کي وٽڻ لڳندا آهن، سڻي موسيقي هن کي وٽندي آهي، سڻي خوشبو هن کي وٽندي آهي، سڻي شاعري هن کي وٽندي آهي، سڻا قصا ۽ ڪهاڻيون هن کي وٽندا آهن. دلفريب نظارا ۽ سڻا انسان هن کي وٽندا آهن ۽ ان نئين جوان ٿيندڙ چوڪريءَ جي وٽڻ ۾ ٽورو ٽورو پيار به شامل هوندو آهي."

هن مسڪرائيندي منهنجي منهن کي ڏسڻ کانپوءِ منهنجين اکين ۾ ڏسندي چيو هو.

"ڀ اوهان بہ ڏاڍا سٹا آهيو خوبصورت گلن ۾ ہوتن وانگي. چنڊ ۾ ستارن وانگي. خوشبوءِ ۾ منظرن ۾ نظارن وانگي. سٹي موسيقي ۾ شاعريءَ وانگي. ڪنهن طلسماتي قصي ۾ ڪهاڻي وانگي. اوهان جون ڀالهيون ڏاڍيون سٹيون آهن. اوهان جون سوچون ڏاڍيون سٹيون آهن. اوهان جو انداز ڏاڍو نرالو آهي. هيءَ ماريہ تہ هڪ ٹين ايجر چوڪري آهي پر ان سان گڏوگڏ هر ينگ چوڪري تہ ڇا پر هر ميچوئر عورت کي بہ اوهان ڏاڍا سٹا لڳندا ..."

مس صائمہ جون ڀالهيون سمجهندي بہ دماغ ۾ نہ پئي ويٹيون. مون کيس چيو هو.

"مهرباني مس!"

پر هن جي جيڪا ڪيفيت هئي. ان کيس خاموش ويهڻ نہ ٹي ڏنو. هوءَ مسلسل ڀالهائي رهي هئي.

"اوهان ڪنهن بہ عورت جا آئيڊيل ٹي سگهو ٹا ۾ هر عورت پنهنجي آئيڊيل سان ئي شادي ڪرڻ چاهيندي آهي. ماريہ کي اوهان ۾ پنهنجو آئيڊيل نظر آيو هوندو ان ڪري هوءَ اوهان سان ملي خوشي محسوس ڪندي هوندي. ان خوشيءَ هن جي دل ۾ ڪيترائي خواب ۾ احساس پيدا ڪيا هوندا ۾ هوءَ اوهان سان اڳتي وڌڻ چاهيندي هوندي"

مون هڪ دفعو وري هن جا ٹورا مڃيندي کيس چيو هو.

"مهرباني مس! پر مان ڪنهن بہ طرح هن سان اڳتي وڌي نہ پئي سگهيس. ڇو تہ هوءَ منهنجي شاگرديائي آهي ۾ هڪ استاد کي پنهنجي شاگرديائيءَ کي پنهنجي نياڻي سمجهڻ گهرجي."

"ها اوهان صحيح ٹا چئو بلڪل ايئن ئي ٹيڻ گهرجي. پر ان حوالي سان اسان جيڪو بہ ڏسون ٹا. گهٹي قدر ان جي ابتڙ آهي..."

"ها مس! بلڪل ان جي ابتڙ آهي. ان ڪري سڄو سماج ڄانوا ڏول ٹي ويو آهي. سماج پنهنجا اخلاقي قدر وڃائي ويٹو آهي. ان ڪري اسان ڪيترين ئي بچڙاين کي منهن ڏئي رهيا آهيون."

"اوهان صحيح ٹا چئو سر! ڪنهن کي تہ سوچڻ گهرجي هن سماج جي سڌائيءَ لاءِ..."

"مان ڄاڻان ٹو تہ ماريہ هن وقت هڪ وڏي ڏک مان گذرندي هوندي. پر اڄ جو اهو ڏک هن لاءِ سياڻي جي خوشي هوندو. مونکي يقين آهي تہ هڪ ڏينهن هن کي سندس ئي عمر جو سٹو جيون ساٿي ملي ويندو ۾ هوءَ ان سان بهتر طريقي سان زندگي گذاريندي.."

مس صائمہ سوچيندي چيو هو.

''انشاءَ الله سر...!''

هوءَ ڪنهن سوچ ۾ گم هئي. سندس اکيون چمڪي رهيون هيون ۽ سندس چپن تي هڪ پرڪيف احساس ڏيندڙ مرڪ هئي. مس صائمہ منهنجي اکين سان اکيون ملائيندي چيو هو.

"سر هڪ ڳالهہ پڇان...؟"

جيتوڻيڪ مون سندس اها ڳالهہ سمجهي پئي پر تنهن هوندي بہ ڪيس چيو هوم.

"جي مس! پڇو..."

"هن وقت اوهان جي زندگيءَ ۾ ڪا چوڪري آهي...؟"

مون کي ان ئي سوال جو اندازو هو. ڪيس جواب ڏيندي چيو هوم.

"نہ مس! هن وقت منهنجي زندگيءَ ۾ ڪابہ چوڪري نہ آهي. ها باقي يونيورسٽي دؤر ۾ هڪ چوڪري هوندي هئي. پر هاڻي هن جي شادي ٿي چڪي آهي..."

اهو ٻڌي هوءَ خوش ٿي وئي هئي، پر منهنجي طبيعت بي مزه ٿي وئي هئي. هن خوش ٿيندي وري ٻيو سوال ڪيو هو.

"ان ڪري اوهان اڪثر اداس ۽ ويڳاٽا لڳندا آهيو."

"جي ها..."

"پر سر! اوهان کي هاڻي نئين سري سان پنهنجي زندگي شروع ڪرڻ گهرجي، مان دعا ٿي ڪيان تہ انشاءالله اوهان جي زندگيءَ ۾ هڪ سٽي چوڪري ايندي.."

ايتري ۾ نئين پيرڊ جو گهنڊ وڳو هو ۽ اسان پنهنجي پنهنجي ڪلاسن ڏانهن وڃڻ لڳا هئاسين...

مس صائمہ جي اکين ۾ چا هو تنهن جي مونکي چڱيءَ طرح پروڙ پئجي چڪي هئي، پر يونيورسٽيءَ واري محبت ۾ ناڪاميءَ ڪانپوءِ مون وري ڪنهن بہ چوڪريءَ سان ويجهو ٿيڻ نہ پئي چاهيو پر مس صائمہ هئي جا ڏينهون ڏينهن منهنجي ويجهو ايندي پئي وئي. ۽ مان هوس جو نہ چاهيندي بہ دلي طور نہ ئي سهي پر سماجي طور تي هن سان ويجهو ٿي رهيو هوس. هوءَ ڪاليج ۾ سيني استادن جي سامهون اچي ڳالهائيندي هئي تہ مان هن کي موچاري موٽ ڏيڻ کانسواءِ رهي نہ سگهندو هوس. ان ڏينهن کان پوءِ هوءَ سڀ ڪنهن سان منهنجون تعريفون ڪندي وتندي هئي. شاگردن کي چوندي هئي، تہ اوهان خوشنصيب آهيو جو سر منصور جهڙو اعليٰ آدرشي استاد اوهان کي پڙهائي رهيو آهي. ساڳي طرح استادن کي بہ چوندي رهندي

هئي تہ اها اسان جي خوشنصيبي آهي، جو اسان کي سر منصور جهڙو سنو ساٿي مليو آهي. جنهن مان اسان گهڻو ڪجهہ سکي سگهون ٿا. هن جي اهڙين ڳالهين ۽ڏڻ ڪانپوءِ اڪثر ڪليگ هن تي ڪلي پوندا هئا، پر هوءَ اهڙي ڪيفيت ۾ هوندي هئي جو ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي ٽوڪ يا طنز مٽس ڪوبہ اثر نہ وجهي سگهندي هئي. مان پنهنجي رسمي واندڪائي وارو وقت لائبريري ۾ وڃي ويهڻ لڳو هوس. هوءَ بہ مون کي ٽيچرس ڪامن هال ۾ نہ ڏسي لائبريري هلي ايندي هئي. هڪ ڏينهن لائبريري ۾ ايندي ئي منهنجي پرسان واريءَ ڪرسيءَ تي اچي ويني هئي ۽ مون کي ڏسڻ لڳي هئي. مون ڪتاب تان نظرون هٽائي ڏانهس ڏٺو هو. هوءَ خاموش هئي ۽ خاموشيءَ سان منهنجين اکين ۾ گهوري رهي هئي. هڪ پل کان پوءِ مون کان پڇيو هئائين.

"سر! اوهان مون کان پڇي رهيا آهيو!؟"

سندس اهڙي سڌي سوال تي ٿورو چرڪي پيو هوس. پوءِ کيس چيو هوم.

"نہ مس! دراصل مان پنهنجو پاڻ کان پڇي رهيو آهيان."

"سر اوهان پنهنجو پاڻ کان ڪيترو پڇندا...؟ پنهنجو پاڻ کان پڇڻ خود فريبي آهي. پنهنجو پاڻ سان ڏوکو آهي. اوهان پنهنجو پاڻ کي ڪيستائين ڏوکو ڏيندا رهندا...؟"

"مونکي ڪا خبر نہ آهي مس...!"

هن ٿورڙي ڪاوڙ ڪندي چيو هو.

"اوهان ڏاڍا عجيب آهيو سر! مون کي حيرت آهي تہ اوهان پنهنجو پاڻ سان اهڙو حشر ڇو ڪيو آهي؟"

"مون کي ڪا خبر نہ آهي مس!"

"ڏسو سر! وقت ۽ حالتن سان تبديل ٿيڻ سکو جيڪو ٿيو سو ٿي چڪو. اوهان حال ۽ مستقبل ۾ پنهنجي ماضيءَ کي ڪيترو گهليندا هلندا...؟"

مان کيس ڪو جواب نہ ڏئي سگهيو هوس. صرف هڪ پيڙا ۾ پيڙجي رهيو هوس. هن چيو هو.

"مون محسوس ڪيو آهي، جنهن ڪرب ۾ اوهان مبتلا آهيو ان مان اوهان نڪرڻ نٿا چاهيو."

"ڪوبہ ماڻهو جاڻي واڻي ڪنهن ڪرب ۾ مبتلا ٿيڻ نہ چاهيندو آهي. مس! ها پر مان حقيقتون جاڻندي بہ ان ڪرب مان نڪري نہ سگهندو آهيان. سچائيءَ کي سمجهندي بہ ان کي تسليم نہ ڪري سگهندو آهيان، ۽..."

هن منهنجي ڀالهه ڪٿيندي ڇيو هو.

"۽ پنهنجو پاڻ کي سزا ڏيندا رهندا آهيو. هڪ عذاب ڀوڳيندا رهندا آهيو ۽ ايترو بہ نہ سوچيندا آهيو تہ اوهان جي اهڙي حالت جي ڪري اوهان کي پنهنجو سمجهندڙ ۽ اوهان سان پيار ڪندڙ ماڻهن تي ڇا گذرندي آهي...؟"

سندس اها ڀالهه ٻڌي منهنجين نظرن جي سامهون امان، ياءُ، پيٽ ۽ شگو عيني ۽ ڪجهه دوستن جا چهرا اچي ويا هئا. هوءَ واقعي سچ چئي رهي هئي.

"مس صائمہ! دراصل مان مسئلن جي ڪري پر اهڙو تہ ڦاسندو آهيان جو چاهڻ جي باوجود بہ ان مان نڪري نہ سگهندو آهيان. بس ان ڏينهن پر ويندو آهيان هيٺ کان هيٺ گهلبو ۽ ڦاسبو..."

"سر! پر ان ڏينهن مان ڇڪي ڪيڻ لاءِ ڪو پنهنجو هٿ اڳتي وڌائي ٿو تہ اوهان ان جو هٿ تہ پڪڑيو..."

"جي مس! مان ضرور ڪوشش ڪندس."

مس صائمہ جي ڀالهين جو مطلب مان ڇڪيءَ طرح سمجهي رهيو هوس. هوءَ جيڪو ڪجهه بہ چئي رهي هئي. سو بلڪل صاف ۽ چٽو هو.

ان ڏينهن کان پوءِ هوءَ وڌيڪ ويجهو اچڻ لڳي هئي ۽ ڪاليج ٽائيم کان پوءِ اڪثر فون ڪرڻ لڳي هئي. مان جيئن ئي گهر پهچندو هوس تہ هن جي فون اچي ويندي هئي ۽ هوءَ بلڪل رسمي ڀالهيون ڪرڻ لڳندي هئي. جيڪي روز جو معمول بڻجي ويون هيون. پهرين پهرين ڏينهن منجهند جو فون ڪندي پڇيو هئائين:

"گهر پهچي ويا آهيو سر؟"

"جي مس هاڻي هاڻي پهتو آهيان"

"ڏاڍو سٺو هاڻي اوهان ڇا ڪندا؟"

"ٿورو فريش ٿيندس، پوءِ ماني کائڻ کان پوءِ ننڊ ڪندس."

"هونهہ...! چگو مان ٿورو انتظار ڪيان ٿي، اوهان فريش ٿي اچو پوءِ ماني کائيندي مون سان ڀالهايو ۽ ننڊ اچڻ کان اڳ تائين مون سان ڀالهائيندا رهو. ٺيڪ آهي...؟

"ٺيڪ آهي مس!"

سوچڻ لڳو هوم. "شايد هر چوڪري شروع شروع پر ايڏي سٺي هوندي آهي، جو لڳندو آهي، جڻ هوءَ هميشہ ائين ئي سٺي رهندي، هر وقت خيال رکندي، پنهنجو سمجهندي ۽ پيار ڪندي، پر جڏهن هوءَ ڪنهن بہ سبب جي ڪري بدلبي آهي، تہ پوءِ ڪنهن بہ رشتي جو خيال نہ رکندي آهي. سڀ ڪجهه وساري ويهي رهندي آهي ۽ اهڙو تاثر ڏيڻ لڳندي آهي، جڻ هن ڪڏهن بہ هن کي ڄاتو سڃاتو ئي نہ پئي."

منهن ڏوئنديءِ اهي ڳالهيون سوچيندي هلڪي ڦڪي مرڪ ڇڏائجي وئي هيم. هٿ منهن ڏوئڻ کان پوءِ ٽوال سان هٿ منهن اگهي هن سان وري فون تي ڳالهائڻ لڳو هوم.

"جي هيلو...!"

"ها سر! هيلو...! اوهان فريش ٿي آيا...؟"

"جي مس...!"

"ڏاڍو سٺو هاٿي ماني کائيندؤ...؟"

"جي ها...!"

"ٺيڪ آهي، پوءِ اوهان ماني کائڻ شروع ڪيو ڏڏي نه ٿي وڃي."

"ٺيڪ آهي."

"ٻيو ٻڌايو...!؟"

"ٻيو ڇا...؟"

"ڪجهه به...!"

سوچيندي چيو هوم.

"هونهه... چگو ٻلا اوهان ئي ڪجهه پڇو...!"

سوچيندي پڇيو هئائين...

"ڇا پڇان...؟"

"ڪجهه به..."

"چگو ٻلا اوهان پنهنجي جنم جي تاريخ ٻڌايو..."

ٽورو ڪلي پئي هئي.

"اٺين."

"ءِ مهينو...؟"

"آڪٽوبر"

"ڏينهن...؟"

"جمعو..."

"وقت..."

"فجر جو وقت. امان ٻڌائيندي آهي، ته منهنجي جنم جي هڪ ٻن منٽن کان پوءِ ڇٽن ئي پاسن کان آذانون شروع ٿي ويون هيون"

"واهه سبحان الله...!"

"اها موسم ڪهڙي ٿي...؟"

"خزان..."

"ان ڪري اوهان جي مزاج ۾ گهٽي اداسي هوندي آهي..."

"ها شايد..."

"سال...؟"

"1982ع."

"شهر؟"

"قمبر..."

"نندپڻ ڪٿي گذريو...؟"

"ان ئي شهر ۾..."

"جواني...؟"

"ڇامشوري ۾؟"

"ها ها ها..."

کلي پئي هئي.

"پر ايجان تہ اوهان جوان آهيو...!"

ايئن پئي لڳو جڻ سڄي جواني ڇامشوري ۾ گذاري آيو هجان. پر تنهن هوندي بہ هن کي چيو هوم.

"ها..."

هوءَ کلي رهي هئي. کلندي چيو هئائين.

"ٻيو ٻڌايو...؟"

"ٻيو ڇا...؟"

"ڪجهہ بہ..."

سوچيندي چيو هوم:

"هونهہ... اوهان ئي ڪجهہ پڇو! مون کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ ڇا ٻڌايان...!؟

"چڱو پلا پنهنجي معلومات لاءِ اوهان کان ڪجهہ نہ ڪجهہ پڇندي پئي وڃان..."

"ٺيڪ آهي..."

"چڱو پلا مون کي ٻڌايو تہ اوهان جو پسند جو رنگ ڪهڙو آهي؟"

"سيئي رنگ پر ڪپڙن ۾ نيرو (Blue) ۽ ان جا ڪيترائي شيڊ وڻندا آهن. آسماني بلو بہ وڻندو آهي تہ نيوي بلو بہ..."

"چڱو پلا ٻڌايو تہ گل ڪهڙو وڻندو اٿو؟"

"تقريبن سيئي وڻندا آهن. پر گلاب جو گلابي گل ڏسندي وڌيڪ خوشي ٿيندي آهي...؟"

"خوشبوءِ بہ ان گل جي وٽندي اٿو...؟"

"خوشبو رابيل جي گل جي وڌيڪ وٽندي آهي...؟"

"هونهه... واهه! ان کان سواءِ ٻيون کڻڙيون خوشبوئون وٽنديون اٿوَ؟"

ذهن تي زور ڏئي ياد ڪرڻ لڳو هوم. جيڪي ڳالهيون مِس صائمہ پُڇي رهي هئي، تن مان ايئن پئي لڳو جڙ اهي سڀ گذريل جنم جون ڳالهيون هجن.

سوچيندي هڪ ساهي اچي وئي هئي.

چيو هئائين.

"ٻڌايو نہ...!؟"

تڪڙ ۾ لفظ نڪري ويو هو.

"ها..."

"ٻيون کڻڙيون خوشبوئون وٽنديون اٿوَ...؟"

"رات جي راڻيءَ جي خوشبو بہ وٽندي آهي، تہ نِمن جي ٻُور جهلڻ وقت نِمن جي خوشبو بہ وٽندي آهي، تہ ان ئي موسم جي سرنهن جي خوشبو بہ وٽندي آهي..."

"نِمون ٻور کڻڙي موسم ۾ جهليندیون آهن؟"

"ٻهار جي موسم ۾..."

"چڱو ايندڙ ٻهار ۾ مان بہ نِمن ۽ سرنهن جي خوشبو ڏانهن ڏيان ڏيندس"

"ها ضرور ڏجو..."

مس صائمہ جون رسمي ڳالهيون مون کي بور ڪري رهيون هيون. شايد سمجهي وئي هئي ان ڪري پڇيو هئائين.

"بور تہ نہ ٿا ٿيو...؟"

هن جي دل رکڻ لاءِ چيو هوم.

"نہ..."

"چڱو پلا ٻڌايو تہ منظر کهڙا وٽندا اٿو...؟"

"گهٽائي منظر وٽندڙ آهن..."

"مثال طور..."

"مثال طور سمنڊ جو نظارو، پهاڙي علائقن جا نظارا، ٿر جي ريگستاني علائقي جا نظارا، کير ٿر ۽ ڪارونجهر جي پهاڙين جا نظارا، ٽاڻي بولاخان واري ڪوهستاني علائقي جا نظارا، گورک هل استيشن ۽ نئين گاج جا نظارا، ڪينجهر ۽ مڪلي جا نظارا، سنڌو درياهہ جي ڪنارن سان وهندڙ پاڻيءَ جا نظارا، ان تي ترندڙ ٻيڙين جا نظارا، ڪنارن ۾رسان اڏ خشڪيءَ تي ۽ اڏ پاڻيءَ تي بينل ٻيڙين جا نظارا، آسمان ۾

اڏامندڙ پکين جا نظارا، اپرندڙ سج ۽ لهندڙ سج جا مختلف نظارا ۽ ها اونهاري جي موسم ۾ اسان رات جو پنهنجي گهر جي اڳڙ ۾ ڪٽون رکي سمهندا آهيون. انهن راتين ۾ ڪڏهن دير تائين چوڏهينءَ جي چنڊ جي مختلف نظارن کي ڏسندي مزو ايندو هو ڪڏهن اونداهي راتين ۾ جڏهن چنڊ غائب هوندو هو تڏهن اونداهين راتين ۾ تيز چمڪندڙ ستارن جي نظارن کي ڏسندي مزو ايندو هو..."

"واهه... شاعري وٽندي اٿوَ...؟"

"اڳي گهٽي وٽندي هئي، هاڻي موجوده دور ۾ جيڪا به شاعري پڙهجي ٿي، ان مان ائين لڳي ٿو ته جڻ اها اڳ ۾ پڙهيل آهي. ان ڪري ڪي ٿورائي شاعر آهن، جن جي شاعري وٽي ٿي..."

"ادب جون ٻيون ڪهڙيون صنفون وٽنديون اٿو...؟"

"ناول، آتم ڪهاڻيون، سفر ناما ۽ افسانا..."

صفا بور ٿي ويو هوم. ان ڪري هن کي چيو هوم.

"اوهان ٿورو ترسجو مان ٽانوَ رکي اچان...؟"

"ٺيڪ آهي..."

مان سوچي رهيو هوس، ته مان هن کي ڪيئن ٻڌايان ته مان وڏڙ وارو دور گذاري آيو آهيان. هاڻي پنهنجو پاڻ ئي نه ٿو وٽي ته دنيا جا نظارا ۽ شاعريون ڪهاڻيون ڪيئن وٽنديون...؟ هوءَ مون سان گالهائڻ وقت ڏاڍي خوش هئي ۽ سندس خوشي جي ڪري ئي مان هن جي سوالن جا جواب ڏئي رهيو هوس. هڪ منٽ جي ساهي کان پوءِ موبائيل کڻندي چيو هو.

"هيلو...!"

"جي سر! هيلو...!"

مان چپ هوس، ان ڪري هن وري گالهائڻ شروع ڪيو هو.

"ٻيو ٻڌايو سر...!"

"ٻيو ٺيڪ..."

"بور ٿي ڪيان اوهان کي...؟"

"نه، دراصل مون کي ننڊ ٿي اچي..."

"اوهه... ٺيڪ آهي سر! اوهان پلي آرام ڪيو مان وري شام جو ڪال ڪندس..."

"ٺيڪ آهي مس! ٽئنڪ يو..."

فون رکي مون ننڊ ڪرڻ پئي چاهي، ان ڪري پنهنجي ڪٽ تي وڃي سمهي پيو هوس. ننڊ اڃڻ کان اڳ ڪيترين ئي سوچون ايندين رهيون هيون.

سوچي رهيو هوس. عورت ماءُ جي روپ ۾ تمام گهڻي مهربان ۽ عظيم آهي، دوستِ جي رُوپَ ۾ بهترين آهي، تہ ڪجهہ ٻين روپن ۾ وري ڏاڍي پڪي ۽ بي رحم پڻ آهي. اڄ جي ايڪويهين صديءَ جي عورت موسمن جيئن نہ، پر قدرتي آفتن جي برپا ٿيڻ جيئن بدلجڻ لڳي آهي. ڪنهن اوچتي حادثي جيئن وايون بتان ڪندڙ...

ان ڪري مون وري ڪنهن بہ عورت جي ويجهو نہ پئي ٿيڻ چاهيو. پر مس صائمہ مسلسل منهنجي ويجهو اچي رهي هئي ۽ ڪيس ان ڳالهہ جي ڪا بہ پرواهہ نہ هئي، تہ مان هن جي ويجهو نہ ٿو ٿيڻ چاهيان...

12

ٻئي ڏينهن ڪاليج ايندي هوءَ رستي تان گلن واري ڪان رابيل جا گل ونندي آئي هئي. جن مان ڪجهہ گل هن اسان مردن واري ٽيبل تي رکي ڇڏيا هئا ۽ ڪجهہ گل پنهنجي عورتن واري ٽيبل تي رکيا هئائين.

سيئي ڪانئس انهن گلن جي باري ۾ پڇي رهيا هئا. جن کي ڪلندي چيو هئائين.

"گلن جي خوشبوءَ سان ماٺهوءَ جو مائينڊ فريش رهندو آهي. ان ڪري رستي تان گلن واري ڪان ونندي آيس.."

مون انهن تي پنهنجو ڪو به رايو نہ ڏنو هو. پر ايترو ضرور سمجهي ويو هوس، تہ ان ڏينهن هوءَ اهي گل چو ونٻي آئي هئي. ڪجهہ ئي منٽن کان پوءِ منهنجي موبائيل فون تي هن جو ايس ايم ايس آيو هو.

"سر! مان رڪشا ۾ اچي رهي هيس، رستي ۾ گل فروش جو دڪان هو. ان دڪان جي اڳيان ننڍڙو چوڪرو گل ڪپائي رهيو هو. گلن کي ڏسندي ئي مون کي اوهان جي صورت نظر آئي. ان ڪري مون بنا ڪجهہ سوچڻ جي رابيل جا گل خريد ڪري ورتا. سچ پچو تہ گل خريد ڪرڻ سان ئي مون کي ڏاڍي خوشي ملي آهي..."

هن جو ايس ايم ايس پڙهڻ کان پوءِ سوچي رهيو هوس، تہ ڪيس ڪهڙو جواب ڏيان؟ ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيو هو تہ جواب ۾ ڪيس هڪ مرڪندڙ ڪارٽون موڪليو هوم. چو تہ مان پاڻ جو مرڪي نہ سگهيو هوس، هن جي ٻي ايس ايم ايس اچي ٽڪاءَ ڪيو هو.

"ٽئنڪ يو ٽئنڪ يو ٽئنڪ يو سو مچ سر!"

مون وري دل ۾ موبائل ڪمپنيءَ وارن کي ٽئنڪ يو پئي چيو. جو انهن موبائيل فون ۾ اهڙا آپشن رکيا هئا. مون هڪ نظر ڪيس ڏنو هو. هوءَ خوشيءَ ۾ ٻهڪي رهي

هئي. مان سوچي رهيو هوس. هيءَ ماڻهوءَ جي دل ۾ ڏاڍي عجيب آهي، شل نه ڪو ان کي وٽي وڃي پو ته بس ان جي وٽ جا سوين سبب ۽ پاڻ ئي ٺاهيندي ويندي. مس صائمہ جي مرڪندڙ چهري، چمڪندڙ اکين ۽ ڳالهائڻ جي لهجي ۽ انداز مان صاف ظاهر هو ته سندس من ۾ ڇا آهي؟ ان ڏينهن کان پوءِ هوءَ روز گل وٽي اچڻ لڳي هئي. هن کي ان ڳالهہ جي به خوشي هئي ته مون سان صرف ۽ صرف هوءَ ئي ڳالهہ ٻولهہ جي حد تائين ويجهي هئي. هن کان سواءِ ٻي ڪا به ڇوڪري منهنجي ويجهو نه هئي ۽ ڏينهون ڏينهن هوءَ پنهنجي گرفت مون تي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي چڪر ۾ هئي. هڪ ڏينهن پڇيو هئائين.

"سر اوهان مون کان نه پڇندا ته منهنجي زندگيءَ ۾ ڪو ماڻهو رهيو آهي يا نه...؟"

سوچيو هوم. هي وري ڪهڙو سوال آهي؟ پر ڪيس ايئن چئي نه سگهيو هوم. ڪيس چيو هوم.

"نه مس! اهو اوهان جو پرسنل ميٽر آهي، مان اوهان کان اهڙو ڪو به سوال نه ٿو پڇي سگهان..."

دل ۾ سوچيو هوم. دراصل اهڙي قسم جا سوال ته اهو ماڻهو پڇندو آهي، جنهن جي ان ۾ ڪا دلچسپي هوندي آهي ۽ منهنجي ان ۾ ڪهڙي دلچسپي ٿي سگهي ٿي...؟ هن منهنجي پڇڻ کان سواءِ ئي ٻڌائڻ شروع ڪيو هو.

"سر! اسان جو بابا اسان جي ڳوٺ جو پهريون ماڻهو آهي، جنهن پنهنجي نياڻين کي پڙهائڻ جو سلسلو شروع ڪيو. ان ڳالهہ جي ڪري اڪثر مائٽ بابا کان ڪاوڙيل رهندا هئا. هن کي اسان تي اعتبار هو ته منهنجون نياڻيون پنهنجي عزت تي ڪو به حرف اچڻ نه ڏيندیون. اها ڳالهہ اسان جي ماءُ بار بار اسان کي ياد ڏيارينديِ رهندي هئي. ڪالیج کان يونيورسٽي پڙهڻ تائين اسان ڪڏهن نظرون ڪٽي نه گهميوسين. انتهائي سادگيءَ ۾ پڙهي پنهنجو وقت پورو ڪيوسين."

مون کان صرف ايترو ئي اُکليو هو.

"سنو ڪيوَ مس! جو پنهنجي بابا جو پرمر رَکيوَ...!"

هن وڌيڪ ٻڌائڻ شروع ڪيو هو.

"خبر اٿوَ سر! اسان جا مائٽ چوري چوري اسان کي ڏسڻ ايندا هئا، ته اسان ڪٽي ڪنهن ڇوڪري سان ته نٿيون ڳالهايون..."

پاڻ ئي ڪلي رهي هئي. مون به هروپرو هڪ جملو ڳالهايو هو.

"ڏاڍي عجيب ڳالهہ آهي..."

ڪلي چيو هئائين.

"ها نہ سَر! عجيب ڳالهہ آهي نہ؟"

هڪ ساهيءَ کان پوءِ وري ٻڌائڻ لڳي هئي.

"اسان جي بابا انتهائي محدود مالي وسيلن هوندي بہ اسان سيني پينرن ياٽرن کي هڪ جهڙي تعليم ڏياري. اسان جي تعليم جي ڪري پنهنجو ڳوٺ ڇڏي اچي شهر ۾ وينو ۽ اسان کي پڙهائڻ لاءِ ڏاڍي محنت ڪيائين. ان ڳالهہ جو اسان کي هميشہ احساس هوندو هو..."

"سڀ ڳالهہ آهي..."

"بس سر اهي اٿو ڳالهيون...!"

"ها مس! مان سمجهي سگهان ٿو..."

مس صائمہ اهڙيون ڪي نہ ڪي ڳالهيون ڪري ونندي هئي، جنهن جي ڪري مان هن سان ٿورو گهٽو ڳالهائي سگهان. منهنجي ڇاهڻ يا نہ ڇاهڻ جي پرواهہ ڪرڻ کان سواءِ اهڙو سلسلو ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو هو...

13

ڳوٺ ويو هوس، تہ شگو ملڻ آئي هئي، ڪيس مس صائمہ جي باري ۾ ٻڌايو هوم. هوءَ هن جي باري ۾ ڪيتريون ئي ڳالهيون پڇندي رهي هئي، پر جيئن نانگ جو ڪاڏل نوڙيءَ کان بہ ڊڄندو آهي، تيئن مان بہ شايد عورتن تي اعتماد وڃائي ويٺو هوس. شگو چئي رهي هئي:

"تون پهرين پنهنجي پيرن تي بيهہ، پوءِ ضرور ڪنهن نہ ڪنهن سُٺي چوڪريءَ سان شادي ڪري ڇڏجان!

ڪيس مرڪندي چيو هوم.

"سٺي چوڪري جي ڪهڙي وصف مقرر ڪنداسين شگو؟"

هن سوچيندي چيو هو.

"جيڪا ڏک سک ۾ پنهنجي مڙس جو ساٿ ڏئي ۽ پنهنجي مڙس جي سک، خوشي ۽ آرام جو خيال رکي..."

"پوءِ اهڙيون چوڪريون ڪٿان ملنديون...؟"

"ملي ويندیون..."

اهو چئي هوءَ پاڻ ئي سوچ ۾ پڌي وئي هئي.

"پر مون تہ ڏٺو آهي تہ اڪثر زالون اڇڻ سان ئي چونديون آهن، مون کي منهنجي سَس ۽ نڻان سان ناهي رهڻو. مڙس جو پاڻ تہ هن لاءِ ايڏان پري جي ڳالهہ هوندي آهي..."

"ها ايئن بہ آهي پر ايڏان بہ ڪوڙ ساريون چوڪريون آهن، جيڪي گڏيل گهر ۾ رهڻ چاهيندیون آهن."

"تون صحيح چوندي هوندينءَ...!"

"ها پر، ان حوالي کان مس صائمہ چا ٿي چئي؟"

"ان باري ۾ نہ ڳالهايو آهي، پر مون ڏٺو آهي تہ شروع شروع ۾ سيئي چوکريون گڏ رهڻ لاءِ چوندیون آهن، پر پوءِ آهستي آهستي هر چوکري اهو چاهيندي آهي تہ منهنجو مڙس پنهنجي کنهن بہ عزيز سان ويڃهو نہ هجي ۽ جيئن کيس مان چوان تيئن کري، منهنجا ماءُ پيءُ پائر پيٽون يا ٻيا مٽ مائٽ ايندا رهن تہ هن جو مڙس هنن جي خدمت لاءِ اُپو بينو هجي. جڏهن تہ هو پنهنجي کنهن بہ عزيز سان منهن ڏئي بہ نہ ڳالهائي ۽ کيس چانهہ تہ چا پر پاڻي بہ نہ پچي...!"

هوءَ مون کي ڏسي مسکرائڻ لڳي هئي ۽ مسکرائيندي چيو هئائين.

"ائين آهي بہ ۽ ايئن ناهي بہ...!"

"اڇا... اهو وري کيئن...؟"

"منهنجو مطلب آهي تہ اهڙيون گهٽيون چوکريون هوندیون جيکي ايئن سوچيندیون هوندیون، پر اهڙيون بہ تہ کوڙ ساريون چوکريون هوندیون نہ جيکي برابري چاهيندیون هوندیون..."

"اها برابري وري کهڙي فوٽپٽي سان ماپيندا سين شگو؟"

هوءَ مسکرائي ويٺي هئي. پوءِ چيو هئائين.

"زال مڙس جي وچ ۾ اهڙيون ننڍڙيون ننڍڙيون ڳالهيون ٽيندیون رهنديون آهن، ان ڳالهين جي کري ماٺهن شاديون کرڻ ڇڏي تہ ناهن ڏنيون...!؟"

"ها پر پوءِ کوڙ سارن ماٺهن زالون ڇڏي ڏنيون آهن ۽ کوڙ سارين عورتن مڙسن کان طلاق ورتي آهي..."

"ها، طلاق بہ ڏاڍي عام ٽيندي ٿي وڃي...!!!"

"پر مان تہ اهڙي قسم جي کنهن بہ ڏڍي فساد ۾ قاسڻ نہ ٿو چاهيان نہ...!؟"

"ها تون صحيح ٿو چئين...!"

"ڏس نہ! منهنجي هن وقت تائين جي سڃي زندگي سخت پريشانين ۽ مونجهارن ۾ گذري آهي. هاڻي منهنجو دماغ ٺوري بہ پريشاني ۾ صفا ونجي ٿو وڃي ۽ مان صفا ڇُهرڻ لڳان ٿو..."

"ها..." هن سوچيندي چيو هو.

"مان چاهيان ٿو تہ پلي کا خاص محبت ۽ حجت نہ هجي، پر جهيڙو فساد ۽ لڙ بخيڙو بہ نہ هجي..."

"ها، کا جهگڙالو عورت لڳي ويئي تہ پوءِ سمجهہ تنهنجو سِر ويو...!"

"ڏس نہ تڏهن ئي تہ مان شادي کرڻ نہ ٿو چاهيان..."

"نہ نہ تو کي شادي ضرور ڪرڻ گھرجي، مون کي مس صائمہ سان ملاءِ، مان هن سان ملي، تو کي پڌائيندس تہ هوءَ ڪھڙي قسم جي چوڪري آهي..."

"منهنجي خيال ۾ هڪ عورت ٻي عورت کي چڱيءَ طرح سڃاڻي سگھي ٿي..."

"ٺورو گھٽو سڃاڻي سگھندي آهي، هاڻي اڳ وارا ماڻھو ناهن رهيا، جيڪي پنهنجي زبان کان نہ ڦرندا هئا، هاڻي ماڻھن جي زبان تي هڪڙي آهي، تہ دل ۾ ٻي آهي."

"تون صحيح ٿي چئين، تڏهن تہ مان پريشان ٿو ٿيان نہ..."

مان ٿوري دير لاءِ چپ ٿي ويو هوس. تہ هن چيو هو.

"پوءِ ڪڏهن ٿو ملائين مس صائمہ سان؟"

"جڏهن مس صائمہ شاديءَ لاءِ چوندي تڏهن..."

"نہ نہ ان کان اڳ ۾ ملڻ گھرجي يا تون پاڻ هن کي ڏسندو رهہ تہ هوءَ ڪھڙي قسم جي چوڪري آهي؟"

"ها مان ٻہ ڏسندس..."

"هونئن توکي لڳي ڪيئن ٿي؟"

"ٺيڪ آهي، پر ائين ماڻھن جي خبر نہ ٿي پئي نہ...!؟"

"ها صحيح ٿو چئين، پر تون الله تعاليٰ تي رکي ويهہ، هو تنهنجي زندگيءَ ۾ بهتر ساٿي موڪليندو."

"ها، بس ان ئي رب ۾ اميد آهي، باقي ماڻھن تي اعتبار نہ ٿو ڪري سگھجي..."

هوءَ اسان جي ڪيل ڳالهين تي سوچي رهي هئي، مون ڳالهائڻ شروع ڪيو هو.

"اڳي ماڻھو رشتن کي نياڻيندا هئا، هنن ۾ سهپ ۽ احساس هو. هاڻي دنيا ڏاڍي ڏکي ٿي وئي آهي..."

"ها، تون صحيح ٿو چئين. ايان ٻہ نياڻڻ وارا کوڙ سارا ماڻھو هوندا..."

"ڏٺو وڃي تہ زال مڙس دنيا جو پھريون رشتو آهي..."

"ها، ۽ ڪافي ويجھو ٻہ..."

"بلڪل، ايترو ويجھو جو ٻيو ڪجهہ ٻہ باقي نہ ٿو رهي..."

"ان ڪري تہ دنيا انهن کي Soul mate ٿي چئي..."

"ها soul mate ٻہ تہ one soul ٻہ..."

هوءَ وري سوچڻ لڳي هئي ۽ سوچيندي آهستگيءَ سان پڇيو هئائين.

"۽ جن زالن مڙسن جي سڃي زندگي پاڻ ۾ نہ لڳي، اهي..."

"نہ سمجهہ ۾ ايندڙ وارتا آهي، واقعي ٻہ انهن جي زندگي جڙ اجائي وئي. هن دنيا ۾ ڪيترين ئي زالن جون زندگيون برباد ڏسڻ ۾ آيون آهن. سجو ڏينهن مار ۽

ڪُٽڪي پادرن جو زيپٽ، گار جي ريهه ۾ وڌين تذليلن ۽ عذابن ۾ هنن جي زندگي گذرندي ڏٺي آهي..."

"ڪٽي چور سڃا، ڪٽي ڏور سڃا واري ڪار لڳي پئي آهي. ڪٽي ڏس تہ مڙس ويچارا ايڏا سڀا آهن، جو انهن جي سُڀائي ۽ شرافت لاءِ ڇا چئجي...!!! ۽ انهن جون زالون اهڙيون نياڳيون هونديون آهن، جو انهن جو جيئڻ جنجال ڪري وجهنديون آهن..."

"ها بلڪل اهو به ٽڪي ٽڪي جي معمولي ڳالهين تي..."

"عورت ڪڏهن ڪڏهن وڌيون وڌيون زيادتيون به درگذر ڪري ويندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن بلڪل به هڪ عام ۽ رواجي ڳالهہ تي انڪي ٻيهي رهندي آهي ۽ جي ضد تي چڙهي تہ بس...!!"

"بس عجيب رشتو آهي اهو ڪڏهن ڪڏهن تہ صفا به غير فطري لڳندو آهي، صفا به سمجهہ کان ٻاهر لڳندو آهي..."

"هونهہ... ڪٽي زالون سڀيون آهن تہ مڙس خراب آهن ۽ ڪٽي وري مڙس سڀا هونداآهن تہ زالون خراب. ڪي ڪي خوشنصيب جوڙا هوندا آهن، جيڪي هڪٻئي کان مطمئن ۽ خوش هونداآهن..."

اسان جي پاڙي جو هڪ واقعو ياد اچي رهيو هو. هڪ مڙس پنهنجي زال کي ڪراڙپ تائين مارڪٽ ڪندو رهندو هو. هن جا پٽ پڙهي ويجي نوڪرين سان لڳا، تڏهن به هو پنهنجي زال کي اٽندي ويهندي پادرن سان پيو ڪٽيندو هو. هڪ ڏينهن سندن وڏو پٽ منجهند جي ماني کائڻ لاءِ گهر اچي رهيو هو تہ گهر جي ٻاهران پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي بيئل ڏنائين. وڏي ڀاءُ ننڍي ڀاءُ کان پڇيو:

"ٻاهر ڇا لاءِ بيٺو آهين...؟"

تہ هن کيس ٻڌايو.

"بابي امان کي ماريو پئي، هوءَ ويچاري روئي ۽ رڙيون ڪري رهي هئي، مان برداشت نہ ڪري سگهيس. ان ڪري ٻاهر نڪري آيو آهيان."

هن چيس:

"هل گهر..."

هو پئي گهر آيا. وڏي پٽ پنهنجي ماءُ کي روئندڙ حالت ۾ ڏٺو تہ پيءُ کي چيائين.

"اڄ هي آخري ڏينهن ٿيو هاڻي وري جي ٻيهر اسان جي ماءُ تي هٿ کنيو اٿئي تہ سٺو نہ ٿيندئي..."

پٽس هڪل ڪندي چيس.

"چا ڪندين...؟"

هن اکيون ڏيکاريندي ڪاوڙمان چيو هوس.

"اهو ڪندو سانءِ جو دنيا تو کي بہ ٽڪون هٽندي تہ مون کي بہ..."

هو پنهنجي پٽن جا ڳاڙها تارا ڏسي سمجهي ويو ۽ وري پنهنجي زال تي هٿ نہ کنيائين ۽ نيٺ وڃي ويچاري جي جان ڇٽي...

"مان شادي واري سوال تي ڪيترن ئي ماڻهن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي آهي پر ڪنهن بہ ماڻهوءَ خاطر خواهہ جواب نہ ڏنو آهي..."

"چا چوڻ آهي ماڻهن جو...؟"

ڪيس مسڪرائيندي چيو هوم.

"بلڪل رسمي ۽ روايتي چوڻ آهي..."

هن بہ مسڪرائيندي پڇيو هو.

"ڪهڙو...؟"

"اسان جي ڪاليج جو هڪ استاد شاديءَ لاءِ هڪ شعر چوندو آهي تہ "چار دن ڪي چاندني پھر اندهيري رات هي"

"ها ها ها..."

هوءَ ڪلي پئي هئي. مون ڪيس ٻڌايو هو.

هڪ ڏينهن اسان جي ڪاليج ۾ شاديءَ واري موضوع تي شادي شده استاد پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئا. اسان جي ڪاليج جو هڪ استاد پنهنجي زال سان تمام گهٽي محبت ڪندو آهي. مون هن کان بہ شادي ڪرڻ يا نہ ڪرڻ جي باري ۾ پڇيو تہ هن چيو 'شادي نہ ڪرڻ گهرجي.' مون ڪانئس پڇيو تہ پر اوهان تہ چوندا آهيو اوهان جي زال اوهان سان گهٽي محبت ڪندي آهي تہ هڪ لمحي لاءِ چپ ٿي ويو. پوءِ اداسيءَ مان چيائين. "بہ ڏينهن امان گهر اچي رهندي آهي تہ پوءِ هن جي محبت جي خبر پئجي ويندي آهي!!"

شگو جي واتان نڪري ويو هو.

"اوهہ..."

هڪ ساهيءَ کان پوءِ چيو هئائين.

"پر مون ڪڏهن بہ امان ۽ بابا جي وچ ۾ ڪا بہ اٽڪت ڪانہ ڏٺي..."

"ها، ان نسل جي گهٽن ماڻهن ۾ نباهہ هو رشتن جو پرم هو سوچ ۽ سمجهہ هئي، ان ڪري هو هڪٻئي جو خيال رکندا هئا ۽ پنهنجي ان رشتي کي ڇڪي نموني نباڻڻ جي ڪوشش ڪندا هئا."

مون ڪيس ڪاليج جي هڪ ٻي استاد جي ڳالهہ ٻڌائي هئي.

"هڪ استاد ٻڌايو پئي ته شادي کان اڳ ۾ جڏهن به دوست گهر ايندا هئا ۽ ماني جو وقت هوندو هو ته امان پاڻ چوندي هئي ته پٽ دوستن کان پڇي اڇ ته ماني کائيندا...؟" ان پڇڻ ۾ به امان جي شفقت ۽ ٻاجهه سمايل هوندي هئي. دوستن کي ماني کائڻي هوندي هئي ته امان هنن لاءِ پاڻ مانيون پچائيندي هئي. ٻوڙ ۽ پاڇيون رڌيندي هئي. هڪ ڀيري ايئن دوست آيا، مان امان کي هنن جي مانيءَ لاءِ چوڻ ويم. ڏٺم ته امان ڪٽ تي سُتي پئي هئي. مان کيس پري کان ئي دوستن جي اچڻ ۽ ماني ڪرڻ لاءِ چئي ويم. امان اٿي ماني پچائڻ هلي وئي. جڏهن ڪجهه دير کان پوءِ ماني ڪڍڻ آيم ته ڏٺم ماني ٽيبل تي تيار لڳي پئي آهي ۽ امان وري ويچي ڪٽ تي سُتي آهي. مان ماني دوستن ڏانهن کڻي ويم. جڏهن دوست ماني کائي هليا ويا، تڏهن مان امان جي ڪمري ڏانهن ويم. ته جيئن امان کي ٻڌائي سگهان ته هن ڏاڍي سٺي ماني پچائي هئي. مان جيئن امان جي ڪمري ۾ گهڙيم ته ڏٺم امان اکيون بند ڪري سُتي پئي هئي، مون کي امان تي ڏاڍو پيار پئي آيو ان ڪري هن جي نرڙ تي هٿ ڦيرجي ويو. امان جو نرڙ گرم هو. امان ان وقت اکيون کوليون ته مان ڪانئس بي اختيار ٿي پڇي ويٺس.

"امان تو کي بخار آهي ڇا...؟"

هن ويچاري وڏيءَ سڪ ۽ اُکير مان وراٽيو.

"بس ابا ائين ئي ٿورو بخار آهي..."

مون کي ڏاڍو افسوس ٿيو ته مون امان جي اهڙي حالت ۾ به کيس تڪليف ۾ مبتلا ڪيو. هن منهنجي اهڙي پشيماني کي پروڙي ورتو ۽ دلداري ڏيندي چيائين:

"نه ابا مان ٺيڪ آهيان، تون پريشان نه ٿيءُ، بخار جي گوري ڪاڏي اٿم. ڇاڪ ٺيڪ ٿي ويم."

ايئن چئي منهنجي هٿ کي چُمي ڏنائين ۽ مان ندامت ۽ شرمندگيءَ جي احساس جي ڪري وڌيڪ بيهي نه سگهيس."

اها ڳالهه ٻڌي شگو جي چهري تي عجيب قسم جي احساس واري مرڪ اچي وئي هئي. هن هڪ عجيب احساس سان چيو هو.

"دنيا جون سڀ مائرون ڏاڍيون مهربان، شفيق ۽ ٻاجهاريون ٿيندينون آهن. دنيا جو اهڙو ڪو به رشتو نه آهي، جيڪو ماءُ جي پيار جي برابر هجي. صرف ماءُ جو ئي رشتو سچو آهي، جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي ڪا به ملاوٽ نه آهي، جيڪو پنهنجي سڄي جو سڄي جوهر ۾ نج نبار ۽ خالص آهي."

"ها تون صحيح ٿي چئين شگو! خبر اٿئي ان سَرِ ان واقعي ٻڌائڻ کان پوءِ ڇا ٿيو...؟"

مرڪندي پڇيو هئائين.

"ڇا...؟"

"ڇيائين هاڻي ڇڳي پلي زال گهر ۾ ويٺي هوندي آهي ته به دوستن لاءِ چانهه چاڙهيندي به تپ وٺي ويندو اٿس. ڇئي اهي ويهه رپيا به نه هيئي جو پنهنجي دوستن کي هوٽل تي چانهه پيارين ها..."

"ها ها ها..."

"پاڻ ڪلي پيا هئاسين. هن ڪلندي چيو هو.

"ويچاري سان ڏاڍي ٿي..."

"ها، هو تڏهن ته ڇئي ٿو ته شادي ڪجي ته زال مان گهٽيون اميدون نه رکڻ گهرجن..."

هوءَ اها ڳالهه ٻڌي مُرڪي هئي، ته مون هن کي هڪ ٻي استاد جي آخري ڳالهه ٻڌائي هئي. هن چيو هو.

"اسان جنهن معاشري ۾ رهون ٿا، ان ۾ هڪ شريف ماڻهوءَ کي آخرڪار شادي ڪرڻي پوندي آهي. ڇو ته جنسي جذبا انسان ۾ فطري طور سمايل آهن، جن کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. ٻيو ته اهو هڪ قدرت جو قانون به آهي، ماڻهوءَ جي ماڻهوءَ سان جهڙي تهڙي سات ۽ سهاري لاءِ ۽ پنهنجي نسل جي واڌ ويجهه لاءِ..."

"ها هو سر صحيح ٿو چئي..."

"پر انهن سيني جي ڳالهين ٻڌڻ کان پوءِ ۽ ڪيترن ئي ناڪام شادين کي ڏسڻ کان پوءِ مان ان نتيجي تي پهتو آهيان ته هڪ حساس ماڻهوءَ کي شادي نه ڪرڻ گهرجي..."

هوءَ وري مُرڪي هئي، ۽ مرڪندي چيو هئائين.

"جڏهن حساس ماڻهو شادي ڪندو تڏهن پاڻ ئي آهستي آهستي هن جي حساسيت گهٽ ٿيندي ويندي، ۽ هو پنهنجي جذبن ۽ احساسن کي وس ۾ ڪرڻ سکي ويندو."

"ها پر تون ڪجهه به چئين، مان ذهني طور به، معاشي طور به ايجان شاديءَ لاءِ تيار نه آهيان..."

هن مرڪندي چيو هو.

"جڏهن تنهنجي شاديءَ جو وقت ايندو تڏهن تون هر حوالي کان پاڻ ئي تيار ٿي ويندين..."

"خير ان موضوع تي ڪيترو به ڳالهائجي پر اهو بحث اڌورو ئي رهڻو آهي..."

"ها تون صحيح ٿو چئين،مان هاڻي هلان ٿي، هڪ بن ڏينهن کان پوءِ وري ايندس..."

"ٿئنڪ يو ويئر شگو...!"

"ٿئنڪ يو... ماشاءِ الله"

شگو جي وڃڻ کان پوءِ به مان شاديءَ واري موضوع تي سوچيندو رهيو هوس. منهنجيءَ دل مان بار بار اهو ئي آواز اچي رهيو هو ته هڪ حساس ماڻهوءَ کي شادي نه ڪرڻ گهرجي، هڪ حساس ماڻهوءَ کي ڪڏهن به شادي نه ڪرڻ گهرجي... ڪڏهن به شادي نه ڪرڻ گهرجي... ڪڏهن به نه...

14

مان ٽيچرس ڪامن روم ۾ويٺو هوس، ته منهنجي سامهون واري ڪرسيءَ تي هڪ ڪالیج استاد اچي ويٺو. مون کي ڏسي هُو مسڪرائڻ لڳو ته مون سندس اکين ۾ ڏسي پروڙي ورتو ته سندس دل ۾ ڪا ڳالهه آهي، جنهن تي سوچيندي هو تڪليف محسوس ڪري رهيو آهي. هن مون کي ڏسي ٽڏو ساهه کنيو هو ۽ سندس ڪنڌ ناڪار ۾ لوڏجي ويو هو ته مون کانئس پڇيو هو.

"ڇا ڳالهه آهي سر...!؟"

"بس سر! ڇا ڳالهه ڪجي..!!"

"وري به..."

"اسان جا شاگرد اسان جي علم ۽ اسان جي سکيا کي نه ٿا ڏسن، هنن کي استادن واري پيشي ۾ ان پيشي جي عظمت ڏسڻ ۾ نه ٿي اچي. هنن جي نظر اسان جي ڪپڙن، بوٽن، ۽ ٻين رواجي شين تي آهي..."

مون کان لاشعوري طور تي پُڇجي ويو هو.

"ڪيئن...!؟"

هن پنهنجي ڪيسي مان بال پين ڪڍي هڻي ۽ ان کي ڏسندي چيو هئائين:

"مان ڪلاس وٺي واپس اچي رهو هوس ته هڪ شاگرد چيو. سر..! اوهان جي اها پين پنجين رپين جي آهي، نه...؟ ان کان اڳ جو مان کيس کو جواب ڏيان، سجو ڪلاس وڏو وات ڦاڙي ڪلڻ لڳو..."

"اها ڳالهه ٻڌڻ کان پوءِ اسان سڀ استاد هڪ لمحي لاءِ چپ ٿي ويا هئاسين."

هڪ ٻي استاد چيو هو.

"پنجين رپين جي پين آهي، ته پوءِ ڇا ٿي ٻيو...؟"

مون کان هڪ ڦڪي مرڪ ڇڏائجي وئي هئي. پهرين استاد پڇيو هو.

"چو سر! ڪلو ٿا...!؟"

"ڪلان نہ تہ چا ڪيان، خير پوءِ اوهان ڪلاس کي ڪهڙو جواب ڏنو؟"

"شايد جذباتي ٿي ويو هوس، ان ڪري جذبات مان ڪين چيم تہ مان چاهيان تہ مان بہ ڪنهن وڏي برانڊ جي پين وٺي سگهان ٿو پر مون کي هن پين سان لکڻ سٺو ۽ سولو لڳندو آهي..."

هڪ پيرو وري ڦڪي مرڪ مرڪڻ لڳو هوس. مون انهن استادن کي طنزيہ مرڪ مرڪندي ڇيو هو.

"دراصل ان ۾ ڪنهن جو بہ ڏوهہ نہ آهي. اسان جي سنڌي هوليءَ ۾ چوندا آهن تہ:

"رب رُسي مَتِ کسي، هٿي ڪين هٿيار
ڏسي اهڙو پار جتي جوکو جيءَ جو..."

شايد اسان جو رب بہ اسان کان رُسي ويو آهي، جو اسان جي موجوده ۽ ايندڙ نسلن جي مَت ئي مُنجهيل آهي. يا مت کسيل آهي..."

هو مون کي ڏسي رهيا هئا. مون وڌيڪ ڳالهائڻ شروع ڪيو هو.

"جن ڳالهين کي ڏسڻ نہ گهرجي، اهي ئي ڳالهيون اسان جي عام زندگيءَ جو وهنوار بڻجي ويون آهن. جن ڳالهين کي اهميت نہ ڏيڻ گهرجي، تن کي اهميت ڏئي اسان جيئڻ مرڻ جو مسئلو بڻائي ڇڏيو آهي. جن ڳالهين کي اهميت ڏيڻ گهرجي، تن کي ڏري برابر بہ اهميت نہ ٿا ڏيون. ماڻهوءَ جي عزت ۽ وقار مانَ مرتبي ۽ حيثيت جو تعين اڄ جي دور ۾ رسمي ۽ دنياوي شيون ٿيڻ ڪن ٿيون- ماڻهوءَ جو اخلاق، ڪردار ۽ آدرش نہ..."

شايد مان تڪليف مان ڳالهائي رهيو هوس، هو مون کي ٻڌي رهيا هئا.

"هي برانڊس جو دور آهي. هر شيءَ جو برانڊ ڏسي پوءِ اهميت جو اندازو لڳايو ٿو ويجي. ڪپڙا ڪهڙي برانڊ جا اٿس؟ بوٽ ڪهڙي ملڪ جي وڏي برانڊ جا اٿس؟ جڏهن تہ اهي بہ اتلي، آمريڪا يا ٻي ڪنهن وڏي ملڪ جي برانڊ جا هجڻ گهرجن. پرفيومز پئرس جا يا گهٽ ۾ گهٽ دبئي جا، چشما ري بئن جا، گهڙيون روليڪس جون، گاڏيون جاپان جون، موبائلون آءِ فون جون... مطلب تہ هر شيءِ جو برانڊ هجي. سنا ڪپڙا، زيور، پرس، جوتا هر شيءِ سيٽ جي سيٽ شيءِ ڪنهن نہ ڪنهن برانڊ جي هجڻ گهرجي تہ جيئن ماڻهوءَ جي شخصيت جو وڏو اثر ويهي. اهڙي ماڻهن جو جيئڻ مرڻ اهڙين سوچن ۽ مسئلن جي ور چڙهيل هوندو آهي. هر شيءِ ۾ ڏيکاءَ سنڊن مزاج جو حصو بڻجي ويندو آهي. پوءِ هو ڏيکاءَ کان سواءِ رهي نہ سگهندا آهن. آهستي آهستي هو ان ڏيکاءَ جي ڪري، پنهنجي پاڻ کي دوکو ڏيڻ جي ڪري،

رڳو کوڙي خوشي حاصل ڪرڻ ۾ ته ڪامياب ويندا آهن. پر انهن جي دل کي ڪا سچي خوشي نصيب نه ٿيندي آهي.

هو دلي ۽ روحاني طور تي کوکلا ٿي ويندا آهن. جنهن جو نتيجو اهو نڪرندو آهي، جو هڪ وقت گذرڻ کان پوءِ هر شيءِ هوندي سوندي به، هڪ بيچينيءَ ۽ بي سکونيءَ واري زندگي گذارڻ لڳندا آهن. پوءِ کين اهڙي بي سکونيءَ ۽ بي چينيءَ کان فرار گهربل هوندو آهي. پوءِ نشي جي ور چڙهي ويندا آهن ۽ آخر ڪار هنن کي برانڊيڊ اسڪاچ به سکون ڏئي نه سگهندي آهي."

سڀ چپ ٿي ويا هئا. ڳالهائڻ لاءِ وڌيڪ ڪجهه نه بچيو هو. ان ڪري کو استاد ڪتاب ڏسڻ لڳو هو ته ڪنهن اخبار پڙهڻ شروع ڪئي هئي ته ڪو تازي هوا جهڻڻ لاءِ ڪامن رومن کان ٻاهر نڪري ويو هو. مس صائمہ منهنجي پرسان اچي ويٺي هئي ۽ مسڪرائيندي مون کان پڇڻ لڳي هئي.

"پوءِ سر! ان برانڊيڊ دور مان ڪڍهن جان ڇٽندي..؟"

مون هڪ نظر ڪيس ڏانو هو ۽ پوءِ منهنجون نظرون ڪامن هال جي ڇت طرف ڪڇي ويون هيون. مس صائمہ جي سوال جي جواب ۾ چيو هوم.

"اڄان ته ان جي شروعات آهي ۽ پوءِ آهستي آهستي هڪ عروج تي پهچندو ۽ هڪ خاص نهج تي پهچي پنهنجي معنيٰ وڃائي ويهندو.."

هن مسڪرائيندي چيو هو.

"چگو نيٽ ته پلا ان جهنجهٽ مان جان ڇٽندي.."

"ها پر ان وقت تائين اسان پنهنجي پوري زندگي گذاري چڪا هونداسين..."

"معنيٰ ته پنهنجي زندگي ان عذاب ۾ گذرندي.."

ڪيس کي جواب نه ڏنو هوم، پر ان جي سوال تي سوچڻ ضرور لڳو هوم ته انهن بي معنيٰ ۽ بيڪار قسم جي اجاين شين کي منهن ڏيندي پنهنجي زندگي گذري ويندي. هوءَ مونکي ڏسي رهي هئي. شايد ڪيس پنهنجي ان ڳالهه جو جواب گهربل هو. مون چيو هو.

"ها! پر اسان کي جڳاڙ ڪيي وجهنداسين..."

مرڪي پئي هئي ۽ مرڪندي چيو هئائين.

"ڪيئن...!؟"

"ايئن ته اسان اهڙين فضول شين کي ڪا اهميت نه ڏينداسين."

"صحيح آ سر...!"

مان سوچي رهيو هوس.

"اسان کيتري به اهميت نہ ڏيون پر اسان جي ماحول جو اثر اسان جي طبيعت ۽ مزاج تي يقينن پوٽو آهي. اسان جن ماڻهن سان کنهن نہ کنهن رشتي طور جڙيل آهيون، انهن جي سوچ جو اثر اسان جي مزاج کي ضرور تڪليف ڏيندڙ ثابت ٿيندو. جڏهن کنهن به دوست يا عزيز جي گهر وڃبو آهي تہ خوش خير کان پوءِ اهو پڇيو ويندو آهي؟

"تہ اوهان چا تي آيا آهيو...؟"

"اڇو وارو جيڪڏهن، پنڊ، رکشا يا موٽرسائيڪل تي آيو هوندو تہ ساڻس مناسب وارو ورتاءُ ڪيو ويندو. پر جيڪڏهن هو پنهنجي ڪار تي آيو هوندو تہ ورتاءُ ۾ وڌيڪ بهتري هوندي. ان وقت هڪ دوست جو ٻڌايل هڪ واقعو ياد اچي رهيو هو. دوست ٻڌايو پئي تہ جڏهن هو يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هو تہ حيدرآباد ۾ هن جي سڳي ماسيءَ جو گهر هوندو هو. هو جڏهن به ماسيءَ جي گهر ويندو هو تہ هن جي ماسي هن کان چانهہ ۽ ماني لاءِ پڇا ڪندي هئي ۽ چانهہ يا ماني جي ضرورت جي هوندي به هُو پنهنجي ماسي کي ها چئي نہ سگهندو هو. هو سوچيندو هو ماني يا چانهہ لاءِ پڇن ٿا معنيٰ ماني کارائڻ نہ ٿا چاهين. چانهہ پيارڻ نہ ٿا چاهين، هو ويچارو ائين ئي ملي هليو ويندو هو. هن جي جڏهن يونيورسٽي جي پڙهائي پوري ٿي ۽ هن کي ڪجهہ وقت بيروزگار رهڻو پيو تڏهن هو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ماسيءَ جي گهر ويندو هو. هن جو ماسڙ هن کان مانيءَ جو اهڙي طريقي سان پڇندو هو جو جيئن هو چئي تہ مان ماني کائي آيو آهيان. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ جڏهن هن کي هڪ اداري ۾ آفيسر ٿيڻ جو آرڊر ملیو تہ هو پنهنجي ماسي جي گهر ويو. هو جيئن در ٽپي اندر داخل ٿيو تہ ماسڙ چيس.

"آءُ صاحب...! ڪا نوڪري ڏوکري مليئي يا اجان پيو حيدرآباد ۾ ڏڪا ڪائين...؟"

هن کيسي مان آرڊر جي ڪاپي ڪيڍندي چيس، تہ "ها اڄ ئي سترهين گريڊ جي نوڪريءَ جو آرڊرملیو آهي..."

اهو ٻڌي سندس ماسڙ هن جي ماسي کي چيو.

"مائي مبارڪ هجئي! تنهنجو پاٽيجو سترهين گريڊ جو آفيسر ٿي ويو..."

هن ٻڌي پنهنجي پاٽيجي کي مبارڪ چئي تہ مڙسنهس چيو.

"جلدي ڪر! ڪا پاٽيجي کي ماني کاراءِ ۽ چانهہ پيار!" منهنجي دوست کلي هن کي ٻڌايو هو تہ ان ڏينهن کان پوءِ هو چانهہ يا مانيءَ لاءِ پڇندا نہ هئا پر ڪٽي اچي ڪيان رکندا هئا.

اهو واقعو ياد ڪري مان مرڪي ويٺو هوس. مون کي مرڪندي ڏسي مس صائمہ پڇيو:

"چو سر مسڪرايو ٿا...؟"

مون کيس اهو واقعو ٻڌايو هو تہ هوءَ بہ مرڪي پئي هئي، مرڪندي چيو هئائين.

"اهو اوهان جو دوست سنو ماڻهو هو جيڪو آفيسر ٿيڻ کان پوءِ بہ هنن جي گهر ويندو رهيو نہ تہ ٻيو ماڻهو هنن جي گهر نہ وڃي ها..."

"ها مس اوهان صحيح ٿا چئو..."

مس صائمہ مون کي ڏسي مرڪي رهي هئي ۽ هن جي مرڪ وئي پئي آهستي آهستي گهري ٿيندي ۽ مان ماڻهن جي بدلجندڙ روين رتبن، عهدن ۽ دنيا جي مادي شين جي اجائي اهميت تي سوچي رهيو هوس.

15

ڪجهہ ڏينهن پنهنجي معمول موجب گذري ويا هئا. هڪ شام مس صائمہ جي ڪال آئي هئي، هن رسمي دعا سلام کان پوءِ چيو هو.

"سر اوهان لاءِ هڪ سرپرائيز آهي."

منهنجي دل چاهيو هو تہ ڪيس چوان تہ مون کي سرپرائيزز سٹا نہ لڳندا آهن، پر ان ڪري نہ چئي سگهيو هومانس جو خيال آيو هو تہ ڪٹي هن کي ڏک نہ ٹي پئي، ان ئي لمحي پاڻ ئي چيو هئائين تہ:

"پر مون کي خبر نہ آهي، تہ اوهان کي ڪيئن لڳندو...!!؟"

مون کانئس پڇيو هو.

"ڪهڙي قسم جو سرپرائيز آهي مس؟"

هن شايد منهنجي اڻ تڻ محسوس ڪري ورتي هئي، ان ڪري ٻڌايو هئائين..

"او سر...! دراصل..."

هڪ لمحي لاءِ هن جي اعتماد ۾ ڪمي اچي وئي هئي، هن اعتماد کي بحال ڪندي چيو هو.

"سر...! دراصل اڄ مان بازار وئي هيس، مون کي ٹوري شاپنگ ڪرٹي هئي. اتي مان هڪڙي ڪپڙن جي دڪان تي آسماني بلو رنگ جو هڪ ڪڑتو ڏٹو. مون تصور ڪيو تہ اهو اوهان کي ڏاڍو ڏهندو ان ڪري اوهان لاءِ وٹي آيس..."

شايد هوءَ منهنجو رد عمل جاڻڻ لاءِ اتاولي هئي، ان ڪري پاڻ ئي تڪڙ ۾ پڇيو هئائين.

"اوهان کي منهنجي اها حجت خراب تہ نہ لڳي نہ سر...!؟"

"اوهان اجايو تڪليف ڪئي مس! مون کان تحفہ سنيالیا نہ ٹيندا آهن..."

"منهنجو تحفو سنياڻ لاءِ نہ آهي سر! پائي چوڻ لاءِ آهي. اوهان جيڪڏهن هڪ دفعو بہ پائيندا تہ مان ايئن سمجهندس جڙ ان جي قيمت ادا ٿي وئي..."

"مهرباني مس...!"

"پوءِ سر! سياٽي ڪاليج ڪٽي اچان...؟"

مون کان تڪڙو جواب نڪتو هو.

"نہ نہ مس ڪاليج نہ ڪٽي اڇجو استادءِ استاف ڏسندا تہ ڇا سوچيندا...؟"

"ٺيڪ آهي، پوءِ پلا واپسيءَ تي ڪجهہ وقت لاءِ اوهان منهنجي گهر ايندا...؟"

"اوهان جي گهر اچان...؟"

"ها سر! بلڪل..."

"مون کي ٿورو ٿورو عجيب ٿو لڳي..."

"ان ۾ عجيب لڳڻ جهڙي ڪهڙي ڳالهہ آهي...؟"

"نہ ڄاڻان ڇو اهو سوچيندي مُونجهہ پئي ٿي."

"ڇاهي جو اوهان پهريون پيرو پيا اچو نہ ان ڪري اوهان کي ايئن محسوس پيو ٿئي..."

"هونهہ..."

"اوهان ايندا تہ پوءِ اوهان ٺيڪ محسوس ڪندا..."

"پر مون کي اوهان ڏانهن ايندي.."

هن منهنجو جملو اڌ ۾ ڪٽيندي چيو هو.

"ٺيڪ آهي، اوهان کي منهنجي گهر ايندي پريشاني پئي ٿي نہ! مان پاڻ اوهان سان گڏ هوندس، سياٽي ڪاليج جي موڪل کان پوءِ مان اوهان کي رڪشا تي گهر وٺي هلندس، ٺيڪ آهي...؟"

هن اهو جملو فيصلو ٻڌائڻ واري انداز ۾ چيو هو ۽ ها چوڻ کان سواءِ مون لاءِ ٻيو ڪجهہ نہ بچيو هو. ان ڪري ڪيس چيو هوم...

"ٺيڪ آهي مس...!"

ٻئي ڏينهن جڏهن هن کي رڪشا کڻڻ آيو هو تہ هوءَ مون کي پاڻ سان گڏ وٺي وئي هئي. رڪشا ۾ ويهڻ کان پوءِ هوءَ ڏاڍي خوش ٿي وئي هئي. اسان ٻئي پنهنجي سيٽ تي ويٺا هئاسين. هن جي ۽ منهنجي وچ ۾ سندس پرس پيل هئي. هوءَ خوشيءَ ۾ ٻهڪي پئي هئي، سندس چهري تان مُرڪ وئي ئي نہ پئي، هوءَ مسلسل مرڪي رهي هئي. هن کي ڇُهي جيڪا هوا مون کي لڳي رهي هئي، تنهن ۾ رابيل جي گلن جهڙِي خوشبو هئي. شايد هن ان قسم جي خوشبو وارو ڪوئي پرفيوم استعمال ڪيو هو. رکي رکي هوءَ اک ٽيٽ سان مون ڏانهن ڏسي رهي هئي، شايد هن منهنجا احساس

ڏسڻ پئي چاهيا. پر مون هن کي اهو احساس پئي ڏنو تہ مان اهو سوچي رهيو آهيان تہ رڪشي وارو منهنجي باري ۾ چا سوچيندو هوندو تہ مان ڪير آهيان...؟ ۽ هڪ ئي سيٽ تي ويهي هن سان چو سفر ڪري رهيو آهيان. يا مس صائمہ جي گهر وارا بہ ائين سوچي سگهن ٿا تہ مون کي هوءَ پنهنجي گهر چو وٺي آئي آهي؟ مان اهڙي قسم جي سوچن ۾ هيس تہ هن پڇيو هو.

"سر! چا ٿا سوچيو...؟"

تڪڙ ۾ جواب نڪتو هو.

"ڪجهہ بہ نہ مس...!

"نہ ڪجهہ تہ سوچيو پيا..."

"ها مس! اهو ئي تہ هن وقت اوهان جي گهر ۾ ٻيو ڪير ڪير هوندو...؟"

"گهٽو نہ سوچيو صرف امي هوندي.."

"۽ ٻيا گهر ياتي..."

"نوڪرين تي..."

"ڪير ڪير هوندو آهي اوهان جي گهر ۾...؟"

"امي ياءُ، ياڇائي، يائٽيا ۽ مان..."

"اڇا...! يائيٽا تہ اسڪول کان واپس آيا هوندا نہ...؟"

"ها پر اهي پنهنجي ڪمري ۾ ئي هوندا آهن ۽ منهنجند جي ماني ڪائي سمهي پوندا آهن."

"ٻيا گهر ياتي...؟"

"اُهي سڀ پنجين ٻجي تائين اچي ويندا آهن..."

لاشعوري طور تي مون گهڙيءَ ۾ وقت ڏنو هو ۽ ٿي رهيا هئا. مون سوچيو پئي جيترو جلدي ٿي سگهي، مان هن جي گهران نڪري ايندس. هن چيو هو.

"سڀ سٽا ماٺهو آهن..."

"الحمدالله..."

اسان ائين ڳالهيون ڪندا پئي آياسين تہ رڪشا هڪ بنگلي جي اڳيان اچي بيٺو هو. مون هڪ نظر بنگلي کي ڏنو هو ۽ڏو دروازو هيٺ مٽي ۽ ماڙ گهر هو. هوءَ رڪشي مان لهي تڪڙي گهر جي در تي بيٺي هئي ۽ گهر جي گهنٽي وڄائي هئائين. تيستائين مون هن جي گهر جي گهٽي واري ڪجهہ ٻين بنگلن تي نظر ڦيرائي هئي. اهو پاڙو وچين طبقي جي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن جو علائقو لڳي رهيو هو. هن جيئن گهنٽي وڄائي هئي تہ سندس ماءُ گهر جو ننڍو دروازو کوليو هو. شايد هوءَ پنهنجي ڌيءَ جو انتظار ڪري رهي هئي، يا هن موبائيل فون تي پنهنجي اچڻ جو ننڍڙو نياپو

موڪليو هو. هوءَ پنهنجي ماءُ سان مرڪي ملي هئي ۽ مرڪندي ڪيس ڪجهه آهستي چيو هئائين. جنهن کان پوءِ سندس ماءُ مون کي چيو هو...

"اچو پٽ، اندر اچو..."

مون ڪيس سلام ڪيو هو ته هن مون ڏانهن هٿ وڌايو هو. مان ساڻس نوڙي مليو هوس. ته هن کان مرڪ ڇڏائجي وئي هئي. هوءَ پوري پُني قد واري خوش شڪل عمر رسيده عورت هئي ۽ پنهنجي ڏيک ويک مان هڪ باوقار شخصيت جي مالڪياڻي لڳي رهي هئي. مس صائمہ ڪار پارڪنگ واري حصي سان لڳو لڳ ڊرائينگ روم جو در کوليو هو. تڪڙ ۾ ڪمري جون ٽيوب لائيٽون ٻاريون هئائين. بهار جا شروعاتي ڏينهن هئا، پکو نہ هلائجي ها، ته بہ خير هو. پر شايد هن ائين سمجهيو هوندو ته ڪٿي مون کي گرمي نہ ٿئي ان ڪري گهٽ رفتار تي پکو هلائي ڇڏيو هئائين. ڪمري ۾ هڪڙي پاسي مهانگو صوفا سيٽ پيل هو. ٻئي پاسي ڊائننگ ٽيبل رکيل هئي. مون کي ته سيٽي صوفي تي ويهاريو ويو هو. مس صائمہ ان ڏينهن تمام گهٽي خوش هئي ۽ رسمي شين ۾ لڳي وئي هئي. سيڪان اڳ ۾ هوءَ هڪ ٽري ۾ بہ گلاس ۽ پاڻيءَ جي جڳ ڪٽي آئي هئي ۽ منهنجي سامهون پيل ٽيبل تي رکي وري ڊرائنگ روم مان واپس هلي وئي هئي. ويندي ويندي چيو هئائين.

"سر! اوهان پاڻي پيئو."

مون جڳ مان گلاس ۾ پاڻي پري ڪجهه ڏک پريا هئا ته هوءَ هڪ ٻيو ٽري ڪٽي آئي هئي ۽ اهو بہ آڻي منهنجي سامهون ٽيبل تي رکيو هئائين. مون کان بي اختيار نڪري ويو هو.

"مس صائمہ! هي اوهان چا پيا ڪريو...!؟"

هن منهنجي ڳالهہ تي ڪو بہ ڌيان نہ ڏنو هو رڳو ايترو چيو هئائين.

"مانيءَ جو وقت آهي. جيڪا شيءِ گهر ۾ تيار هئي، سا ڪٽي اچي اوهان اڳيان رکي آهي..."

"اوهان هرو پرو تڪليف پيا ڪيو..."

"تڪليف تڏهن چئو ها، جڏهن خاص اوهان لاءِ تيار ڪجي ها. پر تڏهن بہ تڪليف وري ڪهڙي...!!"

هن مون کي پليٽ ڏيندي هات پات مٽان ڏنل شيشي وارو ڊڪ لاٿو هو ۽ خوشي مان چيو هئائين...

"ونو پليز...!"

مون پليٽ جي هڪ پاسي ٿورا چانور ڪڍي رکيا هئا ته هن ڪجهه ٻوٽيون پليٽ ۾ وجهندي چيو هو.

"سر! اوهان ته ڪجهه ڪٽو ئي نه ٿا... رائتو لاهي ڏيانءِ...!"

"نه مس! مهرباني..."

"نه چو...؟"

"رائتو مان آخر ۾ ڪائيندو آهيان..."

"ٺيڪ آهي..."

هن سلاد جي پليٽ مان ڪجهه کيرا ۽ گجرون ڪٽي منهنجي پليٽ ۾ رکيون هيون. مون پهريان کيرا ۽ گجرون کائڻ شروع ڪيون هيون، پوءِ برياني کائڻ کي لڳي ويو هوم. ان سڄي وقت جي خاص ڀالهه اها هئي ته مس صائمه ڏاڍي خوش هئي. اسان ماني کائي رهيا هئاسين ته مس صائمه جي ماءُ ڊرائينگ روم جي در تائين ڏيڊ ليٽر واري سيون اپ بوتل کڻي آئي هئي. مس صائمه ڦرتي سان اٿي وڃي ماءُ کان بوتل وٺي آئي هئي ۽ ٽيبل تي رکيل ٻنهي گلاسن ۾ اوتي، اهي پري ڇڏيا هئائين. هن جي ماءُ بوتل ڏئي هلي وئي هئي. اسان برياني کائيندي جڏهن پاڻيءَ جي ضرورت پئي محسوس ڪئي. تڏهن ان بوتل پريل گلاس مان سُپ پئي پري، جڏهن ماني کائي پوري ڪئي هئيسين ته مس صائمه پڇيو هو.

"سر! چانهه پيئندو...؟!"

مون کيس تکڙو جواب ڏنو هو.

"نه مس! مان هاڻي پنهنجي گهر وڃڻ چاهيندس..."

"سنڌي ماڻهوءَ کي ماني کان پوءِ چانهه نه پياري وئي ته معنيٰ ان کي ماني ۾ نه کارائي وئي..."

هوءَ کلي رهي هئي، سندس کلڻ ۾ عجيب قسم جي مستي هئي. مون کيس مرڪي ڇيو هو.

"ان جي ڪسر بوتل کڄي ڇڏي آهي..."

"هوءَ اٿي وئي هئي ۽ ٿوري ئي دير کان پوءِ واپس آئي هئي. هن جي هٿ ۾ گفٽ بيگ هئي. جنهن ۾ هڪ خوبصورت پيڪنگ ۾ اهو آسماني رنگ وارو ڪڙتو هو جنهن جي باري ۾ هن مون کي اڳواٽ ٻڌائي ڇڏيو هو. هن ايندي ئي اهو گفٽ بيگ مون کي ڏنو هو. ان لمحي هوءَ خوشي مان وڌيڪ ٻهڪي پئي هئي. مون ان بيگ کي ڏسندي سندس ٿورا ميڙا هئا.

"مهرباني مس...!"

"اوهان جي ٻه مهرباني..."

مون هن کان ان ئي ڪيفيت ۾ موڪلائڻ پئي چاهيو ان ڪري صوفه تان اٿيو هوس. هوءَ سمجهي وئي هئي، ان ڪري مون کان پڇيو هئائين.

"هلو تا چا سر...؟"

"جي مس! مان هاڻي هلان ٿو..."

"اوهان هتي آيا، سچ ته ان ڳالهه جي مون کي تمام گهڻي خوشي آهي."

"جي مس...!"

"اميد ته اوهان هتي ايندا رهندا..."

مون هن جي چهري ڏانهن ڏٺو هو ته کلي پئي هئي. ان لمحي الاءِ ڇو مون کي ٿورڙي ٿورڙي بيچيني ٿي رهي هئي، شايد هوءَ جيڪي مون مان اميدون رکي ويٺي هئي، تن مون کي پريشان پئي ڪيو. مان ڪيس

"انشاءِ الله..."

چئي ڊرائينگ روم مان نڪري آيو هوس. هوءَ پنهنجي گهر جي دروازي تائين مون کي ڇڏڻ آئي هئي. دروازو ٽپي جيئن مون ڪيس مڙي ڏٺو هو ته هن چيو هو.

"خدا حافظ سر...!"

مون به ڪيس جواب ۾

"خدا حافظ مس...!"

چيو هو. پوءِ ٿورو اڳتي وڌي رڪشي تي چڙهي گهر آيو هوس. الاءِ ڇو مون کي ائين پئي لڳو جڙ مان وري هڪ ٻي جار ۾ قاسي رهيو آهيان ۽ مون ڪنهن به طرح ان جار ۾ قاسڻ نه پئي چاهيو...

16

گهر پهچي مون شگو کي کال ڪئي هئي ۽ مس صائمہ جي ڏنل ان تحفي جي باري ۾ ٻڌايو هومانس تہ هوءَ ڪلي پئي هئي ۽ ڪلندي چيو هئائين.

"هلو سُنو ٿيو...؟"

مون ڳالهہ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي چيو هو.

"چا سنو ٿيو...؟"

"تہ مس صائمہ تو ۾ تمام گهڻي دلچسپي ٿي ونئي."

"پر هُن جي ان دلچسپي ونڻ جي ڪري مون کي پريشاني پئي ٿئي..."

"چو ان ۾ پريشاني جي ڪهڙي ڳالهہ آهي...؟"

"هوءَ مون مان اهڙيون اميدون رکي ويهندي جيڪي مون لاءِ پوريون ڪرڻ ممڪن نہ هوندو..."

"پر تون وقت کان اڳ ۾ ائين ڪيئن ٿو چئي سگهين؟"

"مون ڏٺو آهي، اکثر ايئن ئي ٿيندو آهي..."

"منهنجي خيال ۾ هوءَ توکان اهڙيون کي بہ خواهشون نہ رکندي جيڪي تون پوريون نہ ڪري سگهين..."

هڪ لمحو خاموش ٿي ويا هئاسين. پوءِ دلداري ڏيندي چيو هئائين.

"ٺيڪ آهي تون پريشان نہ ٿيءُ! ٺيڪ آهي...؟"

مون کيس ڪوبہ جواب نہ ڏنو هو هن وڌيڪ ڳالهائڻ شروع ڪيو هو.

"جيئن سلسلو هلي رهيو آهي، تون اُن کي هلڻ ڏي، ۽ هن سان اهڙي قسم جي ڪا بہ ڪمٽمينٽ نہ ڪر جيڪا تون پوري نہ ڪري سگهين..."

ٿوري تڪليف مان چيو هوم...

"يار مون کي منهنجي پرسنالٽي سمجهه ۾ نه ٿي اچي، هوءَ مون سان ڳالهائي ٿي ته نه چاهيندي به هن کي ريسپانس ڏيان ٿو ۽ جڏهن هن کي ريسپانس ڏيان ٿو ته وري پريشاني به پاڻ کي ٿئي ٿي..."

"تون کو هڪڙو ڪم ڪر نه! يا ته هن کي ريسپانس ئي نه ڏي يا وري پريشان نه ٿي...!"

"تون صحيح ٿي چئين...! مون کي لڳي ٿو ته مان شخصي طور ڏاڍو ڪمزور انسان آهيان."

ائين هر ماڻهوءَ سان هوندو آهي، ڪن معاملن ۾ هو ڪمزور هوندو آهي ته ڪن معاملن ۾ مضبوط انسان عجيب قسم جي مٽي جو ٺهيل آهي..."

"ها تون صحيح ٿي چئين..."

"تون ڏس، جن معاملن ۾ تون پنهنجي شخصيت کي ڪمزور محسوس ٿو ڪرين، انهن معاملن ۾ پنهنجو پاڻ کي مضبوط بڻاءِ...!"

"مان ڄاڻان ٿو ته منهنجي شخصيت جن معاملن ۾ مضبوط نه آهي، انهن جو سبب به صرف ۽ صرف منهنجي سٹائي آهي، چو ته مان ڪنهن کي ڏک ڏيڻ نه چاهيندو آهيان، ڪنهن کي منهنجي ڪري ڪا تڪليف پهچي مان اهو برداشت ناهيان ڪري سگهندو..."

"ان ڪري پاڻ ڏک ۽ تڪليف ۾ پوڳيندو رهندو آهين؟"

"ها بلڪل، اهو تون ڄاڻين ٿي..."

"پر آخر ڪيستائين تون اهڙي قسم جي اجاين پوڳنائن جو شڪار رهندين...؟"

مان چپ ٿي ويو هوس.

"تون پنهنجو پاڻ کي تبديل ڪر منصور! هيءَ دنيا اهڙي ناهي..."

هن جي ڳالهائڻ ۾ ڏک ۽ تڪليف وارا احساس هئا. مون هن سان متفق ٿيندي چيو هو.

"تون صحيح ٿي چئين شگو! مون کي پنهنجو پاڻ ۾ تبديلي آڻڻ گهرجي."

"تون ڪوشش ته ڪر...!"

"ها مان ضرور ڪوشش ڪندس..."

"ڏس نه منصور...! تون ايان ڪيستائين پاڇولن جي پويان پٺڪندو رهندين...؟"

مان چپ ٿي ويو هوس. هوءَ ڳالهائي رهي هئي.

"قسمت سان هڪ چوڪري پاڻ تنهنجي سٹائيءَ جي ڪري توسان ويجهو ٿي رهي آهي. تون هن کي ڄاڻي واڻي نظر انداز نه ڪر...!"

مان هن کي ڪو به جواب ڏيڻ کان سواءِ ٻڌي رهيو هوس.

هن جذباتي ٿيندي چيو هو.

"ڇا تون ايجان به ان انتظار ۾ آهين ڇا ته تنهنجي يونيورسٽيءَ واري مائي سنڌيا توڏانهن موٽي ايندي..؟"

هن شايد منهنجي نفسياتي ڪيفيت جو صحيح تجزيو ڪيو هو. واقعي به منهنجي ذهن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ اهو گمان موجود هو ته هوءَ هڪ ڏينهن مون ڏانهن موٽي ايندي.

شگو ڪاوڙ مان چيو هو.

"ڏوڪي جي دنيا مان نڪري اڃ مُنو! تون ڪيستائين پنهنجو پاڻ کي ڏوڪي ۾ مبتلا رکندين؟ ڇا تون نه ٿو ڄاڻين ته هن توکي صرف ان ڪري ڇڏيو آهي، جو هن سمجهيو پئي ته هن جي زندگي معاشي حوالي سان توسان نه پر ڪنهن ٻي ماڻهوءَ سان بهتر گذرندي ۽ ان ماڻهوءَ سان هاڻي هن جي شادي ٿي چڪي آهي؟ هوءَ نوڪري ٿي ڪري ۽ پنهنجي مڙس سان خوش آهي؟"

"ها مون کي سڀ خبر آهي...!"

"ته پوءِ...؟؟؟"

"ڪجهه نه...!!"

هوءَ ڏڏي ٿي وئي هئي ۽ پنهنجائپ مان وري سمجهائيندي چيو هئائين.

"ڏس نه منصور! مان هڪ عورت آهيان ۽ عورت جي نفسيات کي سمجهي سگهان ٿي. هڪ ته سنڌيا پلي ڪيتري به ڏکي ڇو نه هجي، هن کي توکي ڇڏڻ جو ڪيترو به پڇتاءُ ڇو نه هجي، پر هوءَ تو ڏانهن ڪڏهن به واپس نه ايندي هوءَ تو ڏانهن واپس اچي ڪڏهن به پنهنجي انا کي مجروح نه ڪندي ۽...۽ هاڻ ته هوءَ هڪ ٻئي ماڻهوءَ جي زال آهي..."

مان چپ ٿي ويو هوس. مٿي ۾ سور پئجي ويو هو. جسم ڏڏو ٿي ويو هو. هڪ پيرو وري پيڙا جي پلصراط تان گذري رهيو هوس. شگو چيو هو.

"مس صائمه جي باري ۾ تو جيڪو ڪجهه به ٻڌايو آهي، ان مان هوءَ سٺي چوڪري ٿي لڳي، مون کي اميد آهي ته هوءَ تنهنجو خيال رکندي.."

مون هن کي ڪو به جواب نه ڏنو هو. مان سندس چيل سڀ ڳالهيون خاموشيءَ سان ٻڌي رهيو هوس. ته هن چيو هو.

"تون منهنجيون ڳالهيون سمجهين ٿو نه...!"

آهستگيءَ مان کيس جواب ڏنو هوم.

"ها..."

"پوءِ ڇا فيصلو ٿيو...؟"

"مان تو کي سوچي ٻڌائيندس..."

هن کي ڪاوڙ اچي وئي هئي.

"سوچڻ جو وقت ويو منصور...! هاڻي ان فيصلي تي عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي، تہ تون مس صائمہ سان اهڙو ورتاءُ نہ رکندين جنهن جي ڪري هن جي جذبن کي ڇُهبو اچي. تون هن سان سڀ قسم جو دوستاڻو رويو اختيار ڪندين..."

مون تنگ ٿيندي چيو هو.

"ٺيڪ آهي شگو! تون صحيح آهين. جيئن تون چئين ٿي، مان تيئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس..."

ان کان پوءِ مون هن کي خدا حافظ چئي فون ڪٽي هئي ۽ ڪٽ تي وڃي سمهي پيو هوس. سنڌيا جي آخري ملاقات سارجي رهي هئي. هن جو بدلجندڙ رويو ۽ وري موڪلائڻ وقت هن جا آخري ڪجهہ جملا ياد اچي رهيا هئا.

"مون کي معاف ڪري ڇڏجان منصور! مون توسان بيوفائي ڪئي آهي... تون بہ ڪا سڀي چوڪري ڏسي شادي ڪري ڇڏجان...مان تو لاءِ دعا ٿي ڪيان تہ خدا تنهنجي زندگيءَ ۾ ڪا سڀي چوڪري آڻيندو..."

اهي سڀ ڳالهيون ساري مان ذهني اضطراب مان گذري رهيو هوس. مون پنهنجو پاڻ ڇڏي ڏنو هو اکيون بند ٿي ويون هيون، سنڌيا جا لفظ منهنجي ذهن ۾ بولاٽيون کائي ڦري رهيا هئا.

"مون کي معاف ڪري ڇڏجان، منصور! مون توسان بيوفائي ڪئي آهي...

تون بہ ڪا سڀي چوڪري ڏسي شادي ڪري ڇڏجان...

مان تو لاءِ دعا ٿي ڪيان تہ خدا تنهنجي زندگيءَ ۾ ڪا سڀي چوڪري آڻيندو..."

17

شام جو ننڊ مان اک ڪُلي هئي، تہ ڏٺو هوم. موبائيل فون ۾ مس صائمہ جو ننڍڙو نياپو آيل هو.

هن لکيو هو.

"سر! اڄ مان اوهان جي ڪري ڏاڍي خوش آهيان. ان خوشيءَ جي ڪري مون کي منجهند ننڊ بہ نہ آئي آهي. مان خوشيءَ مان مسلسل مُرڪي رهي آهيان ۽ صفا فريش لڳي پئي آهيان. مان پنهنجي ڪيفيت جو ڪيئن بيان ڪيان، اهو سمجهہ ۾ نٿو اچي. بس اوهان جا ٿورا مڃڻ تي دل ٿي چئي، اَن ڪري "ٿئنڪ يو سو مچ سر...!"

مون سندس ان ننڍڙي نياپي جي هر هڪ لفظ جو مطلب سمجهيو پئي، پر ان جو جواب لکڻ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو. ان ڪري مون بہ سندس ٿورا مڃيندي لکيو هو.

"ٿئنڪ يو سو مچ مس...!"

ٿوري دير کان پوءِ هن جو وري ننڍڙو نياپو آيو هو.

"الا سر...! اوهان ڏاڍا سٺا آهيو..."

هن جو اهو ننڍڙو نياپو پڙهي بي دليو مرڪي ويٺو هوس ۽ دل ۾ سوچيو هوم.

"يا تہ مس صائمہ پاڻ چري آهي، يا مون کي چهريو ڪندي."

ڪيس هڪ رسمي جملو لکي موڪليو هوم.

"دراصل سٺا اوهان پاڻ آهيو ان ڪري مان اوهان کي سٺو لڳي رهيو آهيان..."

هن هڪ خوشيءَ وارو ڪارٽون موڪلي ڏٺو هو. اهو جملو بہ هن کي هڪ ٻڌل ڳالهہ تان لکي موڪليو هوم. نہ ڄاڻان مون اهو ڪارٽون ڪنهن کان ٻڌو هو تہ هڪ درويش وٽ هڪ ماڻهو ويو ۽ درويش جي تعريف ڪندي هن کي چوڻ لڳو تہ تون هڪ ڏاڍو سٺو ۽ شريف نفس انسان آهين. درويش هن کي هڪ نظر ڏٺو ۽ چيو

تہ "تون صحيح ٿو چئين" ۽ پوءِ هن کيس پنهنجي پرسان ويهڻ لاءِ چيو. ڪجهہ دير کان پوءِ هڪ ٻيو ماڻهو آيو. جنهن هن کي خدا جو جلوو پئي چيو. هن ان ماڻهوءَ کي به ويهڻ لاءِ چيو. اهو ماڻهو به درويش جي پرسان ويهي رهيو. ڪجهہ دير کان پوءِ هڪ ٽيون ماڻهو آيو. جنهن اچڻ سان ئي درويش کي گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ هن کي چيائين تہ تون شيطان آهين. درويش هن کي به چيو تہ "تون صحيح ٿو چئين." اها ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ پهرين ماڻهوءَ درويش کان پڇيو تہ "سائين ناراض نہ ٿيو تہ اوهان کان هڪ سوال پڇان...؟" درويش چيس تہ "پڇ..!"

هن کانئس پڇيو تہ: "سائين مان اڇي اوهان کي چيو تہ اوهان ڏاڍا سٺا ۽ شريف نفس انسان آهيو. اوهان مون کي چيو تہ مان صحيح ٿو چوان. ان کان پوءِ هي ٻيو ماڻهو آيو. جنهن اوهان کي خدا جو جلوو پئي چيو. ان کي به اوهان چيو تہ اهو صحيح ٿو چئي ۽ ان کان پوءِ ٽيون ماڻهو آيو. جنهن اچڻ سان اوهان کي گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ چيو تہ اوهان شيطان آهيو. ان کي به اوهان چيو تہ تون صحيح ٿو چوين. اها ڇا ماجرا آهي؟ پوءِ درويش هن کي سمجهايو تہ دراصل مان ڪجهہ به نہ آهيان. ماڻهو جيڪو پاڻ پنهنجي اندر ۾ هوندو آهي، اهو ئي ٻي کي سمجهندو آهي. تون جو مون کي ڏاڍو سٺو ۽ شريف نفس انسان چيو ان جو مطلب ٿيو تہ ڏاڍو سٺو ۽ شريف نفس انسان تون پاڻ آهين. ٻي ماڻهوءَ جو مون کي خدا جو جلوو چيو. دراصل خدا جو جلوو هو پاڻ آهي. ٽئين شخص جو اچڻ سان ئي مون کي گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ مون کي شيطان چيو دراصل شيطان اهو پاڻ هو. حقيقت ۾ ماڻهو جيڪو پنهنجو پاڻ هوندو آهي، اهو ئي ٻئي کي سمجهندو آهي."

اها سڄي ڳالهہ ياد ڪرڻ کان پوءِ سوچي رهيو هوس تہ هي جو مان اڇلهہ اڇئين انسان کي بيوفا، مطلبي ۽ لالچي سمجهي رهيو آهيان ۽ سوچيان ٿو تہ اهو مون کي استعمال ڪري ڇڏي ويندو. ڪٽي مان پاڻ تہ اهڙو نہ ٿي ويو آهيان... نہ نہ مان اهڙو نہ آهيان. منهنجي اها سوچ هڪ حادثي جو فطري نتيجو آهي. جنهن ۾ مون سان ڏوڪو ڪيو ويو. لالچ ۾ اچي ڇڏيو ويو. سڀ کان پهرين رت جي رشتن رنگ مٽايو. هو بدلجي غير ٿي ويا هئا. منجهائن پنهنجائپ نڪري وئي. پوءِ ان دور جي دوستن ساڻ ڇڏيو. مون کي منهنجي اداسيءَ ۽ مايوسيءَ واري ڪيفيت مان ڪڍڻ بدران هو مون کي انهن اذيتناڪ ڪيفيتن ۾ ان ڪري ڇڏي ويا هئا، جو هو مون سان ملي پنهنجون شامون اداس ڪرڻ نہ چاهيندا هئا. جيتوڻيڪ منهنجي چانهہ پاڻيءَ جو به مٽن کو بار نہ پئي پيو پر تڏهن به پري ٿي ويا. ان حادثي کان پوءِ ئي دوستيءَ لاءِ منهنجو رايو وڃي اهو ٻيٽو آهي تہ اڇلهہ جي دوستي وڃي چانهہ جي ڪوپ تائين محدود ٿي آهي. ڏکي وقت ۾ ڪو به گهٽي وقت تائين ڪنهن سان

دوستي جو دم نه ٿو ڀري. ان ڪري ئي شايد اڄ ڪو به منهنجو اهڙو دوست نه آهي، جيڪو مون سان ملڻ کان سواءِ رهي نه سگهي. مان جيڪڏهن جنهن سان به مليم تہ ٺيڪ. ۽ جي نه مليم تڏهن به ٺيڪ. ڪنهن به سنگتي ساٿيءَ کي منهنجي سڪ ايترو نه ستائيندي آهي، جو هو هر حال ۾ مون سان ملڻ لاءِ ماندو هجي. مون پنهنجي تجربي ۽ مشاهدي سان ڏٺو آهي تہ محبت ۾ مفاد شامل ٿي ويا آهن، دوستيءَ ۾ دغا شامل ٿي وئي آهي ۽ مائٽن ۾ منافقت مروج ٿي وئي آهي. اڄ جي دور ۾ ڪو به رشتو سچو ۽ خالص نه رهيو آهي... منهنجي اها سوچ ڪنِ تجربن ۽ مشاهدن کان پوءِ ٿي آهي، مون تي ان درويش واري ڳالهہ ٺهڪي نہ ٿي اچي... اهي سڀ ڳالهيون سوچي هڪ دفعو وري ذهني تڪليف مان گذري رهيو هوس. ڊپريشن واري دردناڪ پوڳنائن واريون ڪيفيتون مون کي بيچين ۽ بيقرار ڪري رهيون هيون. پاسو ورائي اکيون بند ڪري ڇڏيون هيم. ڪيترائي هاڪاري ۽ ناڪاري خيال پئي آيا. مس صائمہ جو به خيال پئي آيو. سوچيم پئي جنهن تيزيءَ سان هوءَ منهنجي ويجهو ٿي رهي آهي، جيڪڏهن هوءَ به هلندڙ وقت جي معيار مطابق نڪتي تہ منهنجو تہ سِر وڃائجي ويندو! مان ڪنهن به ماڻهوءَ سان رڳو رسمي رشتو قائم رکي نہ سگهندو آهيان، ان سان منهنجي دلي ۽ روحاني وابستگي به ٿي ويندي آهي... ۽ جڏهن هو رسمي ۽ رواجي عمل ڪرڻ لڳندو آهي تڏهن منهنجي دل ڏکڻ لڳندي آهي. ۽ روح روئڻ لڳندو آهي. مان وڌيڪ سوچڻ لڳو هوس.

"پر آخر مان ٻين ماڻهن جهڙو ڇو نہ ٿو ٿي سگهان...؟ ٻلا جيڪڏهن اهڙو نہ به ٿيان... ۽ اهڙو ٿيڻ به سڀ ڳالهہ تہ نہ آهي، تڏهن به ايترو تہ ٿيان جو مان ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ جي ڪري ڪنهن دلي روگ ۾ مبتلا نہ ٿي سگهان... پر مون کي لوڙائيندي منهنجي دلي وابستگي آهي ۽ اهو ئي منهنجو ڏوهہ آهي. مائٽ هجن، دوست هجن، يا محبت جي ڳالهہ ڪندڙ ماڻهو هجن، انهن سيني سان منهنجي دلي وابستگي ٿي ويندي آهي ۽ انهن جا رويا منهنجي دل تي اثر ڪرڻ لڳندا آهن. هاڻي جو مس صائمہ صفا مينهن واچ لڳي پئي اچي، سو خدا خير ڪري.."

18

پي ڏينهن ڪاليج ۾ جڏهن مس صائمہ اچي ملي هئي، تڏهن هوءَ سچ ۾ خوش لڳي رهي هئي. مون کي ڏٺائين پئي تہ سندس اکيون وڏيڪ جرڪي ٿي پيون ۽ سندس منهن بهڪي پئي پيو. ان ڏينهن هوءَ هلڪو ميڪ اپ بہ ڪري آئي هئي.

چپن کي هلڪي ڳاڙهي سُرخي لڳل، اکين ۾ هلڪو ڪجل پاتل ۽ ڳلن تي هلڪي لالڙي لڳل. خوشيءَ مان هر هر پنهنجي پرس مان آئينو ڪڍي پاڻ کي ڏٺائين پئي، تہ کانئس هلڪي مرڪ ڇڏائجي ٿي وئي ۽ ان مرڪندڙ نگاهن سان مون ڏانهن ٿي ڏٺائين تہ مرڪ وڏيڪ گهري ٿي پئي ويس. مون سان ملي هئي تہ ٻڌايو هئائين.

"ڪالهہ امي اوهان جي ڏاڍي تعريف پئي ڪئي..."

مون ڪيس رسمي طور "مهرباني..." چيو هو. هوءَ وڏيڪ ٻڌائڻ لڳي هئي.

"امي چيو پئي تہ اوهان ڏاڍا شريف ۽ حيادار ماڻهو آهيو. اوهان جي چهري مان ئي شرافت ۽ معصوميت بکي رهي هئي..."

"مهرباني! امي بہ ڏاڍي مهربان ۽ شفيق انسان آهي." منهنجي اها ڳالهہ ٻڌي مرڪ وڏيڪ گهري ٿي وئي هيس. مون ٽيچرس ڪامن هال ۾ اهڙيءَ طرح وڏيڪ ڳالهائڻ مناسب نہ پئي سمجهيو. ان ڪري پنهنجا ڪتاب ۽ ڊائري ڪڍي اٿيو هوس، هن پڇيو هو.

"سر ڪيڏانهن...؟"

"لائبريري..."

"ٺيڪ آهي سر!"

مان ٽيچرس ڪامن هال مان اُٿي وڃي لائبريريءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ ڪرسيءَ تي ويٺو هوس. سڄي لائبريري خالي لڳي پئي هئي. لائبريرين بہ ڪيڏانهن ويل هو.

لائبريريءَ ۾ خاموشي لڳي پئي هئي، ان ڪري عجيب قسم جي سڪون جو احساس پئي محسوس ٿيو. مون ٽيبل جي هڪ پاسي پنهنجا ڪتاب ۽ ڊائري رکيا هئا ۽ سامهون ٻانهون رکي انهن تي پنهنجو نرڙ ٽيڪي اکيون بند ڪري ڇڏيون هيون. ذهن ٿورو هلڪو ٿي ويو هو. منهنجون اکيون بند هيون، پر انهن ۾ ڪي عڪس ترڻ لڳا هئا.

مون ڏٺو پئي ته پهرين عڪس ۾ مس صائمہ پُنهنجي سڄي جوهر ۾ جرڪي رهي آهي. خوشيءَ ۾ ٻهڪي رهي آهي. شايد هن کي اهو به ناز آهي ته مان يا ته هن جو آهيان، يا هن جو ٿيڻ وارو آهيان. اهو عڪس ڪا دير اکين ۾ ڦرندو رهي ٿو ته ٻيو عڪس شڪو جو تري اچي ٿو. هوءَ تڪليف ۽ ڏک واري ڪاوڙمان مون کي چئي رهي آهي، "پاڇولن پويان ڪيترو پٽڪندو رهندين؟ پنهنجي زندگيءَ جي نئين شروعات ڇو نه ٿو ڪرين؟"

ٽين عڪس ۾ پاڻ کي يونيورسٽيءَ ۾ محسوس ٿو ڪيان. منهنجي استاد مئلبم گلمينا پنهنجائپ ۽ پيار مان سمجهائي رهي آهي. "تون هڪ سٺو چوڪرو آهين، تنهنجي اهڙِي حالت اسان کان ڈٺي نه ٿي ٿئي، ۽ توڙي ته ڪو به گِلٽ نه آهي نه، تو نه هُن کي نه ڇڏيو آهي نه؟ ان ڪري ڏاهو ٿيءُ ۽ پنهنجو پاڻ کي ان ڪيفيت مان ٻاهر ڪڍي آءُ."

چوٿين عڪس ۾ ڏسان ٿو ته منهنجي يونيورسٽيءَ جي دوست عيني اسلام آباد ۾ڻ کان اڳ مون کان موڪلائڻ آئي آهي ۽ مون کي افسوس مان ڏسندي چئي رهي آهي. مان اڄ توکان هڪ واعدو ونڻ آئي آهيان. مان شايد ڪيس واعدن جي وفا نه ڪيڻ جي باري ۾ ڪجهه چئي رهيو آهيان، تڏهن به هن کي شايد يقين آهي، ته مان ڪيڪڏهن واعدو ڪندس، ته پاڻيندس. هوءَ چئي رهي آهي "ها مان تڏهن به تو کان واعدو ونڻ ٿي چاهيان" مون کي به يقين آهي ته هوءَ جيئن ته پاڻ هڪ هاڪاري ڏسان آهي، تيئن هن جو واعدو ونڻ به اهڙو ئي هاڪاري هوندو. مان بنا ڪنهن جسس جي چوان ٿو ته ڪهڙو واعدو...؟"

"اهو ته تون هڪ نارمل زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪندين...!"

مان ڏکي مرڪ مرڪان ٿو ۽ هن سان واعدو ٿو ڪيان.

"ها عيني مان توسان واعدو ٿو ڪيان ته مان هڪ نارمل زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪندس."

پوءِ تڪڻ تڪڻ عڪسن ۾ منهنجا دوست مُراد، سڪندر ۽ محمد علي ظهارڪين اکين سان مون تي رحم کائيندي مون کي ڏسي رهيا آهن. هنن جي ڏڻين نظرن مان ظاهر آهي ته کانئن به منهنجي اهڙي حالت ڏٺي نه ٿي ٿئي.

ستين عڪس ۾ ڏسان ٿو ته سنڌيا ۽ منهنجي آخري ملاقات ۾ مان پنهنجي هوش حواس مان نڪري ٿو وڃان ۽ هن سان آخري ڀاڪر پائڻ کان پوءِ هن جي ڳلن، اکين ، چپن، نرڙ، ڪاڌيءَ، ڳچيءَ، هٿن ۽ پيرن کي چمڻ لڳان ٿو ته هوءَ ڳڻتيءَ مان مون کي چئي ٿي.

"پاڻ سنيال مُنا! پاڻ سنيال! ايئن ته تون مري ويندين." هن جا ٻيا جملا ياد ڪا اچن.

"هميشہ پنهنجو خيال رکجاُن منا... تون ڏاڍو سنو چوڪرو آهين، ڪا سڻي چوڪري ڏسي شادي ڪري چڏجان..."

سنڌيا جي انهن لفظن کان پوءِ پهريون ۽ ستون عڪس ملي هڪ ٿي ويا هئا. منهنجي اکين جي پهرين عڪس ۾ مس صائمہ خوشيءَ ۾ ٻهڪي ۽ جرڪي رهي هئي ۽ منهنجي ڪنن ۾ ستين عڪس جي سنڌيا جا لفظ پڙاڏو ٻڌجي گونجي رهيا هئا.

"پاڻ سنيال مُنا! پاڻ سنيال! ائين ته تون مري ويندين... هميشہ پنهنجو خيال رکجان منا!... ڪا سڻي چوڪري ڳولي شادي ڪري چڏجان..."

هوڏانهن مس صائمہ جو چهرو... هيڏانهن سنڌيا جا لفظ شادي ڪري چڏجان...

پوءِ سيئي عڪس تيزيءَ سان اکين اڳيان ڦرڻ لڳا هئا. بي ترتيبيءَ سان سيني جون ڳالهيون ڪنن ۾ گونجڻ لڳيون هيون. ڪيترو پاڇولن پويان پٽڪندو رهندين... پٽڪندو رهندين... ان ڪيفيت مان نڪري آءُ ... نڪري آءُ... نارمل زندگي گذارڻ جو واعدو ... نارمل زندگي... حيرت زده افسوسناڪ اکيون ... شادي ڪري چڏجان... شادي ڪري چڏجان... شادي... شا... دي...

19

پين پيرڊ جي گهنڊ وڄڻ سان منهنجون اکيون ڪُلي ويون هيون. مون لائبريرين واري ڪرسي ۾ ٽيبل واري پاسي ڏٺو هو. ته هن مون کي ننڊ مان جاڳندي ڏسي هڪ مُرڪ واري نهار سان ڏٺو هو. مون ٽڪڙ ۾ پنهنجا ڪتاب ۾ ڊائري ڪنيا هئا ۾ پنهنجو پيرڊ وڻڻ ڪلاس روم ڏانهن ويو هوس. چالیهن منٽن کان پوءِ جڏهن ٽيچرس ڪامن هال اچي ڪرسيءَ تي ويٺو هوس. ته ساهه پٽڻ کان پوءِ مس صائمہ ان ڏينهن جي اخبار آڻي منهنجي اڳيان رکي هئي: ۾ هڪ اشتهار ڏيکاريندي پڇيو هئائين...

"سر هيءَ ايڊورٽائيزمينٽ اوهان ڏٺي آهي...؟"

مون ان اشتهار تي مٿاڇري نظر ڦيرائيندي چيو هو.

"نه مس...!"

"ته پوءِ اوهان لاءِ Good News آهي"

مون اشتهار کي ڏٺو هو ان ۾ حيدرآباد جي ئي هڪ سيمي گورنمينٽ ڪالیج لاءِ ڪجهہ ليڪچررن جون جايون آيل هيون. مان اڃان ان اشتهار کي ڏسي رهيو هوس ته مس صائمہ چيو هو.

"اوهان ان ڪاليج ۾ اپلاءِ ڪيو مون کي اميد آهي ته اوهان کي ضرور ڪٺندا..."

"انشاءِ الله..."

"ها سر انشاءِ الله، اوهان رڳو اپلاءِ ڪيو..."

"جي مس...؟"

مون ان اداري ڏانهن پنهنجي مڪمل سي. وي ٻوڪلي ڏني هئي. آخري تاريخ ۾ هفتي کن کان پوءِ ان ڪاليج جي طرفان انٽرويو ليٽر موڪليو ويو هو. خبر پئي ئي ته انٽرميڊيٽ جي ٽيڪست بڪ مان ۾ جنرل ڊسڪشن ذريعي لکت ۾ ٽيسٽ

۽ انٽرويو ورتو ويندو. هفتي کن کان پوءِ ٽيسٽ ۽ انٽرويو هو. تيستائين مان ٽيڪسٽ بڪ کي پڙهڻ شروع ڪيو هو. مان هڪ وڏيءَ اميد سان رات جو دير تائين ٽيڪسٽ بڪ رٽڻ لڳو هوس، مون کي بهتر کان بهتر نوڪريءَ جي وڏي ضرورت هئي. ٽيسٽ ۽ انٽرويو واري ڏينهن امان کان موڪلائي دعائون وٺي نڪتو هوس. مون ڏٺو هو مون جيترو پريشان ڪير به نه هو. منهنجا ڪلاس فيلوز ۽ سينيئرز به انٽرويو ڏيڻ آيا هئا. انهن مان ڪجهه اهڙا اميدوار به هئا جيڪي گولڊ ميڊلسٽ به هئا. مون گهٽي وقت کان کا به دعا نه گهري هئي. مان ٽوري دير لاءِ ويٽنگ روم مان ٻاهر نڪري ويو هوس، ۽ اداسي مان هڪ نظر مٿي آسمان ڏانهن ڏٺو هوم، ۽ خدا تعاليٰ کان دعا گهري هيم.

"اي خدا!

تون سيني جي حال کان باخبر آهين.

مان نه ٿو ڄاڻان ته هنن اميدوارن مان ڪنهن کي هن نوڪريءَ جي ڪيتري ضرورت آهي، پر مان ايترو ضرور ڄاڻان ٿو ته هن نوڪريءَ جي مون کي گهٽي ضرورت آهي. اميد ته تون مون کي نااميد نه موٽائيندين..."

آسمان ڏانهن ڏسندي اها دعا گهري واپس وريو هوس. اڪثر اميدوار کل کوچرائپ ۾ لڳا پيا هئا ۽ پنهنجي دور جي يونيورسٽيءَ جي چوڪرين جي باري ۾ پنهنجون پنهنجون من گهڙت ڳالهيون ڪري هئا. هڪ چوڪري جي ڳالهه تي مون کان به مُرڪ نڪري وئي هئي، هن پنهنجي دوستن کي ٻڌايو پئي.

"اڙي يار! هوءَ نبيلا هوندي هئي نه...؟"

ٻين دوستن چيو هوس.

"ها ها... جيڪا روز نوان نوان ڪپڙا پائي ايندي هئي."

"ها ها، اها ئي..."

هن سيني جي چهرن ڏانهن ڏسندي پنهنجي ڳالهه کي زور وٺائيندي چيو هو.

"ان جا نوان نوان ڪپڙا ڏسي، پاڻ سوچيندا هئاسين ته هوءَ ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي ڏيءَ آهي...!"

"ها بلڪل ائين ئي هو...!"

"پوءِ اوهان کي خبر آهي ته اها ڪنهن جي ڏيءُ هئي، ۽ روز روز نوان وڳا ڪيئن پائي ايندي هئي...؟"

سڀ چپڙي ڪري راز فاش ٿيڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا ۽ سندن اکين ۾ هو. ته جلد ٻڌاءِ... هن راز فاش ڪندي چيو هو.

"هوءَ ڪنهن به امير ماڻهوءَ جي ڏيءُ نه هئي..."

پوءِ سيني جي نظرن ۾ ڏسندي ڳالهه ۾ وڌيڪ تجسس پيدا ڪندي چيو هئائين ته "پر... پر... هوءَ هڪ ڏوهيءَ جي ڏيءُ هئي. هن جو پيءُ نوان ڪپڙا گراهڪن کي چئن ڏينهن کان پوءِ واپس ڪندو هو ان وچ ۾ هڪ ڏينهن نبيلا اهي ڪپڙا پائي وڻندي هئي..."

"ها ها ها... هاها ها..."

هو پاڻ ۾ ڪجهه نوجوان ٿهڪ ڏئي ڪلي پيا هئا. هڪ دوست ڪلندي پڇيو هوس. "اڙي يار جائي ٻڌاءِ! تون سچ ٿو چئين...؟ چو ته هوءَ پنهنجي اٽلي ويهڻي مان ۾ پنهنجي سڄي ڏيک ويک مان اسان کي ڪڏهن به ڏوهيءَ جي ڏيءَ نه لڳي..."

هو وڌيڪ ڪلي پيو هو.

"الاءِ يار مون کي خبر ناهي. هن جي ڪلاس فيلو سحر هن لاءِ ائين چوندي هئي."

"اڙي يار چڏ! سيني کي خبر آهي. سحر نبيلا کان سڙندي هئي. تڏهن ته نبيلي سحر جو نالو متائي زهر رکي چڏيو هو..." سڀ ٿهڪ ڏئي ڪلي پيا هئا.

انهن مان هڪ چيو هو.

"الا منهنجي توبها شل نه ڪا عورت ٻي عورت سان ساڙ ڪري.."

سڀ ڪِلي رهيا هئا.

انهن مان وري هڪ ڳالهايو هو.

"يار هيو باقي ڪمال!" ٻي چيو. "روز نئون وڳو پائي ايندي هئي..."

"سهڻي به ڏاڍي هئي. ته ٿهندي به ڏاڍي هئي..."

وري پهرين نوجوان چيو هو.

"چڳو پلا اهو چئون ته ڪنهن ٻُوتيڪ واري جي ڏيءَ هئي...!"

وري سيئي ٿهڪ ڏئي ڪلي پيا هئا. ايتري ۾ پٽيوالي منهنجو نالو سڏيو هو. مان پنهنجا ڊاڪيومينٽس کڻي پرنسپل آفيس وڃڻ لڳو هوس. جتي انٽرويو ٿي رهيا هئا. مون آفيس ۾ گهڙڻ کان اڳ آخري پيرو خدا کي ياڏايو هو ۽ آفيس ۾ گهڙندي ئي سامهون ويٺل انٽرويو پينل کي سلام ڪيو هوم...

"السلام عليڪم سر...!"

ويٺلن منهنجي شخصيت جو جائزو وٺندي "وعليڪم السلام..." چيو هو. ۽ مون کي سامهون پيل ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چيو هئائون. چئن جڻن جو پينل هو ڪاليج جي پرنسپل منهنجا ڊاڪيومينٽس ڏسندي پڇيو هو.

"ها مسٽر منصور حسين! اوهان سنڌيءَ ۾ ايم. اي ڇو ڪئي...؟"

بنا سوچڻ جي جواب ڏنو هوم.

"سر مان نندپڻ کان قصن ، کهاڻين ۽ شاعري وغيره جا ڪتاب پڙهندو هوس، ان ڪري مون کي شوق پيدا ٿيو ته مان پنهنجي ادب ۾ هولي ۽ پر ايم . اي ڪريان..."

"اڇا Good...!"

پوءِ هو مون کان منهنجي شعبي جا مختلف سوال پڇندا رهيا، آخر ۾ سبجيڪٽ اسپيلشسٽ پڇيو هو.

"شاهه لطيف پڙهيو اٿئي..."

ڏانهنس ڏسندي وراڻيو هوم.

"جي سائين...!"

"لطيف سائين ۽ جو ڪهڙو بيت سڀ کان وڌيڪ وٽندو اٿئي؟"

اڃ ڪلهه هي بيت گهڻو ياد ايندو رهندو آهي.

"مارو مٽ مليرجا، سيئي پرکياسون،

سوکي ۽ پائئين سڀ کو اوکي ۽ تون ئي تون،

مولا مٿان مون، ٻڙو مَ لاهج ٻاجهه جو."

هن ٻڌڻ سان ئي "واهه واهه سبحان الله..."

چيو هو. ۽ مون کي اهڙين نظرين سان ڏٺو هئائين. جڏ مون کي اها نوڪري ملي وئي هجي. هن ان ئي وقت هڪ پني تي ڪجهه لکي پرنسپل کي ڏنو هو. پرنسپل منهنجي سي وي تي لکيل ايڊريس جي هيٺان لائين پاتي هئي ۽ مون کان پڪ ڪئي هئائين. هن ائڈريس تي اوهان کي اسان جو ليٽر ملي ويندو...؟"

مون مرڪي ڪيس وراڻي ڏني هئي.

"جي سائين انشاء الله ملي ويندو..."

هن پروفيشنل ٽيندي چيو هو.

"جيڪڏهن اوهان سليڪٽ ٿي ويا ته..."

"جي جي سر انشاء الله..."

هڪ ميمبر الوداع ڪندي چيو هو

"All the best young man...!"

"Thank you sir...!

مان کين خدا حافظ چئي ٻاهر نڪري آيو هوس. انٽرويو سڏ ٿيڻ جي ڪري مان خوش هوس. مون کي چانهه پيئڻ جي ضرورت پئي محسوس ٿي. مان ڪيفيٽيريا ڏانهن وڌي رهيو هوس، ته موبائيل فون جي وائبريشن محسوس ٿي هئي. فون کڻي ڏنو هوم، ته مس صائمه جي ڪال پئي آئي. سندس فون کڻندي جيئن

"هيلو...!"
ڪيو هوم ته مس صائمہ پريان پچيو هو.
"هيلو سر! انٽرويو ڪيئن ٿيو...!"
"ڏاڍو سٺو مس! صفا بهترين..."
"واهہ..."
"لڳي ٿو ڪم ٿي ويندو..."
"انشاء الله سر... انشاء الله..."
هڪ ساهيءَ کان پوءِ پچيو هئائين.
"پوءِ هاڻي ڇا پروگرام آهي...؟"
"هاڻي چانهہ پيئڻ ٿو چاهيان..."
"اچو ته چانهہ پيئاريانءُ سر...!"
"اوهان ڪٽي چانهہ پياريندا مس...؟"
"گهر..."
"گهر...؟ نہ مس...! روز روز گهر اچڻ نيڪ نہ ٿو لڳي."
"اهڙي ڪائي ڳالهہ ناهي سر...!"
"بس مس! مون کي سٺو نہ ٿو لڳي..."
"نيڪ آهي سر...! اوهان ايزي رهو..."
"مهرباني مس...!"
"هڪ رُڪيئسٽ ڪيان سر...؟"
"ڪهڙي...؟"
"چئو ته مان شهر اچان، ڪٽي ڪنهن ريسٽورينٽ ۾ ويهي چانهہ پيئون...؟"
"ڪٽي ايندؤ مس...؟"
"چائنيز ريسٽورينٽ تي..."
"نيڪ آهي مس! مان اچان ٿو. پر اوهان ڪيتري دير ۾ پهچندا؟"
"ٽئنڪ يو سو مچ سر! بس مان اڌ ڪلاڪ ۾ پهچان ٿي..."
"نيڪ آهي مس! مون کي بہ اوتروئي وقت لڳندو..."
"ٽئنڪ يو سو مچ سر...!"
مون دل ئي دل ۾ سوچيو هو.
"الاءِ ڇا ٿي ويو آهي مس صائمہ کي...؟"
مان رڪشا ڪري چائنيز ريسٽورينٽ لاءِ رانو ٿيو هوس، ته اڌ ڪلاڪ کن کان پوءِ مس صائمہ جو موبائيل تي ننڍڙو نياپو آيو.

"سر! مان ريسٽورنٽ پهچڻ واري آهيان، اوهان سڏو مٿي فيملي هال ۾ اچي وڃجو."

مان مٿي فيملي هال ڏانهن وڃي رهيو هوس ته ڪنهن پراڻيءَ ياد هلڪي اداسي پيدا ڪري ڇڏي هئي. يونيورسٽيءَ واري ڏينهن ۾ ان ئي ريسٽورينٽ ۾ سنڌيا سان اچڻ ٿيو هو. جيئن هوءَ انهن سيني هنڌن تي پنهنجي نئين چاهيندڙ سان وئي هئي، تيئن شايد اڄ مان به مس صائمہ سان هتي ويهڻ وارو هوس. پر مون وڌي ڪوشش سان بردباريءَ کان ڪم ورتو هو ۽ پنهنجو پاڻ کي ان ياد جي عذاب کان بچائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. مان جيئن فيملي هال ۾ داخل ٿيو هوس ته مس صائمہ کي سامهون واري ٽيبل جي ڪرسين تي ڏٺو هوم. هن مون کي ڏسندي ئي مون کي سڏيو هو.

"سر منصور...!"

مان ڏانهس وڌيو هوس، ته هوءَ مُرڪي اٿي بيٺي هئي. مان سندس ويجهو پهچي کيس سلام ڪيو هو.

"السلام عليڪم مس...!"

هن وڌي مُرڪ سان چيو هو.

"وعليڪم السلام سر...!"

خوشيءَ مان کلي پئي هئي، ڪلندي چيو هئائين.

"ويهو سر...!"

مان هن جي سامهون واري ڪرسيءَ تي ويهي رهيو هوس، هن مون کي ڏسندي چيو هو.

"رب سائين وڌي حياتي ڏيو...! ڏاڍا سٺا ٿا لڳو..."

کيس مرڪي چيو هوم.

"مهرباني مس...! انٽرويو جي ڪري ٿورو تيار ٿي ويو هوم. ان ڪري ڇڪو لڳندو هوندم..."

هن منهنجي منهن ۾ چتائي ڏسڻ شروع ڪيو هو. هن جي مرڪ شوخ ٿي وئي هئي، مون هن جو ڏيان ٻئي لاءِ چيو هو.

"ويٽر کي چانهہ چئي اچان مس...!"

"نه هو ڇاڻ آيو..."

"ٺيڪ آهي..."

هوءَ ٿورو کلي هئي، سندس کلڻ جو آواز به اهڙو ئي هو جهڙو اڪثر خوبصورت ۽ نفيس ڇوڪرين جو هوندو آهي. مان هن جي ائين خوشيءَ مان کلڻ تي مُرڪيو هوس. هن پلاسٽڪ جي ٽيلهي کوليندي چيو هو.

"سر! سڀندوچ کائيندئو...؟"

منهنجي جواب ڏيڻ کان اڳ ئي هن سڀندوچ کڏي پليٽ ۾ رکيا هئا.

"مون سوچيو ته اوهان کي ٿوري بک لڳي هوندي، ان ڪري گهران سڀندوچ ٺاهي آيس..."

"مهرباني مس! پر اوهان تڪليف چو ڪئي؟ هتان گهُرائي وٺون ها.."

"ٻاهر جون شيون اسان گهٽ کائيندا آهيون، انهن جي ٺهڻ ۾ صفائي ستُرائي جو خيال ناهي رکيل هوندو..."

"صحيح ٿا چئو...!"

"اڳي ماڻهن کي پنهنجي پروفيشن سان پيار هوندو هو. هو جيڪا به شيءِ ٺاهيندا هئا، سچائيءَ سان ٺاهيندا هئا. هاڻي ماڻهن ۾ اها سچائي ناهي رهي. هاڻي رڳو پيسا ڪمائڻ جي چڪر ۾ ماڻهو ڪنهن به حد تائين وڃي سگهن ٿا. ان جو نتيجو اهو وڃي نڪتو آهي جو ڪيترين ئي موتمار بيماريون نڪري پيون آهن. ماڻهو ويچارو هڪ دفعو ڪنهن مرض ۾ ڦاٿو ته ڇُٽو..."

"صحيح ٿا چئو مس...!"

اهو چئي مان هڪ سوچ ۾ هليو ويو هوس، مون کي سوچيندي ڏسي مس صائمہ پڇيو هو.

"چا ٿا سوچيو سر...؟"

"بس مس چا سوچيندس...!!!؟"

"وري به...!"

"اهو ئي ته اڇڪلهه هر شيءَ ۾ ملاوٽ لڳي پئي آهي. هڪ کير وارو مينهن ڏهڻ کان اڳ ۾ مينهن کي سُئي ٿو هڻي، ته جيئن مينهن کير و اڌارو ڏئي. ان عمل جي ڪري کير خالص نه ٿو رهي، ان ۾ڪيميڪل شامل ٿي وڃن ٿا. جيڪي انساني صحت لاءِ نقصانڪار آهن ۽ ان کير ۾ اڌ تي اڌ پاڻي الڳ ٿو وڌو وڃي."

هن هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندي چيو هو.

"هونهه...! صحيح ڳالهه آهي..."

مون وڌيڪ ڳالهائڻ شروع ڪيو هو هوءَ خاموشيءَ سان مون کي ٻڌڻ لڳي هئي.

"اسين جيڪو اَنُ کائون ٿا، انهن ۾ پيسٽيسائيز دوائن جو زهر شامل آهي. اهو زهر ماڻهوءَ جي جسم ۾ داخل ٿي ان جي صحت تي ڏاڍا خراب اثر وجهي ٿو. شهرن جي پرسان سبزي جي واڙين کي شهر جي گندي نالين جو پاڻي ڏنو وڃي ٿو. اها سڄي گندگي ۽ ان جو زهر ماڻهوءَ جي صحت کي ڪمزور بڻائين ٿا، معدي جي بيمارين کي جنم ڏين ٿا. انسان جي سگهه ۽ قوت مدافعت کي ڪمزور بڻائين ٿا. جنهن جي

نتيجي ۾ ماڻهو ٿوري کان ٿوري بيماري ۾ ۽ لڙهي ٿو پئي ۽ جسماني طاقت ۽ تندرستي کان وانجهيل رهي ٿو..."

مون سئنبوچ کڻندي چيو هو.

"ماڻهو ويچارو کيترو احتياط ڪري ۽ ڪهڙي ڪهڙي شيءِ کان احتياط ڪري..!"

هن مسڪرايو هو ۽ مون کي ڏسندي چيو هئائين.

"جيترو به ٿي سگهي، وري به احتياط ڪرڻ ضروري آهي."

مان مرڪيو هوس، ۽ سئنبوچ کائيندي هروپرو ڳالهه کي اينگهايو هوم.

"ها مس! ملیريا ۽ ڊينگي کان بچڻ لاءِ مچرن کان احتياط ڪري، هيپاٽائيٽس کان بچڻ لاءِ گندي پاڻي کان احتياط ڪري، ايڊز کان بچڻ لاءِ حجمن جي پاڪين کان ويندي ڊاڪٽرن جي سُين کان احتياط ڪري، روڊ تي هلڻ ۾ گاڏين کان احتياط ڪري، پنهنجي گاڏي هلائڻ مهل ٽريفڪ حادثي کان بچڻ لاءِ احتياط ڪري، چورين چڪارين کان بچڻ لاءِ گهر کي احتياط سان محفوظ ڪري، اغوا کان بچڻ لاءِ احتياط ڪري ۽ ٻيا به روز هزارين احتياط ئي ته ڪرڻا آهن، هڪ ويچاري ماڻهوءَ کي...!"

هوءَ منهنجون اهي ڳالهيون ٻڌي کلي پئي هئي ۽ کلندي چيو هئائين.

"اوهان ڏاڍو گهڻو سوچيندا آهيو...!"

"صحيح ٿا چئو...!"

"اوهان ايڏو چو سوچيندا آهيو..."

"بس ننڍپڻ کان عادت آهي..."

"اوهان به ٻين ماڻهن وانگي انهن شين تي نه سوچيندا ڪيو نه..."

"ها مون کي واقعي نه سوچڻ گهرجي، پر مان عادت کان مجبور آهيان."

"مان اوهان کي اهو ان ڪري پئي چوان جو مان اوهان کي خوش ڏسڻ ٿي چاهيان."

"مهرباني مس...!"

"اسان ڳالهيون ڪندي پنهنجا پنهنجا سئنبوچ کائي ڇڏيا هئا، پريان ويٽل ويٽر کي ڏسي مون هٿ مٿي کڻي ادا چئي سڏيو هو. هو ڪرسيءَ تان اٿيو هو ۽ جلدي اچي اسان جي ٽيبل جي پرسان بيهي چيو هئائين.

"جي سر...!"

"به چانهيون کڻي اچجو پليز...!"

هن هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندي چيو هو.

"جي سر...!"

مون هڪ نظر مس صائمہ جي چهري ڏانهن ڏنو هو هن ڪجهہ سوچيو پئي. هڪ مرڪ هن جي چپن تي اٽڪي بيهي رهي هئي. هڪ اطمينان ۽ سُڪون واري مُرڪ. هُن هڪ نظر مون کي ڏِڪ ٻڌي ڏنو هو پوءِ ٿوري سنجيده ٿي وئي هئي. هن هڪ نظر فيملي هال ۾ ويٺل ٻين ماڻهن تي ڦيرائي هئي، جن ۾ اڪثريت نوجوان چوڪرن ۽ چوڪرين جي هئي. اهي جوڙا جوڙا پاڻ ۾ مليا وينا هئا. هن وري هڪ نظر مون کي ڏنو هو منهنجين اکين کي ڏنو هئائين، پوءِ منهنجي وارن، نرڙ ڀُلن، چپن، ڪلهن ۽ سيني تي مٽاڇري نظر ڦيرائي اکيون جُهڪائي ڇڏيون هئائين. مان سندس ان ڪيفيت جي باري ۾ سوچي رهيو هوس. هوءَ سوچيندي ٿوري اداس ٿي وئي هئي. مون انهن ڪيفيتن کي چڱيءَ طرح ڄاتو ٿي. منهنجو خيال هو تہ هوءَ ڪيفيتن جي احساس جي وهڪري ۾ وهي وڃڻ واري چوڪري نہ هئي، چو تہ هوءَ هڪ بالغ ذهن ۽ پراعتماد چوڪري هئي. مون ڪجهہ وقت لاءِ خاموشي اختيار ڪئي هئي. هن جون نظرون هيٺ جُهڪيل هيون. مون سندس جهڪيل اکين کي ڏنو هو. سندس وارن جي مٽان پيل پوتيءَ کي ڏنو هو. سندس چمڪندڙ نرڙ کي ڏنو هو. خوبصورت نڪ ۽ چپن کي ڏنو هو. هڏڪاٺ ۽ قد بُت ۾ تہ هوءَ پڪي سهٽي سنڌياڻي هئي. مون کيس پهريون پيرو غور سان ڏنو هو. هن پوءِ پنهنجون صاف، وڏيون ۽ چمڪندڙ اکيون کڻي مون ڏانهن نهاريو هو. هن جون ۽ منهنجون اکيون پهريون پيرو مليون هيون. مون بہ جاڻي واڻي هن جي اکين ۾ اکيون ملائي رکيون هيون. مون پنهنجين ڪيفيتن جو اندازو ڪرڻ پئي چاهيو. مون محسوس پئي ڪيو تہ هن جي اکين ۾ ڏسندي نہ تہ منهنجيءَ دل ۾ رکي بجليءَ جون لهرون ڊوڙيون آهن ۽ نہ ئي دل جو ڌڙڪو وڌيو آهي. ان وقت تائين ان حوالي کان منهنجا احساس جميل هئا. ڪو تحرڪ نہ هو ڪا خوشي نہ هئي. مون پنهنجون نظرون جهڪائي ڇڏيون هيون. هوءَ مون کي ڏسي رهي هئي. شايد هن بہ منهنجين ڪيفيتن جو اندازو لڳائڻ پئي چاهيو. ٿوري دير گذري هئي تہ ويٽر چانهہ جي ڪِٽلي ۽ بہ ڪوپ پليٽون رکي ويو هو. هن جون نظرون مون تي ئي ڪُتل هيون. اهڙو احساس مون کي هن جي نظرن جي تاءَ محسوس پئي ڪرايو. هن چيو هو.

"سر! هيڏانهن منهنجي پرسان اچي ويهو..."

هن پنهنجي ڪاپي پاسي خالي پيل ڪرسيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيو هو. مون ڪان لاشعوري طور تي نڪري ويو هو.

"نہ مس! مان اوهان جي سامهون ئي ٺيڪ آهيان..."

هن هڪ دفعو وڌيڪ چيو هو.

"اڇو سر...!"

"هن جي آواز ۾ اعتماد هو ۽ عجيب قسم جي سگهه ۽. جنهن مون کي سندس سامهون ڪان اٽاري سندس پر ۾ ويهاريو هو. شايد هن ۽ پنهنجو پاڻ کي آزمائڻ پئي چاهيو ۽ پنهنجي ڪيفيتن جو جائزو وٺڻ پئي گهريو. مان سندس پر ۾ پيل ڪرسيءَ تي وڃي ويٺو هوس. جيڪا هڪ پاسي پٽ سان مليل هئي ته ٻئي پاسي هن جي ڪرسيءَ سان. اهي ڪُرسيون پاڻ ۾ مليون پيون هيون. ان ڪري منهنجو ساڇو پاسو هن جي ڪاهي پاسي سان ملي ويو هو. قلندر جي ڏمال واري ڏُهلن جيئن ڏڙڪندڙ هن جي دل جي ڏم ڏم ڇڻيءَ طرح سان محسوس ڪري رهيو هوس. هن جلديءَ ۾ ڪتليءَ مان ڪوپن ۾ چانهه پرڻي هئي، جيئن ٻئي ڪوپ پرجي ويا هٿا ته هن ڇيو هو.

"چانهه ونو سر...!"

مون چانهه جو ڪوپ ونڊي ڇيو هو.

"مهرباني مس..!"

۽ پوءِ چانهه پيئڻ شروع ڪئي هئي. مس صائمه ۽ خاموشيءَ سان چانهه پئي پيئي. جڏهن اسان ٻنهي چانهه پي پوري ڪئي هئي ته هن ڏک واري احساس مان ڳالهائڻ شروع ڪيو هو.

"جڏهن مان يونيورسٽي ۾ پڙهندي هيس ته ڪيترن ئي ڇوڪرن منهنجي ويجهو ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ڪلاس جا گڏ پڙهندڙ ڇوڪرا، سينيئر ۽ ٻين شعبن جا ڇوڪرا، اسان جي شعبي جي شاگردياڻين ذريعي ڳالهه ڇورائڻ شروع ڪندا هئا ته مان کين ٻڌائي ڇڏيندي هيس، ته مان شادي پنهنجي پيءُ ماءُ جي مرضيءَ موجب ئي ڪنديس."

ايئن ڇئي، پنهنجي منهن کي منهنجي طرف موڙي مون کي ڏسي چوڻ لڳي هئي.

"مان ائين ان ڪري ۽ چوندي هيس ته انهن کي ڏسي ڪڏهن ۽ منهنجي دل زور سان نه ڏڙڪي ۽ هميشه دل مان آو از ايندو هيو ته هي اهو ڇوڪرو نه آهي، جنهن سان تنهنجي شادي ٿيندي.."

هوءَ چپ ٿي وئي هئي، هڪ لمحي کان پوءِ ڏکاري ٿيندي ڇيو هئائين.

"پر منهنجي قسمت ڏسو نه سر! جنهن ڇوڪري کي ڏسي منهنجي دل زور سان ڏڙڪڻ شروع ڪيو، جنهن کي پهريون ڀيرو ڏسندي ئي دل مان آواز آيو ته "هي اُهو ڇوڪرو ائٿي، جنهن سان تنهنجي شادي ٿيندي.. ان ڇوڪري لاءِ منهنجي دل ته زور زور سان ڏڙڪي ٿي، پر هن ڇوڪري جي دل ڪنهن ڇوڪريءَ لاءِ ڏڙڪي ٻيهي رهي آهي..."

هن جون اکيون پرجي آيون هيون، مون کي ڏک ٿيو. هن وري ڳالهائڻ شروع ڪيو هو.

"مون رات به هڪ خواب پئي ڏٺو روز روز نوان نوان خواب ايندا آهن..."

مون هن جي اکين ڏانهن ڏٺو هو هن جون اکيون آليون ٿي ويون هيون! هن جي اکين جو ڪجل وکرڻ لڳو هو. مان به هڪ تجسس واري احساس ۾ ويڪوڙجي ويو هوس، مون کان پڇجي ويو هو.

"ڪهڙو خواب مس...؟"

هن پنهنجي آلين ۾ اداس اکين سان هڪ پيرو وري منهنجي وارن، نرڙ اکين، ڳلن، ڪلهن ۽ سيني کي ڏٺو هو ۽ چيو هئائين.

"مون خواب ۾ ڏٺو پئي ته وقت بيهجي ويو آهي. اوهان ۽ مان ڪنهن اڇ ڏنل پر پنهنجي لڳندڙ ڪنهن اهڙي واديءَ جي مٿان اڏندا ٿا وتئون. جنهن جي هيٺان سرسبز ۽ رنگ برنگي گل آهن. ان واديءَ ۾ هڪ خوبصورت ۽ طلسماتي قسم جي ندي آهي. ان جو پاڻي چمڪندڙ ۽ تجلا ڏيندڙ آهي. اوهان جا وار سونهري رنگ جا ٿي ويا آهن. اوهان جون اکيون نيريون ٿي ويون آهن. اوهان جي جسم جو رنگ گلابي ٿي ويو آهي. اوهان جو چهرو نور سان ڀهڪي رهيو آهي. منهنجا وار به سونهري ٿي ويا آهن ۽ جسم کي سڪون بخشيندڙ ٺڏڙي هوا ۾ آهستي آهستي اڏي رهيا آهن. منهنجي به جسم جو رنگ گلابي ٿي ويو آهي. اکيون نيريون آهن. اوهان سان مُرڪان پئي ته منهنجا ڏند ستارن جيئن چمڪي ٿا پون. مان ان ندي جي ڪناري تي اوهان جي ڪلهي تي ڪنڌ رکي آهلي پئي آهيان. ۽ مُرڪي مُرڪي اوهان سان ڳالهيون پئي ڪريان..."

هن جي اکين مان ڳوڙها ڇلڪي ڪري پيا هئا ۽ هن جي ڳلن تان گذرندي ڪجل جو رستو ناهي ويا هئا. هوءَ وڌيڪ ڳالهائي رهي هئي، شايد انساني همدرديءَ جي ناتي مون کي هن تي رحم پئي آيو هن وڌيڪ ڏک مان ڳالهايو هو.

"بس سر...! جيڪا منهنجي قسمت...!!

مون کي هڪ اهڙي شخص سان پيار ٿي ويو آهي، جيڪو مون سان نه پر ڪنهن بي اهڙي چوڪري سان پيار ٿو ڪري، جيڪا هن کي ڪافي سال اڳ چڏي چڪي آهي..."

مون هن کي ٽيبل تي سروس پليٽ ۾ پيل ٽشو پيپرز کڻي ڏنا هئا. هن پنهنجي اکين تي هلڪو زور ڏيندي ڳوڙها اگهيا هئا. هن جون اکيون وڌيڪ وڌيون ٿي ويون هيون. ڳل ۽ نڪ ڳاڙها ٿي ويا هئس. هن هڪڙا ڳوڙها اگهيا پئي ته وري ٻيا ڳوڙها ڳڙي پئي پيس. مس صائمہ جي اهڙي روئڻ جي ڪري مون کي ڏک پئي ٿيو ۽

منهنجي ڪيفيت عجيب ٿي وئي هئي. هوءَ مسلسل ڳالهائي رهي هئي، منهنجو ڪنڌ هيٺ ٿي ويو هو.

"مون ڪڏهن سوچيو به نه هو ته مون کي ڪنهن ماڻهوءَ سان اڀرندڙ پيار ٿي ويندو جو هر وقت ان لاءِ سوچيندي رهندیس. منهنجي خيالن، خوابن ۽ تصورن ۾ رڳو هو هوندو ۽ جتي ڪٽي هن جو عڪس پسندم. رات ۾ ڏينهن ۾ ننڊ ۾ جاڳ ۾ چنڊ ۾ ستارن ۾ گلن ۾ هوائن ۾ پڙهائڻ وقت پنهنجي شاگردن ۾ ۽ سپ کان وڌي ڳالهه ته مون کي منهنجي پياري بابا جو عڪس به سندس شخصيت ۾ نظر ايندو. مون ڪڏهن به نه سوچيو هو..."

هوءَ ان وقت ڪنهن ننڍڙي معصوم ٻارڙيءَ جيئن پئي لڳي.

"مان ٿورو ڊسٻيلنس رهڻ لڳو آهيان، مون کي خبر نه ٿي رهي ته مون کي ڪيئن هلڻ گهرجي. اوهان مون کي ڏاڍيون عزيز آهيو مان اوهان جي تمام گهڻي عزت ڪندو آهيان، پر..."

هن پنهنجا ڳوڙها اگهيا هئا ۽ منهنجي اکين ۾ ڏسندي پڇيو هئائين.

"پر ڇا...؟"

"مان ڪجهه معاشي مسئلن جي ور چڙهيل آهيان ۽ ٻيو ته مون کي ٽن ٻين زندگين جي به ڪفالت ڪرڻي پوي ٿي. مان ان سوچ ۾ پريشان هوندو آهيان ته اوهان کي خوش رکي سگهان الاءِ نه..."

مان تڪڙا تڪڙا جملا ڳالهائي رهيو هوس. هن چيو هو.

"معاشي حالتن جو بهتر هجڻ به ضروري آهي پر خوشيءَ سان لاڳاپيل نه هوندیون آهن. ماڻهو ڪنهن جي ساڻ سان ۽ خوش رهي سگهي ٿو... خوشيءَ لاءِ ڪنهن جو پيار به ضروري هوندو آهي ۽ ٻيو به الاءِ ڇا ڇا ضروري هوندو آهي..."

مون کيس تڪڙو جواب ڏنو هو. "ها اوهان صحيح ٿيون چئو بلڪل صحيح ٿيون..."

مان تڪڙو ڳالهائي ويو هوس. هوءَ هڪ ڏک ۽ تڪليف واري احساس ۾ هئي ان ڪري مون کيس پاڻيءَ جو گلاس پري ڏنو هو. جيڪو هوءَ يڪ ساهي پي وئي هئي. پاڻي پيئڻ کان پوءِ هن وري ڳالهايو هو.

"اوهان مون تي يقين ڪري سگهو ٿا سر! مان اوهان سان واعدو ٿي ڪيان ته مان اوهان سان نيائيندس. اوهان جو ساڻ ڏينديس ۽ معاشي حوالي کان ڪڏهن به ڊسٽرب نه ڪنديس. اوهان مون تي يقين ته ڪيو سر! بليو مي! اوهان کي مون کان سٺي چوڪري نه ملندي، جنهن لاءِ اوهان ۽ اوهان جي خوشي اهم هجن."

کيس دلداري ڏيندي چيو هوم.

"اوهان يقين رکو مس! هن وقت مون کي کير بہ اوهان جيترو عزيز نہ آهي. مان اوهان سان کافي ويجهو آهيان ۽ اوهان جي تمام گهڻي عزت کندو آهيان. اوهان پنهنجو پاڻ کي سنياليو... پليز..."

هوءَ پنهنجو منهن هيٺ کري ويهي رهي هئي. مون ٿوري پريشانيءَ مان هڪ نظر اتي ويٽل ٻين ماڻهن ڏانهن ڏني هو. کنهن جو بہ اسان ڏانهن ڌيان نہ هو. مون دل ۾ چيو هو.

"شڪر آهي. تہ هر کو پنهنجي ۾ لڳل آهي. کنهن جو بہ اسان ڏانهن ڌيان نہ آهي..."

کجهہ وقت اسان ايئن ئي خاموش ويٺا هئاسين. پوءِ هن پنهنجي پرس کڻندي چيو هو.

"سر! هلون...!؟"

"جي مس هلو...!"

مون ويٽر ڏانهن بل کڻي اچڻ لاءِ اشارو کيو هو. هو بنا بل جي اچي ٽيبل جي پرسان بيٺو هو. ۽ بيهندي چيو هئائين.

"جي سر...!"

مون کانئس بل جو پچندي چيو هو.

"بل گهڻو ٿيو ادا...؟"

"بہ چانهيون اسي رپيا..."

مون کيس سئو جو نوٽ ڏنو هو. هو ويهہ رپيا واپس کرڻ جي کري رهيو هو تہ مون کيس چيو هو.

"رکي ڇڏيو ادا..."

هو "مهرباني سائين" چئي هليو ويو هو.

اسان بہ ان وقت اٿيا هئاسين. ٻاهر کيترائي رکشا بيٺل هئا. هڪ رکشا واري جيئن اسان کي هوٽل مان ٻاهر نڪرندي ڏٺو هو تہ رکشا ڊوڙائي اچي پيرن ۾ جهليو هئائين. مون کيس مس صائمہ جي علائقي جو نالو کڻي. اوڏانهن هلڻ لاءِ چيو هو. هن هاکار ۾ ڪنڌ لوڏيندي چيو هو.

"جي سائين ويهو..."

اسان رکشا ۾ ويٺا هئاسين تہ رکشا هلڻ لڳو هو. اسان ٻئين چپ هئاسين. رکشا پنهنجي مناسب رفتار سان هلندو پئي رهيو. جيڪو ويهن پنجويهن منٽن کان پوءِ مختلف سگنلز تي بيهندي. ور وڪڙ کائيندي ۽ چوراها پار کندي هلي

مس صائمہ وارن جي پاڙي پھتو ھو. پوءِ مون ھيڏانھن ھلو ھوڏانھن ھلو چئي رکشا مس صائمہ جي گھر جي گيٽ اڳيان بيھرايو ھو. ھوءَ ان وقت کافي بھتر ھئي. ھن رکشا مان لھڻ کان اڳ ۾ چيو ھو.

"سر! گھر ھلي ماني کائو...!"

"ٿئنک يو مس! پي دفعي انشاءِ الله..."

"اوکي سر! ٿئنک يو..."

مس صائمہ رکشا مان لھي پنھنجي بنگلي جو دروازو کولي اندر ھلي وئي ھئي. پوءِ رکشا مون کي منھنجي گھر ڇڏڻ ھلي رھيو ھو. مان الاءِ کھڙين سوچن ۾ گم ٿي ويو ھوس. کا بہ ھکڙي سوچ نہ ھئي، جنھن تي سوچي سگھان. صرف رکشا جو مٽي ۾ سور وجھندڙ آواز ٻڌجي رھيو ھيو.

20

گهر پهچي هٽ منهن ڏوئي کٽ تي وينو هوم ته امان منجهند جي ماني کڻي
-چي اڳيان رکي هئي. هڪ ننڍڙي مسواڑي گهر ۾ امان جن کي آڑ رهايو هوم.
نهنجي ذهن ۾ مس صائمہ جون ڳالهيون هيون. ماني کائيندي سڄو ڏيان اوڏانهن
ڳو پيو هو مون سوچيو پئي.

"مس صائمہ پنهنجي احساسن ۽ جذبن ۾ سچي پئي لڳي..."

وري ان جي ابتڙ خيال پئي آيا...

هڪڙو خيال.

"ڪٿي شاديءَ کان پوءِ هوءَ ۾ بدلجي ۾ نہ ٿي وڃي. ڇو ته اڄ جي ايڪويهين
-ديءَ جي عورت ڏاڍي تيزيءَ سان تبديل ٿئي ٿي. هوءَ اهڙي ته ۾ ٿي وڃي ٿي جو
-ين ئي نہ ٿو اچي ته هيءَ ساڳي عورت آهي يا هوءَ. ايئن ڪيئن ٿي تبديل ٿي
گهي...!؟"

وري ٻيو خيال:

"جي ائين ٿيو ۾ ته اها ڪهڙي نئين ڳالهہ هوندي..؟ مان ۾ ٻين وانگي ٻيو وقت
-و ڪندس..."

ٽيون خيال:

"پر اهڙي سات، اهڙي تعلق ۽ اهڙي شاديءَ جي ڪهڙي ضرورت...!؟"

هڪ بدلجندڙ خيال:

"پر مان غلط ۾ ته ٿي سگهان ٿو ممڪن آهي ته مس صائمہ اهڙي نہ نڪري..."

هڪ ٻيو بدلجندڙ خيال:

"نڪتي ته منهنجو نصيب...! مان چا ڪري سگهندس؟ مان اهو وقت تي چڏي ٿو ڏيان پلا...! جيڪو منهنجي نصيب ۾ هوندو اهو ئي ٿيندو..."

ماني کائي، هٿ ڏوئي اچي ڪٽ تي سمهيو هوس. انهن ئي سوچن ۾ هوس ته ننڊ اچي وئي هئي. ننڊ ۾ خواب اچڻ لڳو هو. مون خواب ۾ ڏٺو هو ته مان پهاڙن جي وچ ۾ اڪيلو ويٺو آهيان. منهنجي آس پاس ڪو به ماڻهو نه آهي. ڪو به گل ۽ ٻوٽو نه آهي. ڪو به پکي پکڙ ۽ جاندار نه آهي. منهنجي آس پاس خشڪ ۽ ٿوڙهن جبلن کان سواءِ ڪجهه به نه آهي. مان انهن جي وچ ۾ هڪ جبل جي ڪنڊڪي ٽيڪ ڏيو پيو آهيان. منهنجيون اکيون بند آهن، پر مان جاڳان ٿو. مان بلڪل به اڪيلو آهيان، پر منهنجي دل ۾ ڪو به خوف نه آهي ۽ نه ئي دل ۾ ڪي امنگون ۽ آرزوئون آهن. ڪا به خواهش نه آهي، ڪو به جوش ۽ جذبو نه آهي، ۽ نه ئي ڪا بي سڪوني ۽ پريشاني آهي. بس هڪ اڌ جاڳ ۽ اڌ ننڊ وارو احساس آهي.

اهو خواب مان اڪثر ڏسندو رهندو هوس ۽ خواب ڏسڻ کان پوءِ جاڳي پوندو هوس. جسم ۽ ڳهرجي ڇڪو هوندو هو ۽ هڪ اهڙي ڪيفيت طاري ٿيل هوندي هئي، جنهن کي سمجهي نه ٿو سگهجي. ان وقت به مان ننڊ مان جاڳي پيو هوس، ۽ منهنجي نرڙ ۽ ڳچيءَ تان پنهنجي هٿن سان ڳهر اگهيو هوم ۽ ڪجهه به سوچڻ نه چاهيو هوم. صرف سڏو ٿي سمهي پيو هوس. مٿان ڇت وارو پکو پئي هليو. رڳو ان جي هلڻ ۽ هوا جا آواز هئا. مون ان ڪيفيت کان بچڻ لاءِ ننڊ ڪرڻ پئي چاهي، پر ڪجهه وقت ان ئي حالت ۾ پيو هوس. پوءِ منهنجي وهاڻي جي پرسان پيل موبائيل فون ننڍڙي نياپي جي گهنٽي وڄائي هئي. ٿورڙي دير کان پوءِ موبائيل کڻي ڏٺو هوم. ته- مس صائمه جو ننڍڙو نياپو آيل هو هن لکيو هو.

"گڊ ايوننگ سر...! ڇا اوهان جاڳو ٿا...؟"

هن جو ننڍڙو نياپو پڙهي ڏڪي مرڪيو هوس ۽ دل ئي دل ۾ چيو هوم.

"مس صائمه مون کي پهاڙن ۾ به نه چڏيندي...!"

سندس ان ننڍڙي نياپي جو جواب ڏنو هوم.

"جي مس! جاڳان ٿو. گڊ ايوننگ..."

منهنجي ان ننڍڙي نياپي کان پوءِ هن مون کي فون ڪئي هئي. هن جي فون کڻندي

"هيلو...!"

چيو هوم. هن به پريان ڳالهائڻ شروع ڪيو هو.

"هيلو سر! ڪهڙا حال آهن...؟"

"ٺيڪ آهيان مس...! اوهان ٻڌايو...؟"

"الله سائين جا احسان...! مان تيپهريءَ جي نماز پڙهيم تہ اوهان سان ڳالهائڻ لاءِ ل چيو..."

"مهرباني... اوهان نماز بہ پڙهندیون آهيو..."

"جي سر! الحمدالله..."

"پنج ئي وقت پڙهندیون آهيو...؟"

"ها بلڪل..."

"فجر واري نماز لاءِ صبح جو ايڏو سوير اٿي ويندا آهيو...؟"

"ها بلڪل الارم سيٽ ٿيل آهي، هاڻ جي مان سمهڻ چاهيان تہ بہ الارم جي گهنٽي سمهڻ نہ ڏيندي آهي..."

اهو ٻڌائيندي هوءَ هلڪو ڪلي هئي ۽ وڌيڪ ٻڌائڻ لڳي هئي.

"نماز انسان کي بُراين کان روڪيندي آهي ۽ دل کي سُکون عطا ڪندي آهي..."

"بيشڪ اوهان صحيح ٿيون چئو...!"

ان جملي ٻڌڻ کان پوءِ ڪجهہ اخبارن ۽ ٽي وي تي آيل واقعا ذهن تي تري آيا هئا. اخبارن ۽ ٽي وي تي آيل هڪ واقعي شرم کان انسانيت جا ڪنڈ جهڪرائي ڇڏيا هئا. ميڊيا ۾ آيو هو تہ هڪ مسجد جي پيش امام مسجد ۾ ڪيس ماني ڏيڻ آيل نابالغ ۽ معصوم نينگري سان زوري زنا ڪري. ان کي مرڊينگ ڪري ڇڏيو هو. جڏهن تہ هو مسجد ۾ اهڙن عملن جي خلاف زور شور سان خطبہ بہ ڏيندو هو ۽ اها ننڍڙي معصوم نينگري سندس سوٽ جي ڏيءَ هئي. اهڙي قسم جا واقعا وقت بوقت ٿيندا رهندا آهن. متاثر فردن کان سواءِ ٻين سڀني ماڻهن کان ٿورڙي ئي وقت کان پوءِ وسري ويندا آهن. مان ان ئي سوچ ۾ هوس، تہ مس صائمہ پڇيو هو.

"اوهان نماز پڙهندا آهيو...؟"

منهنجو ڏيان مس صائمہ جي ان سوال ڏانهن ٿي ويو هو مون بنا سوچڻ جي ڪيس ٻڌايو هو.

"نہ...! مان نماز پڙهڻ ڇڏي ڏني آهي...!"

مان تصور ئي تصور ۾ ڏسڻ لڳو هوس تہ مان تيرهن چوڏهن سالن جو ننڍڙو جوان آهيان. صبح جو سوير اٿي مسجد ٿو وڃان، منجهند جو ڪچڙي شام جو سڄ ٽي جو ۽ رات جو سومهڻي واري نماز پڙهي گهر واپس ٿو اچان. منهنجي دل هر وقت ذڪرِ الاهي ۾ مصروف آهي. انهن ئي ڏينهن ۾ منهنجي پيءُ جي ٻي شاديءَ جي خبر مون تي وڄ جيئن اچي ڪري هئي. مون پنهنجو پاڻ سنياليو هو ۽ دل ئي دل ۾ پاڻ کي آٿت ڏني هئي تہ:

"اٿين نہ ٽيندو منهنجو خدا مون سان ڪڏ آهي، هو سچي دعا ضرور قبول ڪندو آهي. مان دعا گهرندس، پوءِ هو پي شادي نہ ڪندو..."

پوءِ مون ڏٺيون ڏٺيون دعائون گهرڻ شروع ڪيون هيون. هڪ ننڍڙي ٻاراڻي دل هئي، جا هڪ ئي دعا گهرندي رهندي هئي، تہ منهنجي پيءُ جي پي شادي نہ ٿئي ۽ اسين بي سهارا ٿيڻ کان بچي سگهون. دعا گهرندي منهنجي دل ڇرڻ لڳندي هئي. ڳوڙها ڇلڪي ڪري پوندا هئا ۽ رڪجڻ جو نالو ئي نہ ونڊندا هئا. سڀ نمازي هليا ويندا هئا پر منهنجا هٿ دعا ۾ ڪچيل رهندا هئا. گهٽي گهٽي دير تائين هٿ مٿي هجڻ جي ڪري جڏهن منهنجا هٿ سڪي ۽ ڏورا چڙهي پوندا هئا تہ مان سجدي ۾ وڃي اها دعا گهرندو هوس، ۽ هڪ ڏک ۽ بيوسيءَ مان روئندو رهندو هوس. منهنجو پنهنجي خدا ۾ يقين ۽ اعتقاد هو. هڪ مضبوط ۽ اٽل ۽ پختو يقين، اعتماد ۽ پروسو هو. منهنجي پيءُ جي شاديءَ جا ڏينهن جيئن جيئن ويجها ايندا پئي ويا، مون تيئن تيئن تهجدن ۽ نفلي نمازن تي زور پئي ڏنو. مان هر وقت خدا جي حضور ۾ ويٺو رهندو هوس. ۽ نيٽ اهو ڏينهن به آيو جڏهن منهنجو پيءُ پي عورت پرڻجي گهر آيو. ان ڏينهن مسجد ويم. نماز جو وقت نہ هو ورانڊي تائين مسجد ڪليل هئي. ورانڊي ۾ ويهي دل کولي رُنم. ايترو رنم، ايترو رنم جو ان وقت تائين جا سڀ ڳوڙها ڳاڙي چڏيم ۽ شايد وري ڏهن سالن تائين يونيورسٽيءَ کي الوداع ڪرڻ واري ڏينهن کان هڪ ڏينهن اڳ تائين روئڻ نہ آيو. مسجد مان اٿي آيم، پوءِ نمازون پڙهڻ چڏي ڏنم ۽ خدا سان مخاطب ٿي ان سان ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪيم. انهن ڏينهن ۾ مون وٽ هڪ ڊائري هوندي هئي، پوءِ پنهنجي ٻاراڻي عمر جي ڪچي ذهن جي حساب سان ان ڊائريءَ ۾ خدا کان سوال ڪرڻ شروع ڪيم. مون کي ياد آهي، مان لکندو هوس.

"اي خدا
جيڪڏهن تون
پنهنجي بندن کي
سندن ساهن جي
رڳن کان به ويجهڙو آهين،
۽ سندن سچي دل جون پڪارون
ٻڌين ٿو
تہ پوءِ تون منهنجي دل جون دعائون
چو نہ ٻڌيون...؟
ڇا منهنجي دل سچي نہ هئي؟

يا مون کي دعائون گهرڻ نہ آيون؟
جيڪڏهن مون کي دعا گهرڻ نہ پئي آئي
تڏهن بہ تون منهنجي دل جي درد کان واقف هئين،
تون منهنجي ان دل جي درد جو ازالو چو نہ ڪيو...؟!"

منهنجي سوچڻ جي ڪري ڪي لمحا خاموشيءَ ۾ گذري ويا هئا. تہ هن پڇيو هو.

"هيلو... چا ٿا سوچيو سر...!"

ڪيس اها سڄي ڳالهہ ٻڌائي هيم. هن پيار ۾ ڏک مان چيو هو.

"سو سويٽ...اوهان ڏاڍا سويٽ آهيو! اوهان سدائين خوش رهندا ڪيو سر...! مان اوهان کي سدائين سَرهو ڏسڻ ٿي چاهيان. اوهان جهڙو انسان هن دنيا ۾ ڪو بہ نہ آهي. اوهان سيني کان منفرد آهيو.. حساس آهيو اوهان جو روح نيڪ ۽ پاڪ آهي، اوهان جي دل نرم ۽ صاف آهي. ڪاش! اوهان جهڙي ماڻهن جي هن دنيا ۾ گهٽائي ٿي پئي، تہ هيءَ دنيا جنت ٿي پوي.. الله سائين اوهان کي سدائين خوش رکي سر! مان هر نماز کان پوءِ اوهان جي خوشيءَ لاءِ دعا ڪندي آهيان..."

مس صائمہ کي مون سان منهنجي ڳالهين سان ۽ منهنجي ماضيءَ جي واقعن سان ڏاڍي دلچسپي هئي. مان ساڻس بي ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪري سگهندو هوس. اهڙي صورتحال ڏسي مس صائمہ هرو ڀرو مون کي منهنجي ماضيءَ جو ڪو نہ ڪو قصو ٻڌائڻ لاءِ چوندي هئي. مون وٽ عجيب، غريب ۽ ڏکوئيندڙ واقعن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هوندو هو پر تنهن هوندي بہ هوءَ اهڙن واقعن کي ٻڌڻ چاهيندي هئي.

ننڍپڻ جي ڏينهن جو هڪ ٻيو واقعو مس صائمہ کي ٻڌايو هوم.

"جڏهن مان نماز پڙهڻ ويندو هوس تہ اسان جي گهر ۽ مسجد جي وچ تي رفيق پائي نالي هڪ مهاجر جو گهر هو. اُهو هڪ ٽ ماڙ گهر هو. جيڪو ورهاڱي وقت هندو ڇڏي ويا هئا. ۽ ڪيس اهو ڪليم ۾ ڏنو ويو هو. رفيق پائي ان گهر ۾ اڪيلو رهندو هو. سندس گهر جون مٿيون ٻئي ماڙيون خالي هونديون هيون. ٽين ماڙي واريءَ ڇت جي هيٺان چمڙن پنهنجي رهائشگاهہ ٺاهي هئي. ڏينهن جو هزارين چمڙا ان ڇت تي چنبڙيل رهندا هئا ۽ رات ٽيندي ئي آسمان ۾ اڏامڻ لڳندا هئا. ٻين ماڙي جي ورانڊي ۽ ڪمرن جا در دريون بند رهندا هئا. هيٺين حصي جي ورانڊي ۾ رفيق ٻائي رهندو هو. سندس ڪمري جو در ڪليل هوندو هو جنهن ۾ ڪا بہ روشني نہ ٿيندي هئي، نہ ان ۾ ڪو بلب ٻرندو هو ۽ نہ ئي ان ۾ سج جي روشني ويندي هئي. اهو ڪمرو پري کان ڏاڍو پراسرار ۽ خوفناڪ نظر ايندو هو. ورانڊي جي اڳيان ننڍڙو اڳڻ ٿيندو هو. جنهن جي هڪڙي پاسي بورچي خانو غسل خانو ۽ حاجت پوري ڪرڻ

جي جاءِ ٺهيل هئي. ان اڳڙ جي پت جي اوٽ ۾ هڪ ڪٽ پيل هوندي هئي. جتي صبح جي وقت ۾ سمهندو هو. جڏهن ايجان رفيق پائي گهمڻ ڦرڻ جهڙو هو تڏهن هو پنهنجي گهر جي ٻاهران اچي ويهندو هو ۽ ڪچڙي منهنجد تائين هر ايندڙ ويندڙ کي پيو ڏسندو هو ۽ پوءِ پنهنجي گهر اندر هليو ويندو هو. اها ئي هن جي وڌي ۾ وڌي سرگرمي هئي. هن جي وراندي ۾ هڪ ٽي وي به رکيل هئي. جنهن تي صرف شام جي وقت ۾ پي ٽي وي جي نشريات شروع ٿيندي هئي. ڪيبل سسٽم گهٽو پوءِ شروع ٿيو جنهن ذريعي ماٺهو پارتي چينل ڏسي سگهيا. نه ته ڪنهن ڪنهن امير ماٺهوءَ وٽ ئي ڊش اينٽينا لڳل هوندي هئي. رفيق پائي شام جي وقت ۾ پي ٽي وي ڏسندو هو ۽ رات جو سوير ئي سمهي پوندو هو. ماٺهن کي حيرت ٿيندي هئي ته هو اڪيلو ان پوت بنگلي ۾ سمهي ڪيئن ٿو...!؟ هو پنهنجي مزاج ۾ هڪ اڪيلائي پسند انسان نظر ايندو هو. يا اڪيلو رهي رهي اڪيلائيءَ جو عادي ٿي ويو هو. ويندڙ وهي ويندي ماٺهوءَ جي طاقت ۽ توانائي به کنيو ويندي آهي. رفيق پائي به آهستي آهستي هيٺو ۽ ڪمزور ٿيندو ويو. پهرين هن لٽ جو سهارو ورتو. پر پوءِ هو ان لٽ جي سهاري تي پنهنجي گهر جي در تائين به نه اچي سگهندو هو. اها لٽ رڳو هن کي پنهنجي غسل خاني تائين مس وٽي وڃي سگهندي هئي. هو اڪثر پنهنجي گهر جي اڳڙ واري ڪٽ تي پيو رهندو هو. ٻن وقتن جي ماني پاڙي جي هڪ گهر مان انساني همدرديءَ جي ناتي ڪيس موڪلي ويندي هئي. پاڙي جا شرارتي ۽ چور قسم جا چوڪرا هن جون ننڍڙيون ننڍڙيون شيون هن جي اڪين جي اڳيان چورائي پڇي ويندا هئا ۽ هو رڳو هنن کي ڏسندو ئي رهجي ويندو هو. هڪڙي پيري مان ٽيپهريءَ جي نماز پڙهي واپس اچي رهيو هوس، ته هن جي ڪليل دروازي مان هن جي گهر ڏانهن نظر هلي وئي هئي. هن بيوسيءَ مان پاڻ ڏانهن سڏڻ جا اشارا ڪرڻ شروع ڪيا هئا. مون سندس اکين ۾ ڏٺو هو. هن جون اکيون آليون هيون. مون کي هن جي حال تي رحم آيو هو. مان سندس دروازي جي چائنٽ ٽپي سندس ڪٽ جي پرسان پهتو هوس، ته هن چيو هو.

"بيٽا ميں اٹھ نہیں سکتا، تم مجھے یہ بالٹی پانی کی بھر دو گے۔۔۔؟"

رحم کائيندي کيس چيو هوم.

"ہاں چچا جی کیوں نہیں۔۔۔؟"

هو مون کي احسانمند نظرن سان ڏسي رهيو هو. مون غسل خاني مان نلڪو گيڙي پاڻيءَ جي بالٽي پري حاجت پوري ڪرڻ واري جاءِ جي پرسان رکي هئي. پاڻي گهٽ هارڻ جي ڪري ڪافي بدبوءِ ٿي وئي هئي. هن جڏهن ڏٺو هو ته مان پاڻيءَ سان

پريل بالتي غسل خاني مان ڪٽي حاجت پوري ڪرڻ واري جاءِ ۾ رکڻ وارو آهيان ته هن جهيٽي آواز ۾ تڪڙو تڪڙو چوڻ شروع ڪيو هو.

"شکريه بيٽا---! شکريه بيٽا---!"

مون مسڪرائيندي ڪيس چيو هو.

"کوئي بات نهيں چچا---! کوئي بات نهيں---!"

هن جي هٿ ۾ ٻه تي روپيا هئا. جيڪي هن مون ڏانهن وڌائيندي چيو هو.

"يه لے لو بيٽا---"

مون نهڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندي چيو هو.

"نهيں چچا آپ رکھ ليں، ميں يه نهيں لے سکتا---؟"

هن پنهنجي ڳالهه تي زور ڏيندي چيو هو.

"ارے بيٽا رکھ لو---"

"نهيں چچا مهرباني---"

اهو چئي مان سندس گهر جي دروازي جي چائنٽ ٽپي ٻاهر نڪري آيو هوس. هن مون کي ويندو ڏسي چيو هو.

"الله تمهيں خوش رکھے بيٽا، وه ہي تمهيں اس کا اجر دے گا۔"

مون کي هن اڪيلي انسان جي اهڙي بي يارو مددگار ٽيڻ تي ڏاڍو افسوس ٿيو هو. مان جڏهن ٽيپهريءَ جي نماز پڙهي واپس ايندو هوس، ته هڪ نظر رفيق پائي جي در ڏانهن ڏسندو هوس. هن جو در کليل هوندو ۽ ڪيس شايد منهنجو انتظار هوندو هو. ته مان اچي ڪيس پاڻي جي بالتي پري ڏيان. ٻه تي ڏينهن هن لاءِ ڪيتو اشارن سان سڏ ڪرڻ شروع ڪيا هئا، پوءِ مان پاڻ ئي هن کي پاڻيءَ جي بالتي پري ڏئي ايندو هوس. ان وقت اها مون لاءِ هڪ اهڙي نيڪي هئي، جنهن ڪان پوءِ مون کي سکون محسوس ٿيندو هو. هڪ ڏينهن پاڻيءَ جي بالتي پري واپس اچي رهيو هوس، ته هن چيو هو.

"ارے بيٽا اگر تمهيں کوئي جلدي نهيں تو دو منٽ کے لئے ميري ساتھ بيٹھ جاؤ---"

مون هميشه بزرگن جي دل سان عزت ڪئي آهي ۽ سندن چوڻ مڃيو آهي. ان ڪري مون ويهڻ جي ڪندي هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ شروع ڪيو هو ته هن هڪ استول ڏانهن اشارو ڪندي چيو هو.

"بيٽا وه اسٹول اٹھا کر يهاں رکھ لو---"

مون اهو استول ڪٽي اچي سندس ڪٽ جي پرسان رکيو هو ۽ ان تي ويهي رهيو هوس. هن پڇيو هو.

"بيٽا ميرا ايک ڪام ڪروگے۔۔۔؟"

مون ڪيس چيو هو.

"جي چچا ڪهيں۔۔۔"

هن چيو هو.

"بيٹا يہاں ميري صرف ايک رشتيدار رہتي ہے، تم جا کر اس کو بتادو کے ميري حالت اب بہت خراب ہو چکي ہے، وہ ميري بيٹي کو فون کر کے کہ ديں کہہ وہ کراچي سے آ کر مجھے لے جائيں۔۔۔"

هن مون کي هن جي گهر جي باري ۾ ٻڌايو هو. جيڪو سندس گهر ڪان گهٽو پري نہ هو. مون وڃي انهن جو دروازو کڙڪايو هو تہ ان عورت جو پٽ نڪتو هو. مون ڪيس رفيق پائي جي اها حالت ٻڌائيندي جو هن ڪيس نياپو ڏنو هو. هو مون کي عجيب ۽ اٽوٽندڙ نظرن سان ڏسندو هليو ويو هو. مون موتي اچي ڪيس ٻڌايو هو تہ مان اوهان جي رشتيدار جي پٽ کي اهو نياپو ڏئي آيو آهيان. هو ٻڌي خوش ٿي ويو هو. هن ۾ هڪ اميد پيدا ٿي هئي. اداس ۽ مرجهايل چهري تي هڪ مرڪ پکڙجي وئي هيس. هو خوش ٿيو هو. پنهنجي هٿن کي ٽوروٽي ڪري انهن کي ڏنو هئائين ۽ مرڪي هيٺ ڪري چڏيا هئائين. جڏ ڪيس پڪ ٿي وئي هئي تہ هن جي بي ستي هٿن کي وري سگهہ ملندي. مان رفيق پائي کي ان خوشيءَ واري ڪيفيت ۾ چڏي گهر ڏانهن هليو ويو هوس. ان وقت مون سوچيو پئي تہ رفيق پائي جي ان رشتيدار عورت جا پٽ روز ان ئي رستي تان اچن وڃن ٿا. اهي هن جي اهڙي لاوارثيءَ واري حالت کان ڪيئن بي خبر هوندا! ان نياپي کي گذري ڇ ڏينهن ٿيا هئا تہ رفيق پائي چيو هو.

"بيٹا تم جا کر پوچھ آؤ گے کہ انہوں نے ميري بيٹي کو فون کيا يا نہيں؟"

مون ڪيس چيو هو.

"ہاں چچا ابھي جا کہ معلوم کر آتا ہوں"۔

مان وري انهن جي گهر جي دروازي تي ويو هوس. اتفاق سان هن عورت جو ٻيو پٽ در وٽ بيٹل هو. مون ڪيس رفيق پائي جو نياپو ڏنو هو. هو مون کي حيرانگيءَ مان ڏسندو گهر هليو ويو هو ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ واپس اچي لاپرواهيءَ مان چيو هئائين.

"ہم نے ان کو بتا ديا ہے بھائی۔۔۔"

اهو چئي هو پنهنجي گهر اندر هليو ويو هو. مون کي حيرت ٿي هئي تہ هُو اهڙي لاتعلقي ڪيئن ٿا ڏيکاري سگهن. مون کي ياد هو تہ ان وقت تائين بہ شهر ۾ ٽيليفون

اڄان ايڏي عام نہ ٿي هئي. ٿورن ماڻهن جي گهرن ۾ ٽيليفون جي سهوليت ميسر هوندي هئي. پاڙي جي غريب گهراٽن جا ماڻهو سعودي عرب يا دبئي روزگار سان ويل هوندا هئا تہ اهي اسان جي گهر فون ڪري پنهنجي خيريت جي باري ۾ آگاهہ ڪندا هئا تہ اسان ٻار انهن جي گهر وڃي اهو نياپو ڏئي ايندا هئاسين. يا هو فون ڪري چوندا هئا تہ اسان جي گهران منهنجي ماءُ يا زال کي سڏي اڇو. اسان ٿوري دير کان پوءِ وري فون ڪنداسين. تہ اسان ٻارن کي گهران چوندا هئا. پڇندا وڃي فلاڻي گهر جي فلاڻي ماسي کي چئي اڇو تہ اوهان جي سعودي عرب يا دبئي مان فون آئي آهي. تہ مايون ويچاريون تڪڙيون اڇي پهچنديون هيون. بيماري بڙي ۽ ڪنهن ايمرجنسي ۾ اسان کي ڪو چوندو هو تہ فون ڪري ٻڌائي ڇڏيندا هئاسين. پر نہ جاڻان ڇو هنن اهڙي لاپرواهي ۽ لاتعلقي ڏيکاري هئي. مان رفيق پائي وٽ آيو هوس. هن کي ٻڌايو هوم تہ هنن ڪراچي اوهان جي ڏيءَ کي فون ڪري ٻڌائي ڇڏيو آهي. هو خوش ٿي ويو هو ۽ خوشيءَ مان لفظ نڪري ويا هئس.

''اب میری بیٹی آئے گی اور مجھے اپنے ساتھ کراچی لے جائے گی۔

مون کيس دلداري ڏني هئي.

''ہاں ہاں چچا جی۔۔۔! انشاء اللہ وہ جلدی آجائیں گی اور آپ کو کراچی لے جاکر وہاں کے کسی اچھے ہسپتال سے علاج کروائیں گی۔۔۔''

هو خوش ٿيو هو.

''ہاں ہاں بیٹا۔۔۔!''

هن سان گڏ مون کي به روز روز نيون اميدون پيدا ٿيندیون هيون. مان تصوراتي اکين سان ڏسندو هوس تہ هن جي ڏيءُ ۽ سندس مڙس آيا آهن ۽ رفيق پائي کي هڪ سني ايمبولينس ۾ ڪراچيءَ کڻائي وڃي رهيا آهن. مان ساڻس آخري پيرو ملان ٿو ۽ سندس دل ٻڌائيندي چوان ٿو.

''چچا جی! اب دیکھیئے گا، کراچی جاکر آپ بلکل ہی ٹھیک ہو جائیں گے۔

هو هڪ اميد سان مسڪرائي ٿو جنهن جو مطلب آهي تہ مان صحيح ٿو چوان. پر اسان روز روز ڪيترن ئي ڏينهن تائين انتظار ئي ڪندا رهيا هئاسين. هن جي طبيعت ڏينهون ڏينهن بگڙجندي پئي وئي. مان ڪيترائي پيرا وڃي نياپا ڏئي ايندو هوس. واپسيءَ ۾ رفيق پائي وڏي تجسس سان پڇندو هو.

''کیا ہوا۔۔۔!''

مان کيس چوندو هوس.

''پتا نہیں کیا ماجرا ہے؟ وہ کوئی بھی ریسپانس نہیں دے رہے۔ انہوں نے کہا ہے کہ ہم نے کئی بار فون کیے ہیں وہ نہیں آرہی تو ہم کیا کریں۔۔۔!''

هو هڪ سوچ ۾ گم ٿي ويو هو. پوءِ پنهنجي ڏيءُ ۽ نياڻي حيرت مان چيو هئائين.

''اچھا۔۔۔! انہوں نے ایسا کہا۔۔۔؟''

وري هڪ سوچ ۾ هليو ويو هو. سندس مرجهايل ۽ اداس چهرو وڌيڪ اداس ٿي ويو هو. هن هڪ مايوسيءَ واري ڪيفيت مان چيو هو.

''وہ اب نہیں آئیں گے۔۔۔''

سندس اکيون ۾رجي آيون هيون. هڪ نظر ڪليل آسمان ڏانهن ڏنو هئائين. ڳوڙها ڳڙي پيا هيس، روئنندي چيو هئائين.

''اب تو آجاتے۔۔۔!!''

مون هن کان پڇيو هو.

''آپ کا اور کوئی رشتیدار۔۔۔؟''

هن افسوس مان چيو هو ڳوڙها ڳڙي رهيا هيس.

''یہاں پر تو کوئی نہیں۔۔۔''

مون کانئس پڇيو هو.

''تو پھر کہاں ہیں۔۔۔''

''بٹوارے میں وہاں رہ گئے ہندوستان۔۔۔''

''اچھا۔۔۔وہ نہیں آئے تھے؟''

''کچھ وہیں رہ گئے، کچھ پاکستان میں یہاں وہاں ہو گئے۔۔۔''

هو ڪجهه سوچي رهيو هو. سوچيندي ٻڌايو هئائين.

''وہاں آگرہ میں میری بڑی حویلی تھی۔ آتے وقت میں اس کے کاغذات بھی ساتھ لے آیا تھا کہ جیسے ہی حالات ٹھیک ہو جائینگے میں واپس چلا جاؤنگا۔ لیکن اس بٹوارے نے تو ہمیں کہیں کا نہیں چھوڑا۔ لوگ اپنے جسم لیکر یہاں وہاں بھٹکتے رہے، لیکن ان کی روحیں وہاں تڑپتی رہیں۔ یہاں سے جو لوگ گئے ان کے ساتھ بھی یہ ہوا تھا۔ ہمارے ساتھ بھی یہ ہوا۔۔۔؟

هو هڪ لمحي لاءِ خاموش ٿي ويو هو ۽ پوءِ وري ڳالهائڻ شروع ڪيو هئائين.

''میری حویلی کی چھت سے تاج محل کا نظارا ہوتا تھا۔ میں شام کے وقت گھر کے چھت پر جا کے بیٹھتا کرتا تھا، وہاں سے مجھے تاج محل کا نظارا بہت اچھا لگتا تھا۔۔۔''

مون هن کي افسوس مان پئي ڏٺو هن وڌيڪ ڳالهايو هو.
"آجکل وہ نظارے زیادہ یاد آتے ہیں، مجھے لگتا ہے میں انہی نظاروں میں تحلیل ہونے والا ہوں۔"

هو هڪ عجيب قسم جي طنزيہ مرڪ مرڪيو هو ۽ چيو هئائين.
"بس اب میرے مرنے کی خبر میری بیٹی کو نہ دینا۔۔۔"

اهڙي مرڪ مون ڪڏهن بہ ڪنهن جي منهن تي نہ ڏٺي هئي. اُهو چئي هو اکيون بند ڪري سمهيو هو. مان کيس خدا حافظ چئي ٻاهر هليو ويو هوس. ٻي ڏينهن صبح جو جڏهن فجر جي نماز پڙهي ٻاهر پئي آياسين، تہ هڪ ماڻهوءَ اچي هڪ نماز پڙهندڙ مهاجر جماعتي قمرالدين کي ٻڌايو هو.
"باہر بچے کہہ رہے ہیں کہ رفیق بھائی مر گئے۔۔۔"

اهو ٻڌندي ئي اسان جي زبانن مان نڪري ويو هو.
"اِنا الله وَانا اليہ راجعون..."

سڀني جي منهن تي رسمي افسوس جون ريکائون هيون، پر مون کي الاءِ ڇو ڏک پئي ٿيو. هو ائين اڪيلو ۽ بي يارو مددگار ٿي مري ويو. شايد ان ڪري جو ڏک هو. رفيق پائي جو گهر مسجد کان گهٽو پري نہ هو ان ڪري ٻن ٽن منٽن ۾ اسان ڪجهہ نمازي هن جي گهر پهتا هئاسين. هو گهر جي اڳڻ واري ڪٽ تي ائين ستو پيو هو جڙ هن لاءِ اڃان صبح نہ ٿيو هجي. هو گهري سُکون واري نند ۾ ستو پيو هو. ڪالهہ جڏهن هن جي ڏيءُ جي اچڻ واري آس ٽٽي هئي تہ ائين لڳو هو جڙ هاڻي هن پنهنجو پاڻ کي هن دنيا کان الوداع ڪري ڇڏيو هجي. مون کي ائين لڳو هو جڙ هن ڪالهہ منهنجي وڃڻ کان پوءِ ملڪ الموت کي اچي ساهہ ڪڍي وڃڻ لاءِ ائين اشارو ڪندي سڏيو هوندو. جيئن هن پهريون پيرو مون کي پاڻيءَ جي بالٽي ۾ري وڃڻ لاءِ اشارو ڪندي سڏيو هو.

اسان نمازي جماعتين هڪٻئي کي گواهہ بڻائيندي چيو هو.

"ادا سيانڻي متان ڪو چوي تہ فلاڻي ماڻهوءَ کي رفيق پائي جي سڃي دولت هٿ آئي آهي. ان ڪري سڀ گڏجي ڏسو تہ هن ويندي ويندي ڇا ڇڏيو آهي."

پوءِ هڪ سڀ کان وڏي عمر جي جماعتي کي چيو ويو تہ هو هن کي پاتل قميص جي کيسي جي جاچ ڪري. هن اڄ جي شڪ جي مرض ۾ مبتلا دنيا جو سوچيندي شايد هن جي کيسي ۾ هٿ نہ پئي وجهڻ چاهيو. جو کيس اهو گمان هو تہ سيانڻي کو هن جو وارث پيدا ٿي پيو ۽ ان کانئس ان جو حساب ڪتاب پڇيو تہ هو کيئن ڪندو. پر سڃي جماعت کيس يقين ڏياريو ۽ قمرالدين پائي کيس چيو تہ

''آپ پریشان نا ہوں، اگر کوئی بھی پوچھے تو سبھی میرے نام کہہ دیجئے گا کہ سارا حساب آکر مجھ سے معلوم کریں۔۔۔''

پوءِ ٹورو جذباتي ٿيندي چيو هئائين.

''میں خود ہی ان کے منہ پر کالک پھینکوں گا، کہ جب وہ اکیلا تمہارے لئے چیخ چیخ مر گیا، اس وقت نہیں آئے۔اب پیسوں کی خاطر اپنی ماں۔۔۔آئے ہو۔۔۔''

هن جون اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون هيون. ٻي جماعتي هن جي ڪلهي تي هٿ رکي هن کي آٿت پئي ڏني. هن عمر رسيده نمازي هن جي کيسي ۾ هٿ وڌو هوءِ ان ۾ جيڪو ڪجهہ ٻہ هو ڪيڙي سيني کي ڏيکاريو هئائين. سيني ڏٺو هو ٻہ پنجين پنجين سوين جا ساوا ۽ سنو سئو جا ڇهہ ڳاڙها نوٽ هئا. هن سيني جي سامهون پيسا ڳڻي چيو هو.

''سورنهن سئو آهن...''

قمرالدين پائي چيو هو تہ،

''ان مان قبر جو سامان اچي ويندو...''

ٻي جماعتي چيو هو.

''باقي پيسا پاڻ ۾ چندو ڪري گڏ ٿا ڪيون...''

سيني حال آهر چندو ڏنو هو. مون وٽ ٻہ پنجويهہ رپيا هئا، جيڪي مون چندي ۾ ڏئي ڇڏيا هئا. پوءِ ٻہ نمازي جماعتي ڪفن دفن جو بندوبست ڪرڻ لاءِ ويا هئا. باقي سڀ گڏجي سڀ کان اڳ پنهنجي مسجد جي پيش امام ڏانهن ويا هئاسين. هو مسجد ۾ پيش امام هئڻ سان گڏوگڏ مسجد جي پٽين گهٽيءَ ۾ ڪرياني جو ننڍڙو دڪان ٻہ هلائيندو هو. اسان هن جي اُن دڪان تي وياهئاسين. هن اسان کي هڪ نظر ڏٺو هوءِ پوءِ سنجيده ٿي ويو هو. اسان سيني هن کي سلام ڪيو هو.

''السلام عليڪم مولوي صاحب...!

هن اسان جي مُنهن کي ڏسندي چيو هو.

''وعليڪم السلام...''

قمرالدين پائي هن کي ٻڌايو هو.

''مولوی صاحب! وہ ہمارے پڑوسی رفیق بھائی آج صبح انتقال کر گئے، آپ تھوڑی دیر کے لئے چلیں، ان کا کفن بنائیں، غسل دیں، اور نماز جنازہ پڑھائیں۔۔۔''

هن جو منهن لهي ويو هو پوءِ منهن خراب ڪندي هن اسان کي چيو هو.

''يار اوهان کي خبر آهي تہ مان غريب ماڻهو آهيان، مسجد جي پيش امامي جي جيڪا متولي پگهار ڏيندو آهي، ان مان پنهنجو ۽ پنهنجي ٻچن جو گذارو ڪرڻ

ناممڪن آهي. ان ڪري مان هي دڪان هلائيندو آهيان، ته جيئن پنهنجي پارن جو پيٽ پالي سگهان. هينئر منهنجي دڪان جو وقت آهي. اوهان هينئن ڪيو منهنجي گهر وڃو اتي منهنجو ننڍو پاءُ هوندو ان کي وٺي وڃو...“

هن کي اسان سڀ حيرانگيءَ مان ڏسڻ لڳا هئاسين. هن جي اهڙي رويي جي ڪنهن کي به اميد نه هئي. هڪ ته جنازي جي نماز پڙهائڻ هن جو مذهبي فرض هو. ٻيو اسان ان مسجد جا جماعتي هئاسين، جنهن ۾ هو پيش امام هو. هو پنهنجو اهو عذر ڇاڪاڻ پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويو هو ته اسان به چپڙي ڪري سندس دڪان مان نڪري آيا هئاسين. هڪڙي جماعتي چيو هو.

”هلو ادا هن جي پاءُ کي خدا ڪارڻ عرض ڪري ٿا ڏسون.“

هن مولوي جي گهر طرف وڃڻ لڳا هئاسين ته هڪ ٻي جماعتي چيو هو.

”يارا! اسان واري مولوي صاحب ته صفا وڃائي ڇڏيو...!

صفا منهن تي ڪُتو جواب ڏئي، اکيون ڦيري ڇڏيائين...!“

ٻيو جماعتي چوڻ لڳو هو.

”يار جماعت جا سيٽ، آفيسر ۽ ٻيا امير ماڻهو هر ويلي جي ماني هن جي گهر الڳ موڪليندا آهن. هن جي گهر جي چلهه ٻرندي ئي ڪانهي، پگهار الڳ ملندي اٿس. دڪان مان به سٺو ڪمائيندو آهي، ايجان هن جو پيٽ نه ٽوپر جي.“

ٻيو جماعتي چوڻ لڳو هو.

”خبر اٿس ته رفيق پائي جو ڪو به اوهي واهي نه آهي، ڪير هن کي پيسا ڏينڊو؟ ڪير مرحوم کي قرآن شريف بخشرائڻ جو هديو ڏينڊو؟ رفيق پائي جي استعمال جون ڪهڙيون شيون وڃي بچيون هونديون، جيڪي هو کڻي ايندو؟ ڪپڑا لتا؟ بوٽ چپلون ڇا ملندو مولوي صاحب کي؟ ان ڪري نه آيو. باقي جي امير ماڻهو مري ها ته هن جا ڪيترن ئي هفتن تائين جاوا ٿي وڃن ها، پوءِ ان دڪان کي تالو هٽندي دير ئي نه ڪري ها...“

پهرين ڳالهائيندڙ چيو هو.

”هڪ مُلي جو پيٽ صرف الله ئي پري سگهي ٿو باقي ڪنهن ماڻهوءَ جي جاءِ ناهي...“

اسين ائين ئي ڳالهائيندا اچي مولوي صاحب جي گهر جي در تي پهتا هئاسين. دروازو کڙڪايو هيوسين ته مولوي صاحب جو ننڍو پاءُ ٻاهر نڪري آيو هو. هو به هڪ مسجد جو پيش امام هو اسان کيس ٻڌايو هو ته سندس مويي پاءُ اسان کي ڏانهنس موڪليو آهي ته ويچاري رفيق پائي جي هلي جنازي نماز پڙهائي ته هن به

منهن گهنجايو هو ۽ سمجهي ويو هو تہ ان مان ڪجهہ بہ هڙ حاصل نہ ٿيندو. ان ڪري ڀهانو ڪري هليو ويو هو تہ مان هاڻي هاڻي هڪ ضروري ڪم سان شهر وڃي رهيو هوس، ان ڪري اوهان ڪنهن ٻي مولوي کي وٺي وڃو. مون کي ياد آهي، اسان شهر جي ڪيترين ئي مسجدن جي پيش امامن ڏانهن ويا هئاسين. هر مُلان کي ايلاز ڪيا هئاسين تہ هلي هُن بيواهي ۽ ننڍڙڪي رفيق پائي جي جنازي نماز پڙهائين، پر ڪنهن بہ خدا ڪارڙ ائين نہ ڪيو هو. هنن کي پنهنجي ان ڪم جا ٽيڪ ناڪ پيسا ڪپندا هئا. جيڪي کين هن ويچاري رفيق پائي جي جنازي نماز پڙهائڻ سان ملڻ جي اميد نہ هئي. اسان ناااميد ٿي رفيق پائي جي گهر موٽي آيا هئاسين ۽ پريشان هياسين تہ رفيق پائي جي جسم کي غسل ڪيئن ڪرائينداسين. ان جو ڪفن ڪيئن سبنداسين. ان جي جنازي نماز ڪيئن پڙهرائينداسين. ان ئي سوچ ۾ پريشان هياسين تہ هڪ جماعتي ڪاوڙمان تقرير واري انداز ۾ ڳالهائڻ لڳو هو.

"يار! الله جي لعنت هجي هنن اڄ جي مُلن تي...! جيڪي هر ڪم پيسن ڪارڙ ڪن ٿا. الله جي رضا ۽ خوشيءَ لاءِ نہ...! اسان سڀ هتي پريشان بيٺا آهيون، ڇا لاءِ...؟ الله ڪارڙ هن ويچاري جي تدفين لاءِ... هوڏانهن هنن مذهب جي ٺيڪيدارن کي الله جي ڪا بہ پرواهہ نہ آهي. هنن کي پنهنجي پرودگار جو ڪو بہ خوف نہ آهي. هنن کي پرواهہ آهي تہ رڳو پنهنجو پيٽ پرڻ جي... اهڙن مذهبي واپارين جي ڪري ماڻهن جي مذهب کان ئي دل کڄي وئي آهي... هڙن منافقن جي ڪري ماڻهو مذهب کان ئي پري ٿيندا ٿا وڃن..."

ان کان پوءِ هڪ جماعتي چيو هو.

"يار... ٿورو صبر ڪيو تہ سڪون سان ڪا ٽَلَ سوچيون...!!"

پوءِ سڀ پنهنجي پنهنجي ذهن جي سوچ آهر ڪا انڪل سوچڻ لڳا هئا. ڪجهہ سوچ ويچار کان پوءِ سڀ کان وڏي عمر واري ان جماعتي چيو هو.

"هاڻي هيئن ٿا ڪيون، هن سامهون واري مُلان ڏانهن ٿا هلون، اوهان بس چُپڙي ڪجو. مان پاڻ ئي هلي هن سان ٿو ڳالهايان..."

اسان ڪجهہ جماعتي رفيق پائي جي گهر جي سامهون واري ملان جي گهر جي در وٽ پهتا هئاسين ۽ هن جو در کڙڪايو هيوسين. ٿوري دير کان پوءِ مولوي صاحب جو وڏو پٽ نڪري آيو هو اسان کيس چيو هو تہ،

"مولوي صاحب کي سڏيو رفيق پائي جو جنازو پڙهائڻو آهي..."

هن کي رفيق پائي جي خبر هئي، ان ڪري ڪاوڙ ڪندي چيو هئائين.

"واهہ يار واهہ...! ڪمال آهي! اوهان کي سڄي شهر ۾ اچي اچي هڪ ڄُهور ڪراڙو مولوي ئي مليو جنازو پڙهائڻ لاءِ...!!

اوهان کي شايد خبر ناهي تہ بابي گهڻا سال اڳ جنازه پڙهائڻ ئي ڇڏي ڏنا آهن."
هن چيو هوس.
"ٺيڪ آهي ادا جيڪا اوهان جي مرضي، پر وري بہ مولوي صاحب کي ٻاهر موڪليو رفيق پائي جو ايترو سارو سامان آهي، ٻي ڪنهن کي ڪيئن ڏيون؟ مولوي صاحب پاڙي جو آٿس، پهريون حق هن جو آهي..."
اهو ٻڌي هو گهر اندر ويو هو ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ مولوي صاحب لٽ جي سهاري تي تکڙو تکڙو اچي در تي پهتو هو ۽ اسان کي ڏسي چيو هئائين "ها ادا...! کهڙو کهڙو سامان ڏيندؤ...؟"
هن چيو هوس.
"کوڙ سارو سامان نڪيو پکڙيو پيو آٿس، اوهان پاڻ هلي ڏسو..."
هن جي اکين ۾ لالچ چمڪي رهي هئي. هن لالچ مان ليلائيندي چيو هو.
"وري بہ...!"
پوءِ بزرگ شخص جيئن فصاحت ۽ بلاغت واري انداز ۾ سمجهائڻ شروع ڪيو هئائين.
"ڏسو نہ بابا! اڳ ۾ طئہ ڪري ڇڏيون تہ بهتر. پوءِ ائين نہ ٿئي جو پائپي ۾ ڏنا ٿيون. اوهان مون کي صاف صاف ٻڌائي ڇڏيو تہ کهڙو کهڙو سامان ڏيندؤ...؟"
اسان سيني کي دل ئي دل ۾ افسوس پئي ٿيو تہ هن جواب ۾ چيو هوس.
"مولي صاحب! هاڻي جيڪو بہ سامان پيو آهي، اهو ڪنهن جي ڪم جو نہ آهي، جنهن جي ڪم جو هو، سو تہ هي سارو سامان ۽ دنيا جهان ڇڏي ويو..."
هڪ مختصر ساهيءَ کان پوءِ چيو هئائين...
"وري بہ هن جي سامان ۾ هن جي ٽي وي آهي، ڏنڊي وارو پکو آهي، ڪٽون آهن، کائڻ پيئڻ جا ٽانوَ ۽ ٽپا آهن ۽ ٻيو بہ گهڻو ئي..."
هن اڃان ايترو ٻڌايو هوس، تہ هن جي جسم ۾ بجلي جون لهرون ڊوڙي ويون هيون، خوشيءَ ۽ جوش مان نڪري ويو هوس.
"بس بس...! مان رڳو پهراڻ ٻڌائي اڃان ٿو..."
هو لٽ جي سهاري تي تکڙو تکڙو پنهنجي گهر اندر هليو ويو هو. اسان سڀ هڪٻئي کي حيرت، افسوس ۽ خوشيءَ مان ڏسي رهيا هئاسين. اسان کي حيرت ان ڳالهہ جي هئي تہ اڄ جي دور ۾ جتي ماڻهو جيئري ڪيترن ئي سُورن ۽ رسوائين ۾ گذاري ٿو تہ مرندي بہ هن کي ڏالتون نٿيون ڇڏين. اسان کي افسوس هو تہ اڄ جو انسان ڪيترو لالچي ٿي ويو آهي. هو پنهنجي لالچ کان سواءِ ڪا نيڪي ۽ پلائي بہ ڪرڻ نہ ٿو چاهي! آڪاڻي دور جي ماڻهن لاءِ ٻڌون ٿا تہ هنن ۾ انساني خدمت ۽

سماجي پلائي جو جذبو هو. هنن انسانن جي خدمت لاءِ سماجي پلائي جا ادارا جوڙيا. بيمارن لاءِ اسپتالون جوڙيون. ماڻهن جي زندگي سنوارڻ لاءِ مدرسا، اسڪول ۽ ڪاليج کوليا. جانورن لاءِ پاڻي جا حوض ٺهرايائون. پکين لاءِ گهرن جي ڇتين تي آڻ ڇڻي ايندا هئا. هنن مان ڪيترن ماڻهن اڄ جي ماڻهن وانگي ٿوري ڇربي کي چيڑائي ۽ پٿر هٽي وڌيڪ ڇربو نه پئي ڪيو. پر هنن اهڙن پاڳلن لاءِ به پاڳل خانا ۽ اسپتالون ٺهرايون.

ان ڏينهن اسان کي خوشي ان ڳالهه جي هئي ته ڪيئن به ۽ ڪهڙي به طريقي سان، ڪو ته مُلو رفيق پائي جو جنازو پڙهائڻ لاءِ راضي ٿيو. مولوي صاحب پنهنجو پهراڻ متائي نئون اڇي رنگ جو پهراڻ پائي آيو هو. ڇڻ ڪيس عيد جو خطبو ڏيڻو هجي. رفيق پائي ۽ مولوي صاحب جي گهرن جو فاصلو ٽن ڇڻن گهرن جي فاصلي تي هو. اسان منٽن ۾ رفيق پائي جي گهر پهتا هئاسين. جيڪي نمازي ڪفن وٺڻ ويا هئا، سي ڪفن وٺي واپس اچي ويا هئا. پاڙي جا ڪجهه ٻيا ماڻهو به اچي ويا هئا. هر ڪنهن جي پنهنجي صلاح هئي. ڪنهن پئي چيو ته،

"يار جلدي جلدي ڪر اڪلائيندا وڃو. اسان کي پنهنجي ڪم ڪار جي به ڪرڻي آهي..."

"ها ادا ها! مون کي به دڪان کولڻو آهي..."

ڪنهن ٻي پاڙيسري پئي چيو.

"ڏسو نه ٿا سڄ ڪيترو مٽي چڙهي آيو آهي، گرمي ۾ مُردو ڏپ نه ڪري ويچي..."

ڪاش ان وقت ايتري سمجهه هجي ها، جو مان ڪيس چئي سگهان ها! ته ڏپ ته هي سماج ڪري ويو آهي."

ڪٽان ڪنهن ٻي پاڙيسريءَ جو آواز آيو هو.

"سيڪ ڪم ٻارهين بجي کان اڳ تائين ڪري ڇڏڻا آهن. ٻارهين بجي کان پوءِ زوال جو وقت شروع ٿي ويندو آهي..."

ٻين ويٺلن هن سان ها ۾ ها ملائيندي چيو هو.

"ها ها هي صحيح ٿو چئي، ٻارهين بجي کان پوءِ زوال جو وقت شروع ٿي ويندو. ان ڪري جلدي جنازي کي کڻو..."

ان دور جي ان هڪ جملي ڇڻ وقت کي بيهاري ڇڏيو آهي. مون کي محسوس ٿو ٿئي ڇڻ زوال جو وقت ڪافي عرصو اڳ کان شروع ٿي چڪو آهي ۽ هي سارو دور ڇڻ زوال جي وقت مان گذري رهيو هو. هر حوالي کان ڳوروءِ نامراد. خوفناڪ ۽ ڀيانڪ. حادثا ۽ سانحه برپا ڪندڙ...

مون ڏٺو هو. اسان جا جماعتي ويچارا سيني سان ها ۾ ها ملائي رهيا هئا. هنن اهو ئي پئي چاهيو ته پاڙيوارا گڏ هجن. جيئن مٽن کي نڪر نه پوي. تکڙ تکڙ ڪري ٽورڻن ماٺهن سان رفيق پائي جو جنازو کنيو ويو هو. پاڙي واري مسجد ۾ جنازي نماز پڙهي وئي هئي. تکڙ تکڙ ۾ هلندي قبرستان پهچايو ويو هو. جلديءَ جلديءَ ۾ لحد ۾ لاٽو ويو هو ڦٽا رکيا ويا هئا. تڏا وڏا ويا هئا. مٽي لٽي وئي هئي. ڏسندي ئي ڏسندي رفيق پائي جي قبر تيار ٿي وئي هئي. گهٽين ئي قبرن تي ڪتبا هئا. ڪجهه اهڙيون به قبرون هيون. جنهن تي ڪو به ڪتبو نه هو. مون سوچيو هو. رفيق پائي جي قبر تي ڪير به ڪتبو هڻائڻ وارو نه هوندو. نه جاڻان ايندڙ دور ۾ ڪنهن سان ڪهڙي حالت ٿيندي؟ ڪنهن جي قبر تي ڪتبو لڳندو به يا نه...؟ مون ل ۾ طنزيه مرڪيو هو ۽ سوچيو هوم. مرڻ کان پوءِ قبر تي ڪتبو لڳو به ته ڇا...!؟ ۽ حي نه لڳو ته به ڇا...! پر ائين ڪنهن سان به نه ٿئي جو ڪو مري به چين نه پائي ڳهي ۽ روح سڪون لاءِ تڙپندو رهي...

رفيق پائي جي قبر تي آخري دعا گهري واپس سندس گهر اچي ڏٺو هوسين ته لوي صاحب کي ٻڌايل ۽ ٻيو سامان غائب لڳو پيو هو. اسان لاءِ اهو سمجهڻ ڏکيو نه ته پنيان سارو سامان مولوي صاحب جو مويي پٽ کڻائي ويو هو. اسان ايان رفيق ئي جي گهر پهتا ئي مس هئاسين ته سندس رشتيدار عورت جو پٽ هن ٻين ماٺهن ان گڏ آيو هو ۽ وراندي ۾ وڇايل پٽراٽيءَ تي ويهندي ئي دعا لاءِ هٿ مٽي ڪنيا ئائين. دعا گهري پنهنجي منهن چيو هئائين.

"جيڪو حڪم الله جو..."

هي منهنجي خيال ۾ ڏاڍو عجيب پٽر هو جنهن ۾ ڪنهن به ڪنهن سان زيت نه ٿي ڪئي. هر ڪنهن قل پڙهي ائين پئي ڪيو.

هن ڊرامائي انداز ۾ قمرالدين پائي صاحب کي چيو هو.

''مجھے پہلے بتادیتے تو میں خیرات وغیرہ کا بندوبست کرتا۔۔۔''

هن کيس چيو هو.

''سب سے پہلے آپ کے ہی گھر بتایا گیا تھا۔۔۔''

''ہاں صحیح کہہ رہیں ہونگے، میں دراصل کسی کام کے سلسلے میں گھر سے باہر تھا، جیسے آیا تو بتایا گیا۔ خبر سُنتے ہی یہاں آپہنچا ہوں۔۔۔''

''خیر ہے بھائی اللہ رفیق بھائی کی مغفرت فرمائینگے۔''

هن پاڻ سان گڏ آندل هن ماٺهن ڏانهن ڏسي اشارو ڪيو هو. انهن مان هڪ پاڻ ن گڏ آندل تالو کوليو هو. تالي کلڻ جي ڪڙڪي سيني کي اشارو ڏئي ڇڏيو هو ته

هو چا ٿا چاهين. ان سان گڏوگڏ هنن ماڻهن کي اهڙين نظرن سان پڻ ڏسڻ شروع ڪيو هو جڙ چوندا هجن ته جلدي هتان دفع ٿيو ان ۾ئي اوهان جو خير آهي. سيني ماڻهن اتان اٿي وڃڻ ۾ئي بهتري سمجهي هئي ۽ اُٿي آيا هئاسين. پوءِ خبر پئي هئي ته ڪجهه ڏينهن کان پوءِ رفيق پائي جي ڏيءَ جو مڙس پنهنجي رشتيدار عورت جي گهر آيو هو هنن ڪيس ست سُريون ٻڌايون هيون ته هاڻي ڇو آيو آهين؟ رفيق پائي جي علاج جو خرچ اسان ڀريو آهي. هن کي ماني ٽڪي اسان ڏيندا هئاسين. هن جي ڪفن دفن جو بندوبست اسان ڪيو آهي. خير خيراتون اسان ڪيون آهن. هاڻي هن جي گهر جو وارث وري تون ٿيو آهين؟ اهڙيءَ ريت هن کي پڳڙن جي مُٺ جيترا پيسا ڏئي ڪراچيءَ جي بس ۾ چاڙهي آيا هئا..."

۽ مان انساني رشتن جي ڪوکلي پڻ تي سوچيندو رهيو هوس.

21

هڪڙي پيري اسان مانجهاندو ڪرڻ 'پيزاهٽ' ويا هئاسين. هن پيزاهٽ ملڻ جو سڄو پروگرام اهڙي ڪاريگريءَ سان ٺاهيو هو جو مان هن کي انڪار نه ڪري سگهيو هوس. مون کي نيم سرڪاري ڪاليج ۾ نوڪري ملڻ جي خوشيءَ ۾ هن مون کي اتي پيزا کارائڻ پئي چاهيو. اسان ٻئي ٽڏي سڙڪ تي واقع پيزا هٽ جي هڪڙي اهڙي ڪنڊ واري جاءِ تي وڃي ويٺا هئاسين. جتي اسان کي ڪجهه گهٽ ڏنو ويڃي. هن پنهنجيءَ کل ۽ خوشيءَ تي قابو پائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو هو.

"هلو سر! سلاد ڪٽي اچون..."

مون به مسڪرائيندي چيو هو.

"ٺيڪ آهي مس...! هلو..."

هوءَ ڪلندي چئي رهي هئي.

"پر هي جيڪو سلاد لاءِ بائول ڏينداِ ان کي سفا فل پرٽو آهي..."

مون به ڪيس مرڪندي چيو هو.

"ٺيڪ آهي مس...!"

پوءِ پائين ايپل، مايونيز ۽ ٻين شين سان سلاد جو پهاڙ ٺاهي چڏيو هئائين. هن جي اهڙي عمل تي مان مرڪي ويٺو هوس. هوءَ اهو سلاد پريل بائول ڪٽي ڏاڍي احتياط سان هلي رهي هئي، تڏهن به لينڊ سلائيڊنگ جيئن بائول تان سلاد ڪري رهيو هو. مون اهو ڏسي مرڪيو پئي ته هوءَ به ڪلي پئي، ۽ مرڪندي چيائين پئي.

"سر خير آهي، سلاد پليٽ ۾ ئي پيو ڪري..."

"جي مس...! ڪا ڳالهه نه آهي..."

سلاد ٽيبل تي رکندي ڪرسيءَ تي ويهندي چيو هئائين.

"ڏاڍو مزو آيو اوهان به سوچيندا هوندا ته وڏي لٽيري قسم جي چوڪري آهي..."

هوءَ ٿهڪ ڏئي ڪلي پئي هئي. وري پاڻ ئي پنهنجي ڳالهه سان ڳالهه ڳنڍي چيو هئائين.

"خير، سڀ سلاد ائين ئي ڪٽندا آهن، ڇو ته پيزا هٽ جي هر شيءَ ڏاڍي مهانگي آهي..."

هن مون کي سلاد ڪٽڻ لاءِ چيو هو.

"سلاد ڪٽو سر...!"

"جي مس ٽئنڪ يو...!"

مون سلاد ڪنيو پئي، ته هن به منهنجي پليٽ ۾ سلاد لاهڻ شروع ڪيو هو.

"ڪٽو ڪٽو سر، هي پائين ايپل ته ڪٽو..."

هوءَ ان ڏينهن ڏاڍي خوش هئي، خوشي ۽ ڪل جي ڪري سندس منهن ڳاڙهو ٿي ويو هو. هن چيو هو.

"مان ننڍين ڳالهين مان به گهڻي خوشي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهيان. مان سوچيندي آهيان ته ماڻهوءَ کي زندگي هڪ پيرو ئي ملي ٿي، ان ڪري ان کي پرپور نموني سان جيئڻ گهرجي. مون پنهنجي زندگي کي اڄ ڏينهن تائين پرپور نموني جيئڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ۽ سچ پچو ته زندگي آهي به ڏاڍي خوبصورت..."

هن جي هر ڳالهه چٽي، واضح، صحيح ۽ متضاد هئي. جنهن تي مختلف وقت جي ڏاهن جون مختلف ڳالهيون ملن ٿيون. مان مس صائمه جي ان ڳالهه تي سوچڻ لڳو هوس ته هن پڇيو هو:

"ڇا ٿا سوچيو سر...؟"

"ڪجهه خاص نه ٿو سوچيان مس...!"

"وري به...!"

"اهو ئي ته الله سائين اوهان تي گهڻو مهربان آهي. ان ڪري اوهان خوش آهيو. باقي زندگي سيني لاءِ هڪجهڙي ۽ خوبصورت نٿي ٿي سگهي. هڪ ماڻهو بادشاهه آهي ته هڪ ماڻهو فقير. هڪ ماڻهو مالڪ آهي ته هڪ نوڪر. هڪ ماڻهوءَ کي سڀ آرائشون ميسر آهن ته هڪ کي در در جون ٺوڪرون. هڪ ماڻهو جي ڊائننگ ٽيبل تي ڪيئي طعام آهن ته هڪ ماڻهو ڪيترن ئي ڏينهن کان بکايل آهي. سيني ماڻهن لاءِ زندگي ڪيئن ٿي خوبصورت ٿي سگهي...!؟"

هن هڪ نظر مون کي ڏٺو هو. پوءِ مسڪرائڻ لڳي هئي. هن سلاد جي پليٽ مان چمچي پري پنهنجي وات ۾ وڌي هئي ۽ ان کي کائيندي ۽ ان مان مزو وٺندي چوڻ لڳي هئي.

"اوهان صحيح ٿا چئو سر! پر جنهن ماڻهوءَ کي الله تعاليٰ گهٽو ڪجهه ڏئي پيدا ڪيو آهي، اهو ته ان جو فائدو وٺي پنهنجي زندگي خوش گذاري نہ؟ يا رڳو اهڙين ڳالهين تي ويهي سوچي پاڻ کي پريشان ڪري، ته زندگي سيني لاءِ هڪجهڙي نہ آهي، ٻين ماڻهن کي ٻہ ڏک آهن، ان ڪري اهو ٻہ ڏک ۽ هجي...؟"

"اوهان صحيح ٿيون چئو مس...! هڪ ماڻهو کي جيترو ٻہ ٿي سگهي، اهو خوش رهڻ جي ڪوشش ڪري"

هوءَ وري هڪ شوخ مرڪ مُرڪي هئي ۽ پنهنجي ڳالهه تي شَدَمَدَ ڏئي ڳالهايو هئائين.

"پر اوهان ڪوشش نہ ٿا ڪيو سر! خوش رهڻ لاءِ اوهان کي ٻہ ڪوشش ڪرڻي پوندي...!"

"جي مس...!"

"ڏسو نہ... اوهان کي ٻہ قدرت گهڻين ئي نعمتن سان نوازيو آهي. اوهان جو خاندان پس منظر ٻہ سنو آهي. اوهان سني کائيندي پيئندي گهراڻي جا فرد آهيو. اوهان پنهنجي لٽي، ڪپڙي، اٽ ويهڻ، پنهنجي واسطي وڙي ۽ ٻہ ٽيڪ ٽاڪ آهيو. باقي جي اوهان جي بابا ٻي شادي ڪئي ۽ يونيورسٽيءَ ۽ اوهان کي اوهان جي هڪ دوستِ اوهان کان وڌيڪ دولتمند ماڻهوءَ جي ڪري ڇڏي وئي ته پاڻ کي ڏک ۽ ڳاڙهڻ مناسب نہ آهي..."

هن جون ڳالهيون ٻڌي مان انهن تي سوچڻ لڳو هوس. هن چيو هو.

"اوهان جي بابا ٻي شادي ڪئي، پر اوهان جو گهر هڪ ئي هوندو اوهان جو ڪائڻ پيئڻ هڪ ئي هوندو اوهان عيدن تي نوان ڪپڑا ۽ بوٽ وٺي سگهندا هوندا، اوهان يونيورسٽيءَ مان ريگيولر پڙهي آيا، اُتي ٻہ اوهان کي ايترا پيسا ملندا هئا، جو اوهان شاهي انداز سان رهي، پڙهي آيا..."

مان هن جي چهري ڏانهن ڏسي رهيو هوس، هن پڇيو هو.

"چا ڪڏهن اوهان تي اهڙو وقت آيو جو اوهان ڪڏهن ماني کائڻ چاهي هجي ۽ نہ کائي سگهيا هجو يا ڪڏهن اوهان جا کيسا خالي رهيا هجن؟"

"نہ مس! ان حوالي کان الله سائين جو سدائين ڪرم رهيو آهي..."

"هاڻي اچون ٿا، اوهان جي يونيورسٽي واري پريم ڪهاڻيءَ تي..."

هوءَ هڪ ماهر استاد وانگي جڙ مئٽاميٽڪس جا حساب حل ڪندي پئي وئي. هن ڳالهايو هو.

"سر! اوهان جي يونيورسٽي واري دور ۾ چوڪرا سڪندا هوندا، ته رڳو چوڪري اسان سان ڳالهائي! هو ان رسمي ڳالهائڻ کي ٻہ وڏي ڳالهه سمجهندا هوندا. ماڻهن

جون زندگيون ان ارمان ۾ گذري ويون ته زندگيءَ ۾ ڪنهن چوڪريءَ جو هجڻ ضروري آهي. اوهان پنهنجي يونيورسٽي لائيف ڏاڍي يادگار نموني گذاري. اوهان کي ٻيو چا گهرجي...؟"

مان مس صائمہ جون ڳالهيون ٻڌي چپ ٿي ويو هوس. هن وڌيڪ چيو هو.

"جڏهن مان يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندي هيس ته ڪوڙ ساريون چوڪريون چونديون هيون. خبر ناهي ته مالڪ ڪنهن سان شادي ڪرائي ڇڏيندا. ان ڪري پنهنجي يونيورسٽي لائيف کي ته خوب انجواءِ ڪيون...؟ پوءِ اُهي چوڪرن سان دوستيون رکي گهمنديون ڦرنديون هيون..."

پوءِ مون کي مخاطب ٿيندي ڪلي چيو هئائين...

"چوڪرا چوندا آهن نہ "آئي ته روزي، نري ته بلا..."

اوهان به هاڻي هن کي دل تان لاهي ڇڏيو...!"

مان هن جي ڳالهين تي سوچڻ لڳو هوس. اڄ جي نوڳي دنيا ۾ ماڻهو جيترو سنجيده ٿو ٿئي، اوترو ئي پوڳي ٿو. مس صائمہ جون سڀ ڳالهيون پلي صحيح هجن، پر ماڻهو وري به پنهنجي طبيعت ۽ مزاج کان مجبور ٿئي ٿو. هن مون کي صلاح ڏيندي چيو هو.

"اوهان ادبي گڏجاڻين ۾ وڃڻ شروع ڪيو اُتي ته سڀ شاعر ۽ اديب گڏ ٿيندا هوندا. اتي اوهان کي ڪافي بهتر ماحول ملي سگهي ٿو."

مس صائمہ جي ان صلاح تي سوچجي ويو هوم.

"ڪهڙيون ادبي گڏجاڻيون...؟ اتي ته هرڪو پنهنجو ڳُڻ ڇاڙهيو ويٺو آهي. سڀ ڪنهن جو پنهنجو نانءُ ويڙهو آهي. اديبن جي اڪثريت پنهنجي پنهنجي لابي ۾ ورهايل آهي. هڪڙي لابيءَ جو اديب ۽ ٻي لابيءَ جي اديب کي اديب مڃڻ لاءِ تيار نہ آهي. هر وقت هڪ وڏي ڄُنڊا پٽ لڳي پئي آهي. جنهن اديب جي ڪابہ لابي نہ آهي. اهو ڪنڊ ۾ ويٺو هوندو. ان کي ادبي لابيون سڃاڻڻ کان ئي انڪاري هونديون. يا وڏو ٿورو اهو چئي لائيندا ته هن جو ڪتاب ايڏان اسان پڙهيو نہ آهي."

مون اهو سڀ ڪجهہ پنهنجين اکين سان ڏٺو هو. مان هر ادبي پروگرام ۾ شريڪ ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو هوس. اديبن جي اڪثريت ساڻ حسد، اڻ سهپ ۽ منافقيءَ جهڙي موذيءَ مرض ۾ ورتل هئي. انهن ۾ ٻيا به ڪيترائي جنسي ۽ نفسياتي خلل ۽ مونجهارا هئا، جنهن ڪري اُهي جنسي ۽ ذهني مريض بڻجي چڪا هئا. مون کي ياد اچي رهيو هو. هڪ نوجوان اديب گذاري ويو هو. ان جي تڏي تي ڪيترائي اديب آيا هئا، مان به ٿوري دير لاءِ وڃي ان جي تڏي تي ويٺو هوس. اخبارن ۾ ڪيترن

ئي اديبن جا ڏک وارا بيان شايع ٿيا هئا. منهنجي پرسان ۽ اديب پاڻ ۾ سُس پُس ڪري رهيا هئا.

"يارَا هي اسان جو نوجوان اديب دوست ته گذاري ويو پر..."

هي پڇيو هو.

"پر ڇا...؟"

"پر... هن جي نوجوان زال جو ڇا ٿيندو...!؟"

هيو اديب چپ.

"هوءَ نوجوان آهي، هوءَ ڪيئن ڪندي..؟"

هن پنهنجي هم صلاحي کي اک پڇيندي چيو هو.

"يارا هڪ جوان عورت جون پنهنجون الڳ ضرورتون هونديون آهن..."

"ها ها يارَ تون بلڪل صحيح ٿو چئين، سيڪس هڪ وڏي جبلت آهي. ان کان ڪيئن ٿو منهن موڙي سگهجي...؟"

"اها ئي ته ڳالهه مان ڪيان ٿو نه...!"

"ها يار غير شادي شده هجي ها، تڏهن ۽ ڪنٽرول ڪري ويجي ها، پر هيءَ ته چڪيل ڪيل آهي، سا ڪيئن ڪندي؟"

"ها يار تون صحيح ٿو چئين..."

پوءِ پنهنجي اکين ۾ وحشت پري ۽ مُڃن تي آڱريون ڦيري چيو هئائين.

"لڳي ٿو ته ان جو بلو به اسان کي ئي ڪرٽو پوندو..."

انهن جو اهڙيون ڳالهيون ٻڌي منهنجي دل ڪچي پَئي ٽِي. ان ڪري مان اتان اُٿي آيو هوس. مان اٿي هلڻ لڳو هوس، ته پٽيان هڪ هيو اديب دوست نوجوان ۽ اچي مون سان مليو هو هن چيو هو.

"مان هتي ڪافي دير کان وينو رهيو آهيان، اسان جي اڪثر اديبن کي اهو سُور کائي رهيو آهي ته هن جي نوجوان زال پٽيان ڪيئن ڪندي؟ هن جو ڪو پلو ڪرڻ گهرجي، پر ڪنهن کي ۽ ان ڳالهه جي ڳڻتي نه آهي ته هُن مرحوم جو ننڍڙو پٽ ڪيئن پلبو...؟ سندس تعليم ڪيئن ٿيندي؟ ان بيواهه ۽ يتيم جي معاشي مدد ڪير ڪندو ۽ هو پنهنجي زندگيءَ جو گاڏو ڪيئن گهليندا!؟"

ٿورو جذباتي ٿيندي چيو هئائين.

"پائو باقي هنن کي پنهنجي پيٽ جو سُور اٿئي ته هن ويچاري بيواهه جي مجبوريءَ جو ڪو فائدو وٺي سگهون..."

مان ڇا ڳالهايان ها، افسوس مان چيو هوم.

"اسان جا اڪثر اديب اهڙا آهن، تڏهن ئي ته پنهنجي سنڈ سُورن ۾ آهي...!"

"ها پائو تمام ٿورا اديب اٿئي، جيڪي باضمير آهن، انهن ويچارن کي وري ڪو پُڇي ئي نه ٿو..."

مون کي سوچيندي ڏسي مس صائمہ چيو هو.

"سر! اوهان وري ڪنهن سوچ ۾ پڌي ويا...!!"

سوچ مان نڪري چيو هوم.

"ها مس...!"

"چا پئي سوچيو...؟"

سندس ان سوال کان پوءِ مون کيس اهو واقعو ٻڌايو هو. اهو واقعو ٻڌڻ کان پوءِ هن کي ٻہ اديبن جي اهڙي رويي تي افسوس ٿيو هو. هن چيو هو.

"ان ڪري ئي چيو ويندو آهي، تہ اوهان اديبن سان سندن لکڻين ۾ ئي مِلو ظاهري زندگي ۾ نہ..."

22

ڪجھ ڏينھن گذرڻ کان پوءِ مس صائمہ جي فون آئي ھئي. ڪچڙي شام جو وقت ھو. مون جيئن ھن جي فون ڪنئي ھئي، تہ ھن وڏيءَ خوشيءَ جوش مان پڇيو ھو.

"ھيلو سر...! اوھان ڪٿي آھيو...؟"

ھن جي اھڙي انداز جو سوال ڪي سمجھڻ جي ڪوشش ڪندي چيو ھوم.

"گھر آھيان..."

"اوھان ھن وقت مون سان ملي سگھو ٿا؟"

"ھن وقت...؟"

"ھا سر...! ھن وقت..."

"ڇو مس خير تہ آھي..؟"

"ھا سر...! خير آھي، پر اوھان ۾ ٿورو ارجنٽ ڪم آھي...؟"

"پر تڏھن بہ ھڻ منھن ڏوئڻ، ڪپڑا مٽائڻ جو اوھان تائين پھچڻ ۾ ڪلاڪ سوا تہ لڳي ويندو...!"

ھن شايد گھڙيءَ ۾ وقت ڏسندي چيو ھو.

"ھنھھہ... ھن وقت سادا چار ٽيا آھن. اوھان سادي پنجين وڳي تائين مدوي ريسٽورنٽ اچي ويندا...؟"

"ٺيڪ آھي سادي پنجين وڳي تائين پھچڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو..."

"سر! دير نہ ڪجو پليز..."

"ٺيڪ آھي مس! ڪوشش ڪندس..."

"ھنھہ ھنھہ ھنھہ..."

ھن جي کلڻ جو ھلڪو آواز آيو ھو. کلندي ٿورا مڇيا ھئائين...

"ٿئنڪ يو سر! ٿئنڪ يو..."

"ويلڪم مس! ڪا ڳالھہ نہ آھي..."

مان کٹ تان اٹي واش روم ويو هوس. تڙ تکڙ ۾ تيار ٿي گهران نڪتو هوس. رڪشا ۾ چڙهي سوچيم پئي، ته مس صائمہ جو مون ۾ اهڙو کهڙو ڪم ٿي سگهي ٿو جو هن مون کي ايتري تکڙ ۾ هٽ گهرايو آهي؟ وري سوچ آئي هئي، هن جي انداز مان معلوم ٿيو پئي ته هن جو مون ۾ اهڙو ڪم نہ هوندو جنهن جي ڪري مون کي ڪا گهٽي تڪليف ڪرٹي پئي! هوءَ پنهنجي ڳالهائڻ مان خوش پئي لڳي. ان ڪري به مون کي ڪا گهٽي پريشاني ڪا نہ پئي ٿي. ٻيو مون جهڙي ماڻهوءَ ۾ هن جو کهڙو ڪم پئجي سگهي ٿو. اهڙين سوچن ۾ هوندي مان ميڊوي ريسٽورنٽ جي باهران پهتو هوس. رڪشا مان لهي رڪشي واري کي ڪرايي جا پئسا ڏنا هئم ۽ اڳتي وڌي ريسٽورنٽ جو دروازو کولي اندر داخل ٿيو هوس. مون مردن واري پاسي هڪ هلکي مٺاچري نظر وڌي هئي. هال اڌ کان مٿي خالي هو. چو تہ ان وقت مانيءَ جو وقت نہ هو. مون سامهون ٽيملي هال ڏانهن ڏٺو هو. مس صائمہ در ڏانهن منهن ڪيو ويٺي هئي. سندس اکين کي مون کي ڏسڻ جي آس هئي. هن جي جيئن مون تي نظر پئي هئي ته کانئس مرڪ ڇڏائجي وئي هئي ۽ هن کان ساڃو هٽ مٿي ٿي ويو هو. مون کان به هن جي جواب ۾ ٿورو هٽ مٿي ٿي ويو هو. مون کي پنهنجي ويجهو پهچندي ڏسي هوءَ پنهنجي ڪرسيءَ تان اٹي هئي. مون سندس پرسان پهچندي چيو هو.

"ويٺا رهو مس! ويٺا رهو..."

هوءَ تڏهن به مرڪندي بيٺي رهي هئي. مان هن جي سامهون واري ڪرسيءَ تي ويٺو هوس. ته هوءَ به ان ئي وقت ڪرسيءَ تي ويهي رهي هئي. مون هڪ نظر ٽيبل تي ڏٺو هو. ان تي انرجي سويٽس ۽ بيڪرز جي ٽيلهيءَ ۾ هڪ ڏهو پيل هو. هن ٽيلهيءَ مان اهو ڏهو ڪيندي چيو هو.

"اوهان کي مبارڪ هجي سر...! مان سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي ذريعي سنڌ گورنمينٽ جي تعليم کاتي ۾ ليڪچرر ٿي ويس..."

هن مٺائي جي ڏهي کي کولي سامهون رکيو هو ۽ پنهنجي پرس مان آفر ليٽر ڪڍي مون کي ڏنو هٿائين. مون آفر ليٽر ڏسندي چيو هو.

"مبارڪ هجيو مس...!"

"ٿينڪ يو سر...!"

پوءِ مون کي مرڪندي ڏنو هٿائين ۽ ان ئي لمحي مٺائي واري ڏهي مان برفيءَ جو ٽڪڙو ڪٹي مون کي ڏيندي چيو هٿائين.

"سر! اوهان مٺائي ته کائو..."

مون برفيءَ جو اهو ٽڪڙو کائيندي هن کي ڏٺو هو. هوءَ حد کان وڌيڪ خوش هئي، خوشي کانئس سنبالي نہ پئي ٿي. هوءَ هڪ وجداني ڪيفيت ۾ هئي. سندس

سجو منهن ڀهڪيو پئي، اکيون چمڪيون پئي ۽ سندس چپ جرڪيا پئي، خوشي هن جي هر ادا مان ٻکي رهي هئي. هن جڏهن ڏٺو هو ته مان برفيءَ جو اهو ٽڪڑو کائي چُڪو آهيان، ته هن مٺائي جي ڊبي مان گلاب جامن جو هڪ لڏون ڪڍي ڏيندي چيو هو.

"سر اوهان مٺائي ته کائو ئي نه پيا...!"

مون کانئس اهو لڏون وٺندي چيو هو

"اوهان ڏاڍيون خوشنصيب آهيو مس صائمہ...!"

"جي سر ٿئنڪ يو..."

"ههڙي دجالي دور ۾ اوهان گورنمينٽ ليڪچرر ٿي ويا. ٻيو اوهان کي ڇا گهرجي...؟"

هن جي مرڪ وڌيڪ گهري ٿي وئي هئي. هن هڪ جيءَ پريندڙ نظر سان مون کي ڏٺو هو ۽ پوءِ گهڙي لاءِ نظرون جهڪائي ڇڏيون هئائين. مون هن ڏانهن ڏٺو هو هوءَ منهنجي ان رسمي سوال تي سوچيندي شرمائجي وئي هئي. سندس نظرون جُهڪيل هيون. هن هڪ عجيب احساس مان چيو هو

"ٻيو مون کي اهو گهرجي، جيڪو هر چوڪري چاهيندي آهي..."

مان سندس اها ڳالهہ سمجهي ويو هوس، پر ڪيس کي تڪڑو جواب نہ ڏنو هوم. هوءَ بنا ڪنهن پرواهہ جي ڳالهائي رهي هئي.

"مون کي هڪ ستو جيون ساٿي گهرجي..."

هڪ نظر مون کي ڏسندي چيو هئائين.

"عزت ۽ احترام ڏيندڙ خيال رکندڙ ۽ پيار ڪندڙ جيون ساٿي..."

هن اهو جملو ڳالهائيندي هڪ سُڪون وارو گهرو ساهہ ڪنيو هو. هوءَ بلڪل بہ پُرسڪون هئي. هن سُڪون ۽ خوشي واري اعتماد مان چيو هو.

"سر اوهان ٿيندا منهنجا جيون ساٿي..؟"

سندس اهڙي سڌي سوال تي مون کيس هڪ نظر ڏٺو هو ۽ مون کي سندس اهڙي ڳالهہ تي ڪا بہ حيراني نہ ٿي هئي. مون ڄاتو ٿي، ته هوءَ ڪڏهن بہ اهڙي قسم جي ڳالهہ ڪري سگهي ٿي، کيس چيو هوم.

"مون کي گهٽن ئي ڏينهن کان ان ڳالهہ جو اندازو هو. مون اوهان جي ان سوال جي باري ۾ گهڻو ئي سوچيو آهي. مان اوهان جو جيون ساٿي ٿيان يا اوهان منهنجون جيون ساٿي ٿيو. ان ۾ ڪو حرج نہ آهي، پر..."

هڪ لمحي لاءِ چپ ٿي ويو هوس، ته هوءَ اُتاولي ٿي وئي هئي ۽ اتاولائيءَ مان پڇيو هئائين.

"پر چا سر...!؟"

"پر مان ۾ منهنجي زندگي ائين نہ آهيون، جيئن اوهان کي نظر اچون ٿا. منهنجي زندگي..."

منهنجي ڪيفيت تبديل ٿي چُڪي هئي. مان وري ڪيٽارسز مان گذري رهيو هوس. هن ڀَالهه کي اڻتي وڌائيندي چيو هو.

"جي سر...! چا اوهان جي زندگي...؟"

"اهو ئي ته منهنجي زندگي ڪيترين ئي محرومين جي اثر ۾ ڪيترين ئي ذميوارين جي بار هيٺان دٻيل آهي. شايد مان انهن ذميوارين کي کڻندي کڻندي اوهان جي ڪنهن اُميد تي پورو نہ لهي سگهان، ۽ پوءِ اوهان کي پڇتائڻو پوي ته اوهان جذبات ۾ اچي ڪهڙو غلط فيصلو ڪري ويٺا...!"

هوءَ سنجيده ٿي وئي هئي ۽ سنجيدگيءَ مان ڀَالهائيندي چيو هئائين.

"سر! يقين ڪريو مان اهڙي چوڪري ناهيان! مان اوهان مان اهڙيون اميدون ئي نہ رکندس، جيڪي اوهان پوريون نہ ڪري سگهو. اسان جون ڪي اهڙيون وڏيون خواهشون ڪونهن، جيڪي پوريون نہ ٿي سگهن. اسان هڪٻئي جي ساڻ سان هڪ سٹي زندگي گذاري سگهون ٿا..."

مان چپ ٿي ويو هوس. هوءَ وڌيڪ ڀَالهائي رهي هئي.

"سر! الله سائينءَ جي مهرباني‌ءَ سان مون کي هڪ سٹي نوڪري ملي وئي آهي. منهنجي خرچن جو اوهان تي بار نہ هوندو. اوهان خوشيءَ سان پنهنجون ذميواريون نپائيندا رهجو. مان انهن جي وچ ۾ ڪا به رڪاوٽ نہ وجهندس..."

"ٺيڪ آهي مس! مان اڳ ۾ ئي اوهان تي واضح ڪندو هلان ته مان هڪ گڏيل خاندان ۾ رهان ٿو ۽ شاديءَ کان پوءِ ان ئي گڏيل خاندان ۾ رهندس. ٻيو ته مون کي منهنجي ماءُ، پيءُ ۽ ڀاءُ جي ڪفالت به ڪرڻي آهي. منهنجي سڄي پگهار اسان جي پيٽ ۾ ئي پوري آهي. ان مان ٻيو ڪجهه نہ ٿي سگهندو..."

منهنجي اها ڀَالهه ٻُڌي هوءَ خوشيءَ مان مُرڪي پئي هئي. سندس سارو چهرو ٻهڪي پيو هو. چيو هئائين.

"اڙي سر...! اوهان پريشان نہ ٿيو...! مان اوهان سان ان گڏيل خاندان ۾ گڏ به رهنديس، اوهان جي ۽ اوهان جي ماءُ پيءُ جي وچ ۾ به نہ ايندیس ۽ اوهان مون کي جيئن به رکندا مان تيئن هوندس. اوهان جيڪو به ڪارائيندا پياريندا ان تي شڪر ڪندس. بس...!"

هوءَ تمام گهڻي خوشي ٿي وئي هئي. هن رڳو پنهنجي زبان سان ئي نہ پر پنهنجي اکين سان به ڀَالهايو پئي. خوشي هن جي رنگ ۽ روپ مان ظاهر هئي. هوءَ

تکڙ ۾ اُٿي هئي، سَٽ ڏئي پنهنجي پرس کنئي هٿائين، مٺائي وارو ڏهو ٽيلهي ۾ وڌو هٿائين ۽ کلندي چيو هٿائين.

"سر سامهون ويٽرز ويٽل آهن، هر هر اسان کي ڏسن ٿا، هلو هن ڪنڊ واري ٽيبل تي ٿا ويهون..."

هوءَ پرينءَ ڪنڊ واري ٽيبل تي ويهڻ لاءِ صفا تيار لڳي ٻيني هئي. هوءَ جنهن ڪيفيت ۾ هئي، ان ۾ ڪيس انڪار ڪرڻ مناسب نه سمجهيو هوم...

ان ڪري اُٿي وڃي ڪنڊ واري ٽيبل تي ويٺا هٿاسين. مان هن جي سامهون واري ڪرسيءَ تي ويهڻ جي پئي ڪئي، ته هُن منهنجو هٿ پڪڙي عرض ڪندي چيو هو.

"هيڏانهن سر! منهنجي پرسان ويهو...!"

مون هن جي اکين ڏانهن ڏٺو هو هوءَ خمارجي چُڪي هئي. سندس اها ڪيفيت مون لاءِ نئين هئي. مون ٻيني پير چيو هو.

"ها مس...! ويهان ٿو..."

مان سندس پر ۾ ويٺو هوس، هن پنهنجو هٿ منهنجي ڏوري ۾ مضبوطيءَ سان وڌو هو ۽ پنهنجو سر منهنجي ڪلهي تي رکي ڇڏيو هٿائين ۽ ڪنهن پرڪيف خمار جي سُرور ۾ سندس اکيون بند ٿي ويون هيون. ٿوري دير ويني رهڻ کان پوءِ مان ڪرسيءَ تان اٿيو هوس. هن جو هٿ ڏرو ٿي ويو هو ۽ سندس سر منهنجي ڪلهي کان ڏوري ۽ ٺوٺ تائين گسڪي آيو هو. مون ڪيس چيو هو.

"ٻه منٽ مس! مان اچان ٿو..."

"پر اوهان ڪيڏانهن ٿا وڃو...؟"

"ويٽر کي چانهه ڪٽي اچڻ لاءِ چئي اچان ۽ واش روم مان ٻه ٽي اچٽو آهي..."

هن پيار واري مرڪ سان نهاريندي چيو هو:

"ٺيڪ آهي سر...!"

مون اٿي وڃي ويٽر کي ٻن چانهين جو چيو هو ۽ پوءِ واش روم وڃي آئيني اڳيان بيٺو هوس. پنهنجي چهري ڏانهن ڏٺو هوم. ڪنهن اچاتي خوف جي ڪري ڏاڍو وساميل وساميل پئي لڳو. هڪ نظر غور سان پنهنجي چهري ڏانهن ڏٺو هوم.

مون کي منهنجي چهري ۾ يونيورسٽيءَ واري پُراڻي محبوبا نظر پئي آئي. ڪنهن ٻه احساس کان خالي ۽ پراسرار. مون کان هلڪو چرڪ نڪري ويو هو. پاڻيءَ جي نلڪي کولي هيم. ان مان نيم گرم پاڻي نڪرڻ لڳو هو. ٻُڪ پري منهن ڏوتو هيم. هڪ پيرو وري آئيني ۾ پاڻ ڏٺو هوم. اکيون ڳاڙهيون نظر آيون، هيون. ٽشو پيپرز واري رول مان ٽشو پيپرز ڪڍيا هئم. منهن اگهي، وارن کي هٿ سان ناهي

ٻاهر نڪري آيو هوس. ڏٺو هوم ته ويٽر به چانهه ڪنيو پئي ويو. هن اڃان چانهه جي ڪٽلي ۽ ڪوپ پليٽون ٽيبل تي رکيا پئي ته مان به مس صائمه جي ڪرسيءَ جي سامهون واري ڪرسيءَ تي ويٺو هوس. هن مون کي ڏسي مُرڪيو هو. مان به رسمي طور مرڪي ويٺو هوس. ويٽر واپس وريو هو ته هن منهنجي چهري کي چتائي ڏٺو هو ۽ پيار واري مرڪ مرڪندي پڇيو هئائين.

"اوهان خوش ناهيو سر...!؟"

سندس اکين کي ڏسندي چيو هوم.

"نه مس! اهڙي ڳالهه ناهي...!"

وڌيڪ مرڪي هئي ۽ چيو هئائين..

"پوءِ مون کان پري ڇو وڃي ويٺا آهيو...؟ هيڏانهن اچي ويهو نه...!"

"ٺيڪ آهي مس...!"

مان سندس پرسان اُتي وڃي ويٺو هوس، جتان ٿوري دير اڳ اٿيو هوس. خوشيءَ ۾ سندس دل ٽري پئي هئي. هن ڪٽلي مان ڪوپن ۾ چانهه پر ٿي، هڪ ڪوپ مون ڏانهن وڌائيندي چيو هو.

"چانهه پيئو سر...!"

"جي مس مهرباني...!"

چانهه پيئندي پنهنجي ۽ صائمه جي مستقبل جي باري ۾ سوچي رهيو هوس. منهنجي اکين جي اڳيان ڪنهن چوراهي تي لڳل سايون ڳاڙهيون ٽريفڪ لائيٽون ٻري ۽ وسامي رهيون هيون. سايون لائيٽون بهتر مستقبل ۽ رواني واري زندگي جو اشارو ڏئي رهيون هيون. ڳاڙهيون لائيٽون خطري ۽ رڪجي وڃڻ واري زندگيءَ جو اشارو محسوس پئي ٿيون. اسان ٻئي چانهه پي ٻل ڏئي ريسٽورنٽ مان ٻاهر نڪري آيا هئاسين. مون کيس رڪشا ۾ ويهاريو هو ته هن پڇيو هو.

"اوهان نه ٿا هلو...؟"

"ٻئي پيري هلندس..."

"ٺيڪ آهي سر...! ٿئنڪ يو..."

"خدا حافظ مس...!"

"خدا حافظ سر...! اوهان پنهنجو خيال رکجو..."

هٿ جي اشاري سان هڪٻئي کي ٽاءِ ٽاءِ ڪيو هيوسين ته رڪشا هلڻ لڳو هو. ڏسندي ئي ڏسندي رڪشا منهنجي نظرن کان دور ٿي ويو هو. مان پنڌ ئي پنڌ گهر ڏانهن هلڻ لڳو هوس. سڄي رستي ۾ منهنجي تصور ۾ ٽريفڪ سگنل جون سايون ڳاڙهيون لائيٽون ٻرندي ۽ بند ٿيندي نظر اچي رهيون هيون.

23

ڏينهن شام جو مس صائمہ فون ڪري ٻڌايو هو تہ سندس ماءُ مون سان ملڻ ٿي چاهي. هن پنهنجيءَ ماءُ کي ٻڌائي ڇڏيو هو تہ هوءَ مون سان شادي ڪرڻ ٿي چاهي. ان ڪري هن مون کي چيو پئي تہ ڪيئن بہ ڪري مان سپاٽي شام جو سندن گهر وڃي سندس ماءُ سان ملي اچان. مان ڏهني طور تي اهڙي ڪنهن بہ عمل لاءِ تيار نہ هوس. ان ڪري سندس ڀالهہ ٻڌي مونجهہ پئي ٿي. مون مس صائمہ کي چيو هو

"ايترو جلدي منهنجي لاءِ ممڪن نہ آهي؟"

هن پڇيو هو.

"ڇا ممڪن ناهي سر...؟"

"شاديءَ جي خرچن جو بندوبست ڪرڻ..."

هن ڏيرج سان چيو هو.

"ان ڪري تہ مان چاهيان ٿي تہ اوهان امي سان ملي وڃو..."

"صرف ملي وڃڻ سان ڇا ٿيندو...؟"

"ڀالهين ڀالهين مان ڪا راهہ نڪري سگهي ٿي. جيڪڏهن ٻيو ڪو فائدو نہ ٿيو تہ گهٽ ۾ گهٽ ايترو تہ ٿيندو جو مان اوهان سان ملان جُلان پئي. ڪنهن گهر ۾ياتي اوهان سان ڏسي ورتو تہ امي ڀالهہ ناهي وٺندي تہ مان چوڪري کي سڃاڻان ٿي. هو مون سان رشتي جون ڀالهيون ڪري ويو آهي..."

سندس ان ڀالهہ تي ڪجهہ سيڪنڊ سوچيو هوم. پوءِ کيس چيو هوم.

"ٺيڪ آهي. پر اوهان بہ اُتي موجود هججو..."

"ٺيڪ آهي سر! مان بہ اتي موجود هونديس.."

" مان سپاٽي شام جو اچي ويندس..."

"ٿئنڪ يو سر...! ٿئنڪ يو سو مچ..."

هوءَ خوشيءَ مان کلي پئي هئي ۽ کلندي چيو هئائين.
"اوهان ڏاڍا سويٽ آهيو سر...!"
"مهرباني مس...!"
هوءَ خوش ٿي وئي هئي ۽ مان پريشان...
ٿوري دير کان پوءِ وهنجي سهنجي ڪپڙا متايا هيم - ۽ ڪرسيءَ تي ويٺي سوچي رهيو هوس ته امان شام جي چانهه کٽي آئي هئي. هن مون کي ڏٺو هو ۽ پڇيو هئائين.
"ابا چا ٿو سوچين...؟"
هڪ نظر سندس چهري ڏانهن ڏٺو هوم. پوءِ کيس چيو هوم.
"امان تون ٿوري دير لاءِ هت ويهه..."
هوءَ ڪٽ پرسان پيل ڪرسيءَ تي ويهي مون کي ڏسي سوچڻ لڳي هئي. شايد هوءَ اهو سوچي رهي هئي ته مان چا سوچي رهيو آهيان. مون کيس ٻڌايو هو.
"جنهن ڪاليج ۾ مان پهريان پڙهائيندو هوس. اتي هڪ چوڪري به استاد هئي. هوءَ مون سان شادي ڪرڻ ٿي چاهي. هن جي ماءُ مون کي سياڻي ملڻ لاءِ پنهنجي گهر گهرايو آهي. صلاح ڏي ته چا ڪيان...؟"
منهنجي شاديءَ جي ڳالهه ٻڌي امان خوش ٿي وئي هئي. هڪ هلڪي مُرڪ هن جي چپن ۽ منهن تي پکڙجي وئي هئي. هن خوشيءَ مان پڇيو هو.
"سڻي چوڪري آهي...؟"
"ها امان لڳي ته سڻي ٿي..."
"تو سان نياهيندي..؟"
"نياهڻ جون ڳالهيون ٻه ڪري ٿي...؟"
خوشيءَ مان پڇيو هئائين.
"چا ٿي چئي اسان سان گڏ رهندي..؟"
"ها... چئي ٿي ته سيني سان گڏ رهندس..."
"سڻو سُڻو.. ٻيو ڏسڻ ۾ ڪيئن آهي...؟"
"سڻي آهي..."
امان خوش ٿيندي پَئي وَئي. وڌيڪ پڇيو هئائين. قد جي هلڪي ته ناهي...؟
"نه..."
"نَڪُ ڪيئن اٿس...؟"
"صحيح اٿس..."
امان خوشيءَ مان حيران ٿيندي چيو هو.

"هان... پوءِ تہ واهہ واهہ..."

ان ڳالهہ جو ڪيس ڪو جواب نہ ڏنو هوم. امان جي پڇيل ننڍڙين پر ڪجهہ اهم ڳالهين تي سوچي ٿورو ٿورو پريشان ٿي ويو هوس. امان مون کي ڏسي سمجهي وئي هئي ۽ منهنجي پرسان اچي منهنجي متي کي هٿ لائيندي پڇيو هئائين.

"ڇا ٿو سوچين ابا...؟"

ڏانهنس ڏسندي چيو هوم.

"ڪجهہ نہ امڙ...؟"

"اسان جي ڪري پريشان ٿي ويو آهين نہ...؟"

"نہ امڙ...!"

"سوچيندو هوندين تہ جي هوءَ مائي اسان سان نہ ٿهي تہ پوءِ ڇا ٿيندو...؟"

"بس امڙ الله سائين پلائي ڪندو..."

"ها ابا بس الله ۾ ئي آسرو آهي، تون پريشان نہ ٿيءُ! هوءَ جيڪڏهن چئي ٿي تہ پوءِ ائين ڪندي..."

ڏانهس ڏسي چيو هوم.

"ها امان...!"

سوچي رهيو هوس. امان ان دور جي عورت آهي، جنهن دور ۾ ماڻهو جيڪڏهن ڪاوڙ يا جذبات ۾ اچي بہ ڪا ڳالهہ چئي ويندا هئا تہ پوءِ پنهنجي چيل ڳالهہ جو رم رکندا هئا. اڄ جي ماڻهن وانگي شعوري طرح ڳالهيون ڪري ڦري نہ ويندا هئا. هو هڪ ڪلاسيڪل دور هو. دوست دوستن تي جان ڏيندا هئا. رَتُ ڏانگيءَ تي بہ رندو آهي، جهڙا پهاڪا ٿاهي پنهنجي عزيزن جي حق لاءِ هر ميدان ۾ ڪاهي پوندا هئا. هاڻي هر هنڌ ۽ هر پاسي ڏڳيءَ وارا ٿاهہ لڳا پيا آهن. ان دور ۾ گهٽائيءَ ۾ مڙس ڻ سان ۽ زالون مڙسن سان نياهيندیون هيون. اولاد ماءُ پيءُ سان وفادار رهندي ندن ڪراڙپ جو سهارو بڻجندي هئي. جنهن کي اولاد نہ هوندي هئي تہ پاڻيا ۽ ٽيجا بہ سندن پرجهلا هوندا هئا. هاڻي تہ وڃي ٿو رشتن مان ساهہ نڪرندو. امان چيو هو.

"ڇا ٿو سوچين ابا...؟"

"ڪجهہ بہ نہ امان...!"

هن اُٿي مون کي پاڪر پاتو هو. نرڙ تي چمي ڏئي دعا ڪئي هئائين...

"الله سائين تو کي خوش رکندو ابا..."

امان جي پاڪر ۾ بيچيني ختم ٿي وئي هئي ۽ سندس دعا سان دل کي آٿت پي هئي. چانهہ پي گهر کان ٻاهر هليو ويو هوس. گهر ۾ ويهي ڪتاب پڙهڻ يا ٽي

وي ڏسڻ تي دل نہ پئي ٿي. ان ڪري بي سبب روڊ جي ڪناري سان پنڌ ئي پنڌ هلندو پئي رهيم. سوچيم پئي.

"جيڪڏهن هي سماج شادي ڪرڻ لاءِ پابند نہ ڪري ها ۽ شادي نہ ڪندڙ ماڻهوءَ کي خوامخواهہ معيوب نہ سمجهيو وڃي ها، هر ايندڙ ويندڙ عورت امان کي منهنجي شاديءَ جو نہ چوي ها. سڀ دوست شادي ڪرڻ لاءِ نہ چون ها، تہ مان شادي نہ ڪيان ها! مون ڪيترن ئي شادي شده مردن کي ٻين عورتن جي پٺيان نوس نوس ڪندي ڏٺو آهي ۽ ڪيترين ئي شادي شده عورتن کي ٻہ ٻين مردن پٺيان پٺڪندي ڏٺو آهي.

اهڙي قسم جي دوکيبازي جو سوچيندي دل ڪچي پئي ٿي. وري سوچيم پئي تہ سڀ ائين نہ آهن. اڪثريت ۾ شادي شده جوڙا هڪبئي تائين محدود آهن.

ٻئي ڏينهن شام تائين ڪيترائي خيال آيا پئي ۽ ويا پئي. نيٺ اهو وقت ٻہ آيو هو ، جڏهن مون کي مس صائمہ جي گهر وڃڻو پيو. ان منجهند جو جڏهن مان ڪاليج مان گهر آيو هوس تہ هن مون کي فون ڪئي هئي. فون تي چيو هئائين..

"سر اوهان اڄ اچڻ لاءِ تيار آهيو نہ...؟"

"جي ها مس مان تيار آهيان..."

"ڏاڍو سٺو...!"

"ڪهڙي وقت اچڻو آهي...؟"

"ٽپهريءَ جي نماز کان پوءِ..."

"ٺيڪ آهي مس مان اچي ويندس..."

ٿورو ڪلندي چيوهئائين.

"ننڍ نہ پڙجي وڃجو سر...!"

"نہ نہ مس! مان اچي ويندس..."

"ٽٽنڪ يو سر...!"

"ويلڪم مس...!"

مان منجهند جي ماني کائي سمهي پيو هوس. ڪلاڪ کن کان پوءِ ننڍ مان سجاڳ ٿي واش روم ويو هوس. وهنجي سهنجي پينٽ شرٽ پائي تيار ٿي گهران نڪتو هوس. منهنجي گهر کان مس صائمہ جي گهر تائين سڄو رستو عجيب قسم جي مونجهہ ۽ بيچيني ۾ گذريو هو. هن جي گهر جي پرسان پهچي ڪيس فون ڪئي هيم. هن فون کڻندي چيو هو.

"هيلو سر...! اوهان پهچي ويا...؟"

"جي مس...! اوهان گيٽ تي اچو..."

"ٺيڪ آهي پهچان ٿي..."

رڪشا هنن جي گهر جي اڳيان بيٺو هو ۽ مان هن کي ڪرايو ڏئي رهيو هوس، ته مس صائمہ پنهنجي گهر جو ننڍو دروازو کوليو هو. ڪرايو ڏئي دروازي ڏانهن وڌيو هوس، ته هن سلام ڪيو هو.

"السلام عليڪم سر...!"

"وعليڪم السلام..."

"اچو سر! اچو..."

هن ڊرائنگ روم ۾ وڃي ويهاريو هو. هن کي ڳاڙهسري ڇمون رنگ وارا ڪپڙا پهريل هئا. سندس گورو چٽو رنگ انهن ۾ وڌيڪ نکري پيو هو. هن ساڳي رنگ جي سرخي پٽ لڳائي هئي. جنهن هن جي خوبصورت چپن جي سونهن کي وڌيڪ نروار بڻائي ڇڏيو هو. هن جي ڳٽن کي لالي لڳل هئي. اکين ۾ ڪجل پاتل هئس، جن هن جي اکين ۽ پنبڻين کي پرڪشش بڻائي رکيو هو. هوءَ ڏاڍي گهٽي خوش هئي.

هن چيو هو.

"زندگي ٽيهن کان متي گذري چڪي آهي، ڪيترائي رشتا آيا، پر ڪنهن لاءِ به دل نہ ڏڙڪي، ۽ اڄ ڏسو منهنجي دل جو ڏڙڪڻ..."

هن منهنجو ساڄو هٿ پڪڙي پنهنجي دل تي رکيو هو. هن جي دل جو ڏڙڪو گهٽو وڌيل پئي محسوس ٿيو. مون پنهنجو هٿ هن جي دل تان هٽائي اکيون هيٺ ڪري ڇڏيون هيون. هن مون کي همت ڏيندي چيو هو.

"اميءَ سان فل اعتماد سان ڳالهائجو ته جيئن هن کي يقين ٿي وڃي، ته اوهان هن جي ڏيءَ جو بهتر انداز سان خيال رکي سگهو ٿا..."

"جي...!"

''هونئن ته مون اميءَ سان اوهان جون تمام گهڻيون تعريفون ڪيون آهن. هوءَ اوهان مان ڪافي پُراميد آهي، بس رڳو اوهان سان ملي تسلي ڪرڻ چاهي ٿي..."

مون هن جي جواب ۾ فقط هاڪار ۾ هلڪو ڪنڌ ڏُوڙيو هو. هن منهنجي ڇهري کي ڏسندي چيو هو.

"آمي کي سڏي اچان...؟"

"يلي..."

هن منهنجي ڪنڌ ۾ هانهن ورائي پنهنجا ڳل منهنجي ڪلهي تي رکي چيو هو.

"پريشان نہ ٿيو سڀ ڪجهہ صحيح ٿي ويندو. مان اوهان سان گڏ آهيان نہ...!؟"

" انشاء الله..."

"پوءِ هاڻي مُسڪرايو..."

مون هروپرو مرڪيو هو تہ هن چيو هو.

"ٿورو دل سان مُرڪو پليز...!"

مون پنهنجيءَ مرڪ کي وڌيڪ گهرو بڻايو هو تہ هن چيو هو.

"هونههه... سُڻا پيا لڳو. بس اَميءَ سان بہ ائين مُرڪي مُرڪي ڳالهائجو..."

"ٺيڪ آهي...!"

هوءَ وئي هئي، ۽ پنهنجي ماءُ کي وٽي واپس آئي هئي. هن ڊرائنگ روم جو دورازو ٽپندي چيو هو.

"السلام عليڪم پٽ...!"

مان صوفہ تان اٿندي سلام جو جواب ڏنو هو.

"وعليڪم السلام امان..."

هوءَ جيئن ويجهو ٿي هئي تہ مان ساٺس نِـوڙي مليو هوس. هوءَ نہ جهڙو مُرڪي هئي ۽ مون کي پيرن کان مٿي تائين ڏسندي چيو هئائين.

"ويهو پٽ ويهو...!"

مان جنهن صوفہ تي ويٺو هوس، ان تي ئي ويهي رهيو هوس. هو ٻئي ماءُ ڏيءَ سامهون واري صوفا تي ويٺيون هيون. هن جي ماءُ هڪ نظر وري مون کي ڏنو هو ۽ پوءِ پڇيو هئائين.

"اوهان جي امان ۽ ٻيا گهر ڀاتي بہ خوش آهن...؟"

"ها امان...! الله سائين جي مهرباڻيءَ سان سڀ خوش آهن..."

"هتي حيدرآباد ۾ قاسم آباد ۾ رهندا آهيو...؟"

"ها امان قاسم آباد ۾..."

مس صائمہ اُٿي هئي ۽ ويندي ويندي چيو هئائين.

"چانهہ ڪٽي اچان..."

مون کيس چيو هو.

"ٺيڪ آهي..."

مس صائمہ جي ماءُ پڇيو هو.

"گهر پنهنجو اٽوَيا ڪرائي جو...؟"

حيدرآباد وارو گهر ڪرائي جو آهي. باقي ڳوٺ ۾ پنهنجا گهر آهن..."

"اوهان جو والد صاحب ڇا ڪندو آهي...؟"

"هن ڪجهہ ڄڃهيون ٺهرائي مسواڙ تي ڏنيون آهن. ٻيو ڪجهہ خانداني زمينون آهن..."

"ڇا ٿا پوڪيو زمينن ۾...؟"

"هڪ فصل سارين جو ٿيندو آهي، ته ٻيو ڪڍڪ جو..."

"انهن زمينن مان اوهان کي ايترو ملي ٿو وڃي، جو اوهان کي ڪا ڏکيائي ڪانه ٿي ٿئي...؟"

"جي، شڪر آهي الله سائين جو..."

"اوهان جو والد صاحب ڳوٺ ۾ ئي رهندو آهي...؟"

"ڳوٺ مان مراد اسان جو شهر آهي قمبر، جيڪو لاڙڪاڻي جي پرسان پاڻ هڪ ضلعي هيڊ ڪوارٽر جو درجو رکي ٿو..."

"ٺيڪ، پر صائمہ کي ته ڳوٺ ۾ نه رهائيندو نه...؟"

"جي نا، هت ئي رهنداسين..."

"ڳوٺن ۾ ڪي مناسب سهولتون نه آهن، اسڪولن ۾ اسپتالن کان ويندي امن امان جا وڏا مسئلا آهن..."

"ها صحيح ٿا چئو..."

"ڏسو ته تڏهن به ويچارا ماڻهو ڪيئن مجبورين ۾ رهيا پيا آهن...!"

"جي بلڪل...! انهن ماڻهن جا ڏنڏا ڏاڙي، زمينون ۽ نوڪريون وغيره اُتي آهن..."

مس صائمہ چانهہ ۾ پڪوڙا ڪٽي آئي هئي. هن منهنجي سامهون ٽيبل تي چانهہ جو ڪپ ۽ پڪوڙن جي پليٽ رکي هئي ۽ چانهہ جا ٻه ڪپ ۽ پڪوڙن جي پليٽ پنهنجي صوفہ جي سامهون رکيل ٽيبل تي رکيا هئا. هن مون کي مرڪندي چيو هو.

"سر پڪوڙا ڪٿو مون خاص اوهان لاءِ ٺاهيا آهن..."

مون پڪوڙا ڪٽندي چيو هو.

"مهرباني مس...!"

- مس صائمہ جي ماءُ ڪيس چيو هو.

"چئي ٿو ته تو کي ڳوٺ ۾ نه، هتي رهائيندس..."

هوءَ وڌيڪ خوش ٿي وئي هئي ۽ پيار مان مون کي ڏسڻ لڳي هئي. هن جي ماءُ چيو هو.

"پٽ اوهان شريف ۽ خانداني ماڻهو آهيو. مون کي اوهان سان ملي خوشي ٿي آهي. مان اوهان جي باري ۾ پنهنجي وڏي پٽ کي ٻڌائيندس، پوءِ اوهان اچي ملي ويجو ته سڀ معاملا طئي ڪنداسين..."

"ٺيڪ آهي امان..."

"بس مون کي رڳو هڪ ڳالهه جي پريشاني هئي، ته ڪٽي منهنجي ڏيءَ کي ڳوٺ ۾ نه رهڻو پوي. پر اوهان پڪ ڏياريو ٿا ته هوءَ هن ئي شهر ۾ رهندي ته مان مطمئن ٿي وئي آهيان..."

اهو جملو ڳالهائيندي هن پنهنجي ڏيءَ ڏانهن ڏٺو هو جيڪا هر حوالي کان ڏاڍي مطمئن ۽ خوش هئي. چانهه پي مون ويڑ جي اجازت گهري هئي، هن جي ماءُ چيو هو.

"ٺيڪ آهي پٽ! مان وري ايندڙ آچر تي اوهان کي هت گهرائي پنهنجي پٽن سان ملرائيندس."

"ٺيڪ آهي امان...!"

اسان صوفن تان اٿيا هٿاسين. مون مس صائمہ جي ماءُ کان نِـوڙي موڪلايو هو. سندس ماءُ مٿي ڪمري ڏانهن وئي هئي ۽ هوءَ مون کي دروازي تائين ڇڏڻ هلي هئي. دروازي تي پهچڻ وقت هن چيو هو.

"ٿينڪ يو سو مچ سر!"

دروازو بند هو. هن گهر ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو هو ۽ تڪڙ ۾

"ڪو بہ نہ آهي..."

چئي مون کي پاڪر پاتو هو. مان حيران ٿي ويو هوس. مون کي اهڙي اتفاق جي ڪا اميد ڪانہ هئي. ان ڪري ٿورو چرڪجي ويو هوس. هن مون کي سڄي ساهہ سان سُڪ پاڪر پاتو هو. منهنجا هٿ بہ هن جي ڪلهي تائين آيا هئا. هن منهنجي ڳل تي چمي پاتي هئي، ته مون سندس ڪلهي کي پري ڪندي چيو هو.

"مس صائما! هي اوهان ڇا پيون ڪيو...؟"

هن مُرڪندي ۽ شرمائيندي چيو هو.

"يو آر سو ڪيوٽ...! اوهان ڏاڍا سٺا ۽ پيارا ٿا لڳو..."

"ٺيڪ آهي پر ڪوئي اوهان کي ڏسي نہ وٺي!"

"گهر ۾ امي کانسواءِ ٻيو ڪو بہ نہ آهي ۽ هوءَ مٿي آهي..."

"ها پر...!"

"خير آهي اوهان پريشان نہ ٿيو..."

"ٺيڪ آهي مس! هاڻي مان هلان...؟"

"ها، پر ويندي ويندي الوداعي پاڪي پائيندا وڃو..."

اهو چئي هوءَ وري اڇي منهنجي سيني سان لڳي هئي. هن زور سان پاڪر پاتو هو. مون کي پريشاني پئي ٿي، ان ڪري جلدي هن کي پري ڪري ڇڏيو هوم ؛ ڪانئس موڪلائيندي چيو هوم.

"ٺيڪ آهي مس! هاڻي دروازو کوليو تہ مان وڃان..."

هن ڪلندي چيو هو.

"الا... اوهان شرمايو تہ ٿا...!!!"

پوءِ هن اليڪٽرانڪ آٽو لاڪ جو بٽڻ دٻايو هو ننڍو دروازو ٽڪ ڪري کُلي پيو هو. مون ڪانئس موڪلائيندي چيو هو.

"چڱو مس خدا حافظ..!"

"خدا حافظ سر...! پنهنجو خيال رکجو..."

"جي مس مهرباني..."

"اڙي...! سر سر ٽورو بيهجو..."

هن پنهنجي پوتيءَ جو پلو کٽي منهنجي ڳل کي مهٽڻ شروع ڪيو هو ۽ ڪلندي ۽ شرمائيندي چيو هئائين.

"ٽورڻي سُرخي لڳي وئي هُيو...!"

مان ڳنڀير ٿي ويو هوس، ۽ ڳنڀيرتا مان ڪيس ڏسڻ لڳو هوس. هن چيو هو.

"معاف ڪجو سر! مان اوهان جي پيار ۾ چري ٿي پئي آهيان. جذبات ۾ اچي ٿي وڃان تہ ڪا خبر ئي نہ ٿي پئي..."

"خير آهي، هاڻي ڏسو ڪٿي ايجان تہ سرخي لڳل ڪانهي...؟"

هوءَ وري ڪلي ۽ شرمائي هئي، سندس اکيون چمڪي پيون هيون. منهنجي ڳل کي هڪ نظر ڏسڻ کان پوءِ منهنجي اکين ۾ ڏسندي چيو هئائين.

"نہ سر...! هاڻي صحيح آهي..."

"چڱو هاڻي خدا حافظ.."

مون ننڍڙو دروازو کولي ڇڏيو هو. هُن ڪِلي چيو هو.

"الا...! اوهان پي نہ...!!!"

شايد هوءَ منهنجي مسلسل ٿَهڻ جي ڪري مون تي ڪِلي پئي هئي، پوءِ چيو هئائين.

"ٺيڪ آهي سر خدا حافظ.."

مان بنا ڪنهن دير جي ننڍو دروازو ٽپي باهر نڪري آيو هوس. منهنجي دروازو پار ڪرڻ کانپوءِ هن چيو هو

"الله سائين حياتي ڏيو! پنهنجو خيال رکجو."

مون بنا پنڌتي ڏسڻ جي "مهرباني مس...!"

چيو هو ۽ اڳتي وڌي ويو هوس. ٽورر اڳتي وڃي رڪشا ڪرائي گهر آيو هوس، رستي ۾ مس صائمہ جي ان روش تي سوچيندو پئي آيس. مون سوچيو پئي.

"چا مس صائمہ کي سچ پچ مون سان پيار ٿي ويو آهي؟ ۽ تڏهن ئي هن کي مون ۾ چنبڙندي خوشي ٿي محسوس ٿئي...! يا هوءَ هرو پرو اهڙو ڏيک پئي ڏئي ته جيئن مان سمجهان ته هن کي مون سان پيار آهي ۽ مون کي هن سان ئي شادي ڪرڻ گهرجي... پر هن کي ته شاديءَ لاءِ ڪيترائي نوجوان ملي سگهن ٿا ته پوءِ هن جي مون سان ئي شادي ڪرڻ تي دل چو ٿي چئي...؟ شايد منهنجي شرافت جي ڪري.. ها، شايد هن کي لڳندو هوندو ته مان ڪنهن کي به ڏوکو نه ٿو ڏئي سگهان. ڪنهن به رشتي کي قائم رکڻ لاءِ ڪوڙ ۽ ڏوکي جو سهارو نه ٿو وٺي سگهان. شايد ان ڪري.. وڌيڪ سوچيندي خيال آيو هوم.

"يقينن ان ڪري ئي هوءَ مون سان شادي ڪرڻ چاهيندي هوندي ۽ هن اهڙي قسم جو اظهار ڪيو به هو."

مان اهڙين سوچن ۾ گم هوندي گهر واپس آيو هوس. شادي واري حوالي کان منهنجي ڪيفيت ڏاڍي عجيب ٿي وئي هئي. اهو سوچيندي به هڪ احساس جنم پئي ورتو ته مس صائمہ منهنجي پناري پوڻ لاءِ ايڏي اتاولي ٿي وئي هئي.

رات جو سمهڻ کان اڳ ۾ هن جي فون آئي هئي. هن ڳالهايو هو.

"هيلو سر...! اوهان ڪيئن آهيو...؟"

رسمي سوال جو رسمي جواب ڏنو هوم.

"صحيح آهيان مس...! اوهان ٻڌايو...؟"

"الحمد الله مان ته ڏاڍي خوش آهيان..."

جوش ۾ ايندي چيو هئائين.

"خبر اٿو اوهان امي کي ڏاڍا پسند اچي ويا آهيو. امان اوهان سان ملي ڪافي خوش ۽ پُرامید ٿي وئي آهي. اوهان ادا جن سان ملڻ اڇجو الله سائين بهتر ڪندو."

"جي انشاء الله..."

"ٻيو ڇا پئي سوچيو...؟"

"ڪجهہ خاص نہ، بس پنهنجي شاديءَ کان پوءِ واري زندگيءَ جي باري ۾ سوچي رهيو آهيان...؟"

هوءَ ڪلي هئي ۽ ان ئي انداز مان پُڇيو هئائين.

"اهو ئي سوچيندا هوندئو نه ته شاديءَ کان پوءِ زندگي الاءِ ڪيئن گذرندي؟ اسان جي پاڻ ۾ انڊراسٽينڊنگ ٿي سگهندي الاءِ نہ...؟ اسان هڪٻئي سان نياهہ ڪري سگهنداسين الاءِ نہ...؟"

اهو سڀ ڪجهہ هوءَ ڪلڻ واري انداز ۾ ڳالهائي رهي هئي. مون ٿورو حيرت مان ڪانئس پڇيو هو.

"ها، پر اوهان اهو ڪيئن ٿيون ڄاڻو...؟"

هن ڪلندي چيو هو.

"اهو ان ڪري جو مان پڙ ائين سوچي سوچي پاڻ کي مٿي ۾ سُور وڌو هو. هاڻي سڀ ڪجهه الله تعاليٰ تي ڇڏي ڏنو آهي..."

مان دل ئي دل ۾ مُرڪيو هوس...

"ها صحيح ڪيوَ! الله سائين تي ئي ڇڏڻ گهرجي."

"ها نه سر! الله سائين ئي بهتري فرمائيندو بس رڳو الله پاڪ ۾ يقين رکبو ته پاڻ ئي سڌائي ڪندو رهندو."

"ها مس! صحيح ٿيون چئو دراصل مان ايترو عقلمند ڪٿي آهيان...؟

هن منهنجي ڳالهه ڪٽيندي چيو هو.

"نه نه سر! اوهان پنهنجو پاڻ کي انڊراسٽيميٽ نه ڪيو. الله پاڪ اوهان کي هڪ سٺو ذهن عطا ڪيو آهي. اوهان جي سوچ پازيٽو آهي. اوهان درست رخ ۾ سوچيندا آهيو ۽ هر ڳالهه جو درست نتيجو ڪڍندا آهيو..."

پنهنجي تعريف ٻڌندي مزو نه پئي آيو ان ڪري هن جو وڌيڪ ڳالهائڻ ٻڌي نه پئي سگهيس. مون به توڪل الله ڪندي سڀ معاملا الله سائين تي ئي ڇڏي ڏنا هئا ۽ ٿورو هلڪو محسوس ڪيو هوم. پوءِ ڪيس چيو هوم.

"مهرباني مس...!"

هن اوچتو چيو هو.

"۽ ها، امي ادا جن کي اوهان جي باري ٻڌائي ڇڏيو آهي. هو چون ٿا ته پلي آپر واري ڏينهن صبح جو يارهين وڳي تائين اچي ملي ويجي..."

مون چيو هو.

"اڇا..."

"ها، پوءِ اوهان يارهين وڳي تائين اچي ويندا نه...؟"

"ٺيڪ آهي مس! مان اچي ويندس..."

"گڊ..."

"ٻيو مس! ڪجهه وٽي اڇڻو آهي چا؟ منائي ڪيڪ وغيره...؟"

"هون... ها هڪ ٻن پائونڊن وارو فروٽ ڪيڪ ۽ هڪ ڪلو منائي وٽي اڇجو..."

"ٺيڪ آهي مس! وٽي ايندس..."

"سر...! ٿئنڪ يو ويري مچ..."

"خير آهي مس! ڪا ڳالهه نه آهي...؟"

هوءَ خوش ٿي وئي هئي. انهن ڏينهن ۾ هوءَ تمام گهٽو خوش هئي. ان ڪري هر ڳالهه ۾ هن جي خوشي پڌري ٿي پوندي هئي. وڌيڪ ڳالهائڻ لاءِ مون وٽ ڪي به ڳالهيون نه هيون. ان ڪري مون هن کي چيو هو.

"ٺيڪ آهي مس! پوءِ هاڻي اوهان به آرام ڪيو مان به سمهان ٿو.."

"ٺيڪ آهي سر...! اوهان پلي آرام ڪيو.."

"ٺيڪ آهي مس! گڊ نائيٽ.."

"گڊ نائيٽ سر...!"

مان ڪمري جون بتيون بند ڪري سمهي پيو هوس. ٻئين ڏينهن صبح جو هنن جي گهر وڃڻ جي خيال وري سوچرايو هو. مون کي ڪنهن به قسم جي پريشاني ڪانه هئي. زندگيءَ ۾ ايترو ته ڏنو وائڙو آهي. جو رشتن جي سڃي پٽ ئي وائکي ٿي وئي آهي. ان ڪري مون پنهنجي دل ۽ دماغ ۾ ڪي به خوش فهميون ڪونه پئي پاليون. بس مون چاهيو پئي ته رشتن جو پرم رهجي وڃي ۽ دنيا ۾ هرو پرو ڏٺا نه ٿيون.

چنچر تي شام جو مس صائمه مون کي معمول موجب فون ڪئي هئي ۽ سڀاڻي اچڻ لاءِ مون کي ياد ڏياريو هو. مون کيس وقت سر پهچڻ جي خاطري ڪرائي هئي. آچر ڏينهن به صبح جو ان ئي وقت جاڳ ٿيندي هئي جن ڏينهن تي روز صبح جو ڪاليج وڃڻ لاءِ اک کلندي هئي. مان آچر ڏينهن صبح جو سوير اٿيو هوس. پر هرو پرو بستر ۾ هيڏانهن هوڏانهن پاسا ورائڻ کان پوءِ ٿوري دير لاءِ وري اک لڳي وئي هئي پر ستت ئي وري جاڳ ٿي وئي هئي. ننڊ مان اُٿي واش روم ويو هوس. برش ڪيو هوم. شيو ناهي هيم. وهنجي سهنجي تيار ٿي واش روم مان ٻاهر نڪتو هوس. الماڙي مان ڪاري رنگ جي پينٽ ۽ آسماني رنگ جي شرٽ ڪڍي پاتا هيم. ڪمري ۾ لڳل گهڙيال ۾ وقت ڏٺو هوم. اٺ لڳي پنجونجاهه منٽ پئي ٿيا. امان مون کي تياري ڪندي ڏسي ناشتو ناهڻ هلي وئي هئي. مان ڦٽي ڏئي بوٽ پائي ڪمري کان ٻاهر نڪري اچي ٽي.وي هال ۾ ٽي وي جي سامهون پيل هڪ صوفا تي ويٺو هوس. منهنجي ننڍي پيٽ استار پلس تي خانداني حرفت بازين تي ٿهيل ڪو ڊرامو ڏسي رهي هئي. منهنجي خيال ۾ اهڙن ڊرامن ڏسڻ سان ڏسندڙ جي ذهن تي خراب اثر پٽجي سگهي ٿو. ان ڪري مون کيس اهڙن ڊرامن تي گهٽ سوچڻ لاءِ چيو هو. هوءَ اڪثر مون کي ڏسي چينل تبديل ڪري ڇڏيندي هئي. مون کي ڏسي هن خبرون لڳايون هيون. ملڪ ۾ ڪا به خوشيءَ جي خبر ڪانه هئي. ڪٿي مهانگائي جي خلاف ڏرٽو هو ته ڪٿي بيروزگاري جي خلاف. ڪٿي وڌندڙ دهشتگردي جي خلاف احتجاج هو ته ڪٿي بدامني جي خلاف. ڪٿي پوليس آپيشاهيءَ جوز

دانهون هيون ته ڪٿي هٿرادو لوڊشيڊنگ جي خلاف روڊ بلاڪ هو. بک ۽ بدحالي، غربت ۽ افلاس، بدامني ۽ دهشتگردي، ڪرپشن ۽ لاقانونيت هٿي ملڪ جا بکيا ئي اُديڙي ڇڏيا آهن. مون تي وي چينل تبديل ڪيو هو. هڪ چينل تي سنڌي گانا هلي رهيا هئا. نه ڪا ڊنگ جي موسيقي، نه گائڪي ۽ نه ئي ڪا شاعري، بس رڳو بازاري قسم جو معيار هو. امان منهنجي سامهون ٽيبل تي ڏهيءَ جي پليٽ ۽ ڪٽڪ جون ٻه ننڍيون ۽ سنهيون مانيون رکيون هيون. مان ناشتي ۾ صرف ڏهي ۽ ماني کائيندو آهيان. منهنجي خيال ۾ ڏهي پيٽ ۽ معدي لاءِ فائديمند هوندي آهي. ناشتي ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي ڪمري ۾ واپس هليو ويو هوس.

ڪمري جون دريون کوليون هيم ته جيئن ٺڏڻي هوا ڪمري ۾ اچي سگهي. ان کان پوءِ آرام ڪرسيءَ تي ويهي رهيو هوس. آرام ڪرسيءَ جي پرسان رکيل ننڍي ٽيبل تي ڪجهه ڪتاب پيل هئا. مون انهن کي ڏسڻ شروع ڪيو هو. ڪجهه پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل ناول هئا. منهنجي هٿ ۾ البرٽ کاميو جو جڳ مشهور ناول "ڏاريو" اچي ويو هو. هروپرو ان جا پنا اٿلائڻ شروع ڪيا هيم. سوچجي ويو هو. جڏهن اهو ناول پڙهيو هوم ته ان کي پڙهندي عجيب قسم جي حيرت ٿي هئي ۽ سوچيم پئي ته هن ناول جو مرڪزي ڪردار ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهي؟ جنهن کي پنهنجي ماءُ جي مرڻ جو ڏک نه آهي، جنهن کي پنهنجي محبوبا کان پري ٿيڻ جو ڏک نه آهي، جنهن کان اتفاق سان ڪنهن ماڻهو جو خون ٿي وڃي ٿو ته ان جو به ڪيس افسوس نه آهي. هو رات جو پنهنجي ماءُ جي لاش جي پرسان ويهي ٿو ته همدردي طور تي هڪ چوڪيدار ساٿس گڏ ويهڻ لاءِ اچي ٿو ۽ ان کري هن جي ماءُ جي سڻي هجڻ جون ڳالهيون ڪري ٿو ته جيئن هو اڪيلائي محسوس نه ڪري يا اداس ۽ ويڳاڻو نه ٿئي. پر هن کي چوڪيدار جون ڳالهيون نه ٽيون وٽن. هو ڪافي پيئڻ ٿو چاهي ۽ اهڙي خواهش جو هن سان اظهار ٿو ڪري. چوڪيدار هن لاءِ ڪافي ٺاهي اچي ٿو. جيڪا هو آرام ۽ مزي سان پي وڃي ٿو ۽ پوءِ ڪيس اتي ننڊ اچي وڃي ٿي. صبح جو جڏهن هن جي ماءُ جي تدفين جون رسمون ٽين ٽيرن، ته هو اتان جلدي وڃڻ ٿو چاهي. هو ان سڄي عمل ۾ هڪ بيزاريءَ مان شريڪ آهي. هو ان عمل مان تڪڙي جان ڇڏائي پنهنجي محبوبا سان ملڻ ٿو وڃي ۽ ڪيس پنهنجي ماءُ جي مرتئي جي باري ۾ ٻڌائي ٿو. هوءَ ساٿس همدرديءَ جو اظهار ٿي ڪري، پر هن کي اهڙي قسم جي گفتگو ۾ مزو نه ٿو اچي. هُو هن سان سمنڊ ڪناري وهنجڻ وڃي ٿو، جتي هو ساٿس گڏ تڙڳي ٿو ۽ جنسي لڳاءُ ڪري ٿو. اها ڳالهه سندس محبوبا لاءِ ڏاڍي عجيب هجي ٿي، ته جيڪو ماڻهو تازو پنهنجي ماءُ کي دفن ڪري آيو آهي، اهو جنسي خواهشون ڪيئن ٿو رکي سگهي. اهڙي حيراني ان چوڪيدار کي به ٿي ٿئي،

تہ پنھنجي ماءُ جي لاش جي مٽان وينل ماڻھو ڪافي پيئڻ جي خواهش ڪيئن ٿو ڪري سگھي؟ هن جي پنھنجي ماءُ جي تدفين واري عمل جي بيزاريءَ کي ڏسي سيئي ماڻھو حيرت کائين ٿا.

ان ماڻھو کان لاشعوري طور تي خون ٿي وڃي ٿو هو جيل ۾ پئجي وڃي ٿو. ڪيس چيو وڃي ٿو تہ تون اقرار ڪر تہ تو کي ان قتل جو افسوس آهي. هو پنھنجي محبوبا جي ايلاز ڪرڻ ۾ روئڻ کان ويندي هڪ پادريءَ جي بار بار سمجھائڻ تائين افسوس جو اظهار نہ ٿو ڪري. سندس موقف هجي ٿو تہ ان قتل جو ڏميوار مان نہ آهيان. پر اُها حالت آهي. جنھن ۾ هو قتل ٿيو آهي. ان ڪري مون کي افسوس نہ آهي. ايتري تائين جو جڏھن پادري هن کي آخري پيرو سمجھائڻ اچي ٿو تہ هو ان پادري سان وڙهي پئي ٿو. ۽ ڪيس ماري ماري بيحال ڪري ڇڏي ٿو. ان عمل مان ڪيس خوشي ملي ٿي. نيٺ هو ان قتل جي ڏوهہ ۾ قاهي چڙهي وڃي ٿو. پر پنھنجي انا کي گهٽ نہ ٿو ڪري. مون سوچيو هو اهڙي قسم جي ڪردار جي ڪنھن بہ سماج کي ضرورت نہ هوندي. هر سماج کي اهڙا فرد گهربل هوندا آهن. جن ۾ ذميواريءَ جو احساس هوندو آهي. جيڪي گڏيل انساني ذڪ کي محسوس ڪري سگھن. انساني همدردي ۽ انساني پائپي ۾ يقين رکندڙ هجن. ڏکي انسانن جا همدرد ۽ ۾ رجھلا ٿين. رشتن جو تقدس رکن ۽ انساني پلائي جي ڪمن ۾ پنھنجي حال آهر رضاڪاراٽي طور شامل ٿين. مون سوچيو هو.

"سيني سماجي عهدنامن ۾ پلي اهڙيون ڳالهيون لکيل هجن. پر اڄ جو ماڻھو ماڻھن کان پري ٿيندو ٿو وڃي. ماڻھو ڏک ۽ تڪليف ۾ اڪيلو آهي. ماڻھو آفت ۽ مصيبت ۾ اڪيلو آهي. ماڻھو هر پيڙا ۽ پوڳنا ۾ اڪيلو آهي. بلڪل اڪيلو ۽ تن تنها آهي.

وقت گذارڻ لاءِ هڪ ٻيو ڪتاب کنيو هوم. اهو نٽ همسن جو مشهور ناول 'بک' هو. اهو ناول هٿ ۾ کڻي مُرڪڻ لڳو هوس. هڪ عجيب قسم جي مرڪ اچي وئي هئي. ان ناول جي مرڪزي ڪردار کي ياد ڪندي ڏک پئي محسوس ٿيو. هو سچ پچ بہ بُکن ۾ ماريل مظلوم ڪردار ھيو. هو غريب انهن ڏکين ڏکين بُکن ۾ ڪيئن ٿو وقت ڪٽي. سو پڙهڻ وٽان آهي. ان ناول جا بہ واقعا ياد آيا هيم. هڪ تہ هڪ عورت کي هو پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪرڻ ۾ ڪامياب ويندو آهي. پر جڏھن هو پنھنجي غربت جي ڪهاڻي ڪيس ٻڌائيندو آهي تہ هوءَ ڪانئس پري ٿي ويندي آهي. هوءَ پاڻ هڪ غريب عورت هوندي آهي. ۽ ڪنھن امير ماڻھوءَ سان ناتو جوڙي پنھنجي غربت ۽ بدحالي ۽ مان جان ڇڏائڻ چاهيندي آهي. ٻيو سڀ ڪان اهم واقعو اهو هوندو آهي تہ هو شديد بک ۾ پنھنجي ڪمري مان نڪرندو آهي تہ جيئن

ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان ماني ڪائي سگهي. هن جي حالت اها هوندي آهي تہ هن وٽ هڪ ڪمبل، هڪ ڦاٽل ڪوٽ، هڪ ڇڳل بوٽ ۽ هڪ ميري پُراڻي پينٽ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هوندو آهي. هو اهو ڪمبل بہ هڪ دوست کان اوڌارو ونڊي آيو هوندو آهي. جڏهن هو شهر ۾ پنهنجي بک اجهائڻ لاءِ سرگردان ڦرندو آهي تہ هن کي اهو ڪمبل وارو دوست نظر ايندو آهي. هن کي هڪ اميد پيدا ٿيندي آهي، پر سندس اهو دوست ڪيس ڏئو اڻ ڏئو ڪيون هليو ويندو آهي. هن کي ڏاڍو افسوس بہ ٿيندو آهي، پر هو پنهنجي انا جي تسڪين لاءِ چوندو آهي.

"هن مون کي خوامخواهہ نظر انداز ڪيو. جيڪڏهن هو هليو نہ وڃي ها تہ مان کيس سندس ڪمبل موٽائي ڏيان ها..."

ان وقت مون سوچيو هو.

ماڻهو بک ۽ بدحاليءَ جي پستيءَ ۾ ڪري بہ پنهنجي انا کي ڇڏي نہ ٿو سگهي. ان ناول جي مرڪزي ڪردار کان هٽي ڪري، حقيقي زندگيءَ ۾ مون اهڙا بہ ڪيترائي ماڻهو ڏٺا آهن، جيڪي پنهنجو مقصد پورو ڪرڻ لاءِ ڪو بہ اهڙو ڪم ڪري ويندا آهن، جو انهن کي پنهنجي ضمير ۽ انا جي ڪا بہ پرواهہ نہ هوندي آهي. ٽيون ڪتاب ڪٽي ڏئو هوم. اهو بہ هڪ ناول هو جنهن جو ليکڪ جڳ مشهور اديب ارنيسٽ هيمنگوي هو. ان ناول جو نالو ڪُراڙو ماڻهو ۽ سمنڊ هو. ان ناول جو مرڪزي ڪردار اهڙو مُهاڻو آهي، جيڪو سمنڊ ۾ ڪا وڏي مڇي مارڻ لاءِ لهي ٿو پر گهڻي عرصي تائين ڪا بہ مڇي پڪڑڻ ۾ ڪامياب نہ ٿو وڃي. هو هڪ بدبخت مهاڻي طور مشهور ٿي وڃي ٿو. ايتري تائين جو سندس شاگرد کي بہ هن جو پيءُ زوري ٻي مهاڻي وٽ ڪم سان لڳائي ٿو. اهو مهاڻو اڪيلو رهجي ٿو وڃي ۽ اڪيلو ئي سمنڊ ۾ وڏي ماڇي مارڻ لاءِ نڪري پئي ٿو. وقت هن کي ڪُراڙو ڪري ڇڏيو آهي، منجهس ايڏو ست ۽ توانائي نہ آهي، پر تڏهن بہ هن جو حوصلو جوان آهي. هو چاهيتاليهن ڏينهن تائين سمنڊ ۾ وڏي مڇي مارڻ لاءِ جستجو ڪندو رهي ٿو ۽ نيٺ پنهنجي ان عزم ۾ ڪامياب وڃي ٿو ۽ هڪ وڏي مڇي ماري واپس اچي ٿو. ان ناول جو هڪ جملو تمام گهڻو مشهور ٿيو هو.

"ماڻهو کي ماري تہ سگهجي ٿو پر ان کي هارائي نہ ٿو سگهجي..."

مون سوچيو هو اها سوچ آهي تہ ڏاڍي سڻي پر مون عملي زندگيءَ ۾ ڪيترن ئي ماڻهن کي مرڻ کان اڳ ۾ هارجندي ڏٺو آهي. زندگيءَ جي جنگ ۾، محبت جي جنگ ۾ ۽ هين بہ ڪيترن محاذن تي ماڻهو هارجي وڃي ٿو. رشتن ۾، ناتن ۾، پيار ۾، وفا ۾ هارجي وڃي ٿو. مون آرام ڪرسيءَ تي آهلي، مختلف پڙهيل ڪهاڻين ۽ ناولن جي ڪردارن تي سوچيو پئي. مون ان ناول جي مرڪزي ڪردار جي پنهنجي

عزم جي ڪاميابيءَ تي سوچيو پئي تہ لڳو ہو تہ اها بہ هن جي انا هئي، جنهن هن کي هارائڻ نہ ڏنو.

سوچيندي سوچيندي ڏهہ ٽي ويا هئا. مان آرام ڪرسيءَ تان اٿيو هوس. بوٽ رکڻيءَ تان ڪاري رنگ جو بوٽ پائي، آخري پيرو آئينو ڏسي گهران نڪري آيو هوم. ٻاهران رکشا تي ويهي پهرين انرجي بيڪري تي آيو هوم. اتان ڪيڪ ۽ مٺائي ورتا هيم. پوءِ مس صائمہ جي گهر ڏانهن روانو ٿيو هوم. انرجي بيڪري تان نڪري رکشا ۾ وينو هوس، تہ مس صائمہ جي فون آئي هئي. مون هن جي فون کنئي هئي تہ هن پڇيو هو.

"هيلو سر...! ڪٿي پهتا آهيو...؟"

"هاڻي انرجي بيڪري تان نڪتو آهيان..."

"ٺيڪ آهي سر! ٺيڪ آهي. اوهان آرام سان اچو..."

"ٺيڪ آهي مس...!"

"ها، پڙواڇ مان اوهان سان گهر ۾ نہ ملي سگهندس"

"ڪائي ڳالهہ نہ آهي..."

"ڇاهي جو سپ گهر ۾ هوندا نہ ان ڪري..."

"خير آهي! ڪو مسئلو نہ آهي..."

"در تي پهچي بيل وڄائجو منهنجو پاءُ اچي وٺي ويندو..."

"ٺيڪ آهي..."

"هي ڪا پريشاني جي ڳالهہ تہ ناهي نہ...؟"

"جي نہ! ڪا بہ پريشاني جي ڳالهہ نہ آهي..."

"اوڪي. گڊ..."

"ٺيڪ آهي مس! رکشا ۾ آواز صحيح سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي..."

"ٺيڪ آهي، ٺيڪ آهي سر...! الله سائين جي امان ۾..."

"پوري يارهين وڳي رکشا مس صائمہ وارن جي گهر جي اڳيان وٺي بيٺل هو. مون سندس گهر جي گهنٽي واري بٽڻ کي دٻايو هو. گهنٽي وڳي هئي، پن ٽن منٽن کان پوءِ ننڍو دروازو کُليو هو. مس صائمہ جو پاءُ ٻاهر نڪري اچي مليو هو. منهنجي هٿ ۾ مٺائي ۽ ڪيڪ جون ٽيلهيون ڏسي پڇيو هئائين.

"منصور صاحب...؟"

"جي سائين..."

"اچو اندر اچو..." مان سندس پويان ويو هوس. هن مون کي ڊرائنگ روم ۾ وٺي وڃي ويهاريو هو ۽ پاڻ پنهنجي وڏي پاءُ ۽ ماءُ کي ونڊ ويو هو. ٿوري ئي دير ۾ هو اچي

ويا هئا. مون سان ملي وڃي سامهون وارن صوفن تي ويٺا هئا. مون کي غور سان ڏسندي مس صائمہ جي وڏي پاءُ پڇيو هو.

"اوهان کيئن آهيو سائين...؟"

"الحمدالله ٺيڪ آهيان، اوهان ٻڌايو سائين اوهان خوش آهيو...؟

"الحمد الله..."

پوءِ پنهنجي ماءُ ڏانهن اشارو ڪندي چيو هئائين.

"امي اسان کي اوهان جي باري ۾ ٻڌايو آهي، هوءَ اوهان مان مطمئن آهي. صائمہ اوهان سان گڏ ڪم ڪيو آهي. اسان کي ٻيو ته ڪو اعتراض ناهي پر اوهان کي هتي پنهنجو گهر وٺڻو پوندو. ڪراين جي گهرن ۾ ماٺهو دربدر لڳو پيو هوندو آهي. اسان به شروع ۾ ڪرايي جي گهر ۾ رهندا هئاسين، هتي جڳهين جا مالڪ جيترو تنگ ٿا ڪن، ان جو اوهان کي اندازو هوندو. هر يارهين مهيني مالڪ چوندو مسواڙ وڌايو يا گهر خالي ڪريو..."

هو اهو سڀ ڪجهہ تفصيل سان ڳالهائي ويو هو. مون کيس چيو هو.

"پٽيان ڳوٺ ۾ ته جڳهيون آهن، پر هتي گهر وٺڻ جي ڪوشش ڪنداسين..."

"اسان به پنهنجي ڳوٺ واري جاءِ ڪپائي هي گهر ورتو هو. ماٺهو جتي رهي، اتي هن جو پنهنجو گهر هجڻ ضروري آهي..."

هنن جو اهو شرط ڪافي پريشان ڪندڙ هو. پر الله سائين ۾ توڪل ڪندي چيو هوم.

"ٺيڪ آهي سائين! مان ڪوشش ڪندس."

ايتري ۾ مس صائمہ ڊرائنگ روم جي دروازي کان پرپرو چانهہ ۾ بسڪيٽ ڪٽي اڇي ٻيني هئي. سندس ننڍو پاءُ وڃي ڪائنس اهو وٺي آيو هو. منهنجي صوفا جي سامهون واري ٽيبل تي چانهہ جو ڪوپ ۾ بسڪيٽن جي پليٽ رکيا ويا هئا. هنن پنهنجي هٿن ۾ چانهہ ڪٽندي چيو هو.

"چانهہ ڪٽو سائين...! بسڪيٽ وٺو..."

مون چانهہ جو ڪوپ ڪٽندي چيو هو.

"مهرباني سائين..."

پوءِ هن جي وڏي پاءُ ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندي چيو هو.

"اوهان کي خانداني زمين ٻہ آهي..."

"جي ها، الله سائين جي مهرباني سان ٻہ چار ٻارا آهن..."

"پوءِ انهن ۾ ڪهڙو فصل پوکيندا آهيو..."

"هڪڙو فصل سارين جو ٽيندو آهي، ته ٻيو ڪڪ جو..."

"ماشاءِ الله... انهن زمينن ۾ اوهان جو به حصو آهي؟"

"جي خانداني زمين آهي، وڏن کان ننڍن ڏانهن منتقل ٿيندي آئي آهي. پڑڏاڏي کان ڏاڏي ڏانهن، ڏاڏي کان پيءُ ڏانهن ۽ الله سائين بابي کي حياتي ڏي ان جا وارث اسان آهيون..."

"پر اوهان جي والد صاحب جي ۾ به شادي ٿيل آهي، کٽي زمينون انهن جي نالي ٿي ويون ته...؟"

"اسان جي خاندان ۾ متن مائٽن ۾ ائين ناهي ٿيندو خانداني زمين مٽين کان هيٺين نسل ڏانهن منتقل ٿيندي رهندي آهي."

اهو ٻڌي هن کي ٿوري خوشي ٿي هئي. هن وڌيڪ چيو هو.

"ايڏانهن اوهان واري پاسي پاڻيءَ جو ته مسئلو نه هوندو نه...؟"

"نه سائين...! الله سائين سنڌو درياهه کي آباد رکي، ان مان رائيس ڪئنال ڪڍيو ويو آهي، رائيس ڪينال جي واهن مان واهه نڪري اسان جي زمينن تائين پهچن ٿا..."

"سئو... ڏاڍو سئو..."

مون چانهه پي ختم ڪئي هئي ۽ راند رس ۾ ئي ڇڏڻ چاهي هئي. ان ڪري ڪانئن اجازت گهري هيم.

"ٺيڪ آهي سائين جڳهه واري ڳالهه مان پنهنجي پيءُ کي چوندس، جيئن بندوبست ٿيو ته اوهان کي ٻڌائيندس..."

"ٺيڪ آهي سائين، اوهان ڪوشش ڪيو وڌيڪ الله سائين بهتري فرمائيندو..."

"جي سائين بهتر..."

مان موڪلائڻ لاءِ اٿي بيٺو هوس. مس صائمه جو وڏو ياءُ اٿي موڪلائي پنهنجي ماءُ سان ڳالهائڻ لڳو هو. مون جُهڪي سندن ماءُ کان موڪلايو هو. سندن ننڍو ياءُ مون کي دروازي تائين ڇڏڻ آيو هو مان دروازي تان ڪانئس موڪلائي ٿورو اڳتي وڌيو هوس، ته رڪشا اڇي پيرن جي پرسان بيٺو هو. مان رڪشا ڊرائيور سان بنا ڪجهه ڳالهائڻ جي رڪشا ۾ چڙهي ويٺو هوس ۽ ڪيس سامهون سڌي روڊ تي هلندي رهڻ لاءِ چيو هوم. ٿوري ئي دير کان پوءِ مس صائمه جي فون آئي هئي. هن فون تي چيو هو.

"هيلو سر...! اوهان ڪٽي پهتا آهيو...؟"

"گهر کان نڪري روڊ تي پهتو آهيان..."

"سر اوهان مڊ وي ريسٽورينٽ تي هلو مان ٻه اُتي اچان ٿي، منجهند جي ماني گڏجي ٿا کائون..."

"ٺيڪ آهي مس! اوهان پهچو مان وڃان ٿو.."

مون رڪشا واري کي مڊوي ريسٽورنٽ هلڻ لاءِ چيو هو پندرهن منٽن کان پوءِ مان اتي پهتو هوس، ۽ هن جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو هوس. اڌ ڪلاڪ کن کان پوءِ هوءَ ٻه اچي پهتي هئي، ۽ سڌو وڃي فيملي هال ۾ ڪنڊائتي ٽيبل ۽ ڪرسين تي ويٺي هئي. کيس ويندو ڏسي مان ٻه سندس پويان فيملي هال هليو ويو هوس. مون کي ايندو ڏسي، هوءَ اٿي بيٺي هئي ۽ مون کي مٿي کان پيرن تائين ڏسندي مرڪڻ لڳي هئي. مون هن جي ويجهو پهچندي کيس سلام ڪيو هو.

"السلام عليڪم مس...!"

"وعيلڪم سلام سر...!"

هن هٿ اڳتي وڌايو هو هٿ ملايا هئاسين ۽ پوءِ سامهون ويهي رهيا هئاسين. هن خوش ٿيندي چيو هو.

"واهه سر...! ڏاڍا سٺا ٿا لڳو.."

"مهرباني... پر اوهان جي گهر وارن ته عجيب قسم جو شرط رکي ڇڏيو آهي..."

هن سنجيده ٿيندي چيو هو.

"ها سر...! هنن اها ڳالهه ڪئي آهي، پر اوهان ٿورو سوچيو ته ان ۾ اسان جو ئي پلو آهي..."

"اُهو ته ٺيڪ آهي پر مان گهر وٺڻ لاءِ پيسا ڪٿان آڻيندس...؟"

"ڏسو اوهان پنهنجي والد صاحب سان ڳالهايو. گهر اوهان جو حق آهي. هو اوهان کي ٻيو ڪجهه نه ٿو ڏئي ته گهٽ ۾ گهٽ گهر ته وٺي ڏئي..."

"ها، پر جيتري قدر مان هن کي سڃاڻان، هو مون کي گهر نه وٺي ڏيندو..."

"ڏسو! هن قسم جي معاملن ۾ اوهان کي ڪُلي ڳالهائڻو پوندو. آخر هي اوهان جي زندگيءَ جو معاملو آهي..."

مون دل ۾ سوچيو هو.

"ڪُلي ته ڳالهايان، پر ڪنهن سان...! سامهون ڪوبڊڻ وارو به ته هجي."

هن وڌيڪ چيو هو.

"ڏسو سچ کان اڳ ۾ اوهان پنهنجي پيءُ سان ڳالهايو. هو نه مڃي ته پوءِ پنهنجي ويجهن مائٽن کي چئو ته اهي هن کي سمجهائن ته هو اوهان کي هتي گهر وٺي ڏئي..."

"مس صائمہ! اوهان مون کي ڏاڍو ڏکيو تاسڪ ڏئي ڇڏيو آهي. سچ ته مان ڏاسي ويو آهيان..."

مون اهو جملو ڏاڍي تڪليف مان ڳالهايو هو. هن منهنجي ڪيفيت جو جائزو وٺندي آرام سان سمجهائڻ واري انداز سان چيو هو.

"ڏسو سر...! اوهان پريشان نه ٿيو پر اوهان ڪوشش ته ڪريو نه..."

"ٺيڪ آهي..."

"ڏسو نه اوهان جي ڪوشش سان جيڪڏهن اوهان کي گهر ملي وڃي ته اهو اسان لاءِ ڪيڏو نه بهتر هوندو. اوهان جي مسواڻن پرڻ کان جان ڇٽندي، اوهان کي پنهنجو گهر هوندو ۽ اوهان کي خبر هوندي ته پنهنجي گهر هجڻ جو احساس ڇا ٿيندو آهي..."

هڪ مختصر ساهي کان پوءِ پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چيو هئائين.

"ڏسو نه سر...! جڳهه جي مسواڙ به اوهان پريندا، امان، پيڙ، پاڻ جي ڪاڏي پيتي، لٽي ڪپڙي ۽ دوا درمل جو سمورو خرچ به اوهان پريندا، بجلين جا بل، گئس جا بل، پاڻي جا بل ۽ ٻيا سنها ٽلها ڪيترائي خرچ آهن. اهي سڀ اوهان ڪيئن پريندا ...!؟"

مون هڪ نظر ڪيس ڏانو هو. هن وڏيڪ ڳالهايو هو.

"اوهان جي هتي پنهنجي گهر هجڻ واري جيڪا ڳالهه منهنجي گهر وارا ڪن ٿا، ان ۾ اسان جو ئي فائدو هوندو. ٻيو ته ڏسو نه اسان جا مائٽ ۽ دوستيءَ وارا به ته اسان کان پڇندا نه ته چوڪري وارن کي گهر پنهنجو آهي يا نه...؟ هو ڇا سوچيندا ته صائمه کي اهڙي ماٺهوءَ سان پرڻائي ڇڏيائون، جنهن وٽ پنهنجو گهر به نه آهي..."

"گهر ته آهن نه اسان وٽ..."

هن منهنجي ڳالهه ڪٽيندي چيو هو.

"سررر...! اوهان سمجهو ڇو نه ٿا، پنهنجي گهر هجڻ سان سڀ کان گهڻو فائدو اوهان جو هوندو...؟"

"اوهان صحيح ٿيون چئو مس...! پر اوهان جو اهو ڏاڍو ڏکيو شرط آهي..."

"اهڙو ڪو ڏکيو شرط به ناهي سر...! اوهان بس همت ڪري لڳي وڃو ڪي..."

"ٺيڪ آهي مس..! ان لاءِ مون کي ڳوٺ وڃڻو پوندو..."

"ها ته ڳوٺ وڃو! ۽ وڃي والد صاحب کي چئو ته اسان کي گهر وٺي ڏئي. ڏسو اوهان کي گهر ملي ويندو..."

مون کي هن جي اعتماد تي حيرت ٿي هئي، ڪانئس پڇيو هوم.

"اوهان کي پڪ آهي...؟"

"ها سر...! مون کي پڪ آهي..."

"اوهان کي ايڏي پڪ ڪيئن آهي...؟"

"چو ته مون کي خبر آهي ته اوهان جي گُهر جائز آهي، ۽ اوهان جي والد صاحب جي ايتري حيثيت آهي، جو هُو اوهان کي پنهنجو گهر وٺي ڏئي سگهي..."

"ٺيڪ آهي مس ايندڙ جمعي تي مان ڳوٺ ويندس."

"ها ضرور ويجو ۽ وڏي اعتماد سان وڃي ڳالهايو..."

"ٺيڪ آهي مس..."

پوءِ مون ويٽر کي مانيءَ جو چيو هو. هن ماني آندي هئي، جيڪا اسان کائي پنهنجي پنهنجي گهر ويا هئاسين. جيستائين ويٽر ماني کٽي اچي، تيستائين مس صائمہ منهنجي پرسان اچي ويٺي هئي. منهنجي هٿ کي پڪڑي ان کي آهستي آهستي چهڻ لڳي هئي ۽ مون کي تمام گهڻي پيار سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. ان ڏينهن هن جي نهٺي ۽ پيار پريي رويي کان پوءِ به مون کي مس صائمہ جي شخصيت مان اوپرائپ جو احساس ٽيو هو. جيتوڻيڪ هن منهنجي ڪلهي تي آهلي پنهنجي پيار جتائڻ ۽ منهنجي وڏي سڃڻ هجڻ واري تاثر کي مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر مون کي ڪنهن اڃاتي خوف جي احساس وڪوڙي ورتو هو.

مون کي محسوس پئي ٽيو ته سرڪاري نوڪري ملڻ کان پوءِ هوءَ اُها نہ رهي آهي، جيڪا پرائيويٽ نوڪري ڪرڻ دوران هئي. انهن ڏينهن ۾ هُن جو اهڙو رويو نہ هو. جنهن ۾ هوءَ پنهنجي ڳالهين تي ڪنڌ ڏئي بيهي رهي ۽ پنهنجا شرط مڃرائڻ لاءِ مون کي مجبور ڪري، ان تبدفيليءَ کان پوءِ هوءَ پنهنجو پاڻ کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ دليل گهڙڻ لڳي هئي. مون کي شڪ پئي ٽيو ته هوءَ منهنجي شرافت جو ناجائز فائدو وٺندي مون کي شيشي ۾ لاهڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. ان وقت پنهنجي ان سوچ کي صحيح سمجهي اک پٽڻ لاءِ ذهن چوندو رهيو هو. پر مون ان سوچ کي پنهنجو ذهني فتور سمجهي نٽائي ڇڏيو هو...

24

جمعي واري ڏينهن منجهند جو جامشوري مان ڪوچ ۾ چڙهي ڳوٺ ويو هوس. اُتي پهچندي پهچندي سج لهي ويو هو. بس مان لهي پنڌ ئي پنڌ پنهنجي گهر وڃي رهيو هوس، ته رستي ۾ مون کي اهو بيروزگار نوجوان ملي ويو هو.

ڪيس نٽائي نہ سگهيو هوس، ان ڪري هن کي هوٽل تي چانهہ پيارڻ وٽي ويو هوس. هن پريشانيءَ مان ڳالهائيندي چيو هو.

"پائو مسلسل بيروزگار هجڻ جي ڪري هاٽي ته دل ٽي چئي مان بہ وڃي ڦورن سان گڏجي روڊن تي ڦرون ڪيان..."

پنهنجي ڳالهہ کي زور ونائيندي چيو هئائين.

"پلا ڪا نوڪري نہ ٽي ملي ته ڇا ڪيان...؟ هن هوٽل واري کي چيم ته پلا مون کي بيرو ڪري ئي بيهار! ته ڇيائين پڙهيل لکيل ماڻهو کان بيريگري زور آهي. هي بيرا ننڍپڻ کان ئي بيريگري ڪندا آهن، ان ڪري هنن کي ڪنهن جي ڊڪي دهمان جي پرواهہ نہ هوندي آهي. هُو گاريون بہ جهليندا آهن ته چانهہ ٺاهيندڙ استاد جا پادر بہ پيا کائيندا آهن..."

ڪيس سمجهائيندي چيو هوم.

"ادا اخبارن ۾ ڏنو هوندئي ته ڦورن جا پوليس سان ڪيئن مقابلا ٿيندا آهن ۽ اُهي ڪيئن روڊن تي مارجي ويندا آهن. اڇڪلهہ ته جيڪو ڦورو پڪڙجي ٿو ان کي گوڏي جي ٽڻي ۾ گولي هڻي. هلڻ کان هلاڪ ٿا ڪري ڇڏين ۽ ڪيس الڳ. جيل الڳ ۽ سڄي زندگيءَ جو لعنتاٽو ۽ معذوري الڳ..."

هو ٽورو حراسجي ويو هو ۽ پريشانيءَ مان چيو هئائين.

"پلا چرس ڪپايان؟ منشيات فروش حاجي نبو ڏمو ٽو ڪٽي، ته پوليس مون کي ڪا نہ ٻڌندي. جيڪڏهن ڪو نئون ايس ايڇ او آيو بہ ته هو پيسا ڏئي ڇڏائي ايندو...!!!؟"

"منهنجا پاڻ! بيروزگاري اوهان کي اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ تي مجبور ڪيو آهي، پر اوهان ڏٺو هوندو ته ڪيترائي منشيات فروش اهو ڏندو ڪندي ڪندي پاڻ نشئي ٿي ويندا آهن. انهن جي اولاد مائين مردين بدڪارين ۾ مبتلا ٿي ويندي آهي. ان کان ته اوهان بيروزگار پلا آهيو.."

"ها پائو صحيح ٿا چئو.."

جيستائين چانهه اچي تيستائين مان خاموش ٿي ويهي رهيو هوس. هو حڪمرانن ۾ رياستي ڪارندن کي گاريون ڏئي رهيو هو. چانهه آئي هئي ته چانهه پي مون ان جا پئسا ڏنا هئا ۽ پوءِ پنهنجي گهر هليو آيو هوس. جتي منهنجي اور پوريل هئي، جيڪو پنهنجو هوندي به پنهنجو نه رهيو هو.

اهو هڪ وڏي ويڙهي وانگر هو ان جي هڪڙي پاسي منهنجي مامن جا گهر هئا، ته ٻئي پاسي منهنجي ماسيءَ جو گهر هو وچ ۾ اسان جو گهر هو. مون پنهنجي مامي کي سڄو سربستو احوال ٻڌايو هو. هن چيو هو ته مان ٿڌي دماغ سان پنهنجي پيءُ سان ڳالهايان، هو يقينن انڪار ڪندو. ان کان پوءِ منهنجو مامو هن سان ڳالهائيندو. تڏهن به هو گهر وٽي ڏيڻ کان انڪار ڪندو. پوءِ منهنجو مامو پنهنجي ۽ بابا جي وڏي سوٽ کي چوندو پوءِ هو ساڻس ڳالهائيندو پوءِ انشاءالله، الله تعالي ڀلي ڪندو.." ٽيو به بلڪل ايئن مون صبح سان پنهنجي پيءُ سان ڳالهايو هو هن صاف صاف انڪار ڪيو ته مون وٽ پيسا ناهن. منهنجي مامي ڳالهايس ته به ڪيس ساڳيو جواب مليو. سندن سوٽ ڳالهايو. تڏهن به ڪين ساڳيو جواب مليو. مان ڪاوڙجي واپس هليو آيو هوس. هوڏانهن منهنجي شاديءَ جي ڳالهه سيني مائٽن ۾ پکڙجي وئي هئي. ڪيترن ئي عزيزن فونن تي ڳالهه هولهه ڪئي هئي. مون سيني کي چيو پئي ته ڪروڙين رپين جي خانداني زمين آهي، ڪروڙين رپين جون جڳهون آهن، مون ته رڳو هڪ جڳهه جي طلب ڪئي آهي، سا به نه ٿي ملي. هو پنهنجي زال، ڏيءَ ۽ پٽن کي جيڪڏهن اڄ جڳهه نه ٿو وٽي ڏئي ته ٻيو ڇا ڪندو...؟"

مان حيدرآباد واپس هليو آيو هوس. ٽن مهينن تائين ڪنهن به مٽ مائٽ جي فون نه ڪنئي هئي. گهر ۾ چپ چپ رهڻ لڳو هوس. امان ڪان ماما وارن پڇيو پئي، ته هنن منهنجي حالت جي باري ۾ ڪين ٻڌايو پئي. منهنجي ان سوشل بائيڪاٽ ڪرڻ ۽ متن مائٽن جي سمجهائڻ ڪان پوءِ منهنجي والد صاحب مون کي جڳهه وٽي ڏيٽي ڪئي هئي. مون جڏهن اها ڳالهه مس صائمه کي ٻڌائي هئي، ته هوءَ ڏاڍي خوش ٿي هئي ۽ مون کي چيو هئائين، "ڏِٽوَ سر! اوهان خوامخواهه پريشان پئي ٿيا..."

جڏهن اسان گهر جي ڳولا ۾ هئاسين، تڏهن به مس صائمه چيو هو.

"سر ڪنهن سڀي علائقي ۾ جڳهه وٺجو ڏسجو ڪنهن اهڙي علائقي ۾ نه هجي، جتي جٽن جي اڪثريت هجي ۽ پوءِ ڳالهه ڳالهه تي پاڻ ڪي پريشانين ڪي منهن ڏيڻو پوي.."

وري نئون شرط ٻڌي جڙ دل مان چٽنگ اٿي هئي.

"پنجاهه لکن ۾ ڪا بهتر جڳهه ملڻ جي اميد آهي..."

"ها ڏسو ايترن پئسن ۾ به چڱي جڳهه ملي ويندي.."

پوءِ مون پنهنجي پيءُ سان گڏجي ڪيترين ئي جڳهيون ڏٺيون هيون. مهانگائيءَ هر شئيءَ جا ملهه وڌائي ڇڏيا هئا. ايترن پئسن ۾ قاسم آباد جي ڪنهن بهتر هنڌ تي ڪا چڱي جڳهه ملڻ ڏاڍي ڏکي هئي. ان ڪري اسان سنڌ يونيورسٽي هائوسنگ سوسائٽي جامشوري جو رخ ڪيو هو. اتي به پنجاهه لکن ۾ هڪ پوري ساري قسم جو گهر ملي پئي سگهيو. مون مس صائمه کي چيو هو.

"پنجاهه لکن ۾ ته ايڏو خاص گهر نه ٿو ملي..."

هن چيو هو.

"پوءِ...؟"

"به تي جڳهون ڏٺيون آهن، رهڻ لائق آهن، پر ايڏو مزو ناهي..."

"اڇا...! پوءِ...؟"

"پوءِ منهنجو پيءُ چئي ٿو ته چونه پلاٽ وٺي پاڻ جڳهه ٺهرايون..."

"جڳهه ٺهرائڻ ته وڏي ڏاڍي جوکم آهي، اوهان ڪيئن ٺهرائيندا...؟"

"منهنجي والد صاحب ڳوٺ ۾ پنج جڳهون ٺهرايون آهن، هن کي جڳهن ٺهرائڻ جو تجربو آهي..."

"پر پلاٽ وٺڻ ۽ جڳهه ٺهرائڻ ۾ اوهان کي ڪيترو وقت لڳندو...؟"

"پلاٽ ڏسي ڇڏيا آهن، انهن مان هڪ بهتر قيمت ۾ ملي ٿو. جڳهه ٺهڻ ۾ ٽي مهينا لڳي سگهن ٿا..."

"گهٽ ۾ گهٽ جو پلاٽ آهي...؟"

"به سئو گز جو..."

"ٺيڪ آهي، پر ڏسو جڳهه ٺهرائڻ ۾ دير نه ڪجو..."

"پئسا آهن، دير نه ٿيندي، اسان جڳهون ٺاهيندڙ ٺيڪيدار سان ڳالهايو آهي. سامان اسان وٺي ڏيندا سين، مزدوري هنن جي هوندي، هو ڏينهن رات ڪم ڪري جڳهه ٺاهي ڏيندا..."

"پوءِ ته ٺيڪ آهي..."

"منهنجو والد صاحب چئي ٿو ته پلاٽ وٺي، تنهنجي شاديءَ جون ڳالهيون هولهيون پکيون ڪري ڇڏيون..."

"ڳالهيون هولهيون ته پکيون آهن. اوهان بس جڳهه ٻڌايو ته شادي ٿا ڪيون..."

"پر وڏا پاڙ ۾ ڳالهائين ته بهتر ٿيندو..."

"سر...! سڀ ڪجهه بهتر ٿي رهيو آهي، جڳهه ٻڌي ٻيهي، ڪو مسئلو نه آهي..."

پر الاءِ ڇو مون کي هُن جون اهڙيون ڳالهيون ٻڌي دل کي ڪتڪو پئي ٿيو.

ٺيڪيدار وٽ جڳهه ٺاهيندڙ رازن ۽ مزدورن جي گهٽائي هئي. هن هڪڙي ڏينهن مشين گهرائي ڇريون ڪوٽايون هيون، ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ئي اسان ريتي بجري، سيمينٽ، لوهه ۽ ڳاڙهيون سرون گهرايون هيون. هنن تمام تيزيءَ سان ڪم پئي ڪيو. نتيجي ۾ صرف ڏيڍ مهيني ۾ ئي جڳهه تيار ٿي وئي هئي. جڳهه ٺهندي مون مزورن، رازن، ڊڪٽن، بجليءَ وارن مسترين، پلمبرن، ٽائيلس ماربل جو ڪم ڪندڙ ۽ رنگ ڪندڙن پورهيتن کي ڏٺو هو. سندن ايمان ۽ سچائي کي ڏسندي ڏاڍو افسوس پئي ٿو. انهن مختلف شعبن ۾ ڪم ڪندڙ پورهيتن اسان کي نئون سمجهي اتان اُتان پئي سامان ونڊايا، جتي انهن جون سيٽين وٽ ٺيڪ ٺاڪ ڪميشنون طئي ٿيل هيون. انهن سان وري ٺيڪيدار حرامپائي ڪيو ويٺو هو. هر مزدور جي ڏهاڙي هونئن پنج سئو رپيا هئي، پر هو ڪين ٿي سئو رپيا ڏيندو هو. مزورن جو چوڻ هو ته "بيروزگاريءَ جي ڪري مزور گهٽا ٿي ويا آهن. پڙين تي وڃو ته مزورن جي رش لڳي پئي آهي. سڄ اپرندي ڪين مزوري لڳي ته واهه نه ته ويچارا اڌ مزوريءَ لاءِ به آزرتا هوندا. سو به سو روپيا گهٽ ملڻ ته خير آهي، هٿين خالي گهر ويندا سين ته ٻار بک مرندا..."

مون هنن کان پڇيو هو.

"رازن کي گهٽو ملي...؟"

رازن جي هونئن ته ست سئو رپيا مزوري آهي پر هي ٺيڪيدار ڪين پنج سئو ڏيندو آهي..."

"پوءِ اوهان ان ناانصافيءَ تي ساٿس ڳالهايو نٿا..."

"ڪير ڳالهائيندو سائين...؟ هن سيٽ وٽ گهٽو ڪم هوندو آهي، اوهان جي جاءِ ڪانپوءِ هن کي وري ٻن ٻين جاين جو ٺيڪو مليو آهي. هن وٽ سدائين ڪم آهي، ڪا ڏهاڙي خالي نه ٿي وڃي، نه ته ڪير ويٺو پڙين تي هر ايندڙ ويندڙ کي ڪم لاءِ ايلاز ڪري...! ۽ ڪم ملڻ جي وري ڪهڙي پڪ آهي؟"

جڏهن جڳهه جو نئون نئون ڪم شروع ٿيو هو تہ انهن رازن مان هڪ رازي اچي هانهون ٻڌندي چيو هو.

"سائين وڏا...!الله گنج ڏيوَ هيڏي لکن جي جاءِ پيا ٺهرايو. روز هزارن لکن جي راند اٿوَ اسان غريبن پورهيتن کي بہ هڪ وقت چانهہ پيئاريو تہ اسان اوهان کي دعا بہ ڪنداسين ۽ اوهان جي جڳهہ تي دل سان بہ ڪم ڪنداسين..."

مون کيس ڏٺو هو تہ هن وڏيڪ عاجزيءَ مان پاڻ جهڪايو هو. مون هاڪار ۾ ڪنڌ ڏوڻيو هو تہ هن هڪ مزور کي سڏ ڪندي چيو هو.

"ارڙي چورا! سائين کان پنجاهہ رپيا وٺي کير وٺي آ..."

پورهيت چوڪرو تڪڙو اچي منهنجي سامهون بيٺو هو. مون کيس پنجاهہ رپيا ڏنا هئا. هو دعائون ڪندو هليو ويو هو. مون سوچيو هو. اسان سڀ استحصالي آهيون. هڪ هڪ جو حق کائي ٿو تہ ٻيو ٻئي جو... هر ننڍي مڇي پاڻ کان وڏي مڇيءَ جو ڪاڄ ٻڌجي ٿي...

جڏهن جڳهہ جُڙي راس ٿي هئي تہ مون مس صائمہ کي ٻڌايو هو. هن مون کي پنهنجي گهر گهرايو هو. مان ساڻس ملڻ ويو هوس. اسان ٻئي ڊرائنگ روم ۾ ويٺا هئاسين. هوءَ منهنجي ويجهو اچي ويٺي هئي ۽ مون کي ڏسي مُرڪڻ لڳي هئي. هوءَ شرمائجي منهنجي ڪلهي تي آهلي پئي هئي. مون کيس ان ئي ڪيفيت ۾ چڏي ڏنو هو ۽ پنهنجين ڪيفيتن جو اندازو ڪرڻ لڳو هوس. مان ننڍپڻ کان ئي ڏاڍي حساس قسم جو انسان هوس. مون کي اهو سوچيندي بہ عجيب قسم جو احساس پئي ٿيو تہ "ايندڙ وقت ۾ مان ۽ مس صائمہ هڪ ٻئي سان ازدواجي رشتي سان ٻڌجڻ وارا آهيون. هن جي ۽ منهنجي وچ ۾ ڪو بہ فرق ڪا بہ وٿي نہ هوندي. اسان ٻنهي جي وچ ۾ ڪا بہ پوشيدگي نہ هوندي. اسان ديني ۽ دنياوي حوالي کان هڪ ٻئي جي جسم ۽ جان جا مالڪ هونداسين. ديني ۽ دنياوي حوالي کان هوءَ منهنجي حق ۾ هوندي ۽ سماج ۾ منهنجي زال سڏبي. سندس سڃاڻپ منهنجي نالي سان ٿيندي هن جا ڄاڻو سڃاڻو مون کي هن جي مڙس طور سڃاڻيندا. مڙس جي تصور سان وري عجيب قسم جا خيال اچڻ لڳا هئا. مڙس معنيٰ زال جي جسم، جان، خيالن، جذبن ۽ احساس جو راج ڏٺي. هر حوالي کان هن جو مالڪ، جسم جو بہ، ساهہ جو بہ، روح جو بہ مڙس معنيٰ زال جو هن دنيا ۾ مجازي خدا..."

اهڙي قسم جي خيالن کي پاڻ ئي رد ڪندي سوچيو هوم.

"نہ نہ... مان اهڙو نہ هوندس. مان هن کي برابريءَ جي بنياد تي هڪ آزاد ۽ خود مختيار فرد جي حيثيت ڏيندس. هن تي پنهنجي ڪابہ راءِ، ڪو بہ فيصلو نہ ٺاڦيندس. سندس خيالن کي اظهارڻ جي آزادي ڏيندس. سندس پسند ۽ ناپسند جو

حق ڏيندس ۽ سندس جذبن ۽ احساسن جو احترام ڪندس. ڪيس پنهنجي زندگيءَ جو بهترين دوست سمجهندس ۽ زندگيءَ جي سمورن ننڍين وڏن معاملن ۾ هُن کي فيصلا سازيءَ جو حق ڏيندس..."

مان ايندڙ وقت لاءِ سوچي رهيو هوس. جيڪو ڪنهن به ڏٺو نه هو. مون الله سائين تي توڪل ڪندي بهتري جي آس لڳائي هئي.

مس صائمہ منهنجي ڪلهي تي آهلي پئي هئي، ته سندس موبائيل فون جي گهنٽي وڄي هئي، هن پنهنجي موبائيل فون جي اسڪرين تي ڏسندي چيو هو.

"امي جي ڪال آهي، شايد چانهہ نهي وئي هوندي"

هوءَ اهو جملو ڳالهائي اٿي وئي هئي. مون کي شعوري طور تي ڪا به پريشاني ڪانہ پئي ٿي پر لاشعوري طور تي دماغ ورتو پيو هو. هوءَ ٿوري دير ڪانپوءِ واپس آئي هئي. سندس هٿن ۾ چانهہ ۽ بسڪيٽن جو ٽري هو. هن پرسان پهچندي چيو هو.

"امي چيو آهي، اوهان آرام سان چانهہ پيئو ته پوءِ مان اچان ٿي..."

"ٺيڪ آهي..."

اسان چانهہ پي ورتي هئيسين، ته مس صائمہ پنهنجي ماءُ کي وٺڻ وئي هئي. ٿوري دير ڪانپوءِ هوءَ ۽ سندس ماءُ ڊرائنگ روم ۾ اچي ويون هيون. مان اٿي ساڻي نيازمنديءَ سان ساڻن مليو هوس. پوءِ هڪ ئي قطار ۾ پيل صوفہ سيٽ تي ويٺا هئاسين. هن جي ماءُ خوش خيريت ڪانپوءِ چيو هو.

"منهنجي صائمہ ته ماشاءَالله اوهان جي سامهون آهي. هن جا ڪيترن ئي وڏن وڏن ماڻهن وٽان رشتا آيا، انهن مان ڪيترن ئي ايلاز پئي ڪيا ته اوهان چئو ته اسان صائمہ جي نالي گهر ۽ گاڏي لکي ڏيون، پر هن جو رشتو ڏيو پر صائمہ الاءِ ڇو هر پيري انڪار ڪري ڇڏيندي هئي..."

بنا ڪنهن سوچ جي مون ڪان مرڪجي ويو هو. ڪو به جواب ڏيڻ نہ سُجهيو هو. هن مون کي ڏسندي چيو هو.

"اوهان صائمہ جي نالي تي گهر لکي ڏيندا...؟"

مان اهڙي سوال لاءِ قطعي طور به تيار نہ هوس. اها ڳالهہ ٻڌڻ شرط حيرانگيءَ مان مس صائمہ کي ڏٺو هوم. هوءَ خاموشيءَ سان ويهي تماشو ڏسي رهي هئي. مون کيس چيو هو.

"اهو ته ناممڪن آهي. ائين ته منهنجا والدين ڪڏهن به نہ ميجيندا، جو لکن جي جڳهہ لکي ڏين..."

"اوهان ڳالهائي ڏسو! جيڪڏهن جڳهہ صائمہ جي نالي ٿيندي ته معني اوهان جي ئي پراپرٽي ٿيندي.."

ائين پئي لڳو جڏ مان ڪنهن بازار ۾ ٻيئو هجان، جتي ڪنهن شيءِ جو سودو ٿيندو هجي. هن وڌيڪ چيو هو.

"شاديءَ کانپوءِ چوڪري اوهان جي ٿي ويندي، اوهان جي مرضي هوندي ته ڪالیج کانپوءِ هن کان ٽيوشن سينٽر کولرايو يا پي ڪا نوڪري ٻه ڪرايو..."

مان هڪ ڪرب ۾ مبتلا ٿي چڪو هوس ۽ ان ئي تڪليف مان ڳالهايو هوم.

"ڏسو..! هڪ ته اها جڳهه منهنجي والد صاحب جي نالي آهي، هو ڪڏهن ٻه پنهنجي جاءِ ٻئي ڪنهن جي نالي تي نه ڪندو. ٻيو اسان جي خاندان جي سڄي پراپرٽي گهر جي وڏي جي نالي تي هوندي آهي. باقي صائمہ جي پنهنجي مرضي هوندي ته هوءَ ڪالیج کان پوءِ گهر کي وقت ڏيڻ چاهيندي يا ڪو ٽيوشن سينٽر کوليندي، ان سان منهنجو ڪو ٻه سروڪار نه آهي..."

هن پنهنجيءَ ڏيءُ ڏانهن ڏٺو هو. هن ڪيس اک جو هلڪو اشارو ڪيو هو ته اڳتي ڳالهاءِ. هن چيو هو.

"ٺيڪ آهي، جنهن ۾ اوهان راضي، پر اوهان ڪنوار لاءِ سون ڪيترو ٺهرائيندو...؟"

ياد آيو هو ته ويجهڙ ۾ هڪ مائٽ جي شادي ۾ سندس ڪنوار کي پنجن تولن جي ڏهري پارائي وئي هئي. مون ڪيس ٻڌايو هو.

"منهنجي خيال ۾ پنجن تولن تائين جي ڏُهري هوندي.."

هن جي ماءُ چيو هو.

"اڃڪلهه ڏُهري ڪير ٿو پائي. اوهان هيئن ڪجو جو ڪراچيءَ مان جنهن سوناري کان اسان سون ونندا آهيون، ان کان سون ونجو ۽ ها گهٽ ۾ گهٽ ڏهن تولن جا زيور هجڻ گهرجن، نٿ، ٽکو والا، هار ۽ چوڙيون وغيره..."

هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو هوم، ته ڪنهن واٽيي جي هٿ تي ته نه چڙهي آيو آهيان. تڪليف مان صائمہ ڏانهن نهاريو هوم. هن هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو هو. مون سندس ماءُ کي چيو هو.

"ٺيڪ آهي امان! مان ڪوشش ڪندس..."

"جڏهن بندوبست ڪري ونو ته پنهنجي پيءُ ماءُ کي رشتي لاءِ وٺي اچجو اسان جي طرفان ها آهي. هو رڳو رسمي طور ايندا، چانهه وغيره پي ويندا..."

ان وقت مس صائمہ جو سڄو اصل چهرو منهنجي سامهون اچي ويو هو. منهنجي دل چاهيو ٻئي ته ڪين شاديءَ کان ڪُتو جواب ڏئي ڇڏيان، پر منهنجي متن مائٽن جي سوالن ۽ مهڻن جي ڪري بليڪ ميل ٿي رهيو هوس.

مون اٿڻ جي ڪندي چيو هو.

"ٹيڪ آهي امان! جڏهن بندوبست ٹيندو تہ اوهان کي ٻڌائيندس..."

"ها پٽ ٻي ڳالهہ تہ ڪنوار لاءِ گهٽا وڳا نہ ونجو. شاديءَ لاءِ هڪڙو وڳو پارٽيءَ لاءِ هڪڙو وڳو ۽ بس پنج ڇهہ وڳا موسم جي حساب سان ٻيا ونجو. بس هڪڙو سينڈل ۽ هڪڙي جُتي ونجو."

هنن شايد منهنجي پريشاني پروڙي ورتي هئي. ان ڪري هن جي ماءُ چيو هو.

"اوهان پلي ڪنهن کان بہ پُڇو اهو ايترو گهٽو ناهي، ماڻهو تہ الاءِ ڇا ڇا ٿا ونن..."

مون کيس چيو هو.

"اسان وٽ جيڪي پيسا هئا، انهن جي جڳهہ ٺهرائي ڇڏي، ٻہ لک بابي وٽ آهن، ٽن لکن جي منهنجي وي سي نڪتي هئي. پنجن لکن کان وڌيڪ مون وٽ نہ آهن، لک کن ڪنهن کان ملي سگهي ٿو پر..."

"اوهان پريشان نہ ٿيو شادين ۾ تہ خرچ ٿيندا رهندا آهن..."

"ٹيڪ آهي، مان ڪوشش ڪندس..."

پوءِ مون کانئن تڪڙي اجازت ورتي هئي ۽ سندن گهر کان نڪرڻ چاهيو هوم. مس صائمہ دروازي تائين ڇڏڻ آئي هئي. رستي ۾ چيو هئائين.

"سر اوهان پريشان نہ ٿيو ڏسجو جيئن جڳهہ ٺهي وئي، تيئن شاديءَ جي خرچن جو بہ بندوبست ٿي ويندو..."

"جڳهہ ڪيئن ٺهي، اهو مان ٿو ڄاڻان! منهنجي والد صاحب کي سيني مائٽن تنگ ڪيو تڏهن هن جڳهہ ٺهرائي. هاڻي ايترو سارو سون مان ڪيئن ٺهرائيندس...؟؟؟"

هو سمجهو چوڪري هئي، ان ڪري جلدي سمجهي وئي هئي. هن چيو هو.

"پنج لک اوهان وٽ آهن، ڏهہ پگهارون ڪاليج کان قرض کڻو تہ سڀ ڪم سولا ٿي سگهن ٿا..."

"قرض کڻي شادي ڪيان...؟"

"ها سر...! اوهان وٽ پيسا ناهن تہ ائين ڪرٽو پوندو..؟"

"پر منهنجي پگهار ڪل پنجاهہ هزار آهي، ان مان گهر هلائيندس يا قرض جون قسطون ادا ڪندس...! مون کي هن مهل ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي، مان اوهان سان پوءِ ڳالهايان ٿو..."

هن مون کي ڇڪي چاتيءَ لاتو هو. چوڻ لڳي هئي.

"اوهان پريشان تہ نہ ٿيو نہ سر...! اوهان کي تڪليف ۾ ڏسي مان خوش ڪيئن رهي سگهنديس...؟"

مان چپ هوس ۽ سندس پاڪر مان نڪرڻ پئي چاهيم.

هن روئڻ شروع ڪيو هو. سندس روئڻ جي ڪري منهنجي جيءَ کي جُهبو آيو هو. هن پاڻ ڏرو ڪري ٻانهون هيٺ ڪري ڇڏيون هيون. مون سندس اکين ۾ ڏٺو هو. هن جي نيٽن جو ڪجل وکرڻ لڳو هو. هن روئندي چيو هو.

"اوهان ڏاڍا سُٺا آهيو سر...! اوهان کي مون کان سڀيون کوڙ ساريون چوڪريون ملي ويندیون. اهڙيون به جن لاءِ اوهان کي ٽڪو به خرچ نه ڪرڻو پئي. پر مان ڇا ڪيان؟ مان به ته پنهنجي ماءُ ۽ پائرن پاڇائين جي اڳيان مجبور آهيان نه...؟ اسان کان به ته مٽ مائٽ پڇندا نه ته ڪنوار کي گهٽو سون وڏو ويو ۽ ٻيو گهٽو سامان ڏنو ويو؟ يقين ڪيو مان اوهان سان ائين ئي هلي هلان. پر مان مجبور آهيان. پليز اوهان کجهه ڪيو. پليز..."

هن جي روئڻ جي ڪري مان پريشان ٿي ويو هوس ۽ ڪيس دلداري ڏيندي چيو هوم.

"ٺيڪ آهي مس! مان ڪوشش ڪيان ٿو..."

"ها سر! اوهان ڪوشش ڪيو ڏسجو سڀ ڪجهه سولا ٿي ويندا..."

"انشاءَالله..."

کانئس موڪلائي مان سندن گهران ٻاهر نڪري ويو هوس. رڪشه ڪرڻ تي دل نه چيو هو ان ڪري پريشانين وارين سوچن ۾ پنڌ ئي پنڌ پنهنجي گهر لاءِ نڪري پيو هوس. رستي ۾ ڪيترائي خيال آيا هئا. جن منهنجيءَ بيقرار دل کي وڌيڪ بيقرار ڪيو هو.

ٻئي ڏينهن مون ڪاليج جي اڪائونٽس آفيسر سان قرض جي لاءِ ڳالهايو هو. هن ٻڌايو هو ته ڪاليج پنجن سالن کانپوءِ ڪار خريد ڪرڻ لاءِ قرض ڏيندي آهي. اهو به ملازم جي پنهنجي جي پي فنڊ مان. باقي بينڪ مان اڳواٽ پگهارون ڪڍرائي سگهبيون آهن. ان لاءِ به پڪي نوڪريءَ جي ٽن سالن جو تجربو گهربل هوندو آهي. سندس اها ڳالهه ٻڌي مان چپ ٿي ويو هوس ته هن چيو هو. اوهان پرنسپل صاحب کي عرض ڪيو ته هو اوهان کي بينڪ مان قرض وٺڻ لاءِ ٽن سالن جو ليٽر لکي ڏي. پوءِ اوهان کي قرض ملي ويندو. مون پرنسپل کي سڄي روئداد ٻڌائي عرض ڪيو هو. هن شادي جي ڪري اهڙي اجازت ڏني هئي. مون بينڪ ۾ اڪائونٽ کولرايو هو. بينڪ جي پاليسي موجب ٽن پگهارن کانپوءِ قرض ملڻو هو. مون ٽي پگهارون ڪٽڻ کان پوءِ قرض لاءِ وٽ پڪڙ شروع ڪئي هئي. گهٽي ڇڻ چوان کانپوءِ مون کي بينڪ مان چار لک رپيا قرض ملیو هو جيڪو مون کي ادائي لک وياج سميت پنجن سالن ۾ موٽائڻو هو. مان گهٽو پريشان هوس. سوچيم پئي ته منهنجي جواني جتي ٻين سُورن ۾ گذري ويندي. اتي پنجن سالن تائين بينڪ جي قرض ۾ پڻ لوڙهڻو

پوندو ...! جڏهن منهنجي اڪائونٽ ۾ قرض وارا پيسا اچي ويا هئا، تہ مون مس صائمہ کي فون ڪئي هئي. هن چيو هو.

"سياڻي منجهند جو مڊ وي ريسٽورنٽ اچجو اتي شاديءَ جي تيارين جي سلسلي ۾ ڳالهہ ٻولهہ ٻہ ڪنداسين ۽ منجهند جي ماني ٻہ کائيندا سين..."

"ٺيڪ آهي مس...!

مان ڪاليج مان سڌو اتي هليو ايندس."

"ڏسو سر...! اوهان خوامخواهہ پريشان ٿيندا آهيو سڀ شيون ڪيئن سولائيءَ سان ٿي رهيون آهن..."

"شيون ٿي تہ رهيون آهن پر اها مون کي خبر آهي تہ اهي ڪيئن ٿي رهيون آهن. هر شيءِ جي حاصلات لاءِ مون کي ڪيترو پيڙهجڻو پيو آهي، اهو صرف مان ئي ڄاڻان ٿو..."

"سر شادي ڪانپوءِ تہ اهي سڀ تڪليفون اوهان کان وسري ويندیون..."

مستقبل ۾ سڀني اميد رکندي چيو هوم.

"انشاءَالله..."

"هاڻي اوهان وٽ ڪل ملائي ڪيترا پيسا آهن...؟"

"ڏهہ کان يارهن لک ٿي ويندا..."

خوش ٿيندي چيو هئائين.

"ان مان تہ ڪافي سارو سامان اچي ويندو..."

"ها پر انهن ئي پيسن مان مون کي سڀ ڪجهہ ڪرڻو آهيَ..."

"اچي ويندو سر..! اچي ويندو. اڇڪلهہ سون جو تولو گهٽي جو آهي...؟"

"ايڪونجاهہ هزار روپين جو..."

"ڏهہ تولا، معنيٰ پنج لک ڏهہ هزار روپيا..."

"ها پر اها تہ سون جي بسڪيٽ جي قيمت آهي. جڏهن ان مان زيور ٺهندا تہ انهن جي مزدوري وغيره جا پيسا الڳ لڳندا..."

"هلو سادا پنج لک ٽا لڳايون..."

"ٺيڪ آهي تقريبن ٻہ لک رپيا شادي هال ۽ ماني ۾ لڳي ويندا. ٽيا سادا ست لک...

"تڏهن ٻہ اوهان وٽ ادائي کان سادا ٿي لک رپيا آهن."

ها پر ڪمري کي ڪلر ڪرائڻو آهي، جڳهہ جو ٽورو رهيل ڪم ٻہ ڪرائڻو آهي. پنجاهہ هزار ان ۾ ٻہ لڳي ويندا..."

"ٺيڪ آهي. ايڪا ٻہ اوهان وٽ ٻہ کان ٿي لک رپيا بچندا..."

ڳوڻان مائٽ اچي رهندا. انهن جي ماني ٽڪي، امان، پيٽ ۽ پاڻ جي شادي جي ڪپڙن لٽن ۽ سينڊلن وغيره ۾ به پورو پورو لک روپيو لڳي ويندو..."

"لک روپيو ايترو ڇو..؟ ان کي ٿورو گهٽايو..."

ٺيڪ پنجاهه هزارن تائين لڳايون ٿا..."

"اڇان به اوهان وٽ ڪوڙ سارا پيسا بچن ٿا. انهن مان هاڻي مون لاءِ شاپنگ، ٽيندي باقي بچيا ڏيڍ ڪان ايڪائي لک."

"ٺيڪ آهي..."

"شادي ۽ پارٽيءَ جا جوڙا پنجاهه پنجاهه هزار."

"اندازن باقي هڪ ڪان ڏيڍ لک..."

ڪلندي چيو هئائين.

"هڪ ڪان ڏيڍ لک نه، اوهان وٽ ڏيڍ لک هوندا..."

ها، پر ڏيڍ لکن ڪان مٿي هڪ روپيو به نه هوندو ۽ شاديءَ ڪانپوءِ هڪ مهيني تائين گهر جو خرچ به هلائڻو آهي..."

"ٺيڪ آهي، اوهان پنجاهه هزار گهر جي خرچ لاءِ ڪيڊي رکو باقي ٻيا پئسا ڪٽي ڪراچي هلنداسين، سڀ ڪجهه اتان وٺي ايندا سين."

"ٺيڪ آهي..."

هوءَ خوشيءَ مان سوچي رهي هئي. مرڪ سندس چهري تي چانڻجي وئي هئي. مون دل ئي دل ۾ حساب ڪرڻ شروع ڪيو هو. پوءِ ڪيس چيو هوم.

"سادي پنجين لکين جو سون، لک روپئي جا شاديءَ جا وڳا، اهي سڌا سڌا ٽي ويا. سادا ڇهه لک، باقي ڏيڍ لک به جي اوهان سامان لاءِ رکي ڇڏيو آهي، ته ٽيا اٺ لک."

هن چيو هو.

"ها..."

مون کيس چيو هو.

"ڏسو مس...! نئون نئون گهر ٺهيو آهي. گهر ۾ هڪ عدد صوفه سيٽ ۽ هڪ عدد ڊائننگ سيٽ جي به اشد ضرورت آهي. اوهان هيئن ڪيو مون کان ست لک روپيا وٺي ڇڏيو پنجاهه هزار ڇڏيو ته مان صوفه سيٽ ۽ ڊائننگ سيٽ وٺي اچان..."

هن ڪلندي چيو هو.

"نه نه سر...! ائين نه ڪجو."

"پر گهر ۾ سوفا سيٽ ۽ ڊائننگ ٽيبل نه هوندا ته گهر اڻپورو لڳندو..."

وري کلي هئي ۽ کلندي چيو هئائين.

"اهو اوهان مون تي چڏي ڏيو..."

"اهو ڪيئن...؟"

"اهو هيئن ته منهنجي ڏاج لاءِ به پنج لک روپيا ڪن هوندا، باقي سامان پاڻ انهن پئسن مان گڏجي هلي وٺي ايندا سين."

"ٺيڪ آهي مس...! جيڪا اوهان جي مرضي..."

سامان وٺڻ کان پوءِ منهنجو پيءُ ۽ ماءُ مون سان گڏجي کائڻ رشتو گهرڻ ويا هئا ۽ منهنجي شاديءَ جي تاريخ طئه ٿي هئي.

ٻئين ڏينهن مس صائمه ۽ مان ٽيڪسي ڪرائي ڪراچي ويا هئاسين. سندس شادي ۽ پارٽيءَ لاءِ ڪپڙا سبرائڻا هئا، ڪپڙا پسند ڪري درزي کي ڏنا هئاسين. ڪلفٽن جي گل احمد، الڪرم ۽ ٽنا سفينا تان ڪپڙا ورتا هئاسين. شاديءَ لاءِ هڪ سينڊل ۽ ٽي مختلف چپلون ورتيون هيوسين. جيزاپ تان ٽوال، ڪيچر، پونيون، ميڪ اپ جي پيٽي سان گڏ ٻيو سمورو ميڪ اپ جو سامان، پرفيومز، باڊي اسپري ۽ وڏي سوٽ ڪيس کان ويندي ضرورت جي هرشيءِ ورتي هئيسين. اي آر وائي گولڊ تان سونا سيٽ پسند ڪيا هئاسين ۽ نٽ ۽ ٽڪي ٺهڻ جو آرڊر ڏئي آيا هئاسين. هن هڪ کان هڪ ۽ مهانگي ۾ مهانگا ڪپڙا ورتا هئا. ڪجهه ڏينهن کانپوءِ وري اسان ڪراچي ويا هئاسين ۽ اي آر وائي گولڊ تان سونا زيور کڻي آيا هئاسين. پنهنجي شاديءَ جي هر هڪ شيءِ جيڪا منهنجي طرفان هئي، اُها هن پاڻ پنهنجي پسند سان خريد ڪئي هئي. ڪجهه ڏينهن گذرڻ کانپوءِ مون مس صائمه کي هنن طرفان جيڪو سامان وٺڻو هو. ان لاءِ چيو هو.

"شاديءَ ۾ باقي به هفتا اڃي بچيا آهن، اوهان چيو هو ته ٻيو سامان به گڏجي هلي وٺنداسين. ٻڌايو ته ڪڏهن هلنداسين، جيئن مان ذهني طور تيار رهان..."

هن چيو هو.

"سر! اوهان پريشان نه ٿيو هڪ ڏينهن جو ڪم آهي، پاڻ هلي وٺي ايندا سين..."

"ٺيڪ آهي مس...!"

شاديءَ ۾ هفتو وڃي بچيو هو. امان وارن پڇيو پئي ته ڪنوار کي ونواهه ۾ ڪڏهن ويهارڻ هلٽو آهي. مون مس صائمه کان پڇيو هو ته هن ٻڌايو هو ته ڪيس ڪالیج مان صرف ڏهن ڏينهن جي موڪل ملي آهي. ان ڪري مان شاديءَ کان صرف ٻه ڏينهن اڳ ۾ ونواهه ۾ ويهندس. شادي کان ٽي ڏينهن اڳ هن ٻڌايو هو.

"اوهان ونواهه لاءِ ڪو جوڙو ورتو آهي...؟"

مون کيس چيو هو.

"نه، اسان ته نه ورتو آهي..."

"اهو به وڻڻو هوندو آهي..."

پر جڏهن اوهان شاديءَ جو سڄو سامان ورتو پئي، تڏهن اهو به وڻي ڇڏيو ها نه...!؟"

"وسري ويو. خير اهو ايڏو مهانگو ناهي هوندو. پندرهين سورهين سوَين ۾ ملي ويندو. ٻيو ڊرائي فروٽ به وڻي اچڻو آهي ۽ سعيد غني شاپ تان ميندي، ابٽڻ، گلاب جو پاڻي، سڄو گيهه ۽ مکڙ به وڻي اچڻو آهي."

کانئس پڇيو هوم.

"ڊرائي فروٽ ڪيترو وڻڻو آهي...؟"

"ڪلو ڪلو سيني مان وڻي ڇڏيو. بادام پستا، ڪاڄا، ڇوهارا، ڏونگهي، مصري، ڪشمش ۽ ٻيو ڏسجو..."

خرچ جو اندازو نه هو. کيس چيو هو.

"ٺيڪ آهي مس...!"

شام ٽيندي ئي مان سڄو سامان وڻڻ ويو هوس. ڊرائي فروٽ ايترو مهانگو ٽيندو آهي، اها ان ڏينهن خبر پئي هئي. ان هڪ ڏينهن ۾ پنجويهه هزار رپيا لڳي ويا هئا. جيڪي اڳ ۾ ڪنهن به ليکي ۾ نه آندا هئا. ڦوٽو گرافي ۽ مووي رڪارڊنگ جا پيسا به مون ڪنهن به ليکي ۾ نه آندا هئا. گاڏين جو ڪرايو به مون ڪنهن ليکي ۾ نه آندو هو. اهڙا ڪيترائي سنها ٽلها خرچ نڪري آيا هئا. جنهن جي ڪري منهنجي سڄي بجيٽ هيٺ مٿي ٽي وئي هئي. ان ڪري مان پريشان ٽي ويو هوس. مس صائمه کي فون ڪري ٻڌايو هوم ته

"هنن خرچن لاءِ به اسان کي پيسا رکڻ ڪپندا آهن."

هن چيو هو.

"شادين ۾ ته اهڙي قسم جا خرچ ٽيندا رهندا آهن، ان ۾ پريشان ٽيڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟"

مون کيس چيو هو.

"پر مون کي ته ان جو اندازو نه هو نه...!"

"ڪا ڳالهه ناهي سر...!"

بيزار ٽيندي چيو هوم.

"ٺيڪ آهي مس...!"

"ٻي ڳالهه ته سر...! مان کو گهٽو سامان به نه وٺي سگهنديس."

"ٺيڪ آهي، اوهان ٻيو کو گهٽو سامان پلي نه وڃجو پر جيڪو سامان اوهان ڇيو آهي، سو ته وٺندا نه...؟"

"نه سر...! مان وٽ صرف بيڊ، الماڙي، ڊرسينگ ٽيبل، ٽي وي، اي سي ۽ فرج وٺڻ جيترا پيسه آهن..."

"ٺيڪ آهي، فرج گهر ۾ اڳ ئي موجود آهي، اوهان فرج پلي نه وٺو..."

"نه سر! فرج مان پنهنجي ڪمري ۾ رکندس، ڪير پاڻي پيئڻ لاءِ ڪمري جو در کولينڊو...!!؟"

هوءَ پنهنجي ڪيل ڳالهه تان ڦري وئي هئي. مادي شين جو خير هو. پر ڳالهه زبان جي پرم جي هئي. سوچيندي ڇيو هوم.

"ٺيڪ آهي مس...!"

مون سوچيو هو ته مون مس صائمه کي ٻڌايو هو ته نئين گهر ۾ نون صوفن ۽ ڊائننگ سيٽ جي ضرورت آهي. اوهان پنجاهه هزار روپيا گهٽ وٺو ته جيئن مان اهي ٻئي شيون وٺي سگهان. پر هن ڇيو هو ته اهي شيون مان وٺندس، پر هاڻي ان تان ڦري وئي آهي، ڪاش مان پهرين اهي شيون پاڻ وٺي اچان ها ۽ اهي پنجاهه هزار خرچ ڪرڻ کانپوءِ جيڪا رقم مون وٽ بچي ها ان جي باري ۾ ئي ڪيس ٻڌايان ها، پر مان ته صفا سڏو آهيان. رشتن ۾ ڪوڙ بدوڙ هڻڻ ۽ ڊراما ڪرڻ مون کي نه ايندا آهن. مون ان وقت به درگذر مان ڪم ورتو هو ۽ سوچيو هو جتي الله سائين مون تي هيترو ڪرم ڪيو آهي، اتي پنجاهه هزار ربين واري معمولي رقم جو به بندوبست ٿي ويندو.

ان ئي شام هن کي ونواهه ۾ ويهارڻ وڃڻو هو. منجهند جو ئي فون ڪري هُن هڪ هڪ شيءِ ڳڻائي ياد ڪرائي هئي.

"سر اوهان هڪ ڪلو بادام ورتا آهن...؟"

"جي مس ورتا آهن..."

"ڪلو نيزا...؟"

"جي! ورتا آهن."

"ڪلو پستا ورتا اٿو..؟"

"ها ورتا آهن..."

"۽ ها ڪاڄا مون کي ڏاڍا وڻندا اٿو..."

"اهي به هڪ ڪلو وٺي ڇڏيا آهن..."

"هڪ ڪلو اخروٽ..."

"ها مس اهي به ورتا آهن..."

"ڇوهارا...؟"

"اهي به ورتا آهن...؟"

"ڏونگهي، مصري، ڪشمش...؟"

"اهي به ڪلو ڪلو ونڊي ڇڏيا آهن...؟"

"ڀ ها سڄو گيهه اوهان نه ورتو هوندو..."

"نه اهو اوهان نه ڇيو هو..."

"هڪ ڪلو اهو به ونڊي اڇجو..."

"اهو اوهان اڳ ۾ ٻڌايو ها، ته ڪوٽان گهرائي وٺان ها. هتان ڪٽان ملندو سڄو گيهه...؟"

"اينرجي بيڪري وارن وٽ ملندو اٿو..."

سندس ڳالهه ڪٽيندي چيو هوم.

"ٺيڪ آهي ايندي ايندي ونندو ايندس..."

"ڀ ها اينرجي بيڪري تان هڪ ڊزائي فروٽ ڪيڪ، هڪ ڪلو ريڙي ڀ پنج ڪلو موتي چور جا لڏون ونڊي اڇجو...؟"

خفا ٿيندي چيو هوم.

"اوهان جي لسٽ ٿوري ڏگهي نه ٿي وئي آهي...؟"

"ارڙي سر...! هي ته ڪجهه به ناهي، ڏسو ته ٻيا ماڻهو چا چا ٿا ڪن...؟"

"ٻيو سعيد غني شاپ تان آٽو، گلاب جو پاڻي، ميندي ڀ ٻيون ضروري شيون به ونڊي ڇڏيون آهن..."

"ٺيڪ آهي سر..."

مان ٽيڪسي اسٽينڊ تان ٽيڪسي ڪرائي آيو هوس ڀ اهو سارو سامان ڪٽي، مس صائمه وارن جي گهر ڏئي آيا هئاسين. هنن جي رويي ۾ اوپرائپ محسوس ٿي هئي. گهر واپس اچي مس صائمه کان ان جو سبب پڇيو هوم. هن ٻڌايو هو ته "منهنجي نالي گهر نه لکي ڏيڻ جي ڪري امان وارا ناخوش آهن."

مون کانئس پڇيو هو. "اوهان پنهنجي پائرن جون شاديون ڪرايون آهن، چا اوهان به پنهنجين پاڃائين کي گهر لکي ڏنا آهن...؟"

ته هوءَ بي دليءَ سان خاموش ٿي وئي هئي. مون کيس چيو هو.

"اهو رويو درست ناهي."

هن چيو هو. "مان اوهان سان صحيح هوندس. ٻين جي روين کي اوهان ڇا ڪندا...؟"

هڪ ساهيءَ تائين مان خاموش ٿي ويو هوس. پوءِ صبر جو ساهه ڪٽندي چيو هوم.

ڪا ڳالهه ناهي.

پر ڪنهن به طريقي سان اهو صحيح نه آهي.

هڪ ڏينهن ڪانپوءِ منهنجو ۽ مس صائمه جو نڪاح هو. منجهند جو ٻيپهريءَ ڪانپوءِ جو هُنن وقت ڏنو هو. منهنجا ويجها عزيز ٻيپهريءَ کان اڳ ئي اسان جي گهر پهچي ويا هئا.

مون مس صائمه کي ٻڌايو هو ته هن چيو هو.

"نڪاح ۾ اوهان ايڏا ماٺهو چو ٿا وٺي اچو...؟ صرف پنج ڇهه ماٺهو اچو ۽ نڪاح ڪري وڃو. ايڏن گهڻن ماٺهن جي ضرورت نه آهي..."

"پر مان پنهنجي چاچن ۽ مامن کي پنهنجي نڪاح ۾ شريڪ ٿيڻ کان روڪي نٿو سگهان..."

"اوهان هنن کي چئو ته اسان وٽ ايترن گهڻن ماٺهن جي ويهارڻ جي جڳهه نه آهي..."

"ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي...؟ ڪجهه ماٺهو اوهان جي ڊرائننگ روم ۾ ويهجي ويندا. ڪجهه عورتون مٿي اوهان پاڙ سان ويهارجو..."

"ايڏا سارا ماٺهو ڪٿي ماپي سگهندا...؟"

"ويهه کن ماٺهو ٿيندا. اوهان ٻاهر گهٽيءَ ۾ به شاميانو لڳرائي سگهو ٿا..."

ڪاوڙمان ڳالهائڻ لڳي هئي.

"سر اوهان سمجهو چو نٿا؟ مان پنهنجي پائرن کي نٿي چئي سگهان..."

"ٺيڪ آهي. مان پاڙ اچي لڳرائي ويندس..."

"اُف... اوهان منهنجو چوڙ نٿا وٺو نه...؟"

"نه. اوهان منهنجو چوڙ نٿيون وٺو..."

"۽ انهن ويهن ماٺهن جي ماني جو بندوبست به اسان ڪريون...؟"

"نه. پنهنجي عزيزن کي مان پاڙ ماني کارائي سگهان ٿو..."

ڪاوڙ۾ ڪروڌ مان چيو هئائين.

"مان پوءِ اوهان کي ٻڌايان ٿي..."

مون کي به سندس اهڙي رويي تي ڪاوڙ آئي هئي. صرف پيءُ ماءُ ۽ پاءُ ٻيڙ اچي نڪاح ڪرائي وڃن. باقي چاچا ماما ۽ ڦيون ماسيون نه اچن. هنن جي اهڙي عمل جي خبر ڪانه ٿي پئي. ڪجهه موقعن تي ته اهڙي قسم جا رشتا پنهنجائپ ظاهر

ڪندا آهن. هنن کي اهڙي اظهار کان روڪڻ جڙ کين هٽ سان عمر پر لاءِ ناراض ڪرڻ هو.

هنن گهر ٻاهران شاميانو لڳرايو هو. اسان هڪ ڪار ۾ هڪ ويگن ۾ سوار ٿي اتي پهتا هئاسين. هنن جي ويجهن عزيزن ۾ رڳو هن جا ڀائر شريڪ ٿيا هئا. مولوي صاحب به ٻيڀهريءَ جي نماز پڙهائڻ ڪانپوءِ اچي شامياني ۾ وينو هو. منهنجي موبائيل فون ننڍڙي نيا‌پي اچڻ جي ڏن وڄائي هئي. ڏٺو هوم ته مس صائمہ جو ننڍرو نيا‌پو هو. هن لکيو هو.

"سر...! منهنجو ياءُ اوهان کان جيڪو به حق مهر لکرائي، سو مهرباني ڪري لکرائي ڇڏجو..."

سندس اهو نيا‌پو پڙهڻ ڪانپوءِ مون کيس فون ڪئي هئي ۽ کيس چيو هوم.

"مس صائما! هي وري اوهان مون تي هڪ نئون شرط لڳائي ڇڏيو آهي...!؟"

"سر اها بس هڪ رسم آهي، لکرائڻ ۾ ڪو به حرج نه آهي..."

"اڇا...؟ ڇوپلا ڪيترو حق مهر ٺا چاهيو...؟"

"بس صرف پنج لک روپيا..."

مون کي شرطن مٽان شرطن بيزار ڪري ڇڏيو هو. مان شاديءَ ڪرڻ لاءِ به دل سان راضي نه هوس، بس سيني ماڻهن جي سوالن ۽ پنهنجن ڪجهہ ويجهن عزيزن جي زور پرڻ تي مان شاديءَ جي ان ڏينهن ۾ قائو هوس. مون ۾ به الاءِ ڪٿان ڪاوڙ آئي هئي. ان ڪاوڙ مان کيس چيو هوم.

"معاف ڪجو مس صائما! مان اوهان جا شرط ميڙي ٽڪجي پيو آهيان. هاڻي وڌيڪ ڪو به شرط نه ٿو ميڙي سگهان. شريعت محمدي موجب جيڪو به حق مهر هوندو سو لکرائيندس."

هن ليلائيندي چيو هو.

"سرا پليز پليز پليز...! بس هي آخري ڳالهہ آهي، پوءِ منهنجو اوهان سان نڪاح ٿي ويندو ان کان پوءِ اوهان جيئن چوندا مان تيئن ڪندس ...! پليز سرا لکرائجو..."

مان نابري واري بيهي رهيو هوس. جيتوڻيڪ پنج لک روپيا ڪا وڏي رقم ڪانہ هئي، پر هڪ ته مون وٽ ايترا پيسا نه هئا. ٻيو هنن جي روپي چيڑائي رکيو هو. ان ڪري کيس سڏو سڏو چيو هوم.

"شريعت محمدي موجب جيڪو به حق مهر ٻيهندو سوئي ادا ڪندس. سوري...!"

هن روئڻهارکي انداز ۾ ڳالهائيندي چيو هو.

"سر! اڄ جي ڏينهن تي تہ مون کي نہ روئاريو نہ!

ٺيڪ آهي، اوهان مون کي شريعت محمدي موجب ئي حق مهر ادا ڪجو. پر في الحال اسان جي عزت رکڻ لاءِ پنج لک رپيا لکرائجو..."

هن جي روئڻ تي رحم آيو هو. ان ڪري چيو هوم.

"ٺيڪ آهي..."

هوءَ مهرباني چئي رهي هئي تہ مون فون ڪٽي ڇڏي هئي.

ٿوري ئي وقت ۾ مولوي صاحب آيو هو جنهن ڪچي نڪاح نامي تي پنج لک حق مهر لکي صحيحون ورتيون هيون.

پوءِ پڇيو هئائين.

"جيڪڏهن اجازت هُجي تہ نڪاح پڙهون."

ان وقت دل جو ڏڙڪو وڏي ويو هوم. مون کيس چيو هو.

"اجازت آهي..."

هن وڏي آواز سان سيني جي سامهون چيو هو.

"صائمہ ڏيءُ انور علي، پنج لک حق مهر سان اوهان کي زال طور قبول آهي...؟"

هڪ مختصر ساهيءَ لاءِ ساهہ بند ٿي ويو هو. اوندهہ انڌوڪار ڇائنجي وئي هئي. دل ڏڙڪڻ ڇڏي ڏنو هو. مان اُتي هوندي اتي نہ رهيو هوس. منهنجي اکين جي اڳيان سنڌيا جو عڪس اچي ويو هو. هوءَ افسرده اکين ۾ ڪاراڇجي ويل چهري سان مون کي گهورڻ لڳي هئي. سيني ويڻن کي هلکي پريشانيءَ جي شروعات ٿيڻ واري هئي جو مون زور سان ان ڪيفيت ۾ احساس کي توڙيندي چيو هو.

"قبول آهي..."

سيني جي چهرن تي سُڪ جو ساهہ آيو هو.

هن اها ڳالهہ ٻہ ٻيرا وري ورجائي هئي، مون کيس ساڳيو جواب ڏنو هو. هر ٻيري هوءَ افسرده اکين ۾ ڪاراڇجي ويل چهري ڏسندي نظر آئي هئي. پوءِ مڱڻهارن دهل ۾ شرناءِ وڄايا هئا. سيني عزيزن ڳل لائي مبارڪون ڏنيون هيون.

پهريون ٻيرو قبول آهي، چوڻ ڪانپوءِ سنڌيا جو عڪس پاڻ کان دور ٿيندي ڏٺو هو. ٻئين ٻيري قبول آهي، چوڻ ڪانپوءِ هُن جو عڪس ڪجهہ وڌيڪ پريرو ٿي گهورڻ لڳو هو. آخري ۾ ٽئين ٻيري قبول آهي چوڻ ڪانپوءِ هُن جو عڪس دور ٿيندو آسمان ڏانهن هليو ويو هو. اتان بہ هُن جو عڪس واضح طور تي سامهون هو ۾ هُن جي گهور جي تک مون کان برداشت ڪانہ ٿئي ٿي سگهي. نظرون هيٺ ڪري ڇڏيون هيم ۾ دل ئي دل ۾ پاڻ کي چوڻ لڳو هوم.

"نہ نہ... اهو منهنجو وهم آهي. سنڌيا مون کي اهڙي ڪيفيت ۾ ڪيئن ٿي گهوري سگهي. هوءَ تہ پاڻ مون کي ڇڏي وئي هئي. ٻئي ماڻهوءَ سان پسند جي شادي ڪئي هئائين. هن وقت هن جي ٻارن جي ماءُ آهي..."

مون مٿي آسمان ڏانهن نهاريو هو. هوءَ ساڳيءَ ڪيفيت مان مون کي گهوري رهي هئي ۽ مون کي شرناءِ ڪنهن پُرسوز ڌن ۾ وڄندي محسوس ٿي هئي. جنهن جڙ ماحول کي سوگوار بڻائي منهنجي اندر کي ڪٿي اڌواڌ ڪري ڇڏيو هو...

25

ڏينهن علي پئليس ۾ منهنجي وليمي جي دعوت هئي. ڪجهه دوستن کي دعوت ڏئي سگهيو هوس، تہ ڪجهه دوستن کي نہ. ڪيترائي دوست رهجي ويا هئا. جن بعد ۾ ڏاڍيون ميارون ڏنيون هيون. جيڪي دوست ۽ عزيز منهنجي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيا هئا، انهن لاءِ خاص پنهنجائپ وارا احساس پيدا ٿيا هئا. شادي هال ۾ گهوٽ جي ويهڻ لاءِ جتي وڏيون ڪرسيون رکيل هيون، اتان سڄي هال جو نظارو ڏسي پئي سگهجيو. مون شادي هال ۾ جيڏانهن ۽ نظر پئي ڦيرائي تيڏانهن سنڌيا جو عڪس پئي نظر آيو. مون دل ئي دل ۾ مرڪيو هو ۽ پنهنجو پاڻ کي چيو هو "هيءَ منهنجي ڪهڙي شيزو فرينڪ حالت ٿي وئي آهي. هوءَ ناهي، تڏهن ۽ مون کي منهنجي اڳيان نظر اچي رهي آهي."

مان دوستن ۽ احبابن سان ملڻ جلڻ ۾ لڳي ويو هوس، هو مون سان چرچا گهوبا ڪرڻ لڳا هئا. چاهيندي نہ چاهيندي ۽ هنن سان کلڻ لڳو هوس. ٿوري دير کانپوءِ ڪنوار ۽ اچي چڪي هئي. نائين بجي جو سڏ هو. يارهين بجي تائين جن کي اچڻو هو سي اچي چڪا هئا. يارهين بجي ازدواجي زندگيءَ جي خير ۽ برڪت جي دعا گهري وئي هئي. ان کانپوءِ وليمي جي ماني لڳائي وئي هئي. مانيءَ کانپوءِ دوستن موڪلايو هو ۽ ويجها عزيز ڇڄ جي صورت ۾ گهر تائين گڏجي آيا هئا. ڪنوار ۽ مون کي منهنجي ڪمري ۾ ڇڏي، منهنجي هڪ مامي ۽ ٻن چاچن جا گهرياتي پنهنجين پنهنجين گاڏين ۾ ڪراچيءَ روانا ٿي ويا هئا. ٻيا سڀ عزيز ملي موڪلائي گوٺ روانا ٿي ويا هئا. مس صائمہ ڪنوار جي وڳي ۾ وچ ٻيڙ تي ويني هئي. مون اچي ڪيس ٻڌايو هو. تہ

"سڀ عزيز هليا ويا آهن."

هن خوشيءَ ۽ بي ساختگيءَ مان پڇيو هو.

"امان وارا بہ هليا ويا...؟"

مون کيس چيو هو.

"نہ اُهي هتي آهن..."

هن مُنهن خراب ڪندي چيو هو.

"مهينو ڪن تہ اسان کي اڪيلو رهڻ ڏين ها...؟"

سندس ان ڳالهہ مون کي سنجيده ڪري ڇڏيو هو تہ هُن جا هِن گهر ۾ پهريان لفظ ئي مثبت نہ آهن.

مون کيس چيو هو.

"هي اوهان ڪهڙيون ڳالهيون پيا ڪريو...؟ هو پنهنجو گهر ڇڏي ڪيڏانهن ويندا...؟"

"ڇو ڳوٺ ۾ گهر ناهي؟ ڪجهہ ڏينهن اسان کي گهر ۾ اڪيلو نہ ٿئي ڇڏي سگهيا...؟"

"پر هو هرو پرو اسان کي اڪيلو ڇو ڇڏي ويڃن ها...؟ هي آخر هنن جو بہ تہ گهر آهي...!"

"بس ٺيڪ آهي، اوهان منهنجي ڳالهہ نہ سمجهندا..."

مس صائمہ جي اهڙي ڳالهہ بلڪل بہ اٽوٽنڊڙ هئي. هن اچڻ سان ئي گهر ۾ ڦيتاڙي واري ڳالهہ ڪئي هئي. هن کي آئي ايان پنج منٽ بہ نہ ٿيا هئا ۽ هن اچڻ سان ئي امان، پيڻ ۽ ياءُ کي گهران ڪڍڻ جي سوچ رکي هئي. مون درگذر ڪندي ڪوٺ لاهي الماڙيءَ ۾ رکيو هو تاءِ بہ لاهي ڇڏي هئي. پوءِ هن جي سامهون اچي وينو هوس. کيس مرڪي چيو هوم.

"نيٽ اوهان مون کي پنهنجو بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئو...!"

هو بہ مرڪي هئي ۽ مرڪندي چيو هئائين.

"ها بلڪل...!"

"اڄ جي رات تہ اوهان ڏاڍو خوش هوندو...؟"

"ها، پر اوهان شادي هال ۾ سڄو وقت پنهنجي دوستن سان وينا رهيا ۽ آخر ۾ مون ڏانهن آيا. سڄو وقت منهنجون سهيليون اوهان جو انتظار ڪنديون رهيون..."

مون کي حيرت ۽ افسوس پئي ٿيو تہ هن يادگار رات ۾ ڪهڙيون وينا ڳالهيون ٿا ڪيون...؟

کيس چيو هوم. "اڙي يار...! مون کي ڪهڙي خبر...؟ تون مون کي فون ڪري ونين ها تہ مان سڀ ڪجهہ ڇڏي هليو اچان ها..."

"سڀ ڪجهہ اوهان کي مان چوان...؟ اوهان جي پنهنجي بہ ڪا ذميواري آهي يا نہ...؟ مون کي سهيلين جي سامهون ڪيڏو نہ رسوا ٿيڻو پيو...!؟"

هن جون اکڙيون ڳالهيون ٻڌي منهنجا تري لڳي ويا هئا. هن ۾ ايڏو جلدي ايڏي گهٽي تبديلي ڪيئن آئي هئي!؟ هوءَ عاجز مان مغرور ڪيئن بڻي هئي. منهنجي دل چاهيو هو تہ مان بہ ساڻس ساڳي لهجي ۽ انداز سان جواب ڏيان پر مون سوچيو هو تہ ائين ڪرڻ سان رشتا ڪمزور ٿي ويندا آهن. ان ڪري مون برداشت پئي ڪيو. مون ڪيس چيو هو.

"ان ڳالهہ جو مون کي ڏاڍو افسوس آهي، خير تنهنجي سهيلين کي بہ سوري چئبو..."

هن جي روپي ۾ ڪا بہ ڪمي نہ آئي هئي. هوءَ جيئن هئي تيئن ئي ويني هئي. هن رکائيءَ مان پڇيو هو.

"تنهنجي ماءُ، پيءُ ۽ ياءُ هميشہ اسان سان گڏ رهندا...!"

سندس اهو سوال ڪنهن بڙچيءَ جيئن اچي لڳو هو. مون مصنوعي مُرڪ آڻيندي چيو هو.

"نہ، هڪ ڏينهن پيءُ جي شادي ٿي ويندي تہ هوءَ ويچاري بہ پنهنجي گهر هلي ويندي، منهنجو والد صاحب بہ ڪُراڙو اچي ٽيو آهي، ڪجهہ وقت ڪانپوءِ منهنجو ياءُ بہ زمينون سنياليڻ ڳوٺ هليو ويندو. باقي ويچاري امان کي الله تعاليٰ حياتي بخشي، هوءَ ڪڏهن وڏي پٽ وٽ رهندي تہ ڪڏهن ننڍي وٽ..."

"ها پر اها ڳالهہ اوهان ياد رکجو تہ مان هنن سان نہ رهنديسانوَ..."

مان سندس اهڙي ڳالهہ ڪانپوءِ حيرت مان کيس ڏسڻ لڳو هوس. هن کي ان جي پرواهہ ئي نہ هئي تہ مون تي ڇا پئي گذري. مون وهاڻو بيڊ جي هڪڑي ڪنڊ تي رکيو هو ۽ ان تي مٿو رکي سمهي پيو هوس. ٿوري دير ڪانپوءِ پنهنجي اکين تي ٻانهن ڏئي ڇڏي هيم. ڪجهہ وقت ايئن ئي پيو رهيو هوس. هوءَ منهنجي ويجهو اچي ويني هئي ۽ منهنجي ٻانهن اکين تان هٽائيندي چيو هئائين.

"ڏسو اوهان هرو ڀرو پنهنجو پاڻ کي تڪليف ۾ مبتلا ڪيو آهي. اوهان جي ماءُ، پيءُ ۽ ياءُ اوهان جي پيءُ جي ذميواري آهن، اوهان جي ناهن. اوهان هن کي پنهنجي ذميواري پوري ڪرڻ نہ ٿا ڏيو. اڳ ۾ اوهان جي ڳالهہ ٻي هئي، اوهان اڪيلا هئا، پر هاڻي اوهان سان مان آهيان، مستقبل ۾ ٻار ٿيندا. اوهان کي ان باري ۾ سوچڻو پوندو..."

مون هن کي هڪ نظر ڏنو هو. کيس ڏسندي ڏاڍو ڏک پئي ٿيو. مون ڏک واري احساس مان ڳالهائيندي چيو هو.

"ڇا مون اوهان سان اهو ٿئڻ نہ ڪيو هو تہ هو بہ اسان سان گڏ رهندا ۽ مان ئي هنن جي ڪفالت ڪندو رهندس.!؟" هن مون کي ڪو بہ جواب نہ ڏنو هو. مون کيس چيو هو.

"اهو تہ ڏوکو آهي. هڪ ٽئل ڳالهہ تي ائين ڦڏو ڪرڻ سڏي سنئين ناجائزي آهي..."

هوءَ بت بڻي ويٺي رهي هئي. مون آخري ڳالهہ چئي کيس گڊ نائيٽ چيو هو.

"اڄ جي هن رات کي زندگي ۾ لاءِ يادگار بڻائڻ لاءِ مهرباني..."

هن پنهنجا زيور لاٿا هئا ۽ پوءِ منهنجي مٿي کي کڻي پنهنجي هنج ۾ رکيو هئائين. منهنجي وارن ۾ آڱريون ڦيرڻ لڳي هئي. هن منهنجين لوندڙين ۽ نرڙ کي هلڪا هلڪا زور ڏنا هئا ۽ پوءِ منهنجي ڳلن، نرڙ اکين ۽ چپن کي چميون ڏيڻ لڳي هئي. ٿوري وقت کانپوءِ منهنجي ڪيفيت مٽجي ٻي ٿي وئي هئي. ان تي مس صائمہ جي پيار جا خمار چڙهڻ لڳا هئا. مون پنهنجو پاڻ کي انهن خمارن ۾ تحليل ڪرڻ پئي چاهيو. پر ذهن جي هر ڪنڊ کي هُن جو ٻيو روپ ڏنگيندو رهيو هو.

26

جيتوڻيڪ شاديءَ واري ان گورک ڏنڏي مان مون کي ڪا خاص اميد ڪانہ هئي، پر صائمہ جي اهڙي رويي لاءِ مان ذهني طور تي ڪڏهن بہ تيار نہ هوس. شاديءَ کان اڳ ۾ هوءَ بار بار ان ڳالهہ تي يقين ڏيارينديِ رهندي هئي، تہ هوءَ گڏيل خاندان ۾ رهندي ۽ الڳ رهڻ جي گهر نہ ڪندي. هن تہ ڪيترائي ڀيرا يقين ڏيارينديِ چيو هو تہ هوءَ اهڙو ڪجهہ بہ نہ ڪندي جنهن جي ڪري مون کي ڪنهن بہ تڪليف کي مُنهن ڏيڻو پوي.

هڪ ڏينهن هُن چيو هو.

"يقين ڪريو مون کان بهتر چوڪري اوهان کي نہ ملندي. جيڪا اوهان سان گڏيل خاندان ۾ بہ رهي. اوهان جي ڏک سک جي بہ ساڻي هجي ۽ اوهان سان پيار بہ ڪري..."

هن جي ٻي ڳالهہ بہ ياد آئي.

"مون تي يقين ڪريو مان اوهان کان اهڙي ڪا بہ ڊمانڊ نہ ڪندس. جيڪا اوهان پُوري نہ ڪري سگهو..."

هڪ ڏينهن جڏهن هن وري اهڙي ڳالهہ ڪئي هئي، تہ مون کيس سندس مٿيون ڳالهيون ياد ڏياريون هيون. هن چيو هو "اوهان جي لائيف پارٽنر مان آهيان. ان ڪري اوهان تي ۽ اوهان جي هر شيءَ تي صرف ۽ صرف منهنجو حق آهي. ٻئي ڪنهن جو بہ حق نہ آهي..."

مون سندس ڳالهہ ڪٽيندي چيو هو.

"توکان تنهنجو حق ڪير ٿو کسي صائمہ...!؟"

هُن منهنجي پُوري ڳالهه ٻڌڻ کان اڳ ۾ چيو هو.

"اوهان پيا کسيو... اوهان..."

"پر تو پاڻ ئي ته مون کي يقين ڏياريو هو ته تون سيني سان گڏجي رهندينءَ..."

"ها چيو هو ڇو ته اوهان وڏيءَ چالاکيءَ سان مون کان هر ڳالهه ۾ ها کرائيندا پئي ويا..."

هُن جي ڳالهه دل تي بارُ ٿي پئي هئي. ساهه کي مونجهه ٿيڻ لڳي هئي.. بيچينيءَ مان وڏو ساهه کڻندي کيس چيو هوم.

"مان چالاکيءَ سان توکان ها پئي کرائيندو ويم...!؟"

هُن تکڙو ۾ چيو هو.

"ها..."

مون سندس منهن کي ڏسندي چيو هو.

"عورتن جي اهڙي تکڙي ۽ سمجهه ۾ نه ايندڙ تبديليءَ جي ڪري ئي مون شادي ڪرڻ نه پئي چاهي..."

هن منهنجي ڳالهه ڪٽيندي ڪاوڙمان چيو هو.

"پوءِ نه ڪيو ها نه شادي...!؟؟ ڇو شادي ڪيوَ..؟؟!!"

"تنهنجي روئي روئي يقين ڏيارڻ جي ڪري، تنهنجين پيار وارين ڳالهين جي ڪري ۽..."

منهنجي پوري ڳالهه ٻڌڻ کان اڳ ئي چيو هئائين.

"اهو ته اوهان مون تي ڪارو جادو ڪرائي مون کي قاسايو هو نه ته مان ۽ اوهان لاءِ روئان ها..." هن جي اهڙي جاهلاڻي ڳالهه ٻڌڻ کان پوءِ ڪاوڙاچي وئي هئي. ڪيس ڪاوڙمان چيو هوم.

"توکي اهڙيون جاهلاڻيون ڳالهيون ڪندي شرم نه ٿو اچي..."

"توکي شرم نه ٿو اچي..."

مون کي حد کان وڌيڪ ڪاوڙ اچڻ لڳي هئي. ڪاوڙمان ڪيس ڏنو هوم. هُن منهن ڦيري چڏيو هو ۽ پنهنجي مُنهن بڙ بڙ ڪرڻ لڳي هئي.

"منهنجي ڪاليج ۾ جيڪي به ليڪچررياڻيون ۽ پروفيسرياڻيون آهن، سي سڀ پنهنجي پنهنجي مڙسن سان الڳ الڳ رهن ٿيون. منهنجين ڪجهه ڪزنس جون شاديون ٿيون آهن، اُهي به پنهنجي مڙسن سان الڳ رهن ٿيون. هرڪو پنهنجي زندگيءَ ۾ خوش لڳو پيو آهي. رڳو مان ئي اهڙي قسم جي ماڻهوءَ سان شادي ڪري قاسي ويس..."

هوءَ بلڪل نڪ جي پڪي بڌجي چڪي هئي. ڪائنس ڪا به ڳالهه مجرائڻ يتين سان ٽڪر هڻڻ جي برابر هو. ان ڪري صبر ڪيو هوم. صائمہ جي اهڙي قسم جي ڪوڙين ۽ جاهلاڻين قسم جي ڳالهين جي ڪري طبعيت خراب ٿي وئي هئي. هڪ عجيب قسم جي پيڙا ۾ پيڙجي رهيو هوس. ڪاوڙ ڪروڌ ۽ بيوسيءَ واري پيڙا ۾...

27

هڪ پيرو وري انسان جي بدلجندڙ ۽ بهروپي روپ جي ڪري ڊپريشن ۽ اينزائٽي جو شڪار ٿي ويو هوس. امان منهنجي ذهني ۽ دلي حالت پروڙي ورتي هئي. ان ڪري هڪ ڏينهن مٽي تي هٿ گهمائيندي چئي وئي هئي.

"بس ابا مڙئي رشتن کي نپائڻو هوندو آهي...!"

مون سوچيو هو.

"اهڙي قسم جي بي وڻڪي ۽ بيڪار رشتن کي سڄي زندگي ڇو گهلبو هلجي...!؟"

سوچي سوچي دماغ ٽڪجي چڪو هو. عام وهنوار جون شيون وسرڻ لڳيون هيون. آهستي آهستي ذهني مريض ٿيڻ لڳو هوس. ويٽي ويٽي پاڻ ئي وساري ويهندو هوس، ته ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي مُنهن ديوانن جيئن ڳالهائڻ لڳندو هوس. شگو وارا ڪراچي لڏي ويا هئا. هُن جو مڙس ڪيس موبائيل تي ڳالهائڻ تي شڪ ڪندو هو. ان ڪري هن وٽ موبائيل فون به نه هئي، پر مون کي محسوس ٿيو هو ته هن مون کي منهنجي موبائيل تي فون ڪئي آهي ۽ مون کان منهنجي زندگيءَ جي باري ۾ حال احوال پڇي رهي آهي.

"ڪيئن آهين منصور...؟"

مان ڪئين آهيان؟ سوچڻ لڳان ٿو. پنهنجو پاڻ کي آئيني اڳيان بيٺل نظر ٿو اچان. پنهنجون افسرده اکيون نظر اچڻ لڳن ٿيون. اکين جي هيٺان هَلِڪا پئجي ويا آهن. چپ سُڪل نظر ٿا اچن. شايد گهڻي وقت کان اُڄ لڳل هئي. ان ڪري نِڙي به سُڪي وئي هئي. ڳيت ڏيڻ لڳان ٿو. اداسي منهن تي ڇانئي پئي آهي. هوءَ ٻڌائي ٿي.

"ڪجهہ ڏينهن اڳ تي.وي پئي ڏٺم. نيشنل جاگرافڪ تي هڪ بگھڙُ هڪ هرڻ جي پٺيان پئي ڊوڙيو. بگھڙ هرڻ جي بلڪل ويجهو هو. هُو چاهي ها، تہ ٻُل ڏئي هرڻ کي چنبڙي وڃي ها ۽ کيس کيرائي شڪار ڪري چڏي ها پر هو هُن کي تيستائين ڊوڙائيندو ٿو رهي، جيستائين هو ڪمزور ٿي ٽڪجي نہ ٿو پئي..."

مون کي محسوس پئي ٿيو. اهو تہ مان ئي تي.وي ڏسي رهيو هوس. هوءَ چئي ٿي.

"هن دنيا ۾ ماڻهو بہ ماڻهوءَ سان ائين ڪندو آهي. هو پنهنجي شڪار لاءِ ڪنهن ڪمزور ماڻهوءَ جي چونڊ ڪندو آهي."

مون کي لڳو پئي ڪمزور معنيٰ اڄ جو سچ پچ شريف ماڻهو. نہ تہ دنياوي شريف تہ وڏا ...

"تون صائمہ کي ڇاڻي ڇاڻي ٽڪايل لڳو هوندين. هن سوچيو هوندو تنهنجو شڪار ڪرڻ آسان آهي. ان ڪري تون شڪار ٿي وئين ۽ هنن جا شرطن مڃان شرط ميچيندو وئين. هُنن سوچيو هوندو تہ تون "دنيا ڇا چوندي، ماڻهو ڪلندا ۽ ٽوڪون ڪندا..." واري بيلڪ ميلنگ ۾ اچي، پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ کي گهران ڪڍي چڏيندين، پر هنن کي اها خبر نہ هئي، تہ تون سڀ جا سڀ ڏڪ ان ڪري برداشت ڪندو رهندو آهين، تہ جيئن تون پنهنجي ماءُ وارن جا ڪجهہ ڏک گهٽائي سگهين. هُو سمجهن ٿا تہ پهرين هُو توکان ماءُ وارن کي گهران ڪڍرائيندا. پوءِ گهر صائمہ جي نالي لکرائيندا، پوءِ باقي ملڪيت جي حصي لاءِ پيءُ سان وڙهرائيندا..."

منهنجو ذهن ايترين سارين ڳالهين جي بار سان ڳورو ٿي چڪو هو. ايڏو سارو بار کڻي نہ پئي سگهيو. ڪمري ۾ ڪنهن جي هوندي بہ اڪيلو هوس. فون هٿ ۾ هئي. ٻيو هٿ مٿي تي هو. بيهوشي طاري ٿيڻ واري هئي.

28

شاديءَ کي مهينو ۽ گذري ويا هئا. بيبڙ تي پيو هوس. ائين پئي لڳو جڙ ڪو اڻ وٽندڙ خواب ڏسندو هجان. ڏٺم پئي ته:

صائمہ بڙ بڙ ڪندي پنهنجون ڪجهہ ضروري شيون هڪ ٿيلهي ۾ وجهي رهي هئي. جڏهن هُن پنهنجو ٿيلهو ناهي تيار ڪيو هو ته مون کي چيو هئائين.

"ڏس منصور! تون چئين ته مان توکي ڪجهہ ڏينهن جو وقت ڏئي سگهان ٿي. تون آرام سان وڃي امان وارن کي ڳوٺ ڇڏي آءُ. نه ته منهنجو پاءُ مون کي وٺڻ لاءِ اچي رهيو آهي..."

مان اکيون کوليان ٿو ۽ پنهنجو پاڙ کي يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ٿو ڪيان ته هي ڪو پيانڪ خواب ناهي، پر هڪ ٻُڌڻي حيقيت آهي. پر تڏهن ۽ منهنجو ذهن ان کي حقيقت مڃڻ لاءِ تيار نہ آهي. مان ڪيس بي خوابيءَ ۾ چوان ٿو.

"مان تو جهڙي عورت جي ڪري پنهنجي ماءُ جن کي گهران نہ ٿو ڪڍي سگهان، واعدہ خلافي تون پاڻ ڪري رهي آهين ..."

هوءَ بيزار ٿيندي چئي ٿي.

"اُف... ته تون منهنجي ڳالهہ نہ مڃيندين...؟"

ڪيس ياد ڏيارينديِ چوان ٿو.

"تون پنهنجي ڳالهہ مڃ، گهر ڇڏي نہ وڃ...!"

"الا... هہ... مان وڃانءِ ٿي، جڏهن منهنجون ڳالهيون صحيح لڳنئي، ته پوءِ انهن تي عمل ڪري مون کي ونِي وڃجانءِ..."

"غلط ڳالهه صحيح ڪيئن لڳندي...!؟"

"چڱو ماشاء الله...!"

جيئن ڪاسائي ڪڪڙ کي ڪُهي ڦٽڪڻ لاءِ وڏي ڪوڪي ۾ اڇلي ڇڏيندو آهي، تيئن صائمہ مون کي پنهنجي ڪمري ۾ ڇڏي وئي هئي. لُڇي، تڙپي ۽ ڦٽڪي نيم بيهوش ٿي ويو هوس.

29

نہ ڄاڻان، ميڈيڪل سائنس منهنجي هن ذهني حالت کي کهڙو نالو ڏيندي! ننڍ ۾ جاڳ، سوچ ۾ خواب جي خبر ئي نہ پئي پيم. ڪير سامهون نہ هوندي بہ سامهون هو ۾ جيڪو ڪجهہ اکين جي اڳيان هو سو اکين اڳيان هوندي بہ اڳيان نہ هو. اهڙي ئي ڪيفيت ۾ مون هڪ رات ڏٺو پئي.

منهنجي روح منهنجي جسم مان نڪري آسمان ڏانهن اڏار ڪئي آهي، هوڏانهن سنڊيا جو روح بہ پنهنجي جسم مان نڪري آسمان ڏانهن اڏيو آهي. اسان ٻنهي جا روح سونهري تندن سان پنهنجي پنهنجي جسمن سان جُڙيل آهن، اهي ڏرتيءَ ۽ آسمان جي وچ تي هڪ ٻئي سان ملن ٿا.

مان هن کي پنهنجي حال کان آگاهہ ڪيان ٿو تہ پوءِ هوءَ پنهنجي باري ۾ ٻڌائط لڳي ٿي.

"تون ۽ مان جڏهن يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندا هئاسين، تڏهن هو پنهنجي دوستن کي چوندو هو. "اسان جي ڳوٺ جي چوڪري ٿي ڪري، ٻي چوڪري سان گهمندي ٿي وتي، اهو اسان جي غيرت برداشت نہ ٿي ڪري سگهي." هو منهنجو پيچو ڪندو هو. هن پنهنجي حالت اهڙي ٻڌائي هئي، جيئن مٿس رحم کائي ساٿس ڳالهايو ويجي، پر مان تنهنجي محبت ۾ هيس، ڪيس ڪا بہ لفٽ نہ ڏيندي هيس. هڪ ڏينهن هن مون کي فون ڪري ٻڌايو هو تہ هُو سنڊو درياهہ ۾ ٽپو ڏئي خودڪشي ڪرڻ ٿو ويجي. مون کان اهو برداشت نہ پئي ٿي سگهيو تہ ڪو ماڻهو منهنجي ڪري مري ويجي. انڪري توکي چڏي هُن سان ناتو جوڙيم.

هن مون سان جيڪي بہ ڳالهيون ڪيون هيون، سي سڀ ڪوڙ نڪتيون. هن خودڪشي ڪرڻ جو بہ ڪوڙ ڳالهايو هو. نہ ئي هن جي ڪا توکان وڌيڪ حيثيت

هئي. توکي ڇڏي ڇُڪي هيس. ان ڪري توڏانهن موٽي نه پئي سگهيس. مون پنهنجو پرم پاڻ ٽوڙيو هو ان ڪري نه چاهيندي به هن سان شادي ڪرڻي پئي. اسان جي شاديءَ ۾ ڪو به مائٽ راضي نه هو. ان ڪري اسان ڪورٽ ۾ ويجي شادي ڪئي. وقت گذرڻ سان هو مون کي ڳالهه ڳالهه تي ٽوڪڻ ۽ توسان تعلق هجڻ جا طعنا ڏيڻ لڳو. هڪ پيڇتاءَ جي احساس هيٺ دل جو خالي پڻو وڌندو ويو. هاڻي مان نوڪري ڏانهن ڏيان ڏيڻ جي ڪوشش ڪندي آهيان. گهر هلائيندي ۽ ٻار پالينديِ آهيان. هاڻي مون وٽ ڪي به خواب ڪونهن، ڪا به خوشي ڪانهي، ڪو به ڏک ڪونهي، ڪا به تڪليف ڪانهي. هاڻي مان اُن مقام تي پهچي ڇُڪي آهيان، جتي ڏک سک، خوشيون ۽ تڪليفون معنيٰ وڃائي ويهندا آهن..."

هڪ مختصر ساهيءَ کان پوءِ هُن وڌيڪ چيو هو.

"انسان ازل کان اڻ پورو رهندو آيو آهي، ۽ ائين ئي هميشه اڻپورو رهڻو آهي. هر شي ڪڏهن به مڪملتا ناهي ملڻي. ڪنهن رنج ۽ الم واري لافاني ڪفيت ۾ هن کي هميشه سرابن ۾ پاڇولن پويان ڀٽڪڻو آهي..."

سيني مان سور جي سَٽ نڪتي هئي. ان ئي سور جي احساس مان ڪيس چيو هوم.

"ڪاش تون مون کي نه ڇڏي ويجين ها ته اڄ نه تون اڻپوري رهجي ويجين ها ۽ نه مان اڻپورو رهجي ويان ها...! نه تنهنجي اهڙي لافاني غم واري المناڪ حالت هجي ۽ نه منهنجي ... تون ۽ مان پنهنجي پيار جي گڏيل طاقت سان هر ڏک کي سُک ۾ تبديل ڪري سگهون ها... پر تنهنجي اِن پنيلجڻ اسان کي ازلي خالي پڻو ڏئي تباهه ڪري ڇڏيو.. جيئري ئي ماري رکيو..."

منهنجون اهي ڳالهيون ٻڌڻ وقت هوءَ مون کي آلين اکين سان ڏسندي رهي هئي. منهنجي ان ڳالهه جي پوري ٿيڻ کان پوءِ اسان جي روحن سان جُڙيل سونهري تندون پنهنجي پنهنجي جسمن ڏانهن واپس ڇڪجڻ لڳيون هيون. منهنجو روح جيئن منهنجي جسم ۾ واپس وريو هو ته مان ان وقت چرڪ ڀري جاڳي پيو هوس. هڪ سمجهه ۾ نه ايندڙ اضطراب ۽ بيچينيءَ جي ڪري اکيون ڪلي ويون هيون. ڪمري ۾ قبر جهڙي اوندهه ۽ خاموشي هئي. سوچڻ لڳو هوس.

"ڇا مان جيئرو آهيان...!؟"

پنهنجي جسم کي هٿ لائي ڏٺو هوم.

"ها، ڇهاءَ ته محسوس ٿئي ٿو..."

بيڊ تي سُتي ساهه کي مونجهه پئي ٿي. سوچيم پئي. "ڇا جيئرا ماڻهو مون جيئن هوندا آهن...؟ يا مون سان ڪو ٻيو پَسڻُ آهي...!؟"

سوچيم پئي.

"مان مري ته نه ويو آهيان ...؟"

بيڊ تان هيٺ لٿو هوس. ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو هوس. ٽي وي لائونج کان پڌر ۾ اچي پهتو هوس. آسمان ڏانهن مٿي نهاريو هوم. ان ۾ ڪو به چنڊ ۽ ستارا نه هئا... هڪ وحشتناڪ ماحول ۾ هميشه هميشه جي لاءِ مان اڪيلوئي رهجي ويو هوس...

...



Mr. Muneer Chandio was born on 8th October 1983 in Kamber, a small town of district Larkana, Sindh, Pakistan. He received his primary education from his home town and later moved to the University of Sindh Jamshoro for his Masters in "Sindhi Language & Literature". He has completed his Teacher´s Training Course from the Lewis School of English Southampton, England, UK also. He has done some study tours of Azerbijan, Turkey and United Arab Emirates (UAE). Throughout his life, Mr. Chandio has worked for the promotion of secular, liberal, and progressive causes from various social and political platforms. An ambiance of positivity, rectitude, and benignity follows Mr. Chandio's personality. His sensitive oratorical style and empathetic manner of writing has exalted his position to a towering apogee in the space of young Public Intellectuals. He currently serves as a lecturer of Sindhi Literature at Cadet College Petaro, and has three best selling novels (trilogy) to his name.

NON-FICTION
ISBN 978-969-217-106-9
9 789692 171069
www.roshnipublication.com

naeemdeswali